# كُليات مسرُور

(حصو ٻيو)

مصنف

فقير غلام علي مسرور بدوي

رحمة الله عليه صوفي القادري

تحقيق ۽ ترتيب

بيدل مسرور بدوي

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڪُليات مسرُور

(حصو پيو)

(سنڌي، اردو، هندي ۽ فارسي ڪلام)


مصنف

## فقير غلام علي مسرور بدوي

رحمة الله عليه صوفي القادري

تحقيق ۽ ترتيب

## بيدل مسرور بدوي



## سنڌي ادبي بورڊ

چام شورو، سنڌ

2010ع

[ڪتاب جا سمورا حق واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو ڇهريون . سال 2010ع هڪ هزار

هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.

قيمت: چار سؤ سٺ روپيا
(Price. Rs: 460 - 00)

**خريداريءَ لاءِ رابطو:**
سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)
Email: sindhiab@yahoo.com
www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ميسرز ايليگينٽ پرنٽنگ پريس مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

ازال جي ڏينهن کان يارو، اسان احرام ۾ آهيون،
ميان "مسرور" نينهن جي نرالي نام ۾ آهيون



**فقير ميان غلام علي "مسرور" بدوي**

ولادت: پهرين جولاءِ 1894ع  وصال: اٺويهين آگسٽ 1953

# غزل

خدا ۽ منهنجي وچان ئي آهي، وجود منهنجو حجاب خالص،
وجي اهو تان بچي نہ باقي، ميان او من نقاب خالص.

وجود يي أيِ أناۂ ان جو، أناۂ مثلِ حباب خالص،
قِسي پوي جئن، وري جو قوتو، پيو سو پسجي تہ آب خالص.

تئي مُنور، تو نُور هڪ کان، هي چنڊ، سج ۽ شهاب خالص،
وجود اندر وسي تو جيڪو، اهو ئي نورِ جناب خالص.

جُزائي ڪُلي تہ ڪُلُ ئي آهي، سو ڪُلُ آ جئن ڪتاب خالص،
پني پني تي عجب ڪهاڻي، عجيب هر هڪ آ باب خالص.

ڏئي تو "**مسرور**" شهہ درازي[1]، سوال هن جو جواب خالص،
"**خدائي**" نالو تيو آ منهنجو، خدا تہ تڏهين خطاب خالص.

"**فقير مسرور**"

---

[1] سچل سرمست عليه رحمة

# ڇپائيندڙ پاران

فقير غلام علي مسرور بدوي انهن ماڻهن مان هو، جن ڪڏهن به ٻين ماڻهن کي نه ڏڪويو، بلڪ ڪنهن کي جهٽڪ به نه ڏني. سدائين پنهنجي حال ۽ قال ۾ رهيو. دنيوي آسائشن ۽ مسرتن کان پري رهي ذڪر ۽ فڪر ۾ مسرور ۽ مستغرق رهيو. هن ڪڏهن به پنهنجي گهر وارن سان ٻاڙو نه ٻوليو، رنج نه ٿيو. اهائي حالت فقير مسرور جي شاعريءَ ۾ به آهي. سندس شاعريءَ ۾ به اهائي نماڻائي ۽ نهنائيءَ واري وات ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

هن شعر، ڏيکاءَ لاءِ نه بلڪ اول پنهنجو پاڻ کي سڌي راهه تي هلڻ لاءِ، پوءِ ٻين جي اصلاح لاءِ چيا.

شاعر، اديب، سياستدان، سماج سڌارڪ، استاد، صحافي، وڪيل مطلب ته سماج سان ذميوارانه تعلق رکندڙ ماڻهو هن سماج جا پهريان نقاد پوءِ فرد آهن، تنهنڪري جيڪي نُڪتا ۽ قاعدا ٻين لاءِ ناهجن، اهي پاڻ تي به لاڳو سمجهيا وڃن. اسان جي سماج جي ترقي نه ڪرڻ جو هڪ اهم سبب اهو به آهي جيڪو بيان ڪيو ويو آهي. فقير غلام علي مسرور بدوي اڄ جي پنتي پيل سماج ۾ اهڙن شاعرن لاءِ هڪ مثال آهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي هميشه اها ڪوشش رهي آهي ته اهڙن شاعرن جو ڪلام ترجيحي بنيادن تي ڇاپي پڌرو ڪري، جيڪي پنهنجي مزاج ۽ طبعيت ۾ رڳو شاعر نه هئا، پر هو سماج جا نقاد به هئا. فقير غلام علي مسرور بدويءَ جي ڪلام جو حصو ٻيو بنام "ڪُليات مسرور" ڇاپي منظر عام تي آڻي رهيا آهيون.

بيدل مسرور بدوي جيڪو خود فقير مسرور جي راهه ۽ رمز تي هلڻ وارن پانڌيئڙن مان هڪ آهي، وڏيءَ محبت ۽ جفاڪشيءَ سان فقير مسرور سائينءَ جو ڪلام تحقيق ۽ ترتيب ڏئي اداري جي حوالي ڪيو، نه صرف اهو پر هن ڪتاب جا پروف به هن پال پلائي پاڻ پڙهيا آهن. ادارو فقير غلام علي مسرور بدويءَ جي ڪلام تي مشتمل ڪليات جو هي ٻيو حصو ڇاپيندي دلي خوشي محسوس ڪري رهيو آهي. ان موقعي تي آءٌ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين سائين مخدوم جميل الزمان صاحب جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان، جن جي مفيد مشورن، صلاحن ۽ رهنمائي سان نه صرف هي ڪتاب ڇپجي پڌرو ٿي سگهيو بلڪ سنڌي ادبي بورڊ جي پبليڪيشن شعبي ۾ موجود ٻين ڪتابن جي پڻ وقت سر اشاعت وارو ڪم تيز رفتاري سان ٿي سگهيو آهي. سچ به ته هو سنڌ جو اهو عالم آهي جنهن فقط ڪتابن سان عشق ڪري سگهيو آهي ۽ اميد آهي ته سندس سرواڻي ۾ بورڊ ناماچاري جهڙا ڪم سرانجام ڏئي سگهندو.

مون کي اميد آهي ته شاعريءَ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ اسان جو هيءُ پيار پريو پورهيو قبول پوندو.

جام شورو، سنڌ
اربع 2- محرم الحرام 1432هه
9- ڊسمبر 2010ع

(پروفيسر سيد زوار حسين شاهه نقوي)
سيڪريٽري

# فهرست


انتساب:.......................................... 9

مهاڳ: ........................................ 11

مقدمو: ........................................ 15

غزل:.......................................... 213

مسدس:....................................... 311

اسرار حسيني، هيرن جو هار، مداح بيڪس سائين، دارالأمان، عملي قدم، اديبِ سنڌ، الوداع، فراوان مهر مولا، ميدان عمل، قلم، ناتال جو چڪر، مجازي معشوق، انڌيرنامو

حسنِ ازل:..................................... 479

حمد، مولود، نعت، مناقبا، مداحون، مرثيا، مثنويون، ساراهون، سنيهو، پيشنگوئي.

سخنِ مسرور: (شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ چيل ڪلام) 559

پريم ساگر: اردو ۽ هندي ڪلام: ................... 653

قلقلِ عندليب: فارسي ڪلام: ..................... 709

عقيدت جا گل:................................. 730

پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم،

ميان محمد عثمان پيرزادو مرحوم

۽ ميان احمد بخش بدوي عرف مٺل مسرور

# انتساب

هڪ ان عجيب جي نالي، جنهن جي عجائب تي، سندس ئي سرجيل آدميءَ کي حيرت کائيندي، ڪيئي جُڳ لنگهي ويا آهن، جنهن جي صرف وصال جي وادي ڳولهڻ لاءِ، فيلسوفن ۽ سائنسدانن جون ڄمارون گذري ويون. پوءِ به هن جي جوڙ عجب، جنسار عجب، وحدت عجب، ڪثرت عجب، حڪمت عجب ته قرب عجب، سندس ڳولها ۾ نڪتا، ڪي علم جي آذار، ته ڪي خيال جي پر، پر ڪي ترسي پيا، پلويڙي ڪان پاڻ جهڙي محبوب جو مکڙو پسي. ڪن عشق جي واديءَ ۾ قدم ڌريو ته موهجي پيا، مجازي يار جي ڳاڙهي ڳل تي ڪارو تر ڏسي، ڪي مست ٿيا دنيا دولت جي ول ڇل تي، ته ڪي مجذوب ٿيا ذات جي پرتوَ ۾. ڪن ڪي فراق فد ڪيو ته ڪن مرشد جي مهر پري چائنٺ تي متو ٽيڪيو. پر ڪي سالڪ ٿيا، ته ڪي نسنگ نروار نانگا ٿيا.

پوءِ به عجيب، ستر هزار پردن ۾، منصور جهڙن مردن جي واتان، نعرو اناالحق جو به مارايائين، پر سوريءَ سزا وار به ان کي ڪرايائين. اهو عجيب، مجيب به پاڻ آهي، جنهن جي ڏاتاريءَ جي تعريف ڪک پن ڪن ٿا، وڻ ٽڻ ٻوٽا، واهه درياهه، سج چنڊ ڪن ٿا، ملڪ فلڪ پڻ.

۽ رهندو به اهو ئي عجيب، جيڪو پنهنجي قدرت/ فطرت ۾ ظاهر به آهي ته باطن به، ڪالهه به هو، اڄ به آهي سڀاڻي به هوندو، ڇاڪاڻ ته اهو عجيب، پنهنجي صفت ۾ هر جاءِ هر هنڌ حاضر آهي، ناظر آهي، سميع آهي، بصير آهي. پلارو ايترو جو پورائيءَ ۾ پال پلائڻ وارو.

تيون "**بدويءَ**" ساڻ پلايون، گوندر ويا ته گمان.

**"فقير مسرور"**

ٻيو نالي آقائي دوجهان، جد الحسن والحسين، غريبن، يتيمن جي وارث، عرب ۽ عجم جي سردار، ابي القاسم حضرت محمد بن عبدالله ﷺ جي، جنهن جي صدقي مشتاقن جون مرادون پوريون ٿين ٿيون:

پائي قبا بسنتي دلدار آيو آ، گلبدن گلگون سجڻ منٺار آيو آ.
وليل زلف كليل، مشڪ ۽ عنبر سان مليل، والشمس مورت مشعل، مهه انوار آيو آ.
اِنا دستار احمر، سونهين مٿي جا سرور، ڪامل وڏي ئي ڪرفر ڪلهدار آيو آ
رنج دل دفع ٿيو، ڪو قرب ڪوهياري ڪيو، غم الم سڀ وهم ويو، غمخوار آيو آ.
"**مسرور**" وريو وارو، لڳي موج ويو مونجهارو، چانڊاڻ چمن سارو، گلزار آيو آ.

ٽيون نالي ان جي، جنهن جي ننڍپڻ جون يادون اڃان تائين روهڙيءَ جا ڪنارا ساهه سان سانديو وينا آهن، جنهن جي معصوميت اڄ به ڪنيي سان هوليءَ ۾ رنگن سان راس رچائيندي ٿي رهي، جنهن دنيا جي ننڍي عمر جي صوفي شاعرن ۾ وڏو مقام ماڻيو، ٽيويهن سالن جي ڄمار ۾ وصال ماڻيندڙ برهه جي ان باز جي نالي، جنهن تي سندس درويش والد حضرت قادر بخش بيدل عليه رحمة مٿس نالو "محمد محسن" رکيو، جنهن برهه جي بازار ۾ پاڻ کي سڏايو، بيڪس فقير، ان بيڪس نالي فقير جي، رنداني رمز جي درويش جي، جيڪو پليو ئي ولايت ۽ معرفت جي پالني ۾، جنهن جي بزم مان سمجهيو راٺي سندو راز "**فقير مسرور**" به:

موملُ من مريض، راٺو راحت روح،
هيڏانهن هوڏانهن پاٺهي، مانجهي سو ممدوح،
مصرع هيءُ مطروح، مليو بيڪس بزم مان.
"**بيدل مسرور**"

# مهاڳ

## ڪري صورت جو سينگار، نور خفي نروار ٿي آيو

(فقير مسرور)

سڀ ثنائون تنهن مالڪ جون، جنهن ڪنت ڪنزاً مخفياً فاحببتِ ان اعراف، فخلقت الخالق لاعرف، (مان هڪ لڪل خزانو هرس، شوق ٿيم ته پاڻ سڃاڻايان) جي حبَ ۾، اک چنيٖ ۾ هي وايو منڊل رچايو، هوا پاڻي، مٽي ۽ باھ جي جوڙ جوڙي ارڙهن هزار عالم ۾ آدم کي اشرف بنايو ۽ فرش فيروزي وڇائي، کيس زمين تي پنهنجو نائب مقرر ڪيو سڀ واڌايون، ٻنهي جهانن جي آقا، سرور ڪونين، فخر موجودات، حسيب و هاشمي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي، جنهن جي صدقي (لولاڪ لما خلقتُ الفلاڪ = اي محمد ﷺ تون نه هجين ها ته مان آسمانن کي پيدا ئي نه ڪريان ها) هن حسين ڪائنات جي تخليق ٿي ۽ جنهن تي انسان ذات جي آگاهيءَ لاءِ سمورن زمانن جي لڪل خزانن کي عيان ڪيو ويو، ۽ صد آفرين انهن سالڪن ۽ عاشقن کي، جن الله پاڪ ۽ ان جي حبيب، رحمت للعالمين جي شفقت ۽ قربت کي جبروت ڄاتو ۽ ساڻن بي پايان عشق جي استقامت ڪين حق سبحان سان واصل ڪيو.

شڪرانا ان مالڪُ الملڪ ذوالجلال و لاِڪرام جا، جنهن سنڌ کي به سچ ۽ سونهن سان سرشار ڪيو، جنهن جي هر شهر، هر ڳليءَ هر پٽر کي، صادق صوفين جي مهڪ سان مهڪايو ۽ وحدت کي، ڪثرت واري ڪُن سان "**فقير مسرور**" کي به پير مغان جي مئخاني تان چُڪي چکڻ لاءِ پڙ ۾ پهچايو.

"**فقير مسرور**" الله لوڪ ئي هو. ان ڪري سر تي ڪنيل سمورو بار نهايت ذميداريءَ سان سنڀاليائين، انساني، سماجي، انفرادي توڙي اجتماعي اخلاق، حڪمت ۽ دانش جي درست درسنيءَ ۾ عملي غمخواريءَ سان عشق جي اجالي ۾ انساني وجود جي ورق کي سدائين صاف رکڻ جي ڪوشش ڪيائين. ذات الاهيءَ جي هن انساني اسرار ۽

سينگار کي عشق جو آتڻ ٻڌايائين، پنهنجي پوري ڄمار محبتين سان رهاڻيون ڪندي، خاص ۽ عام جي ڏکن سکن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيندي، سندن ڀلائيءَ لاءِ دعائون ڏيندي، گڏجي ويهي راڳ سماع سان دليون گرمائيندي، ڪلام جي مضمون ذريعي انسانيت ۽ روحانيت جو احساس اڀاريندي، ساڻ علم ادب جي سلسلي ۾ بہ پنهنجون ادبي ذميواريون نڀايائين، ۽ ڪيترن بزرگن جا گهر ٿي ويل املهہ علمي ادبي خزانا ڳولهي عوام تائين آندائين.

"**فقير مسرور**" جي شاعري سنڌي، سرائڪي، اردو، هندي، فارسي زبانن ۾ ڪيل آهي ۽ لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي چيل آهي. سندس ڪلام جو هڪ حصو (ڪليات مسرور حصو پهريون) جنهن ۾ **عشق نامو، سرود نامو، مسرور نامو، وحدت نامو، داستان عمر مارئي، داستان مومل راڻو، داستان سسئي پنهون، دستان نوري ڄام تماچي ۽ دستان هير رانجهو،** جي عنوانن هيٺ اٽڪل چار سئو کن سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون، داستان، بيت ۽ ٽيهہ اکريون شامل آهن. گڏوگڏ انهن ڪتابن جو ذڪر بہ ڪيل آهي جن ۾ "**فقير مسرور**" جو ذڪر خير ٿيل آهي. ان حوالي سان "**ڪليات مسرور**" جي ٻئي حصي ۾ سندس سنڌي غزل، مختلف صنفن تي ڪيل شاعري اردو، هندي ۽ فارسي ڪلام شامل ڪيو ويو آهي. "**ڪليات مسرور**" جي پهرين حصي جي مقدمي ۾ "**فقير مسرور**" جي سوانح حيات ڏنل آهي جڏهن تہ ٻئي حصي ۾ سندس ڪلام جو اڀياس شامل آهي.

"**فقير مسرور**" جي ڪلام جي تعريف ڪرڻ سج کي ڏيئو ڏيکارڻ برابر آهي، حالانڪ پاڻ بہ پنهنجي ڪلام جي متعلق انڪساريءَ کان ڪم وٺندي فرمايو اٿس تہ:

ڪچ ڪوڙ ڏوڙ ميڙي، وينس ڪيي دڪان،
سستو ڏيان تو توڙي، گهر ۾ پيو گران.

سيکو وني سگهي تو، بالڪ ٻڍو جوان،
بيشڪ ڏسي وني سو، جنهن کي پوي گمان.

كنهن تي ركان نه اوڏر، نقدي وٺان نه دان،
جو دل ركي، پلي سو، منهنجو پڇي دكان.

سودو هي راز رهڻي، حلوو نه آهي نان،
هَل چَل سان وڏي ويجهي، ركجي نه تي زيان.

جيكي اٿم جهڳيءَ ۾، ان جو اهو بيان،
لڪ كونه تو لكايان، ڄاڻي سچو سبحان.

منهنجو هي كوڙ كچ آ، سچ سون جي سمان،
ماڻي سو من مرادون، جيكو ڏري ڏيان.

هر كوئي پنهنجي پر ۾، پوڻي، پڙهي قرآن،
جنهن كي وڻي وٺي سو، گپ چپ ۾ هي گيان.

مون تان كئي توكل، مالك آ مهربان،
پُٽري نه پُوت وارو، آهي هي داستان.

پورن آ سيٺ منهنجو روزيءَ سندو رسان،
جوڙي جنهين ڏنو آ، آنند آستان.

"**مسرور**" حال هن سان، هٿ كر سچو جهان،
پنهنجو تون هاڻ ڦيري، نڪُ نام ۽ نشان.

هن كلام پڙهڻ كان پوءِ پڙهندڙ اندازو كري سگهن ٿا ته "**فقير مسرور**" جو كلام يقيناً بركت ڀريو آهي ۽ پڙهڻ ۾ هيئين سان هنڊائڻ جهڙو آهي.

"**فقير مسرور**" جو كلام جيستائين شايع نه ٿيو هو ته علم ادب جي شائقن جا سوال پيا ٻڌبا هئا، جنهن كري دير مدار ٿي سهي سندس كليات جو هڪ حصو مارچ 2000ع ۾ شايع كرايو ويو هو ۽ هاڻي

جڏهن "**كليات مسرور**" جي ٻئي حصي کي سنڌي ادبي بورڊ طرفان، شايع ڪرڻ جو فيصلو ٿيو آهي تہ لاشڪ اهو "**فقير مسرور**" جي خاندان لاءِ ان ديرينہ خواهش کي پوري ڪرڻ جو احترام ۽ آفرين لائق فيصلو آهي، ڇاڪاڻ تہ "**فقير مسرور**"جو ڪلام سنڌي ادبي بورڊ جي پاران شايع ڪرڻ جي خواهش سانديندي "**فقير مسرور**"جو خاندان توڙي سنڌ جو فقرائي ۽ علمي ادبي طبقو گڏريل پنجاهہ سالن کان انتظار ڪندو رهيو آهي، جنهن لاءِ "**فقير مسرور**"جو سمورو خاندان ۽ ان جا راڳي فقير بورڊ جي چيئرمين، سيڪريٽري، پبليڪيسن ڪاميٽي ۽ ٻئي سموري سٽ جا ٿورائتا آهن.

**بيدل مسرور**

# مقدمو

سوانح:

**فقير غلام علي مسرور بدوي** شڪارپور ۾ پهرين جولاءِ 1894ع ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو ميان رحيم بخش هو. سندس وڏا بغداد جي ميران محي الدين شيخ عبدالقادر جيلاني، بمعروف پيران پير دستگير قدس سرهء العزيز جا پشت بپشت خليفا رهندا آيا هئا، بعد ۾ سندن اولاد پاڪ محمد غوث اوچي رحمة الله عليه جن سان ملتا آيا، جتان لڏي اچي شڪارپور ۾ رهيا.

"**فقير مسرور**" ڪي ننڍي ئي ڄمار ۾، سرڪار شهنشاهه **قادر بخش بيدل** ﷫ جن ڪان (سندن مماتيءَ ۾) سندن درگاهه تان اويسي قادري فيض مليو ۽ پاڻ حياتيءَ جي آخري دم تائين سندن عشق ۽ انعام کي ڳائيندو رهيو. سندس تصنيفات ۽ فقيري حال ڏاڍن ڪان سندس سمورا همعصر متاثر هوندا هئا. پاڻ هٿ ڪار سان، دل يار سان واري مصداق مطابق دنيا جي فرضن نباهڻ سان گڏوگڏ، پنهنجي روحاني درجات جي پرواز ۾ به مصروف رهيو. ساري زندگي تپيداري ڪيائين پر مال ملڪيت ناهڻ بجاءِ حسن ۽ عشق جو جهان جوڙي وحدت ڪثرت جي پرپور موج ماڻي، 19 آگسٽ 1953ع مطابق اٺين ذوالحج 1372 هجري تي وصال ڪيائين.

"**فقير مسرور**" جي صورت ۽ سيرت ٻئي لپائيندڙ هيون. هو تصوف جي تازگي بخشيندڙ فضا ۾ ساهه کڻندو هو. اعليٰ اخلاق وارو، رلٹو ملٹو شخص هو. نهايت حسين، ڪلمک ۽ هر دلعزيز هو. شاستري سنگيت جو ڄاڻو به هو ته يڪتاري تي صوفيائٹيون ڪافيون به ڏاڍي سريلي ۽ دل کي موهيندڙ انداز ۾ ڳائيندو هو. ستار به لاجواب وڄائيندو هو ۽ پنهنجو ڪلام جهونگاري/ ڳائي چوندو هو. سندس گفتگو به نهايت مدلل، فصيح ۽ بليغ هوندي هئي.

## فقير مسرور جو مسلڪ:

"**فقير مسرور**" جو ظاهر باطن پنهنجي پير مغان هادي رهبر راهه هدايت و طريقت شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة جي صوفي القادري، حنفي رنگ ۾ رڱيل هو. فقير صاحب ڪامل صوفي ۽ هڪ سالڪ فقير هو، الله پاڪ جي اطاعت، ان جي حبيب جناب رسول مآب سرور ڪونين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن سان عشق، مخلوق سان پيار، قرآن پاڪ، حديث شريف جي پيروي ڪرڻ، روحاني تسڪين لاءِ ذڪر ۽ سماع جي ڪيفيت ۾ گذارڻ، درويشن ۽ متقدمين جو احترام ڪرڻ، سندن درگاهن ۽ آستانن تي حاضريون ڀرڻ، چونڪيون ڏيڻ سندس فقيري ۽ عاشقيءَ جي مسلڪ جون بنيادي رياضتون هيون، جنهن لاءِ اردوءَ جي هڪ ڪلام ۾ فرمايو اٿس:

وہی بوجھ سر اٹھاکے اس جگت میں آئے ہم،<br>
اب کہو جی اکیل دل، ہے کیسی مردانی میری،<br>
ظاہراً باخُلق خوش "**مسرور**" سن سچ مچ ولی،<br>
غرق ہے در بحر وحدت، روح روحانی میری۔

سلطان العارفين حضرت سلطان باهو عليه رحمة پنهنجي تصنيف اورنگشاهي ۾ فرمائي ٿو ته:

"فقير جي حالت جا ٻه گواهه هوندا آهن، هڪ اهو ته پاڻ ناسوت ۾ هجي ليڪن طالبن کي لاهوت جي حضور ۾ پهچائي ڇڏي.(1)

"**فقير مسرور**" ٻه حق جو اهو مقرب هو جنهن جي رهڻي ڪهڻي، فقر ۽ فقر جي پاسبانيءَ جي اعليٰ ترين تصوير هئي، پاڻ هڪ اردو ڪلام ۾ فرمايو اٿس:

ارے یارو نہ گھبرانا، مجھے نا غیر حق جانا،<br>
سُنو! ہر بھید میں آنا، ہمیں خود اختیاری ہے۔

## سلوڪ جون منزلون:

مقصود العارفين ۾ ڄاڻايل آهي ته تصوف ۾ چار مقام، چار علم، چار عمل آهن. پهريون ناسوت آهي، ان جو علم شريعت آهي. جنهن جو عمل امر باالمعروف ۽ نهي عن المنڪر آهي. ٻيو مقام ملڪوت آهي، جنهن جو علم طريقت آهي ۽ ان جوعمل الله تعاليٰ جو ذڪر ۽ فنا في الشيخ آهي. ٽيون مقام جبروت آهي جنهن جوعلم حقيقت آهي ۽ عمل توحيد بابت فڪر ڪرڻ ۽ فنا في رسول ٿيڻ آهي. چوٿون مقام لاهوت آهي، جنهن جو علم معرفت آهي ۽ ان جو عمل فنا في الله، يعني خدا جي وحدانيت ۾ استغراق حاصل ڪرڻ آهي.(2) هڪ حديث شريف آهي، جنهن کي مولوي احمد حسين خان، رسالہ غوث الاعظم جي صفحي 143 تي ۽ حضرت سلطان باهو رحمة الله عليه، محڪم الفقرا جي صفحي 13 تي ڏني آهي. (3)

”جعلت في النفس طريق الزاهدين وجعلت في القلب طريق العارفين وجعلت في الروح طريق الواقفين وجعلت محل الاسرار.“(4)

ترجمو: مون نفس جي اندر زاهدن لاءِ رستو بنايو آهي ۽ دل جي اندر عارفن لاءِ راهہ ٺاهي آهي ۽ روح جي اندر واقفن لاءِ رستو ٺاهيو آهي.

ان ڏس ۾ ”**فقيرمسرور**“ فرمائي ٿو:

دل اندر پيهي ادا تون گوش ڪر گفتار ٻڌ،
قرب وار سڻ قصا، ٻي نا وري اخبار ٻڌ.

خود خداءِ عزوجل جو فرمان آهي: دع نفسڪ و تعال، يعني پنهنجي نفس کي ڇڏي مون ڏي اچ، يعني دنياوي زيب زينت تي هرڪ هاري ويهڻ يا نفساني خواهشن سان الله پاڪ جو وصال مڪن نہ آهي، ۽ جيئن دنياوي شيل شغل کان دل کي ٿلو ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي تيئن اهو بہ سمجهڻ گهرجي تہ حق جو واصل ٿيڻ بہ سولو ڪم نہ آهي:

سپ ستون سانگا لاهي، ڪو هزارن مان هڪو،
عشق جي ايوان اندر، پير پائي جوان مرد.

الف: ناسوت:

"**فقير مسرور**" حق جو طالب هو ۽ ننڍي ڄمار کان منجهس صبر، شڪر ۽ تحمل جي سُتي پيل هئي، توحيد جي انهيءَ ابتدائي ڏاڪي تي، قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جي مطالعي ۽ متصوفانہ تربيت جي نماڻائيءَ سبب، قدرت کيس غور فڪر ڪرڻ جي صلاحيت عطا ڪئي هئي ۽ پاڻ تصوف جي پهرين مقام (ناسوت) تي قضا تي راضي رهڻ، مصيبت ۾ صبر ڪرڻ ۽ نصرت تي شڪرانا بجا آڻڻ جي ڪٺن مرحلن مان ڪاميابيءَ سان لنگهي پار پيو، جنهن جي سمجهاڻي ڏيندي فرمايو اٿس:

راضپو ان جو گهرين تان جيئن سندس رايو هجي،
هڪ رهي هر حال ۾ ان جي رضا کان منهن نہ موڙ.

ڇا ٻيو "**مسرور**" گهرجي، موج اهڙيءَ کان مٿي،
آ خدا تنهنجو وليڪن، تون خدا کان منهن نہ موڙ.

ناسوت جو عمل جسم جي پاڪائي سان گڏ احڪام ۽ ارڪان جي فرض ادائيءَ تي ٻڌل آهي، جنهن لاءِ فرمايو اٿس:

اٿي خواب غفلت مان، سمهڻ کان سؤ لڳا بهتر،
خدا جي راضپي خاطر عبادت ڪر عبادت ڪر.

پئي آرام ۾ پنهنجو وڃائين قيمتي ويلو،
تڙي هيءَ ننڊ نيٺن جي تلاوت ڪر تلاوت ڪر.

"**فقير مسرور**" سدائين بدن جي پاڪائيءَ سان رهندو هو ۽ پنهنجي والد جي تربيت هيٺ وضو، غسل، حلال ۽ حرام جي مسئلن کان واقف ٿيو، جيئن هڪ هنڌ فرمايو اٿس:

ازل جي ڏينهن کان يارو اسان احرام ۾ آهيون
ميان "**مسرور**"نيهن جي نرالي نام ۾ آهيون.

فرض جي ادائگيءَ ۾ وڌو ۽ قرب پريو عمل سندس الله پاڪ جي مخلوق سان پيار هو، وڏڙن سان نياز نوڙت سان پيش اچڻ، عورتن جي مٿي تي شفقت وچان هٿ رکڻ، ٻارڙن جي ڳلن ۽ نراڙ تي عظمت پريون منيون ڏيڻ، دوستن سان پاڪر پري ملڻ، سندس وضع هئي. هن سموري ڄمار ”تخلقوا باخلاق الله“، (اخلاق الاهي پيدا ڪريو) جو شان بلند رکندي خلق جي خدمت ۽ محبت ونڊڻ ۾ گذاري، جنهن کي دنيا ۽ آخرت جو سوڪر سمر چوندو هو:

نمي هل هر ڪنهين سان تون، چڱائي تو چوان توکي،
اهو سوڪر سمر ناهج، ڇڏي هٿ هوڏ حيواني.

هُتي اول اهو ٿيندو پڇاڻو پنج وقتيءَ جو،
ادا ڪر عجز سان، ورنه پرائيندين پشيماني.

”**فقير مسرور**“ محبت ۽ اخلاق جي راهه جو هڪ دردمند فقير هو، حالانڪ سندس دوست هندو به هئا ته سک ۽ عيسائي به، پاڻ سيني کي وحدت جي هڪ لڙيءَ جا موتي پلئيندو هو، نه رڳو ساڻن محبت جون محفلون مچائيندو هو مگر سندن اهل عيال، ٻارن ٻچن توڙي سندن مال ملڪيت جي به سدائين پيو پرگهور لهندو هو. مٿس الاهي عنايت ڏسي، ڪي ماڻهو وٽس نذر نياز به آڻيندا هئا، ته انهن کي مرڪي منع ڪندي چوندو هو:

مٿي مصيبت رسي صدا تي، قبول جيڪو ڪري دعا کي،
مجيب سو تان سِوا خدا جي، ٻيو نه ڪوئي مجيب آهي.

ان هوندي به پاڙي جون ڪجهه عورتون وٽس دعا ڌاڳي لاءِ اينديون هيون، ته سندن دل رکڻ لاءِ ڪين ڪا نه ڪا دعا لکي ڏيندو هو يا ڌاڳو پڙهي ڏيندو هو. جنهن تي هڪ ڀيري سندس والده فرمايو ته:

”ابا گمن! سڏائين تو فقير ۽ ڪم ڪرين تو پيرن وارا.“

تنهن تي انتهائي عجز سان وراڻيو هئائين ته:

”امڙ سڳوري، مان ڄاڻان تو ته مان انهيءَ ڪم تي مامور ڪيل نه آهيان، پر امان آدميءَ جي دل عرش برابر آهي، ان جي احساس کي

ٽوڙڻ منهنجي وس ۾ نہ آهي. ڪرڻ وارو تہ پاڻ ڪريم آهي پوءِ مان ڪيئن سندس عطا کان منهن موڙيان."

"**فقير مسرور**" هڪ باخبر صوفي هو، صاحب علم و دانش هو ۽ سندس ڪماليت جو دامن نهايت وسيع هو، ڪيس ڪيترائي روحاني مراتب حاصل هئا ۽ هر جاءِ تي ڪيس فتح نصيب هئي، پر پاڻ سدائين دنيا جي ننگ ناموس يا ڪنهن تخت تاج جي طلب بجاءِ ديدار جي ئي طلب ڪندو رهيو:

ڪين ٿو "**مسرور**" گهرجي، مون ٻيو ڪجهہ ٻي فقط،
دائمي ان يار جو درڪار ٿم ديدار خاص.

غريبن ۽ يتيمن جي غمخواري ڪرڻ بہ "**فقير مسرور**" جي مسلڪ ۾ شامل هو. سندس زندگيءَ جا ڪيترائي واقعا مشهور آهن حاجتمندن جي هڙئون وڙئون مدد ڪري، ڪيسو خالي ڪري جڏهن گهر پهچندو هو تہ بہ پاڻ مرڪي چوندو هو: "اجهو اجا تہ الله جو نالو موجود آهي". غريبن ۽ نادارن يا بيمارن جي مدد ڪرڻ جي سلسلي ۾ رڳو قلمي جهاد نہ ڪيائين پر عمل جي عملداريءَ سان ثابت بہ ڪيائين تہ ڪيئن مصيبت جي اکر ڪي عشرت ۾ بدلائي سگهجي ٿو. سندس زندگيءَ جي هڪ واقعي جو ذڪر ڪندي پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم لکي ٿو:

"سن 1917ع ۾ شڪارپور جو شهر عجيب آسماني آفتن جي دور مان گذري رهيو. بهار جي موسم ۾ پليگ جو مرض ظاهر ٿيو. اونهاري ۾ وبا هڪ طرف تہ برسات جي ڪثرت ٻئي طرف، موت جي گرم بازاريءَ سان گڏ شهر وارن جي، مسلسل بارش کان پريشاني ديد جي قابل هئي. يورپ جي پهرين مهاياري لڙائي انتهائي عروج تي پهچي چڪي هئي. ان جي باعث گراني ايتري تہ وڌي وئي جو ماڻهو گويا قيامت خيز نفسانفسيءَ ۾ مبتلا هئا. ان پُر آشوب زماني ۾ هي مرد خدا پنهنجي حال ۾ مست ۽ خلق خدا جي خدمت ۾ پئي مشغول رهيو. انهيءَ دور ۾ "**مرحوم علي نواز علوي**"، جيڪو پنهنجي دور جو وڏو عالم فاضل هو ۽ طب ۾ سندس مرتبو نهايت بلند هو ۽ شهر ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ سماجي ڪمن ۽ سياست ۾ بہ دلچسپي وٺندو هو. تنهن جو پليگ جي

هن آفت ۾ ويهن سالن جي نوجوان **ميان غلام علي مسرور فقير** کي انساني ڀلائيءَ جا ڪم ڪندي ڏٺو ته پاڻ هلي وٺس آيو ۽ ساڻس گڏجي هن آسماني آفت جي خلاف در در وڃي علاج جو ڪم شروع ڪيو(5).

انهيءَ دور ۾ **"فقير مسرور"** پنهنجي قلم مان نهايت انقلابي ۽ ناصحاڻا ٻول به تخليق ڪري، شهر جي مخير حضرات جو ڌيان به ڇڪايو:

بترس از آه مظلومان، ٻڌين ٿو ڪين تون ٻوڙا،
اجهو اڄ ڪي سياڻي نت ڏسندين درد ڏک ڏوڙا.

بي دست پا مٿانهون، مفلس گدا مٿانهون،
پيرو نه تو ڀلائي، زردار ڪنهن طرح.

پيا مزدور ڪن دانهون، ملي جن کي نه مزدوري،
اثر هن آه جي ڪان سچ، پوي ٿي عرش ۾ لرزش.

ناسوت جي هن منزل تي، سماجي حالتن جي قلمي عڪاسي ڪندي پاڻ، انسان ذات جي اصلاح لاءِ به تمام جهجهو ڪلام لکيو اٿس، جنهن کي وقت به وقت صوفياڻين محفلن ۾ ڳائيندو به هو، خاص طور پنهنجي وطن ۽ ان جي رهواسين لاءِ دعائيه ڪلام ضرور ڳائيندو هو:

خدايا هي چمن منهنجو رهي سر سبز دنيا ۾.
پسي جنهن کي ٿئي دم دم، سندم حج اڪبري بلبل.

## ب: طريقت:

طريقت جو علم الله پاڪ جي راهه تي هلڻ آهي ۽ ان جو عمل، الله پاڪ جو ذڪر ڪرڻ، پنهنجي نفس کي سڃاڻڻ، فنا في الشيخ ٿيڻ، پنهنجي اندر کي پاڪ رکڻ، ڪلمي جي پوئواري ڪري ان جي نفي اثبات جو انت لهڻ آهي(6)

آءُ نه پر جي پوئتان رڙهنديس اديون رنڌڙو ڪنيون،
پل پيادي کي پوي جو گهوم ڪان پيرن ۾ گهپ.

راهه سان **"مسرور"** رڙهندو ره سدائين رات ڏينهن،

ڪيچ ڪهندي مَرُ پون ڪندي پُنيءَ جي ۾ ڪُپَ.

هن مقام تائين رسڻ لاءِ "**فقير مسرور**" تي اصل ۾ ٽيا ٻه پورائي ۾ پال هئا. اجا ٻارهن تيرهن سالن جو ئي هو ته ڪن ناعاقبت انديش ماڻهن جي شرارت سبب سندس والد ميان رحيم بخش کي ملازمت تان سبڪدوش ڪيو ويو. جنهن ڪري هن معصوم دل تي ان جو وڏو اثر ٿيو هو ۽ پاڻ اڃان ٽئين انگريزيءَ ۾ ئي هو ته پڙهڻ تان ارواح کڄي ويس. تڏهن سندس والد کي شهنشاهه بيدل عليه رحمة جي درگاهه تي وٺي ويو، جتي پهچندي ئي سخن جي سچي، پارس جهڙي پرينءَ وانگر، ٻاجهه جون ٻانهون ڏئي پنهنجي وحدتي ويڙهي جي فقير کي سَچي چڏيو ۽ ائين پير مغان جي روحاني رهبريءَ ۾ طريقت، حقيقت ۽ معرفت جون منزلون طئي ڪيون، جنهن جو ذڪر اردو ڪلام ۾ به ڪيو اٿس:

بٹھا کر سامنے اپنے یوں ستگر نے سمجھایا،
کُلی انتر کا کِرپا سے مجھی کو بھید بتلایا۔

اول میں مردہ دل میری کو، اس خواب غفلت سے،
جگا کر پربھ پیارے کے بھجن سے دل کو بھرمایا۔

"**فقير مسرور**"جو چاچو حاجي امام بخش "خادم" مرحوم به تن ڏينهن ۾ روهڙيءَ جي پرسان منگهنواريءَ ۾ رهندو هو. ان ڪري "**فقير مسرور**" به ڪجهه ڏينهن روهڙيءَ ۾ رهي پيو. انهيءَ عرصي ۾ ئي "**فقير مسرور**" جي قلب جي اصلاح ۽ تربيت ۽ الله پاڪ جي قرب حاصل ڪرڻ جي تعليمات نصيب ٿي، مرشد ۾ فنا حاصل ڪئي ۽ نفي اثبات، وجود ۽ شهود جي اسرارن ۽ حالات ۽ واردات جي ارشاد ۽ احوال ۾ پاڻ ناسوت، ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت جي منزل تي رسيو، جنهن لاءِ فرمايو اٿس:

هيءَ حقيقت حال واري، جن پڙهي پرتئون سجي،

وهم خطرا تن ڪنان، سڀ دور دک آزار ٿيا.

هن مقام تي دل جي صفائي به ضروري آهي ۽ اها صفائي ذڪر ۽ فڪر سان ٿيندي آهي. دل جا هيٺ مٿي چوڏهن مقام آهن، ساڄي پاسي ظاهر باطن جو علم، بزرگي، فضل، صحت، سلامتي، جاني ۽ مالي سخاوت، دانائيءَ ۽ دانشمندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح کاٻي پاسي حرڪت، بُعد، غفلت، شهوت، بخيلي، ڪاوڙ، حسد ۽ دشمني آهي.(7).

عاشق ۽ سالڪ دل جي ستن حصن کي سجاڳ ڪندو آهي ۽ ستن حصن کي ختم ڪندو آهي، هو هر وقت فڪر، ڌيان ۽ عملي اخلاقي مظاهري سان ونگيل هوندو آهي ۽ دنيا سان اٽندي ويهندي به سندس دم هڪ تار ۾ مگن رهندو آهي. جيئن **"فقيرمسرور"** به فرمايو آهي:

دم سان ادا تون دم ونگي، جهاتيون وجهڻ جڳ جون ڇڏي،
**"مسرور"** حد بي حد لنگهي، تون ملڪ لاحد ڏانهن لڏ.

ذڪر ٻن طريقن سان ڪيو ويندو آهي. هڪ خفي ٻيو سري، ۽ **"فقير مسرور"** عشق جي هن تنوار ۾ گهڻو ڪري خفي ذڪر ۾ محو رهندو هو ۽ دم دم جو ڌيان رکندو هو:

ڪين ڪر واڪا وڏا تون مات ۾ ماٺ مزو،
دم بدم دم ساڻ وينو اسم الله هو اُچار.

اڳيئون سالڪ سخن سچارا، سخت ٻجهي سرڪار،
الله هو هو، هوهو الله هينئڙي ۾ هونگار.

حضرت سلطان باهو رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته:

"الله جي اسم جي مخفي تصور سان وجود ۾ غير مخلوق نور جا چوڏهن لطيفا پيدا ٿيندا آهن ۽ خفيه ذاڪر سدائين معرفت توحيد مع الله باقرب حضور ۽ مجلس انبيا ۽ اوليا جو هم مجلس ۽ هم سخن هوندو آهي.(8)

ان سلسلي کي **"فقيرمسرور"** ڪجهه هن ريت بيان فرمايو آهي:

هت ڪجهه هلن هٿ پير نا، ڏس نانگ جو نازڪ هلڻ،

هي حال منهنجي جي خلاصي، ڳالهه تون دل ۾ ڳڻج.

مراقبو عام طور تي محويت ۽ ملاقات لاءِ پنهنجي جسم جي نفي ڪندي، دروني دم ۽ ڌيان لاءِ ڪيڙو منهن تي وجهي يا مونن ۾ منهن وجهي ٻه ڪبو آهي، جنهن جو مطلب سمجهائيندي "**فقير مسرور**" چوي ٿو:

منهن وجهي "**مسرور**" مونن ، امر ۽ انڪار ٻڌ،
هن دروني دم سندي، درياه جا ڌڌڪار ٻڌ

ڪن ڪرين ڪاڏي اجا هي تان حقي هونگار ٻڌ،
جي ويئه وسري وري سي تان ڪيل اقرار ٻڌ.

انسان جو هڪ هڪ پساه هڪ انمول گوهر آهي، جيڪڏهن اهو ضايع ٿي ويو ته واپس نه ورندو آهي ۽ سالڪ اها ئي ڳالهه ڳڻي پنهنجي دم قدم ڌانهن ڌيان ڏيندا آهن.

ب: جبروت:

"حقيقت جي علم جو مقام جبروت آهي ۽ عمل فنا في الرسول، هن مقام تي ٻيو سڀ ڪجهه ڇڏي فقط توحيد تي ويچارڻو پوندو آهي." (9)

الله پاڪ جلشانه جيڪا راهه عارفن جي دلين ۾ ناهي آهي، اها جڏهن روح سان رلمل ٿيندي آهي ته ملڪوت ۽ جبروت تائين پهچندي آهي. طريقت، الله پاڪ جي ذڪر وارو عمل هوندو آهي ۽ حقيقت فڪر ڪرڻ وارو مرحلو هوندو آهي، اهڙي مرحلي لاءِ "**فقير مسرور**" پنهنجي ڪلام جي ذريعي هن ريت سمجهائي ڏئي ٿو:

دل شهر عجب جو سير ڪري، سڀ ساڻ ملي همنام تي وڃ،
محلات گگن ۾ پير ڌري، هڪ گام وڌي گمنام تي وڃ.

هي سير عجائب آهي بلي، جو عيش أتي سو كونهَ سَلي،
نِت قرب سندو تو كات هلي، هن كات هٿئون قتلام ٿي وڃ.

حضرت سلطان باهو ﷫ چوائيءَ ٿا:
”ناسوت هي جهان آهي، ملڪوت ٻيو جهان آهي، جبروت حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جو قرب آهي ۽ لاهوت الله تعاليٰ سان وصال آهي. (10).
انهيءَ جي وضاحت ڪندي اڳتي فرمايو اٿس: ”علم ناسوت جي معرفت، عالمن جي راهه جي استقامت آهي، عالم ملڪوت جي معرفت، زاهدن جي راهه جي استقامت آهي، عالم جبروت جي معرفت، عارفن جي مقام جي استقامت آهي ۽ لاهوت جي حقيقت عاشقن جي راهه جي استقامت آهي.“
۽ جنهن جو مرشد ڪامل هوندو آهي ۽ منجهس به ذوق جو ذرڙو موجود هوندو آهي ته اهو **”فقير مسرور“**وانگر اجهو ائين چوندو آهي:

عشق رهبر رَههَ بتائي، نا رلائي دربدر،
رمز وارن سان رهائي، ان گهمائي دربدر.

هن مقام تي سالڪ يا عاشق پاڻ قربان ڪري سڀ سانگا سٽي **انا احمد بلاميم** (احمد بنا ميم جي) اسرارن ڪي پسي ٿو ۽ وحدت جي واديءَ ۾ ٻولي ٿو:

شڪر مبارڪ لک لک يارو، عشق پُڪي منهنجي پيو ڙي پيو ميان،
يحيي القلب ويميت النفس، قرب قربين ڪيو ڙي ڪيو ميان،
وَرأيت في قلبي ربي، غير وجودئون ويو ڙي ويو ميان،
وَهوَ معڪم اينما ڪُنتم، ساڻ سجڻ مون سان ٿيو ڙي ٿيو ميان،
”**مسرور**“جا ذي ڪاڏي جانب، ڪيئن چوان وري ٻيو ڙي ٻيو ميان.

ب: معرفت:

علم معرفت جو مقام لاهوت آهي ۽ ان جو عمل فنا في الله آهي ۽ بقا با الله آهي، (11) "**فقير مسرور**" چواڻيءَ تہ: ٿو غيب جي اندر غيب رهي، لاريءَ نہ ڪي لاريب رهي، يعني معرفت وارو مقام ربي بربي لايعرف الله غيرالله وارو مقام آهي، يعني منهنجو رب منهنجو رب آهي، نہ ٿو سڃاتو وڃي الله ڪي الله ڪانسواءِ. هن مقام تي "**فقير مسرور**"هن ريت اظهار ڪري ٿو:

ٻيڙي جا ٻاجهہ واري اچي اوچتو پتاري سهڄئون ڪري سواري ، پاڻيءَ جو ڪيم پسارو، جاڏي جو نظر ترجي، پاڻيءَ بنا نہ پسجي ، ڦوڻو لهر مان ٻڌجي، نلهي لهر نانءُ نيارو، حاصل ٿي نئين حياتي، موٽي نہ جنهن مماتي، ظاهر ٿيو نور ذاتي، هن سير منجهان سارو.

**معرفت** جا پنج عمل آهن: هڪ تہ قسم نہ کڻجي، جيڪڏهن کڻجي تہ سچو کڻجي، ٻيو تہ ڪوڙ تہ بلڪل نہ ڳالهائجي، ٽيون تہ سدائين ماٺ ۾ رهجي، چوٿون تہ جيڪو وعدو ڪجي اهو نڀائجي، پنجون عمل اهو آهي تہ جاني توڙي مالي سخا ڪجي." (12)

هن منزل تي سالڪ گهڻو ڪري رب پاڪ جي تجليات جي فراوانيءَ سبب بحث مباحثي يا عام گفتگو کان بہ پرهيز ڪندا آهن. اهڙي مقام تي رسڻ واري جي لاءِ ڪي نازڪ لمحا بہ ايندا آهن، جو عام ماڻهو هٿ گهماٽي سندس تر ياءُ لهندا آهن، تڏهن گهٽائي، الله پاڪ جا ٻانها پنهنجي درجات جي حاصلات وڃائي ويهندا آهن، ان احوال جي ڪري "**فقيرمسرور**" پاڻ ڪي ئي سمجهاڻي ڏيندي فرمائي ٿو:

حال هي سچ تو سندو سانديي نہ سگهندو ڪو ٻيو،
مفت هڪ هڪ ساڻ ويهي پيچي نا مار پند.

رهہ اها رهت جا آهي رهي رندن چڱي،
رهج گونگو گيان ۾ گفتار کان تون ڪر وداع.

هن منزل متعلق مثنوي مولانا روم جي مقدمي ۾ آيل آهي تہ "هي حيرت جو مقام آهي، جتي سالڪ يا عاشق ڪڏهن ظاهر ۾ تہ ڪڏهن باطن ۾ هوندو آهي ۽ سندس زبان مان جيڪي نڪرندو آهي سو ٿي ويندو آهي." (13).

"**فقير مسرور**" حيرت جو مقام لنگهي پار پوڻ کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

حيرت جو لڪ لنگهياسي، پيو حال هم وارو،
اڇي بحران ۾ پياسي، ڪنڌي نہ جنهن ڪنارو.

هن منزل تي "**فقير مسرور**" علم اليقين، عين اليقين ۽ حق اليقين جي ڪماليت تي رسي تحقيق جي تجليءَ ۾ هيڪڙائي جو هوڪو ڏئي ٿو:

ٿيو حال هيڪڙائي "**مسرور**" وئي ٻي وائي،
جاچي ڏٺو مون جائي، ڪامل آهيان قرارو.

تصوف ۾ هيڪڙائيءَ جو وڏو اظهار حسين بن منصور حلاج، ناالحق جو نعرو هڻي ڪيو آهي، گڏوگڏ سنڌ جي صوفين تي حضرت لعل شهباز قلندر ﷺ جي فارسي ڪلام ۾ آيل دمزني ۽ شاهہ عنايت شهيد عليه رحمة جي حق جي راهہ ۾ سر وڃائڻ جي واردات سبب بہ اثر ٿيو آهي، جيڪو حضرت سچل سر مست ﷺ ڪانپوءِ روحل فقير، بيدل فقير، بيڪس ﷺ فقير کان هلندو "**فقير مسرور**" تائين پهچندي نظر اچي ٿو، جن سلوڪ جي منزل کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي سمجهائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي.

## ت: هاهوت:

علم معرفت جي مقام کان مٿي بہ ٻہ مقام آهن، جن کي هاهوت ۽ ٻاهوت چوندا آهن، جنهن جي حقيقتن کي هنڊائڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪنهن اڪمل هاديءَ ۽ رهنما جي ضرورت پوندي آهي.(14) ان سلسلي ۾ حضرت سچل سرمست عليه رحمة جو فرمان آهي تہ:

آن چہ باشد تحفہ ڪان در حضور آيد پسند،
زاري و مسڪيني در خوش نظر يار آوريم...

يعني محبوب جي حضور ۾ مسڪيني ۽ عاجزي جو تحفو پسند پوي ٿو. ان حوالي سان "**فقير مسرور**" جي رهڻي ڪهڻي تي نظر ڪجي تي ۽ انهيءَ عجز ۽ انڪساريءَ سبب ئي مٿس الله پاڪ جون

وڏيون نوازشون هيون جو رهبريءَ لاءِ هڪ اهڙي شهنشاهہ فقير بيدل عليه رحمة جي قرب ۾ ڪڙيو جنهن ڪيس عشق جا سيئي اوکا اٽاوا پنڌ ۽ سلوڪ جا سڀ مقام چڻ آڳر ونئي طئي ڪرايا:

لنگهي بي خوديءَ جو بندر، جت ڇم نہ ڪو ڇماندر،
سڀ سير ۾ ٿيو هي سر، مورت جو ويو مونجهارو.

هاهوت، لاهوت کان پوءِ سلوڪ جي پنجين منزل آهي ۽ هي مقام سڪر (محويت) وارو عالم آهي، جنهن جي حالت **"فقير مسرور"** هن ريت بيان فرمائي آهي:

نا اسم فعل ان ۾، نا جوڙ جنس جو،
حاليت نہ رهي پڻ، ڪو ضمير نا ظرف،

هي اهو مقام آهي جتي سالڪ ۽ عاشق جو اهڙو حال هوندو آهي، جنهن مان اهو ئي سجاڳ ٿيندو آهي، جنهن تي ڪامل مرشد جي نگاهہ هوندي آهي، ان حوالي سان **"فقير مسرور"** بہ اهو سالڪ هو جنهن تي ڪائناتن جي مالڪ جي ٻاجهہ ٻيلاٽي هئي:

چا ٿو چوان چتايو، سمجهان نہ ٿو سٽايو، ٻنجي تہ ٿو ٻتايو، النٰي اها آ وائي.
گڏجي نہ گڏ رهڻ سان ڇپجي وجي ڇهڻ سان، ڏسجي نہ ٿو ڏسڻ سان ڪهڙي اها ادائي.

هڪ ڏينهن رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن مقام سڪر واري عالم ۾ وينا هئا تہ ايتري ۾ جبريل امين اچي سندن در ڪڙڪايو. پاڻ فرمايائون: ڪير آهي؟ جبريل جواب ڏنو: آئون آهيان جبريل، پڇڻ لڳا: جبريل ڪير؟ جبريل وراڻيو: محمد(ﷺ) ۽ خدا (ذوالجلال ولاڪرام) ڪانسواءِ، پاڻ چيائون: ڪهڙو محمد، ڪهڙو جبريل؟ پوءِ جڏهن پاڻ سڳورا ان عالم مان سجاڳ ٿيا تہ جبريل ڪي پيرن ڀر دروازي تي ڏسي پڇا ڪيائون: اي جبريل؟ جبريل وراڻيو: اي رسول اوهان هن ڪان اڳ چا تي فرمايو؟ جواب ۾ فرمايائون: اي جبريل اسان ان وقت اهڙي حال ۾ هئاسون جو اسان کي الله پاڪ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن جي بہ ڪل ڪانہ پئي.(15).

"**فقير مسرور**" ان مقام متعلق هن ريت فرمايو آهي:

نہ ڏينهن ڏٺو نہ رات چٽي، نہ شمس قمر شهاب عجب،
نہ سرد گرم نہ ريت مٽي، نہ جاڳ رهي نہ خواب عجب.

وه عشق جي عطائي، جنهن سرت سڀ گنوائي،
حالت عجب انوکي سر تي صريح آئي.

هاهوت جي مقام جو خدائي مزو ماڻيندي "**فقير مسرور**" پنهنجي هستيءَ کي مٽائي ڏسي ٿو تہ فنائيءَ ۾ ڪيس معلوم ٿئي ٿو:

اهو تہ عجيب ديس ڏٺم، گهمي بہ لقا لبيس ڏٺم،
نہ رئس اُتي نہ سئس ڏٺم، نواب نہ ڪو جناب عجب.

اچي نہ وڃي، وري نہ وري، مري نہ جمي، جمي نہ مري،
ڏئي بہ تہ ڪوئي خيال ڪري، سوال سٽي جواب عجب.

## ث، باهوت:

الله پاڪ جنهن تي راضي ٿيندو آهي تہ مٿس پنهنجا راز آشڪار ڪندو آهي ۽ هن تان پنهنجي حجاب جا سمورا پردا پري ڪري ڇڏيندو آهي:

س پيش زير بالا، ڪاٻي توڙي ساڄي، جاڏي نظر نهاريان هڪڙو ئي هڪ حرف،
تان پاڻ کي پسان تہ بہ ساڃيو اکر ستو، ان الف عناصرن کي هڪدم ڪيو حذف.

باهوت جي هن مقام تي "**فقير مسرور**" جو اظهار ڪجهہ هن ريت بہ آهي:

ڪري الاهي توهار، جوڳي چڙهيا جبروت تي.

اسوت منجهان نيهي نڪري، هلي هاهوت ڪان اڳي ٿيا اُسري،
سوامي سخن سچار،

محبت وارا مول نہ مڙندا، لاهوت لنگهي باهوت ۾ بيهندا،
لڳڙن عشق لغار.

هن مقام تي "**فقير مسرور**" بہ دمزني ڪئي آهي، جنهن جا ڪجهہ مثال هت پيش ڪجن ٿا:

ويس هي خاڪي ڪري، دم وچئون آدم ٻٽيس.

سدا راحم رہوں لیکن لقب میرا قہاری ہے،
سکونت عرش پر میری، حکومت ہر دیاری ہے۔

جاچي ڏنو مون جائي، ڪامل آهيان قرارو.

سلوڪ جي انهن منزلن متعلق "**فقير مسرور**" جي سير جو نچوڙ اجهو هن شعر ۾ آهي:

پڇاڙي جيڪا سا اڳياڙي آهي.
اڳياڙيءَ جي انت ڪي ڪپر ڪو ناهي.

سمجهي ڳالهه ڳجهي ڪو وهم وچئون لاهي،
وچئون هيءَ ناهي، ڳنڍي ماري ڳالهه ڪي.

"**فقير مسرور**" ظاهر اٽي ويهٽيءَ ۾ لِڪَ جو صاحب هو، ڪڏهن بہ ڪنهن تي پنهنجي درويشيءَ جو اظهار نہ ڪيائين، ڪچهرين ۾ مجلسن، محفلن ۾ بہ پيو چوندو هو:

ڳانا ڏاڳا گيڙو پائڻ، "**مسرور**" نغارا ناد وڄائڻ،
خاصي ڄاڻڻ خود پذيري، فهم فقيري ائين بہ ناهي.

خاص ڪري انهيءَ رمز ڪي لڪائيندي ائين بہ فرمايو اٿس:

پل لوڪ هلائن سمجهہ ذري، تون ڪول نہ ڳجهہ جي ڳالهہ ڳري،
ڪر ماٺ متان "**مسرور**" وري، پائن نہ مٿئون پڙ پيرُ ڪري.

## طريقت جو سلسلو:

جيئن حضرت اويس قرني رضي الله عنه پنهنجي زهد عبادت ۽ پنهنجي انداز ۽ اطوار مان عاشق ۽ مجذوبِ رسول ﷺ هو، ۽ جيئن فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة جن روحاني فيض، حضرت لعل شهباز قلندر عليه رحمة کان سنڌن مماتيءَ ۾ حاصل ڪيو هو، تيئن "**فقير مسرور**" ڪي بہ

اويسي عشق، طريقت جا حال ڏاڍا ۽ روحاني فيض بيدل سائينءَ کان بيدل سائينءَ جي مماتيءَ ۾ حاصل ٿيا هئا، جنهن لاءِ اٿس:

هادي حق "**مسرور**" مليو آ، پول پيو سڀ دل جو پليو آ.
خيال خدائي خوب کليو آ، آندو ٿم ويساهه.

جيئن ته مشائخ جي متصفويانه تعليمات جو روحاني سلسلو سڌو سنئون تعليمات نبوي، الصلوات والسلام سان وڃي ملي ٿو، تيئن "**فقير مسرور**" جي ڪلام جو گهڻو حصو انهيءَ هوت حسن واري، مرسل مديني جي جام جي عشق ۾ به چيل آهي، جن جي مطالعي مان لڳي ٿو ته سندس دل گهريا ديدار به ٿيا آهن، جو هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

مهر مرشد جي مگر "**مسرور**" ڪجهه پنهنجي جفا،
طالبن کي ان طرح سڀ دل گهريا ديدار ٿيا.

"**فقير مسرور**" جو هونئن ته تمام گهڻو ڪلام پنهنجي پير مغان جي ساراهن، عشق، ارشاد جي لاءِ، محويت ۾ چيل آهي پر سندس عقيدت ۽ ويساهه، رهنمائي ۽ همراهي جو ڀرپور اظهار سندس مداحن ۾ آهي جن مان حضرت قادر بخش بيدل عليه رحمة جي حوالي سان "**مدح سنگرو سائينءَ جي سوکڙي**" لکي اٿس، جيڪا ٽيهه اکريءَ جي طرز تي ڇٽيهن بندن تي مشتمل سنڌي ادب جي هڪ انوکي ۽ اولين سوکڙي آهي.

## عقيدت جو سلسلو:

"**فقير مسرور**" جي روحاني عقيدت جو سلسلو به تمام وسيع هو، جن ۾ حضرت علي ڪرم الله وجه، حضرت امام حسن حسينؓ پنج تن پاڪ، دولهه درازي حضرت سچل سرمست عليه رحمة، شاهه خيرالدين، شاهه عنايت شهيد، بيڪس فقير، سخي قبول محمد، سائين عبدالحق، ميان امير شاهه جيلاني ملتاني ۽ ڪيترائي پير، فقير، يا خود شڪارپور ۽ ان جي ڀرپاسي جا درويش بزرگ شامل آهن، جن ڪي پنهنجي ڪافين، مثنوين، مرثين توڙي غزلن ۾ ساراهيو اٿس، جن ۾ حضرت امين شاهه چشتي، حضرت حاجي لطيف شاهه جيلاني، پير منڇر

شاهہ، ميران شاهہ، عرف ميرڻ شاهہ، سامي، ڀڳت ڪنور رام سنت، نبي شاهہ وڪڻن وارو وغيره قابل ذڪر آهن.

## مجازي عشق:

"**فقير مسرور**" جي مجازي عشق جي متعلق ڪابہ مستند روايت ڪانہ ٿي ملي. پر سندس هڪڙو ڪلام، جيڪو "هر بخش" جي نالي لکيل آهي، ان مان "فقير صاحب" جي ساڻس قرب جو اظهار ٿئي ٿو.

هر بخش شال هوندي تنهنجي وڏي حياتي،
ٻَکُ ڏي فقير کي تان، سَکُ جو ٿئين براتي.

هٿ ڪان ويو اڏامي، دل جو پکي تنهين دم،
جنهن ڏينهن ڳلڪڙي جا، مون سان ملي تو پاتي.

هڪڙي گهڙي بہ دل کي، هاڻي قرار ناهي،
اهڙي عجب تو مون کي، لنوڙي وري ڪا لاتي.

هر بخش نالي شڪارپور ۾ گوشت مارڪيٽ جي سامهون الهندي ڪنڊ تي هڪ ڪميشن ايجنٽ هوندو هو، سندس گهر اول شاهہ پٽر ۾ هوندو هو، سٺ کن سالن جي ڄمار ۾ سن 1980ع ڌاري هندستان لڏي ويو آهي، سندس پٽ شيام لال بہ ڪميشن ايجنٽ هوندو هو، سو بہ پنهنجي والد سان گڏ هند لڏي ويو آهي. فقير صاحب جي هن ڪلام مان معلوم ٿئي ٿو تہ "**فقير مسرور**" جي ساڻس ڏاڍي پريت هئي، تي سگهي ٿو تہ پاڻ گوشت يا ڀاڄي وٺڻ دوران يا موڪل وارن ڏينهن تي سندس دڪان تي ايندو ويندو هجي. مذڪوره ڪلام سندس قلمي ڪليات جي هڪ سؤ سٺ صفحي تي لکيل آهي، جنهن تي شهر شهدادڪوٽ ۾ تاريخ ڏهين فيبروري 1943ع درج ٿيل آهي، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ هر بخش ان وقت ويهن ايڪيهن سالن جو نوجوان هوندو.

هونئن تہ پنهنجي فقيري خُلق سبب آنجهاني رگهومل، ايسرداس، سانوڻ مل، هولا رام ”پورن“ ناس وارو، گوردن داس، چيٺانند، آئل مل، پرسرام جوڳي وغيره سندس دل گهريا دوست هوندا هئا، جن جو بہ ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو اٿس ۽ خود مجازي مضمون تي **”فقير مسرور“** جو ٻيو بہ گهڻو ئي ڪلام ملي ٿو. پر ان هوندي بہ سندس مجازي نظاري جي تصديق ڪري نہ ٿي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ تصوف جي حوالي سان ڪنهن خوبصورت ڇوڪر سان مجازي عشق ڪي سنو نہ سمجهندو هو، جنهن سلسلي ۾ **”فقير مسرور“** جي پنهنجي پياري دوست رگهومل ڏانهن لکيل خط مان ڪجهہ هن ريت بہ خبر پوي ٿي:

”هاڻي تہ ياءُ ايسر داس جو پنهنجي ستگرن جي ورسيءَ تي ويو تہ اتي جي رهنڌڙ سيدن جو هڪ سهڻو ڇوڪرو معشوق ڪري وٺي آيو آهي، ان ڪري هندستان ڏانهن وڃڻ جو آسرو بلڪل لاهي ڇڏيو اٿس، پلنگ تي بسترو، معشوق جو وڇايو پيو اٿس، پنهنجي پاٿاري هيٺ لاتي اٿس، رات جو ٻاهر ٿڏ ۾ آڌوتي فقيرن وانگر بندٻ ٻاري ان جي اڳيان هينان پلال وجهي مٿان تڏو وڇائي ۽ رلهي پٿاري سمهندو آهي. مون ڪيس گهڻو چيو مگر ڇُنگ تي چڙهيو ويٺو آهي. ساوڻ مل سان بہ ڇوڪر جي ڪري ڪٽو منو ٿي پيو آهي، سو اهڙو اڇي ادي ايسر کي عشق لڳو آهي.“

مجازي عشق ڪا ٻاراڻي راند نہ آهي، سنڌ جي ڪيترن درويشن مجاز جي رمز کي مومل راڻي، سسئي پنهون يا هير رانجهي جي عشقيہ داستانن ذريعي بہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ساڳيءَ ريت **”فقير مسرور“** بہ انهن علامتن کي کولي سمجهايو آهي تہ سسئي، هيءُ نفس نڪارو آهي، جيڪو غفلت سبب پنهنجي پنهونءَ(محبوب حقيقي) کي حاصل ڪرڻ کان رهجي ٿو وڃي.

مجازي عشق جي معنيٰ سمجهائيندي هڪ هنڌ فرمايو آهي:

جلوو تنهنجو اڇي ٿو، جاني نظر ۾ جت ڪٽ،
هر شاخ گل ۾ شايع، برگ و شجر ۾ جت ڪٽ،

## ڪرامتون- پيشنگوئيون ۽ دعائون:

بزرگن کان جيڪي ڪرامتو ن صادر ٿينديون آهن انهن جا ٻه قسم آهن(16). هڪ ڪرامت حسي آهي ۽ ٻي ڪرامت معنوي آهي.

## ڪرامت حسي:

اها آهي ته ڪنهن حسي ۽ ظاهري امر ۾ بزرگ کان ڪائي ڳالهه ستور جي خلاف ظاهر ٿئي، مثال طور ڪنهن بزرگ کي ڪنهن جي دل جي ڳالهه معلوم ٿي وڃي، ايندڙ ڳالهين جي خبر پئجي وڃي. ڏيان (توجهه) وجهي ڪنهن کي بيتاب ڪرڻ، پاڻيءَ جي مٿاڇري تي هلڻ وغيره. انهن ڪرامتن سان عوام تمام گهڻو متاثر ٿيندو آهي. ليڪن اهي ڪرامتون سچن وليائن لاءِ حيض جي حالت سڏبيون آهن ۽ اهي هميشه قائم نه رهنديون آهن(17).

## ڪرامت معنوي:

دين تي استقامت، برين عادتن کان پاڪائي، خير جي طرف سبقت، فرض ۽ واجبات جي بروقت ادائيگي وغيره معنوي ڪرامتون آهن ۽ اصل فضيلتون به اهي ئي آهن ۽ اهي ئي الله پاڪ ۽ فرستن جون صفتون آهن(18).

**"فقير مسرور"** جون ڪي به حسي ڪرامتون مشهور نه آهن، البت سندن روحاني ۽ قلبي وارداتن کي سندس عقيدتمند پنهنجي پنهنجي نوع سان بيان ڪندا هئا، پر اهي به سندن خير جي طرف سبقت متعلق آهن، جن مان سندن هڪڙي ڪرامت اجا به مشهور آهي:

چون ٿا ته خاندان وارن سندس پهرين شادي شڪارپور جي ويجهو ڪنهن ڳوٺ ۾ طئي ڪئي هئي پر **"فقير مسرور"** کي شادي ڪرڻ جو ڪو ارادو نه هو. انهي خيال کان ٻنهنجي پيرن پائرن ۽ والده کي روڪيائين به سهي مگر خاندان وارن ڳالهه ٻولهه ڪري چڏي هئي، ڏيڻ ونڻ به ٿي ريو هو سو جڃ تيار ٿي جڏهن شاديءَ لاءِ اسهڻ لڳي.ته **"فقير مسرور"** ڪين چيو:

”ابا، جتي مون کي شادي ڪرائڻ وني ٿا هلو، اُتي تہ ڪاريءَ وارا ڪک آهن.“ ڇج انهيءَ وقت تہ گهوٽ جو مذاق سمجهي ڳالهہ کي کلي ٽاري ڇڏيو پر ٿيو اهو ئي جيڪو سندس واتان نڪتو هو. سو جڏهن ڄڃ بيل گاڏين ۾ گهوڙي وارين بگين تي سوار ٿي ڪنواريتن جي ڳوٺ پهتي تہ واقعي اتي نہ ڪنواريتا هئا نہ ئي سندن ڪو ڏس پتو هو. هِتان هُتان معلوم ڪرڻ تي ڪين معلوم ٿيو تہ اهي ڪي سيلاني ماڻهو هئا، جيڪي ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي. انهي ڪري هتان بہ لڏي هليا ويا.

جڏهن سالڪ وحدت واري مقام تي پهچي ٿو تہ سندس قلبي وارداتون بہ ظاهر ٿينديون آهن، انهيءَ حڪمت کي علم لدني، ڪشف يا فيض بہ چيو ويندو آهي. فيض جي انهيءَ مقام تي **”فقير مسرور“** مخلوق جي قلبي اصلاح ۽ تربيت ڪندو هو ۽ پنهنجي پيارن جي فتح ۽ ترقيءَ لاءِ پيشنگوئيون ڪندو هو.

راقم الحروف، **”فقير مسرور“** جو آخري فرزند آهي ۽ راقم الحروف جي پيدا ٿيڻ جي ڇهن سالن کان پوءِ **”فقير مسرور“** جامو مٽايو. راقم الحروف جي پيدائش جي سلسلي ۾ والده صاحبہ مرحومہ (خدا کيس جنت نصيب ڪري) کان روايت آهي تہ راقم الحروف جي ڄمڻ کان اڳ، پاڻ خواب ۾ ڏٺو هئائين تہ ڪنهن فقير جي ڪلهن تي ڪو ٻار هو، هو **”فقير مسرور“** ڪجهہ ٻين فقيرن سان گڏ شاهہ حسين واري گهٽيءَ مان سازن سرودن تي ڳائيندو پيو اچي.“ جنهن تي فرمايو هئائين: ”اها سائينءَ جي سوکڙي آهي.“

”پوءِ جڏهن تون (راقم الحروف) ڄائين تہ توتي نالو بيدل بخش رکيائين ۽ پيار وچان توکي سائينءَ جي سوکڙي سڏيندو هو. حياتيءَ جا پويان ڇهہ ئي سال تو کي پاڻ سان رکيائين.[1]

[1] شاهہ حسين جي گهٽي هاٿيدر جي اندران – پنجن پيرن کان دادوائيءَ روڊ تي اچڻ لاءِ وچ ۾ گهٽي آهي، ”فقير مسرور“ شاهہ حسين بخاريءَ جي ڪليل صحن ۾ چونڪيون بہ ڏيندو هو(مؤلف)

**الف**: راقم الحروف متعلق والده ماجده جو مذڪوره احوال **"فقير مسرور"** پنهنجي خطن ۾ به ڪيو آهي:

"جڏهانڪر بيدل بخش (سائين جي سوڪڙي) ڇاپو آهي ته ماڻس مڙئي پاسيري پئي آهي — ٻن ڇئن ڏينهن کان سائينءَ جي سوڪڙي (بيدل بخش) به ڏاڍو بيمار هيو. اڄ ڪجهه چاق آهي". سکر 3 جنوري 1948ع، هڪ ٻئي خط ۾ لکيو اٿس: "سائينءَ جي سوڪڙي اڄا ننڍو آهي جنهنڪري ڪيس ڇڻڻ تي به دل نه ٿي گهري، ڇو ته ڊڪ جو ڇڏايا اٿئونس ته وري مون کي چنبڙي پيو آهي. ڀلا جنهن ۾ خير" 8 جولاءِ 1949ع.

**ب**: احمد بخش بدوي به ساڳي روايت — "هڪ سنو ٻيءَ" جي عنوان سان پنهنجي مضمون ۾ لکي آهي جا "صوفي" رسالي جي فيبروري 2004ع جي صفحي 16 تي شايع ٿيل آهي.(19)

**"فقير مسرور"** جو راقم الحروف تي تمام وڏو راضپو رهيو آهي، جنهن جو ٻيو مثال ڪلام جي صورت ۾ **"قلمي ڪليات"** جي آخري صفحي تي پيشنگوئيءَ وانگر موجود آهي. جنهن ۾ راقم الحروف جي ڪراچيءَ ۾ ملازمت ۽ ٻڍاپي ۾ سندس سوانح ۽ ڪلام تي ڪم ڪرڻ (ديدار) جي پيشنگوئي ٿيل آهي. فرمائي ٿو:

شهنشاهه مير مرشد جي گرامي اسم **بيدل** سان،
ڏٺو مون نوجوان نهنو سدا سهڻو **ڪراچيءَ** ۾.

معافي ٿي ويو هو پر مجازي مير جو سرنو،
سڻائو سنگ سرڪاري پيو پرٽو ڪراچيءَ ۾.
تڏهن ديدار لءِ هاڻي دڪائي درد جي دونهين،
پڪاريندس پيو در تي هٽي ذرٽو ڪراچيءَ ۾.

وڏي ۾ اصل ڳالهه اها آهي ته راقم الحروف مسڪين گهراڻي جو اهو غريب ۽ ظاهري زماني لاءِ ٻي پهچ ماڻهو جنهن جي نه پٽ هجي نه مٽ، انهيءَ کي "ٽي وي" جهڙي اداري ۾ ملازمت، ۽ سندس تصنيفن تي علمي ڪم ڪرڻ، ڪنهن به معجزي کان گهٽ نه آهي ۽ اها به ڪائنات جي مالڪ جي ئي ڪرم توازيءَ جي ڪارڻ آهي، جنهن لاءِ پاڻ فرمائي ٿو:

ٻڍاپي ۾ ٻڌي ٻانهون ڪري گيسيون گهڻن اڳيان،
گهٽو ئي ڪجهه پيو گسٽو ڪ ڳچ وهٽو ڪراچيءَ ۾.

عجائب عشق حضرت جي ٻڌي هئي ٻاجهه تي مون تي،
ڪڏهن لهريءَ پيو ڊڪٽو، ڪڏهن ڊڪٽو ڪراچيءَ ۾.

رُلي مون روهڙي ۾ تي ڪيان وس قرب پائڻ لءِ،
ڪيان صد شڪر سو هاڻي تيو ملٽو ڪراچيءَ ۾.

ٻ: رگهومل پنجابي، "**فقير مسرور**" جي پيارن ارادتمندن مان هو، ڪيس ڪيترو وقت اولاد ڪونہ پئي ٿيو. "**فقير مسرور**" کي عرض ڪيائين تہ "**فقير مسرور**" کيس چيو تہ:

"رگها پنهنجو گهر جوڙاءِ تہ اولاد ٿيندءِ ۽ وڏي ڀاڳ وارو ٿيندو."

پوءِ جڏهن رگهومل، خانچند حاويلي[1] ۾ پنهنجي جاءِ جوڙائي راس ڪرائي تڏهن وري "**فقير مسرور**" کيس چيو تہ:

"پهرين هلي هولا رام[2] کي پرچاءِ تہ پوءِ مان تنهنجي گهر ۾ قدم رکندس.

رگهومل سندس حڪم جي پوئواري ڪندي وڃي هولارام کي پرچائي وٺي آيو، تڏهن ٻئي گڏجي سندس گهر ويا ۽ اتي "**فقير مسرور**" کيس چيو:

"رگها مل، منش جي دل ڀڳوان جو گهر هوندو آهي، هردي کي صاف رک تہ ڀڳوان گرن پرويش ڪري".

پوءِ سندس ڏرمپتنيءَ جي مٿي تي شفقت وچان هٿ رکندي چيائين: "تون بہ تہ منهنجي ڌيءَ آهين ۽ منهنجي نياڻيءَ کي اولاد ڪيئن

---

[1] خانچند جي حاويلي شڪارپور ۾ سڪپل جي اولهہ طرف، ڻانپوري دروازي ميمڻ محلي جي ڀرسان آهي(مؤلف)

[2] هولارام جو جنم شڪارپور ۾ 1889ع ۾ ٿيو، پاڻ درويش هو، فقير مسرور جو گهاٽو، دوست هو، شاعري بہ ڪندو هو سندس تخلص "پورن" هو، هاٿيدر جي اندران اوڀر طرف سندس ناس جو دڪان هوندو هو، 1965ع ڌاري پنهنجي ٻچڙن سان ملڻ لاءِ هندستان ويو جتي مهيني ڪانپوءِ جون 1965ع تي جوتيءَ جوت سمائجي ويو. (انور فگار هڪڙو، ماهوار نئين زندگي اپريل — 1987

نہ ڏيندو. ڏٺيءَ توکي اهڙا پٽ ڏنا آهن جو نہ رڳو تنهنجي سک ۽ آرام جو ڪارڻ بڻبا پر جڳ جهان جو ڀلو ڪندي نہ ٿڪبا."

ڏٺيءَ جي حڪم سان **"فقير مسرور"** جي پيشنگوئي پوري ٿي ۽ رڳومل کي ٽي پٽ ۽ هڪ ڌيءَ ڄائي. پاڪستان ٺهڻ سبب هي خاندان، سنڌ ڇڏي هندستان هليو ويو. **"فقير مسرور"** پنهنجي هڪ مڪتوب ۾ رڳومل کي لکيو آهي:

"اوان وٽ جيڪو سک جو سلو، سائينءَ جي صحن ۾ ويهي پوکيو ويو آهي. اهو ساري دنيا لاءِ ڪافي آهي، اڃا تہ ان سلي گل نہ ڪڍيو آهي. جڏهن گل ڪڍندو تہ پياري رڳومل کي ڏيهہ ڏسڻ ايندو ۽ گل جو واس وڻڻ لاءِ وات پيو پاٽي پاٽي ڪندس." (سکر-3- جنوري-1948ع)

هن وقت رڳومل ۽ سندس ڊرمپتني گذاري ويا آهن. سندس فرزند بمبئي ۽ ڪلڪتي ۾ تمام وڏي ڪاروبار جا مالڪ آهن **"فقير مسرور"** لاءِ گهڻو ادب لحاظ ۽ پريم اٿن ۽ ساڻن عقيدت جو ناتو نڀائيندا ٿا اچن، هر سال 19 آگسٽ تي سندس ورسي بہ ملهائيندا آهن. وٽن **"فقير مسرور"** جا نوادرات، مڪتوبات ۽ ڪيترو ڪلام بہ محفوظ ٿيل آهي.

**"فقير مسرور"** جي رڳومل ڏانهن لکيل انهن خطن ۾ هڪ طرف سندس دور جي مڪمل عڪاسي آهي، تہ ٻئي طرف اهي خط سندس سيرت ۽ سڄڻ سان اٿاهہ محبت جا دستاويز آهن، جن ۾ ڪيتريون حڪمت واريون ڳالهيون بہ لکيون اٿائين. خاص طور پنهنجي پياري دوست رڳومل جي ديهانت تي، سندس ڊرمپتنيءَ کي، جنهن کي ڌيءَ ڪري ڪوٺيو هئائين، خط ۾ لکيو اٿس:

"پياري ڌيءَ، سائينءَ جي ڪئيَ تي راضي رهي، هاڻي توکي سنسار ۾ ٻچن سان منهن ڏيڻو پوندو. اُشا ۽ وينا کي دلجاءِ ۽ آٿت ڏيندڙ تون ئي آهين. ننڍڙن ٻارن کي دلگير ٿيڻ نہ ڏج، سڀ ڪم سچي سائينءَ جي سپرد ڪج، اوان جا سڀ ڪم ڪارج ستگر جي سائي سا سڀ سڌ ٿيندا."

پنهنجي پياري دوست رگهومل جي وڇوڙي تي دل جي درد کي هن طرح بيان ڪيو اٿس:

"منهنجي اکين جي آسابند، نيڻن جي جوت، منهنجي بدن جي ساهه جي وئنڪٽ پدارجڻ جو پڙهي اکين اڳيان اوندهه اچي وئي ان مهل روئي رڙي پئجي رهيس. مون کي اهي اکر لکڻ ئي نه ٿا اچن جو مان پنهنجي پياري رگهلمل جي رسي وڃڻ جو انهن اکرن سان ورلاپ ڪريان ۽ رودن ڪندو رهان. هي عمر پر جو ڏک جيستائين جيئرو هوندس اهو ڦٽ ڪڏهن نه ڇٽندو جو مرڻ ڪانپوءِ به ساڻ کڻي وڃي پنهنجي پياري رگهلمل کي ڏيکاري پرچائي پنهنجو ڪندس.

هت به جنهن سنگتيءَ ڳالهه ٻڌي آهي ته حيران آهي ۽ مون سان گڏ پتر پائي آهي، منهنجو رگهلمل هن دک روپي سنسار ۾ جيڪو لاپ مڪت جو پراپت ڪري ويو آهي. اهڙو ڪنهن رشيءَ، مُنيءَ، جوڳيءَ پنڊت، پير فقير کي حاصل ٿيڻو نه آهي. سندس گذران اُت اوان سان هيو مگر دم دم ۾ مون سان ڪنو هو، جا پدوي ڪيس سنسار ۾ حاصل هئي سان ڪنهن به رشيءَ کي پراپت نه ٿي آهي. پياري رگهُومل جي آتما اها ئي اوان سيني جي مٿان ساڳي نموني ۾ سايو ڪيو بيٺي آهي"[1]

"**فقير مسرور**" پنهنجي سڄڻن کي دعا ڏاڳو به پڙهي ڏيندو هو. ان سلسلي ۾ سنڌ توڙي هند جا مڙئي دوست ڪانئس دعا، وظيفا يا ڏاڳا وٺندا هئا. جن جو ذڪر سندس ڪجهه خطن مان به ملي ٿو:[1]

* "مون ڏانهن جهامنداس جي چٺي آئي هئي. ان کي چوندا ته "سڳو" پنهنجي ڏرمپتنيءَ کي چوي ته پل لاهي ڇڏي. پر اهو "سڳو" درياهه شاهه ۾ داخل ڪرائي ڇڏيندا."

* "اوان جي پينرن جون طبيعتون ڏٺيون تي ويون آهن، ڪين صلاح ڏيندا ته حاجي ملنگ بابا تي وڃن."

---

[1] هي خط فقير مسرور، رگهومل جي ڏرمپتنيءَ کي شڪارپور مان 3- 11- 1952ع تي لکيو هو.

[1] مڪتوبات مسرور (قلمي)

* "ياءُ گاگن داس کي رام رام ڏيندا ۽ کيس چوندا تہ "رکيا" ساڃي ٻانهن جي ڏوري ۾ ٻڌي ۽ جيڪو کيس "اچار" ڏنو ويو هو. سو ڪندو رهي."

"**فقير مسرور**" خير خيرات ڪرڻ لاءِ بہ دوستن کي چوندو هو، ان جو ذڪر بہ پنهنجي هڪ مڪتوب ۾ ڪيو اٿائين:[2]

"مون هڪ خط ۾ اوان کي ڪجهہ دان ڪيڻ لاءِ لکيو هو سو اوان ڪيو هوندو، مون بہ هت عالم غيب کي اوان جي نالي اچوڪار دان ڪارائي ڇڏيو آهي."

"**فقير مسرور**" رگهومل جي ديهانت ٿيڻ کانپوءِ بہ سندس ننڍڙن ٻالڪن کي سندن ڪاميابيءَ جي دعائن جا خط لکندو هو[3]، جن ۾ پاڻ انهن جي وڏي رهنمائي ڪئي اٿائين:

"شال توان وڏا امتحان پاس ڪري وڏا عهديدار آفيسر ٿيندؤ. توان جو بہ ڏيهہ ڏاني ۽ جڳ سلامي هوندو. سائين تو ان کي ڪوسو واءُ نہ لائيندو." (شڪارپور 25 مارچ 1951ع)

"ڏنڌن ۾ هت بہ حال پيارا لڇو ڪونہ آهي، واپار تہ نہ آهي چار سؤ ويهہ آهي" (شڪارپور 2 مارچ 1952ع)

" هڪ تہ ڪم هلائڻ وارو راجا پرڏيهہ پڌاريو پوءِ سندس ساٿي بہ منهن ڏيڻ ڪان ڪيٻائي ڪُندن ۾ لڪندا تہ ان جو دارون ڪونہ آهي. ٻيو وري هن وقت ۾ ماڻهو ساڳي خيال جا ٿيٽا نہ آهن، سو توان کي خبر هجي تہ لڇمي ديوي ايڪي واري جاءِ تي پڌاربي آهي". (شڪارپور 29 مارچ 1953ع)

---

(2) هي خط فقير مسرور، رگهومل کي سندس جيئري – سکر مان 20 مئي 1952ع تي لکيو هو.

(3) رگهومل جو ديهانت 1952ع جي آخر ۾ ٿيو هو ۽ فقير مسرور هن جهان مان آگسٽ 1953ع ۾ لاڏاڻو ڪيو. سندس آخري خط ۾ رگهومل جي فرزند ڏي شڪارپور مان تاريخ 8 جولاءِ 1953ع تي انگريزي ۾ لکيل آهي.

"**فقير مسرور**" پنهنجي ڪجهه پيارن دوستن کي دعائون به ڪيون آهن جن مان **ميان نور محمد، مسٽر موريو ۽ پرسرام جوڳيءَ** کي پنهنجي ڪلام ۾ به محفوظ ڪيو اٿائين.

ميان نور محمد ذات جو پٺاڻ هو، اصل لاڙڪاڻي جو هو، شڪارپور ۾ سندس ئي ڪوشش سان سن 1929ع ڌاري سنڌ مسلم ڪلب جو بنياد وڌائين. 1933ع ڌاري سندس بدلي شهدادپور ٿي ته "**فقير مسرور**" سندس بدليءَ جي موقعي تي تقرير به ڪئي هئي ۽ ان جي لاءِ هڪ تعريفي دعائيه ڪلام به چيو هو جنهن جون ڪجهه مصراعون هت ڏجن ٿيون:

فيض گستر بنده پرور نور محمد خان اچ،
دل اسان جي کي ڏئي حسرت ۽ ارمان اچ.
تو وڃي بدلي ٿيو بس آهه هو مهمان اچ،
ان جي شفقت مهر جو مان ڇا لکان عنوان اچ،
ٿي وري ڊپٽي سگهو ايندو هتي مانجهي مٺيار.
شل اگهائيندو اسان جو عرض هي پروردگار.

ميان نور محمد پٺاڻ، اٽڪل 1948ع ڌاري ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو. رٽائرمينٽ ڪانپوءِ هيرآباد (حيدرآباد) ۾ حڪمت ڪندو هو.

فقير پرسرام ڪيسواڻي جوڳي[1] "**فقير مسرور**" جو پيارو دوست هو ۽ ساڻس گڏ يڪتاري تي ڳائيندو به هو. روهڙيءَ ۾ حضرت

[1] جوڳي بابا جو جنم روهڙيءَ ۾ 1897ع ڌاري ٿيو، 1917ع کان 1922ع تائين P.W.D ۾ ملازمت ڪيائين. 1922ع ۾ فقير نصير جلالاڻيءَ جو مريد ٿيو. فقير مسرور سان گڏ روهڙيءَ ۾ بيدل سائين، لاڙڪاڻي ۾ سوامي ٽرم داس جي آستاني تي ، حيدرآباد ۾ سائين قطب شاهه جي درگاهه تي چونڪيو ڏيندو هو. 1926ع کان 1943ع تائين ريلوي ۾ برج انسپيڪٽر ٿيو بعد ۾ هندستان ۾ به ساڳي ملازمت ۾ رهيو. 1952ع ڌاري بمبئي ۾ رٽائر ٿيڻ کان پوءِ به ڪڏهن ڪڏهن فقير نصير جلالاڻيءَ جي ميلي تي سنڌ ايندو هو. فقير مسرور جي يادگيري ۽ سندس قرب کهاڻين جو شاهد اهو ئي هڪ فقير زنده هو. ڌڻي مٿس ٻاجهه ڪري. (مؤلف)

پير محمد قاضي[2] جي پاڙي ۾ رهندو هو. جتي **فقير ڪشنو مل، فقير نيپراج بابا**[3] **مائي لڪم ۽ فقير تيجا رام درويش** گڏجي شهنشاھ بيدل فقير تي ويندا هئا.[4] پاڪستان ٺهڻ جي ڪري جوڳي بابا بہ وڃي بمبئي ۾ رهيو. وطن ڇڏي وڃڻ تي **"فقير مسرور"** ڪيس دعا ڪندي چيو هو:

اڙي جوڳي جلاوطنيءَ ۾ رھہ **"فقير مسرور"** ۽ شادان.
سدائين عشق توسان ساڻ آ استاد پيجري ۾.

ساڳيءَ طرح شڪارپور جي هڪ نوجوان **مستر موريو**[5] کي مبارڪباد ۽ دعا ڏيندي لکيو اٿس:

شڪرالله پاس ٿيو مننار مستر موريو،
امتحان هاير جي ۾ دلدار مستر موريو.

نيڪناميءَ ۽ نوازش ڪان رهي نالو سندس،
نانءَ وارو، نانءَ سان نروار مستر موريو.

---

[2] حضرت قاضي پير محمد، شهنشاھ بيدل فقير عليه رحمة جو مونس ۽ غمخوار محبوب هو، 1225 هجري ڏاري داعي اجل کي لبيڪ چئي هي جهان ڇڏيائين. فقير سرڪار بيدل بادشاھ عليه رحمة سندس محبت ۾ ڪيترو ئي ڪلام چيو آهي. (مؤلف)

[3] سنت نيپراج ياٽيا ولد سنت ايسر داس ياٽيہ جو جنم 13- آگسٽ 1875ع ۾ روهڙيءَ ۾ ٿيو، تعليم ڪاٿي ۾ تمام زبردست انگريزي استاد ٿي رهيو آهي. پاڻ تمام وڏو بزرگ بہ هو، سندس وفات 27 مئي 1949ع تي سکر ۾ ٿي، سندس ڏيوري سندس هڪ شيوڪ پڳونداس جي گهر (سيرومل چوڪ سکر) ۾ آهي. هن وقت سندس رکوالي پڳونداس جو فرزند منگهارام ڪري ريهو آهي. (سائين احمد بخش بدويءَ کان مليل معلومات)

[4] انهن فقير ۽درويشن جي معلومات جوڳي بابا، راقم الحروف کي پنهنجي خط مورخہ 12- فيبروري 1992ع ۾ لکي موڪلي هئي.(مؤلف)

[5] مستر موريو متعلق ڪا بہ معلومات هٿ نہ اچي سگهي آهي(مؤلف)

پنهنجي پيار دوستن سان گڏوگڏ "**فقير مسرور**" پنهنجي وطن، وطن جي ماڻهن، مخلوق جي خادمن خدمتگذارن، ڪمين، ڪاسبين ڪي ٻہ دعائون ڪيون آهن، جن جا ڪجھہ مثال هت پيش ڪجن ٿا:

**ديس واسين کي دعا:**

جيئندا رهو – شل جيئندا رهو.
سدا سنڌ واسي وسندا رهو.
سدا سنڌ واسي وسندا رهو – وسندا رهو نت وڌندا رهو،
وڌندا مزا وڌ وڻندا رهو – نظر بدڪنان پيي بچندا رهو.

پئو نا خوديءَ جي اوهين ماڻ ۾ - هجو هڪ ٻئي جي سدا آڻ ۾،
شُڪر شِير ٿي سڀ ملي پاڻ ۾ - کلندا رهو گڏ گهمندا رهو.

رکو لڄ وطن جي ڪري ايڪتا – رهو پنهنجي پر ۾ پلي پت سدا،
مگر هڪ ٻئي سان اوهين لڳ خدا – قدم قرب وارو کڻندا رهو.

قبيلي برادر بڪايل مٿان، پڙوسي پرانهين ستايل مٿان،
پري پير پرتئون دکايل مٿان، سدا هٿ ديا جو رکندا رهو.

اها باس "**مسرور**" باسي تڏهن – ورهايان منايون ٿيو هڪ جڏهن.
دعاگو کي پنهنجي اوهين پيي ڪڏهن، دعا سان وري ياد ڪندا رهو،

هندو مسلم فسادات کي ڏسندي "**فقير مسرور**" جي ٻہ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هئا، ڇاڪاڻ تہ صوفي منش، انهيءَ خون خرابت ۽ قرلٽ يا ورهاڱي جو قائل نہ هوندو آهي، پنهنجي انهيءَ ڪيفيت کي بيان ڪندي چوي ٿو:

سگهو ڪو گهول مهر جو واءُ،
ڏمر اسان تون ڏاتر لاهي، هادي بخش حياءُ.

هندو مسلم قوم جو جلدي نهي وجي نهراءُ،

ڪڪين قراري ٿين سڀئي، پڪو ڪري پرچاءُ.

ورهاڱي وقت ملڪي حالتن ۽ ماڻهن جي لڏپلاڻ ڪي ڏسندي پنهنجي پيارن دوستن کي دلجاءِ ڏيندي چوي ٿو:

موج لڳي "مسرورا" ويندي، لهندا غم غبار،
ايسر سانوڻ عيد ڪنداسي اها پڙهي اخبار.

**قوم جي هر ماڻهوءَ کي دعا:**

تاقيامت شل سنڌ — روح روان زنده رهي،
جنهن جي سايي قوم جو، نام و نشان زنده رهي.
غير ٻوليءَ جو سنڌ هي ترجمان زنده رهي،
تنهنجو طالب ٻار ٻڍڙو، نوجوان زنده رهي.

التجا "فقير مسرور" جي آهي ڏٽي جي در سدا،
هيءَ اجابت ۾ اچي ٻار خدا منهنجي صدا،
قوم جو محمود خادم، جاودان زنده رهي،
ليڪ منهنجو، مون پڇاڻان هر زمان زنده رهي.

انهيءَ سموري دور جي روئداد سندس مڪتوبات ۾ مرقوم آهي، جن مان نہ رڳو "فقير مسرور" جي سوانح ۽ سيرت جي گوناگون پهلوئن تي روشني پوي ٿي، پر خود انهيءَ دور جي درد ۽ تاريخ جي انهيءَ موڙ تي هڪ انسان دوست، فقير منش درويش جي احساسن جي سڌ بہ پوي ٿي.

منهنجا پيارا سيٺ رگهامل صاحب!

هت ڏٽيءَ ٻاجهاري ۽ ستگر جي ڪرپا سان سڀ سک آهي، سک سلامتي اوان پيارن جي هردم درٻار ڏٽيءَ جي مان گهرندڙ آهيان، صورت احوال هن طرح آهي تہ توان اتي بمبئيءَ ۾ هجو مگر ٻار ٻچا شڪارپور روانا ڪريو تہ هت شيوا ۾ مان در تي وجي رهندس. ادا سائين خلق ڏاڍي دکي آهي ۽ لڏپلاڻ ڪري رهي آهي. مهرباني ڪري هن

هلچل سبب ڪوبہ وهم يا وسوسو نہ رکندا ۽ دل تي اها مونجهہ نہ اچڻ ڏيندا.

ورسي (بيدل سائينءَ جي) تي هندو دوست سؤ تي نوانوي ڪونہ آيا، باقي مسلمان دوست بہ ٿورا هئا، خاص ڪري فقير ۽ سنت بہ گهٽ آيا. اوان صاحبن ڪراچيءَ مان تڪڙو وڃڻ لاءِ ڏاڍو سنو سبب ڏنو آهي، جنهن جو خيال نہ آهي، مگر جيڪڏهن تار ڪيو ها تہ ڪراچيءَ وارو ڏنتو قائم رکڻ لاءِ ويچار ڪري اوان کي بمبئيءَ وڃڻ لاءِ صلاح ڏجي ها. جيئن نام کي وٽيو، هاٽي بہ پري تہ نہ آهيو، آهي تہ ٻيلو بہ ٻرانگهان، ڏٽي ڏار نہ ڪندو، سچ تہ پرديسي پرين ڏانهن خط لکندي اکين ۾ ڳوڙها تري هيٺ ڪري ٿا پون. 12-6-1947ع.

هت شهر جي ماڻهن، مسلمانن ٻيڙين ۽ ماچيس جا دڪان ڏاڍا کوليا آهن، ٻيو کند، لٽو ۽ ان خريد ڪرڻ وارو ڪونہ آهي، پلا ڏوڪڙ ڪير سيڙائي؟ اهي مسلمان تہ پئسا پوري پيا پوريندا، مگر اها اِتي پوري پئي هوندي، پاڻ وچي پر لوڪ ۾ واسو ڪندا."

"اوان جي گهر واري جاءِ تي پنهنجي نالي سان بورڊ لکي ٽين جي ٽڪر تي هٽي چڙيو اٿس. ننگ آهي مالڪ تي، منهنجو ارادو هو تہ جيستائين حويليءَ ۾ ماڻهو وينا آهن، تيسين جاءِ پل بند هجي مگر جڏهن حويلي مان سڀ ويندا تہ پوءِ شايد انين انين ڏينهن وچي ڪلاڪ بہ ڪلاڪ اُتي گذاريندس."

"ڪنهن قاعدي دان سان صلاح ڪندا، جيڪڏهن بخشيش نامو اتي لکرائي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو تہ بهتر ٿيندو ڇو تہ دن بہ دن ملڪ جون حالتون لڏپلاڻ سبب بي فائدو، خراب ٿينديون ٿيون وڃن ۽ پوءِ بہ سک سانت ٿيو تہ بخشش ڦيري ڏئي تي سگهجي."

"ياءُ ڪشن داس[1] جن جو گئولاشا جو ڪم بہ هي مهينو هلندو، ن بعد واندو ٿيندو. سندس روزگار جو رات ڏينهن خيال آهي. جيڪڏهن ڪو ڏنتو ڪيس وٺي ڏيو تہ شاخ اوان جي ڪارخاني جي رهندي ۽ ڪيس

---

[1] ڪاڪوڪشن داس- فقير مسرور جو پيارو دوست هو، سکر ۾ گئو شالا، مياٽي روڊ ي رهندو هو.

پگهار تہ ڪٽي دڪان تي رکجي ۽ پوءِ صلاح پئي تہ مان بہ دڪان تي وڃي ساڻس وهان. البت سمجهان ٿو تہ ليکو وغيره يا ٻيو ٿيون کيس مشڪل ٿيندو. ان ڪري ٻي ماڻهوءَ جي گهٽي ضرورت رهندس. مون کي ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ جو پينشن ونڻ کان پوءِ ارادو نہ آهي مگر ڪيش جي سانگي يا پنهنجي وروڻهن جي لاءِ ساڻس رهڻ ڏکيو نہ ٿو سمجهان." (3- جنوري 1948ع).

"ڪنيالال[2] جي جاءِ جي چوري ٿي وئي هئي، مهرباني ڪري ڪنيالال کي چوندا تہ ٻيو ڪين تہ بہ فقط عام مختيار نامو تہ ڏانهس لکي موڪلي جو اويل سويل ڪنهن سان ڳالهائڻ جهڙو تہ ٿئي، هت شهر ۾ چوريون ۽ باهيون ڏاڍيون ٿيون لڳن." (24-5-1948ع)

"ائين برابر آهي تہ ماڻهو بيوقوف ٿي هتان ڀڳا آهن ۽ جنهن صورت ۾ اُتي بہ سندن لاءِ ڪا همدردي نہ آهي تہ پوءِ ڪين اُتي ويهي رهڻ ڪين ٿو جُڳائي، ڪين هڪدم وطن ڏانهن واپس اچڻ گهرجي."(6-6-1948ع)

"ٻيو تہ جڳهہ جو سٽي سروي نمبر جيڪڏهن موڪلي ڏيو تہ ڏاڍو چڱو ٿيندو، تہ جيئن رستا ڪلڻ تي شڪارپور ويندس تيئن وڃي ٽئڪس ڀري ڇڏيندس. ايسرداس[1] بہ ٻن ٽن ڏينهن کان ابلاڪي تي پيو آهي، کيس هٿ جي آگوني تي ڦرڙي نڪتي هئي، اها ڇٽي اٿس تہ وري ڪڇ ۾ ڦرڙي نڪتي اٿس. آهي تہ ائين، ڏبري ڍور کي مڇر بہ گهٽا، ڏٽي پنهنجو رحم ڪندو." (23- آگسٽ ۽ 16-9-1948ع)

---

[2] ڪنيالال عينشيرام اڇپليا- فقير مسرور جو دوست هو، شڪارپور ۾ رهندو هو.

[1] ايسرداس، شڪارپور جو هو، فقير مسرور جو ڏاڍو پيارو دوست هو، پوءِ وڃي سکر ۾ رهيو، سندس نياڻيءَ جي شادي بمبئيءَ ۾ ٿيل هئي انڪري ڏيءَ وٽ بمبئي بہ ويندو هو. سندس نياڻيءَ جي شادي پاڻ فقير مسرور ڪرائي هئي. 1950ع ۾ ڪانپور ۾ وڃي رهيو. پاڻ ڪلام بہ چوندو هو(جوڳي بابا پرسرام ڪيسواڻي جي، راقم الحروف ڏانهن لکيل هڪ خط 12- فيبروري 1992ع مطابق).

”هاڻي ماڻهو مڙئي ايندا ٿا وڃن چو ته سندن نه اچڻ ڪري انهن جون جايون ۽ زمينون پناهگيرن کي هميشه لاءِ ڏئي ڇڏڻ جو حڪم نڪتو آهي. لعل چند ۽ هري رام جن کي- ته لکي لکي ٿڪو آهيان، انڪري لاچار جئن منهن سر آيو، ٽپڙ ڪٽي ويندس، پوءِ سندن ڀاڳ، رڳو مسخري سمجهي هڪ جو ٻيو جواب ٿا ڏين، انڪري وري به لعل چند کي نياپو ڏيندا ته هڪ ٻن ڏينهن ۾ اڪيلو ئي اچي پڄي.“(22-9-1948 ع)

سرڪار حڪم ڪيو آهي ته هندو پنهنجا فئملي ميمبر وٺي اچن. مان ايسرداس جي ڪڍ سکر به ويو هوس مگر ڪونه هيو، سندس پتو نه آهي ته ٻارن کي وٺي اچڻ لاءِ بمبئي تيار آهي يا نه، مان پانيان ٿو ته مون ڪان سواءِ نه هلندو.“ (17-12-1948 ع)

”شڪارپور اوان جي جاءِ ۾ جيڪو رهندو آهي، ان ڪان سٺي سروي نمبر جاءِ جو ڀڇڻ ويس ته ميونسپل آفيس ۾ وڃي ٽئڪس ادا ڪري اچان، مگر جاءِ واري چيو ته ”سائين مان سڀ، ڊرينيج ٽئڪس Drainage Tax وغيره ڀري ڇڏي آهي. سو اوان دلجاءِ ڪندا.“ (7- فيبروري 1949 ع)

ڀاءُ گاگن داس[1] جو سامان بند ٽيل مون کي، ڪٽائي وڃڻ لاءِ حڪم ڪيائين جيڪو مان هتان لاري وٺي ويس ۽ سندس سامان ڪٽائي اوطاق ۾ امانت رکايو اٿم، چو ته وقت اهڙو هيو جو هٿ ڪس لڳي پئي هئي.“ (5- ڊسمبر — 1949 ع)

”برادرم گورڌن داس جون اکيون ڪاري پاڻي لهڻ سبب خراب ٿي پيون هيون جنهن ڪري جيڪب آباد مان آپريشن ڪرائي آيو آهي، پيارو ايسر داس به ايڏانهن ڪانپور وينو آهي. فقط هڪ سانوڻ مل آهي، سو به بدلي ٿي پني عاقل ويو آهي.“ (13-12-1950 ع).

---

[1] گاگن داس سکر جو وڏو سيٺ هو، فقير مسرور جو شش هو، پراڻي سکر ۾ جيئي شاهه جيلانيءَ جي اوپر ۾ سندس وڏيون وڏيون حاويليون هيون (ميان رحيم بخش

”ٻيو خلاصو احوال هن طرح آهي تہ ڀائي پرسرام ڏانهن سڱابنديءَ لاءِ چڪتاڻ آهي. ڇوڪر، رام چند[1] آهي جو اليڪٽرڪ پاور هائوس شڪارپور ۾ بل اگاڙڻ تي نوڪر آهي. سندس عمر ٽيہ يا ٻٽيهہ ورهيہ ٿيندي، سندس پگهار =/130 رپيا آهي. ماڻهو چڱا دلجاءِ جهڙا آهن، پاور هائوس جو مالڪ ديوان جسونت لعل پڻ خاطري ڏي ٿو. مون کي تہ اها ڳالهہ وڻي آهي.“ (20-3-1950ع)

پنهنجي نياڻين توڙي دوستن جي نياڻين جون شاديون ڪرائڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي دوست گورڌن داس جي نياڻيءَ جي شادي لاءِ خط ۾ لکي ٿو:

”هاڻي ٻہ هڪ تڪليف اوان کي ڏيان ٿو جو ڌرم سمجهي اوان کي وينتي ٿو ڪيان تہ آرتوار ڏينهن اوان ۽ ڀائي ٽيڪمداس گڏجي ملند ڪئمپ ۾ ويندا ۽ هيٺ ڏيڪاريل ائڊريس واري ڇوڪر ۽ سندس ماءُ سان ملندا. حقيقت هن طرح آهي تہ پياري گورڌن داس وٽ نياڻي آهي، اسان جو رايو آهي تہ پمناڻي صاحب جي پٽ سان (جنهن ڇوڪر کي 200 روپيا ڏنا هئاسي) اهو ڪم ٿئي. پمناڻي هت آهي، مان ساڻس ڳالهايو آهي، هو هر طرح ان ڪم ۾ خوش آهي. مگر چوي ٿو. اڄوڪا ڇوڪرا پاڻ زورا آهن، سو بمبئي جا ويس وڳا ڏسي پنيلجي ويو آهي... ان ڪري هيءَ چٺي عرض رکان ٿو تہ پمناڻي صاحب جي پٽ موهن ۽ پمناڻيءَ جي زال شريمتي وينجهار ٻائيءَ سان ملندا ۽ ڪين هيءَ ڳالهہ ٻڌائيندا تہ اڄوڪن رنگ رس وارين آدين جي پڇاڙي نہ آهي ان ڪري اها آڇ قبول ڪيو.“ (29-12-1951ع)

هند لڏي ويل دوستن لاءِ سندس دل اينڊو بيقرار رهندي هئي ۽ انهن سان ملڻ لاءِ تانگهيندي رهندي هئي جو هر خط ۾ ساڻن ملڻ جون دعائون لکندو هو. سندس خط جو هڪ ٽڪر هت پيش ڪجي ٿو جنهن

---

[1] رام چند، صوفي امر لال ڀاٽيہ جو فرزند هو. ڀهريائين روهڙيءَ ۾ رهندا هئا. بعد ۾ شڪارپور ۾ فقير مسرور جي پاڙي ۾ اچي رهيا. صوفي امر لال، سٺڪلاتي، سڪپل جي پرسان دواخانو بہ هلائيندو هو. هن وقت سندس خاندان لڏي وڃي ڪراچيءَ رهيو آهي، نانڪ [illegible]

مان **"فقير مسرور"** جي دوستن سان محبت ۽ پناهگيرن جي اچي سنڌ وسائڻ جي مسئلي تي ناگواريءَ جو احساس ظاهر ٿئي ٿو:

مان روز اچڻ لاءِ سنبري تيار ٿيندو آهيان پر آهي مڙئي ان جل جي اختيار، هڪ وار اچبو تہ سهي، پيارا رگهو مل، اسان بہ هت سنگت جي ساٿ کان سواءِ ائين پيا آهيون جو پناهگير بہ پاڻ ۾ خوش وينا آهن، مگر اسان اداس ٿا گذاريون. پناهگيرن کان وڏيڪ نبل آهيون، سائين ڪو پنهنجو ڪرم ڪري"

**"فقير مسرور"** بنيادي طور ورهاڱي جي حق ۾ هيو ئي ڪونہ ۽ صل ۾ وڏو نقصان بہ سنڌ جي اهڙن محبت وارن صوفي منش سنڌين جو ٿيو، جو انهن جا پيارا پيارا دوست سڄڻ انهن کان جدا ٿي ويا. انهيءَ حساس کي **"فقير مسرور"** هن طرح لکيو آهي:

هندو مسلم چادر هڪڙي، وچئون ڏنل هئي ڪير،
ڪري ورهاڱو ڪير اديڙي، ويري ٿي پيا وير.
هندو هُت هلاڪي هِتڙي مسلمان زهير،
ديس ڇڏي بيوس ٿيا سڀ پرديس ۾ پناهگير.
گياني ڏياني مونجهہ منجهايا، ساڌو سنت فقير،
پوڳڻ آئي پاڳ جي سڀ کان توڙئون جا تقدير.

فيبروري 1951ع ۾ جڏهن **"فقير مسرور"** هندستان دوستن سان ملڻ ويو هو تہ پويان مرحوم پروفسر لطف الله بدوي ڪيس تار ڪري جلد گهرائي ورتو جو هتي سندس پٽن احسان احمد بدوي ۽ غلام احمد بدوي جون شاديون طئي ٿي ويون هين، جنهن لاءِ **"فقير مسرور"** دوستن ڀٽ پندرهن ڏينهن بہ نہ رهي سگهيو جو جلدي واپس سنڌ موٽڻو پيس.[1]

[1] فقير مسرور بمبئيءَ کان پاٽيءَ واري جهاز جي رستي 18 فيبروري 1951ع تي ستين ڳي صبح جو ڪراچيءَ جيءَ بندر تي لٿو هو، ٻئي ڏينهن شڪارپور پهتو جتي احسان حمد ۽ غلام احمد بدويءَ جي شاديءَ ۾ شرڪت ڪيائين ۽ ٽئين ڏينهن روهڙيءَ پهچي قير بيدل بادشاهہ جي ميلي ۾ شريڪ ٿيو هو.(مڪتوب تان ورتل)

"**فقير مسرور**" دوستن، عزيزن، پاڙيوارن توڙي وطني سڄڻن جي محبت سان گڏ پاڻ هر ڪنهن جو هڏ ڏوکي هوندو هو ٻين جي ڏک دور ڪرڻ ۾ وڏي لذت ماڻيندو هو.

"**فقير مسرور**" ۾ خود قربانيءَ جو وڏو جذبو هوندو هو ۽ سندس انهيءَ جذبي تحت دنيا جا وڏا وڏا ڪم ڪيائين خاص طور جڏهن رٽائر ڪيائين ته سندس خير جي ڪمن ۾ چڻ اضافو ٿي ويو. حالانڪ درخواست ڏئي اڳواٽ پينشن ورتائين پر ٻچن ٻارن جي ننڍي هئڻ ۽ وڏي کهول کي سنڀالڻ جي ذميوارين سبب ڪيس وري ملازمتون ڪرڻيون پيون ۽ سندس ايمانداري، شرافت ۽ محنت سان ڪم ڪرڻ سبب هر ڪنهن ٿي چاهيو ته "**فقير مسرور**" انهن جي ڪاروبار/ ملازمت جي ذميداري کڻي پر انهيءَ ايمانداريءَ ۽ شرافت جي سزا به ڪيس ڏاڍي ڀوڳڻي پئي.

شڪارپور جي مشهور زميندار مرحوم غلام حسين واڳهي، ڊسمبر 1948ع تي، پاڻ وٽ جيڪب آباد ۾ ڪيس ملازمت ڏني، جو هن صاحب ميان رحيم بخش ولد خانبهادر الله بخش خان سومري سان گڏجي سارين جي خريداريءَ جو ڪم شروع ڪيو، هو اڳتي هلي سندس شرافت سبب "**فقير مسرور**" ڪان پنهنجي ڀن ڀائرن لاءِ سندس ڏيئڻ جا سڱ به ڇڪايا ۽ هن مولا جي پياري، سڀ لکيي جو ليک ڄاڻي، پنهنجي نياڻين جي سڱابندي سندس ڀائرن سان به ڪئي ۽ ڳچ وقت اوستي محمد ۽ جيڪب آباد ۾ سندس ڪاروبار به سنڀاليائين.

انهيءَ صورتحال کي پنهنجي هڪ مڪتوب ۾ هن طرح لکيو اٿس:

"تاريخ 31 نومبر 1948ع تي شام جو مسٽر غلام حسين واڳهو اچي در تي ويهي رهيو ته ڪنهن به صورت ۾ ڪجهه به ٿي پوي، مگر مون سان ساڻ هل، چيائين ته مون رحيم بخش، خانبهادر الله بخشر

سومري جي پٽ سان سارين جي خريداريءَ جو ڪم شروع ڪيو آهي[1] انڪري منهنجي ڪم ڪار سنڀالڻ لاءِ هل، مون ڪيس گهٽو ئي انڪار ڪيو ته مان اول ته بمبئيءَ کان ٿي اچان پوءِ اوهان جي خدمت ۾ رهندس، مگر اهڙو ته روئڻ جهڙو منهن ڪيائين جو مون کي ته پيارا رگهمل کهل اچي وئي ۽ سندس سخت ستائڻ سبب پهرين ڊسمبر 1948ع کان جيڪب آباد اچي رهيو آهيان، ڏيڻ وٺڻ لاءِ ڪجهه به صفائي ڪيل ڪانه آهي ڇو ته هڪ ته سَنليو ٿيو ٻيو وري سيٺ به ٿيو، ان ڪري ڪانئس ڪجهه وٺڻ جي نه ڪبي، باقي روٽي ته آهي نام جي، سا پئي کائجي ٿي.“[2]

سن 1950ع ۾ مرحوم غلام حسين واگهي وري شڪارپور ۾ برماشيل وارن کان پيٽرول جي ايجنسي ورتي ته وري **”فقير مسرور“** کي اوستي محمد جي شهر مان گهرائي پيٽرول پمپ[3] تي نوڪري ڏني، پر پگهار جي ساٽس ساڳي اها ئي صورت رکي جو شرافت کان نه غلام حسين واگهي کي ڪجهه چيائين پئي، نه ئي وري ڪڏهن ميان رحيم بخش سومري کيس ڪا پائي ڏني. ان سلسلي ۾ ميان رحيم بخش سومري صاحب کي هڪ به پيرو پاڻ به چيائين پر هُن آخر تائين کيس پگهار نه ڏنو. جنهن لاءِ بمبئيءَ ۾ رهندڙ مولچنداڻيءَ[4] کان سفارش به

[1] جناب رحيم بخش سومري صاحب، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ اوستو محمد ۾ ملنگ ايجنٽس جو ڪاروبار شروع ڪيو هو، جنهن جو ٽيليفون نمبر 37 ۽ پوسٽ باڪس نمبر 3 هيو (فقير مسرور جي هڪ مڪتوب تان ورتل).

[2] فقير مسرور جو پنهنجي دوست رگهومل ڏانهن مورخه 17 ڊسمبر 1948ع تي لکيل هڪ خط. نوٽ: فقير مسرور جي ٻنهي ڌيئرن جون، غلام حسين واگهي جي پائرن امير بخش ۽ الهداد واگهي سان شاديون ڇهين اپريل 1950ع تي ٿيون.(فقير مسرور جي مڪتوب تاريخ 11-4-1950ع تان ورتل)

[3] مرحوم غلام حسين واگهي شڪارپور ۾ هاٿوڪي پوسٽ آفيس (لکي در) جي سامهون برماشيل جي پيٽرول پمپ جي ايجنسي ورتي هئي. ان جاءِ تي هاٿي نانڊڙو مارڪيٽ تعمير ڪيو ويو آهي. (مؤلف)

[4] مولچنداڻي صاحب، رحيم بخش صاحب جن جو دوست به هو ته ڪنهن ڪاروبار ۾ پائيوار به هو.

ڪرايائينس، جنهن جو ذڪر رگهومل ڏانهن لکيل هڪ مڪتوب ۾ هن طرح ڪيو اٿس:

"مولچنداڻي مهيم وارو اميد ته اوان سان ملندو هوندو، جيڪڏهن اوان کي ملي ته ڪيس چوندا ته رحيم بخش صاحب، فقير کي پئسا نه ٿو ڏئي، سو اوان کو قرب ڪيو اُتي ئي پئسا ڏئي ڇڏيو، جيڪڏهن ڏي ته ڪانئس توان ونې ڇڏيندا. جيڪڏهن ڪجهه نه ڪري ته خوش هجي."

"**فقير مسرور**" جي خط جي جواب ۾ مولچنداڻي صاحب ڪيس هڪ خط ۽ نشاني طور تصويرون ۽ ٻنڻ ميان رحيم بخش ڏانهن اماڻيا هئا. جنهن جو احوال ڪندي هڪ خط ۾ لکي ٿو:

"ٻنڻ ۽ تصيوران صاحب کي پهچايون ويون، خط پڻ ڏنو ويو مگر چار ڏينهن پنڌ ڪيم ته به پئسا نه ڏنائون، جواب هائو، سياڻي اچج، سياڻي اچج، لاچار پچر ڦٽي ڪيم، جيڪڏهن ديوان جي مرضي هجي ته ڪورٽ ۾ دعويٰ ڪريان، مگر مون کي شرم ٿو اچي جو هيڏو وڏو ماڻهو غريبن سان ائين ناحق ڪري."

ان دلي روئداد کي پاڻ هن غزل ۾ بيان ڪيو اٿس:

هُتان هتڙي اچي هاڻي نڪارو ٿي پيو آهيان،
هچا پئجي مٺئون جڳ جي، هچارو ٿي پيو آهيان.

يگانو هُت هيس يارو، نه ڪاڻانيو ڪنهين جو ڀي.
لڳي هت خلق جي ڪڍ، پر دوبارو ٿي پيو آهيان.

ڇڏي "**مسرور**" شاهي هُت، هِتي هر ميل مجلس ۾.
وسوڙل وائڙن وانگي، اڏارو ٿي پيو آهيان.

## راڳ ۽ سماع:

"**فقيرمسرور**" راڳ جي متعلق لکي ٿو ته (20):

باطن جا جواهر ۽ اسرار دلين ۾ پوشيده آهن ۽ انهن جي ظاهر ڪرڻ جو رستو راڳ کان وڌيڪ ٻيو ڪونه آهي. راڳ (موزون ۽ لذيذ)

اندر جا راز ظاهر ڪري ٿو. جيئن ته دل جو حال هڪ پريل ٿانوَ وانگر آهي، جڏهن ڪيس لوڏبو ته منجهانئس اهو ئي نڪرندو جنهن سان اهو ٿانءُ پريل هوندو، اهڙيءَ طرح راڳ به دلين جي واسطي ڪسوٽي آهي. جنهن سان هر شخص جي دلي جذبات ۽ احساسات کي پرکي سگهجي ٿو“:

اسرار دل جي سارو ڪري راڳ ٿو آگاهه،
آهي راڳ غذا روح جي، اِهو ڪر ويساهه.

شرطن جي موافق جي نه آهي، ته اهو پوءِ،
تحقيق آهي ڏاڍو راڳ سو گناهه.

سماع جي معنيٰ آهي، ”ٻڌڻ“. هي لفظ قرآن مجيد ۾ ڪونه آيو آهي، پر قديم عربيءَ ۾ ”ڳائڻ وڄائڻ“ جي معنيٰ ۾ اچي ٿو(21). حقيقت هيءَ آهي ته سڀ کان زياده اصلاحي معنيٰ ۾ ان جو استعمال صرف تصوف ۾ ٿئي ٿو. موسيقيءَ جي اصطلاح ۾ راڳ جي معنيٰ سرتار ۾ ڳائڻ آهي ۽ اهو ڳائڻ صوفين لاءِ روحاني جوش جنون، وجداني ڪيفيت، محويت ۽ خمار جو ذريعو رهيو آهي:

هر هر مرن هر هر جئن، سؤ رنگ صاحب جا ڏسن،
آلاپ، طلبي، تال ۾، غوطا هڻي غازي غواص.

سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

”سنڌ ۾ اڄ کان چار هزار سال اڳ ئي راڳ ۽ رقص جو فن اوج تي هو، جنهن کانپوءِ ايران، عراق، شام، مصر، اندلس، انگلستان، روس ۽ هندستان جي موسيقي جي باهمي تعلق سان ان ۾ وڏي ترقي ٿي آهي.“

انهيءَ عرصي ۾ جهڙيءَ ريت ايران، هندستان ۽ ٻين ملڪن جا ساز ۽ راڳ سنڌي موسيقيءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن، تيئن سنڌ جا به ڪيترائي راڳ خصوصاً هندستان جي موسيقيءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن، جهڙوڪ:

سهڻي، توڏي (توڙي)، ڪاموڏ، بلاول، مانجهه، سورٺ، ديسي، ڀيروي (سنڌي) سنڌوي، سنڌڙو، ڪنيات، مارُوا ۽ مارُئي(مالوي) وغيره.

سنڌي راڳ جو باني مباني حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمة آهي، سندس روايت ۾ سنڌي گائڪي جي اوائلي ۽ ڪلاسيڪي صورت سمايل آهي جا اڄ تائين ڀٽ شاھ جي راڳائين ۾ زندھ آهي. شاھ سائين جي روايت کان پوءِ سرڪار سچل سرمست عليه رحمة، سنڌي راڳ کي جلالي صورت ڏني، ۽ طبع جي بي نيازي ۽ خيال فڪر جي اڏام ۽ جلالي ڪيفيت سبب ان جي لئي ۾ اضافو ڪيو ۽ راڳ جي ڪلاسيڪي لچڻ (شڪل) مان راڳ جي روپ (ڪمپوزيشن) کي ايجاد ڪيو.

اهي نت نيون ۽ لئي تال جي تيزي سنڌ جي صوفياءِ ڪرام جي روحاني وجداني ڪيفيتن کي اپارڻ جو وڏو بنياد بڻي، حالانڪ اسلام جي فقهي مڪتبن ۾ سماع يا راڳ کي پسند نہ ڪيو ويندو هو پر صوفين پنهنجي خيال جي پرواز ۽ روحاني حال حاصل ڪرڻ خاطر راڳ ڪلام جي روايت کي هٿان نہ ڇڏيو. راڳ جي رمز کي سمجهائيندي "**فقير مسرور**" چوي ٿو:

يڪتار دل جو چائي، ممتا ۽ موھ مٽائي،
ان پر چڱو جُڳائي، ناتو نماز سان.

رک فڪر الله هوهو، پڙھ شڪر الله هوهو،
ڪر ذڪر الله هوهو، پُرجهي پخواز سان.

*

مرغ لاهوتيءَ سندي لٽڪار ۽ للڪار ٻُڌ،
طبع کي جا ٽر ڪري، سا تال واري تار ٻُڌ،

هر گهڙي همدم رهي، هوهو اها هوشيار ٻڌ،
دم دمادم، دم سندا، ڪلياڻ ۽ ڪوهيار ٻُڌ.

شڪارپور جي شهر، موسيقيءَ جو وڏو اوج ڏٺو، جتي شادين مرادين ۾ شهنائي، ڇانيي ۽ لاڏن ڳيچن جي ڌم هئي، ته درگاهن، خانقاهن ۽ ميلن ملاکڙن ۾ لطيف سرڪار جي وائي ۽ دولهه درازيءَ، فقير بيدل، حمل ۽ روحل جي وجداني ڪافين جو پڙاڏو هو ۽ هاڻدن ۾ وري هند سنڌ جي ڳوين جا ترانا، نمريون ۽ ڪلاسيڪي راڳ پيا ٻڌبا هئا. راڳ رسنا جي انهيءَ دور ۾ **"فقيرمسرور"** جو جنم ٿيو.

ننڍيءَ عمر ۾ ئي چڪ جي ويجهو[1]، حضرت هنباھ جي سيد مهدي شاھ، ۽ سيد فيض درياھ جي صوفي فقيرن جو راڳ ٻڌائين[2] ته سندس دل ۾ نينهن کي نروار ڪرڻ جو شوق جاڳيس:

* ننڍي ئي مون کي نينهن نهوڙيو — درد اندر ۾ خيمو کوڙيو.

* جڏان **"مسرور"** نينهن لايم، پلءِ فڪرات دک پايم.

غماندا بار سر آيم.

شڪارپور جي ڳوين، گامڻ خان جي سڄي خاندان توڙي قلندر بخش ربابيءَ وارن جي، ميان رحيم بخش بلويءَ سان تمام گهڻي نيازمندي هوندي هئي ۽ سينتو خان ته هيوئي "فقير مسرور" جو دوست، **"فقير مسرور"** موسيقيءَ جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد کان ورتي هئي جنهن ۾ وڏيڪ سڌارو ۽ نکار استاد سينڌي خان جي صحبت آندو.

خانصاحب گامڻ خان وارا جيئن ته تانپوري ۽ يڪتاري تي ڳائيندا هئا ۽ خود **"فقير مسرور"** به يڪتاري ۽ تانپوري کي سنڌي ۽ شاستري سنگيت جي ضرورت سمجهندو هو انکري پاڻ به يڪتاري تي ڳائيندو هو، جنهن جي لطف ۽ علامت کي، هن طرح بيان ڪري ٿو:

---

[1] چڪ ۾ فقير مسرور جي پڦي پرٽيل هئي ۽ سندس والد ميان رحيم بخش جڏهن خاندان جي سيني پاتين سان چڪ ويندو هو ته حضرت هنباھ جن جي ديدار تي به ويندو هو ۽ فقير مسرور کي به ساڻ وٺي ويندو هو.(مؤلف).

[2] ميان عبدالواحد ابڙي، فقير مسرور جي شاعري(مونوگراف) ۾ لکيو آهي(صفحي 4 تي) ته سندس گذر صوفين جي هڪ سنگ سان ٿيو، انهن جي صحبت خيالن جو مٿس بيحد اثر ٿيو.

دعويٰ درس دنيا جي، ڦٽي ڪر ڪل ڪتابن کي،
ڪٿي يڪتار ڍولڻ لءِ، پيو صبح و مسا رڙجانءِ.

ڪڏي دل مان دوئي هيڪر ڪڍي ڳيڙو وجهي الفي،
ڪٿي پوءِ حال ڏاڍا بدن تي جار مان جڙجانءِ.

"**فقير مسرور**" کي عشق جا اهي سيئي فقيري زيور (حال ڏاڍا ڪننا ڪولابا ۽ ڪشتو) سندس پير مغان کان مليا هئا، جن لاءِ چوي ٿو:

* عجيبن جي طرف کان اڄ نياپا نينهن جا آيا،
جنِهين جي موج سڀ سرنو، جلالي جوش جاڳايا.

* ٻلائي ٻؤ ٻيجي ٻولو، وجهي چاڪن سندو چولو،
مٽائي عام جو اولو، اڱڻ ناچو نچايوسي.

* هُئي سُڌ ڪانه ڪا اڳهين، الاهي عشق جي ڪڏهين،
پتو دل ۾ پيو جڏهين، تڏهن هيءُ رنگ رچايوسي.

* ناچو پيهي نينهن جو آيو، پهري پيشواز بسئنتي،
گيت بسئنتي ڳايئين ويهي، سوز ساز بسئنتي.
آتڻ سيئي عشق اجاريا.

## ادبي ڪارڪن جي حيثيت:

"**فقير مسرور**" پيري مريدي وارو رنگ اختيار ڪري رهڻ وارن مان ڪونه هو. پر صحيح معنيٰ ۾ "**فقير**" هو ۽ پاڻ جيان انساني جامي ۾ نظر ايندڙ "محبوب" جي خدمت جي جذبي ۾ سدائين سرشار رهندو هو. انهيءَ کان علاوه مشاعرن ۾ شرڪت ڪري يا ڪلام پڙهي پاسو وٺي ويهڻ وارن مان هو پر پاڻ انهن مشاعرن، ادبي ڪانفرنس ۽ راڳ جي محفلين کي منعقد ڪرڻ ۽ انهن کي ڪامياب ڪرڻ جي سمورين

ڪوششن ۾ وڏي شوق، گرمجوشيءَ ۽ اورچائپءَ سان مشغول ٿي ويندو هو. سندس اهڙين پيارين خدمتن جي اپٽار ۽ تفصيل خود اديب سنڌ رسالي ۾ ئي تمام گهڻو آيل آهي.

”**فقير مسرور**“ لاڙڪاڻي ۾ ملازمت واري دور ۾ به نهايت پيار ۽ پابوهہ مان پنهنجي دوستن سان علمي ادبي حلقي جي سمورن ڪمن ۾ هٿ ونڊائيندو هو. بزم مشاعره سوسائٽي جو باقاعده ميمبر ٿيو ۽ نہ رڳو مشاعرن جي منعقد ڪرائڻ لاءِ پنهنجو چندو وقت سر جمع ڪرائيندو هو پر سوسائٽيءَ طرفان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي لاءِ رسيد بوڪ ڪٽي ڪيترن ٻين ڪان بہ ساليانو چندو وصول ڪري رسالي جي مالي سهائتا جي ڪوشش بہ ڪندو هو.

پنجين سنڌ مشاعره ڪانفرنس لاڙڪاڻي جي ماهوار جنرل بورڊ جي گڏجاڻي ٿي هئي[1] جنهن ۾ نائين اپريل تي سنڌ مشاعره ڪانفرنس يا بزم مشاعره جو ساليانو جلسو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو، جنهن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ ٽين اپريل تي ميان غلام عباس قادري جي صدارت هيٺ مرحبائي ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ٿي جنهن ۾ ميان غلام عباس قادري، ”**ميان غلام علي مسرور فقير**“، حڪيم محمد چتل، واحد بخش عاشق، فقير عبدالوهاب ناظم سان گڏ پندرنهن ٻيا ميمبر بہ شامل ٿيا هئا. ان گڏجاڻي ۾ فيصلو ڪيو ويو ۽ فقير عبدالوهاب ناظم کي مرحبا ڪاميٽيءَ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو. اسٽيشن ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري حڪيم محمد چتل فدا کي ڪيو ويو هو ۽ رهائشي ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري ”**ميان غلام مسرور فقير**“ مقرر ڪيو ويو.

بزم مشاعره جي انهيءَ ادبي ڪانفرنس ۾ حيدرآباد مان ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ”خليل“، مرزا افضل بيگ، مرزا اجمل بيگ ”فاضل“، محمد بخش ”واصف“، ۽ محمد خان غني، ڪراچيءَ مان خانصاحب قدرت الله خان گويو، سيٺ غلام احمد نظاماڻي، شيخ ڪريم

---

[1] هيءَ گڏجاڻي 27 فيبروري 1944ع تي ٿي هئي. ماهوار اديب سنڌ ڪانفرنس نمبر اپريل مئي 1944ع صفحو 6-33.

بخش، دادو مان حافظ محمد احسن، احمد خان آصف مصراڻي، غلام محمد گرامي، سکر مان غلام حسين جعفري، نوابشاهه مان پرسرام ضيا. شڪارپور مان مولوي دوست محمد، ٺل مان قادر بخش بشير ۽ سلطان ڪوٽ مان آغا گل حسن خان گل جهڙا معزز شاعر آيل هئا، جن جي رهائش ۽ کاڌي جي انتظام ۾ "**فقيرمسرور**" ٿوري ڪسر به نه ڇڏي.

## اديب سنڌ رسالي وابستگي:

مرحوم غلام عباس قادري صاحب جڏهن لاڙڪاڻي مان اديب سنڌ رسالو شايع ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ته "**فقير مسرور**" کي به رسالي ۾ لکڻ لاءِ چيائين. انهي جي ڪري به اديب سنڌ جي هر شماري ۾ سندس ڪلام يا ڪالم ضرور شايع ٿيندو رهندو هو. ان کان علاوه رسالي ۾ شايع ٿيندڙ شاعريءَ کي پرکڻ ۽ اشاعت لاءِ ڪلام جي انتخاب جو ڪم به ڪيس سونپيو ويو ۽ باقاعدي ڪسوٽي ڪاميٽي تي خاص ميمبر ڪري منتخب ڪيو ويو، انهيءَ ڪاميٽيءَ ۾ حڪيم الامت علامه فتح محمد سيوهاڻي، حاجي محمد صديق ميمڻ، ميان محمد بخش واصف، رئيس ضياءُ الدين بلبل ۽ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل جهڙا معروف اديب عالم ۽ شاعر اڳ ۾ ئي شامل هئا، جيڪي پڻ "فقير مسرور" جي فن، فڪر، مشاهدي، تجربي، حسن اخلاق ۽ انڪساريءَ جي سدائين پيا ساراهه ڪندا هئا ۽ اديب سنڌ ۾ شايع ٿيندڙ شاعريءَ جي انتخاب، تبصري ۽ تنقيد جي ٻهاني، ڪانئس شعر ادب جي معنويت ۽ تصوف جي باريڪ نڪتن جون سمجهاڻيون به وٺندا هئا.

مرحوم لطف الله بدوي سندس علمي ڄاڻ متعلق لکي ٿو:

"هڪ دفعي "الوحيد" اخبار ۾ هڪ مضمون سندس نظر مان گذريو، جنهن ۾ مضمون نگار هڪ ڳالهه تي بحث ڪيو هو ته "حضرت مخدوم شهباز قلندر جو شعر جيڪو چيو وڃي ٿو سو سندس تصنيف نه آهي." "**فقير مسرور**" ان جي ترديد ڪندي مون کي "تاريخ فرشته" جو حوالو ڏيندي ٻڌايو ته "حضرت سلطان محمد شهيد وٽ اقامت واري

زماني ۾ اڪثر سماع جي محفل ۾ پنهنجا عربي شعر ٻڌائيندو هو.“ ان
تي استدلال ڪندي چيائين: ”جو شخص عربيءَ ۾ تصنيف ڪري ٿو ان
جي فارسي شاعريءَ ۾ شڪ ۽ گمان آڻڻ ڪيترو نہ حقيقت کان دور
آهي.“ مون عرض ڪيو تہ مضمون نگار ويچاري ”تاريخ فرشتہ“ پڙهي ئي
نہ هوندي. ان تي مشڪيو ۽ هليو ويو. مون گهر اچي جڏهن ”تاريخ
فرشتہ“ کولي ڏٺي تہ سندس ارشاد درست نظر آيو.“

**”فقير مسرور“** جي علم ادب ۽ تاريخ جي انهيءَ ڄاڻ سبب ميان
غلام عباس مرحوم کيس عرض ڪيو تہ اديب سنڌ لاءِ ڪو اهڙو ڪالم
لکو جنهن مان پڙهندڙن ۾ سنڌي ۽ ٻين ٻولين جي شاعريءَ ۾ موضوعن
جي وحدت ڪي سمجهڻ جو شعور پيدا ٿئي.

**”فقير مسرور“** جيئن تہ فارسي، اردو، عربي، هندي ۽ سنسڪرت
تي بہ وڏي دسترس رکندو هو انهيءَ خيال کان پاڻ ”گلدستہ يڪ
رنگ“ ”قندپارس“ ۽ ”جذبات مشرق“ جي عنوانن سان علمي سلسلو
شروع ڪيائين، جنهن ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، حضرت سچل
سرمست، شهنشاهہ بيدل فقير، بيڪس سائين، حضرت مولانا رومي،
حافظ شيرازي، سعدي، جامي، ڪبير، سامي ۽ تسلي داس جي چونڊ
شاعريءَ جي آدار تي تصوف جي سمجهاڻين سان گڏ وحدت ۽ ڪثرت
جي موضوع تي ڪيل شاعريءَ جو تقابلي جائزو پيش ڪيل آهي.

اديب سنڌ جي انهن مستقل ڪالمن مان سندس وسيع مطالعي
جو داد ڏيڻو ٿو پوي. جنهن ذريعي هن انهن ڪالمن جي اوٽ ۾ عشق،
امن ۽ اخلاق جو سبق پئي ڏنو.

**”فقير مسرور“** لاڙڪاڻي جي ادب دوستن، ادبي ڪانفرنسن ۽
اديب سنڌ رسالي سان پنهنجي آخري ايام تائين نينهن جو ناتو برقرار
رکيو ۽ رٽائرمينٽ ڪانپوءِ بہ ساڻن روح رهاڻيون قائم رکيون.

# فقير مسرور جو خاندان

## ميان رحيم بخش بدوي (فقير مسرور جو والد)

ميان رحيم بخش بدوي مرحوم شڪارپور جي معروف علمي شخصيت ٿي گذريو آهي. بغداد جي خواجا جناب حضرت پيران پير غوث الاعظم دستگير قدس سره العزيز جي خليفي، ڏاڏي احمد بدويءَ جي حوالي سان پاڻ احمداڻي سڏائيندو هو، ۽ علمي ادبي يا سماجي حلقن ۾ ماستر صاحب جي لقب سان مشهور هو. پاڻ انگريزن جي فتح کان ڏھ سال پوءِ سن 1852ع ۾ پيدا ٿيو. پنجن سالن جي ڄمار ۾ آخوند قمر الدين ولد فتح محمد قريشيءَ جي مدرسي مان قرآن پاڪ جي تعليمي سان پڙهڻ جي ابتدا ڪيائين، سنڌي ۽ انگريزي پڄائڻ کان پوءِ ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان ٽي سال "تعليم" جي تربيت ورتائين، جنهن ڪانپو شڪارپور جي ورنيڪيولر اسڪول نمبر ون ۾ استاد مقرر ٿيو. ميان رحيم بخش بدوي تعليم کاتي جو نهايت مانائتو ۽ ڪامياب استاد ثابت ٿيو، جنهن ڪري کيس 1896ع ڌاري ترقي ڏئي ساڳئي اسڪول جو هيڊماستر مقرر ڪيو. جنهن ڪانپوءِ سن 1904ع ۾ شڪارپور جي پرائمري اسڪولن جو سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيو، مگر ڪنهن منصوبي تحت کيس ملازمت تان سبڪدوش ڪيو ويو.

انهن ڏينهن ۾ آغا گل حسن خان پٺاڻ مرحوم خيرپور رياست ۾ نائب وزير هو، جيڪو پاڻ بہ شڪارپور جو هو، ان خيال کان ميان رحيم بخش بدويءَ خيرپور وڃي کيس اصل حقيقتن کان آگاهہ ڪيو، جنهن تي آغا صاحب کيس گمبٽ جي سينٽرل اسڪول نمبر پهرين ۾ هيڊماستر مقرر ڪرايو، جتان 1919ع ڌاري رٽائر ڪيائين.

ميان رحيم بخش بدوي جي شادي، ڊسمبر 1877ع ۾ شڪارپور جي هڪ معزز شخص ملان ڇٽي ولد محمد يوسف خان احمداڻيءَ جي نياڻيءَ سان ٿي، جنهن مان کيس چار فرزند، هر هڪ ميان عبدالرئوف

ان حوالي مان ان ڳالھ جو بہ اندازو ٿئي ٿو تہ بيدل سائينءَ کيس عشق ۽ وصل جي ڪا پڪَ بہ پياري هجي تہ شڪ ناهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو سواد سندس فرزند "**فقيرمسرور**" جي سرت جو سنباڻ بہ ثابت ٿيو.

ميان رحيم بخش جي هڪ علمي تصنيف: سنڌي فارسي وياڪرڻ" بہ هٿ آئي آهي، جيڪا 148 صفحن تي مشتمل آهي. ان کان علاوه سندس هڪ پراڻي ڊائري بہ ملي آهي، جنهن ۾ سندس لکيل هڪ مرحبائي نظم بہ موجود آهي، جيڪا گمبٽ جي سينٽرل اسڪول نمبر پهرين جي 17 سيپٽمبر 1917ع تي ملهايل تعليمي ڪانفرنس ۾ پيش ڪئي وئي هئي، جنهن جو مهمان خصوصي آغا غلام نبي خان پٺاڻ عرف آغا صوفي مرحوم هو، جيڪو انهن ڏينهن ۾ خيرپور رياست جي تعليمي ادارن جو سپرنٽينڊنٽ هو. اها مرحبائي نظم هن ريت آهي:

يلي آيا اي صاحبا، شفقت ڪري عالي وقار،
تا ميجون ان لاءِ تورا، ساءِ سين جا بيشمار.

سپريڊنٽ صاحب سنڌي، تشريف ڪون هون خوش تمام.
تا ڳائيون احسان ان جا، بيحد نمي بار بار.

تڪليف وني ميمبر مڙوئي، جلسي ۾ شامل ٿيا اچي،
اهڙي عنايت ڪون اسان آهيون گهڻو شڪر گذار.

پيو نہ سريو ڪجھ اسان ڪون، جئن ناتڪ وڏا وهوا جيها،
ليڪن نٺڙا ڇهڇتا، فارس ڪياسون اختيار.

ناقص عقل آهر پنهنجي، عرض سپ تا رکون اڳيان،
جي ڏسو خامي اي صاحب، تان ڪجو گوشو گذار.

آغا صاحب ڪي ان جي يا خدا لطفون پنهنجي،
خوش رکين شادان سدا، گل گلابيءَ جئن بهار.

اڄ نوازش جي نظر صاحب ان تي آهه كئي،
پڻ هوندي هميشہ اهڙي پلائي برقرار.

عمر خضري ان کي ڏي اي ڏٽي فضلون پنهنجي،
۽ هميشہ شل هجي سايو مٿس تنهنجو غفار.

مختياركار صاحب کي خدا شال رکين شاداب سدا،
ٻانهون ٻڌي هي التجا تو در ڪريون تا وار وار.

ميان رحيم بخش جي ان ڊائريءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهو نظم "**فقيرمسرور**" راڳ پيلو ۾ تيار ڪري شاگردن کان ڳارايو هو.

شڪارپور جي هن علمي شخصيت جي وفات 4 جولاءِ 1931ع مطابق صفر 1350 هجري تي ٿي، سندس مزار نئين مقام ۾ پنهنجي والد مرحوم محمد بچل جي پير ۾ موجود آهي، سندس قبر مٿان "**فقير مسرور**" هڪ ڪتبو لکي لڳرايو هو جيڪو هن ريت آهي:

هاءِ هئي هئي برسر ما آنڪ بُد سايہ هما،
کرد در يک لحظ بس منقطع دست فضا،
يعني چون ابوي رحيم بخش ارجعي از حق شنيد،
الوداع گفتہ روان شد سوئي مالک کبريا
هفتده صفر و شنبہ روز بود علي الصباح،
کرد اين عزم سفر اي وائي قبلہ گاهہ ماخورد من از
درد دل اين طور گفتہ سن وقوع،
ماد ورازوي در الم او با خدا محولقا.

1350 هجري.

## فقير مسرور جو خاندان تي اثر:

"**فقير مسرور**" جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ اهڙي ڪشش هوندي هئي جو هر ڪو مٿس پنورن جيان پيو ڦيرا ڏيندو هو، سندس مرڪڻ، مرکي

ڳالهائڻ، نياز ۽ نوڙت سان پيش اچڻ سبب ڪيترائي سندس شخصيت جي انهيءَ هڳاءَ ۾ پيا ساهه کڻندا هئا. سندس مرڪي ملڻ جي واڪاڻ اڄ تائين بہ هنتين ماڳين هُليل آهي. سندس عشق ۽ علم فضل جي فيض جو اهو عالم هوندو هو جو ڪنهن رنگ نسل يا مذهبي متڀيد بنا، هر ڪنهن کي علم ۽ اخلاق جي آبحيات مان پُر وٺيون پياريندو هو.

فيض جي ان پالوٽ ۾ سندس خاندان جا افراد بہ شامل آهن، جيڪي علم ادب جي کيتر ۾ پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ بہ رکن ٿا. جن ۾ سندس مربي چاچو، حاجي امام بخش خادم مرحوم، سندس سوٽ پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم، سندس ڀائٽيو احسان احمد بدوي مرحوم ۽ هڪ ويجهي عزيز لعل محمد لعل مرحوم جا نالا قابل ذڪر آهن.

## حاجي امام بخش خادم مرحوم:

”ڪليات خادم“ جو مصنف، حاجي امام بخش خادم[1] مرحوم، جڏهن بہ ڪو نئون ڪلام چوندو هو پهريائين **”فقير مسرور“** کي ٻڌائيندو هو. **”فقير مسرور“** جي صوفياڻي رنگ کان ايترو تہ متاثر هوندو هو جو نيٺ پاڻ بہ صوفيءَ جي رنگ ۾ رڱجي ڪلام چوڻ لڳو:

صوفيءَ صاف ڪيو، ڪيني کي ڪوري،
آئون چڏي اوري، ويو پرانهون نڪري.

پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم ڪليات خادم ۾ لکي ٿو تہ ”وفات کان ڪجهہ گهڙيون اڳ ۾ **”فقير مسرور“** کي سڏايائين، **”فقير صاحب“** سندس سڏ تي هڪدم اچي حاضر ٿيو ۽ عيادت ۽ عقيدت وچان سندس سر کڻي پنهنجي هنج ۾ رکيو. مرحوم خادم، سندس انهيءَ قرب کان ڏاڍو متاثر ٿيو جو پيار ۽ پاٻوه جي ان احساس کان سندس اکين ۾

---

[1] فقير غلام علي مسرور جو چاچو

ڳوڙها تري آيا، "**فقير مسرور**" سندس ڳوڙها اگهي سندس هٿن ۾ ڳلن تي چميون ڏنيون، تڏهن مرحوم خادم مرڪي کيس چيو ته:

"ميان مسرور پنهنجي موڪلاڻي اڄها اها اٿئي."

ائين چئي سندس چپن مان في البديهه هڪ شعر نڪتو، جيڪو انهيءَ وقت "**فقيرمسرور**" قلمبند ڪري ورتو."

حاجي امام بخش خادم مرحوم 18 جنوري 1918ع مطابق 16 شعبان 1336هجري تي وفات ڪئي، سندس تربت سندس مربي ياءُ ميان رحيم بخش بدوي جي الهندي پاسي ۾ آهي، جنهن تي "**فقير مسرور**" ڪتبو لڳرايو، جنهن مان سندس تاريخ وفات نڪري ٿي:

چُون امام بخش عمويم، رحلت نمو از اين دنيا،
هر دل محزون مانده، داغ صد درد و بلا،
بهر ديدن حضرتِ حق، رخ بسوئي جنت نهاد،
کرد باهر خويش اقربه الوداع حافظ خدا،
روز سه شنبه ربيع الثاني، هفتمي تاريخ بود،
همنشين شد با اسد، در بزم گاهِ مصطفيٰ.

1336 **هجري**

"**فقير مسرور**" سندس سمورو ڪلام گڏ ڪيو جيڪو پوءِ پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم جي حوالي ڪيو. جنهن کي 1958ع ڌاري سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد پاران شايع ڪرايو.

## پروفيسر لطف الله بدوي:

پروفيسر لطف الله بدوي[1] مرحوم جي ادبي خدمتن جو دامن گهڻو وسيع آهي. سندس ادب ڏانهن رغبت ۽ طبيعت ۾ سوز و گداز کيس "**فقير مسرور**" جي صحبت مان مليو. شروع ۾ پاڻ به يڪتارو ڪٽي "**فقير مسرور**" سان سماع ۾ شامل ٿيندو هو، جنهن ڪري **فقير صاحب** کيس "**جوڳي**" ڪري سڏيندو هو. سندس تصنيفات جو تعداد لڳ ڀڳ

[1] فقير غلام علي مسرور جو سوٽ.

چاليهن جي قريب آهي، جن ۾ پاڻ **"فقير مسرور"** جي علمي ادبي تعاون جو ذڪر ٻه جلي حرفن سان ڪيو اٿس.

## احسان احمد بدوي مرحوم:

احسان احمد بدوي[1] مرحوم جو نالو سنڌي اديب، شاعر ۽ نقاد جي حيثيت ۾ مشهور آهي. سن 1925ع ڌاري شڪارپور ۾ ڄائو، ڄمندي ئي **"فقير مسرور"** پيار مان ڪيس آغوش ۾ ورتو هو. سندس شاديءَ دوران **فقير صاحب** هندستان ويل هو، پر نڪاح واري ڏينهن تي هڪدم اچي روهڙيءَ رسيو هو، احسان احمد مرحوم جي سنڌ مدرسي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ملازمت دوران سندن درميان خط و ڪتابت ٻه پئي هلندي هئي. هڪ "منظوم خط" ڪليات جي هن حصي ۾ شامل ڪيل آهي. احسان احمد چاليهن سالن جي ڄمار ۾ 17 نومبر 1965ع تي هڪ روڊ حادثي ۾ شهادت ماتي، ڪيس **"فقيرمسرور"** جي پير ۾ ئي سپرد خاڪ ڪيو ويو.

## لعل محمد لعل مرحوم:

لعل محمد لعل، سن 1923ع شڪارپور ۾ ڄائو، **"فقير مسرور"** سان قريبي رشتي هئڻ سبب سندس طبيعت ۾ موزونيت ۽ شاعراڻو جوش جولان پيدا ٿيو. **"فقير مسرور"** وٽان ئي علم عروض جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ طالب علميءَ جي زماني ۾ ئي باقاعدي شعر چوڻ لڳو. شاگرديءَ واري زماني ۾ شيخ اياز مرحوم ٻه لعل محمد لعل ۽ احسان احمد سان گڏجي **"فقير مسرور"** وٽ ويندو هو، جنهن جو ذڪر شيخ اياز پنهنجي ڪيترن ئي ڪتابن ۾ ٻه ڪيو آهي. انهيءَ ڪانسواءِ **"فقير مسرور"** جي ڏوهٽن پوٽن ۾ ٻه راڳ سماع ۽ تصوف جو ساڳيو سنڀاهڻ پيل آهي.

## فقير مسرور جا پاٽر:

فقير مسرور کي ٽي پاٽر هئا، ميان عبدالرئوف، ميان شير علي ۽ ٽيون قربان علي.

---

[1] فقير غلام علي مسرور جو پاٽيٽو.

**ميان عبدالرئوف مرحوم** جي ولادت 14 آگسٽ 1885ع مطابق 3 شوال 1302 هجريءَ تي ٿي. سندس والد ميان رحيم بخش بدوي عرف ماستر صاحب کيس اعليٰ تعليم ڏياري. هو سنڌ جي مختلف تعلقن ۾ هيڊ منشي ٿي رهيو، آخر ۾ مختيارڪار ٿيڻ وارو هو ته وفات ڪيائين. سندس پهرين شادي پنهنجي چاچي جي نياٽيءَ سان ٿي، پر کيس اولاد ڪانه ٿي ته ملتان جي ميان امير شاھ جيلاني رحمة الله عليه پنهنجي مرضيءَ سان کيس ٻي شادي ڪرائي. پر وري به کيس اولاد ڪانه ٿي، تڏهن ميان امير شاھ کيس پنهنجو وڏو دلبند ميان شمس الدين شاھ جيلاني کيس پٽ ڪري ڏئي ڇڏيو. جيڪو سندس وفات کان پوءِ واپس ملتان پنهنجي والدين وٽ وڃي رهيو.

**ميان شير علي مرحوم** شڪارپور جي سول ڪورٽ ۾ بيلف هوندو هو. سندس ولادت پهرين جولاءِ 1892ع مطابق 6 ذوالحج 1309 هجريءَ تي ٿي. سندس شادي ننڍي چاچي ميان شاهنواز بدوي مرحوم جي نياٽيءَ سان ٿي. اولاد نه ٿيڻ سبب ميان شير عليءَ کي روهڙيءَ مان ميان فتح علي قلباٽي مرحوم جي نياٽيءَ سان ٻي شادي ڪرائي وئي. پر پاڻ وري به پنجين ڊسمبر 1935ع تي لاولد گذاري ويو. "**فقير مسرور**" سندس تربت تي ڪتبو لکي لڳرايو، جنهن مان به سندس سن وفات جي خبر پوي ٿي:

بتاريخ 8 ماه رمضان، 5 وڳي صبح روز خميس 1354 هجري

باعث آرام دل اي وائي از من شد جدا،
دل حزين از درد فرقت گشت در غم مبتلا
مونسم جان و جگر بازو برادر شير علي،
رفت چون برسر فتادن ڪوه غم رنج و عنا
شهر رمضان پنج شنبه هشتمي تاريخ بود،
ڪرد هجرت از جهان فاني بسو دارالبقا
چون براي سال جستم هاتفي آمد ندا،
شد نشيمن، وي به اب در انجمن صلي اعليٰ

1354 هجري.

**ميان قربان علي** ٽن سالن جو ٻالڪ هو ته لمليٽ سوڊا جي بوتل ڦاٽڻ سبب تاريخ 18 نومبر 1905ع تي سندس انتقال ٿي ويو. پنهنجي ان

معصوم ڀاءُ جي جدائيءَ ۾ **"فقير مسرور"** هڪ ڪتبو لکي سندس تربت تي لڳرايو:

تاريخ وفات 18 رمضان المبارڪ 1223 هجري

واردريغا اين ڪ من جان و جگر قربان علي،
داغ بر دل مانهاده رفت سوئي رب جلي،
چون برائي سال وصل او بہ پرسيلم زخرد،
گفت گل بازار گشت بزم علي احمدَ صلي.
1223 هجري.

## فقير مسرور جي گھرواري:

**"فقير مسرور"** جي گھرواريءَ جو نالو **"مسمات حاڪمزادي"** هو. لڪيدر شڪارپور جي ميان محمد بخش دايي جي دختر هئي. **"فقير مسرور"** جي وصال کانپوءِ اٽڪل چويهہ سال زنده رهي. هن ثابت قدم خاتون، مرد قلندر جي فقيري حال ۾ خاندان جي ننگ ناموس کي سدائين برقرار رکيو، اهنجن تڪليفن جي باوجود محنت مشقت ڪري سڄي اولاد جي نہ صرف پرورش سني ڪيائين پر شايد ڪنهن لدني خزاني جي مالڪ هئي جو پنهنجي پٽن کي اعليٰ تعليم ڏياري نہ رڳو ڪين بر سر روزگار بڻايائين پر سيني جون شاديون بہ وڏي خير خوبيءَ سان ڪرايائين. جيستائين جيئري هئي **"فقير مسرور"** جي ويڙهي کي آباد رکڻ جي ڪوشش ڪندي سيني کي هڪ مرڪز تي ڳنڍي رکيائين.

آخر ايام ۾ کيس ڪينسر جو موذي مرض اچي لڳو، جنهن مان جانبر نہ ٿي سگھي ۽ چويهين سيپٽمبر 1979ع تي رحلت ڪيائين. هن وقت بہ **"فقيرمسرور"** جي مٿن کان پاڳواري جاءِ تي ابدي آرامي آهي.

## فقير مسرور جو اولاد:

**"فقير مسرور"** جنهن طريقي سان پنهنجي اولاد جا نالا رکيا، اهو سندس مسلڪ ۽ عقيدت جو انوکو مثال آهي. پهريائين رحيم بخش، پوءِ احمد بخش، بعد ۾ لعل بخش، وري ميران بخش، آخر ۾ بيدل بخش، جن

مان وحدتي ۾ الستي ويڙهو جڙي پوي ٿو، جنهن لاءِ پاڻ دعائون ٻه گهرندو هو:

مجازيءَ جي جُهلي جهولي ڪنان، امن و امان ڏيئي،
سدا **مسرور** جو ويڙهو رکو آباد اي **بيدل**

"**فقير مسرور**" کي پهريائين پٽ جو اولاد ٿيو. جنهن جو نالو غلام دستگير رکيائين پر اهو معصوميت واري دور ۾ ئي گذاري ويو. جنهن بعد ڪيس لڳاتار ٽي نياٽيون ڄايون، جن کي ٻه پاڻ پٽ ئي ڪري سڏيندو هو، جن جون شاديون پنهنجي جيئري ئي ڪري ڇڏيون هئائين.

"**فقير مسرور**" کي ٻيو پٽ، سندس والد ماجد ميان رحيم بخش بدوي جي وفات جي ڇئن سالن ڪانپوءِ ڄائو ته ان جو نالو ٻه رحيم بخش رکيو ويو.

**ميان رحيم بخش بدوي ثاني،** 16 جنوري 1935ع تي ڄائو، گهر ۾ پهريون نرينه اولاد هئڻ سبب سيني جو لاڏلو هوندو هو، سندس تعليم ۽ تربيت لاءِ "**فقير مسرور**" ته ڪسر ڪانه ڇڏي هئي پر هو جڏهن انگريزيءَ جي ڇهين ڪلاس ۾ پهتو ته سندس استاد عطا حسين شاهه موسوي مرحوم مٿس زور ڀريو ته پنهنجي اولاد ڪان روهڙيءَ واري درويش بيدل فقير جو ڪلام ونيي ڏي. ان ڪلام جي ڏي وٺ دوران ٻنهي ڌرين ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي پئي جنهن ڪري "**فقير مسرور**" جي هن فرزند کي ساليانِي امتحان ۾ ويهڻ ٻه نه ڏنو ويو ۽ ائين سندس تعليم جو سلسلو ٻه منقطع ٿي ويو.

ميان رحيم بخش ثاني، پنهنجي والد جي لاڏاٽي ڪانپوءِ گهر جون سموريون ذميداريون سنڀاليون، 16 جولاءِ 1955ع تي روڊ ٽرانسپورٽ سکر جي بسن تي ڪنڊيڪٽر جي نوڪري ڪيائين ۽ سٺ سال نوڪري کي سنڌ ٽرانسپورٽ مان آفيس سپرنٽينڊنٽ جي پوسٽ تي رٽائر ڪيائين.[1]

---

[1] بيماريءَ سبب 2 آگسٽ 2008ع تي سندس انتقال ٿي ويو آهي.

## ميان احمد بخش بدوي منل مسرور:

منل سائينءَ جو پهريون نالو بشير احمد رکيو ويو هو پر اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ وقت سندس نالو بدلائي احمد بخش رکيو ويو. "**فقير مسرور**" جو وڏو راضپو هوندو هو ۽ پيار مان کيس "منل" ڪري سڏيندو هو. سندس ولادت 1 جولاءِ 1939ع . والد جي وصال ڪري وڃڻ سبب پاڻ بہ ميٽرڪ ڪري سن 1958ع تعليم کاتي ۾ ملازم ٿيو. پاڻ نهايت ايماندار، فرض شناس، همدرد ۽ مشفق استاد ٿي رهيو ۽ آخر ۾ هيڊماستر جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيو اٿائين. ملازمت دوران اديب عالم فاضل جا امتحان ڏنائين ۽ سموري سنڌ ۾ پوزيشن حاصل ڪئي اٿائين. اديب فاضل جي ڪاميابيءَ تي کيس 1983ع ۾ ميڊل ۽ علمي ثقافتي خدمتن جي اعتراف ۾ 2000ع ۾ بيدل ايوارڊ ڏنو ويو آهي.

هوش سنڀاليندي ئي جڏهن کيس خبر پئي تہ سندس والد "**فقير مسرور**" جو ڪليات ۽ ٻيون سموريون تصنيفون لطف الله بدوي مرحوم وٽ پيل آهن تہ پنهنجي خانداني ۽ علمي ذميداري سمجهي اهي تصنيفون ڪانئس واپس ورتائين. جيڪي پوءِ اشاعتي سلسلي سبب راقم الحروف جي حوالي ڪيون اٿائين. ان سلسلي ۾ بيدل سائينءَ جي تصنيف "**فوائد المعنوي**" (سن 2001ع) ۽ حضرت پيران پير جناب غوث الاعظم دستگير عليه رحمة جي قولن تي مشتمل ڪتابڙو بعنوان : "**رسالہ غوثيہ**" (سن 2003ع) پاڻ پنهنجي هڙان خرچ ڪري شايع ڪرايا اٿس. ان کان علاوه پاڻ سرڪار سچل سرمست عليه رحمة جي مختصر ڪلام "**سچل سارو سچ**" ۽ 2006ع ۾ "ڪلام فقير محمد محسن بيڪس" جي ڪلام کي مرتب ڪيو آهي.

پنهنجي والد جيان نياز نوڙت وارو، فقرائي طبع جو شخص آهي، راڳ ويراڳ جي محفلين جو مور آهي ۽ سنڌ جي ڪيترين ئي درگاهن تي جونڪيون ڏيندو آهي. هر سال "**فقير مسرور**" جي ورسي وڏي هيج مان ملهائيندو آهي. سائين منل پاڻ بہ ڪهنہ مشق شاعر آهي. سندس

شاعري گهڻو ڪري رسالن ۾ به شايع ٿيندي رهندي آهي. **"فقير مسرور"** جي عقيدت ۾ به ڪلام چيو اٿس، جيڪو خاص ڪري ورسيءَ واري ڏينهن چادر چاڙهڻ لاءِ سرگس ڪري فقيرن جي ٽولي سان گڏجي ڳائيندو آهي ته شڪارپور جون ڳليون به ڳائڻ لڳنديون آهن:

مرد ڏٺو مسرور شڪارپور جي شهر ۾،
شڪارپور جي شهر ۾ شڪارپور جي شهر ۾.

رمز رندي روح پرور — عشق جو انوار آ،
شڪارپور جي شهر ۾ مسرور مٺيادار آ.
هي مثل مسڪين تنهنجي درگدا صاحب سدا،
قرب سان ڪر ڪول پنهنجي توڙئون طلب تڪ تار آ.

## ميان لعل بخش:

ميان لعل بخش مرحوم، **"فقير مسرور"** جي مربي پاءُ ميان عبدالرئوف جي رحلت ڪانپوءِ 3 جولاءِ 1941ع تي پيدا ٿيو، جنهن ڪري مٿس پهريائين نالو به عبدالرئوف رکيو ويو هو پر پوءِ مٿس لعل بخش نالو مقرر ڪيو ويو. لعل بخش نهايت خوبرو هوندو هو، جنهن ڪري **"فقير مسرور"** کيس پيارو ڪري سڏيندو هو. سندس آواز ۾ پنهنجي والد وانگر ڏاڍو ميناج هوندو هو. بي اي تائين تعليم حاصل ڪئي هئائين. مختلف ملازمتون ڪيائين، نوجوانيءَ ۾ کيس ڪا مهلڪ بيماري لڳي وئي، گهڻو ئي علاج ڪرايائين پر انهيءَ عارضي ۾ نوجوانيءَ ۾ ئي 17 ڊسمبر 1981ع تي، پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو.

## ميان ميران بخش بدوي:

ميان ميران بخش 21 جون 1944ع تي پيدا ٿيو. سندس لاڙو ننڍپڻ کان ئي علم ادب ۽ موسيقيءَ ڏانهن رهيو آهي، پاڻ تمام سٺو ڳائيندو به آهي، ڪافي ڪلام يا غزل ڳائڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي، اعليٰ تعليم

حاصل ڪئي اٿس. سنڌ توڙي بلوچستان ۾ مختلف سرڪاري ادارن ۾ ملازمتون بہ ڪيون اٿس. هن وقت اسلام آباد ۾ پنهنجي اهل و عيال سان رٽائرمينٽ واري سُکي زندگي گذاري رهيو آهي.

## بيدل بخش بدوي:

راقم الحروف، جيڪو بيدل مسرور بدويءَ جي نالي سان وڌيڪ مشهور آهي، راقم الحروف جي پيدائش 11 جولاءِ 1947ع تي ٿي. ورثي ۾ مليل علم ادب ۽ موسيقي ئي خاص شهرت جو باعث بڻي آهي. تعليم سنڌي ادب ۾ ايم اي. 1974ع کان پاڪستان ٽيليويزن ڪارپوريشن ۾ پروڊيوسر جي حيثيت ۾ ملازم بہ شاديون جن مان پنج پٽ ۽ ٻہ نياڻيون آهن.

راقم الحروف عام طور تي قومي انقلابي راڳي، ڪهاڻيڪار، ڪالم نگار، ناول نگار ۽ موسيقار جي حيثيت ۾ سڃاتو ويندو آهي. ڳائڻ ۽ ٽي.وي پروگرامن تي ڪيترائي انعام ۽ گولڊ ميڊل حاصل ڪري چڪو آهي. سنڌي ادب محل شڪارپور 1972ع، وائسز ميوزڪ گروپ 1986ع ۾ مسرور پبليڪيشن 1999ع جو بنياد وڌو اٿائين ۽ اجان سوڌو تصنيف ۽ تاليف جي ڪم مصروف رهي ٿو.

راقم الحروف کان پوءِ "**فقير مسرور**" کي هڪ نياڻي بہ آهي جيڪا ميان عبدالغفار صديقيءَ جي گهرواري آهي ۽ پنهنجي گهر ٻار واري آهي.

# فقير مسرور جي ڪلام جو اڀياس

جيئن ته ڪليات مسرور جي پهرين حصي ۾ **"فقير مسرور"** جي سوانح نهايت تفصيل سان ڏنل آهي، انڪري هن حصي ۾ سوانح جي رهيل پهلوئن ۽ ڪلام تي روشني وڌي وئي آهي. هاڻي اچو ته **"فقير مسرور"** جي ڪلام جو تفصيلي جائزو وٺون.

**"فقير مسرور"** جو ڪلام ٻوليءَ ۽ شاعريءَ جي حسن، خيال جي پرواز، صوفياڻين نڪتن، مجاز، حقيقت ۽ اڪيچار سماجي موضوعن جو ڀنڊار آهي جنهن تي بهرحال تصوف جو رنگ وڌيڪ حاوي آهي. سموري ڪلام ڪي جدا جدا صورت ۾ ڏسبو ته ان ۾ الله پاڪ جي وڏائي، عشق رسول، ديني سمجهاڻيون، مرشد راهه هدايت ۽ ٻين پيرن فقيرن جون ساراهون، دنيا جي ثباتي ناصحاڻا ۽ اخلاقي مضمون، انساني دک درد، سماجي اوڻائين جي نشاندهي ۽ حب الوطني جا جذبا وغيره نظر اچن ٿا.

## صوفياڻي شاعريءَ جو پس منظر:

سنڌي علم جي ابتدا ٻه لوڪ گيتن، مذهبي يا ڌرمي شبدن ۽ ڪٿائن سان گڏ ويدڪ علم، علم رياضي، فلسفي، جوتش ۽ حڪمت جي موضوعن سان ٿي آهي، جيڪي پهرين سنسڪرت ۾ پوءِ پالي، اپڀرنش ۽ ورچڊا ۾ هوندا هئا. اسلام جي اچڻ ڪانپوءِ سنڌ ۾ قرآن پاڪ سان گڏ حڪمت، تفسير، حديث ۽ علم فقهه جي تعليم پکڙي ۽ سنڌي ادب عربي ادب سان روشناس ٿيو. جنهن ڪان پوءِ پندرهين صدي عيسويءَ ۾ فارسي زبان جو ابتدائي اوج شروع ٿيو جنهن جي ڪري تصوف ٻه علم ادب ۽ زبان جو حصو بڻيو.

ڪتاب "مهراڻ جا ماڻڪ" جي مهاڳ ۾ آيل آهي ته:

"درحقيقت انهيءَ سلسلي ۾ حضرت غوث الحق مخدوم نوح هالائي رحمة الله عليه ئي پهريون بزرگ آهي جنهن پنهنجي ڪلام ۾ تصوف سان گڏ قوميت جي رنگ کي پڻ برقرار رکيو آهي. ارغونن جي

دور ۾ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري بہ پنهنجي صوفياڻي ڪلام ۾ ساڳيو قاضي قاضن ۽ مخدوم نوح هالائيءَ وارو رنگ اختيار ڪيو. ارغونن ڪانپوءِ ڪلهوڙن جي دور ۾ بہ اسان جي صوفي شاعرن تصوف کي خالي مذهب تائين محدود نہ رکيو بلڪ ان ۾ قوميت، سياست ملڪي ماحول مطابق نوان نوان خيال پيدا ڪيا ۽ ملڪ جي جاگرافيائي ۽ موسمي حالتن کي نظر ۾ رکي جدا جدا اسلوب ايجاد ڪيا."(22)

سنڌ جي اڄوڪي ادب جو بنياد اصل ۾ سترهين عيسويءَ ۾ پيو، ان سلسلي ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه ۽ ان ڪانپوءِ حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه اهي شاعر آهن. جن سنڌي شاعريءَ ۾ نہ رڳو قومي غيرت، احساس يا حب الوطنيءَ جو جذبو شامل ڪيو، پر سرفروشي ۽ تصوف جي سلوڪ جي سمورين منزلن کي زميني واقعن، ڪردارن علامتن ذريعي پيش ڪيو آهي. ايستائين جو انهن جي ڪلام ۾ رنديءَ جا رنگ، دمزني ۽ منصوري نعري جو اظهار بہ ملي ٿو.

## رنديءَ جا رنگ:

"**فقير مسرور**" پنهنجي پير مغان جيان بزرگيءَ کان پري رهيو ۽ تصوف جي حوالي سان رنديءَ جي رنگ ۾ مخمور رهيو:

قدر گل جو باغ ۾، بازار ۾ کهڙو پلا،
ان جيان توکي جڳائي، رهت رنديءَ ۾ رهڻ.

صوفين گهڻو ڪري تصوف جون ڪيتريون رمزون مئي، مئخاني ۽ ساقيءَ جي اصطلاحن ذريعي بہ بيان ڪيون آهن، صوفين جو چوڻ آهي تہ عشق ئي ساقي بڻجي رمز رنديءَ جي راهه وٺائي ٿو ۽ وحدت واري ويڙهي رسائي ٿو، ساڻن ڳجهڙيون ڳالهيون سلي، محبت ۾ مخمور ڪري ڇڏي ٿو. ان حوالي سان "**فقير مسرور**" جي شاعريءَ جو هڪڙو پهلو اهو بہ آهي جنهن ۾ هن انهن اصطلاحن ذريعي ڪلام چيو آهي مثال طور:

ساقي پيار سگهڙو، ساغر شراب جو،
پيئندي وڃي پري ٿي پردو حجاب جو.
هڪ جام جي مٿان ڏي جلدي ٻيو ڀري،
ڪجهہ خوف ڪين ڪر تون روزِ حساب جو.

نشے میں جو زاہد ہم دیکتا ہوں،
قسم کبریا شہہ ام دیکتا ہوں۔

اصل ۾ عشق الاهي آهي ئي نور، جنهن جي جمال کي پسي عاشق سر اڏيءَ ڏريندا آهن، ۽ انهيءَ خمار سبب وڏي واڪي چوندا آهن:

اي دل شراب پي هرگز حرام ناهي،
خاصن کي سُتِ سڄي آ هيءَ ڳالھ عام ناهي.

هڪڙي شعر ۾ فرمايو اٿس:

سڀ ڪنهن نشي ڪرڻ جي بلڪل آهي منع،
سو پي ٿهي پيو تو روشن ضمير کي.

حضرت انس بن مالڪ جو فرمان آهي تہ:

"عالمن جو ڪم درايت، يعني سوچ ويچار ڪرڻ آهي ۽ جاهلن جو ڪم آهي روايت، يعني ڪا ڳالھ نقل ڪرڻ، انهيءَ ڪري عالمن ۽ جاهلن کي ڌار ڪيو ويو آهي."(23)

حضرت علي بن عثمان هجويري رحمة الله عليه جو فرمان آهي تہ: "علم ٻن قسمن جو هوندو آهي، هڪڙو الله تعاليٰ جو، ٻيو مخلوق جو. مخلوق جو علم بہ الله پاڪ جي علم مان حاصل ٿيندو آهي پر الله پاڪ جو علم سندس صفتن ۾ آهي، جن جو ڪو انت نہ آهي. انسان کي خدائي معرفت ۾ داخل هئڻ گهرجي ۽ ٻانهي کي وقت جو علم بہ ڄاڻڻ گهرجي، اهڙي علم جا ظاهري ۽ باطن ٻن قسمن جا ٿيندا آهن، هڪڙا اصولي ٻيا فروعي. اصولي علم جو ظاهر شهادت جو ڪلمو آهي ۽ باطن، معرفت جي چنڊڇاڻ آهي. فروعي علم جو ظاهر، ماڻهن سان سهٽي نموني جو برتاءُ ڪرڻ ۽ باطن، نيت جو نيڪ رکڻ آهي ۽ ظاهر ۽ باطن ۾ هڪجهڙائي نہ هجڻ منافقي آهي"(24) ۽ جيڪي دوئي ۽ منافقيءَ جا بت ڊاهيندا آهن، انهن کي ئي خدائي وصال نصيب ٿيندو آهي:

اسان رمز عجب جو راز رکي، ڏاهن ڏني سي ڏور ڏکي،
تن خارج نفس جي خيال لڳي، طبع تہ مفت تپائي وي.

اسان حق جي ڳالھ الائي وي، ڪنهن هيانءَ سان ڪين هندائي وي،
آهي جوٺ اها يا جائي وي، رهي حسرت هاءِ اهائي وي.

اصل ۾ سالڪن جي ڳالهه تي طبع تپائڻ کان اڳ ۾ انهن جي عاجزيءَ يا دمزنيءَ جي معنوي مذڪور تي سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته عاشقن يا سالڪن جو سينو محمدي ملت سان ئي مخمور ۽ پرپور هوندو آهي، جيئن **"فقيرمسرور"** فرمايو آهي:

صوفين جو سينو مائل محمدي ملت سان،
رهن روز شب شاغل مولا جي محبت سان
هي جسم باشريعت، معمور معرفت سان
هٿ ۾ حديث مصحف، سٺون پڙهن صنعت سان،
آواز سٽي الستي، واصل ٿيا وحدت سان،
هي حال حقيقت جو تورين طريقت سان،
**مسرور** من ريتو سامين سندي سنگت سان،
پر عيش عشق وارو ملي درد ۽ دقت سان.

حضرت علي بن عثمان هجويري رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته:
"صوفي پنهنجي اخلاق ۾ ميل ميلاپ کي پاڪ صاف رکندا آهن ۽ قلبي مصيبتن کان آزاد هوندا آهن، تنهن ڪري صوفي سڏبا آهن.(25)

بلا ڏک درد بيماري، مصيبت سوز ۽ ساڙو،
قضا جي آپدا آيل، عجيبن جي عطا ڄاڻن.

حضرت جنيد بغدادي عليه رحمة جو فرمان آهي ته "صوفي اهو آهي جنهن جي سامهون فقہ ۽ تفسير هوندو آهي، سندس هڪ هٿ ۾ قرآن ڪريم ته ٻئي هٿ ۾ حديث هوندي آهي، يعني صوفي قرآن پاڪ ۽ حديث کان ٻاهر ڪابه ڳالهه نه ڪندا آهن. **"فقير مسرور"** به اهو سالڪ فقير هو جنهن جي ڪلام ۾ ڪلام پاڪ جا احڪام ۽ حديث شريف جا اشارا، احوال ۽ اسرار سمايل آهن:

* فثم وجهُ الله صاف ڪنن ۾ اچي آواز بسئنتي.
* قبائي قرب جي هيئان لڪل ان لام ۾ آهيون.

* نحن اقرب ويجهڙو طرف نہ ٻئي واجهاءِ،
وفي انفسكم افلا تبصرون دل ۾ ليئو پاءِ،
جيفت دنيا سان، لالڻ دل نہ لڳاءِ.

حضرت علي بن عثمان هجويري رحمة عليه فرمائي ٿو ته: ”هڪڙي جماعت وارا دنيا جي عزت ۽ نت ٺانگر جي ڪري علم حاصل ڪندا آهن، ڪين حقيقي علم سان ڪوبہ لڳاءُ نہ هوندو آهي. اهڙن ماڻهن کي نہ علم جو قدر هوندو آهي نہ ئي اهي ڪنهن حقيقي عمل کان وقف هوندا آهن.“

عشق ۽ عقل ۾ اهوئي بنيادي فرق هوندو آهي جو عشق الله پاڪ سان واصل ڪري ٿو ۽ عقل دنيا جي معاملن ۾ حق سچ کان غافل ڪري ٿو. ”**فقير مسرور**“ سنڌ جو اهو پيارو سالڪ هو جنهن محبوب جي رنگن رعنائين، حسن و جمال ۽ ڪرشمہ سازيءَ جي موج مستيءَ ۾ مست مگن مسرور ۽ مخمور رهيو ۽ سدائين عشق جي جاڳڻ ڳائيندو رهيو:

تنهنجا عشق وينجي تي ڳڻ ڳايان، لڪين پال پلايون مان پانئيان،
آئي تنهنجي عيد اڳڻ ٿي، خوشيون خير ملهائيان،
ڏيهہ مبارڪ ڏيو واڌايون، سر ڪند سينڌ چڻائيان.

# فقير مسرور جي غزل جو اڀياس

## سنڌي غزل جو پسمنظر:

غزل اصل ۾ فارسي ٻوليءَ جي معرفت سنڌي شاعريءَ ۾ متعارف ٿيو آهي، پر سنڌي شاعرن پنهنجي خيال ۽ جذبات جي سرسبز زمين تي وڏي لاڏ ڪوڏ سان پنهنجي ظاهري توڙي باطني حسن ۽ تخيل سان ان جي ايتري تہ آبياري ڪئي آهي، جو اڄ سنڌي زبان جو غزل پنهنجي جداگانہ انفراديت قائم ڪري چڪو آهي.

سنڌيءَ ۾ غزل جو اهڃاڻ اسان کي پهريون حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه جي ڪلام ۾ ملي ٿو. ائين چوڻ ۾ ٿورو بہ مبالغو نہ ٿيندو تہ غزل جي صنف کي سنڌي شاعريءَ ۾ روشناس ٿي حضرت سچل سرمست رحمة الله عليه ڪرايو، جنهن کان پوءِ غزل جي دائري کي وسيع ڪرڻ ۾ خليفي گل(1808ع- 1855ع) جون خدمتون ساراهڻ جوڳيون آهن. خليفي گل، غزل جي فني پابندين ۽ موضوع جا سهڻا نمونا پيش ڪيا آهن، جنهن جو اعتراف خود **"فقير مسرور"** بہ پنهنجي هڪ غزل ۾ ڪيو آهي:

عشق ۾ **"مسرور"** تنهنجو نانءُ هرجا ويو هُلي،
گرچہ ٿي مشهور دنيا ۾ ويو **"ديوان گل"**.

خليفي گل جي غزل جي روايتن کي آخوند قاسم (1806ع – 1881ع) ۽ فاضل شاهہ فاضل (1836 – 1900ع) مضبوط ڪيو.

سنڌي غزل جي افق تي نئين روشنيءَ جو بنياد وجهندڙ مير عبدالحسين سانگي (1852ھ 1924ع) آهي، جنهن توڪل، قناعت ۽ بي نيازيءَ جي موضوعن کي نهايت صداقت وچان پيش ڪيو آهي. سانگيءَ جو وڏو ۽ يادگار ڪارنامو اهو آهي تہ پاڻ سنڌيءَ جي لڳ ڀڳ سمورن رديفن تي ٽي عدد ديوان لکيا آهن. سانگيءَ واري دور ۾ غزل جا ٻيا بہ تمام ناميارا شاعر ٿي گذريا آهن، جن مان شمس العلماءَ ميرزا قليچ بيگ،

حافظ حامد ۽ استاد الشعرا سيد غلام محمد شاهه گدا (1826 — 1905ع). اهي سنڌي غزل جا اُهي سر موڙ شاعر ٿي گذريا آهن، جن غزل ۾ عالماڻو رنگ، محاورن، تجنيس ۽ رواني، سان گڏ دنيا جي بي ثباتي، جا نقش چٽيا آهن.

انهي، دور ۾ ئي باقاعدي مشاعرن جو بنياد پيو، جنهن مان مولانا عبدالغفور همايوني رحمة عليه (1844ع — 1913ع) مير علي نواز علوي شڪارپور (1851- 1920ع) حاجي امام بخش خادم (1858ع- 1918ع) ۽ محمد هاشم مخلص (1860ع- 1925ع) جهڙا ناميارا شاعر علم ادب جي زينت بڻيا.

## موضوع:

**"فقير مسرور"** جو سمورو ڪلام، سنڌ جي پيشوا صوفي شاعرن جيان، تصوف جي رنگ ۾ ئي رڱيل آهي، جيئن ته سنڌي شاعري، ۾ اوائل کان ئي اخلاق ۽ تصوف جو موضوع هلندو ٿو اچي، ان سلسلي ۾ صوفي شاعرن گهڻو ڪري قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جي حوالن کي ئي نظر ۾ رکي، شاعري، ذريعي، پاڻ جهڙي حضرت انسان کي انساني، سماجي ۽ اخلاقي نصيحتون ڪيون آهن.

خليفي گل، فاضل شاهه فاضل ۽ قاسم به تصوف جا نڪتا پنهنجي رنگ ۾ ۽ نهايت عمدي انداز ۾ بيان ڪيا آهن. انهن کان پوءِ **"فقير مسرور"** ئي اهو شاعر رهيو آهي، جنهن جي سنڌي غزل ۾ عشق جي واردات، ان جي رمزن ۽ آزمودن ۾ معنوي رنگ موجود آهي.

حالانڪ حاجي محمود خادم لاڙڪاڻوي، علامه هدايت علي تارڪ نجفي، ميان علي محمد قادري، جوش، ليکراج عزيز، ڪشنچند بيوس ۽ پرسرام ضيا جهڙا غزل چوندڙ شاعر سندس همعصر ۽ دوست هئا، پر **"فقير مسرور"** جي لهجي ۾ سنڌ جي سرتاج شاعرن جو اولڙو وڌيڪ ملي ٿو.

**"فقير مسرور"** جي غزل جا موضوع به سندس ڪافين توڙي شاعري، جي ٻين صنفن جيان تصوف، عشق، وطني محبت ۽ اخلاق تي ٻڌل آهن، پر ان چوڻ ۾ ٿورو به وڌاءُ نه ٿيندو ته ان دور جي سموري

شاعريءَ کان "**فقير مسرور**" جو ڪلام بلڪل بہ منفرد آهي. هت سندس غزل جي حوالي سان ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

## عشق:

سنڌي غزل ۾ عشق جي واردات، ان جي رمزن ۽ آزمودن کي معنوي رنگ ۾ پيش ڪرڻ جو منفرد انداز اجهو "**فقير مسرور**" وٽ هن طرح آهي:

هت سکان مَئي جي سپيءَ لئہ،
هت تہ نوشان نوش هوس.

ڪم اچي ڪو جو پيو، تان سير جو سانگو ٿيو،
زور ڪنهن ظاهر ڪيو، ورنہ اڳي روپوش هوس.

"غزل جي ارتقا تصوف سان ئي شروع ٿئي ٿي خود فارسي زبان ۾ حسن شباب جي موضوعن ۾ جڏهن قلبي واردات ۽ احساس شامل ٿيو تہ غزل جو ميدان بہ وسيع ٿي ويو. جنهن ۾ تصوف جا اصطلاح جهڙوڪ: مئي، ساغر، پير مغان، عشق، وحدت، صنم، محراب، منبر ۽ ڪعبو وغيره شامل ٿيا تہ گڏوگڏ ان ۾ بيان جي انداز ۾ سادگي، شيريني، پاڪيزگي ۽ لطافت جا عنصر بہ شامل ٿيا."(27)

"**فقير مسرور**" جي غزل جو تعلق بہ تصوف، عشق جي جذبات ۽ قلبي واردات سان آهي، چوي ٿو:

وصل واري رات لحظي ۾ وهامي ٿي وجي،
دير ريءَ دل جي خوشي آئي اڏامي ٿي وجي.

اهو تہ عجيب ديس ڏنم، گهمي بہ لقا لبيس ڏنم،
نہ رئيس اتي نہ سئس ڏنم، نواب نہ ڪو جناب عجب.

غزل تہ آهي ئي داخلي احساس جو نتيجو ۽ داخلي احساس بہ اهو جنهن جي وسيلي شاعر خود پنهنجي ذاتي جذبن ۽ احساسن جي عڪاسي ڪندو آهي، مگر پوءِ بہ داخليت جو اظهار ڪرڻ هر شاعر جي وس جي ڳالهہ نہ هوندي آهي.

عطا ھيءَ حضرت انسان تي ٿي خاص خلقت ڪان،
ولي ورلي انھن مان ڪو اھو رازِ نهان سمجهي.

## حسن پرستي:

غزل ۾ حسن پرستي ھڪ بنيادي درجو رکي ٿي، يعني حسن ۽ عشق جو تصور، غزل لاءِ اهم ۽ لازمي عنصر ھوندو آھي. حسن ۽ عشق جو تصور ھڪ تہ مجازي آھي ۽ ٻيو آھي حقيقي، ۽ عاشقن پنھنجي ڪلام ۾ حسن صورت ۽ حسن سيرت کي ٻنھي زاوين سان يعني ظاھري توڙي باطني يعني معنوي انداز سان پيش ڪيو آھي، حسن ۽ عشق جي انھن ٻنھي پھلوئن کي غزل ۾ اجاگر ڪندي **"فقير مسرور"** بہ نھايت نزاڪت واريون ڳالھيون ڪيون آھن، مثال طور:

ريءَ خون عاشقن جي، ھر وار ڪجھہ ھٽن کي،
ميندي نہ ٻي ملائي، مئنار ڪنھن طرح،

ڍولڻا تون ڏنگ ڏارين، ھر گھڙيءَ ۾ نت نوان،
نت نوان پھري وڳا، پورل پلائڻ جي نہ ڪر.

تصوف جي شاعرن وٽ عاشق يا معشوق، ھڪ ئي ذات جا مظھر ھوندا آھن. جيئن حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه فرمائي ٿو:

پاڻ ئي جل جلال ھو، پاڻ ئي جان جمال،
پاڻ ئي صورت پرينءَ جي، پاڻ ئي حُسن ڪمال،
پاڻ ئي پير مريد ٿئي، پاڻ ئي پاڻ خيال،
سڀ سيوئي حال، منجھان ئي معلوم ٿئي.

انھيءَ نُڪتي کي سمجھڻ لاءِ بس رڳو وجود جي معنيٰ صحيح ڪرڻي پوندي آھي. مشھود ۽ مقصود مان ئي معبود سان وصال لاءِ عاشقن برھہ اختيار ڪيو آھي، جيئن **"فقيرمسرور"** بہ چوي ٿو:

يار سان ياري رکي، ان جي جفا ڪان منھن نہ موڙ،
پل ڪري پيو ھو جفا، پر تون وفا ڪان منھن نہ موڙ.

آزمائش عشق جي ۾ تون ڪڏهن دلگير ٿي،
سر مٿان آئي قضا جي آپدا ڪان منهن نہ موڙ.

عشق جي آزمائش ۾ ئي عاشقن تي هن حقيقت جي آگهي ٿيندي آهي ۽ هو بي اختيار چئي ڏيندا آهن تہ:

ڪو نہ ڪو آهي ٻيو، جو پڙهي پرجهي تڏهن،
حال پنهنجي جي خبر، پاڻ ڏي راقم ٿيس.

"**فقير مسرور**" جي غزل ۾ حسن ۽ عشق جي انهيءَ رمز جون ڳالهيون بہ ڏاڍيون نروار ٿيل آهن. خاص طور فقير منش شاعر، عاشق يا اولياءُ، فثم وجهہُ الله جيان، هر هنڌ محبوب جو جلوو ڏسندا رهندا آهن، پر دنيا جي ڏنڌن ۾ غلطان ماڻهن ڪي وري هر هنڌ پنهنجا دشمن نظر ايندا آهن. تصور جو اهو ڪارنامو بہ غور طلب آهي تہ جڏهن انسان ئي دوستي، دشمني يا شيطاني ۽ رحماني عمل ڪندي نظر ٿو اچي تہ پوءِ انسان ڪان سواءِ ٻيو ڪهڙو دوست يا دشمن آهي، جنهن سان هو پيار ڪري ٿو يا ان ڪان خائف رهي ٿو؟

ڏسين ٿو ڪجهہ تون دنيا ۾ تہ ڪي تو ڪان سوا ڇاهي؟
اگر ناهي تہ ڇا ناهي، يلا آهي؟ اها ڇاهي؟

## ناصحاڻا نڪتا:

انسان جڏهن غور ڪرڻ شروع ٿو ڪري تڏهن ئي ڪيس دوست ۽ دشمن جي سڃاڻپ ٿئي ٿي، ۽ اهو ان غور فڪر جو ئي نتيجو آهي جو ڪيس جلد ئي اهو احساس بہ ٿيڻ لڳي ٿو تہ مار! سندس دوست يا دشمن تہ پاڻ جهڙو ئي هڪ انسان آهي! سالڪن انهيءَ رمز کي ظاهر ڪندي اهو بہ ٻڌايو آهي تہ:

"اهو حضرت انسان ئي آهي جيڪو پنهنجي قول ۽ فعل سان ئي پيارو، محبت وارو، عاشق، معشوق، دوست، دشمن، شيطان يا خبيث سڏائي ٿو."

اها ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ جڏهن بہ ڪنهن شخص ۾ پنهنجي ڪوششن سان يا مير مرشد جي هٿ ڏس سان سڃاڻپ يا آگاهيءَ جي اهـ

ڪيفيت پيدا ٿئي تہ پڪ ڄاڻو اها انهيءَ جي خوشنصيبي آهي، چاڪاڻ تہ اها ئي عشق جي پوڙيءَ تي پير ڌرڻ جي شروعات آهي، بس ڪنهن پير ڌريو ناهي ۽ عشق اچي ڳل لايو ناهي. انهيءَ وڪ کان اڳتي انسان جو ساٿي بس عشق ئي ٿيندو آهي. اهڙي وقت لاءِ "**فقير مسرور**" جي صلاح بہ اها آهي تہ:

اڪر دشمن سندو دل تان ، پڙهي لاحول واري ڇڏ،
ڪٽي تون هُو سندي صَيقل، ادا اندر اجاري ڇڏ.

انهيءَ دشمن جو تعلق اصل ۾ انسان جي نفس سان آهي، ۽ "**فقير مسرور**" جي چوڻ جو مقصد بہ اهو آهي تہ جيستائين هيڪڙائي (وحدت) جي خيال سان اندر نہ اجاربو ۽ نفس (دشمن) تي لاحول نہ پڙهبو تہ خاڪي ويس ۾ نظر ايندڙ هن محبوب جي معنوي مام پروڙي نہ سگهبي:

وَيس هي خاڪي ڪري، دم وجون آدم ٿيس،
پاڻ ڪي شاڪي ڪري، دل جو اڻ سالم ٿيس.

آ عجب "**مسرور**" تان ڳالهہ هن جو مون وڏو،
هُت هيس مخدوم، هِت ڪيئن اچي خادم ٿيس.

## تصوف جا نڪتا:

"**فقير مسرور**" جي غزل ۾ تصوف جي ڪيترن ٻين باريڪ نڪتن جون بہ سمجهاڻيون موجود آهن. مثال طور دنيا ۾ اچي، جسم تي اسم جو غلبو پيدا ڪرڻ ۽ مرڻ کان اڳ مرڻ جا موضوع بہ ملن ٿا.

اِسمَ ۾ الله جي، گم جسم جن جوڳين ڪيو،
ريءَ نشي جي خوشُ خُمارَي، سي وتن خاصا ڪيا.

آمدن انسان جي پڻ آهہ اهڙي شرط سان،
پاڙيو جن قول سي، ڏس ڏيهہ جا روشن ڏيا.

اي ميان "**مسرور**" تون ٻي حال سو هٿ ڪر مري،
موت کان اڳ ۾ جيئن جو هو مري جوڳي جيا.

## سماجي ۽ معاشي احساس:

"**فقير مسرور**" جي غزل ۾ جمالياتي حقيقت ۽ فلسفياڻين گهرائين سان گڏ، سماجي ۽ معاشي احساس به آهن ته تاريخي واقعن جا عڪس به آهن. سندس غزل ۾ تخيل جي بلندي ۽ جذبات جي شدت جو اسلوب بيان نهايت عمدو آهي.

غزل ۾ بيان جو انداز يا اسلوب جو به وڏو ڪم هوندو آهي، جنهن لاءِ وري زبان تي مهارت هجڻ ضروري آهي ۽ غزل جو اهو مخصوص مزاج "**فقير مسرور**" جي آواز جي نغمگي، سرن جي غنائيت ۽ لئه تار جي سرمستي، يڪجاءِ ٿي سندس غزل جي فضا کي مخمور بنائن ٿا:

عبث گهارڻ ٿيو اغيار جي مهڻن ميارن ۾،
اٿم اميد تان ٿيندو اثر آخر پڪارن ۾.

جڏهن به ڪو سچاڻ شاعر پنهنجي دور ۾ سماجي اڻ برابري ۽ معاشي ناانصافي ڏسندو آهي ته ان جي خلاف پنهنجو دلي اظهار ڪرڻ به پنهنجو بنيادي فرض سمجهندو آهي. خود ڀٽائي سرڪار به پنهنجي دور ۾ ڪچ، ڪوڙ جو ڪاروبار زورن تي ڏٺو هو ته پنهنجي جهوليءَ ۾ جهليل سچ کي اڃيندي به لڄ محسوس ڪندي فرمايو هو:

اَگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئه پايو سچ آڇيندي لڄ مران.

درويش هر دور ۾ سماجي ۽ معاشي براين جي خلاف پنهنجو قلمي جهاد ڪيو آهي، ڀٽائي سرڪار جي تجربي کي سامهون رکندي "**فقير مسرور**" وري پنهنجي جهوليءَ ۾ جهليل سچ کي انڪساريءَ وچان، ڪچ ۽ ڪُوڙ چئي دڪان تي سجائي رکيو آهي، ته جيئن وري به ان حضرت انسان جو پلو ٿئي جيڪو الاهي امانت ڪٺي هن دنيا ۾ آيو آهي، لکي ٿو:

ڪچ ڪوڙ ڏوڙ ميڙي وينس ڪيي دڪان،
سستو ڏيان ٿو توڙي، گهر ۾ پيو گران.

”جيئن انسان جي روزمره جي زندگيءَ ۾ خارجي حالتون اثر انداز ٿين ٿيون تيئن، غزل جو مواد، داخلي رويي ۽ شخصي ڪردار جي حوالي سان، خارجي تجربن جي رهنمائي بہ ڪري ٿو. دراصل غزل عروج تي ان ئي وقت ٿو رسي جڏهن خارجي تجربن جي پيش نظر شاعر، داخلي ڪيفيتن جو اظهار ڪري ٿو“(28) خارجي تجربن ڪي داخلي ڪيفيت ذريعي **”فقيرمسرور“** هن طرح پيش ڪري ٿو:

هي درد آهہ دنيا، مطلب جا يار مڙئي،
دم دم انهن جي دَرَ جو، پرجي سلام ڪهڙو.

هُتان هتڙي اچي نڪارو ٿي پيو آهيان،
هَچا پئجي مٿان جڳ جي هچارو ٿي پيو آهيان.

# ڪلام جون خوبيون

## غزل جا قسم:

غزل موضوع جي لحاظ کان تہ ڪيترن ئي مضمونن تي ٻڌل هوندو آهي، پر ان جي بيان جا بہ خاص قسم ٿيندا آهن، يعني هڪڙو غزل مسلسل تہ ٻيو غزل غير مسلسل. غزل مسلسل ۾ موضوع جو سلسلو قائم رکيو ويندو آهي ۽ سندس وصف اها آهي تہ ان جي هر بيت ۽ بند جو هڪٻئي سان تعلق هوندو آهي ۽ غزل غير مسلسل ۾ هڪ بند جو ٻئي سان تعلق نہ هوندو آهي، يعني هر بند ۾ جدا خيال منظر ڪيل هوندا آهن، پر فني اعتبار کان اهو پنهنجي سر مڪمل غزل هوندو آهي، جنهن ۾ جذباتي وهڪرو هڪ ئي قسم جو هوندو آهي. ان حوالي سان **”فقير مسرور“** جا غزل، گهڻو ڪري غزل مسلسل آهن، جن ۾ سندس موضوع، خيال جي پُر لطف آهنگ سان هڪ ئي سلسلي ۾ جڙيل نظر اچن ٿا.

ڏي پري ساقي پيالو، جئن چڙهي خمار خُوب،
خوف نا ڪر آهہ موليٰ، پاڪ غفار الذنوب.

پُر ٿيان هڪڙي پيالي سان وجي عقل هوش،
هر طرف ڪعبو ٿئي، توڙي هُجي مشرق جُنوب.

مهر مان "**مسرور**" کي تون ڏي پري بهرِ خدا،
مثل شيشي صاف ٿي، هي سندم ڪارو قلوب.

بعض اوقات ڪو خاص جذبو ڪنهن چٽنگ وانگر نمودار ٿيندو آهي، جيڪو ڪنهن هڪ شعر ۾ ادا ٿي ويندو آهي، مگر گهڻو ڪري هڪڙو ئي جذبو، سمنڊ جي ڇولين وانگر وڌندو ۽ ڦهلجندو ويندو آهي ۽ پاڻ کي ڪيتري عرصي تائين قائم رکندو ايندو آهي. اهڙي قيمتي جذبي کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ شعر ڪافي نہ هوندو آهي، پر ضرورت هوندي آهي تہ ان کي هڪ کان وڌيڪ شعرن ۾ چٽيءَ طرح بيان ڪجي، خاص طور جڏهن معاملو صرف شاعري ڪرڻ نہ پر قلبي واردات کي اظهارڻ هوندو آهي تہ شاعري برسات جي جهُڙي وانگر مسلسل ٺمڊڙي لائي بيهندي آهي.

اهڙيون وصفون غزل جي دنيا جي ڪيترن عظيم شاعرن ۾ نظر اچن ٿيون، جهڙوڪ: مولانا جلال الدين رومي رحمة الله عليه (1207ع-1273ع). حضرت شرف الدين مصلح الدين سعدي رحمة الله عليه (1184ع-1292ع)، جنهن کي عام طور غزل جو ابو سڏيو ويندو آهي. ان کان علاوه اهي شاعرائيون وصفون حافظ شيرازي رحمة الله عليه (1325ع — 1388ع)، حضرت امير خسرو رحمة الله عليه (1324ع) سرڪار سچل سرمست رحمة الله عليه ۽ مرزا اسد الله غالب (1797-1869ع) جي شعرن ۾ بہ تمام گهڻي تعداد ۾ ملن ٿيون.

## غزل جا بند:

شاعريءَ جي اصولي پابندين کي نظر ۾ رکندي "**فقير مسرور**" مختلف صنفن اندر عام طور مقرر بندن کان وڌيڪ بند بہ لکيا آهن ان حوالي سان غزل جا گهٽ ۾ گهٽ پنج بند ۽ وڌ ۾ وڌ ڏهہ بند لکيا آهن.

غزلن جي هن حصي ۾ شامل ڇويهہ غزل لاڙڪاڻي مان شايع ٿيندڙ ماهوار رسالي "اديب سنڌ" تان اتاريل آهن، ان کان علاوه ڪجهہ

غزل "**فقير مسرور**" جي پنهنجي ترتيب ڏنل مجموعي "**مسرور نامي**" تان کنيل آهن. "**فقير مسرور**" جا اهي غزل گهٽو ڪري پنجن ۽ ڇهن بندن وارا غزل آهن پر اٽڪل اٺويهه غزل ستن بندن وارا ته ڏهه غزل اٺن بندن وارا آهن. ساڳيءَ ريت نون بندن ۽ ڏهن بندن تي مشتمل به هڪ هڪ غزل شامل آهي. هت "**فقير مسرور**" جي بندن جو تعداد ڳڻائڻ مقصد نه آهي، چاڪاڻ ته "**فقير مسرور**" ڪي بندن جي تعداد جو الڪو نه پر پنهنجي خيال جي اظهار جو قدر آڏو هوندو هو، اهو ئي سبب آهي جو پاڻ هڪڙو غزل: "سگهجي نه تو مُڪائي، ويچار ڪنهن طرح"، هڪڙي ئي رديف ۾ ستٽيهن بندن تي به چيو اٿس، جنهن مان ست بند الڳ ڪري هڪ الڳ غزل ڪري لکيو اٿس، هن هڪڙي غزل جي ستٽيهه قافين ڪي پڙهندي اندازو ڪري سگهجي ٿو ته "**فقير مسرور**" وٽ خيال جي اظهار لاءِ ڪيڏو نه گهڻو مواد موجود هو.

## قافيو ۽ رديف:

"غزل ۾ قافيي ۽ رديف جو سلسلو به هڪ يگانو فن آهي، جنهن جي وسيلي، انهيءَ ۾ خيالن ۽ جذبن جو اظهار به هڪ پنهنجي پيرائي ۾ ٿيندو آهي. قافيي ۽ رديف جي ترتيب، غزل جي صنف جو نهايت اهم ۽ سخت قانون هوندو آهي." [٦٩]

"**فقير مسرور**" جي غزل ۾ به قافيي ۽ رديف جي ترتيب اهڙي ته بي اختيار آيل آهي، جو روزمره جي بوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ به قافيي ۽ رديف جي صورت وٺي، تصوف جي رمزن جو بي مثال اظهار بڻجي ٿا پون:

خدا ۽ منهنجي وچان ئي آهي، وجود منهنجو حجاب خالص،
وجي اهو تان بچي نه باقي، ميان او من نقاب خالص.
ڏئي تو "**مسرور**" شهه درازي، سوال هن جو جواب خالص،
"خدائي" نالو ٿيو آ منهنجو، خدا ته ٿڌهين خطاب خالص.

هڪ ڳالهه ڪيان ڪجهه گوش ڏيو، پل وار مٿم ڪو وير ڪري،
هن حال مٿان پر ڏوهه نه ڪو، لڪ ڊاوَ ڏئي ڪو گير ڪري.

غزل جي گهاڙيٽي ۾ عام طور هر بيت هم وزن ٿيندو آهي. پهرين بيت جون ٻئي مصراعون ساڳئي قافيي ۾ هونديون آهن ۽ باقي بيتن جي ٻي مصرع (سٽ) پهرين بند سان هم قافيا هوندي آهي. "**فقير مسرور**" انهيءَ طرز جا ڪجهه غزل به لکيا آهن مگر سندس ڪجهه غزل، اندروني قافيي جي ڪري دوهي ۽ سورٺا جي گهاڙيٽي جهڙا به آهن، مثال طور:

نه ڏينهن ڏٺو نه رات ڇني، نه شمس قمر شهاب عجب،
نه سرد گرم نه ريت مٺي، نه جاڳ رهي نه خواب عجب.

مئي ڪان نه هٿ هنئي، مئخوار، ڪنهن طرح،
هيءَ موج ڪين پائي، ماٺار، ڪنهن طرح.

ڪري اگر ڪو هزار حيلا، ملي مگر جو نصيب آهي.
ٻيا سيئي ولها وسيلا، خدا وسيلو عجيب آهي.

اصل ۾ "**فقير مسرور**" جي غزل جو ماحول، مزاج ۽ گهاڙيٽو سندس ئي ڪافيءَ جهڙو آهي، ۽ سندس غزل جي ٻوليءَ ۾ به سنڌي ۽ فارسيءَ جو محاورو هم آغوش آهي:

ڇڏي شرم و شرافت کي، ڪمينو ٿي پيو آهيان،
عجب جملي خرابت جو، خزينو ٿي پيو آهيان.

## غزل ۾ تخلص جو استعمال

"**فقير مسرور**" پنهنجي غزل ۾ اٽڪل چار تخلص استعمال ڪيا آهن. هڪڙو "**فقير مسرور**"، ٻيو "**غلام علي**"، ٽيون "**بدوي**" ۽ چوٿون "**خوشدل**". "**فقير مسرور**" جي تخلص جي ان انفراديت ڏانهن غور ڪري ڏسبو ته "غلام علي"، "مسرور" ۽ "بدوي" ته "**فقير مسرور**" جو پنهنجو نالو، تخلص ۽ ذات آهي پير "خوشدل" خاص ان غزل ۾ آندو اٿس، جنهن

جي لفظن اچارڻ سان چپ چپ سان نہ ٿو لڳي ۽ اها ئي "**فقير مسرور**" جي خيال جي خوبي آهي تہ پنهنجي "مسرور" تخلص کي صنعت واسع الشفتين لاءِ "خوشدل" جهڙو تز تخلص، نعم البدل ڪري چونديو آهي.

ڪٽي نيڻ "خوشدل" ڏي نرتئون نهار،
خلاصو اوهان جو آن دلدار داس.

ڪٽي نيڻ "خوشدل" ڏي، هاٽي نهار، چڏي رنج راٽا، اچي گڏ گذار،
سدا رات ڏينهان، رڙي زار و زار، ڪري ٿو اوهان کي، ارداس داس.

صنعت واسع الشفتين يعني شعر پڙهندي چپ چپ سان نہ لڳي، واري فن تي مبني "**فقير مسرور**" جو ٻيو بہ ڪيترو ئي ڪلام موجود آهي، پر غزلن جي هن حصي ۾ "خوشدل" تخلص جا ٻہ غزل شامل آهن. هونئن تہ "**فقير مسرور**" پنهنجي گهڻي ڪلام ۾ "مسرور" تخلص ئي ستعمال ڪيو آهي پر ساڳئي وقت "غلام علي" ۽ "بدوي" بہ تخلص طور استعمال ڪيو اٿس:

نہ بيگ نہ ڪي فقير اتي، غريب گدا نہ امير اتي،
"**غلام علي**" فقير اتي، نہ ذوه نہ ڪو ثواب عجب.

اڳي ۽ پوءِ پنهنجو سگ سڃاڻي در سنلو "**بدوي**"،
ڀلائي پال پنهنجو نت، سنلم اوگڻ نہ ليکيندا.

## غزل جو وزن:

غزل جي ساخت کي انفرادي انداز حاصل هوندو آهي، خاص طور ان جي موسيقيت جو نوع بہ ٻيءَ طرح جو ٿئي ٿو. هونئن غزل کي ڳائڻ جو انداز بہ نرالو ٿئي ٿو. جنهن جي ڪري غزل جي غنائيت جو دارو مدار ان جي الڳ الڳ وزن، ترنم ۽ لئي جي خاصيت تي هوندو آهي.

"**فقير مسرور**" پنهنجو غزل بہ نهايت عمدي اسلوب، ترنم، لئي تار ۽ وٽندڙ طرزن ۾ چيو آهي. سندس غزل ۾ طبلي جي تار مطابق ڪٽي

ستن ماترن واري روپڪ تال آهي تہ ڪٿي ڇهن ماترن وارو دادرو آهي، ڪٿي اٺن ماترن وارو ڪلواڙو آهي تہ ڪٿي سورهن ماترن واري تين تال.

لئي.چي انهيءَ لوڏ ڪي وياڪرڻ تحت بحروزن بہ چئبو آهي. طبع جي موزون هئڻ سبب سندس غزل بحر وزن جي ارڪانن ۽ قاعدن تي بہ پورو پورو آهي هت سندس ڪجھ غزلن جي تقطيع ڏجي ٿي: (30)

بحر هزج مثمن سالم

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن.

غزل: اگر دشمن سندو دل تان پڙهي لاحول واري ڇڏ.

غزل: ڇڏي شرم و شرافت کي ڪمينو ٿي پيو آهيان.

اگر دش من سن دو دل تان پ ڙهي لا حو ل وا ري ڇڏ.

م فا عي لن م فا عي لن م فا عي لن م فا عي لن

چ ڏي شر مو ش را فت کي ڪ مي نو ٿي پ يو آه يان

بحر متقارب مثمن سالم

وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

غزل: نہ پيچ هي ڪنهين ڪان تہ تون ڪير آهين.

نہ پيچ هي ڪن هين ڪان تہ تون ڪي ر آ هين

ف عو لن ف عو لن ف ع لن ف عو لن

بحر وافر سالم

وزن: مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن مفاعلتن

غزل: نہ ڏينهن ڏنو نہ رات ڇٽي نہ شمس قمر شهاب عجب.

نہ ڏين هن ڏ نو نہ را ت چ ٽي نہ شم س ق مر ش ها ب ع جب،

م فا ع ل تن م فا ع ل تن م فا ع ل تن م فا ع ل تن

بحر متقارب مقبوض اثلم

وزن: فعول فعلن فعول فعلن، فعول فعلن فعول فعلن.

غزل: خدا ۾ منهنجي وڃان ئي آهي، وجود منهنجو حجاب خالص.

خ دا ۾ منهن جي و ڃان ئي آ هي و جو د منهن جو ح جا ب خا لص

ف عو ل فع لن ف عو ل فع لن ف عو ل فع لن ف عو ل فع لن

بحر رمل مثمن محذوف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن.

غزل وصل واري رات لحظي ۾ وهامي ٿي وڃي.

وص ل وا ري را ت لح ظي ۾ و ها مي ٿي و ڃي

فا ع لا تن فا ع لا تن فا ع لا تن فا ع لن

بحر رمل مثمن مقصور

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

غزل: جار مان آڏيءَ اٿي تون تند ڪا طالب تنوار.

جا ر مان آ ڏءَ ا ٿي تون تن د ڪا طا لب تن وار ر

فا ع لا تن فا ع لا تن فا ع لا تن فا ع لا ت

بحر مضارع مثمن اخرب

وزن: مفعولن مفاعيلن فعولن مفاعيلن،

غزل:(1) اي دل شراب پي تون هرگز حرام ناهي.

غزل(2) فاني جهان آهي تنهن ۾ قيام ڪهڙو.

اي دل ش را ب پي تون هر گز ح را م نا هي

مف عو ل فا ع لا تن مف عو ل فا ع لا تن

فا ني ج ها ن آ هي تنهن ۾ ق يا ۾ ڪهـ ڙو

### بحر متقارب مثمن مقصور

وزن: فعولن فعولن فعولن فعول.
غزل: عجب يا جو آهي رنگين لباس.

ع جب يا ر جو آ هي رن گين ل با س
ف عو لن ف عو لن ف عو لن ف عو ل

### بحرمديد

وزن: فاعلاتن فاعلن فاعلاتن فاعلن
غزل: ويس هي خاڪي ڪري دم وچون آدم ٿيس.

وي س هي خا ڪي ڪ ري دم و چون آ دم ٿ يس
فا ع لا تن فا ع لن فا ع لا تن فا ع لن.

ڪ يان وس و ڏا ئي مان نہ تا پر چ لن چا را،
ف عو لن م فا عي لن ف عو لن م فا عي لن.

### بحر طويل سالم

وزن: فعولن مفاعيلن فعولن مفاعيلن.
غزل: ڪيان وس وڏائي مان نہ تا پر چلن چارا.
ڪ يان وس و ڏا ئي مان نہ تا پر چ لن چا را،
ف عو لن م مفا عي لن ف عو لن م فا عي لن.

### بحربسيط

وزن: مستفعلن فاعلن مستفعلن فاعلن.
غزل: هت هت رلان بي سبب، دل ۾ وسي ٿو سڄڻ.
هت هت ر لان بي س بب دل ۾ و سي ٿو س ڄڻ،
مس تف ع لن مس تف ع لن فا ع لن.

## تقابلي جائزو: (متقدمين ۽ همعصرن جو اثر)

**"فقير مسرور"** اهو محبتي شاعر آهي جنهن کي بره جي پاکر ملي، سبحاني سٽ جي سووپا ملي، شاعريءَ جو سلوڪ مليو ۽ نسنگ نينهن کي ڪُڏائڻ لاءِ ڪيف طاري ڪندڙ طرب مليو. **"فقير مسرور"** پنهنجو سمورو ڪلام ان محويت ۽ طرب واري ڪيفيت ۾ چيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي سرتاج شاعر ۽ درويش حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه، درويشن جي دلين جي رهبر سرڪار سچل سرمست رحمة الله عليه ۽ پنهنجي مرشد راهه هدايت شهنشاهه بيدل رحمة الله عليه ۽ جمال جي عاشق فقير بيڪس رحمة الله عليه وانگر ظاهر باطن جا اسرار ۽ جوش جلال جا ساڳيا سنيها، هوبهو آندا آهن، تنهن جي ڪري هن به پنهنجي ساٿاري صوفي شاعرن جي قطار ۾ شامل ٿيڻ جو منصب ماڻيو آهي.

بنيادي طور پنهنجي متقدمين جي اثر سبب **"فقير مسرور"** جي سموري ڪلام تي تصوف جو رنگ چڙهيل آهي، گڏوگڏ **"فقير مسرور"** پنهنجي دور جي انهن موضوعن ۽ مضمونن کي به ڇهيو آهي، جيڪي عروضي دور جي ڪجهه بين شاعرن لاءِ به دلچسپيءَ جو سبب بڻيا هئا. هتي **"فقيرمسرور"** جي ڪلام جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

شاهه عبداللطيف:

نيئي نيئي ڏج، اي ادا پانڌي،
ساٿي پرين سنيهو.
پيرين وجهي هٿڙا، زاريون زور ڪريج،
اُهڪيءَ "عبداللطيف" چئي، اچي آڌر ڏيج.

فقير مسرور:

ادا پانڌي ڏجان نياپو، وڃي دلدار دلبر کي،
ٻڌي ٻانهون ڪجان ڪوئي، عرض عاجز سندو روئي،
مري **"مسرور"** ٿو مانڊو، اچي مل يار تون سگهڙو.

سچل سائين:

آءُ ادا سالڪ سهي ڪر تون طلسمات کي،
ٻيج دوئي تان ڪل پوئي، دور ڪر درجات کي.
سر اهو سارو سڃاڻج، ڪن نہ ڏي ڪرامات کي،
ظاهر ٿي تان ذات مان ۽ سمجهہ هن صفات کي.
بي اعتباريءَ سان ڪرين هر هر نفي اثبات کي،
اثبات کان اڳيان لنگهي ترڪ ڪر طاعات کي.

تصوف جي ان سمجهاڻيءَ کي پنهنجي ڪلام ۾ **"فقير مسرور"** هن طرح آندو آهي:

نہ پڇ ڪنهين کان تہ تون ڪير آهين،
پڇين ٿو اگر تون تڏهين غير آهين.
جزو نور مخفيءَ جو تو ۾ امانت،
مٽيءَ جو نہ خالي فقط ڍير آهين.
ٿيو جيڪو تو وٽ ٻين وٽ بہ ساڳيو،
ڪٿي ڏس صفيءَ جو صحيح سير آهين.

حضرت قادر بخش بيدل:

وجد واريءَ ويڙهہ ۾ ڪنهن موج مستيءَ جي وڏا،
نينهن جو نعرو هڻي نامِيان اناالحق جي ندا.

فقير مسرور:

اسم ۾ الله جي، گر جسم جن جوڳين ڪيو،
ريءَ نشي جي خوش خماري سي وتن خاصا ڪيا.

حضرت قادر بخش بيدل:

جيڪي دانهان درد منهنجي جون، پهتيون اتي پرِيات،
اڄ امید تہ هيئن نہ ڇڏيندا.

فقير مسرور:

اڃايل جون ٻڌي آهون، مهارون هن طرح موڙي،
ٽڪيءَ تي ڪو ڪري تورو، اچي ساٽي سڄڻ ٿيندا.

حضرت قادر بخش بيدل:

"بيدل" بره جي باغ مان، ڪو واس واسن جو ونيج.

فقير مسرور:

وٺي "**مسرور**" گٽ گَر ڪان، مئل دل کي جياري ڇڏ.

حضرت قادر بخش بيدل:

روز ازل کنون بيدل پڏڙا عشق والا احرام.

فقير مسرور:

قبائي قرب جي هينان لڪل ان لام ۾ آهيون،
ازل جي ڏينهن کان يارو اسان احرام ۾ آهيون.

"**فقير مسرور**" جي ڪلام (ڪافين توڙي غزلن) جي قافيي ۽ رديف جي ترتيب تي فاضل شاه فاضل، عبدالحسين سانگيءَ ۽ شمس الدين بلبل (1857 — 1919ع) جي غزلن ۾ آيل طرحي ترتيب جو گهڻو اثر نظر اچي ٿو، جنهن جو وڏو سبب اهو به هو ته "**فقير مسرور**" جي همعصر (عروضي) شاعرن ۾ طرحي مشاعرن جو وڏو رواج هو، جنهن جي ڪري، طرح مصرع معروف رديف ۽ قافيي تي مقرر ڪئي ويندي هئي. هت عروضي دور جي ڪجهه ناميارن شاعرن جي ڪلام جو تقابلي جائزو پيش ڪجي ٿو. جنهن جي مطالعي سان "**فقير مسرور**" جي شاعراڻي خيال جو اندازو به ڪري سگهجي ٿو:

فاضل شاه فاضل:

منجهه اندر تي آگ آئي، ٻهر نڪري ڪين ٻاق،
جوش ۾ تي جان ڦاٽي، ٻهر نڪري ڪين ٻاق.

فقير مسرور:

هي حال دل جو اي ادا، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق،
هڪ دل ٻڌي ٻيو دلربا، ٻاهر ٻين سان ڪين ٻاق.

فاضل شاه فاضل:

جن ڏنو جانبِ سندي جنسار کي،
تن سندي تن من ڪيا ۽ جان جج.

فقير مسرور:

منجهون ڪين ڪيئي لٽئون لعل لوچي،
ورهائن سي ويتا ڪيو جوڳي جج.

شمس الدين بلبل:

ڪنهن فڪل سان تون وڃي هڪوار ڦٻ،
تي ڦٽيءَ جان وار ۾ اي يار ڦٻ.

فقير مسرور:

ور وڪڙ وارن سڄڻ جي ۾ ڦٽي تي يار ڦٻ،
پر جيئن ٻڄي ڪنگي تنهن ريت سان زهدار ڦٻ.

شمس الدين بلبل:

ڪو ڏسيو يارو مون کي دل بره دلبر جو علاج.
اي ادا آهي نه ڪو هن مرض مضطر جو علاج.

سڀ طبيبن تي چيو تيندو نه ڪنهين ڪارگر،
طب ارسطوءَ جو نه لقمان جو نه اڪبر جو علاج

فقير مسرور:

اي طبيبا ڇا ڪندين مون درد ماريءَ جو علاج،
ناه بس سهٽل سوا، ڪو آه و زاريءَ جو علاج.

مفت ورائي ورق تون، نسخا پڙهين نادان تو،
ڏس ڪٿي ڪو درج آهي ورهه واريءَ جو علاج.

شمس الدين بلبل:

بي وجوديءَ ساڻ حاصل ٿئي شهود،
هن هئڻ سان ڪين ڳنڃي هوت هڏ.

فقير مسرور:

دنيا سندا سانگا سٺي، ماڻهن ڪنان مُنهڙو مٺي،
پورج اها اک بي پٽي، جيئن ڪو لکي نا لوڪ هڏ.

<u>شمس الدين بلبل:</u>

پيغام غير صحت بي يار ڏي صبا،
هن طرح تي بلبلِ بيمار کي نہ مار.

<u>فقير مسرور:</u>

هيئن نہ جاني هجر ۾ تون بره جا بيمار مار،
واڳ وهلو يار سگهڙو، هوت کا هکوار وار.

<u>شمس الدين بلبل:</u>

واعظا مون کي نہ ڪوئي دين ايمان سان غرض،
مصحف روشن ڏسان پيو، چاهي قرآن سان غرض.

ٻيا نہ کي دوزخ سندي درجات جا دڙکا ڏيو،
ٿم طلب طبقات جنت جي نہ غلمان سان غرض.

گرچہ ظاهر غير شرعي بات ظاهر تي ٿئي،
سمجهہ ۾ سالڪ ونڻ پيو ناهہ نادان سان غرض.

<u>فقير مسرور:</u>

طالب آهيان تنهنجو مٺا، غلمان جو ناهي غرض،
سڪ سوز جو بس ٿم سمر، سامان جو ناهي غرض.

بي شرع ڄاڻ جي مون کي کي بند کن ملان مگر،
قيدي تيس ڪاکل سنلو، زندان جو ناهي غرض.

مون کي نہ تا گهرجن مٺا، دين ۽ دنيا ٻئي،
ڪافر ٿيو آن عشق جو، ايمان جو ناهي غرض.

شڪارپور جو ئي هڪ ٻيو غزل گو شاعر فقير عبدالوهاب "ناظر" بہ "**فقير مسرور**" جو همعصر ٿي گذريو آهي. پاڻ ٻئي بئراج ،ڪاتي ۾ سپروائيزنگ تپيدار هوندا هئا. پاڻ ٻنهي ڪيترن طرحي ۽ غير طرحي مشاعرن ۾ شرڪت بہ ڪئي. سندن ڪلام جي موضوعن جي وچ ۾ اختلاف بہ نظر اچن ٿا، جن جا ڪجهہ مثال هت ڏجن ٿا (31) جنهن

مان بخوبي اندازو ٿئي ٿو تہ شاعريءَ جي سلسلي ۾ سندن چڱي ڏي وٺ ٿي آهي:

فقير عبدالوهاب ناظر:

قرآن ۾ آ ثابت ٿي خمر جي خباثت،
افسوس پوءِ لبن تي چا کان شراب آهي.

فقير مسرور:

اي دل شراب پي هرگز حرام ناهي،
خاصن کي سڏ سڀي آ هيءَ ڳالهہ عام ناهي.

فقير عبدالوهاب ناظر:

اونهو نہ وڃ حقيقت جي ساز ۾،
آ مام اي پيارا ڪافي مجاز ۾.

فقير مسرور:

سڀ چون سولو پيا پر اوکو آه حضرت مجاز،
گهير هن گهڙندو ادا سچ رند ڪوئي رمز باز.

فقير عبدالوهاب ناظر:

عشق مجازيءَ کان تو ناصح جهلين مگر،
محمود چا ڏٺو هو شيدي اياز ۾.

فقير مسرور:

هن حد لامحدود کي پاتو جنهين مقصود کي،
سا خبر محمود کي، ڄاڻي پيو شيدي اياز.

فقير عبدالوهاب ناظر:

آ درد جي نہ توکي ڪجهہ پي خبر رقيب،
وقف آهي منهنجي عمر سوز و گداز ۾.

فقير مسرور:

چست ٿي چاڙهي چڙهج، محڪم ڪمر ٻهڳڻ ٻڌج،
سور وارن کون سکج هي تون سبق سوز و گداز.

اڳتي هلي فقير عبدالوهاب ناظر جي ڪلام تي عجز انڪساري، اخلاق ۽ عشق جو رنگ بہ نظر اچي ٿو، جنهن جو اعتراف ڪندي فقير عبدالوهاب ناظر چوي ٿو:

خود سر نہ ٿي ناظر، منت ڪش سدا دلبر جو تون،
هر ڏک ملڻ تي ٿي سدا "مسرور" هيڪاري وڌيڪ.

هڪ ٻئي هنڌ ناظر مرحوم لکي ٿو:

آسرو امداد جو آهي مٺا مون ڪي سدا
وصل "ناظر" شل ٿئي، جنهن سان ٿيان **"مسرور"** مان.

ان حوالي سان مرحوم ناظر تي "فقير مسرور" جو وڏو اثر نظر اچي ٿو، جنهن جا ڪجهہ مثال هت پيش ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان:

فقير مسرور:

بيدل سخي نالي خدا جي عشق مون امداد ڪر،
ڪو ذوق ذرڙو تنهن سوا پيي از خدا ارشاد ڪر.

فقير عبدالوهاب ناظر:

هاڻي پنهنجي لطف جي هڪڙي نظر هڪوار ڪر،
هن اسان جي حال جو سائين سگهو اپڪار ڪر.

فقير مسرور:

عجائب درد دک وارو وڏو آ داستان منهنجو،
لکڻ ڪان همنشينو سو گهڻو آهي بيان منهنجو.

فقير عبدالوهاب ناظر:

فلڪ ڪئي اشڪباري آ، ڏسي حالت گران منهنجي،
پيا حيرت ۾ سڀ ماڻهو، ڏسي نالہ روان منهنجي.

فقير مسرور:

ٻہ ٻڌي ٻي ڏيان ٿي سچ دم دمائڻ آ غلط،
قرب ذاتيءَ ريءَ ٻيو ڪو ڪل ڪم ڪمائڻ آ غلط.

هاڻ تون "**مسرور**" مانجهي بس زبان کي بند ڪر،
ڳالهه هيءَ ڳجهه جي ڳري ٻي کي ٻڌائڻ آ غلط.

<u>فقير عبدالوهاب ناظم:</u>

دم جو ڪٽجي، ناڻ ان جي سان ڪڇي،
ان سوا دم، دم ڪٽڻ آهي غلط.

صبر ۾ گهارج پيو ناظم سدا،
راز دل ڪنهن وٽ ڪيڻ آهي غلط.

## فقير مسرور جي غزل جون لفظي صنعتون

ماڻهوءَ کي جڏهن به علم حاصل ڪرڻ جو شوق ٿئي ٿو ته ان کي گرامر يعني ويا ڪرڻ، علم صرف و نحو، علم بديع، علم عروض، علم قوافي، علم بيان، علم منطق ۽ علم معاني به ضرور سکڻ گهرجي. اڳي اسڪولن ۾ اهي علم سيکاريا ويندا هئا پر هينئر انهن علمن جي سکڻ يا سيکارڻ جو رواج ختم ٿي ويو آهي. انهيءَ جي ڪري جديد شاعريءَ کي علم جي انهن ماڻن ماپن مطابق لکڻ ۽ پرکڻ جو ڏانءُ به گهٽجي ويو آهي. مان ته ڀانيان ٿو ته ايندڙ ٿوري ئي عرصي ۾ تنقيد جي اصولن ۽ قاعدن تي جديد نثر توڙي نظم کي پرکڻ جي ريت بلڪل ئي ختم ٿي ويندي.

حالانڪ "**فقير مسرور**" صوفياڻي سٽ جي درويشن جيان شعوري سوچ ڪري، علمي ڪتابن جي آڌار تي خاص شاعراڻيون صنعتون ڪم آڻي پنهنجي ڪلام کي سهڻو ڪري يا فني زيورن سان سجائڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي آهي. هڪ هنڌ پاڻ اجان انهن فني لوازمات کي عشق تي ترجيح ڏيندي چوي ٿو:

نينهن تون نا ميان ڳڻين، تقطيع لئہ تڪڙو تمام،
عقل ۾ اڙجي پوين پوءِ، عشق تي ڪيئن تو انعام.

درويشن جي اندر ۾ عشق جي لاحد ۾ ذات ۽ ڏانءِ، فن ۽ فڪر، جوش ۽ جولان جو هڪ اٿاهه سمنڊ ڇوليون مارينلو رهندو آهي، جنهن ۾ علم، دانش، سونهن اسلوب بيان ۽ تخيل جون سوين ٻيڙيون، وزن ۽ طرب ۾ ترندي جهوليندي نظر اينديون آهن ۽ انهن من هوڙن تي رڳو سرسري نظر وجهڻ سان به مون جهڙي طالب علم جون نگاهون ٽڪجي پونديون آهن.

### شعر جي اهميت:

عام طور تي جن شاعرن کي راڳ، لئي جي سمجهه هوندي آهي ته انهن جي ڪلام ۾ موسيقيت، لئي يا وزن جو هڪ منفرد خمار موجود هوندو آهي ۽ خوشقسمتيءَ سان "**فقير مسرور**" جي دور جا ڪيترائي بزرگ

۽ صوفي شاعر جهڙوڪ: محمد فقير کٽياڻ، فقير غمدل، علامہ هدايت علي تارڪ نجفي ۽ خود **"فقير مسرور"** رڳو شاعر نہ هئا پر اهي صوفي درويش بہ هئا تہ راڳ جا وڏا ماهر بہ هئا.

ان جي ابتڙ جديد دور ۾ جيڪي شاعر علم ادب جا ڄاڻو آهن، انهن لاءِ موسيقيت، لئي يا وزن ايتي اهميت نہ ٿو رکي، جنهن جو بنيادي سبب بہ سندن راڳ، موسيقي، لئي، تار يا علم عروض کان گهٽ ڪري ناواقفيت ئي آهي، انهيءَ ڪري اهي صرف "لفظن" ۽ انهن جي "آهنگ" کي اهميت ڏين ٿا.

ڪلام جي فني ڪسوٽيءَ لاءِ هي بہ هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ ڪلام جي سونهن ۽ پائداري ان جي ڳائڻ ۾ آهي، يعني ڪلام اصل ۾ اهو ئي آهي جيڪو ڇيو وڃي ۽ ڳايو وڃي. اهوئي سبب آهي جو ڪيترن بينظير شاعرن جو ڪلام ڪتابن تائين محدود رهجي ويو آهي.

ڪلام جي گهٽين خوبين جو بنياد، انهن انساني جذبن تي ٻڌل هوندو آهي، جن ۾ خوشي، غم، محبت، نفرت، دوستي، ديني، دنيوي، سماجي، معاشي ۽ روحاني ذات ڏانءَ شامل هوندا آهن ۽ انهيءَ ڏانءَ سان دنيا جا معصوم ۽ ابوجهہ انسان جي ذهني ۽ روحاني تربيت ٿي سگهي، منجهس قرباني، حب الوطني، خدمتگذاري ۽ نهٺائي جا جذبا پيدا ٿي سگهن ۽ سندن خود ثنائي، خود پذيرائي، هوڏ، هٺ، لوڀ، لالچ، ظلم ۽ ڪيني جي مرض جو علاج ٿي سگهي جيئن **"فقيرمسرور"** فرمايو آهي تہ:

اڻ گهڙي ڪاني ڪنهين جي ڪين ڪڏهين ڪم اچي،
پاڻ چيرائي چڱي پَرِ، هوش سان هوشيار ٿِيُ.

انهيءَ ۾ تورو بہ شڪ نہ آهي تہ "خيال" ۽ "حسن خيال" جو بنياد ئي لفظن جي چونڊ، رواني، ترنم، قافيي ۽ رديف جي تز هجڻ تي آهي ۽ اهي لفظ ئي آهن جيڪي شاعرن جي معطر خيالن جي خوشبو ٻڌجي هر طرف هبڪارجڻ لڳن ٿا. انهيءَ ڪانسواءِ موضوع، جدت، بيان جي سادگي، فصاحت، بلاغت، خيال جي بلندي، باريڪي، لفظي ۽ معنوي تشبيهن ۽ استعارن سان ئي ڪلام پنهنجي ڪامل هئڻ جي ڪيفيت سان پڙهڻ، ٻڌڻ، ۽ سمجهڻ ۾ ايندو آهي.

"**فقير مسرور**" جي دور ۾ عروضي شاعريءَ لاءِ صنايع بدايع ۽ عروضي صنعتن تي ڪلام چوڻ جو وڏو رواج هو، خاص طور انهيءَ شاعر ڪي ئي وڏو ۽ معياري شاعر ڪري مڃيو ويندو هو، جنهن جي ڪلام ۾ شاعريءَ جون مڙئي خوبيون هونديون هيون، پر هتي "**فقير مسرور**" جي ڪلام جون اهي خوبيون انڪري ظاهر نہ ڪيون ويون آهن تہ هو اکر نهائڻ وارو ڪو عروضي شاعر هو، پر جيئن سندس مسلڪ سنڌ جي اسرار ۽ انوار الاهي جي عاشقن، درويشن جهڙوڪ: حضرت سچل سرمست عليه رحمة، حضرت قادر بخش بيدل عليه رحمة جي سلسلي سان منسلڪ هو. ۽ جيئن تہ انهن درويشن جي طبيعت طرب سان ڀرپور هئي تيئن "**فقير مسرور**" جي اظهار ۾ موزونيت ۽ ٻيون شاعرانيون خوبيون بہ بي اختيار انداز ۾ ڪنيون ٿينديون ويون آهن، فرمايو اٿس:

عجب يار جو آه رنگين لباس،
سڃاڻي تہ ڪو ڪيس معنيٰ شناس.

"ڪلام جي فصاحت ۽ بلاغت لاءِ عبارت يا لفظن، معنيٰ جي خوبي ۽ موافقت جي قانون جو ڄاڻڻ ضروري آهي، جن جو واسطو علم بيان ۽ علم بدايع سان آهي. اهي صنايع يعني صنعتون ٻن قسمن جون آهن، هڪڙيون لفظي تہ ٻيون معنوي."(32)

## شاعرانين خوبين جي پرک جو قانون:

جڏهن بہ ڪلام جي ظاهري صورت، سلخت ۽ خوبيءَ کي پرکڻو هوندو آهي تہ شاعريءَ جي ٻين لوازمات سان گڏ ان جي لفظي صنعتن تي بہ نظر رکڻي پوندي آهي. جنهن جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ کان اڳ صنايع معنوي جي تعريف بہ اوهان جي آڏو رکڻ ضروري آهي تہ جيئن "**فقير مسرور**" جي ڪلام جي ذريعي پڙهندڙ شاعريءَ جي انهن خوبين کان واقف ٿي سگهن، جن جي متعلق اڄ جا ڪيترائي شاعر بي خبر آهن.

صنايع معنوي ۾ ڪلام جي باطني حسن ۽ خوبيءَ جو تاجي پيش شامل هوندو آهي. جيئن تہ عروضي دور جي صوفي بزرگ شاعرن جيان "**فقير مسرور**" جي ڪلام ۾ بہ لفظي توڙي معنوي خوبيون بي شمار

انداز ۾ موجود آهن، ان ڪري علم ادب جي ذوق رکندڙن ۽ اڄ جي جديد شاعرن جي علمي مطالعي لاءِ "فقير مسرور" جي ڪلام جي پروقار ۽ دل لڀائيندڙ ٻولي، خيال جي بلندي ۽ باريڪيءَ سان گڏ صنعتن جي جڙاءَ جو بيان ڪرڻ به ضروري ٿو سمجهان.

## لفظي صنعتون

### صنعت ترصيع:

صنعت ترصيع جي لفظي معنيٰ آهي جواهر جڙڻ ۽ اصطلاحي معنيٰ آهي عبارت يا شعر ۾ ڪي لفظ، خانن وانگر هجن، جيڪي تڪن ۾ به پورا ۽ موافق هجن. "فقير مسرور" جو ڪيترو ئي ڪلام ان صنعت سان سينگاريل آهي، جنهن جي ٻنهي مصراعن جا لفظ هم وزن به آهن ته موتين جي لڙين جيان پوتل به آهن:

ويس هي خاڪي ڪري، دم وڃئون آدم ٻڌيس،
پاڻ ڪي شاڪي ڪري، دل جو اَڻ سالم ٿيس.

دم دم ۾ ذڪر دم جو، دم ريءَ آ ڪهڙو ڪم،
سڀ ڪم ۾ فڪر غم جو، غم ريءَ آ ڪهڙو غم.

عشق رهبر ره ٻتائي، نا رلائي دربدر،
رمز وارن سان رهائي، نا ڦرائي دربدر.

دل شهر عجب جو سير ڪري، سڀ ساڻ ملي همنام ٿي وڃ.
محلات گگن ۾ پير ڌري، هڪ گام کڻي گمنام ٿي وڃ.

هڪ ڳالهه ڪيان ڪجهه گوش ڏيو، پل وار مٽم ڪو وير ڪري،
هن حال مٺان پر ڏوهه نڪو، لک ڍاوَ ڏئي ڪو گير ڪري.

## صنعت تجنيس تام:

تام جي معنيٰ آهي تمام يا مڪمل يعني پورو. جڏهن ٻه يا ان کان وڌيڪ لفظ اهڙا ڪم اچن جيڪي لکڻ پڙهڻ ۾ بلڪل هڪ جهڙا هجن مگر معنيٰ ۾ مختلف هجن، مثال طور:

تو خواب جي اندر خواب ڏسان،
هڪ آب بنا تالاب ڏسان.

هتي خواب لفظ ٻه ڀيرا ۽ ٻن معنائن ۾ استعمال ٿيل آهي. تصوف جي اصطلاح موجب پهريون "خواب" هي دنيا آهي، ٻئي "خواب" جي معنيٰ اهو سپنو آهي، جيڪو انسان ننڊ دوران ڏسندو آهي. "**فقير مسرور**" جي ٻين به ڪيترن ڪلامن ۾ تجنيس تام جي خوبي موجود آهي، لکي ٿو:

ڳنڍ ڪا ناليٰ ڏٺيءَ، ياري سچيءَ جي يار ٻَنڍ،
جيئن نہ ڇڪ سان ڀي ڇڇي، سا وري هڪ وار ڳنڍ

هتي پهرين ڳنڍ، ٻَنڍ/ ڳنڍڻ/ جوڙڻ يا ناتي رکڻ جي معنيٰ ۾ ڪتب آيل آهي، جڏهن تہ ٻي ڳنڍ جو مطلب آهي ڪپڙي يا نوڙيءَ کي جيئن وَرُ ڏئي پختو ڪبو آهي، تيئن قابو ڪري ٻڌڻ آهي.

## تجنيس ردالعجز علي الصدر:

جنهن ڪلام ۾ هڪڙو ئي لفظ مختلف معنائن سان تمام گهڻا ڀيرا استعمال ٿيندي نظر اچي ان کي صنعت تجنيس ردالعجز علي الصدر چئبو آهي. ان حوالي سان فقير جا ٻه ڪلام اهڙا آهن جن ۾ لفظ "سمجهه" ۽ "خيال" کي نهايت خوبيءَ سان ڪتب آندو آهي، لکيو اٿس:

### سمجهه:

جڏهن سمجهه ٿڪي، تڏهن سمجهه پئي، هڪ هاڻ ٿيا الف مير ٻئي.
سمجهه اها ئي سمجهه رکي، جا، سمجهڻ ۾ نا سمجهه اچي سا،
سمجهه انهيءَ جي سمجهي معنيٰ، ٻي سمجهه سندي سڀ سمجهه وئي.

شاعريءَ جي اصطلاح ۾ بيت جي منڍ واري لفظ کي ”صدر“، وچ ۾ آيل لفظ کي ”حشو“ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڪتب آيل لفظ کي ”عجز“ چوندا آهن. هي ڇهن قسمن جي خوبي هوندي آهي، جن مان هڪڙي اها ٻه آهي ته شعر جي ابتدا ۽ آخر ۾ ساڳيو لفظ ايندو آهي، ان قسم جي صنعت کي سمجهڻ لاءِ هتي **”فقير مسرور“** جي ڪلام جا ٻه بند پيش ڪجن ٿا، جڏهن ته ان هڪڙي ئي لفظ کي پوري ڪلام ۾ اٽڪل اٺاويهه ڀيرا استعمال ڪيو اٿس:

خيال سان هي خيال آهي، رک خيال تي قابض خيال،
خيال لاهي، خيال لائي، لهه خيال جو خاصو خيال.
خيال هن مان خيال ڪيئي، خيال تي پيڙا خيال،
خيال سي خارج اٿئي ڪُل، خيال هڪ آ خوش خيال.

## صنعت تجنيس حرفي:

هيءَ صنعت لڳ ڀڳ سنڌيءَ جي تمام گهڻن صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ موجود آهي. مان ته ائين چوڻ ۾ به مبالغو نه ٿو ڀانيان ته شاعرن جي سرتاج حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمة جو هر هڪ شعر تجنيس حرفيءَ جو بي مثال خزانو آهي. اهڙيءَ ريت **”فقير مسرور“** جو ڪلام به گهڻي ڀاڱي هن خوبيءَ سان مالا مال آهي. هن خوبيءَ جي مثال لاءِ هتي سندس چند شعرن تي اڪتفا ڪجي ٿو:

غ: غريبن غمزده جو وڏو غمخوار، ميران شاهه،
ت: تڪيءَ تي ڪو تورو، لکي يار لايو.
ن: نگهه ناز سان نازڪ نهاري.
م: منهنجي مستيءَ جي سبب ڪان مست هي آهي شراب.
ش: شاهنشاه شهباز اهو ئي، شبلي شمس عطار اهوئي.
س: سهج مان سهڻو جڏهن سينگار لڳ ساعت ڏئي.
گ: محلات گگن ۾ پير ڌري، هڪ گام وڌي گمنام تي وڃ.
ع: عجب دل عجيبن سان اڙجي وئي.
ق: قڪل سان قيري ۾ قڙهجي وئي.

خ: خلق کان خوش خُلق آ، دلبر منو دلدار خاص.

پ: پَکي آءُ پيهي پري پير پيارل.

ڳ: ڳالھ ڳجهي سڀ سانڍي ڳجهڙي عام سان ظاهر اٿئون ويهئون ٿا.

د: هر درد لاءِ دارو، دائم درس دلاسو.

س: سنيها سوز سک وارا، سرس سي ساھ سيبايا.

الف: اڄ وري اظهر نوان کي عشق جا آثار ٿيا.

ڪ: اڄ گهڙي ڪاٿي ڪنهين جي ڪين ڪڏهين ڪم اچي.
ڪيچ ڪَهندي مَرُ پوَن، ڪَنڊيَ پُنيءَ جي منجھ ڪُپَ.

و: ويل نا ويهي وڃائج، اٿ سگهو تنڊڙي وڃائج.

م: مهر ڪر "**مسرور**" تي نالي مني محبوب جي،
موج ۾ مستيءَ منجهان، "**مسرور**" پوءِ منصور جان.

هہ: هر گهڙيءَ همدم رهي، هُو هُو اها هوشيار ٻڌ.

س: سڻ دل! سڄڻ کي سک وڃئون، سر ساھ واري ساڻ سڏِ.

خ: خدائي نالو ٿيو آ منهنجو، خدا تہ تڏهين خطاب خالص.
خيال سان هي خيال آهي، رک خيال تي قابض خيال.

## صنعت تجنيس زائد:

جڏهن هڪ جنس جا ٻہ لفظن، جيڪي حرفن ۽ حرڪتن ۾ هڪ جهڙا هجن، مگر هڪڙي ۾ ٻئي کان حرف وڌيڪ هجي، اها صنعت بہ "**فقير مسرور**" جي ڪلام ۾ موجود آهي، مثال لاءِ ڪجھ مصراعون ڏجن ٿيون:

- ٿئي منور نور هڪ کان هي چنڊ سج ۾ شهاب خالص
  هي راھ عجب بي راھ بلي، نہ گم تہ اهو گمراھ بلي،

- پلا پال پورل پلائي پلارا.

- منهنجي مستيءَ جو سبب ڪان مست آهي هي شراب،
- هيءَ رنگين رنگ سرخ سرڪي، بي نظير و بي مثال،

## صنعت مراعات النظير:

هن صنعت کي "متناسب" بہ چئبو آهي، هن صنعت جي زمري ۾ ڪلام ۾ استعمال ٿيل اهڙا لفظ اچي وڃن ٿا جن جو هڪ ٻئي سان گهرو تعلق هجي مثال طور:

عشق ساقيءَ هٿئون هميشہ خمر پيالا طهر پيئون ٿا،
معنيٰ مام پروڙي ساري، رمز رنديءَ جي رنگ رچئون ٿا.
(عشق ساقي، خمر، اطهر، مام جو تعلق رندي رمز سان آهي.)

پلپل پڇين رملي، نجومي، جوتشي، ملاَ، پيو،
هي سڀ دلائل دور ڪر پڻ فڪر فردا جو ختم.
(رمل، نجوم، جوتش يا ڏاڍي سڀڪي واري ملان جو تعلق انسان جي مستقبل جي فڪر سان وابستا آهي)

"**فقير مسرور**" جا ڇيل ڪي غزل اهڙا بہ آهن جن ۾ پاڻ تصوف جي رمزن کي سمجهائڻ لاءِ دوائن، زيورن، عرقن ۽ نوَنٽ راند سان تعلق ۾ ايندڙ لفظن کي ڪتب آندو آهي، جيڪي نہ رڳو عشق جي رمزن جو ڀرپور علامتي عڪس پيش ڪن ٿا، پر اهي استعاري ۽ صنعت مراعات النظير جو نهايت انوکو مثال آهن:

زيور: جڙت سان جهومر گهڙائي پاءِ تون چڏ هوڏ هٺ،
مال زر سارو مٽائي، هَسَ ڪڙيون ۽ هار وٺ.

دوائون: لا دوا هي درد فرقت جنهن جو آ دارو نہ ڊپ،
تي ڦڪين مان ڪين فرحت، آ دوا بي سود سڀ.

عرق: اي طبيبا ڇا ڪندين، مون درد ماريءَ جو علاج،
ناهہ بس سهڻل سوا، ڪو آهہ زاريءَ جو علاج.

نوڻ راند: ڪيڏ نوڻ راند نيهي، ڪڻ سگهو ڪيڏار ڦٽ،
مُئي سندي هڪ ڳوٽ ماري، آءُ وري ٻيهار ڦٽ.

## تجنيس مڪرر:

هن صنعت کي "مردد" ۽ "مزدوج" به چوندا آهن. جنهن بيت جي پڇاڙيءَ ۾ اهي ٻه هم جنس لفظ گڏ هجن، جن مان پهرين لفظ جي منڍ ۾، ٻئي يعني پوئين لفظ کان هڪڙو يا ٻه حرف زياده هجن ته ان کي صنعت تجنيس مڪرر چوندا آهن. مثال طور:

- هيئن نه جاني هجر ۾ تون برهه جا بيمار، مار،
  واڳ وهلو وار سگهڙو، هوت کا هڪوار، وار.
- سدا رات ڏينهان، رڙي زار و زار،
  ڪري تو اوهان کي ارداس داس.

## صنعت سليس:

تصوف يا شاعرائي حوالي سان **"فقير مسرور"** جو ڪلام ته هونئن به نهايت سليس آهي، جنهن ۾ اترادي عام لهجو، پهاڪا، اصطلاح، چوڻيون ۽ عام مروج لفظن جا پندار موجود آهن، ۽ جيئن ته پاڻ جهونگاري ڪلام چوندو هو، انهيءَ ڪري سندس ڪلام سليس به ڏاڍو آهي، جنهن جا ڪجهه مثال هن ريت آهن:

ڳالهه ڳجهي سڀ ساندي ڳجهڙي عام سان ظاهر اٿئون ويهئون ٿا،
باطن بيشڪ ملڪ بقا جي، وحدت واري ويڙيهي وسئون ٿا.

اڳي ۽ پوءِ پنهنجو سڳ سڄاڻي در سنلو **"بدوي"**،
پلائي پال پنهنجو نت، سنلم اوگڻ نه ليکيندا.

ور وڪڙ وارن سڄڻ جي ۾ ڦٽي ٿي يار ڦٻُ،
پر جيئن ٻڄي ڪنگي، تنهن ريت سان زهدار ڦٻُ.

خوش ٿا وسن سامي سدا، جهڙا ڪتيءَ تهڙا چيٺ،
سانوڻ سرءُ ويساک چا، جهڙا ڪَتيءَ تهڙا چيٺ.

در تنهنجي آيس منا، پائي پَلوَ ۾ ڪوڙ ڪچ،
ننگ پرور هڪ نظر سان تون ڪندين سو صاف سچ.

## صنعت ذوقافيتين:

"**فقيرمسرور**" جا ڪجھ غزل ٻن قافين وارا به آهن جهڙوڪ:

زور ڌر ڏاران، زغا مارڻ ادا آهي عبث،
فقر جو فَر ريءَ فنا پائڻ ادا آهي عبث.

دم دم ۾ ذڪر دم جو، دم ريءَ آ ڪهڙو دم،
سڀ ڪم ۾ فڪر غم جو، غم ريءَ آ ڪهڙو ڪم.

## صنعت غير منقوط:

هن صنعت ۾ سنڌي شاعري تمام گهٽ ٿيل آهي، ان جو هڪڙو سبب ته اهو آهي ته اهڙي ڪلام ۾ ڪوبه نقطو استعمال ٿيل نه هوندو آهي، جنهن لاءِ خيال ۽ مشق جو وڏو دخل هوندو آهي پر درويش جڏهن به پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندا آهن ته اهڙيون صنعتون بي اختيار جڙنديون نهنديون وينديون آهن، اهڙي قسم جو اظهار "**فقير مسرور**" جي هڪ غزل ۾ به آهي، لکي ٿو:

وصال وارو وعدو، الله لک دلارا،
دلدار داد رس ڪو، ڪر مِهر، مِهر وارا.

## صنعت فوق النقاط:

شاعريءَ ۾ هيءَ صنعت به ڏاڍي ڏکي ليکي ويندي آهي ڇاڪاڻ ته هن صنعت ذريعي وري سمورن لفظن جي مٿان نقطا ايندا آهن، ظاهر

آهي شاعر جو خيال ئي اهڙو هجي جنهن جي اظهار لاءِ وري لفظ ٻه اهڙا منتخب ٿيل هجن تڏهن ئي هن صنعت جو مثال ڏئي سگهجي ٿو. ان حوالي سان اسان کي "فقيرمسرور" جو ڪلام ٻه ملي ٿو:

سدا سور سهٽل، سندا ٿا ستائن،
اندر درد دونهان، ٿا دم دم دکائن.

## صنعت تحت النقاط:

هن صنعت کي تحت منقوط ۽ تحتانيه ٻه چوندا آهن. هن صنعت ذريعي سڄي عبارت ۾ حرفن جي هيٺان نقطا ڏنل هوندا آهن. هن صنعت تي ڪلام لکڻ ٻه ڏورو مشڪل ڪم آهي، پر ان صنعت جي حوالي سان "فقيرمسرور" جو هڪڙو غزل هن حصي ۾ شامل آهي.

اڄي حال هڪ وار پس هي پيارا،
ڪيو درد ڏوريءَ جگر جيءُ ٻوپارا.

## صنعت واسع الشفتين:

هن صنعت کي اهڙين عبارتن ذريعي پرکي سگهجي ٿو، جنهن جي پڙهڻ سان چپ چپ سان نه لڳي، شاعريءَ جي هيءَ صنعت ٻه ٻين لفظي صنعتن جيان نهايت مشڪل آهي، ڪنهن ٻه شاعراڻي خيال کي، شعوري نزاڪت سان دلپذير بنائڻ واري هن مشڪل مرحلي کي فني خوبيءَ سان نڀائڻ جي بي اختيار ساراهه ڪري سگهجي ٿي، هڪ ته هن صنعت واري ڪلام کي ڳائڻ ۾ نهايت آساني ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته علم موسيقيءَ ۾ انهن لفظن جي وڏيک اهميت هوندي آهي. جن جي اچارڻ سان وات ڪليل رهي. ان حوالي سان "فقير مسرور" جي ڪلام جون ڪيترين ئي مصراعون هن صنعت جون گهرجون پوريون ڪندي نظر اچن ٿيون:

- ڇا هئين، ڇا ٿي آئين، ڪير آن، ڪاڏنهن اچين.
- ڄاڄ هي جهاتي وجهي حيلو ڪري تون هاڻ ڪجهه.
- هٽي هجر سينو ڪيو تار تار، لڃي لونءَ لونءَ ٿي، لڳي لنو لغار،

ان سلسلي ۾ "فقير مسرور" جا ڪجهه غزل به هن صنعت جي سونهن سان سينگاريل آهن:

رهان ٿو سوا تنهنجي ساجن اداس،
ڏسي حال هيٺو هي، ڪر ڪو قياس.

## صنعت اقتباس:

مرحوم محمد ابراهيم خليل لکي ٿو ته (33): "اقتباس جي لغوي معنيٰ آهي روشني وٺڻ. اصطلاح ۾ ڪا به آيت يا ان جو جزو، يا حديث آندي وڃي ته ان کي اقتباس چئبو آهي. تضمين ۽ اقتباس ۾ فرق اهو آهي ته تضمين ڪنهن به شاعر جي ڪلام کي پنهنجي ڪلام ۾ موزون ڪرڻ کي چئبو آهي ۽ اقتباس رڳو ڪلام رباني يا حديث جي عبارت کي پنهنجي ڪلام سان مربوط ڪرڻ کي چئبو آهي."

هيءَ صنعت سنڌ جي سمورن صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ بدرجا اتم موجود آهي، ڇاڪاڻ ته صوفي، سالڪن توڙي عاشقن جو ڪلام، قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جي احاطي کان ٻاهر نه هوندو آهي. ساڳئي حوالي سان ڏسبو ته "فقير مسرور" جي ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ قرآن پاڪ ۽ حديثن جا اقتباس ڏنل آهن، سندس غزلن ۾ به آيتن جو ترجمو ۽ ڪجهه حديثون اهڙي انداز ۾ منظوم ٿيل آهن جو اهي سندس ئي ڪلام جو حصو ٿيون نظر اچن، ڪجهه مثال هتي پيش ڪجن ٿا:

ڏک پٺيان سک ٿو ملي، هي خود خدا جو حڪم آ،
ريءَ جفا، موجون مزا ماڻڻ ادا آهي عبث.

مٿين مصرع قرآن پاڪ جي سوره الم نشرح 94 جي ڇهين آيت آهي: "ان مع العسر يُسرا" يعني بيشڪ اهنج سان گڏ سهنج آهي. اهڙيءَ ريت حديث شريف کي اقتباس ڪندي لکيو اٿس:

ڏس پروڙي پاڻ ۾، من عرف واري مام کي،
الانسان سره سري انا، اهڃاڻ ڪجهه.

هي حديثون آهن: من عَرف نفسهٖ فقد عرف ربهٖ الاِنسان سري وانا سرهُ

## خط:

سنڌي شاعرن پنهنجي روح کي ريجهائڻ لاءِ. اهڙو اهڙو ڪلام ٻه چيو آهي جن ۾ ڳائڻ جي هر صنف ۾ انهن ۾ انساني، مادي توڙي روحاني ڪيفيت پيدا ڪندڙ رنگ موجود آهن، اهڙن ڪلامن ۾ ڪٿهن ڪٿهن شاعرن پنهنجي محبوب لاءِ پيغام سنيها يا نياپا به لکيا آهن، جيڪي ڪٿهن ڪبوتر جي ڳچيءَ ۾ ته ڪٿهن ڪانگل جي وات زباني اماڻيا آهن.

جيئن ته نياپي آڻڻ ۽ نيڻ جي تاريخي روايت ڪبوتر سان منسوب آهي پر سنڌ ۾ سنڌي شاعرن ڪانگ کي ڪجهه وڌيڪ اهميت ڏني آهي، انهيءَ ناتي اوسيئڙي الڪي، دل جي ڏيرج ۽ نينهن جي نياپن يا ٻين ڪيترن رازن ۽ رمزن جي آڻڻ نيڻ جو امانتدار ڪانگل کي بنايو آهي. جهڙيءَ ريت ايراني شاعريءَ ۾ قاصد، نامہ بَر کي مانُ مرتبو مليو آهي. تهڙيءَ ريت سنڌ ۾ ڪانگل کي عزت ملي آهي، سنڌي شاعرن ته ڪيس هڪ ڪان وڌيڪ لقبن سان به نوازيو آهي، اهو غريبن جو قاصد، سورن جو ساٿي، ڪٿهن ڪانگڙو سڏائيندو آهي ته ڪٿهن اهو ڪيانتل سڏائيندو آهي، ڪٿهن اهو منو ته ڪٿهن ٻاٻيهل، ڪٿهن پانڌي ته ڪٿهن قاصد ٿي عاشقن جي دل جو آواز ٻڌجي وصال ۽ ديدار جا نياپا آڻيندو ۽ نيندو آهي.

"**فقير مسرور**" به محبن سان ملڻ جي مانڌائي، سانگيئڙن جي سار، تانگهه، پهچي نه سگهڻ جي مجبوريءَ، بيوسي، هيٺي حال، جدائيءَ ۽ درد جا نياپا ڪانگ ذريعي ئي اماڻيا آهن. ڪافين ۾ ته ڪٿي مارئيءَ وانگر مارن کي ساريو اٿس ته ڪٿي سسئيءَ وانگر درد مان دانهون ڪري پنهل کي پڪاري ڪانگل کي خط ڏنا اٿس.

هتي اهو ذڪر ڪرڻ نهايت اهم ٿيندو ته اسان جي صوفي شاعرن جو مجازي محبوب هڪڙو ئي ٻنهي جهانن جو آقا، الله پاڪ جو حبيب، محبوب مڪي مدني حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ذات بابرڪات رهي آهي، "**فقير مسرور**" جو به تمام گهڻو ڪلام پاڻ سڳورن جي محبت ۽ ديدار جي تمنا جي حوالي سان چيل آهي:

"مسرور" كي بہ هيكر سڏڙا سٽي سڏايو،
كانگا طرفان توهان جي، اڏاريان ٿو سنجهہ صبح.

اچي قاصد قريبن جا، صفائيءَ سان سٽايا جي،
سنيها سوز سڪ وارا، سرس سي ساھ سيبايا.

۽ جڏهن عاشقن تي ديدار جون عطائون ٿين ٿيون، سوز سڪ وارا سنيها ساب پون ٿا تہ نہ رڳو محبوبن جي طرف كان نينهن جا نياپا اچن ٿا، پر عاشقن تي ديدار جو وارو وري ٿو، اهڙيءَ صورت ۾ عاشقن جا جوش جذبا، بيخوديءَ جي كيفيت ۾ اظهارجڻ لڳن ٿا:

عجيبن جي طرف كون اڄ، نياپا نينهن جا آيا،
جنهين جي موج سيءِ سرنو، جلالي جوش جاڳايا.

سُٽي سُڌ خير جي قاصد كنان، پانيان پرين پرتئون،
اگڻ ۾ سچ اسان جي اڄ قدم جڻ رنج فرمايا.

## معنوي صنعتون

"فقير مسرور" جي ڪلام ۾ معنوي صنعتون بہ اڪيچار آهن، جن مان ڪجھ هتي پيش ڪجن ٿيون.

## صنعت تشبيهہ:

شعر ۾ مشابهت ڏيڻ يا مقابلي ڪرڻ ڪي اصطلاحي انداز ۾ تشبيهہ سڏبو آهي، جنهن ڪي مشبہ بہ چئبو آهي ۽ جنهن صفت ۾ تشبيهہ ڏجي ان ڪي وجہ تشبيهہ چئبو آهي ۽ لفظن "جان / وانگر/ جيئن" جي استعمال سان مشابهت ڪبي تہ ان ڪي حرف تشبيهہ سڏبو آهي:

ور وڪڙ وارن سجڻ جي ۾ ڦٽي ٿي يار ڦٻ،
پر جيئن ٻڄي ڪنگي، تنهن ريت سان زهدار ڦٻ.

حرف تشبيهہ ڪي تشبيهہ مطابق بہ سڏبو آهي، جا "فقير مسرور" جي ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ موجود آهي:

هٿ ۾ ڪري هن حال ڪي، عاشق سچي عطا جان،
"**مسرور**" مانجهي مرد تون تان نينهن جو نعرو هڻج.

صاف ڪر دل جو سڄوئي غير، ڪوناريءَ وجهي،
جيئن ٿئي سونو صفا، چاندي چٽي ۽ جست مَٽُ.

## صنعت استعارا:

استعاري جي معنيٰ آهي اڌارو گهرڻ، پر اصطلاحي معنيٰ آهي: ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ ڪڍي اڌاري طور ڪم آڻڻ، تشبيهه ۽ استعاري ۾ فرق هي آهي ته تشبيهه ۾ هڪ شيءِ کي ٻيءَ جهڙو چئبو آهي، جيئن شينهن جهڙو مڙس، پر جڏهن مڙس کي خود شينهن چيو ويندو ته ان کي استعارو سڏبو، انهيءَ جو مثال "**فقير مسرور**" جي ڪلام ۾ هن ريت ملي ٿو:

آءُ عاشق آڳ تي تون مَچُ ڏسي نا ڪاءُ موٽ،
ڪيج ڪر ڪاري چڙهي، پر گهر اچي هڪوار گهوٽ.

عشق جي آڳ تي ڪيج ڪرڻ لاءِ هٿ "ڪاري" کي"جسم" ۽ "گهر" کي "دل" لاءِ استعارو ڪري آندو آهي، جنهن جو مطلب آهي ته ڪاري تي چڙهي يعني مٽيءَ جي ڍير تي قابض ٿي ۽ عشق جي مچ تي ڪڏندو اچ. عشق کي ڏسي جسماني يا عقلي دليلن جي چوڻ تي لڳي موٽ نه ڪاءُ، چو ته انهيءَ جسم جون گهرجون هر وقت پيون توکي موٽائڻ ۽ ڪمزور ڪرڻ لاءِ اپاريندیون رهنديون.

## صنعت ڪنايہ:

ڪنايي جي معنيٰ آهي اشارو ڏيڻ يعني ڳالهه کي چٽو بيان نه ڪرڻ. جڏهن لفظ پنهنجي اصلي معنيٰ سان قائم هجي ۽ چوندڙ جو اشارو ڪنهن ٻي معنيٰ ڏانهن هجي ته اهڙي گفتگو کي علم بيان موجب ڪنايو چئبو آهي.

"**فقير مسرور**" ڪجھ جاين تي پنهنجي ذات "**بدوي**" ۽ تخلص "**مسرور**" کي ٻہ ڪنايي جي طور تي ڪم آندو آهي، فرمايو اٿس:

"**بدويءَ**" سان پلايون گوندر ويا تہ گمان.

ڏيو يار "**خوشدل**" جي دل کي دلاسو،
سٺي سانگ لاڳا لڳو تنهنجو لاري.

بدوي عربستان ۾ رهندڙ قوم بہ آهي ۽ خوشدل بہ صفاتي اسم آهي، جن کي پنهنجي لاءِ ڪنايي طور ڪم آندو اٿس. هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

عشق بازيءَ ۾ ايازي، آ قدم "**مسرور**" جو،
ڪم اٿم محمود سان، لعل و گوهر جو ناهہ ڪپ.

هتي ايازي، محمود جي غلام اياز جي غلامي، الفت ۽ ثابت قدميءَ لاءِ استعمال ڪيو اٿس، انهيءَ خيال سان محمود، بادشاهہ جي بدران حضرت مُحَمَّد ﷺ جن لاءِ ڪنايي طور ڪم آندو اٿس، يعني "**فقير مسرور**" جو چوڻ آهي تہ عشق ۾ هو ان آقائي نامدار جو غلام آهي ۽ انهيءَ غلاميءَ ۾ قبولڻ جو شرف، دنيا جي لعل ۽ گوهر جي ملڻ کان هزارين درجا مٿانهون آهي.

## صنعت تلميح:

تلميح معنيٰ ڏيکارڻ آهي، اصطلاح معنيٰ موجب شعر ۾ ڪنهن قصي، مسئلي يا اصطلاح ڏي اشارو هجي تہ انهيءَ کي صنعت تلميح سڏبو آهي. "**فقيرمسرور**"جي ڪلام مان هن صنعت جا ڪجھ مثال پيش ڪجن ٿا:

سڻ سچائين ڪين ٿو، جي لوڪ جي لاهين جهنڊ.

هن مصرع ۾ جهنڊ لاهڻ اصطلاح آهي، جنهن کي سماجي مسئلي يعني ٺڳي ۽ استحصال ڪندڙن جي لاءِ ڪتب آندو اٿس.

## اصطلاح ڏانهن اشارو:

اڪ انب ڪين ڏي ٿو، ناڙو نہ نانگ تي ٿو.

اڪن بہ ڪي انب ڏنا ۽ "نوڙيءَ کي نانگ ٻانئڻ"، اصطلاح آهن.

## قصي ڏانهن اشارو:

هن حدو لامحدود کي پاتو جنهين مقصود کي،
سا خبر محمود کي، ڄاڻي ٻيو شيدي اياز.

رکيو ڏڏُ ليلا سُهڳ جو صحيح،
وٺي هار وَرُ سا ڦرائي تي ڦوڳ.

پهرين شعر ۾ محمود ۽ اياز جي قصي ڏانهن ته ٻئي شعر ۾ ليلا چينسر جي قصي ڏانهن اشارو ٿيل آهي، ته ليلا ڪيئن نه مفت ۾ هار وٺي وَرُ ڦرائي ويٺي.

## صنعت مجاز مرسل:

جڏهن استعاري وانگر ڪي لفظ غير معمولي معنيٰ سان ڪم اچن، جيئن "مسبب" جي جاءِ تي سبب وغيره ته ان صنعت کي مجاز مرسل سڏبو آهي. جيڪڏهن ڪنهن لفظ کي تشبيهه جي لحاظ کان سندس اصلوڪي معنيٰ کان ٽيڙبو ته انهيءَ حالت ۾ اهو استعارو سڏبو پر جيڪڏهن تشبيهه کانسواءِ ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري لفظ کي اصلوڪي معنيٰ کان ٽيڙبو ته ان کي مجاز مرسل سڏبو، مثال طور:

آءِ نيش مثل مجلس، سا عيش جي سراسر،
جنهن ۾ اگر صراحي، ساقي ۽ جام ناهي.

هتي لفظ مجلس ڪتب آندل آهي ۽ مجلس، جڙندي ئي ماڻهن سان آهي، سبب لاءِ ڪتب آيل لفظ "مجلس" هتي مجاز مرسل جي صنعت طور ڪتب آيل آهي. انهيءَ خيال کان وري هن شعر جي معنيٰ ڏانهن ڌيان ڏبو ته نظر ايندو ته اهڙي مجلس جا ماڻهو ڏنگ ڏيندڙ ٽين ٽا، جن وٽ پيار جو جام، شوق جون صراحيون ۽ ورهائڻ وارا (ساقي) محبتي نه آهن، هن شعر ۾ صراحي، ساقي ۽ جام استعاري طور ڪتب ٿيل آهي.

ڏسي نياز نوريءَ جو صاحب سَمي،
ڪيو معاف تنهن جي ملڪ تان انوگ.

هتي نوريءَ جي نياز جي ڪري ئي سمي سردار ڄام تماچيءَ، ڪينجهر تي رهندڙ مهاڻن جي ڏل معاف ڪئي هئي، مطلب تہ نوريءَ جو نياز، ڏل معاف ڪرائڻ جو سبب بڻيو.

## صنعت تعجب:

اهو شعر جنهن ۾ شعر پنهنجو عجب ظاهر ڪري يا عجب جهڙي ڳالهہ آڻي، ان کي صنعت تعجب چئبو آهي. **"فقير مسرور"** انهيءَ عجب يا حيرت کي، تصوف جي اصطلاحي مقام حيرت واري نرع ۾ اظهاريو آهي:

نہ ڏينهن ڏنو نہ رات ڇني نہ شمس قمر شهاب عجب،
نہ سرد گرم نہ ريت مٽي، نہ جاڳ رهي نہ خواب عجب.

**"فقير مسرور"** جو هي پورو غزل صنعت تعجب جو سهڻو مثال آهي. جيستائين صنعت عجب جو تعلق آهي تہ **"فقير مسرور"** جيستائين حيرت جو لڪ لنگهي پار نہ ڪيو هو تيستائين، عجب ۽ حيرت جو ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ تمام گهڻي انداز ۾ ڪيو اٿس، مثال طور:

آ عجب مون کي اهو تان، هُت نہ تي پيڙم پتو،
سمجهہ سِرَ جي هِت پيتم، هُتڙي تہ مان بيهوش هوس.

هِت هُت، رلان بي سبب، دل ۾ وسي ٿو سڄڻ،
هن ڳالهہ جو عجب تان، ڪو پتو ناہ ڇڻ.

## صنعت ڪلام جامع:

جنهن شعر ۾ حڪمت ۽ نصيحت جا نڪتا هجن ۽ اُهي سمجهائڻ واري انداز ۾ آندل هجن تہ ان کي صنعت ڪلام جامع سڏبو آهي. هيءَ صنعت بہ سنڌ جي مڙني صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ نظر اچي ٿي، **"فقيرمسرور"** جي ڪلام جا ڪجهہ مثال هن ريت آهن:

ڇيڳرو ٿي ڳالهہ ڇيڙي، راهہ ويندن کي نہ رند،
راز دل جو راز محرم ريءَ، ڪنهين سان ڪين وند.

وقت کي ڄاڻج غنيمت، هٿ نہ ايندو سو وري،
ڳالھ هيءَ سوچي سجي تون ڪين غفلت ۾ گذار.

پير پُرڇهي ڪٽج هوريان، ڪر ڦِٽي طبعي تڪڙ،
اک پٽي هَلُ هوش سان، آڏو اٿي ڪيڙي ۽ ڪڙُ.

"**فقير مسرور**" دل جي راز کي لڪائڻ ۽ هر ڪنهن سان نہ ونڊڻ جي نصيحت ڪري ٿو ڇاڪاڻ تہ دل جو راز ڪنهن راز محرم کان سواءِ ونڊڻ لاءِ خود قرآن پاڪ بہ منع فرمائي آهي. هيءَ تہ آهي ئي انهيءَ قدرت واري قادر جي عطا، تہ جنهن کي اهو فهم عطا ڪري، جنهن لاءِ فرمائي ٿو:

امداد ربي عشق آ، مشڪل اچي ڪنهن مرد وٽ،
سستو نہ سو ڄاڻج، جيئين، سودو ملي بازار هٽ.

## صنعت معما:

معمي جي معنيٰ آهي ڳجهارت. ڳجهارت، ڏٺ، ڏور ۽ پيرولي شاعريءَ جي صنف طور بہ سنڌ جي سگهڙن ۽ شاعرن ۾ مقبول ۽ مروج رهي آهي. "**فقير مسرور**" جي ڪلام ۾ هيءَ صنعت بہ گهٽي مقدار ۾ موجود آهي، پر سندس انداز سگهڙ پائيءَ جي ٻولن ۽ عام شاعرن کان نرالو ۽ خاص صوفياڻو آهي، جيئن چوي ٿو:

جُزا ۽ ڪُلي تہ ڪُل ئي آهي، سو ڪُل آ جيئن ڪتاب خالص،
پني پني تي عجب ڪهاڻي، عجيب هر هڪ آ باب خالص.

هن شعر ۾ جز ۽ ڪل جي ڳجھ کي پني، باب ۽ ڪتاب جي مام ۾ رکيو اٿس. وحدت ۽ ڪثرت جي انهيءَ راز کي کولڻ لاءِ وري اڳتي اشارو ڏئي ٿو:

ڏئي ٿو "**فقير مسرور**" شھ درازي سوال هن جو جواب خالص،
خدائي نالو ٿيو آ منهنجو، خدا تہ تنهين خطاب خالص.

مٿين معمي جو جواب دولهہ درازي سرڪار سچل سرمست رحمت الله عليه جي تخلص "خدائيءَ" ۾ آهي، يعني ڪل جا جزا نظر ايندڙ حياتياتي عناصر آهن، جيڪي انسانن، وڻن پکين ۽ جانورن جي صورت ۾ حيات جي مڪمل (ڪتاب) هجڻ جو ثبوت ڏين ٿا ۽ انهن سيني تي قادر، واحد اهو ئي رب ذوالجلال آهي ۽ هيءَ سموري ڪائنات سندس خدائيءَ جو شان آهي. هڪڙي ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

ڪڏهن ٿو خوف ڪان ڏڙڪان، رجا سببان ڪڏهن ٽڙقان،
بهرحالت لڇان لڙڪان، خوشي غم تي هڪا وائي.

هن شعر اندر "لڪ" ٻن جاين تي آندل آهي، پهريئين قيامت جي سختيءَ سبب خوف ڪان ڏڙڪڻ جو ذڪر آهي ته ٻئي هنڌ حضور نبي ڪريم شفيع المذنبين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي شفاعت ۽ ديدار جي اميد (رجا) جي حوالي سان "غم ۽ خوشيءَ" جو اظهار ڪري ٿو.

هن شعر ۾ "ايمان" جي نشانيءَ ڪي، "خوف ۽ اميد" جي ڪيفيت ذريعي بيان ڪيو ويو آهي ڇاڪاڻ ته ايمان وارو شخص انهن ٻنهي حالتن ۾ ئي رهندو آهي. جيڪو اشارو هڪ حديث پاڪ ڏانهن آهي ته "الايمان بين الخوف ولرجاءِ" يعني ايمان. خوف ۽ اميد جي وچ تي ٽڪي ٿو.

## حسن مطلع:

حسن مطلع ۽ حسن مقطع ٻہ شاعريءَ جون معنوي صنعتون آهن. "**فقير مسرور**" جي ڪلام ۾ جتي اڪيچار لفظي ۽ معنوي صنعتون موجود آهن اتي سندس حسن مطلع ۾ بہ ڪمال پرواز آهي، فرمائي ٿو:

ڪچ ڪوڙ ڏوڙ ميڙي، وينس ڪڍي دڪان،
سستو ڏيان ٿو توڙي گهر پيو گران.

تنهنجا عشق ويني تي گڻ ڳايان،
لڪين پال پلايون مان پاران.

## حسن مقطع:

شعر جو شاهه بند مقطع ٿيندو آهي، جنهن ۾ شاعر جو تخيل ڪامل صورت اختيار ڪندو آهي، منهنجي ناقص راءِ مطابق "**فقير مسرور**" ڪلام ۾ خوبيون تہ گهڻي ئي آهن پر حسن مقطع ۾ سندس تخيل جي واقعي ڪامل صورت نظر اچي ٿي، مثال لاءِ "**فقير مسرور**" جا مقطع منتخب ڪرڻ بہ نهايت مشڪل ڪم آهي پوءِ بہ ڪوشش ڪري ڪجهہ مقطع پيش ڪريان ٿو، جن جي مطالعي سان قاري خود بہ اندازو ڪري سگهي ٿو:

- هي هُو بئي "**مسرور**" اسان جا، پنهنجي رائي اچئون وڃئون ٿا،
  گهمون ڦرون ڇا گوندر گهاريون، جو ڪجهہ آهيون ٻيون نہ ٿيون ٿا.

- نہ بيگ نہ ڪي فقير اُتي، غريب گدا نہ امير اُتي،
  "**غلام علي**" فقير اُتي، نہ ڏوهہ نہ ڪو ثواب عجب.

- حسرتا "**مسرور**" جي منديءَ مٿان غازي اچي،
  سِرُ ڪندا صدقي جتي، تون اُت ڪندين ڇا گهرو گهاءِ.

- موج ۾ مستيءَ منجهان، "**مسرور**" پوءِ منصور جان،
  مَن خدائي جو نسنگ نعرو هٽي دلدار ڦُٽ.

- سر جنهين "**مسرور**" مانجهي، نينهن جي نوبت وڄي،
  سو ٿئي منصور جان، سوليءَ مٿي هسوار نيٺ.

- عشق بازيءَ ۾ ايازي، آ قلم "**مسرور**" جو،
  ڪم اٿم محمود سان، لعل و گوهر جو ناهہ ڪپ،

- هٽ لا جي تکي تلوار ڪري، "**مسرور**" سري ڏڙ ڏار ڏري،
  لا، لا جي سدا للڪار ڪري، ست پٽ ۾ رهي ستنام ٿي وڄ.

- منهن وجهي ”**مسرور**“ مونن، اَمرُ ۽ انڪار ٻڌ،
هن دروني دم سندي، درياهہ جا ڏڏڪار ٻڌ.

- دم سان ادا تون دم ونگي، جهاتيون وجهڻ جڳ جون ڇڏي،
”**مسرور**“ حد بيحد لنگهي، تون ملڪ لاحد ڏانهن لڏ.

- ڏٺي تو ”**مسرور**“ شهہ درازي سوال هن جو جواب خالص،
خدائي نالو ٽيو آ منهنجو، خدا تہ تڏهين خطاب خالص.

- ازل جي ڏينهن کان يارو اسين احرام ۾ آهيون،
ميان ”**مسرور**“ نيهن جي نرالي نام ۾ آهيون.

## علامت نگاري:

قدرت جو اصل ڪرشمو تہ انسان آهي، جنهن لاءِ ان جي پالڻهار ڪروڙين نعمتون بہ خلقيون آهن، انهن ۾ هڪڙي نعمت آهي قدرت جي جوڙجڪ کي سمجهڻ ۽ پرجهڻ جي صلاحيت، جنهن کي حضرت انسان، ڏاهپ، فهم، سونهن، سادگيءَ ۽ ٻولين جي ذريعي اظهاريو بہ آهي، پنهنجي ماحول ۾ ٿيندڙ تبديلين ۽ دلي (خارجي توڙي داخلي) بيان ڪرڻ لاءِ بہ سماجي قانون جي پابندي ۽ خيال، فڪر يا ويچار جي آزاديءَ سبب، اظهار جي طريقن لاءِ لفظن کي ئي ذريعو بنايو آهي.

پوري ڪائنات، انساني سماج توڙي اڻ ڏٺل دنيا جي رازن کي سمجهڻ، سمجهائڻ لاءِ بنيادي طور لفظ يعني ٻولي ئي اصل فهم، فڪر ۽ تخيل کي ڪائنات جي وسعتن ۾ پرواز ڪرڻ جا بنياد فراهم ڪندي آهي ۽ هر احساس، ڪيفيت ۽ جذبي جو تخليقي اظهار بڻجي، انساني زندگيءَ ۽ اسرار الاهي جي اپياس ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي آهي.

جناب افتخار جالب لکي ٿو تہ(34):

”شاعر جي ”لفظ“ سان وابستگي، معاشرتي نوعيت جي ٿيندي آهي. لفظ معاشرتي رابطي جو بنياد هوندا آهن. مسلسل استعمال سان

لفظ، ڪنهن نہ ڪنهن خواهش، جذبي يا احساس جو نشان (SIGN) ٿي ويندا آهن. لفظن جي اها حيثيت ڪارج واري ٿي پوندي آهي ۽ شاعر تخليق جي وقت لفظ جي انهن ٻنهي حيثيتن کي استعمال ۾ آڻيندو آهي.“

صوفي شاعرن جي ڪلام جي مطالعي ڪرڻ سان اهو احساس يقين ۾ بدلجي وڃي ٿو تہ عشق ئي ڪل ڪائنات جي حياتيات، معدنيات، نباتات ۽ جمادات جي حسن جو اصل سبب آهي، ۽ اها بہ عشق جي ئي عنايت آهي جو انسان وڏن وڏن اسرارن، راز ۽ رمزن تان پردو ڪڻي ٿو ۽ هيڪڙائيءَ ۾ وصل ماڻي ٿو.

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو لکي ٿو(35):

”لفظ تجربي جي بنياد تي جڙندا آهن تہ ڪڏهن پاڻ مرادو شيءِ جي ضرورت موجب لاشعوري طور بہ پيدا ٿيندا آهن، پر اهڙو احساس، جذبو ۽ خيال اڳ ۾ ئي ذهن ۾ هوندو آهي.“

تجربي جي ان ڪيفيت کي **”فقيرمسرور“** هن طرح بيان ڪري ٿو:

مَٿئي جيم جو نقطو، مٿان ڏيئي وڃهي جهاتي،
پتو لهہ هاڻ تہ تو ۾ جدا ڇاهي خدا ڇاهي؟

”ج“ جو نقطو وچ مان ڪڍي مٿان رکڻ سان اهو ”خ“ ٿئي ٿو، ۽ **”فقير مسرور“** جو چوڻ آهي تہ خدا کي سمجهڻ لاءِ جيم (جسم) جي نقطي کي وچ مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ جسم فاني آهي ۽ خدا لافاني ۽ باقي آهي، نفس جي ان هڪڙي نقطي کي بدلائڻ ڪانپوءِ معلوم ڪرڻ گهرجي تہ عبديت ۽ ربوبيت ڇا هي؟ يا جدا ڇا آهي ۽ خدا ڇاهي!

محترم انيس ناگي، لکي ٿو:

”ذهني واردات ۽ تجربو ڪهڙي بہ سطح تي هجي، پهرين ڪيفيت، احساس، جذبي ۽ خيال تي مشتمل هوندو آهي. پر لفظ ان ڪانپوءِ شعوري يا غير شعوري طور تلاش جي ذريعي پيدا ٿيندا آهن. اهو عمل ڪڏهن ڪڏهن پاڻ مرادو ٿيڻ لڳندو آهي، پر حقيقت ۾ اها صورت، عادت جي تابع هوندي آهي ۽ عادت وري تجربي ۽ تڪرار سان وجود ۾ ايندي آهي“(36).

ان سلسلي ۾ "**فقير مسرور**" جو چوڻ آهي ته جن کي ازل کان عشق عطا ٿيل هوندو آهي انهن جي طبع جو بي اختيار اظهار پاڻمرادو لفظن جي لبادي ۾ نمودار ٿيندو آهي، جنهن لاءِ فرمايو اٿس:

هي عشق جن کي ازلي، سر سوز مان سڄڻ جي،
سهڄئون سدائين ڳائن، سهرا نوان نوان.

"**فقير مسرور**" وٽ خيال جي اظهار لاءِ جتي تصوف جا روايتي لفظ موجود آهن اتي سندس ڪلام ۾ لفظن جون نيون نيون ترڪيبون به نظر اچن ٿيون، جيڪي ڪيفيت، عمل ۽ احساس کي نيون معنائون بخشين ٿيون، مثال طور هڪ هنڌ چيو اٿس:

سال ٿيا "**مسرور**" کي هيئن ڏينهن گهاريندي ڏکيا،
روڄ ۾ لک راتڙيون ۽ چست پڻ ڪندي چراغ.

چراغ چست ڪرڻ، اصطلاح آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، مسلسل ڏيئو ٻاري رکڻ لفظن جي اها ترڪيب نه رڳو انوکي، نئين ۽ وڻندڙ آهي پر اهو اصطلاح **ياد، ۽ انتظار** جي علامت به آهي.

ڪنهن به خيال کي لفظي صورت ڏيڻ، وڏي رمز جو ڪم هوندو آهي. ۽ رمز ۾ ڳالهائڻ، رمز رَسي ڳالهائڻ ۽ رمز سان ڳالهائڻ خود وڏو هنر آهي، ۽ ان هنر کان تمام ٿورا ماڻهو واقف هوندا آهن. اظهار جو اهو اسلوب، جنهن ۾ تصور ۽ خيال جو هڪ ڪٽندڙ سلسلو هوندو آهي، اهو صرف ورتاءَ سان پيدا ٿيندو آهي، بيءَ صورت ۾ مخفي خيال کي لفظن ۽ علامتن ۾ پيش ڪرڻ به ڏکيو ڪم هوندو آهي، "**فقير مسرور**" جو هڪڙو شعر آهي:

پل لوڪ هلائن سمجهه ذري، تون ڪول نه ڳجهه جي ڳالهه ڳري،
ڪر ماٺ متان "**مسرور**" وري، پائن نه متئون پڙ پيرُ ڪري.

هي شعر غور طلب آهي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ڳالهه کي نه رڳو مخفي رکڻ جو احساس پيدا ڪيل آهي پر انهيءَ ڳالهه کي لڪائڻ جو سبب به پيش ڪيو ويو آهي. "**فقير مسرور**" دنيا جي عام بي سمجهه ۽ ابوجهه ماڻهن جي ذهنيت جي مشاهدي جي حوالي سان ان رمز کي ، "رمز" واري نوع ۾

پيش ڪيو آهي، چاڪاڻ تہ ماٺهو گهٽو ڪري پيرُ ڪري پوڄڻ ۽ قبر تي پڙ وجهي پيا باسون باسڻ واري، عقيدتمنديءَ جي منزل تي ئي رهجي ويندا آهن ۽ عشق جي چاڙهي چڙهڻ کان ڇڪجي ويندا آهن. هونئن بہ قبر تي پڙ وجهي پير ڪري پوڄڻ جي واري معاملي جي اختلاف ۾، "**فقير مسرور**" اها ڳالهہ پنهنجي مرشد راهہ طريقت شهنشاهہ بيدل سرڪار جي رنديءَ واري رمز کي آڏو رکي چئي آهي چاڪاڻ تہ خود شهنشاهہ بيدل سائين "بزرگيءَ" بجاءِ "رنديءَ" کي اهيت ڏني آهي، فرمايو اٿس:

برهہ جا بار بدناميون، چمي چشمن تي چاياسي،
بزرگيءَ کون پڇي "**بيدل**"، رنديءَ جا رنگ رچاياسي.

"**فقير مسرور**" جي ڪلام ۾ علامتن جا بہ انبار پريل آهن، سندس ڪوبہ اهڙو ڪلام نہ آهي، جيڪو فڪر کان خالي هجي يا علامتن کان عاري هجي، تصوف، وحدت، ڪثرت، نفي، اثبات، مجاز ۽ حقيقت کي سمجهائڻ لاءِ نهايت سليس ۽ سهٽن لفظن ۾ علامتن کي آندو اٿس، هڪ هنڌ فرمايو اٿس:

ماٺي مزو سڄوئي، "**مسرور**" مرد سوئي،
خوش تي کِلي جو کائي، مردار ڪنهن طرح.

هتي "مردار" نفس جي علامت آهي، يعني جيڪو مردار کائيندو(نفس کي ماريندو) اهو ئي مرد سڏائيندو. هت "مرد" علامت آهي نفس مردود کي مارڻ واري مسبب جي، نفس کي مارڻ واري کي تصوف جي ٻوليءَ ۾ مرد، غازي، عاشق ۽ سالڪ بہ چوندا آهن. هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

نت نوان پهري وڳا، پورل پُلائڙ جي نہ ڪر.

اهو تصوف جو ئي ڪارنامو آهي جو صوفي درويشن قرآن ۽ حديث شريف جي حوالي سان ڪيتريون ئي رمز پريون ڳالهيون، کولي ظاهر ڪري ٻڌايون آهن. هيءَ بہ هڪ حديث شريف "الانسان سري و انا سرهٗ" ۽"ما ظهرت في شيي ڪ ظهوري في انسان" جي حوالي سان چيل آهي، جنهن جو مطلب آهي: "مان انسان جو راز آهيان، انسان منهنجو راز آهي ۽ مان ڪنهن شيءِ ۾ اهڙو ظاهر نہ ٿيو آهيان جهڙو انسان ۾.

ان حوالي سان **"فقير مسرور"** جي ڪلام جي هن مصرع ۾ "پورل" کي مجازي علامت ۾ پيش ڪيو ويو آهي، ۽ نون وڳن (مختلف صورتن) ۾ نظر ايندڙ پورل (محبوب حقيقي) کي اسرار الاهي جي ڪثرت واري علامت ڪري پيش ڪيو ويو آهي. هڪڙي هنڌ فرمايو اٿس:

ٻي جي بنائي بهتر، پنهنجيءَ کي پر پلستر،
کهگل نہ تو ڪرائي، معمار ڪنهن طرح.

"کهگل ڪرائڻ" معنيٰ آهي ليپو ڏيارڻ، جنهن کي قلب جي صفائيءَ لاءِ علامت ڪري آندو ويو آهي. هن مصرع جي معنيٰ بہ خوب آهي. يعني معمار (ناهڻ وارو، استاد يا مرشد) خود پنهنجي قلب (سوچ ۽ عمل) کي درست نہ ٿو ڪري.

**"فقير مسرور"** جي ڪجهہ غزلن ۾ ڪجهہ انوکيون ۽ نهايت سهڻيون علامتون آندل آهن، هڪڙي مصرع آهي تہ:

اکريءَ ۾ چڙي داڻا، چڄ ۾ بہ وري چنبي،
هي پرت منجهان پيهي، اُچتو تہ اڍاري رکُ.

**"فقير مسرور"** جي هن شعر جي تخيل کي سمجهڻ لاءِ پهرين ان جي استعمال ڪيل اصطلاحي لفظن تي غور ڪبو تہ لڳندو تہ اُکري = قلب، داڻا = رمز وارا نڪتا، چڄ = ذهن، پيهڻ = سوچ ويچار ڪرڻ جي حوالي سان آندل آهي. يعني هر ڳالهہ کي پهرين قلب سان سوچي ڏس، پوءِ ذهني طور پرکي ڏس، وري انهيءَ تي عشق جي رمز سان سوچ ويچار ڪري ڏس، پوءِ ان مان نڪتل نتيجي سارو خُلق ۽ پريم وارو عمل ڪري، عشق جي انهن نڪتن کي سڀ جي اڳيان کولي رک، خيال جي عمل ۽ ان جي اوچي پرواز متعلق هڪ هنڌ لکيو اٿس:

هٿ ڪجهہ هلن هٿ پير نا، ڏس نانگ جو نازڪ هلڻ،
هي حال منهنجي جي خلاصي، ڳالهہ تون دل ۾ ڳنڍ.

"سيني پر سرڻ" کي بہ عاشق، پنهنجي مجاهدي ۽ مراقبي جي علامت ڪري آندو آهي، چاڪاڻ تہ ڏنو ويو آهي تہ خيال جي پرواز دوران، هٿ پير نہ هلندا پر قلب مان جاري ٿيندڙ روشني، سالڪ جي روح تائين رسي، راحت ۽ وصال جو سبب بڻجندي آهي. هن شعر جو اشارو نفسي، قلبي، روحي، سري، خفي ۽ اخفا ذڪر ۽ شغل ڏانهن آهي، جنهن جو ڏس مرشد وٽان ئي ملندو آهي.

## مناجات:

مناجات جي لغوي معنيٰ آهي ”دعا پنڻ“ يا ”عرض ڪرڻ“. مناجات اهڙي نظم (ڪلام) کي چئبو آهي جنهن ۾ بندو خدا جي بارگاهه ۾ ٻاڏائيندو ۽ عرض گذارشون ڪندو آهي. انهيءَ موضوع ۾ ڪيل شاعريءَ کي ”**حمد**“ به سڏبو آهي. ”**فقير مسرور**“ جو گهڻوئي ڪلام دعائيه انداز ۾ چيل آهي، جنهن ۾ مناجات، مولود، حمد، نعت، منقبت، مرثيا، مداحون، ساراهون ۽ ثنائون به شامل آهن.

”**فقير مسرور**“ جي پهرين مناجات 1915ع ڌاري چيل آهي، جنهن ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ کان سندس محبوب ۽ پيارن جي وسيلي ۽ واسطي دعا گهري اٿس:

الاهي ڪر ڪرم مون تي محمد مصطفيٰ ڪارڻ،
ڏيو ڪو بخش جو ٻهرو شهيدِ ڪربلا ڪارڻ.

انهيءَ کان سواءِ سندس مناجاتون سڌي سنئين تخاطب واري، انداز ۾ به آهن ته الله پاڪ جي غفاريءَ ۽ ستاريءَ جي ڳڻن ڳائڻ واري طريقي تي به چيل آهن، هڪ هنڌ چوي ٿو:

خدا ريءَ زماني ۾ ظاهر معاون، اگر ڪوئي آهي، ته لاچار آهي،
ڏئي ڏيهه کي جو وري پچاري، ڏٽي پاڪ اهڙو ته ڏاتار آهي،
اڏينن ابوجهن ۽ اڙين سندو، اجهو آسرو اوٽ آڌار آهي.

تخاطب جي نوع ۾ چيل سندس هڪ مناجات، شڪارپور جي ڪجهه اسڪولن ۾ اسيمبليءَ دوران پرارٿنا (جنهن جو مطلب به مناجات ئي آهي) جي طور تي چئي ويندي هئي، جنهن تي پوءِ ڪيترن ٻين شاعرن به تتبع بند لکي، ان جا ڪجهه بند هت ڏجن ٿا:

اسان کي سڌي وات ڏيکار مولا،
جنهين جڳ متي تي رهي ٻاجهه تنهنجي،
انهيءَ راهه واڳون سنئر وار مولا.

سٽائو ته ڪو واءُ گهولي ڪَرم جو،
ڪڏي تارِ تِڪ مان ڪرين پار مولا.

"**فقيرمسرور**" فارسيءَ ۾ بہ مناجات چئي آهي:

بحال خستہ دل زارم، بجز تو يار نادارم،
ز درد هجر مهجورم، کرم کن حال رنجورم،
فقط با نام "**مسرورم**"، ولي مجبور معذورم،
گنهگارم و گريانم.....

## مولود:

مولود، سنڌيءَ ۾، محبوب سرور ڪائنات و فخر موجودات حضرت مُحمّد مصطفيٰ ﷺ جي ولادت جي موقعي تي ڪيل ثنا ۽ ساراهہ جي سلسلي ۾ ڳايا ويندا آهن، جن ۾ سندن روضي پاڪ جي زيارت جو شوق، فيض ۽ بشارت لاءِ دعائون بہ شامل هونديون آهن.

"**فقير مسرور**" بہ ڪجهہ مولود چيا آهن، جن جا موضوع هن طرح آهن:

1. مير مڪي جي ڄام جي ولادت باسعادت جي ڪري دنيا ۾ سوجهرو ٿيڻ ۽ نمرودي نشان مٽجي وڃڻ.
2. امت مٿان ٻاجهہ ڪرڻ ۽ قيامت جي ڏينهن شفاعت ڪان ڀهرور ڪرڻ.
3. دلگيرن جي ماڙ ڪرڻ ۽ سندن نور جي سراپا سندو ديدار پسڻ جون دعائون ۽ سڏڙا شامل آهن.
   - اڏر ڪانگا مديني ڏي نياپو ني خدا ڪارڻ.................
   - ٿيڙو امن امان، ڄايو مير مڪي جو عربي.............
   - آرياڻي اڳواڻ، ڪندو ماڙ محمد مدني...................
   - مير مٺا مرسل، توکي هان پَر ٽل........................

## نعمت:

"**فقير مسرور**" مولود سان گڏ نعت بہ چئي آهي، ۽ ٻنهي جو موضوع ۽ گهاڙيٽو هڪ جهڙو ئي آهي. اصل ڳالهہ تہ آهي محبوب مدني سرڪار ﷺ جن جي ثنا ڪرڻ. انهيءَ ڪري مولود چوڻ يا نعت لکڻ ۾ ڪو بہ فرق نہ ٿو پوي.

جيئن تہ ابتدا ۾ قصيدي ۽ غزل جو بہ مضمون نعتيہ هوندو هو، انهيءَ ڪري سنڌ جي ڪيترن شاعرن غزل کي ”محبوبا سان ڳالهيون“ جي تصور کان بالاتر ٿي، محبوب سرور ڪونين ﷺ جن جي محبت ۽ مجازي عنايتن واري ڪلام کي غزل سڏيو آهي، اهڙيءَ طرح **”فقير مسرور“** بہ سردار دوجهان ﷺ جن جي ثنا ۽ تعريف ۾ چيل عاجزاڻي اظهار کي ”غزل“ چيو آهي:

محمد مصطفيٰ ﷺ جي چا ثنا ڪريان،
زبان قاصر قلم عاجز اگهو مان ڪيئن ادا ڪريان.

وڻڻ نالو وضوءَ هوندي بہ پانيان تو بي ادبي،
مَلي گر مُشڪ سان پي دَهن سؤ پيرا صفا ڪريان.

مٺو نالو محمّد جو جيئان **”مَسرُور“** مان جيسين،
اهو وردِ زبان پنهنجو سدا صُبحُ مَسا ڪريان.

حضور نبي ڪريم حضرت مُحَمَّد مصطفيٰ ﷺ جن جي ساراهہ ۾ چيل ڪلام بہ **”فقير مسرور“** ڪافين وانگر هارمونيم، ڍڪڙن، دلي ۽ يڪتاري تي انتهائي جوش جنون وچان ڳائيندو هو. ان حوالي سان سندس ڪيترين ڪافين ۾ بہ نعتيہ مضمون آيل آهي:

حيران حسن تنهنجي، لالن ڪيو لک ڪي،
سهڻا سائي جنهين جي، سرمست ڪيو سوَن ڪي.

شمس و قمر حيا ڪان، بادل جو برقعو پاتو،
ٿي رشڪ روءِ پسندي، باغ ارم عدن ڪي.

اردو:

مرتا ہوں منتظر زیارت کے لئے،
فریاد بر فریاد ہے، اجابت کے لئے۔

چھوڑوں نہ یاد کیوں کہ، ہم حق کے عبادت،
مُصحف ہی ہے تیری رخ کا تلاوت کے لئے۔

"**فقير مسرور**" سنڌيءَ ۾ هڪ اهڙي نعت ٻہ لکي آهي جنهن کي "شجر" جيان لکيو اٿس. جنهن جي ٿڙ ۾ مطلع جا ٻئي مصرع ۽ انهن جي ٽارين تي ثنا جا ٻول لکيا اٿس، چيڙي تي پنن جي شڪل ۾ هڪ طرف مور، مينا، قمري، بلبل ۽ ڪبوتر کي ثنا ڪندي ڏيکاريو اٿس تہ ٻئي طرف سندن نُور مبارڪ جي تجلي ۾ سيماب، لعل، موتي، هيري ۽ دُر کي چمڪندي ڏيکاريو اٿس.

مطلع: تنهنجي حسن جو مادح هر شاخ شجر آهہ،
چا ملڪ چا حور و پري چا جن بشر آهہ.

مصرع — ساڄي پاسي واري ٽاري:

ياد ۾ مدامي "**مَسرُور**" رهي تو، جئن — مور،

هيءُ خوبصورت نعت، "مستزاد" جي صنف ۾ چيل آهي، جنهن ۾ مختلف بحر استعمال ڪيل آهن. ساڳيءَ طرح سندس فارسي ۾ بہ اهڙي نعت لکيل آهي جنهن جي ٽارين تي هڪ طرف "پکي" آهن تہ ٻئي طرف "گل" آهن.

"**فقير مسرور**" سنڌي ۽ فارسيءَ سان گڏ اردو ۽ سرائڪيءَ ۾ بہ نعتيہ ڪلام چيو آهي.

## مداحون:

مدح عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي تعريف يا ساراهہ. سنڌي شاعرن گھڻو ڪري مداحن ذريعي حضور نبي ڪريم حضرت مُحمّد مصطفيٰ ﷺ جن جي عقيدتمندي ۽ نهايت عاجزيءَ سان پنهنجي مشڪل ڪشائيءَ لاءِ ٻاڏايو آهي.

اهڙيءَ طرح مناجات بہ عربي لفظ آهي جنهن جي لفظي معنيٰ تہ آهي "ڪن ۾ ڳالهہ ڪرڻ" يعني خداوند کي حاضر ناظر ڄاڻي، ان جي بارگاهہ مان دعا گهرڻ ۽ التجا ڪرڻ واري صورت ۾ چيل ڪلام. پر اسان جي سڳورن شاعرن مناجات کي وسيع معنيٰ ۾ ورتو آهي، يعني نہ فقط

الله تبارڪ و تعاليٰ جي بارگاھ ۾ پر حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جي شان توڙي اصحابن اوليائن، پيرن ۽ فقيرن جي تعريف کي بہ شامل ڪري ڇڏيو آهي. (37)

اتر سنڌ ۾ جمن چارن، ميان سرفراز ڪلهوڙي ۽ ملان صاحب ڏني جون مداحون تمام گهڻيون مشهور رهيون آهن ۽ انهن جون مداحون "**فقيرمسرور**" پنهنجي سريلي آواز ۾ ڳائيندو بہ هو.

"**فقير مسرور**" پنهنجون مداحون بہ ڳائيندو هو. سندس مداحون گهڻو ڪري، حضرت محي الدين عبدالقادر جيلاني پيران پير دستگير قدس سره العزيز، پنهنجي مرشد راھ طريقت شهنشاھ فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة ۽ سرڪار بيڪس فقير عليه رحمة جي حضور ۾ چيل آهن، جن مان هڪ "**مداح ستگرو سائينءَ جي سوڪڙي**" شايع ٿيل بہ اٿس. ان کان علاوه پاڻ پنهنجي ڪيترين ڪافين، غزلن ۽ شبدن ۾ بہ مرشد جي مداح خواني ڪئي اٿس.

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل مداح جا شرط مقرر ڪندي لکي ٿو (38) تہ "مداح ۾ جنهن جي واکاڻ ڪئي وڃي سو سچ پچ ساراھ جي لائق هجي ۽ ٻيو تہ جيڪي لکيو وڃي سو سڀ سچ هجي، ٿيون تہ ان جي و صفن کي اهڙي تہ ڍنگ سان پيش ڪيو وڃي جو ٻڌندڙ يا پڙهندڙ جي جذبن ۾ تحرڪ اچي وڃي."

مداح جون اهي ٽئي تعريفون "**فقير مسرور**" جي چيل مدح ستگرو سائينءَ جي سوڪڙي جي پڙهڻ سان واقعي ماڻهوءَ جي اندر خدا جو خوف، سرڪار دوعالم سرور ڪونين ﷺ وسلم جن سان محبت، عقيدت ۽ اوليائن سان قربدارِيءَ جو احساس جاڳي ٿو. خاص طور سندس مداح ۾ انسان جي گناهن کان ڇوٽڪاري لاءِ عجز واري ٻولي استعمال ٿيل آهي، جنهن جي پڙهڻ سان بي اختيار اکين مان آب جاري ٿي وڃي ٿو ۽ پڙهندڙ يا ٻڌندڙ سراپا فريادي بڻجي پوي ٿو:

ڳا — رڳڻ اهڙي وچان پوتي پُراڻي ڏي رڳي،
رڳ ڪ راڳا رس ڏسي جئن چوي جوڙي چڱي،
تون ڪرين سائين سدا، لائق مٿان لائي لڳي.

هڪ لڱا هن ٻچ لڳيءَ جي لڱ لڳي ڪي رڱ لاءِ،
ستگرو گرديو داتا، شاھ مون شرڌا پڄاءِ،
ڪو ڀلائي ڀال پنهنجو، داد ڪر درسن پساءِ.

مداح گهڻو ڪري ٻن قسمن جي ٿئي ٿي، هڪ "تمهيديہ" ۽ ٻيو "خطابيہ". تمهيديہ مداح ۾، پهرين تمهيد ٻڌي ويندي آهي پوءِ پنهنجو مطلب بيان ڪيو ويندو آهي. "**فقير مسرور**" جي چيل مداحن ۾ اهي ٻئي قسم موجود آهن، مثال طور:
حضرت محي الدين عبدالقادر جيلاني قدس سره العزيز جي شان ۾ تمهيد ڪندي فرمائي ٿو:

تمهيد: سچو تون سوڀارو — اگهاڙن ڪي ڍڪڻ وارو،
اوهان جو عرش تي نعرو — سڻي سو ڏيھ ٿيو ڏاني.

مطلب: رسي هن ويل بغدادي — ڪيو عاصيءَ سان امدادي،
اوهان جي در تي فريادي — پيو هان در پريشاني.

ساڳيءَ طرح "**فقير مسرور**" سرڪار بيڪس رحمة الله عليه جي شان ۾ بہ جيڪا مداح چئي آهي ان جي ابتدا ۾ تمهيد ٻڌي پوءِ دل جي مراد چئي اٿائين:

تمهيد: تون صاحب سڀاجهو آهين سردار صوفي - سچو رند رهبر منهندار صوفي،
اجهو آهين اڏينن جو آڌار صوفي — تنهنجو اسم عرشن تي اظهار صوفي.
تون والي ولهن جو مختار صوفي.

مراد: ڪري قرب صوفيءَ جي رنگ ۾ رچايو— ڀلا ڀال پنهنجو ڀلارا ڀلايو.

**تمهيديہ** انداز وارين مداحن ۾ "**فقير مسرور**" جي هڪڙي مداح تہ مڪمل طور تي تمهيديہ آهي جنهن ۾ پنهنجي دل جون سڀ مرادون ماڻن جي ڪري پنهنجي مرشد جي فيض ۽ فنا في المرشد جي منزل جو ذڪر ڪيو اٿس:

روهڙيءَ فرش وڇائي گادي — موڙ ٻڌي سر وينو هادي،
تي وئي ملڪان ملڪ منادي — واحد وجه الله.

هادي حق **"مسرور"** مليو آ- پول ٻيو سڀ دل جو پليو آ،
خيال خدائي خوب کليو آ — آندو ٿم ويساهہ.

مداح جو ٻيو انداز آهي **"خطابيہ"**، يعني جنهن ۾ تمهيد ٿيل نہ هجي پر منڍ کان وٺي آخر تائين رڳو مراد بيان ڪيل هجي، انهيءَ انداز تي بہ سندس چيل ڪلام جهجهو آهي:

- سچا اي مرد مولا جا — اسان جي راهہ روشن ڪر،
  پسائي پاڻ پڻ پرتئون، دکايل دل کي پرسن ڪر.
- ٻڌي ٻانهون تنهنجي در تي، ڪريان فرياد اي بيدل،
  خدا جي واسطي مون کي ڪيو ارشاد اي بيدل.
- بيدل سخي، نالي خدا — عشق مون امداد ڪر،
  ڪر ذوق جو ذرڙو، تنهن سوا، بہ از خدا، ارشاد ڪر.

پنهنجي مرشد راهہ حقيقت شهنشاهہ فقير قادر بخش بيدل رحمة الله عليه جي شان ۾ سنڌيءَ سان گڏ سرائڪي، اردو، هندي ۽ فارسيءَ ۾ بہ مدحيہ ڪلام چيو اٿس.

## مرثيو:

مرثيو بہ عربيءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معني آهي "فوت ٿي ويل جو بيان اهڙي درد واري انداز ۾ ٻڌائڻ جڏڪ اکين ڏٺي واقعي جو بيان ٿي رهيو آهي." عربن جي شاعري پڻ مرثيي سان شروع ٿئي ٿي. فارسي، اردو، پنجابي ۽ سرائڪي زبانن ۾ پن مرثيا چيا ويا آهن.

ابتدا ۾ سنڌ جي سگهڙن ۽ شاعرن بہ ڏوهيڙي جي صورت ۾ مرثيا چيا آهن، جن ۾ ڪربلا جي قضيي کي نهايت غمناڪ پيرايي ۾ پيش ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ پهريائين ثابت علي شاهہ عليه رحمة ٿي ترتيبوار مرثيو چيو، تنهن کان پوءِ ٻين شاعرن طبع آزمائي ڪئي.(39)

**"فقير مسرور"** محرم الحرام جي پهرين ڏهن ڏينهن ۾ گهڻو ڪري ثابت علي شاهہ عليه رحمة جا مرثيا پڙهندو هو، پوءِ پنهنجا بہ مرثيا چيائين، جيڪي پنهنجي دوستن سان گڏجي پڙهندو هو.

"**فقير مسرور**" جي انهيءَ سهري ۾ سنڌي سگهڙپائي جي صنف ۾ "مناظري ۽ جهيڙي" وارو اندازو آهي جيئن گهر ۾ آدمي/ عورتون هڪٻئي سان ڏند چڪ ڪندا آهن.

قصيدو:

اصطلاح جي لحاظ کان قصيدو ان ڪلام کي چئبو آهي جنهن ۾ ڪنهن جي مداح يا تعريف ڪيل هجي ۽ مضمون جو بيان اهڙن ته خوبصورت لفظن سان ڪيل هجي جو ان جي پڙهڻ سان شاعر جي تخيل جو داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهجي.

قصيدي ۾ پندرهن کان گهٽ شعر نه ٿيندا آهن، وڌيڪ لاءِ پابندي نه هوندي آهي. قصيدي جو گهاڙيٽو به غزل وانگر ٿئي ٿو، جنهن جي پهرين بند جي ٻنهي مصراعن ۾ ۽ وري هر شعر جي مصرع ثاني ۾ قافيو ايندو آهي.

قصيدي ۾ عام طور وعظ، نصيحت ۽ اخلاقي نڪتا پيش ڪيا ويندا آهن، "**فقير مسرور**" به پنهنجي قصيدي ۾ اخلاقي نڪتن کي بلبل، مالهي ۽ گلن جي علامت ذريعي پيش ڪيو آهي. سندس قصيدو چوويهه شعرن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ بلبل کي مخاطب ٿيندي، ذات صفات، حيات ۽ ممات، جي معنوي ۽ فڪري پهلوئن کي اجاگر ڪيو اٿس آخري حصي ۾ سرور ڪونين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي شان مبارڪ جي تعريف ڪئي اٿس.

ذات ۽ صفات لاءِ فرمائي ٿو:

صفاتيءَ مان پسج پيئي، نظارو نور ذاتيءَ جو،
مگر رنگت سان ريجهي ڏس، متان ٿين تون چري بلبل.

حيات ۽ ممات لاءِ فرمائي ٿو:

ڪنيو هٿ ۾ اچي ٿو دام، ماري ديس ڏاري کان،
ڏسي ان کي ڍڪر ڍاري، متان ٿين تون ڍري بلبل.

نفس کي مارڻ لاءِ فرمائي ٿو:

ٻڌي همت وڏائي وڪ، انهي ماري منافق کي،
هٺائي چڏ متائي چڏ، ڪري هل حيدري بلبل.

سرور ڪونين جي تعريف ڪندي فرمائي ٿو:

سجڻ جي دم مقابل تي پيو، بيدم دمِ عيسيٰ،
عصائي موسوي توڙي ڪري ڇا همسري بلبل.

سماجي آگاهي ڏيندي فرمائي ٿو:

ڪيو ڳٽ ڳٽ مزي ۾ رهه نه ڪر ڪجهه فڪر ان جو تون،
اگر تو ساڻ مالهيءَ جي، نه آهي دلبري بلبل.

هن قصيدي جو شاهه بند اهو آهي جنهن ۾ **"فقير مسرور"** وطن جي خوشحاليءَ لاءِ اهڙو انمول مثال پيش ڪيو آهي جنهن جو مثال پوري سنڌي شاعريءَ ۾ ملڻ محال آهي، چوي ٿو:

**خدايا هي چمن منهنجو رهي سرسبز دنيا ۾،**
**پسي جنهن کي ٿئي دم دم سندم حج اڪبري بلبل.**

<u>مثنوي:</u>

لفظ مثنوي لاڳاپو رکي ٿو لفظ مثنيٰ سان جنهن جي معنيٰ آهي ٻٽو يا جوڙو، ۽ هن شعر تي اهو نالو انهيءَ ڪري پيو جو ان جي هر هڪ بيت جي معصراعن جو قافيو هڪ جهڙو هوندو آهي، ۽ سندس هر هڪ شعر پنهنجو جدا قافيو رکندو آهي. شاعريءَ جي قسمن مان هي صنف، شاعريءَ جي سيني قسمن مان وڌيڪ مفيد، وڌيڪ وسيع ۽ وڌيڪ همه گير آهي. انساني جذبا، قدرت جا منظر، واقعا نگاري، تخيل جي بيان لاءِ مثنويءَ کان وڌيڪ ڪو ميدان/هٽ نه ٿو اچي.

مثنويءَ ۾ گهڻو ڪري تاريخي واقعا يا قصا بيان ڪيا ويندا آهن، انهيءَ آڌار تي زندگي ۽ معاشري جا سيئي پاسا مثنوي ۾ اچي سگهن ٿا. عشق، محبت، رنج ، خوشي ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا انساني جذبا مثنوي ذريعي پيش ڪري سگهجن ٿا. ان کان سواءِ قدرت جا منظر، بهار، خزان، گرمي، سردي، اخلاق، فلسفي ۽ تصوف جا مسئلا به نهايت تفصيل سان آڻي سگهجن ٿا."

مثنويءَ جي صنف تي **"فقير مسرور"** جو هڪ لافاني شاهڪار **"مثنوي هير رانجهو"** آهي. هن تاريخي رومانوي داستان تي پاڻ اٽڪل 1279 شعر تخليق ڪيا اٿس، جنهن جي ابتدا ۾ حضرت عشق، خاتم

النبين مدني مرسل حضرت مُحمّد مصطفيٰ ﷺ، چئن ياران رسول الله رضي الله عنهم، پنجتن پاڪ رضي الله عنهم، حضرت پيران پير دستگير قدس سره العزيز، حضرت قلندر لعل شهباز عليه رحمة، شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل رحمة الله عليه ۽ پنهنجي وطن سنڌ ۽ سنڌ جي بزرگن جي شان، عقيدت ۽ تعريف ۾ مثنويون لکيون آهن. جيڪي "**ڪليات مسرور**" جي هن حصي جي زينت لاءِ شامل ڪيون ويون آهن.

مثنويءَ جي وڏي خوبي اها هوندي آهي ته ان ۾ جيڪو داستان يا واقعو لکبو آهي تنهن ۾ ترتيب جو خاص خيال رکيو ويندو آهي. ٻيو ته مثنويءَ ۾ ڪردارن جو به ذڪر ڪيو ويندو آهي، جنهن جي بيان مان ان شخصيت جي امتيازي خصوصيت کي ظاهر ڪيو ويندو آهي. ساڳيءَ طرح انهن ڪردارن جي ڪردار نگاري ۽ سندن ڪرشمن ۽ ڪمالات جي واقعا نگاري، مثنويءَ جي مکيه وصف ۾ شامل آهي.

مثنوي جي انهن چند خوبين کان علاوه به "**فقير مسرور**" جي مثنويءَ ۾ اڪيچار خوبيون آهن. خاص طور ڪائنات جي اپائڻ کي ئي بينادي ۽ هڪ عظيم ترين واقعو قرار ڏنو اٿس. ڪائنات خلقڻ جو سبب ڏيندي ۽ واقعا نگاري ڪندي فرمائي ٿو:

ٿي ثنا ان کي سونهين جو جڳ اُپائڻهار آ.
هر ڪنهين جو سو سباجهو پاڻ پالڻهار آ.

خاص پنهنجي سير لءِ ان عشق کي پيدا ڪيو،
عشق ان کان پاڻ خالق ٿي وري شيدا پيو.

عشق جي آثار کان آ چاڪ عاشق جو صدور،
عشق آدم ۽ حوا سان ڏس ڪيو ڪيڏو ڪلور.

واقعي جي ترتيب:

عشق آڙهه ۾ وجهايو ڪيئن خليل الله کي،
پوءِ باغيچو بنايو دم تنهين آڙاهه کي.

عشق سببان عاشقن کي مات ۾ گھارڻ پيو،
ڏس شهيد – ڪربلا سان عشق ڇا ڪارڻ ڪيو.

عشق خاطر خلقيائين نور احمد مصطفيٰ ﷺ،
پاڻ ٿي عاشق پيو، معشوق مدني مجتبيٰ ﷺ.

عشق ڪان آباد جڳ هي، عشق آ سڀ جو اصول،
عشق هادي عشق رهبر، عشق ريءَ نا ڪجھ حصول.

## مستزاد:

مستزاد، شعر جو اهو قسم هوندو آهي جنهن جي مصرع ۾ ڪو جملو يا لفظ وڌايل هوندو آهي. مستزاد ۾ لفظن يا جملن جي وڌاءَ جا ڪيترائي طريقا ٿيندا آهن، ۽ عام طور تي ڏنو ويو آهي ته مصرع جي آخر ۾ ئي لفظ يا جملو وڌائي مستزاد لکيو ويو آهي، پر **"فقير مسرور"** مستزاد جو هڪ نئون تجربو ڪيو آهي. يعني جملي جي وڌاءُ ۽ قافيو، مصرع جي ابتدا ۾ آندو اٿس:

ڪيئن وڃان - ڪاڏي وري هي دانهن ڏيان، ڪنهن
در تو ڇڏي ٻي ڏَر وري مان – دلبرا.
هٽ هٽان – تو دل قرائي هوت مان هئي هئي ڪيو،
مک وانگيان منهن تي ٻئي ٿو،

هن مستزاد جو ابتدائي جملو ڦيرائي آخر ۾ آڻڻ سان ان جي ساخت غزل جي ٿي وڃي ٿي:

ڪيئن وڃان، ڪاڏي وري هي دانهن ڏيان مان دلبرا،
دل قرائي هوت مان هَئي هَئي ڪيو هٽ تو هٽان.

تو ڏکان، ماندو مران، تون مست پنهنجي موج ۾،
راضي رقيبن سان ڏسي ليلائيان مان نت لڇان.

"فقير مسرور" جي انهيءَ مستزاد جو وڌايل لفظ (قافيو) مصرع ثاني سان ملائبو تہ ڪلام جو حسن اجان وڌي وڃي ٿو:

ڪيئن وڃان، مان در تو ڇڏي ٻي در وري مان دلبرا،
مک وانگيان منهن تي ٻئي، هَئي هَئي ڪيو هٽان.

"فقير مسرور" جي هن مستزاد جو اصل حسن ئي اهو آهي جو سندس ڪلام جا لفظ هر مصرع سان ائين وابستا آهن جيئن گلن جو باغ ۽ گلدستي سان واسطو هوندو آهي، جي باغ ۾ هوندا آهن تہ بہ ٻهہ ٻهہ پيا ڪندا آهن، جي انهن جو ڪو گلدستو سجائبو تہ بہ پيا اکين کي وڻندا آهن.

## رباعي:

رباعي چئن مصرعن وارو ڪلام آهي، جنهن جي پهرين بيت ۽ چوٿين مصرع ۾ قافيو ايندو آهي. فارسيءَ ۾ هن کي "دوبيتي" ۽ "ترانو" بہ چيو ويندو آهي. رباعيءَ جي فن ۽ تاريخ تي ڪيترائي بحث ٿي چڪا آهن پر "رباعي" اڄ جي دور ۾ ڪانہ ٿي لکي وڃي، خاص طور ڪجهہ عرصو اڳ رباعي بدران "چوسٽو" سنڌي شاعريءَ جي صنف ٿي اڀريو مگر ان تي بہ خاص طبع زمائي ڪانہ ڪئي وئي آهي.

"فقير مسرور" جو دور حالانڪ عروضي قاعدن ۽ پابندين جو دور هو، پر طبيعت جي طرب ۽ عشق جي اٿئر اظهار سبب پاڻ اُنهن رسمي پابندين بنسبت گهڻو آزاد خيال واقع ٿيو آهي، خاص طور رباعي جي مقرر بحر کان انحراف ڪري، ان کي ڳائڻ لاءِ موزون ڪيو اٿس.

"فقير مسرور" بيت، ڏوهيڙي، دوهي يا رباعي وغيره کي پنهنجي ڪلام کان اڳ ۾ يا وچ ۾، ڪلام جي سونهن وڌائڻ لاءِ ڳائيندو هو، گهڻو ڪري پاڻ جڏهن شراب جي تعريف ۾ ڪلام يا غزل ڳائيندو هو. "فقير مسرور" جون ڪل ڇهہ رباعيون مليون آهن، جن مان بہ رباعيون سندس شراب جي تعريف ۾ چيل غزل سان منسلڪ آهن. بہ رباعيون سندس ناصحاڻي ڪلام سان وابستا آهن، هڪ مجاز متعلق ۽ هڪ مرثين جي ابتدا لاءِ مخصوص ڪيل اٿس. انهن رباعين کي "چوسٽن" جي عنوان شامل ڪيو ويو آهي.

## هزل:

هزل، نظم جو اهو قسم آهي جنهن ۾ چرچي يا مسخريءَ جهڙا موضوع شامل ڪيا ويندا آهن. "فقير مسرور" خاص ڪري ڪو هزل نہ لکيو آهي پر سندس هڪ ڪلام "مَنَ مغرور سان ٽنٽو" ۾ اهڙن ماڻهن جو ذڪر آندو اٿس جيڪي ظاهري طرح تہ زهد عبادت ۾ مشغول نظر ايندا آهن ۽ صوفي سڏائڻ لاءِ مختلف روپ مٽائيندا آهن يا گيڙو چوغو پائڻ جي باوجود دنياداريءَ جي ڪمن ڪارين لاءِ خوشامد ڪندا آهن ۽ حق سچ جو پاسو ونڻ بدران لوڀ لالچ ۾ ڦاٿل رهندا آهن. سندس هي ڪلام لهجي جي لحاظ سان ٿورو سخت بہ آهي:

ڏاڍي هينئر هلين تو چالاڪ چالبازي،
چلتو عجب چلين تو نالي ٻٽي نمازي.

گيڙوءَ جو ويس پائي صوفي صفا سڏائي،
لالچ رکي ليلائي البت ڪرين تو آزي.

## مسمط:

عروضي دور ۾ مسمط جو رواج تمام گهٽيو هوندو هو، اهو ئي سبب آهي جو اُن دور ۾ ڪيترائي شاعر ڪنهن نہ ڪنهن "صنف، جي ڪري مشهور ٿيا. ڪي "غزل" جا ماهر ليکيا ويا تہ ڪن "نظم" ۾ مقبوليت حاصل ڪئي. اهڙيءَ طرح "فقير مسرور" "ڪافي" سان گڏ "مسدس، ۾ بہ وڏي شهرت ۽ مقبوليت حاصل ڪئي.

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل صاحب لکي ٿو تہ "مسمط" مفعول آهي. "تسميط" جو جنهن جي معنيٰ آهي "موتي ڌاڳي ۾ پوئڻ". شاعرن جي اصطلاح ۾ ڪن هم وَزن ۽ هم قافيا مصراعن کي گڏي، هڪ بند مقرر ڪرڻ کي مسمط سڏبو آهي.(43)

اهڙيءَ طرح ڪيترائي بند ساڳي وزن ۽ عدد جا لکجن جو هر بند جو جدا قافيو هجي پر بند جي پڇاڙيءَ واري مصرع، قافيي ۾ پهرين بند جي تابع هجي. مسمط ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي مصراعون ۽ وڌ ۾ وڌ ڏهہ مصراعون هونديون آهن، ان حوالي سان مسمط جا اٺ قسم آهن:

1- ٽن مصراعن واري مسمط کي **مثلث** چئبو آهي.
2- چئن مصراعن واري مسمط کي **مربع** چئبو آهي.
3- پنجن مصراعن واري مسمط کي **مخمس** چئبو آهي.
4- ڇهن مصراعن واري مسمط کي **مسدس** چئبو آهي.
5- ستن مصراعن واري مسمط کي **مسبع** چئبو آهي.
6- اٺن مصراعن واري مسمط کي **مثمن** چئبو آهي.
7- نون مصراعن واري مسمط کي **متسع** چئبو آهي.
8- ڏهن مصراعن واري مسمط کي **معشر** چئبو آهي.

"**فقير مسرور**" مسمط جي صنف ۾ به تمام جهجهو ڪلام لکيو آهي، جن مان صرف "متسع" کان سواءِ باقي ستن ئي قسمن تي اٽڪل ست سؤ ڏهه بند رقم ڪيا اٿس، جن مان "**مسدس**" علحده حصي ۾ ۽ باقي ڇهه مسمط "**سخن مسرور**" جي ڀاڱي ۾ ترتيب ڏنا ويا آهن. سندس مسمط جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو:

## 1- مثلث:

مثلث اهڙي نظم کي چئبو آهي جنهن جي هر هڪ بند ۾ ٽي مصراعون هونديون آهن. هن جي پهرين بند جون ٽئي مصراعون هم قافيه هونديون آهن ۽ ٻين بندن جون به مصراعون هم قافيه هونديون آهن باقي ٽين مصرع پهرين بند جي قافيي سان ڳنڊيل هوندي آهي.

"**فقير مسرور**" جي مثلث "غم نہ ڪر" مان انهي ڳهاڙيٽي جو مثال هن طرح واضح ٿئي ٿو:

پهريون بند:

غم ڪر نہ ڪنهين ڳالهہ جو درويش پيارا،
هر حال ۾ رهہ شاد ميو مست متارا،
فردا جو نہ رک فڪر ڪڏهن قرب قرارا.

ٽئي بند جي ترڪيب:

زردار سندو تي نہ ڪڍهن يار سلامي،
ڪر غير خدا جي نہ ڪنهين وار غلامي،
هن خوءِ روَش روءِ ڪنان ڪر تون ڪنارا.

"**فقير مسرور**" جون ڪيترين ئي ڪافين مثلث بند جي ترتيب واريون بہ آهن پر پاڻ مثلث جي صنف ۾ صرف 8 بند لکيا اٿائين جنهن جي آخر ۾ مظلوم انسان کي همت ڏياريندي چوي ٿو:

ڏڪن ڪان ڪنهين جي نہ دل هار ڪڏهن تون،
ڏُکي ٿِي ڏيرو ڪنڌ نہ ڏار ڪڏهن تون،
دنيا جا ڏسي رنگ نوان نوع نيارا.

2- مربع:

چئن هم وزن ۽ هم قافيي مصراعن جي نظم کي "مربع" چئبو آهي. جنهن جي باقي بندن جون ٽي مصراعون هم قافيا هونديون آهن پر چوٿين مصرع وري پهرين بند جي قافيي جي تابع هوندي آهي.

مربع تي "**فقير مسرور**" سنڌي توڙي سرائڪيءَ ۾ بہ ڪلام لکيو آهي. خاص طور سکر بئراج جي نهڻ کان اڳ ۽ پوءِ جي صورتحال تي بہ مربع نظم لکيا آهن، سي ان وقت جي سماجي ۽ معاشي حالتن جا آئينا آهن، براج جي نهڻ سان ماڻهن جي اندر اتساهہ ۽ سک جي سوچ سان گڏ بئراج جي نهڻ جو نظارو بہ خوب ڏيکاريو اٿس:

عجب سير سڙڪون وہ دلين کي وڻن،
سنيون تير جان سي سَنوت ڪان سُنهن،
ڪڙان ۽ پُليون پڻ عجب ڍنگ رکن.
رکيو رنگ نرالو نظارو براج.

ڪٽت جون ڪچهريون ڪليون تعلقن ۾،
ملن مالڪاڻي سان نوبت حقن ۾،
مَهاڳي بہ ساڳي طرح سان تکن ۾،
هي ايريو آ سڀ لءِ ستارو براج.

پر جڏهن غريبن جون آسون پوريون نہ ٿيون ۽ آسروند پاڻيءَ جي آسري ۾ ڏکيا ڏينهن گذارڻ لڳا، رشوت جي زور تي زميندار ۽ ڪامورا ٻئُ تي غريبن ڪي پاڻيءَ جي شڪل ڏيکارڻ کان بہ سڪائڻ لڳا تڏهن **"فقير مسرور"** جي دل ۾ جهٻو پوي ٿو ۽ سندس قلم مان غمزدن جو غم نڪرڻ لڳي ٿو:

عجب رت انجنيئر صاحب ڪين،
ڪڏي شاخ شاهي، ڇڏي سا ڏين،
ڏئي، ان جو بدلو ورائي وٺن،
ملي ٿو عيوض ڇڻ اڏارو براج.

سندس ڪارڪن تہ اهڙا عجب،
نہ ڄاڻن اکر الف — اي بي غضب،
لڪائن ٿا پنهنجو سي بي اي لقب،
ٿيو تن لئہ ڪٽيو بخارو براج.

**"فقير مسرور"** جون بہ سرائڪي ٽيهہ اکربون جيڪي **"ڪليات مسرور"** جي پهرين حصي ۾ شامل آهن، سي بہ "مربع" جي ساخت تي چيل آهن، جنهن ۾ هر بند جو قافيو الڳ الڳ آندو اٿس. اهڙي **"مربع"** ڪي علم عروض تحت **"بي قاعده مربع"** سڏيو ويندو آهي.

3- مخمس:

مخمس ۾ پنج هم قافيا ۽ هم وزن مصراعون ٿينديون آهن، البت ٻين بندن ۾ چار مصراعون هم قافيا هونديون آهن ۽ پنجين مصرع جو قافيو، پهرين بند جي قافيي سان ڳنڍيل هوندو آهي. **"فقير مسرور"** باقاعدي چار "مخمس" لکيا آهن، جن جو بنيادي موضوع اخلاق ۽ انسانيت آهي، سندس اسلوب بيان ناصحاڻو آهي:

بترس از آهہ مظلومان، ٻڌين ٿو ڪين ڇو ٻوڙا،
اجهو اڄ ڪي سڀاڻي نہ تہ ڏسندين درد دک دوڙا،
مليندين هٿ جڏهن آيئہ گهڙي موت جا گهوڙا،
ڇڏائيندءِ نہ ات مايا ڪرين جنهن لاءِ جاڪوڙا،
پنيندءِ قبر ۾ پيي بُت، جڙي سا جيت ماڪوڙا.

"**فقير مسرور**" هڪڙو "مخمس" مرحوم امام بخش خادم جي ڪلام جي تضمين تي چيو آهي. جنهن ۾، دنيا ۾ ميٺ الفت جي اُپاءَ ونڻ، ماڻهن کي برين رسمن کي روڪڻ، سادگي ۽ سچ جو سانت ڏيڻ جي، ڳالهين کي ٿئي مردانگي ۽ انسانيت جي آئيندي جو اصل وڪر سڏيو اٿس. هن مخمس ۾ ڪل نوَ بند آهن.

4- مسدس:

مسدس انهيءَ نظم کي چئبو آهي جنهن جي هر بند ۾ ڇهه مصراعون هونديون آهن. هن قسم جي نظم جون پهريون ڇهه ئي مصراعون هم وزن ۽ هم قافيا هونديون آهن.

"**فقير مسرور**" جي ئي دور ۾، مسدس جي ساخت ۾ هڪ نواڻ پيدا ٿي، جنهن ۾ مربع وانگر چار مصراعون هم وزن ۽ هم قافيا لکجڻ لڳيون ۽ ٻيون ٻه مصراعون وري پاڻ ۾ هم قافيا هونديون هيون.

مسدس جي صنف ۾ عروضي دور جي ڪيترن ئي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي پر انهن سيني مان وڏي شهرت ۽ مقبوليت "**فقير مسرور**" جي "**مسدس مسرور عرف هيرن جو هار**" کي حاصل ٿي ۽ ائين چوڻ ۾ ٻه مبالغو نه ٿيندو ته "**فقير مسرور**" ئي پنهنجي سمورن همعصرن ۾ واحد شاعر ٿي گذريو آهي. جنهن 31 طويل مسدس لکيا آهن، ان حوالي سان مسدس جي صنف تي سندس اٽڪل 492 بند (1476 شعر) ڪليات جي هن حصي ۾ شامل آهن جن جو موضوع، تصوف، وحدت ڪثرت، نفي اثبات کان سواءِ سماجيات، اخلاقيات، امن، سونهن ۽ سچ جا سوين نڪتا سمايل آهن.

"**فقير مسرور**" حسين الڪاشفيءَ جي فارسي تصنيف "روضة الشهداءِ" کان متاثر ٿي "مسدس اسرار حسيني" لکيو آهي. جيڪو 162 بندن (ڇهن مصراعن) تي مشتمل آهي. نبين تي آيل تڪليفن جو ذڪر ڪيل آهي. نبين جي ڏکن تڪليفن کي پڙهندڙن جي آڏو انهيءَ خيال کان آندو اٿائين ته جيئن اهي خداوند ذوالجلال والاڪرام جي انهيءَ رمز کان واقف ٿي سگهن ته خداوند جل شانہ جنهن سان پيار ڪندو آهي انهيءَ تي ئي آزمائش جون ڪڙيون گهڙيون به نازل فرمائيندو آهي:

آدم جو عجب نوع سان حسرت ۾ رهڻ ڏس  ڪي نوح نجيءَ جو به رئڻ رنج رهڻ ڏس،
اي واءِ ابراهيم جو آڙهه ۾ پوڻ ڏس  پڻ ڪي اسماعيل سندو ڪاچ ڪسڻ ڏس،
يعقوب سندو روڄ رڙڻ بيت حزن ۾،
يوسف به گرفتار بلا چاهه محن ۾.
موسيٰ به گهڻو قيد مصيبت جو ستايل  ايوب به دک درد سبب چاڪ چڪايل
هيهات ذڪريا جو بدن ڪرت چيرايل  يحيٰ به ته معصوم سندو خلق هي گهايل.
حمزي جو چري ساڻ به صدا پاره جگر ڏس،
اي واءِ الم شاه جي دندان جو مگر ڏس.
پڻ آل نبي جي به رهي ڏيت ڏکن سان  شب روز سندن اور عجب رنج محن سان،
جو رنج نبي ڪنهن به ڏٺو ڪين اکين سان  پڻ ناڪ ٻتو حال اڳي ڪنهن به ڪنن سان،
آ سخت سڄي حال ڪان ڪربل جي کهاڻي،
شبير شبر شاهه جي تحمل جي، کهاڻي.

"فقير مسرور" جي انتهائي مقبول مسدس "هيرن جو هار" ۾ انسان کي سجاڻن، نفس تي قابض رهڻ ۽ پنهنجي انسان ڀاءُ جي خدمت ڪرڻ جا موضوع آندل آهن. هن مسدس جي مطالعي سان آدميءَ کي آڳهيءَ جا روشن ڪرڻا نظر اچن ٿا، جنهن جي طلب ۾ طالب حقيقت کي پروڙي ٿو ۽ حسن جمال ۾ وصال ماڻي ٿو. فرمائي ٿو:

اتي همت ٻڌي هاڻي توڪا، بر خدا ڌاري  وسيلو ست گرو وٺ تون ته توکي تر مان تاري،
نفعانو ڪند جا پلئين گهڙي لن وٺ تون ڏس گهاري  امر جوتي ادا توکي ڏئي هٿ سان ڏيو ٻاري،
وجي اونده صفا تنهنجي جهڳي مان دم تنهين نڪري.
مزي هن ۾ مزا دنيا سندا توکان وڃن وسري.

"فقير مسرور" جي طبعيت ۾ جا موزونيت ۽ طرب هئا، سو گهڻو ڪري سندس ڪلام مان بحر ڳولهڻ ڪو وڏو مسئلو نه آهي، ڀاڻ ته هلندو ڳالهائيندو، ڪائيندو پيئندو ئي هڪ مڪمل توازن سان هو، ۽ اهو ئي سبب آهي جو سندس مسدس جي صنف تي، ڇهن ڇهن مصراعن جي بندن ۾ نهايت وڻندڙ لئي موجود آهي. هت سندس ڪجهه "مسدسن" جي تقطيع ڏجي ٿي:

تقطيع:

وھ عجائب دور گردش جا نظارا نت نوان،
ان گهڙي شادي خوشي آ، ان گهڙي نالا ڪنان.

فا ع لا تن فا ع لا تن فا ع لا تن فا ع لُن
وھ ع جا ئب دؤ ر گر دش جا ن ظا را نت نہ وان
ان گهہ ڙي شا دي خُو شي، آ ان گهہ ڙي نا لا ڪہ نان
هن مسدس جو بحرر مل مسدس محزوف آهي.
وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن.

**بحر هزج مثمن سالم:**

وزن: مفاعيلن مفاعلين مفاعلين مفاعلين

**مسدس جا ٻول:**

ڪٽي عملي قدم مان پس پيل قسمت مٽائيندس،
قلم تي پڻ رهي قابض، قوي قوت رڪائيندس.

تقطيع:

م فا عيہ لُن م فا عيہ لُن م فا عيہ لُن م فا عيہ لُن
ڪ ٽي عم لي ق دم مان پس پ يل قس مت م ٽا ئين دس
ق لم تي پڻ ر هي قا بض ق وي قوّ وَت ر ڪا ئينہ دس

ڪن بحرن ۾، هر هڪ بيت ۾ چار ارڪان ٿيندا آهن جنهن ڪري ان کي "مربع" چوندا آهن ۽ ڪن ۾ ڇهہ ارڪان هوندا آهن جنهن ڪري انهن کي "مسدس" چندا آهن، ۽ ڪن ۾ اٺ ارڪان ايندا آهن، جنهن ڪري انهن کي "مثمن" چوندا آهن، ۽ ڪن ۾ اٺ ارڪان ايندا آهن، جنهن ڪري انهن کي "مثمن" سڏيندا آهن. (44)
مثال طور رڪن آهي "مفاعيلن"، جنهن کي ڇهہ ڀيرا لکبو تہ اهو بحر مسدس سالم چئبو، عام طور ڳائجندڙ ڪلام مربع يعني چئن ارڪانن ۽ مثمن يعني اٺن ارڪانن تي مشتمل هوندو آهي پر جڏهن سالم رڪن ڇهہ ڀيرا ايندا آهن تہ ان جي ڳائڻ جو ميدان ٿورو وسيع ٿي ويندو آهي، جنهن

6. مثمن:

نظم جي هن قسم ۾ اٺ هم وزن ۽ هم قافيا مصراعون هونديون آهن. نظم جي ٻين صنفن جيان "مثمن" جي پهرين بند جون اٺ ئي مصراعون هم قافيا هونديون آهن، باقي ٻين بندن جون ست مصراعون ساڳي وزن ۾ هونديون آهن مگر قافيو جدا هوندو آهي، البت انين مصرع پهرين بند جي مصرع سان هم قافيا هوندي آهي.

ملتان کان جڏهن پيران پير دستگير قدس سره العزيز جي اولاد مان سيدنا امير شاهه جيلاني عليه رحمة جن شڪارپور تشريف وٺي ايندا هئا ته **"فقير مسرور"** ۽ سندس فقرائي ٽولي کان سماع ضرور ٻڌندا هئا. پاڻ جيئن ته سرائڪي سمجهندا هئا ان ڪري **"فقير مسرور"** کين سرائڪي ڪلام ڳائي ٻڌائيندو هو. انهيءَ ئي خيال کان پاڻ سرائڪي زبان ۾ هڪ طويل "مثمن" به چيو هئائين جيڪو پنهنجي سموري ساٿ سان سڄي رات سائين امير شاهه جيلانيءَ جي اڳيان ويهي ڳائيندا هئا.

انهيءَ طويل "مثمن" جا اسان کي رڳو چاليهه بند (ٽي سؤ ويهه شعر) ملي سگهيا آهن چاڪاڻ ته هن "مثمن" هڪ ته ميان امير شاهه جيلاني رحمة الله عليه جن ڪانئس لکرائي ملتان کڻي ويا هئا، باقي جيڪي ڪاپيون ڪجهه دوستن کي سوکڙيءَ طور لکي ڏنو هئائين. انهن مان جيڪو مسودو هٿ آيو آهي ان ۾ صرف چاليهه بند موجود آهن باقي پنا گم ٿيل آهن.

هن "مثمن" جي مضمون ۾ سرڪار دوجهان حضور نبي ڪريم ﷺ جي سراپا مبارڪ جي ثنا خواني ۽ سندن اصحابن سڳورن جو ذڪر آندل آهي جن کي ٻن حصن ۾ ٻن مختلف وزنن ۽ قافين ۾ چيو اٿس:(45)

پهرين حصي جو هڪ بند:

بي رنگ بال سردي سهڻا، نوري رنگ نرالي،
ناوت بلڪل لٽڪي هوئي ناوت گهنگهريالي،
ناوت ڀوري بادامي ناوت بلڪل ڪالي،
بعد ڪنگي ڏيوڻ دي، لهرين موج ڏکالي،

شش قسم دي شعاع انهين وچ جيوين سورج ڏيوي اجالي،
وهوا جوڙ عجائب جوڑيا ميڏا ڍوليا ذوالجلالي،
خالق واصف خاص سجن دا ٻيا وت ڪونہ هي يارا،
مئن "مسرور" عاجز بنده بيوس ايک بچارا.

مثمن جو ٻيو حصو "سي حرفي" جيان الف ب وار بند تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هڪ هنڌ سيد المرسلين ﷺ جن جي معراج لاءِ تياري وقت الله تعاليٰ جي طرفان موڪليل "سروپا" جو شان بيان ڪندي لکيو اٿس:

س – سروپا سيد دي جهڙي، جبرئيل بهشتون، لائي وي،
لولاڪ لما دا يار ميڏي دي، سر پر چتر جهلائي وي،
والشمس طٰه دي آنکين دي وچ ڏار ڪجل لڳائي وي،
واليل وضحيٰ دي زلفان نون مشڪ بوءِ ملائي وي،
يٰسٓ انا فتحنا دي چادر قبا پهنائي وي،
ها اڳ ئي سهڻا هرئي صورت رس سوائي وي،
جو دم جيوان دم دم پيچان دعا درود سلامان،
بندا بردا دردا دائم – خاص غلام غلامان.

7. معشر:

معشر اهو نظم آهي جنهن ۾ ڏهن مصراعن جو هڪ بند هوندو آهي، بزم مشاعره طرفان دادوءَ ۾ 13 ۽ 14 ڊسمبر 1944ع تي سڏايل ادبي ڪانفرنس ۾ طرح مصرع ڏنل هئي:

"اسان جو بخت خوابيده وري بيدار ٿي ويندو."

انهيءَ طرح تي "فقير مسرور" "ميدان عمل" عنوان سان هڪ مسدس ۽ "معشر" چيو هو، سندس مسدس علم عمل ۽ قول، ڪي برقرار رکڻ ۽ همت ٻڌي ايڪتا ۽ محبت جي عمل ڪرڻ جي موضوعن تي رچيل آهي، جنهن ۾ عمل لاءِ چوي ٿو:

عمل انسانيت آهي، عمل ريءَ آدمي ڪهڙو،
عمل ڌاران اهو انسان آهي تان پسونءَ جهڙو.

سنسار جي انهن موضوعن تي وڌيڪ وضاحت سان وري "معشر" ۾ لکيو اٿس، جنهن ۾ فرمائي ٿو تہ ابتدا کان ئي انسان جي پويان دشمن، شيطان، نفس، لوڀ ۽ لالچ جا ديو ۽ ڀوت ٻڇايل آهن جن جو مقصد بنيادي طور انسان جو پاڻ کي سڃاڻڻ، پنهنجي حقيقت کان آگاهہ حاصل ڪرڻ، ڪيل قول پاڙڻ ۽ ثابت قدم رهڻ آهي.

هن معشر ۾ "**فقير مسرور**" حضرت آدم عليه السلام جي پيدائش کان وٺي موجوده دور جي جديد انساني معاشري جي انهن دشمنن جون حقيقي ۽ تاريخي موشگافيون ڪيون آهن تہ انهن دشمنن، آدم لاءِ ڪهڙا منصوبا ناهيا آهن ۽ انهن تي ڪيئن نہ ڪار بند آهن:

ڪيائون پهہ آدم کي ڪرڻ سجدو روا، ناهي،
هٽي هٽ پير چڏيو هن متيءَ جي ڍير کي ڍاهي.

هن معشر ۾ حضرت نوح عليه اسلام جي، ضد ۾ قلب ڪارا ڪيل قوم جو ذڪر، سچائي سان اکيون نہ ملائي سگهڻ تہ نمرود، حضرت ابراهيم عليه السلام کي باهہ جي آڙاهہ ۾ اڇلايو، حضرت يوسف عليه السلام جهڙي حسين و جميل پيغمبر کي چند ٽڪن تي وڪرو ڪرايو ۽ ان جي ڪڍ حضرت زليخا کي موهہ جي ڪشش ۾ اٽتو ڪري ڇڏيو، ٻئي طرف سيتا جي ست کي بچائڻ لاءِ رام ۽ هنومان جو راوڻ خلاف وڙهڻ ۽ آخر ۾ اسان جي نبي سڳوري ﷺ جن جي اعليٰ اخلاق، امن ۽ توحيد جي جهنڊي بلند ڪرڻ جا مثال پيش ڪيل آهن.

"**فقير مسرور**" جي چيل معشر جي ٻولي، اسلوب بيان ۽ مقصد هن طرح وضاحت ڪندي نظر اچن ٿا:

اُٿي "**مسرور**" چڏ ليکا – نہ ليکن ساڻ پڄنداسون،
سڄارو ياڳ پنهنجي جو پلا ڪڏهن ڏسنداسون،
ڇڏي هي راهہ شيطاني سٺئون رستو هلنداسون،
رضا تہ رَبّ جي راضي اسين سڀ ئي رهنداسون،
سدا هر جنس وارن سان ڪلي خوش ٿي ملنداسون،
ڪڍي هن غير دل کي صفا نيت رکنداسون،
وڃايل ملڪ دل جي جون وري واڳون ڙنداسون،

کيو انجام ڪلھ جھڙو وري ڪو ڪم نہ ڪنداسون،
پڪو ھي پاڻ ۾ پنھنجو جڏھن پرچار تي ويندو،
اسان جو بخت خوابيده وري بيدار تي ويندو.

ھي ڏھن سٽن جي ھڪ بند تي مشتمل "معشر" ڪل 13 بندن تي مشتمل آھي جنھن ۾ انسان لاءِ نهايت سھڻيون سمجھاڻيون آندل آھن.

## اترادي لھجو:

سنڌ جي سيني لھجن ۾ اترادي لھجي کي منو ۽ سريلو چيو ويندو آھي، جنھن جو اثر شڪارپور کان اوٻاوڙي ۽ سکر کان نوابشاھ تائين آھي، اترادي لھجي جو اثر لڳ ڀڳ سمورن شاعرن جي ڪلام ۾ موجود آھي.

شڪارپور جي لھجي جي مکيہ سڃاڻپ اھا آھي تہ "جمع" جي معياري لفظ جو پويون حرف "او" يا "آئون" جي بدران آن چيو ويندو آھي. "**فقير مسرور**" جي ڪلام ۾ شڪارپور جو لھجو بہ موجود آھي، جنھن جا ڪجھ مثال ھت ڏجن ٿا:

- لڏي ڪٽڪان، کيو ڪونجان، ويون ٿي ڪلھ قطارن ۾ (ڪٽڪ= ڪٽڪو (جمع)
  (ڪونجون)
- منھنجي وفا وساري، انڌان وڻي ٿو اڙي. (انڌون)
- ديدان اھي ڏاڙي خاطر — سھڻا سدا سنيريون وتن. (ديدون)
- سيج سوليءَ تي چڙھي، لاڏا لکي لاوان لھج. (لانئون)
- ٿيو سينو ڇڄي تاران، ڦٽي ھينئڙو ٿيو ڦاران. (تارون — ڦارون)

ساڳي ريت وري جتي معياري لھجي ۾ "آن" ملائي ويندي آھي اتي شڪارپوري لھجي ۾ آن جي بدران پڇاڙيءَ ۾ "آئون" آندي ويندي آھي. اترادي لھجي جي اھا ترڪيب بہ "**فقيرمسرور**" جي شاعريءَ ۾ موجود آھي.

- ڇاڪئون ڪليس روئان ٿو، روئان ٿو ڇو روئان ٿو. (کان)
- ھچان پئجي متئون. جڳ جي، ھچارو تي پيو آھيان. (مٿان)

• سڻ دل سجڻ کي سڪ وچئون، سر ساھ واري سڏ. (وچان)
• منجهئون ڪين ڪيئي، لٽئون لعل لوچي. (منجهان)

شڪارپوري لهجي ۾ ”ڙ“ تصفير جو استعمال ٻہ گهڻو ٿيندو آهي. جنهن جي استعمال سان لفظ ڏاڍو ملائم ۽ پيار پريو ٿي ويندو آهي. **”فقيرمسرور“** ٻہ تصغير جو تمام گهڻو استعمال ڪيو آهي، مثال طور:

- سڪ جا ساماٽا، سيني اندر سلڙا. (سلا)
- مارن ريءَ **”مسرور“** جا هيٺا ٿيڙا حال. (ٿيا)
- منهنجو هينئڙو آھ حيران، هئي هئي هوت بنا. (هينئون)
- هتان هتڙي اڇي هاٿي نڪارو ٿي پيو آهيان. (هتي)
- لڳڙي آ درد ڏمال، نينهن نسنگ ٿيو آ نانگو نسري. (لڳي)

اترادي لهجي ۾ ظرف وارن لفظن جا پد گهٽائي وڌائي استعمال ڪيا ويندا آهن، جن جو مثال **”فقيرمسرور“** جي ڪلام مان ٻہ ملي ٿو:

* اهي ٻَر باغ ٿي ويندا، قلم جاتي گهمائيندو. (جتي)
* ڪاڏي وڃان مان ڪاهيون، دلبر اوهان جو در ڇڏي. (ڪيڏانهن)
* ڪير آهين پر ڪاڏنهن آئين، چاهي تنهنجو نانءُ نشان. (ڪيڏانهن)
* کهڙا مهٽا مارن کي ڏيان، لکئي لوح قلم ڏنهن پانيا. (ڏانهن)

اترادي لهجي ۾ ”مون“ ۽ آئون (آءٌ) کي ”مان“ ڪري استعمال ڪيو ويندو آهي **”فقير مسرور“** وٽ ٻئي (اترادي — لاڙي ۽ معياري) لهجا آهن. ڪٿي ”آئون“ لکيو اٿس تہ ڪٿي، ”مان“ ڪري استعمال ڪيو اٿس، جنهن جا ڪجھ مثال هت ڏجن ٿا:

- مان عجب ڏنو دستور، سائين نبي شاھ وڳڻ جو،
- جيڏيون يار جت لءِ ماندي مان مران ٿي.
- زبان قاصر قلم عاجز، اگهو مان ڪيئن ادا ڪريان.
- نماڻو نتر آءٌ **”مسرور“** نالي، ڪيان عرض تو هي رڙي زار مولا.
- اڇي آءٌ پياس، هاٿي هٿ حمير جي.

شڪارپور جي رهواسي هجڻ سبب "**فقير مسرور**" جي ڪلام ۾ اتي جا مخصوص لفظ ۽ اصطلاح ٻ. نظر اچن ٿا، جهڙوڪ:

- جدائيءَ ۾ مران جائي، نہ تہ ڪو حال جو پائي،
- غمن ڳاريو سورز ساڙيو، لنو ڪيم لاچار، دانهہ اچي هي ديس وسايو.
- شروعاتي شمو آهي، چمن چانڊاڻ ڏس سارو.
- ڪري تہ تي تورو، وري منج ورائي.

جائي = سچ، دانهہ = داناءُ، شمو = سمو (وقت- دور) ، منج = موڪل.

لفظن جي استعمال جو اندازو بہ شڪارپور جو منفرد آهي، مثلاً

| اصل لفظ | شڪارپور ۾ استعمال | "فقير مسرور" جي ڪلام ۾ استعمال ٿيل |
|---|---|---|
| ويڪري | موڪري | ڇڏ پچر "**مسرور**" پر جي قبر ڏس پنهنجي ڪچي، ڇا پلا ڪنهن جي وري سوڙهي هجي يا موڪري، |
| پيرا | ڳهمرا | عرض مج "**مسرور**" جو گهوري وجان گهمرا لکين، |
| ماپيو | مايو | خوشيءَ هن ڪان ملڪ هر هڪ بدن ۾ ڪين ٿي مايو، |
| ڇبو/پي سواد | ٽُتو | سدائين سيٺ صاحب ڪير ٿي پاٽي تتو چکيو. |
| نج/سچو/رڳو | نلو | اسين جڳ جو بلڪل چاهيون پلو-رکي رمز رنديءَ جو نينهن نلو. |
| پچار | پچر | ڪئي ٿي ڪا مارن پورهيت جي پچر. |

## لاڑي لهجو:

"**فقير مسرور**" جي ڪلام ۾ جتي اترادي لهجي جو لطف آهي اتي لاڙ جي لفظن ۽ انهن جي ترڪيب ۽ لاڙي محاورن جو بہ مزو آهي. پاڻ جتي اترادي لفظ "مان" "ڪاٿ" ۽ "اوهان" استعمال ڪيا اٿس اتي لاڙي لفظ "آئون" "ڪيئڙ" ۽ "اوهين" بہ سندس ڪلام ۾ موجود آهن، انهن کان علاوه خاص لاڙ جا لفظ اباڻو(غريب)، آتر ويلا (ابهرائي، تڪڙ)، اتيت (جنهن جو ڪوبہ نہ هجي يا وٽس ڪجهہ بہ نہ هجي) ۽ وٿاپو (حاصلات) جهڙا لفظ سندس ڪلام ۾ موجود آهن.

## تصوف جا لفظ ۽ محاورا:

جهڙيءَ طرح سنڌ جي صوفين، شاعرن، عشق جو پيغام، عام انساني ٻوليءَ ۾ ڏنو آهي، تيئن "فقير مسرور" انهيءَ عام ٻوليءَ ۾ ئي تصوف جا محاورا به مقرر ڪيا آهن، مثال طرر لفظ آهي "قرب" ته اهو لفظ تصوف جي سموري تاريخ عشق ۽ هيڪڙائي لاءِ مقرر ڪيل نمائندو لفظ آهي، لفظ قرب استعمال ڪرڻ سان نه رڳو محبت ۽ سڪ اجاگر ٿئي ٿي مگر سنڌي شاعرن انهيءَ کي هيڪڙائي لاءِ بنيادي نمائندگي ڪندڙ لفظ ڪري مقرر ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح تصوف جي پلائي سبب سنڌ ۾ اڄ به هر هنڌ لفظ ۽ محاورا استعمال ٿين ٿا، جيڪي نج سنڌي رهڻي ڪهڻي جو مزاج بڻجي ويا آهن. اهڙا لفظ ۽ اصطلاح "فقير مسرور" جي ڪلام ۾ به نظر اچن ٿا جهڙوڪ:

* درد فراق ۽ هجر جون هوليون، (هجر جون هوليون)
سر تي سختين سور سهئون ٿا.
* ٿياسي پاڻ مون پٽرا، مٺيءَ جي، ڏير ڪي ڏاهي. (پاڻ مان پٽرو ٿيڻ)
* هاڪ تنهنجي حسن جي ڀهڳڻ ٻڌي شيدا ٿيس.
* اسان جام محبت پيتوسي، دوئي لوپ دا لوڙهه لٽيو سي.
* چوڙ فنون عقائد عقلي، اسين باب برهه دا پڙهيو سي.
* اسم جي ڏس اوت ۾، ڏاهي مٺيءَ جو ماڻ ڪجهه.
* سوز جي سرڪي پيئڻ لءِ، سر اڏيءَ سهجئون ڏري.
* اڪڙيون تنهنجو موهن مٺا، اذن ايڏا ٿيون رڪن.
* رکو آهي راکو ڪري ڪانه نيت،
* رڙن لڪ لقائي عنادل اتيت.

# هندي شاعري

## تاريخي پس منظر:

سنڌ قديم زماني کان وٺي نهايت عظيم ثقافتي ورثي جي مالڪ پئي رهي آهي. قريشي حامد علي خانائي، "سنڌي شاعريءَ تي هندي شاعريءَ جو اثر" ۾ لکي ٿو:

"موهن جي دڙي جا آثار قديمه اڄ کان اٽڪل چار هزار سال ق. م جا آهن، جيڪي سميري تمدن ۽ مصر جي قديم ترين عهد جي تمدن جا همعصر سمجهيا وڃن ٿا. واديءَ سنڌ جا رهاڪو آرين جي اچڻ کان گهڻو اڳ هن ملڪ ۾ آباد هئا ۽ هي نهايت مهذب ۽ متمدن هئا. قديم دور يعني ويدڪ دور ۾ چار مشهور ويد جهڙوڪ: "رگ ويد"، "يجرويد"، "سام ويد" ۽ "اٿر ويد"، تصنيف ڪيا ويا جن ۾ سماجي فلسفي جا عجيب راز ۽ نڪتا بيان ڪيل آهن. ويدڪ دور کانپوءِ آرين جو ڪيترو ئي رزميه شعر ملي ٿو، جيئن تہ "رامائڻ" ۽ "مهاڀارت" وغيره. انهيءَ کانپوءِ ٻڌمت جو رواج عام ٿيو.

وڪرما جيت جي دور ۾ سنسڪرت زبان تمام گهڻي ترقي ڪئي هئي. سندس زماني ۾ ٻڌ ڌرم ۽ جين ڌرم جا وڏا عالم پنهنجا ڪتاب سنسڪرت ۾ لکندا هئا. ڪاليداس سنسڪرت جو وڏو ۽ مشهور شاعر وڪرماجيت جو خاص درٻاري شاعر هو، جنهن "شڪنتلا"، "ڪمار شنيو"، "ماءِ وڪاگني"، "ميگهہ دوت" لکيا. انهيءَ کانسواءِ "هري سين" ۽ "ويرسين" بہ مشهور شاعر، چندر گپت جا درٻاري شاعر هئا.

راجا هريش چندر پنهنجي زماني ۾ هندي زبان جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي، جنهن ڏانهن "رتنا ولي"، "پري درشڪا" ۽ "ناگانند" جهڙيون تصنيفون منسوب آهن، راجا هريش چندر 646- 647ع ڌاري پر لوڪ پڌاريو، جنهن کان پوءِ اتر هندستان جو وسيع علائقو ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو، جنهن کانپوءِ هندستان جي مٿان مسلمان حاڪمن باقاعدي حملو ڪري ان کي پنهنجي حڪومت هيٺ آندو. انهيءَ دور ۾ سنڌ جي مٿان راءِ گهراڻي کان

پوءِ برهمڻ گهراڻي جو راڄ هو، جنهن جي آخرين راجا، ڏاهر سين جي دور ۾ سن 93 هجري مطابق 712 عيسويءَ ۾ محمد بن قاسم سنڌ تي حملو ڪري مسلم حڪومت جو بنياد وڌو.

1191ع ۾ محمد غوري، هندستان مٿان ٻيهر هڪ ڀرپور حملو ڪري، ملڪ جي گهڻي حصي تي قبضو ڪيو. هي غالباً اهو دور هو جنهن ۾ هن برصغير هند ۽ پاڪ جون اڪثر زبانون علم ادب کي جنم ڏئي رهيون هيون، چاڪاڻ ته راجپوت راجائون علم جا قدردان هئا ۽ عالمن اديبن ۽ شاعرن جي همت افزائي ڪندا هئا. سنڌن دور ۾ هندي شعر ۽ شاعريءَ کي وڏو عروج حاصل هو. دهلي سلطنت جي غلام گهراڻي جي حاڪمن به هندي ٻوليءَ جي علم ۽ ادب جي ڏاڍي سرپرستي ڪئي. هن زماني ۾ "امير خسرو"، "امير حسن دهلوي"، نامور شاعر هئا. "چند بروائي" جنهن کي هندي زبان جو پهريون شاعر تصور ڪيو ٿو وڃي سو پڻ هن دور جي ئي پيداوار آهي، جنهن کان پوءِ "جگ نائڪ" ۽ "سارنگ ڌر" به وڏا هندي شاعر تسليم ڪيا ويا آهن.

چوڏهين ۽ پندرهين صديءَ جي وچ ڌاري "رام" جي پرستش عام ٿي ۽ هندي ادب ۾ هڪ نئون انقلاب آيو ۽ اها "ڀڳتي تحرڪ" ٽن گروهن ۾ تقسيم ٿي وئي، يعني هڪ اها تحريڪ، جنهن رام ڪرشن جي پوڄا شروع ڪئي ۽ "وشنو تحريڪ" جي نالي پنيان سڃڻ لڳي، ٻي تحريڪ جا رام کي خدا جي اوتار سمجهي پوڄا ڪرڻ لڳي ۽ ان بت پرستيءَ کي پنهنجو شعار بڻايو ۽ ٽين تحريڪ اها هئي جنهن جي نظر ۾ "رام" برابر خدا جو اوتار هو مگر پوڄا جي لائق خدا واحد هو.

انهيءَ ٽين تحريڪ جو باني راما نند (1400- 1470ع) هو. انهيءَ دور ۾ "ڪبير" (1440- 1518ع) پيدا ٿيو جنهن بت پرستيءَ جي خلاف نعرو بلند ڪيو.ان دور ۾ هندن ۾ "نامديو"، "ودياپتي" ۽ "ميران" ۽ مسلمانن ۾ "محمد جائسي" وڏا شاعر ٿي گذريا آهن.

سن 1550ع کان هندستان ۾ تاريخي لحاظ کان هڪ زرين عهد شروع ٿئي ٿو. هن دور ۾ هندو مسلم اتحاد جو جذبو پيدا ٿي چڪو هو. هندو مسلم تهذيبن جي ميلاپ سبب علم ادب ۾ به تمام گهڻي ترقي ٿي.

اڪبري دور ۾ ”عبدالرحيم خان خانان“ هنديءَ جو مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. انهيءَ کان سواءِ هنديءَ جا وڏا شاعر جهڙوڪ: ”تلسي داس“ (1532-1623ع) ”سورداس ۽ ”بهاري لال“ به قابل ذڪر آهن.

## سنڌ ۾ هندي شاعريءَ جو اثر:

ڪبير جو زمانو 15 ۽ 16 صدي عيسويءَ جو آهي ۽ غالباً سنڌ ۾ ”شاهه ڪريم رحه“ ۽ ”قاضي قاضن رحه“ جو دور پڻ اهو ساڳيو آهي، جن جي عارفاڻن بيتن تي ڪبير جي هندي دوهن جو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هندي شاعريءَ جو اهو اثر نه صرف انهيءَ قديم دور واري شاعريءَ تي پيو مگر ڪلهوڙن جي دور جي وڏي ۾ وڏي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه تي به تمام گهڻو پيو.

سنڌي شاعريءَ تي هندي شاعريءَ جو اثر نه صرف خيالن ۽ نفس مضمون جي لحاظ کان پيو ليڪن فني سٽاءَ جو اثر به سنڌي شاعريءَ تي ڪافي پيو، جنهن جي ڪري شاهه ڪريم رحمة الله عليه کان پوءِ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه، ميين شاهه عنات رحمة عليه، عثمان احساني عليه رحمة ۽ لطف الله قادري عليه رحمة جهڙا صوفي درويش ۽ شاعر به ملن ٿا، جن جو ڪلام هندي شاعريءَ جو اثر جو پورو ثبوت ڏئي ٿو.“ (46)

شڪارپور ۾ هندي شاعريءَ جو پندار سامي چئن راءِ پيدا ٿيو، جنهن ڪيترائي شلوڪ لکيا آهن، انهيءَ کان علاوه دولهه درازي سرڪار سچل سرمست عليه رحمة، روحل فقير عليه رحمة ۽ ڀڳت چيتارام صاحب گلابداسي به ڪيتريون ئي واڻيون، شبد ۽ ڀڄن لکيا.

انهن کان پوءِ **”فقير مسرور“** ئي اهو شاعر آهي جنهن هنديءَ ۾ ٻارنهن ”شبد“، ڇهه ”واڻيون“، چار ”ڀڄن“، چار ”اشلوڪ“، هڪ ”هولي“ ۽ هڪ مداح ستگرو سائينءَ جي سوڪڙي، لکيا آهن.

**”فقير مسرور“** جي هندي ڪلام تي به ڪبير ۽ تلسيداس جو اثر آهي، جنهن جو پاڻ ذڪر به ڪيو اٿس:

آج سکھي گھر ميري آئي تلسيداس ڪبير،
درسن پاڪر پرسن هويا، شانتي روپ سرير.

"**فقير مسرور**" جي هندي شاعريءَ جو محبوب، ڪبير وانگر اهو گوبند گڻوان گوڪل آهي جيڪو اجنم (ڪنهن جو ڄايو نہ آهي) ۽ سرويا پڪ (حاضر ناظر) آهي، جنهن لاءِ فرمائي ٿو:

تو گنوان گوڪل، تو گوبند گياني،
تمهين هي بقا هو، جهان اور فاني،
تو الکھہ روپ اجنم هي، سڀ سي نيارا.

توئي بناوين پورنماسي، ايڪا دسي تي اماس،
هردي اندر دوارا تيرا، اگياني پاوين آڪاس.

"**فقير مسرور**" جي هندي ڪلام ۾ "ميران ٻائي" وانگر ڪرشن جي پوڄاري هئڻ جو بہ تاثر ملي ٿو. جنهن جي ڏيان ۾ سک وچان هڪ ڀڄن ۾ چوي ٿو:

سمر سمر سک پائون – هري رام ڀجن گن گاؤن.

ميران جيان سندس هندي ڪلام ۾ "رام" جو روپ، سورج جي ڪرڻن وانگر هرديار روشني ڪندي نظر اچي ٿو. پاڻ ستگر ۽ گردر ۾ همہ جي حقيقت ڪي هن طرح ٻڌائي ٿو:

هر پند اس ڪا مندر ديرا- هم ۾ پرگھٽ ڪيول ميرا،
ڪري هَر ڪي ڪون شماري.
نو نو روپ سنگھار – ڪيول ڪر ڪي آيا وي.

صاحب آپ سناسي هويا- داتا سي ڦر داسي هويا،
ڇوڙ محل بنواسي هويا – جڳت اڌار جگياسي هويا،
باري برھہ ڪا بار- بر سر چاهون چايا وي.

وحدت الوجود ۽ همہ جي حقيقت سان گڏ پاڻ پنهنجي هندي ڪلام ۾ پنهنجي ستگر (مرشد) جي عنايتن ۽ عطائن جو بہ ذڪر ڪيو اٿس. هڪ هنڌ فنا في المرشد ڪي هن طرح ظاهر ڪيو اٿس:

سوامي من "مَسرُور" پورن، راجا بيدل راما ڪرشن،
نرپو و نر انڪار نرنجن، سرووياپڪ صاحب سرجن،
"غلام علي" بلهار، ساڪي ستگر پايا وي.

سندس اسلوب بيان دولهہ دري سرڪار سچل سرمست عليه رحمة ۽ شهنشاهہ فقير بيدل عليه رحمة جي هندي ۽ اردو ڪلام جهڙو آهي، جنهن ۾ سرائڪي، سنسڪرت ۽ فارسيءَ جو ميلاپ آهي، جن جا ڪجهہ مثال هت ڏجن ٿا:

## سرائڪي انداز:

- برسر چاهون چايا وي.
- چنتا جاوي، ممتا جاوي — من دي آسا پاؤن.
- اتم ڳالهہ اها من راکو — زيريان جهڙا پيش.

عربي ۽ فارسيءَ جو استعمال:

تو ونحن خود عيان کهتا — مگر مجهہ سي نهان رهتا.

"فقير مسرور" پنهنجي سموري ڪلام ۾ سنسڪرت جا ڪيترائي لفظ استعمال ڪيا آهن جهڙوڪ: سورج، شرڌا، اتيت، اٿاهہ، ارداس، اگياني، الک، امولڪ، برهہ، برهم، بيڪ، ٻلهار، تيرٿ، پچ، پريات، پرلوڪ، پريم، ديهہ، رسنا، سرجنهار، سڪپت، سمرٽي، گگن، ناٿ، نرنجن، نشڪام وغيره.

# اردو شاعري

عربن جي اچڻ سبب سنڌي شاعريءَ ۾ عربي لفظ به ڪثرت سان استعمال ٿيڻ لڳا ۽ اڳتي هلي سنڌيءَ جي الف – ب به عربي لپي ۾ لکجڻ لڳي. هندستان ۾ هنديءَ سان گڏ عربي ۽ فارسيءَ جي ميلاپ سان "اردو" وجود ۾ آئي. دائرة معارف الاسلاميه ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته "دنيا جي مختلف ٻولين جي لفظن کي استعمال ڪرڻ جو بنيادي ڪم "فوجين" ڪيو، جنهن ڪري عربي، فارسي جي ميلاپ سان "اردو" وجود ۾ آئي."(47)

اصل ۾ ڪنهن به ٻوليءَ کي عوام ۾ مقبول ڪرڻ جو وڏو ڪم اسان جي شاعرن، خاص طور صوفي شاعرن ڪيو آهي، خود هندستان ۾ حضرت امير خسرو (1253ع – 1325ع) عربي ۽ فارسي لفظن جي سهاري(ريخته) ڪلام لکيو آهي.

ساڳيءَ ريت سنڌ ۾ دولهه درازي سرڪار سچل سرمست عليه رحمة (1739 – 1826ع) جو اهو ڪارنامو آهي جنهن هندي، فارسي، اردو يا سرائڪي انهيءَ ڪري استعمال نه ڪئي آهي ته ڪيس ٻولين جو ماهر سمجهيو وڃي پر هن انهيءَ خيال کان لفظن جو استعمال ڪيو آهي ته جيئن عشق جو پيغام ٻين ٻولين ۾ به پهچڻ گهرجي.

هندستان جي شاعريءَ ۾ "اردو" جو ابتدائي لهجو "گجراتي، گجر يا گجري ۽ "دکني" هو. شهنشاهه اورنگزيب عالمگير جي عهد تائين شاعريءَ ۾ فارسيءَ جون سموريون صنفون شامل ٿي ويون هيون پر سندس آخري زماني ۾ اردو ادب جو هڪ نئون دور شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ ولي دکني (1707ع ڌاري) هندي، فارسي (ريخته) غزل جو بنياد وڌو، ولي دکني جي ڪلام جو رنگ ايترو مشهور ٿيو هو جو هر ڪو سندس طرز ۾ غزل گوئي ڪرڻ لڳو.

ولي دکنيءَ جي دور ۾ مير درد (1721- 1874ع)، مير تقي مير (1722ع- 1810ع) سودا (1722- 1780ع) غزل ۾ زندگيءَ جا ڀرپور عڪس

ڪٿي آيا، جن ڪان پوءِ به اردوءَ ڪي وڏا وڏا شاعر مليا آهن، جهڙوڪ: نظير (وفات 1830ع)، ذوق (1789- 1854ع)، مومن (1800 – 1851ع) غالب (وفات 1869ع)، انيس (1802- 1874ع)، دبير (1803- 1875ع)، داغ، امير مينائي، حالي ۽ اقبال وغيره.

سنڌيءَ ۾ هندي ۽ فارسي (ريختہ) غزل جو پهريون وڏو شاعر سرڪار سچل سرمست عليه رحمة آهي، جنهن جي غزل جو رنگ پوءِ شهنشاهہ فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة جي ڪلام ۾ نظر آيو، اهڙيءَ طرح "**فقيرمسرور**" به ساڳي رنگ ۽ طرز ۾ اردو غزل چيو آهي:

سئیاں ساجن یار کیسا رنگ رچایا ہے،
تس سیر لئے سیار، صورت بیک بنایاہے۔

کیا چٹک سی یار میری، دل تو دلبر نے لٹا ہے،
دل لگانا، روٹھ جانا، کس سون جانی تم سکھا ہے۔

"**فقير مسرور**" جي اردو شاعريءَ ۾ شاعراڻين جولانين جو لطف ئي الڳ آهي، سنڌي جيان اردوءَ ۾ به ڪافيون چيون اٿس، جن مان ڪجهه ڪافين ۾ تہ دلبر جي هٿن ۾ دل جي لٽجي وڃڻ، ديدار نہ ڏيڻ جي شڪايت، برهہ ۾ بيمار ٿي پوڻ، جا موضوع آندا اٿس:

کبھی جلوہ دکھاتے ہیں، کبھی تو عار کرتے ہیں،
چھپا کر روئے زیبا کو، مجھے مسمار کرتے ہیں۔

سندس دلي روئداد تي به پنهنجي متقدمين جيان منصوري موج ۽ همہ اوست جو عنصر ڪجهہ وڌيڪ غالب آهي:

دیتی ہے حق کی ثبوتی، یہ شکل انسانی میری،
بس نہ بلکل بھول عابد، بات سن جانی میری۔

ہمیں بس موج سے اپنی، جو بریں کا بیوپاری ہے،
سدا راحم رہوں، لیکن، لقب میرا قہاری ہے۔

ارے یارو نہ گھبرانا، مجھے ناغیر حق جانا،
سنو ہر بھید میں آنا، ہمیں خود اختیاری ہے۔

اردوءَ ۾ "**فقير مسرور**" هڪ منقبت، ارڙهن ڪافيون، هڪ ريخته ۽ صوفين متعلق هڪ مخمس چيو آهي، جيڪو اردو ۽ هندي ڪلام جي حصي "**پريم ساگر**" ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

# فارسي شاعري

## فارسي شاعريءَ جي تاريخ:

ڊاڪٽر سدا رنگاڻي لکي ٿو تہ: ”فارسي شاعري جو هر دبستان انتهائي تخليقي ۽ زرخيز رهيو آهي. فارسي شاعريءَ جو پهريون دبستان خراسان (726 عيسوي) ۾ صورت پذير ٿيو. جنهن جي ترقي طاهرين (820-872 عيسوي)، صفارين 868- 903 عيسوي) ۽ سامانين (874-999 عيسوي) جي زماني ۾ وڌيڪ ٿي(48).

انهيءَ کان پوءِ غزنوي دور(998- 1044 عيسوي) ۾ فارسي ادب ۽ تاريخ وڏو عروج حاصل ڪيو. اهڙيءَ طرح سنجوقين جي زماني (1044 عيسوي) ۾ عراقي ۽ شيرازي دبستان نمودار ٿيا، جنهن ۾ شيخ فريد الدين عطا عليه رحمة ۽ مولانا جلال الدين رومي عليه الرحمة، شاعريءَ ۾ مجاز ۽ حقيقت جا موضوع آندا.

محمود غزنوي جي پنجاب فتح (1021 عيسوي) کان پوءِ فارسي زبان ۾ هندي ثقافت جو ميلاپ ٿيو ۽ فارسي شاعريءَ خسروي ۽ دهلوي دبستان بہ حاصل ڪيو.

اڳتي هلي مغلن جي زماني ۾، فارسي شاعريءَ ۾ هڪ طرز، خيال ۽ معنيٰ بہ پيدا ٿي، جنهن ۾ مرزا اسد الله غالب ۽ علامہ اقبال جي شاعريءَ، ڪيترائي اسلوب آڻي، ان ۾ ويهين صدي جي اجتماعيت جو رنگ پريو.

## سنڌ ۾ فارسي شاعري:

سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جو آغاز سما دور (1323- 1521 عيسوي) کان نظر اچي ٿو، جنهن ۾ ڄام جوڻا، شيخ عيسيٰ لنگوٽيو ۽ ڄام نظام

الدين عرف ڄام ننڊو(1461- 1508 عيسوي) ۽ مخدوم بلاول (1523 عيسوي) ٻہ فارسي زبان جا اڳاٽا شاعر ٿي گذريا آهن.

سمن کان پوءِ، ارغونن (1521 — 1555 عيسوي) ۽ ترخانن (1555 — 1612 عيسوي) جي دور ۾ فارسي تعليمات ۽ ادب پروري جا سوين مدرسا ۽ دبستان شروع ٿيا.

سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جو سونهري دور (ارڙهين صدي عيسوي) ڪلهوڙن جو دور آهي، جنهن ۾ "تصوف جو سلسلو"، نثر توڙي نظم ۾، سونهن ۽ مهڪ جي علامت بڻجي اڀريو، جنهن جي ابتدا حضرت شيخ عثمان مرندي شهباز قلندر عليہ رحمة، انصاري، قادري ۽ نقشبندي سلسلي جو وڏو درويش ۽ شاعر (538 — 650 هجري) ڏاري مطابق 1140 — 1252عيسوي) ڏاري ڪري چڪو هو.

ڪلهوڙن جي دور ۾ تصوف جي سلسلي جي صوفي شاعرن ۾ سيد مير جان الله شاهہ (1754ع) اهو صوفي هو، جنهن سنڌ ۾ روحانيت جي بحر بيڪنار جا انمول موتي پيش ڪيا. ان کان سواءِ محمد حسن (1709 — 1750ع)، علي شير قانع (1727 — 1789ع)، محمد پناهہ رجا، ميان سرفراز خان ڪلهوڙو (1772ع) منشي شيوڪ رام عطارد جهڙا بزرگ ۽ فارسي زبان جا وڏا شاعر ۽ قصيده گو پيدا ڪيا.

ٽالپرن جي دور (1783 کان 1883ع) تائين ۾، سنڌ ۾ هڪ طرف هندستان جي خسروي ۽ دهلوي دبستان جو رنگ نمودار ٿيو تہ ٻئي طرف ايران جي "حافظ شيرازي" "جامي" ۽ "عطار" جي خيالن جي پرواز پنهنجي لامحدود وسعتن سان ڦهلجڻ لڳي.

جنهن جي نتيجي ۾ دولهہ درازي سرڪار عبدالوهاب فاروقي سچل سرمست عليہ رحمة (1739 — 1826ع) ديوان آشڪار، رهبرنامہ، رازنامہ، گداز نامہ، عشق نامہ، تارنامہ ۽ وصلت نامہ ۾ آشڪار ۽ خدائي تخلص تحت فارسي شاعريءَ ۾ تصوف جي لاحد جا سئر پيش ڪيا.

فارسي شاعريءَ جي هن دور ۾ غلام علي مائل (1768 — 1835ع)، مير ڪرم علي خان (1828ع) نواب ولي محمد خان (1832ع) آخوند محمد قاسم هالائي (1825ع) دلپت صوفي (1841ع) ملا صاحب ڏنو (1843ع)، محمد عارف صنعت (1266 هجري) جهڙن بزرگن شاعرن بہ حسن، عشق ۽ تصوف جي ڪيترن ئي نڪتن کي شاعريءَ جو موضوع بڻايو.

سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جو ٽيون دور، انگريزن جو دور (1843ع) تو سنڌجي. سنڌ ۾ فارسي زبان ۽ ادب جي انهي طويل سفر جي نتيجي ۾، شعر و سخن، تصنيف ۽ تاليف کان علاوه عام ماڻهن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ تي بہ فارسيءَ جو وڏو اثر ٿي چڪو هو، جنهن جي ڪري، سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۾ تعليم، علمي گفتگو ۽ خط و ڪتابت توڙي بحث مباحثا بہ فارسي زبان ۾ ٿيندا هئا.

سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جي هن ٽئين دور ۾ بہ سنڌي بزرگن توڙي شاعرن، فارسي زبان ۾ شاعري ڪئي، جهڙوڪ: شهنشاهہ قادر بخش بيدل فقير عليه رحمة (1814 — 1872ع) آخوند محمد قاسم هالائي (1881ع) پير محمد حزب الله شاهہ (1842 — 1890ع)، مير جان الله شاهہ ٽيون (1893ع)، سيد غلام محمد شاهہ گدا (1904ع)، مير علي نواز علوي (1851 — 1921ع)، ميان واليڏنو فقير (1889ع).

انگريزن جي سنڌ ۾ اچڻ سبب حالانڪ شعر و ادب ۾ يورپ جون جديد صنف سخن بہ متعارف ٿيون پر سنڌ ۾ خاص طور، سعدي، رومي، حافظ، فردوسي، عطار، جامي ۽ نظامي جو وڏو اثر ۽ رتبو رهيو، جنهن جي نتيجي ۾ انگريزن جي تسلط کان اڌ صدي پوءِ بہ سنڌ ۾ انهن شاعرن جو نالو ۽ ڪلام محفلين ۽ مجلسن جو سينگار هو.“

”**فقير ميان غلام علي مسرور**“ تصوف شعر و سخن جي انهيءَ صاف ۽ روح پرور فضا ۾ جنم (1894ع) ورتو، جنهن نہ رڳو سنڌي يا سرائڪيءَ ۾ ڪلام چيو، پر ماحول جي اثر سبب پڻ اردو، هندي ۽ انگريزيءَ سان گڏ فارسي زبان ۾ بہ ڪلام چيو.

## فارسي شاعريءَ جا موضوع:

سنڌ جي صوفي شاعرن وٽ شاعريءَ جي حيثيت، روحاني رمزن جي اپٽار جو هڪ ذريعو رهي آهي ۽ جيئن تہ فارسي شاعريءَ جو مجموعي مطالعو، انسان جي من ۾ الله تعاليٰ جي هستيءَ جو يقين پيدا ڪري ٿو ۽ چاڪاڻ تہ خود فارسي شاعريءَ جو خدا هڪ محبوب ۽ نهايت پيارو خدا رهيو آهي، انهيءَ جي ڪري ان پياري ۽ محبوب ڏانهن ڪشش، انهيءَ حسن جي جلوي جي تلاش ۽ انهي پاليندڙ، پروردگار جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ هر شاعر، صوفي ۽ بزرگ جا بنيادي موضوع رهيا آهن.

تصوف انهيءَ محبوب کي، مجاز جو لباس پهرايو آهي ۽ اهو صرف تصوف جو ئي احسان آهي جنهن مجازي عشق ۽ هوس ڪاريءَ جي رجحانن جا زهريلا اثر ختم ڪري ڇڏيا آهن. تصوف جي درويشن پنهنجي اخلاق، تعليمات ۽ ڪلام جي ذريعي، عشق، مجاز، حقيقت، جمال، دانش، عرفان، وحدانيت، خدا ۽ ڪائنات جا دنياوي تصور بدلائي حقيقت جي راز تان پردا پري ڪيا ۽ ڪلام جي ذريعي صوفي شاعرن مجاز جي رنگ ۾ پنهنجي حقيقي محبوب جي عشق جا اهي ترانا ڳايا آهن ۽ سندس حسن جمال جي اها تعريف ڪئي آهي جو ڪنهن بہ عام شاعر، پنهنجي معشوق جي نہ ڪئي هوندي.

ورثو ورهہ عشاقن، ٻيو لوڪ لکن جو وارث،
ڪو مال زر لءِ ٻورڪ، ويجهن وڏن جو وارث.

تصوف:

ڏسڻ ۽ پسڻ جو تعلق ظاهري طور تہ اکين سان آهي پر جنهن کي ڏسجي ٿو، انهيءَ کي سمجهڻ ۽ پرجهڻ جو ڪم روح جو آهي. هي اهو روح نہ آهي، جنهن جي نفي،ماديت پرست ڪندا آهن، پر

هي اهو روح آهي جيڪو خود انساني ذهن ۽ قلب جي انتهائي گوناگون احساس مان ڦٽي نڪرندو آهي.

روح، هڪ گڻ آهي، جنهن جي ذريعي انسان. پاڻ جهڙي انسان ۾ خدا جي پرتو/مظهر تي يقين ڪري سندس احترام، محبت ۾ خدمت جو مجاز ڪمائي ٿو.

هي روح/گڻ، هڪ اخلاق وانگر عمل ڪري ٿو ۽ پنهنجي اندر جي پروڙ لهندي ئي هر هنڌ ساڳيو جلوو پسڻ جو گيان حاصل ڪري ٿو. بلڪل پڪ ڄاڻڻ گهرجي ته اهو گيان/عرفان ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل نه هوندو آهي، جي ائين هجي ها ته اهو علم جي ڪتاب مان پڙهي هر هڪ ماسٽر ڊگري يا پي ايچ ڊي جي سند حاصل ڪري سگهي ها.

اهو گڻ/اخلاق/گيان يا عرفان، انسان جي پنهنجي سيني ۾ آهي جيڪو بغير فڪر/مسلسل فڪر جي حاصل نه ٿو ٿئي. انهي نڪتي تي دنيا جي سمورن صوفين، نفس/جسماني طلسم کي ٽوڙي، حق جي آگاهي/حقيقت حاصل ڪرڻ جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ اهو عمل انسان وٽ/ پاڻ وٽ آهي، جنهن لاءِ هر صوفيءَ جو اهو ارشاد آهي ته پاڻ سڃاڻ/ پاڻ پروڙ.

چشم بکشا که جلوه دلدار- متجليست از در و ديـــــوار،

نحن اقرب اليهه آمده است- دور افتاده اى تو از پندار.

(شيخ فريد الدين عطار)

[پنهنجون اکيون کول ۽ ڏس ته محبوب جو جلوو، در ۽ ديوار تي روشن آهي، هو شهه رڳ کان به ويجهو آهي، تون انديشي ۽ گمان جي ڪري هرو ڀرو پري بيٺو آهين.]

ڊاڪٽر سيد عبدالله پنهنجي ڪتاب "فارسي زبان و ادب" ۾ بحث ڪندي چوي ٿو ته:

”اسان ڪجھ عرصي کان پنهنجي ادب کي مغربين جي عينڪ سان ڏسڻ لڳا آهيون ۽ پنهنجي ئي ادب متعلق اهڙي طرح سان سوال ڪندا آهيون، جهڙيءَ طرح ڪو اجنبي، مغرب وارن کان ڪري.

جديد دور جي نقادن خاص طور اها غلط فهمي ڦهلائي آهي ۽ اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اسان جا شاعر ۽ اسان جا صوفي، بيڪاري پکيڙيندا رهيا آهن. اهو غلط آهي. اهل طريقت جو واحد مطالبو اهو هو تہ ماڻهو، دنيا داري ۾ هَوس ۽ افراط- دنيا پرستي جو شڪار نہ ٿين ۽ سرمايي ۽ مال جي محبت کي پاڻ تي ائين سوار نہ ڪن جو شرافت، همدردي ۽ اخلاقي قدرن جو احترام بہ ختم ٿي وڃي.

جتي قوم، ان دنيا پرستي جي جنون ۾ مبتلا ٿي وڃي، اُتي اعتدال ۽ نفس جي ضابطي جي تعليم کان سواءِ ٻيو ڪهڙو رستو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن اسان جي ملڪ مان بہ اها تعليم ترڪ ٿي وئي تہ زبردستي، خود غرضي ۽ اقتدار پرستي جو رجحان ڪيڏو نہ وڌي ويو.“ (49)

صوفي شاعر، تشدد سان نہ پر محبت جي پيغام سان انهيءَ زماني جي هوس کي ختم ڪندا رهيا آهن ۽ پنهنجي شاعريءَ ذريعي بہ مظلومن ۽ بيڪسن جي دلجوئي ڪندا رهيا آهن:

آشکارا گر تو واقف گشتهء از سر جان،

پس بهر کس آشنائی و ترحم داشتن.

[اي آشڪار، جيڪڏهن تنهنجي روح کي عشق جي آگاهي ٿي چڪي آهي تہ توکي هر شخص سان محبت ۽ شفقت جو برتاءُ ڪرڻ گهرجي. — سچل سرمست]

هونئن تہ اظهار جي ڪوشش هر فنڪار جي خواهش هوندي آهي ليڪن شاعر وڌيڪ حساس هوندو آهي، پر شعر جو سڌو سنئون واسطو شعور سان آهي ۽ شعور جو تعلق، قلب سان هوندو آهي ۽ انهي قلبي روئداد کي لفظن جي حسين ۽ جميل شڪل ڏيندڙ، شاعر چرائيندو آهي.

صوفي شاعر، انهيءَ قلبي احساس کي، حياتيءَ جي تحريڪ ۽ ساڻس عشق ۽ درد جي رشتي مان حاصل ڪري ٿو ۽ انهيءَ مان حاصل ڪيل تجربي/ آگاهي/ ادراڪ سبب، دنيا پرستيءَ ۽ نفس جي ضابطي کي بي معنيٰ سمجهي، انهن کي ترڪ ڪرڻ جو درس ڏيندو آهي، ۽ پاڻ جهڙي حضرت انسان جي محبت/ هيڪڙائي لاءِ دنيا جي شاهيءَ کي ڇڏي، عشق جي گدائي کي ترجيح ڏيندو آهي:

سؤ عيش ڪان سرس آ هڪ سور عشق جو،
شاهن ڪان وڌ آ شان ۾ مزدور عشق جو.

(فقير مسرور)

ڊاڪٽر سيد عبدالله جو چوڻ آهي تہ ”صوفي شاعرن جي اخلاقي ضابطي جا ڪجهہ پهلو اهڙا آهن جن جو صحيح مفهوم سمجهڻ ۾ جديد رجحان وارا وڏي وهم ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿا، مثال طور سندن تواضع ۽ انڪساري، بئي اهڙا قدر آهن جيڪي اخلاق ۽ شرافت لاءِ لازمي جزا آهن ۽ سندن اهو رويو انسان دوستيءَ تي مبني هوندو آهي.“

انسان دوستيءَ جو اهو بنياد، تصوف ذريعي، عشق جي ان احساس سان شروع ٿئي ٿو، جتي هو ٻئي کي نہ، پر پاڻ کي ئي ڏسي ٿو، ڪنهن ٻئي جو ڏک سک نہ پر پنهنجو ئي ڏک سک

ڀانئي ٿو ۽ انسان سان عشق ڪرڻ جو مطلب، انهيءَ حسن ۽ جمال جي حق سان عشق ڪرڻ آهي.

تصوف جو بنياد بہ اهو عشق ئي آهي ڇاڪاڻ تہ عشق پاڻ هڪ ”خُلق“ آهي، هڪ رويو آهي، جنهن جي وسيلي ماڻهو پنهنجي ذاتي/نفسي، غرض، لالچ ۽ موهہ کي فنا ڪري، انساني اجتماعي وحدت لاءِ خاڪساريءَ ۽ تواضع کي چونڊي ٿو، جيئن ”**فقير مسرور**“ چوي ٿو:

فنا دانسته یاران ترک کردم شان شاهی را،

خریده ام به جان و دل بقا حالِ گدا هی را.

[فنا، ڄاڻي ٻجهي يارن لاءِ ڪيم ۽ ترڪ ڪيم پنهنجي شان شاهيءَ کي ۽ بقا لاءِ جان ۽ دل سان خريديم گدائي حال کي.]

رها از رنج دنیا دون شدم خـــوشنود چون کردم،

وداع از ننگ هم نامِ و وداع ساغر صراحی را.

[دنيا جي رنج ۽ غم کان آزاد ٿيس ۽ مان خوش ٿيس جو اهو ڪم ڪيم، ڇڏيم ننگ ۽ نالي کي، ڇڏيم ساغر صراحيءَ کي.]

نمی بینم در این دنیا کسی را مطمئن ناصح،

بنا بر این بدر کردم خطاب عز و جاهی را.

[هن دنيا ۾ مان ڪنهن کي بہ مطمئن نہ ٿو ڏسان ناصح! انهيءَ جي ڪري مون ڇڏيو عزت ۽ جاهہ جلال جي خطاب کي.]

## فقير مسرور جي فارسي شاعري:

فارسي زبان ۾ شاعري ڪندڙ، تصوف جي هنن رندن جو سلسلو حضرت شيخ عثمان مروندي لعل شهباز قلندر عليه رحمة کان شروع ٿئي ٿو، جيڪو شاهہ عنايت صوفي جهوڪ ڏٺيءَ عليه رحمة جي سر کي عشق جي پڙ تي قربان ڪرڻ کان پوءِ سيد جان

الله شاهہ عليه رحمة، دولهہ درازي، سرڪار سچل سرمست عليه رحمة ۽ شهنشاهہ فقير بيدل عليه رحمة بہ سر ڏيڻ لاءِ ڪُڏي ميدان تي آيا. انهيءَ دبستان جو هڪ صوفي شاعر "**مياڻ غلام علي مسرور فقير**" بہ آهي، جنهن جي شاعريءَ جو محور بہ عشق آهي ۽ سندس محبت پري ڪلام ۾ وحدت ڪثرت جو واضح عڪس آهي.

عشق جي سمجهاڻي ڏيندي مولانا جلال الدين رومي عليه رحمة فرمائي ٿو:

"عشق خدا جو هڪ اهڙو اسرار آهي،
جيڪو دانش ۽ عرفان جو چشمو آهي."

پر هيءَ اها دانش نہ آهي جا عقليت جي پيداوار آهي، بلڪ هيءَ دانش، روح جي اندر مان پيدا ٿئي ٿي، جنهن جو بنياد "ايمان" آهي، ۽ انسان پنهنجي منزل تائين بہ، انهيءَ عشق ۽ ايمان جي ذريعي پهچي سگهي ٿو.

"**فقير مسرور**" انهيءَ عشق جي عطا لاءِ پهرين دلبر جي در تي اچي صدا ڪري ٿو:

دلربا بر در شما، من آمده ام آمده ام،
دست بسته بی سروپا، اِيستاده ام اِيستاده ام.

ترجمو:

دلربا تنهنجي در تي آيو آهيان، آيو آهيان،
هٿ ٻڌي، بي سروپا بيٺ آهيان، بيٺو آهيان.

با ادب با صد نياز گردن خود از مدت،
بر درِ تو مهه لقا بنهاده ام بنهاده ام.

ترجمو:

ادب ۽ نياز وچان گردن جهڪيل آهي مدت کان،
تنهنجي در تي مهہ لقا جهڪيل آهيان، جهڪيل آهيان.

چشم خود را شاهه خوبان من طرف قصرِشما،

از بَراءِ ديد ايها، بِكشاده ام بكشاده ام.

ترجمو:

منهنجون نگاهون تنهنجي محل طرف کڇيل آهن،

تنهنجي ديدار لاءِ کليل آهن، کليل آهن.

وائي من "**مسرور**" دل رنجور از مدت مديد،

بر درت **بيدل** شها، افتاده ام، افتاده ام.

ترجمو:

هاءِ منهنجي "**مسرور**" دل، رنجور آ مدت وڏي کان،

شاهه **بيدل** جي در تي ڪريل آهيان، ڪريل آهيان.

عشق جي هن ميدان تي، ڪيترن عاشقن ۽ سالڪن کي شهسواري ۽ چوگان بازي ڪيڏندي ڏسي "**فقير مسرور**" به رهبريءَ لاءِ شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة کي اويسي آتڻ تي پنهنجو رهبر ۽ دلربا بنايو، جنهن لاءِ سنڌيءَ زبان ۾ ڪيل شاعريءَ وانگر پاڻ فارسيءَ ۾ به ان جو اظهار ڪيو اٿس:

بسی عمرم گذشت ليکن، در اين دنيا نه حاصل شد،

که حالا از درِ **بيدل**، طلبگارم دوای را.

[سموري عمر گذري وئي مگر هن دنيا مان ڪجهه نه حاصل ٿيو، انهيءَ ڪري **بيدل** عليه رحمة جي در تان دوا جو طلبگار آهيان.]

پنهنجي قلب جي روشنيءَ لاءِ به دعائون گهرندي چوي ٿو:

مدامی بر دَرش "**مسرور**" دارد التجا ارنی،

مُجلا گهه بفرمايَند مرا قلب سياهی را.

[سدائين سندس دَر تي، **مسرور**، كيس ديدار جي التجا كريان ٿو، كنهن لمحي، واهه جو چيائين مون كاري قلب واري كي.]

۽ عشق جي آگاهي لاءِ پنهنجي دلربا جي دربانيءَ كي قبرل كندي لكيو اٿس:

ای شها از حكمرانی تاج شاهی این جهان،

بر درت آيد ولی خوش خوب در بانی مرا.

[اي شاهه، هن دنيا جي حكمراني ۽ تاج شاهي كان تنهنجي در جي درباني كرڻ ۾ وڌيڪ خوشي آهي.]

"**فقير مسرور**" شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة كي پنهنجو اهو روحاني دلربا كري ورتو، جيكو عام شاعرن جي محبوب جيان فاني نه آهي. فارسي شاعريءَ ۾ به جن شاعرن، حسن ۽ عشق جي دنياوي لذتن كي اهميت ڏني ۽ عورت يا مرد سان، اُنهي دنياوي محاوري مطابق دل لڳائي، تن كي فنا ۽ موت جو ڏاڍو غم رهيو. اهي زندگيءَ جي خوشين جي كسجي وڃڻ تي سدائين افسوس كندا رهيا ۽ آخرت جي متعلق، خدا ۾ جذب ٿيڻ جي باري ۾، شڪ ۾ رهيا. پر صوفي شاعرن وٽ اهو غم ۽ الم كڏهن به نه رهيو آهي. صوفين خدا جي بنيادي عقيدي كي مڃڻ سبب مادي كي فنا پذير ۽ ان جي تغير ۽ تبديليءَ جي كري وجود جو ڳجهه سمجهايو آهي ۽ جيكو كنهن حد تائين قابل فهم به آهي.

صوفيءَ وٽ، انساني سعادت جو آخري كمال درجو فنا في الله آهي. اهڙيءَ طرح انهن جي كيل شاعريءَ جو آخري مرحلو به ذات باري ۾ گم ٿي وڃڻ آهي. ذات باري ۾ مدغم ٿيڻ لاءِ صوفين عشق جي درياهہ ۾ ٽپو ڏنو آهي ڇاكاڻ ته هو عشق جي آڳ كي به محسوس كندڙ آهن ته منجهن عشق جي ان آڙاهه ۾ نظر ايندڙ حسن ۽ جمال جي ان لا محدود حقيقت جو ذوق به هوندو آهي،

جيئن پرواني کي آگ ۾ موت نہ پر اهو حسن ۽ جمال نظر اچي ٿو، جنهن تي هو جان نثار ڪرڻ کان بہ نہ ٿو ڪيٻائي:

از خودی بی خود شوم، من از نفی اثبات چون،
ذات وحدت حق تعالیٰ دائماً بینم لقا.

[خدا جي ذات واحد آهي پر ان جي توحيد جوصحيح معيار اسو آهي تہ ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ موجود نہ آهي.]

طالب و مطلوب توی – راغب و مرغوب توی،
تو سراپا جانِ جانـــان – چشم بکشا خود ببین.

[طالب ۽ مطلوب تون ئي آهين، تون سراپا جان آهين، اکيون کولي پاڻ کي ڏس.]

حالانڪ وحدت شهود ذريعي بہ توحيد باري جو حق ادا ٿي وڃي ٿو پر حق اهو آهي تہ وحدت وجود کان سواءِ، وحدانيت جو تصور ناقص آهي، جنهن لاءِ قرآن پاڪ ۾ فرمايل آهي:

هُوَ الأول، هُوَ الآخر – هُوَالاظاهر، هُوَ الاباطن.

وحدت جي ان صراحيءَ مان هر صوفيءَ پنهنجي اڃ اُجهائي آهي، ساڳيءَ طرح "**فقير مسرور**" بہ عشق جي ساقيءَ کان ان جي هڪ سرڪ جي جستجو ڪئي آهي:

= ساقيا يـــک جـــام کـوثر، از کـــرم نوشانی مرا،
مست سازد یک به یک، منصور چون ثانی مرا.

[ساقيا، هڪ ڪوثر جو جام، پنهنجي ڪرم سان پيار مون کي، تہ منصور وانگر، هڪدم مست ٿي وڃان.]

= ساقیا ساغر زخُم خواهم کی خوشنده شوم،
بعد نوشیدن یکـــا یـــک، مرده دل زنده شوم.

[ساقي! صراحيءَ منجهان، اهو شراب ڏي جو مان خوش ٿي وڃان، جو پيئڻ کان پوءِ هڪدم منهنجي مرده دل، زنده ٿي وڃي.]

از خودی بی خود شوم، این آرزو دارم ولی،

خلعتی شاها تو درویشی به پوشانی مرا.

[پنهنجي خوديءَ مان، بي خود ٿي وڃان، اها آرزو اٿم، پر مون جهڙي کي اي شاهہ، درويشي خلعت پهراءِ.]

از چشیدن او رود یکبار جمله عقل و هوش،

پر پیاله دهه خدارا، این چنین جانی مرا.

[جنهن جي پيئڻ سان سڄو عقل ۽ هوش هليو وڃي، خدا جي واسطي مون کي اهڙو پيالو پيار.]

آمده "**مسرور**" بر در تو شها باصد ادب،

لطف کن شاها نمای شکل نورانی مرا.

[**مسرور** تنهنجي در تي اي شاهہ وڏي ادب سان آيو آهي، لطف ڪري اي شاهہ پنهنجي نوراني شڪل مون کي ڏيکار.]

ڊاڪٽر سيد عبدالله جو چوڻ آهي تہ "وحدت وجود سان بہ ڪيترن عالمن ۽ حاڪمن کي اختلاف آهي، انهن جي نزديڪ مادو بہ پنهنجو هڪ مستقل وجود رکندو آهي. ڪيترا حاڪم تہ صرف مادي کي مڃيندا آهن ۽ مادي کان ٻاهر ڪنهن شيءِ کي تسليم نہ ڪندا آهن، ڪيترا خدا کي بہ مڃيندا آهن ۽ مادي کي بہ. پر مادي کي الڳ وجود طور."

صوفين انهن سيني مسئلن تي غور ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اختلافن جي خيال کان جيڪڏهن خدا کي ڪائنات کان الڳ ڪائي هستي تسليم ڪيو وڃي تہ پوءِ، ان جو هر هنڌ وجود، ان جي

حڪمراني، سندس عدل ۽ انصاف ۽ انساني ننڍ وڏائيءَ جا هزارين جهڳڙا پيدا ٿي پوندا ۽ صوفين اهڙن اختلافن کي ٻيائي ۽ دوئي چئي، عام ڀليل لوڪ کي ڪي گمراهہ ٿيڻ کان بچايو آهي، جيئن شهنشاهہ فقير بيدل سائين عليه رحمة فرمائي ٿو:

ڪري سينگار صورت جو اچي سڀ ۾ سمايا سي،
صفت ۾ پنهنجي رائي سان سوين نالا سڏايا سي.

دولهہ درازي سرڪار سچل سر مست عليه رحمة جو فرمان آهي تہ:

ظاهر باطن آهي هڪڙو، تان هي حڪم هلايان،
سچل، سارو سچ ٿيو، حڪمت هي هلايان

عام جي اختلافن کي پنهنجي ڪلام جو موضوع بڻائيندي درويشي دلين جي رهبر بيدل فقير عليه رحمة جو چوڻ آهي:

جهيڙا جنيون لوڪ جا طعنا.
چمي سر تي چايون تا،
اسين رهبر رند سڏايون تا.

رندن جي اهڙين رمزن ۽ ڪيفيتن جو بيان **"فقير مسرور"** پنهنجي فارسي ڪلام ۾ هن طرح ڪري ٿو:

مى كنم درهم شهر من بر طنبور توى تو،
وا دريغا ناشناسان خلق داند خامِ ما.

[ورد/ طنبور "تون ئي تون" تي، پنهنجي شهر کي الٽ ڪريان ٿو، هاءِ افسوس، ناشناس ماڻهو، منهنجي ڪم کي ڪچو ٿا چون.]

نى زمين نى فلک نى ملک برداشت اين،
از ازل اى زاهدا، از عشق شد انعام ما.

[نہ زمين نہ فلڪ ئي نہ ملڪ اهو برداشت ڪري سگهيو،
ازل کان اي زاهدا، جيڪو عشق مون کي انعام ۾ مليو.]

بهرحال شادم آنچه آيد برسرم....

زان سبب "**مسرور**" شد اظهر گرامی نامِ ما.

[ان حال کان خوش آهيان تہ جيڪو ڪجهہ مون تي اچي ٿو، انهيءَ جي ئي ڪري "**مسرور**" منهنجو نالو محترم ٿيو ۽ روشن ٿيو.]

تصوف شخصي حڪومتن جي انهن خرابين کي دُور ڪرڻ ۾ ڏاڍو وڏو ڪم ڪيو آهي. ان سلسلي ۾ اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ انهن مطلق العنانين جي خلاف، تصوف، انسان جي سيرت کي صاف ۽ پاڪ رکڻ ۾ عظيم الشان خدمت سرانجام ڏني آهي. سنڌ ۾ تصوف ذريعي **اها** خدمت سمورن صوفي شاعرن جيان "**فقيرن مسرور**" بہ ڪئي آهي، جنهن لاءِ ڀهريون شرط، پنهنجي خواهشن ۽ لالچن کي ڇڏڻ آهي:

اولين از خود گذر کن، چون نماند ما ومن،

حق اُفتد در تو دامان، چشم بکشا خود ببين.

[ڀهريائين پاڻان پاسي ٿي تہ جيئن تو منجهان. "مان ۽ منهنجو" (خودي) ختم ٿي وڃي، پوءِ ڏس تہ حق تنهنجي ئي جهوليءَ ۾ هوندو. رڳو تون اکيون کولي پاڻ کي ڏس.]

سنڌ جي انهن صوفي شاعرن مان، فارسي زبان ۾ بہ، شعر و سخن ذريعي تصوف جا نُڪتا، جيتري قوت ۽ شدت سان حضرت سچل سرمست علية رحمة پيش ڪيا آهن، انهن جو مثال فارسي جي اهل زبان شاعرن جهڙوڪ مولانا رومي، حافظ شيرازي ۽ عطار عليه رحمة جن وٽ ئي ملي ٿو، سنڌ ۾ انهيءَ جرعت جو

پيشوا حضرت قلندر لعل شهباز رحمة الله عليه رهيو آهي، جنهن جي رهبري، تصوف جي سمجهاڻين ۽ نفي اثبات جو اظهار، سنڌ جي ٻين بزرگ شاعرن سان گڏ **"فقيرمسرور"** به ڪيو آهي:

ای عشق تو در دوجهان، مشهور مارا کرده ای،

از لطف بی پایان خود، مشکور مارا کرده ای.

[اي عشق، ٻنهي جهانن ۾ مشهور ڪري ڇڏيو تو، پنهنجي بي پايان لطف سان مشڪور ڪري ڇڏيو تو.]

پاڻ جڏهن سچل سائينءَ ۽ بيدل سائينءَ جو فارسي ڪلام پڙهيائين ته عشق جون سموريون وسعتون سندس سيني ۾ سمائجي ويون:

رفتم به کوئی جانان، دیدم عجب نظارا،

آگاه می کنم هم از حال آن تو یارا.

[محبوب جي گهٽيءَ ۾ ويس ته عجب نظارو ڏٺم ۽ مون کي سموري حال کان واقف ڪري ڇڏيائين.]

اطالوي ۽ انگريزي شاعريءَ وانگر فارسي شاعري به دنيا جي جميل ترين ادب ۾ شمار ٿئي ٿي. ايران ۾ عربي فارسي جي اثر سبب سيني اسلامي ملڪن ۾ شعر و سخن، زندگيءَ جو اهم جزو رهيو آهي، جنهن ۾ قافيي جو ذوق خود قرآن پاڪ پيدا ڪيو، جنهن جي ڪري موزونيت، مسلمان قومن وٽ اجمالي قدر رهيو آهي:

می روم در راهِ عشق، زار نالم کیستم،

نیست این دانش ولیکن، آدمی ام کیستم.

[مان عشق جي رستي تي زار و زار رئندو ويس، ڇا هيس؟ اها ڪا عقل جي ڳالهه ته نه هئي! ماڻهو هيس ڇا هيس؟]

عشق جي هن گهيڙ ۾ جيڪو گهڙيو، تنهن سان يار ٻه ملاقي ٿي ويو، پر جڏهن محبوب سان ملاقات ٿي وڃي ٿي ته محبوب جي روشنيءَ ۾ عاشق پنهنجو اختيار وڃائي، بي وس ٿي وڃي ٿو، پوءِ هن جون سموريون ڪوششون هن جون پنهنجون نه ٿيون رهن:

عشق آمد کرد ویران جمله اسباب ما،

پُر بِده حالا پیالا، زود کـــن ساقی بیا.

[عشق اچي سموريون ڪوششون وڃائي ڇڏيون، جلدي ڪر، آءُ، اي ساقي! پيالو پري ڏي.]

مست باشم بی خبر با یک جرعه باقی رَودَ،

تاک اندر مانده است ایـــن همه حرص و هوا.

[هڪڙي ئي ڍڪ سان مست ٿيڻ ٿو چاهيان ته جيئن اندر ۾ باقي بچيل حرص ۽ هوا بہ ختم ٿي وڃي.]

از خودی بیخود شوَم. من از نفی اثبات چون،

ذات وحدت حق تعالی دائما بینم لقا.

[پنهنجي خوديءَ کان بيخود ٿي وڃان ۽ نفي اثبات کان، بس سدائين ذات وحدت حق تعاليٰ جو ديدار ڪندو رهان.]

مستي بي اختياري يا بيخودي، عاشق جي اها حالت هوندي آهي، جتي انا انت وانت انا، يعني ”مان تون آهيان ۽ تون مان آهيان“ جو شوق ئي عشق جي آرسي بڻجي ويندو آهي:

از کرم لطف و عنایت ساز مارا محو حال،

در فنا باشم فنا، در بقا، دائم بقا.

[پنهنجو لطف ۽ ڪرم فرمائي مون کي حال ۾ محو ڪري ڇڏ ته سدائين فنا ۾ فنا رهان، ۽ بقا ۾ باقي رهان.]

تصوف جي محاوري طور فنا، حقيقت ۾ موتوا قبل انت موتوا، يعني مرڻ کان اڳ مرڻ واري حالت هوندي آهي.
تڏهن ئي عاشق، يار سان يگانو ٿيندو آهي ۽ "الاتحاد حال لايعبر بلسان المقال". مطلب ته يگانگت جي اها ڪيفيت اهڙي آهي جا زباني ڳالهين سان بيان نه ٿي ڪري سگهجي، جنهن لاءِ سچل سائين به فرمائي ٿو ته "جيڪو به وحدت جي درياه ۾ گم ٿيو سو هميشه گم رهيو ۽ آسوده ٿي ويو، جنهن به پنهنجي هستيءَ کي گم ڪيو سو فنا ٿيو ۽ جڏهن فنا ٿيو ته ڪيس بقا حاصل ٿيو." ان حوالي سان "**فقيرمسرور**" جو ٻول آهي:

اولين از خود گذر کن، چون نه ماند ما ومن،

حق افتد در تو دامان، چشم بکشا خود ببين.

[پهريائين پنهنجي پاڻ (مان) کان گذري اڳتي اچ ته جيئن مان ۽ منهنجو (خودي) نه رهي، حق تڏهن ئي ته تنهنجي دامن جهليندو! تون اکيون کولي پاڻ کي ڏس.]

اي برادر زود کن پيراي مجلس را بيا،
خانهٔ خو کن صفا اين جسم با عطر و گلاب.

[اي ڀاءُ جلدي ڪر، بزرگن جي مجلس ڏانهن اچ، پنهنجي اندر جو خانو ۽ هي جسم عطر ۽ گلاب سان صاف ڪر.]

درد و غم سوز و الم بس رفت کلی رنج ما،

شد عطا **مسرور** مارا، از خدائی خوش خطاب.

[اسان وٽان به سمورو درد، غم، سوز ۽ الم هليو ويو ۽ اچ اسان **مسرور** کي خدائيءَ جو اعليٰ خطاب عطا ٿيو.]

هي سموريون ڪائناتون، ڪهڪشائون، ظاهر نظر ايندڙ يا لڪل عالم، سيئي الله تعاليٰ جو پرتو/مظهر آهن. سندس فرمان آهي: "خلق الآدم علي صورتہٖ" يعني الله پاڪ آدم کي اعليٰ صورت تي خلقيو آهي./ حديث شريف آهي ته الانسان سري وانا سرهٗ يعني انسان منهنجو

لڪل راز آهي ۽ مان هن جو پيد آهيان. انهيءَ بنيادي نڪتي تي انسان جو انسان سان بٽايل فرق بلڪل ختم ٿي وڃي ٿو ۽ انهيءَ جاءِ حق تعاليٰ جي وحدت نمودار ٿئي ٿي:

آنچه باشد زير و بالا پيش و پس در دوجهان،

نيست ديگر جز تو اين آن، چشم بکشا خود ببين.

[هيٺ مٿي، اڳيان پويان، توڙي ٻنهي جهانن ۾ تون ئي آهين، ان ۾ ٻئي ڪنهن غير جو جزو به نه آهي، تون رڳو اکيون کولي پاڻ کي ڏس.]

اکيون کولي ڏسڻ مان مراد آهي ته حڪمت جي انهن ڳالهين تي غور ڪرڻ، جن ۾ سماجي ۽ ازدواجي، ديني ذميدارين ۽ عقيدن، توحيد، انساني اخوت ۽ عشقِ رسول جي اهميت کي محسوس ڪرڻ شامل آهي، تنهن کان پوءِ ئي انهيءَ انساني وحدت مان حقي محبت جا واهڙ وهندي نظر ايندا آهن.

ڪمال اهو آهي ته انسان پنهنجي نفساني شغلن مان واندو ئي نه ٿو ٿئي، پر قدرت وارو پنهنجو قرب مٿس سدائين قائم رکندو ٿو اچي. ان حوالي سان پنهنجا ابرار خلقي، عشق جي هن آتڻ کي اجاگر به ڪندو ٿو رهي. جيڪي سندس ساراهن سان گڏ انهن وصال کان وانجهيل، شغلن ۾ شاغل. اٽجاڻ انسانن جي آگهيءَ لاءِ هر وقت وحدت ڪثرت ۽ نفي اثبات جا گيت ڳائيندا ٿا رهن.

طالب و مطلوب توئی، راغب و مرغوب توئی،

تو سراپا جانِ جانان، چشم بکشا خود ببين.

[طالب ۽ مطلوب به تون ئي آهين ته راغب ۽ مرغوب به تون ئي آهين ۽ سراپا جانِ جان به تون ئي آهين، تون رڳو اکيون کولي پاڻ کي ڏس.]

# تصنيفون

## نثر:

"**فقير مسرور**"، سنڌي ادب ۾ پنهنجي منظوم تصنيف "مسدس مسرور عرف هيرن جو هار" جي ڪري تمام گهڻي شهرت حاصل ڪري چڪو آهي. حالانڪ نظم ۽ نثر ۾ سندس ٻيون به تصنيفون آهن جن مان سندس نثري تصنيفون "دشمن"، "من جي مستي"، "سلطاني سهاڳ"، "قيامت نامو" شايع ٿيل نہ آهن، صرف بہ تصنيفون، هر هڪ، ناٽڪ "واڇوڙو مل" ۽ راڳ جي شرعي حيثيت" سندس وفات کان پوءِ شايع ٿيون آهن.

"**فقير مسرور**" جتي شاعريءَ ۾ تصوف جو بيش بها خزانو سمايو آهي، تيئن سندس نثر ۾ بہ املهہ خيالن جا انمول موتي آهن. ڪيس پنهنجون تصنيفون، تاليفون، مضمون ۽ مقالا اوچي ڪاغذ تي پنهنجي ئي سهڻن هٿ اکرن سان لکڻ ۽ ان جي تمام سهڻي جلدبنديءَ ڪرائڻ جو شوق هوندو هو. اهو ئي سبب آهي جو سندس سموريون تصنيفون نهايت محفوظ انداز ۾ نهايت خوبصورت ڪتابت ۾ مليون آهن.

## دشمن:

هي نثري تصنيف ٻارنهن صفحن تي مشتمل هڪ مختصر مگر جامع مضمون جي صورت ۾ آهي، جنهن ۾ قرآن ڪريم، حديث ۽ دنيا جي نامور شريعت جي بزرگ جي چوٽين جي آذار تي انسان جي حقيقي دشمن "شيطان" کان آگاهہ ڪيو ويو آهي. مضمون جي ابتدا ۾ قرآن پاڪ ۾ شيطان متعلق فرمايل حقيقت جي روشنيءَ ۾ شيطان جي، عشق، عبادت، درجي ۽ تڪبر تي

بحث ڪيل آهي ۽ سندس سجدي نہ ڪرڻ جي سزا ۾ آسمان تان تڙجي نڪرڻ جو احوال ڏنو ويو آهي.

انهي احوال کان پوءِ "**فقير مسرور**" هر عام ماڻهو جي ذهن ۾ ايرندڙ سوالن کي آندو آهي تہ جڏهن خداوند ڪريم، انسان کي اشرف المخلوقات جي لقب سان نوازيو ۽ اهڙين ٻين بہ خوبين سان سندس ساراهہ ڪئي تہ هڪ تہ سندس اهڙي پياري ۽ اشرف انسان هٿان شيطان کي ڪهڙي تڪليف پهتي آهي جو ان جو دشمن ٿيو آهي ۽ ٻيو تہ ان اشرف انسان جي پويان شيطان جهڙي دشمن کي ٻڇي ڇڏڻ جو ڪهڙو ضرور هيو؟

"**فقير مسرور**" انهن سوالن جون نهايت آسان سمجهاڻيرن ڏيندي لکيو آهي:

(1) جيئن جو عزازيل جي تڙجڻ ۽ لعنتي ٿيڻ جو سبب آدم عليه السلام ٿيو آهي، ان ڪري هن آدم عليه السلام ۽ ان جي اولاد سان دشمني رکڻ پاڻ تي فرض ڪري ڇڏي آهي.

(2) تہ انسان جي پويان شيطان کي ٻڇي ڇڏڻ ۾ قدرت جو وڏو راز آهي. جنهن حقيقت کان خالق پاڻ واقف آهي مگر صوفياءِ اڪرام کان ڪي ڪجهہ حقيقت مليل آهي، تہ شيطان کي انسان جي پويا ٻڇي ڇڏڻ قدرت لاءِ بلڪل ضروري رهيو آهي. جيئن جو ان جي ڪيترين خوبين سان گڏ هيءَ بہ خوبي آهي جو جيڪڏهن اهو برغلائيندڙ دوست ڪڍ نہ لاتو وڃي ها تہ شايد ذات مقدس کي وقت بوقت هر هڪ انسان جي واسطي، پاڻ سنڀالي هلڻ لاءِ ذار ذار تاڪيد جاري ڪرڻو پوي ها، جنهن جي ڪري يقين ٿو ٿئي تہ اهو شيطان، دشمنِ انسان "تاڪيد" آهي. جنهن جي ڪري سڀ ڪنهن انسان کي ان جي شر فساد کان امن ۾ رهڻ لاءِ اڳواٽ ڪي بندوبست ڪرڻو پوي. ڪنهن خاص موقعي تي نہ پر قدم قدم تي پاڻ سنڀالڻو آهي."

هن مضمون ۾ ”دشمن“ جي هڪ اهم حقيقت تان پردو پري ڪندي لکي ٿو:

سواءِ خاصن جي، عام اڳيان ائين آهي تہ انسان جو دشمن فقط ۽ فقط انسان ئي آهي، مگر خاصن جي نظر ۾ پنهنجو دشمن هڪ ”نفس“ (من) ۽ ٻيو شيطان آهي.

بقول مولانا رومي عليه رحمة:

ای بســـا ابــليس آدم دوءِ هست.

شيطان ڪو هٿ کان وٺي ڪنهن کي فسادي يا خراب نہ ٿو ڪري مگر انسان جي وجود ۾ نفس (من) هڪ مادو آهي جنهن ۾ خاص وسوسن پيدا ٿيڻ جي جاءِ آهي، ان تي شيطان واءُ جي صورت ڏاري قبضو ڪري انسان جي رت کي جوش ڏياري اهڙا تہ خيال ٿو اياري جنهن کان انسان پنهنجي سڌ بڌ وڃائي فساد ڪرڻ تي سندرو ٻڌي ٿو ٻيهي ۽ ٻين کي فساد ڪرڻ جي تعليم ٿو ڏئي.

مضمون جي آخر ۾ سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو:

”اي برادر! تون شيطان، پنهنجي نفس خواهہ انسان ويريءَ کي خدا جي طرف کان روڪيندڙ دشمن سمجهي عبادت ۽ مناجات ڪرڻ جو تاڪيد جاڻ. تون انهن جي دٻاءُ ۽ قبضي ۾ اچڻ کان اڳ ئي پنهنجي اندر کي اجاري ڇڏ، جيئن توکي ڪجهہ غير نظر نہ اچي. جيڪڏهن ٻين کي غير ڪري ٿو ڄاڻين تہ سمجهہ تہ اهو خرابت جو جزو اجا تو ۾ موجود آهي.“

”**فقير مسرور**“ هي تصنيف 29 فيبروري 1944ع تي لکي مڪمل ڪئي جنهن جي آخر ۾ هڪ نصيحت ڪئي اٿس:

”جهڙيءَ ريت آرسيءَ ۾ منهن وجهي ڏسڻ سان پاڻ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ان ريت ٻين کي ڏسڻ سان بہ پاڻ نظر ايندو آهي

تنهنڪري پنهنجي ويري من کي وس ڪري مرشد راهه حقيقت جي هدايت موجب هل.“

بہر صورت کہ بن آوے ووئی ساجن صحیح کرنا،
صدق سیتے آگے اس دے ادب کے چال میں رہنا

## من جي مستي:

”فقير مسرور“ جي هيءَ تصنيف ابتدائي دور ۾ لکيل آهي، جنهن جو پهريون عنوان ”شيطان“ رکيو هئائين، بعد ۾ ان کي وڌائي ٻيهر لکيائين ته سندس عنوان ”خضر طريقت“ رکيائين، وري ان کي سپر بانڊ ڪاغذ تي انتهائي خوبصورت خطاطيءَ ۾ تاريخ 13 آڪٽوبر 1925ع تي لکيائين ته ان جو عنوان ”من جي مستي“ رکيائين. هن مضمون جي آخر ۾ ياد گيريءَ طور پاڻ ڏينهن اڱارو، وقت ساڍا چار بجه ديگر (منجهند) به لکيو اٿائين.

”فقير مسرور“ جي هي تحرير نفس (من) جي واقفيت ڪرائڻ لاءِ ڏاڍي پياري انداز ۾ لکيل آهي. جنهن ۾ نه رڳو تحرير جي چاشني آهي پر حياتيءَ جي اونهين ڳالهين جي سهل سمجهاڻيءَ ۽ منظرنگاريءَ جو اعليٰ نمونو آهي:

”واهه! موسم سياري جي آهي. آسمان جهڙ سان ڇانئجي ويو آهي. ڪجهه ڪجهه بوند به وسي رهي آهي. رات ڪارو ويس پهري، هوريان هوريان سائين! سائين!! جي صدا ڪري رهي آهي. هوا نهايت تيز آهي. بدن خنڪي سبب سڪندو ٿو وڃي..... هن وقت پورا ٻارنهن وڄي رهيا آهن. پنهنجي گهر جي ٽڪندي ڪوٺيءَ ۾ ستو پيو آهيان، اکيون ننڊ جي خمارن سبب ٻوٽبيون ٿيون وڃن..... هاڻي ننڊ ڪندي به ڪلاڪ مس ٿيا هوندا ته هڪ خوفناڪ ۽ نفرت جهڙي خواب پريشان ڪري جاڳايو. خواب جي اثر ڪان دل تمام خوف سبب ڌڪ ڌڪ پئي ڪري. عجب بي آرامي آهي. اٿي ڪري

ويهي رهيو آهيان. سر مونن ۾ هٽي ڪنڌ جهڪائي الله هو- الله هو جو دم ڪٽڻ شروع ڪري رهيو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن سُر سان زباني هينان بيت پڙهي رهيو آهيان:

کريما به بخشاءِ بر حال ما‌ن- که هستم اسيرِ کمندِ هوا،

نداريم غير از تو فرياد رَس- توئی عاصيان را خطَا بخش بس.

دنيا جي بي ثباتي ۽ انسان جي فاني هئڻ ۽ خداوند ڪريم جي اڳيان جوابده هئڻ جي ڊپ ڪي خراب (غفلت) جي علامت ٻڌائي ننڊ مان بيدار ٿيڻ جي اهم معاملي تي قلم فرسائي ڪندي لکي ٿو:

”دنيا جي ثباتيءَ جو نقشو اکين اڳيان ڦري رهيو آهي ۽ زماني جي ماڻهن جي بيوفائي ۽ ستمگريءَ جي ڀيانڪ تصوير سامهون لٽڪيل، دل تي عجب اثر پيدا ڪري رهي آهي ۽ قرآن مجيد فرقان حميد جي سڳوري آيت ورد زبان تي رهي آهي:

ومتاع الدنيا الا قليل- و متاع الدنيا الا قليل.

هن طرح چوندي وري جو پاسو اٿلايم ته پنهنجي ڪيل ڪرتوتن جي دهشتناڪ صورت سامهون اچي پڌاري ۽ پنهنجي حال تي هيٺ ڦٽ وجهي هي بيت چوندو رهيس:

همه با هوا او هوس ساختی - دمی با مصالح نه پرداختی.

مکن تکيه بر عمرنا پائدار - مباش ای من از بازئی روزگار.

منه دل برين منزل جانستان - که دردی نه بينی دل شادمان.

منه دل برين کاخ خرم هوا - که ميبارد از آسمانش بلا.

بسانا مدارو بسا کامگار - بسا سرو قدو بسا گلعذار.

که کردند پيراهن عمر چاک - کشبدند سر در گريبان خاک.

چنان خرمن عمر شان شد بباد - که هرگز کسی زان نشانی نداد.

ائين چوندي چوندي هڪ نئين حالت اوچتي ظاهر ٿي، آهستي آهستي دل کي سمجهائڻ لڳس:

”اي دل! ذرا غور جي نظر سان پنهنجو اڳ پوءِ ٻہ تہ جاچي ڏس، هن هنڌ ڪنهن بہ چيز کي بقا خواه قرار نہ آهي.

ثباتی نه دارد جهان ای پسر- به غفلت مبر عمر دروی بسر.

سڀ چيزون سواءِ باري تعاليٰ جي فنا ٿيڻ واريون آهن، انهن سان دل لڳائڻ ۽ محبت رکڻ بيسود آهي. عمر جو وڏو قيمتي حصو حرص جي آزار ۽ ڪيڏڻ ڪڏڻ ۾ گذري ويو آهي، هاڻي پتو نہ اهي تہ ملڪ الموت ڪڏهن ڪوچ جو گهنڊ وڄائيندو ۽ هتي سڀ ڪجهہ اوئين پيو هوندو:

خيری کن ای فلان و غنيمت شمار عمر،

زان پيشتر که بانگ بر آيد فلان نماند.

انهيءَ وقت کي غنيمت ڄاڻ ۽ پنهنجي حقيقي خالق جو حڪم بجا آڻ جو اها صلاح نيڪ ۽ چوٽڪاري جي آهي ۽ هن حياتيءَ تي ڪو ڀروسو نہ آهي:

فاني جهان آهي تنهن ۾ قيام ڪهڙو،

ڪوئي ڏسي تہ ان ۾ رهيو مدام ڪهڙو.

نالو وڏو وليڪن پندار پينگ پڻ پڻ، حاصل نہ هڙ جتان تي باقي گدام ڪهڙو،

بي درد آهي دنيا مطلب جا يار مڙئي، دم دم انهن جي در جي پرجي سلام ڪهڙو.

هي ماڳ تنهنجو ناهي **”مسرور“** ڏس تون سوچي،

جنهن ۾ بقا نہ آهي سو تان مقام ڪهڙو.

تزڪيہ نفس، انساني معاشري جي ڪنهن خاص گروهہ تائين محدود نہ آهي بلڪ هن جو تعلق دنيا جي سمورن انسانن سان آهي. نفس کي پنهنجي وس ۾ رکڻ ۽ پنهنجي خيالن کي صاف سٿرو رکڻ هر انسان جي بنيادي ضرورت هئڻ گهرجي پر ماڻهو پنهنجي

خيالن کي پاڪ صاف ڪرڻ ۽ ان جي نشونما ڪرڻ بدران نفس (من) جي خواهشن تي هلڻ لڳندو آهي.“

هن تصنيف ۾ ”**فقير مسرور**“ شيطاني محفل جو اهڙو تہ رنگين ۽ لطف ڏيندڙ منظر پيش ڪيو آهي جنهن جي مطالعي سان سندس حقيقت نگاريءَ جي خبر پوي ٿي، چاڪاڻ تہ واقعي، اهڙن شيطاني منظرن جي رنگينين تي هر ڪمزور دل ۽ زماني جي ظاهري حسن تي هرک هاري ويهڻ واري انسان جو وات ائين ئي پاڻي پاڻي ٿي ويندو آهي.

هن مضمون ۾ ”**فقير مسرور**“ جي فقيري طبيعت ۽ تخليقي سياءَ جي ڪري، پڙهڻ جون سموريون دلچسپيون موجود آهن جن جي پڙهڻ سان نہ رڳو دنياوي رنگينين خلاف بغاوت جو عنصر اڀري ٿو اچي پر خود مصنف جي اعليٰ ڪردار جا ڪيترائي لاثاني پهلو ظاهر ٿين ٿا.

## سلطاني سهاڳ:

”**فقير مسرور**“ کي، مطالعي دوران جيڪي ٻين جا ڪتاب، مضمون يا مقالا پسند ايندا هئا، گهڻو ڪري اهي پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري پنهنجي هم زبان دوستن تائين رسائڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ انهي ترجمي دوران ٻين بہ ڪيترن بزرگن جا قول، شعر ۽ ڪتابن جا ٽڪرا، حوالي طور ان ۾ شامل ڪندو هو. انهيءَ ڪوشش ۾ سندس وڏو ڪارنامو، حضرت ابوحامد بن محمد الغزالي جي مشهور تصنيف ”احياءُالعلوم الدين“ جي ڪجهہ بابن جو ساڪيات ترجمو آهي، جن مان ”**وجد ۽ سماع**“ ڀاڱ ”**راڳ جي شرعي حيثيت**“ جي عنوان سان لکيائين جن ۾ ٻين معتبر ڪتابن جا حوالا بہ شامل ڪيا اٿائين. سندس هي ڪتاب ”**سلطاني سهاڳ**“ جيڪو پڻ ”احياء العلوم الدين“ ۽ ٻين

ڪيترن معتبر ڪتابن ۽ بزرگن جي مقولن جي مدد سان لکيو اتائين.

هن ڪتاب جي ابتدا ۾ رات جو جاڳڻ ۽ جاڳي، عبادت الاهي ۾ محو رهڻ جون فضيلتون بيان ٿيل آهن. جنهن ۾ قرآن شريف ۽ حديث جي سمجهاڻين سان گڏوگڏ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمة، شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل عليہ رحمة، سرڪار بيڪس فقير عليه رحمة ۽ پنهنجا ڪجهه بيت به آندا اٿس.

ابتدا ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي عليه رحمة جي انهي شعر جي سمجهاڻيءَ سان گڏ قرآن پاڪ جي ارشاد ڏانهن به اشارو ڪندي لکي ٿو:

ستا اٿي جاڳ - ننڊ نہ ڪجي ايتري،
جو تو ساڻيهہ ڀانئيو - سو مانجهاندي جو ماڳ،
سلطاني سهاڳ - ننڊون ڪندي نہ ملي.

”معلوم هجي تہ رات جي جاڳڻ ۽ عبادت ڪرڻ جي هڪ عجب فضيلت آهي جيڪو خاص حق جي طالبن جو طريقو آهي. الله تعاليٰ جل جلالہ عم نوالہ قرآن مجيد فرقان حميد ۾ فرمايو آهي:

تَتجا فىٰ جُنو بُهم عَن المضاجعَ يَدعُونَ ربهم خوفاً وطَمَعا وَمما رَزَقنا هُم يُنغقون فلا تعلم نَفسُ مَا اُخفَى لهم من قُرة اَعين جزاءً بما كَانُو يَعلمُونَ.

[رات جي وقت انهن جون پاسا بسترن کان الڳ رهن ٿيون (۽ عذاب جي) خوف ۽ (رحمت جي) اميد کان پنهنجي پروردگار کان ٠عائون گهرن ٿا ۽ جو ڪجهہ انهن کي ڏئي ڇڏيو آهي ان مان

(راهہ الله) خرچ ڪن ٿا. تہ ڪوئي شخص بہ نہ ڄاڻي تہ ماڻهن جي (نيڪ) عملن جي بدلي ۾ ڪهڙي ڪهڙي اکين جي ٺڏائي انهن جي واسطي پرده غيب ۾ موجود آهي.]

جاڳڻ منجهان جس، آهي، ادا جن کي - لاهي تو لطيف چئي مٿان قلب ڪس.
ورنهہ ڪجانءِ وس - صبح سان سيد چوي.

هن مضمون جي آخر ۾ رات جي اٿڻ جي آسماني ۽ ان جي باطني سببن کي مثالن سان سمجهائڻ سان گڏوگڏ سرڪار پٽ ڌڻيءَ جي بيت جي شرح بہ ڪئي اٿس، لکي ٿو:

”عام ماڻهو چوندا آهن تہ اسان فلاڻي فقير کي رات ڏينهن، بعضي رات سڄي بہ ننڊ ۾ ستل ڏٺوسي.“ ان باري ۾ ناچيز جو فقط هڪ عرض آهي. جهڙيءَ طرح سلطان العاشقين قطب العارفين سيدنا و مولانا شاهہ عبداللطيف ڀٽائي قدس سرہ جن فرمايو آهي:

تن تسبيح من مڻيو دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون وحدت ساڻ وڄن،
وحده لا شريڪ له اهو راڳ رڳن،
سي ستائي جاڳن. ننڊ عبادت تن جي.

واضح هجي تہ هي ويڙهو ”وصل“ جو ۽ آخرين درجو ”فقر“ جو آهي تہ بہ معلوم رهندو تہ فقط سندن ظاهري اکين کي ننڊ ۽ باطن ۾ دل ۽ دل جي اکين کي جاڳ آهي.“

هي مضمون **”فقير مسرور“** 22 ربيع الاول 1344هہ مطابق 11- آڪٽوبر 1925ع تي بروز اتوار 12 وڳي مڪمل ڪيو.

## راڳ جي شرعي حيثيت:

"**فقير مسرور**" حجة الاسلام حضرت امام ابو حامد محمد الغزالي، رحمة الله عليہ جي جڳ مشهور تصنيف "احياء العلوم الدين" جي هڪ باب "وجد ۽ سماع" جو ترجمو "راڳ جي شرعي حيثيت" جي عنوان سان ڪيو آهي جنهن ۾ سماع جي شرعي پهلوئن کي نهايت سليس ۽ تاريخي دليلن سان بيان ڪيو آهي. هي مقالو راقم الحروف محترم ڪريم بخش خالد صاحب مرحوم کي شايع ڪرڻ لاءِ ڏنو هو جنهن مهرباني فرمائي، ماهوار پيغام ڪراچي مئي-جون 1981ع جي پرچي ۾ "**فقير مسرور**" جي هٿ اکرن واري مسودي جو فوٽو شايع ڪري نہ رڳو "**فقير مسرور**" جي هٿ اکرن کي پر سنڌي ٻوليءَ جي هڪ آڳاٽي ڪتاب کي جيئن جو تيئن محفوظ ڪري ويهين صديءَ جي شروعاتي دور ۾ تصنيفن ۽ تاليف جي تاريخ جو هڪ يادگار نمونو نئين نسل جي رهنمائي لاءِ پيش ڪيو آهي.

هن مقالي جي تعارف ۾ جناب ڪريم بخش خالد صاحب لکي ٿو تہ:

"موسيقي يا سماع بذات خود مذموم يا ممنوع نہ آهي پر راڳ تہ هڪ قسم جي ڪسوٽي آهي جنهن سان هر شخص جي دلي جذبن ۽ احساسن کي پرکي سگهجي ٿو. بدڪار شخص جا جذبا بہ بُرا هوندا تہ راڳ ڪيس برائيءَ ڏانهن ڇڪيندو پر نيڪ شخص جي پاڪيزه خيالن لاءِ راڳ روحاني تسڪين ۽ اطمينان قلب جو باعث ٿيندو. امام غزالي جو نظريو آهي تہ انسان جي فطري احساسن ۽ جذبن جي مدنظر يعني راڳ ٻڌڻ ممنوع نہ آهي، بلڪ مباح آهي."

هي رسالو، سماع جي سمورن پهلوئن تي روشني وجهي ٿو ۽ هي انهيءَ سموري ادب جو لبِ لباب آهي جيڪو اسلام ۾ مجموعي طور تي هن مضمون بابت آهي يعني انهن وسيلن جي

ذريعي مذهبي جذبو پيدا ڪرڻ ۽ ان کان علاوه ان جي شرعي، نفسياتي، مذهبي ۽ جمالياتي پهلوئن تي ضبط تصرف رکڻ جي باري ۾ آهي."(50)

"امام غزالي هن موضوع تي هڪ محقق، صاحب حال ۽ راسخ العقيده اشعري ۽ شافعي جي حيثيت ۾ غور ڪيو آهي ۽ موجوده سماجي حالتن ۾ سماع ۽ وجد جي باري ۾ انهيءَ موضوع جي اهميت کي ڏسندي "**فقير مسرور**" انهيءَ جو ترجمو ڪيو آهي پر سندس ترجمي جي رواني ۽ زبان جي سادگي ۽ تاثير جي ڪري هن مقالي جو لطف ٻيڻو ٿي ويو آهي.

هن مقالي ۾ "**فقير مسرور**"، ڪن صوفي بزرگن بابت مشهور روايتون بہ نقل ڪيون آهن جيڪي انهن بابت لکيل هاٿوڪن ڪتابن ۾ آيل نہ آهن. اهو ملفوظاتي ادب، ان وقت جي سماجي ماحول جي عڪاسي بہ ڪري ٿو ۽ مترجم کي پنهنجي موضوع جي مضمون جي وضاحت ڪرڻ ۾ پڻ مددگار ثئي ٿو.(51)

هن مقالي جي ٻئي فصل کان "**فقير مسرور**" جي طبعي جولانين جو ظهور ٿئي ٿو ۽ هو عربي شعرن جو اردو ۾ منظوم مفهوم پيش ڪري ٿو ۽ اهڙيءَ طرح شهنشاهہ فقير قادر بخش بيدل عليہ رحمة جي ڪلام کي نهايت مناسب نموني ۾ دليل ۽ وضاحت طور پيش ڪيو اٿس ۽ پڻ ٻين درويشن جي ڪلام کي مضمون جي مالها جي موتين وانگر پرويو اٿس جيڪو سندس وسيع مطالعي ۽ ديني توڙي صوفيائي علوم جي ګوڙهي اڀياس جو ثبوت آهي.

هن مقالي جي مهڙ ۾ "**فقير مسرور**" پنهنجي پاران "التماس" ۾ لکيو آهي تہ:

"اهل علم ۽ اهل دل صاحب جي خدمت ۾ عرض ٿو ڪريان تہ فدويءَ کي ڪنهن بہ قسم جو عملي مايو نہ آهي، فقط محبت ۽ سڪ درويشي جي سڌ ڪندڙ آهيان، ڪيترن ڏينهن کان

هڪ دوست ستائيندو رهيو تہ وقت حال جي سمجهاڻي بابت هڪ مضمون يادگار طور تيار ڪري ڏيو. هن وقت هرجا راڳ جي شغل سبب خيال ٿيو تہ راڳ جي باري ۾ دوستن کي خبردار ڪجي. انهيءَ خيال ۾ گذاريندي گهڻ ڏينهن گذري ويا. هڪ ڏينهن ڪتاب فيض ماب احياءُ العلوم الدين جناب امام غزالي صاحب رحہ جن جي مطالعي کان فدويءَ جي دل کي نهايت مزو آيو ۽ موافق حال جي مضمون ملڻ سبب پنهنجي ناقص علم عقل آهر ترجمو ڪري ان ۾ پنهنجي رهبرن جون کي هدايتون آميز ڪري ڪتاب جي صورت ۾ تيار ڪري دوستن جي اڳيان پيش ٿو ڪريان."

هي مقالو، سندس هٿ اکر سان لکيل ڊبل ڊيمي سائيز جي 58 صفحن تي مشتمل آهي جيڪو **"فقير مسرور"** 29 آگسٽ 1925ع تي لکي مڪمل ڪيو، جنهن جي ختم ٿيڻ تي پاڻ هڪ ڪلام بہ لکيو اٿس، جيڪو هن ريت آهي:

لکين شڪر پاڪ پرور سندا - ختم خير سان ٿيو هي بيان.
نئين سال جو هي تحفو نئون - رکان ٿو نذر آءٌ عجيبن اڳيان.
مطالعي کان پوءِ مهَرون وري - ڪجو ياد يارو دعا خير سان.
سن تيرنهن سؤ چوئيتاليهون هجري - اٺين ماهہ محرم جي اظهر چوان.
بروز چنچر بوقت ظهر - ڪيم هي پورو لکي پرت مان،
ڏسو پي ڪٿي جي اوهين ڀل ڪا - ڪجو معاف للہ انهيءَ ڀل کان،
سدائين دعاگو سين دوستن جو - **"مَسرُورَ"** نالي نماڻو آهيان.

## قيامت نامو:

هي ڪتاب شاهہ رفيع الدين دهلوي جي اردو تصنيف "علامات قيامت" جو ترجمو آهي، جيڪو **"فقير مسرور"** پنهنجي والد ميان رحيم بخش بدوي ۽ پنهنجي چاچي ميان امام بخش خادم مرحوم جي يادگيريءَ ۾ خلق جي فائدي لاءِ ترجمو

ڪيو آهي، جيڪو پاڻ اجا پينسل سان (رف) لکيو هئائين جو فيئر ڪرڻ کان اڳ ۾ ئي ڪتي گم ٿي ويو هو. مالڪ جي مهربانيءَ سان وڏي وقت کان پوءِ هٿ آيو آهي.

مسودي جي ابتدائي صفحي تي مرحوم پروفيسر لطف الله بدوي صاحب جو هڪ ڪلام، مهاڳ طور بہ لکيل اٿس:

ذڪر قيامت جو پڙهي دل سان هندايو مومنو،
راضپي الله جي لءِ ڪجهہ خدا کي ياد ڪيو.

مومنن جي لاءِ آهي فادخلوها خالدين،
ان وَعد الله حقُ، ساڻ دل کي شاد ڪيو،

لن تنالو البر حتيٰ تنفقو کي دم دم پڙهو،
فاذ ڪروني سان اٿو ويران دل آباد ڪيو.

هي جهان هادي سچي چيو آهہ سجن المؤمنين،
خواهہ مخواهہ اُن سان لڳي، نا پاڻ کي برباد ڪيو.

(جوڳي)

هن ڪتاب جي ابتدا ۾ ڪتاب جي افاديت متعلق "**فقير مسرور**" لکي ٿو:

"زماني جو چڪر ۽ ان جي ڦير گهير بہ قابل ديد آهي. ڪڏهن تہ اهو زمانو هيو جنهن ۾ اسان سيني مسلمانن جو اٿڻ ويهڻ ڳالهائڻ وغيره سڀ عربي ٻول چال تي هيو. گهڻو ڪري ماضي حال ۽ مستقبل کان آگاهہ هجڻ سبب سدائين دنيا جي ڪاروبار سان گڏ عبادت الاهي ۽ ديني ڪمن ۾ پڻ سعي ڪار رهندا هئا ۽ هن وقت جا مسلمان پائرن جي رهڻي ڪهڻي آهي تنهن متعلق هر هڪ، هن ڪتاب جي مطالعي بعد اندازو لڳائي سگهندو. انهيءَ ڪري ضرور ٿيو تہ مسلمان پائرن کي حال مان نڪرڻ ۽ مستقبل کان واقف ڪيو وڃي.

جيتوڻيڪ ساڳي موضوع تي اڳ ۾ سنڌيءَ ۾ ڪتاب موجود آهن، تڏهن ب ان ڪتاب کي وري زنده ڪرڻ ۾ مسلمان پائرن جي دلين کي سجاڳ ڪرڻ جي ارادي سان "شاھ رفيع الدين دهلوي" جي معتبر تصنيف تان ترجمو ڪرڻ سان هن خير جي ڪم ۾ هٿ ڳنڍيو ويو آهي. منهنجي نيت ۽ دعا آهي تہ شال ان جي مطالعي بعد پڙهندڙ کي رَبّ سائين پنهنجي مهربانيءَ سان هدايت بخشي. آمين ثم آمين."

هي قلمي ڪتاب 126 صفحن تي مشتمل آهي جنهن جي آخر ۾ جناب فقير عبدالرحيم گروهڙي صاحب جن جي پيشگوئي ب شامل ڪيل آهي. جنهن کان پوءِ مولانا نعمت الله شيرازيءَ جو فارسي قصيدو آندل آهي.

## واچوڙو مل (ناٽڪ):

نثري تحريرن ۾ "**فقير مسرور**" هڪ ناٽڪ "واچوڙو مل" بہ لکيو آهي، جنهن کي سنڌي ادب محل شڪارپور پاران شايع ٿيندڙ ڪتابي سلسلي "گلشن سيريز" ۾ 1966ع ڌاري شايع ڪيو ويو هو. هي ناٽڪ، سنڌ ۾ هندو واپاري طبقي جو، اڻپڙهيل مسلمان وڏيرن سان واپاري گهوٻين متعلق طنزيہ ۽ مزاحيہ انداز ۾ لکيل آهي.

## منظوم تصنيفون:

"**فقير مسرور**" جو لکيل گهڻو اثاثو گم ٿي ويو آهي، جيڪو محفوظ آهي ۽ جيترو هٿ اچي سگهيو آهي انهيءَ جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

## مسدس مسرور عرف هيرن جو هار:

ميان غلام علي **"فقير مسرور"** جي اهائي پهرين شهره آفاق تصنيف آهي جا لاڙڪاڻي واري دور ۾ اٽڪل سن 1941ع ۾ ڪي ٽي شهواڻيءَ جي معرفت ايڊيوڪيشنل پرٽنگ پريس ڪچهري روڊ ڪراچيءَ مان شايع ٿي، جنهن جي شايع ٿيڻ سان ئي ان وقت جي سنڌ جي وڏين وڏين علمي ادبي ۽ تعليمي شخصيتن به ان کي نهايت قدر جي نگاهه سان ڏٺو.

"**مسدس مسرور عرف هيرن جو هار**" ۾ نه رڳو فڪر فهم يا ٻوليءَ جو انمول خزانو آهي بر ان ۾ السني اسرار اهڙي ته سلوڻي انداز ۾ سليل آهن جو جنهن به هن مسدس جو واس ورتو سو سندس رمزن ۽ رازن، فن ۽ فڪر، معنوي صنايع ۽ ٻوليءَ جي تعريف ڪرڻ کان سواءِ نه رهي سگهيو.

ميان رحيم بخش بدوي (ثاني) پيش لفظ ۾ لکي ٿو:

"سنڌ کي صوفياڻو گلستان ڪوٺجي ته به ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. انهيءَ گلستان جي مهڪندڙ گلن گهڻن ئي ٽڪل ٽٽلن پانڌيئڙن کي همت ۽ حوصلو بخشيو هوندو، طاقت ۽ لياقت عطا ڪئي هوندي، مگر زنداني رازن ۽ رموزن کي سمجڻ ۽ سمجهائڻ سولو ۽ سهنجو ڪم نه آهي. گهڻن ئي پنڌ ۾ پير رکيا مگر **"فقير مسرور"** ئي انهن رازن جي سازن جو سرود الايو. هن زندگيءَ ۾ ڪلام ئي اهو چيو جنهن جو روزمره جي فرض ادائيءَ سان سلام آهي." (52)

مسدس جي صنف تي لکيل هن منفرد شاهڪار، سنڌ يونيورسٽيءَ جي برک تعليمدانن کي به ايترو متاثر ڪيو جو هن ڪتاب کي انٽر آرٽس جي ڪورس تي نصاب طور مقرر ڪيو ويو. هي ڪتاب پهريائين کي ٽي شهواڻي، ايڊيوڪيشنل پرٽنگ پريس ڪراچيءَ مان شايع ڪرايو. پوءِ پروفيسر لطف الله بدوي ۽ احسان احمد بدوي پنج ڇيرا شايع ڪرايو ۽ ڇهون ۽ آخري ڇيرو **"فقير مسرور"** جي فرزندن ميان رحيم بخش (ثاني) ۽ ميان احمد بخش بدوي شايع ڪرايو.

اهڙيءَ طرح ڪيترائي سال هن فڪر انگيز شاعريءَ جي املهہ شاهڪار مان علم ادب جا شائق ۽ طالب علم بہ ذات الاهي جي ڪرشمہ سازي، صوفين جي عشق جي مرڪز خاتم الانبيا حضور سرور ڪونين حضرت مُحمّد مصطفيٰ ﷺ جن جي شان شوڪت، انساني حياتي جي مقصد، جدوجهد، اسرار الاهي، دنيا ۽ آخرت جي بنيادي نڪتن ڪان آگاهي حاصل ڪندا رهيا.

هي اهو دور هو جڏهن سنڌ کي پاڪستان ٺيڻ لاءِ نئين قومي نظريي ڪان روشناس ڪرايو ويو هو ۽ سنڌ جي پنهنجي محبت، انسان دوستي ۽ تصوف جي اصولن ۽ روشن خياليءَ تي آمريڪي ۽ روسي ترقي پسنديءَ جو ملمون چاڙهيو ويو هو جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي پنهنجي اصلوڪي صوفياڻي ۽ نياز نوڙت واري نظريي کي بيڪار قرار ڏئي انهن اخلاقي قدرن کي درگاهن ۽ خانقاهن تائين محدود ڪيو ويو ۽ جديد تعليم جي نالي ۾ اسڪولن ۽ ڪاليجن مان بنيادي اخلاقي ۽ انساني وقار، مقصد جي حاصلات ۽ جدوجهد جا معيار بہ بدلايا ويا جنهن جي ڪري، انسان کي پنهنجي شناخت ڏيندڙ شاعريءَ جو هي شاهڪار بہ 1961ع ڌاري سنڌ يونيورسٽيءَ جي نصاب مان خارج ڪيو ويو.

پروفيسر جهامنداس ڀاٽيہ مصنف جي احوال ۾ لکي ٿو:

"**فقير مسرور** پنهنجي مذهب جي پابندي رکندي، هو ٻين جي هر طرح عزت ڪندو هو، ان ڪري ئي هي "هيرن جو هار" جو سچ پچ تہ حسن جي سچ جو نچوڙ آهي، هن ويهي پوتو تہ هن ملڪ جا هڻ هار نونهال غور سان پڙهي وينجهائي پاڻ ۾ پيهڻ ۽ سانت ۾ ويهڻ سڪن. سڀ سنگت ڪان سرس آهي پنهنجي سنگت، مگر اها لهڻ ۽ قبول ڪرڻ اهنجي آهي." (53)

برادر هي خبر توکي ڏئي ڪَنُ ڪجهہ ٻڌڻ گهرجي،
سٽي سا گوش دل جي سان ذرا ان تي هلڻ گهرجي.

خدا جو ڳجهه خلاصو تون خلاصو ڳجهه خدا تنهنجو،
سدس ڳڻ پهه ڳنديل توسان نه دم ان کان جدا تنهنجو.

مطلب ته هي ڪتاب، مصنف جي دل جو آئينو آهي. ڪتاب جي پڙهڻ کان پوءِ ئي اندازو لڳائي سگهبو ته **"فقير مسرور"** ڪهڙي حيثيت وارو جوهري هو. هن دنيا ۾ هر شخص ترقيءَ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي ۽ وڏين وڏين ترقين ماڻڻ جي باوجود خود شناسيءَ جي ڏاڪي تي قدم ڏرڻ، انهن لاءِ پوءِ به مشڪل ٿي پيو آهي. اڄ جو انسان ڪائنات کي مسخر ڪرڻ لاءِ نت نين ايجادن ۾ ته ويساهه ڪري ٿو پر پنهنجي اندر جي ڪائنات کي فرسوده سمجهي ٿو. اهڙي ڏکئي وقت تي **"فقير مسرور"** جي هن نماڻي تصنيف جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي، جنهن ۾ چوي ٿو:

ڏني توکي سجاڻڻ ڄاڻ جي آ سگهه وڏي مالڪ،
سموري ڏس ادا تنهنجي حوالي ڪئي مڏي مالڪ.

اٿي ميدان ۾ اڄ تون اچا پيي وقت ويو ناهي،
اڳي احوال جي اهڙو ڪنهين توسان ڪيو ناهي.

ڪرم ڪر خلق سان ان جي ته توتي پيي عنايت ٿئي،
رهين تون سرخرو هِت هُت اها توسان رعايت ٿئي.

خدا جي خلق کي راضي رکج ڪنهن کي نه آزارج،
پڙهڻ سان ڳڏ ڪڙهڻ جي لاءِ گهٽو ئي پاڻ کي ڳارج.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته:

"**ميان غلام علي مسرور فقير**" جي اها پهرين شايع ٿيل تخليق آهي جا مسدس جي صنف ۾ به پهرين طبعزاد ڪوشش آهي حالانڪ ان کان اڳ لکيل مولوي الله بخش ابوجهي مرحوم جو "**مسدس ابوجهو**" به هڪ بهترين تخليق آهي پر مسدس ابوجهو جي ابتدا ۾ "مولانا حالي" جي مسدس جا چند بند ترجمو ٿيل آهن ۽ آخر ۾ پنهنجي ذهني ڪاوش ٿيل آهي." (54)

"**فقير مسرور**" جي مسدس جي ٻي وڏي خوبي اها آهي ته هي شاهڪار ٺيٺ اکريءَ جيان سنڌيءَ جي ٻاونجاهه اکرن تي لکيل آهي. هي مسدس "بحر هزج مثمن سالم" تي موزون ڪيل آهي جنهن جو وزن آهي "مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن."

## مسدس اسرار حسيني:

"**فقير مسرور**" فارسيءَ جي مشهور ليکڪ فقير حسين واعظ الڪاشفيءَ جي بيتن، رباعين ۽ قطعن جي طرز تي تحرير ڪيل فارسي تصنيف "روضة الشهداءِ" جيان، حضرت آدم عليہ السلام کان وٺندي نبي آخر الزمان جناب حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن تائين سمورن سڳورن تي آيل تڪليفن متعلق سنڌيءَ ۾ مسدس جي طرز تي قلم فرسائي ڪئي آهي. جنهن جي ابتدا ۾ لکيو اٿس ته پاڻ اهو مسدس پنهنجي ڪنهن پياري دوست جي فرمائش تي لکيو آهي، جيئن ته ان دوست جو نالو ڪونه ڄاڻايو اٿس، پر "**فقير مسرور**" جي ڪتب خاني مان مليل "روضة الشهداءِ" جي ڪتاب تي ميان محمد اڪرم قريشيءَ جو نالو تحرير ٿيل آهي، ممڪن آهي "**فقير مسرور**" سندس ئي فرمائش تي اها تصنيف شروع ڪئي هجي، پر لڳي ٿو ته حضرت اسماعيل عليہ السلام جي دل ڏاريندڙ مڪالمن سبب پاڻ اٽڪل 261 بندن کان اڳتي لکي نه سگهيو آهي، ڇاڪاڻ ته حضرت اسماعيل عليہ السلام، جنهن ٻاجهاري ٻوليءَ ۾ پنهنجي والد حضرت ابراهيم عليہ السلام کي

چوي ٿو تہ دل ۾ جهڙو وڇوڙو اهڙي اظهار کان پوءِ دردمند دل واري هر شاعر جو قلم انسان جيان ڳوڙها روڪي نہ ٿو سگهي:

آقا تہ جڏهن جاءِ تي پهچي جو وڃين تون،
منهنجي تہ مٺي ماءُ سان کهرو نہ پوين تون.

جيئن جو جڏهن مون کي توسان نہ ڏسندي،
هڪ اڳ ئي مُنل هجر جي ويتر تہ مُسندي،
شايد بہ غصي رنج کان رت زار رئندي،
هن سور سبب عمر سڄي سک نہ سمهندي.
اولاد سندو ماءُ کي ڏک سرس رهي ٿو،
کهرو پوءِ سخن ان سان ٻولڻ نہ ٺهي ٿو.

ان خاص سبب مون سان اهو پال پلائج،
پڻ ساڻ سلامن جي هي پيغام پڄائج،
اسماعيل سندو ماءُ، سڄو صبر سهائج،
غم منهنجو ڪري پاڻ کي نہ بي شڪر بڻائج.
ڪو جوڙ ڏسي منهنجو جي نظر ان تي ڌرين تون،
مون کي بہ دعا ياد ڪري شاد ڪرين تون.

نينگر بہ تازه روءِ ڪنهين ڏانهن نهارين،
منهن منهنجو مٺيءَ خون لڳل ڪين وسارين،
راضي نہ رهي ليڪ تون شاڪر تي گذارين،
والد کي جيئن ياد منهنجو ڏک نہ ڏيارين.
تنهنجي تہ امي گود ۾ چا چا نہ سريم ٿي،
دم دم تہ تنهنجون ديدان پسي نيڻ ٺريم ٿي.

همسايہ سندم يار ٻيا درس سندا جي،
مون کي نہ ڏسي توکان پڇا منهنجي ڪندا سي،
ڏج منهنجي وڃڻ ساڻ نياپو هيءُ انهن کي،
ڏج بعد سلامن جي سنيهو هيءُ انهن کي.
ان کان سواءِ قبلہ ٻيو عرض اٿم هي،
مڪتب ۽ ٻيا محلي سندا يار سندم جي.

مون کي نہ ڏسي مونجها سارا نہ ٿين سي،
ان حال سبب، منهنجو وڃڻ ساڻ انهن کي،
هڪ جاءِ تي مڙني کي نياپو هي گڏي ڏي،
لک لک ڏنا اسماعيل سلامن جا اوهان کي،
سنگت ڪا، اوهان ساڻ نہ اسماعيل ڦٽائي،
ان ديس ويو، ڪنهن نہ جتان واڳ ورائي.

## مداح ست گرو سائينءَ جي سوڪڙي:

مسدس مسرور عرف هيرن جو هار کان پوءِ "**فقير مسرور**" جي "سائينءَ جي سوڪڙي" شايع ٿي، جا پڻ سنڌي ادب جي پهرين شاهڪار مداح آهي جا ٺيٺ اکريءَ جي طرز تي اوائلي سنڌي (ديوناگري لپيءَ تحت) الف ب جي حرفن تي ڇيل آهي، جيڪا "**فقير مسرور**" پنهنجي پياري ديس واسين لاءِ سوکڙيءَ طور لکي آهي.

هيءَ مداح پهريائين "**فقير مسرور**" سال 1941ع ڌاري، موتيرام گرڌاري داس جي موتي پرنٽنگ پريس، لکيدر جي اندران شڪارپور مان شايع ڪرائي، جنهن جي شايع ٿيڻ سان ئي هن مداح جي ايتري تہ شهرت ٿي جو شهنشاهہ فقير قادر بخش بيدل عليہ رحمة جي درگاهہ سان گڏوگڏ مندرن ۽ ٽڪاڻن ۾ هيءَ مداح ڳائجڻ لڳي ۽ عقيدت وچان صوفي ساجاهہ رکندڙ ڪيترن ئي ماڻهن هن

مداح كي كيترائي ڀيرا پاڪيٽ سائيز ۾ شايع ڪرائي عام جي ڀلي لاءِ مفت ۾ تقسيم ڪيو، جيڪو سلسلو اڃ تائين جاري آهي.

تازو بمبئي مان "**فقير مسرور**" جي معتقد شري ڪنيالال عنيشيرام اچپليا، پنهنجي ڌرم پتنيءَ جي ياد ۾ شايع ڪرائي آهي، جنهن جي مهڙ ۾ "يادگيري پتر" ۾ لکيو اٿس:

"هي ننڍڙو پستڪ "مداح ستگرو سائين جي سوڪڙي" سچي سِڪ ۽ شرڌا سان پنهنجي سرڳواسڻ ڌرم پتني تلسي ٻائي جي پوتر ياد ۾ ڇپائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. سرڳواسڻ جو ستگرو سائين جي مداح ۾ اتوٽ وشواس ۽ سچو نشچو هو. اميد ٿو ڪريان تہ سڀ ڀائر ڀينر هي امولڪ ماڻڪ موتي پستڪ پڙهي ان پار جي مهما جو مزو وٺندا- شل ستگرو سائين جي مهر سيني پريمين مٿان هر دم قائم رهي." (55)

"**فقير مسرور**" هيءَ مداح پنهنجي مرشد راهہ حقيقت جي حضور ۾ دعائيہ انداز ۾ چئي آهي جنهن ۾ درد جي دستور مطابق، عشق جي عطا لاءِ نهايت عجز ۽ نماڻائي سان ٻاڏايل آهي. حالانڪ پاڻ شهنشاهہ مير مرشد فقير قادر بخش بيدل عليہ رحمة جي حضور ۾ ڪيتريون ئي مداحون چيون اٿس پر هن مداح جي مقبوليت ۽ شهرت جي ڳالهہ ئي اور آهي.

هن مداح جي مقبوليت جا بنيادي سبب اهي آهن جو هن ۾ خدا ۽ انسان سان محبت ڪرڻ وارن، امن ۽ انسانيت سان پيار ڪرڻ وارن ۽ ابوجهہ انساني جيوت لاءِ رهنمائي آهي ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڇيهن ڪان ڇوٽڪاري، زماني ڪوڙ پاپ ڪان پاسي رکڻ جي وينتي نهايت عجز وارن اکرن ۾ ڪيل آهي:

دا - دبائي تو ديالو ديو صورت جو دجال،
دم بدم دڙڪا ڏئي، چاهي ڪرڻ جنگ و جدال،
شرَ ان جي کان ڍڪي منهنجي سنگت ۽ عيال،
جو دبائي در چڙهي، ان کي دسي دولهہ دباءِ.

تصوف مطابق، هندو، مومن، گبر، يهودي يا سک عيسائي، هڪ ئي ذات جي وحدت جا بيک آهن ۽ وحدت ڪثرت جي انهي بنيادي نڪتي سبب ئي هر مذهب ۽ ملت جو ماڻهو صوفيءَ جي ساجاهه، اخلاق ۽ عمل مان فيض حاصل ڪري ٿو. هن مداح جي مقبوليت ۽ شهرت جو وڏو ڪارڻ اهو بہ آهي، چوي ٿو:

ڏا - ڌرتي توڙي پوان پر تہ بہ ڌرم جي جئي ٿئي،
پاپ ۽ پاکنڊ جو پرچار، پريو ڪئي ٿئي،
ڌم لڳي دل جي ڌڪڙ جي تار سُر ۾ لئي ٿئي،
ڏج وڏي ڏن ڏن وِڏي، من ۾ نہ پر مون کي وڏاءُ

پا - پيالو پريم رس جو پر ڪري پرڻتون پيار.
قرب ڪر ڪوئي ڪلنڳي ڏر مون کي ماري جيار،
پَٽ اتان واري ڪٽي تون سيج سُڪپت تي وهار،
پاند منهنجو پر تون پريو ٻي جي در تي نا پناءِ.

هن مداح ۾ سنڌي، هندي ۽ سنسڪرت لفظن جو امتزاج اهڙي عمدگيءَ سان ٿيل آهي جو انهيءَ مان نہ رڳو تجنيس حرفيءَ جو حسن ۽ حرمت برقرار نظر اچي ٿي پر انهن جي صوتي آهنگ مان جيڪا رواني ۽ مسلسل گونج پيدا ٿئي ٿي. اهي خوبيون ئي مردن توڙي عورتن کي گڏجي هڪ آواز ۽ هڪ ساهہ ۾ ڳائڻ تي اياريں ٿيون. وزن ۽ لئي جو هن ۾ اهڙو ڪمال آهي جو پڙهڻ سان لفظن جي ادائگيءَ ۾ هڪ فطري جهُولو (لوڏ) پيدا ٿئي ٿي:

ٽا - نہ ڄاڻان يا سڄاڻان شاهہ مان شيوا ڪرڻ،
آرتيءَ جو ڪونہ مون ۾ انگ ڪو آهي لڇڻ،
ڪَنٽ رس ڀي ڪانہ آهي دانهن ڀي بيدرد پڻ،
سُر مَتر مرليءَ وچان ڪو سِر سڄاڻڻ جو سڻاءِ.

هي مداح، مثنيٰ ۽ مثلث جي امتزاج سان 36 بندن تي مشتمل آهي. جنهن جون پهريون ٻه مصراعون مثنيٰ آهن- باقي بند ٽن هم قافيہ مصراعن تي ٻڌل آهن جنهن ۾ چوٿين مصرع مثنيٰ بند سان هم قافيہ آهي:

مثنيٰ بند - ست گرو گرديو داتا، شاهہ مون سرڏا پڄاءِ،
کو پلائي پال پنهنجو داد کر درسن پسا.

مثلث بند - جا جياري دل مئي منهنجي ڏيو جپ نام جو،
جئن جپي جڳديس کي ساکي ٿيان سترام جو،
جڏ کري ارجن جيان اپکار کريان عام جو،

وراٽيءَ جو بند - نانءُ جس جڳ ۾ رهي جئن جوت کا اهڙي جڳاءِ،
کو پلائي پال پنهنجو داد کر درسن پساءِ.

## هير رانجهو (مثنوي):

"**فقير مسرور**" جي هي تصنيف انتهائي لاثاني آهي، جنهن لاءِ وڏي يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ هي مثنوي سنڌي ادب جو هڪ زبردست شاهڪار آهي. هن مثنويءَ جي بي مثال ۽ بينظير هئڻ جو اصل سبب اهو آهي جو هيءُ سنڌي (ٻوليءَ) شاعريءَ ۾ هي پهريون ڪتاب آهي. جنهن ۾ "هير رانجهي" جي عشقيہ تاريخي قصي کي معنوي انداز سان، مثنويءَ جي صورت ۾ پيش ڪيو ويو آهي. هيءُ پورو قصو (ڪتاب) تصوف جي نڪتن سان ٽمٽار، سوز گداز سان معمور ۽ محبت جي حقيقت سان پرپور آهي.

سنڌي ادب ۾ اهڙا عشقيہ ۽ تاريخي قصا جهڙوڪ، عمر مارئي، سسئي پنهون، مومل راڻو، نوري ڄام تماچي، ليلا چنيسر، سهڻي ميهار ۽ سورٺ راءِ ڏياچ گهڻو ڪري بيتن واري انداز ۾ چيل آهن پر هي هڪ قصي تي مڪمل مثنوي لکيل آهي.

هن مثنويءَ ۾ "**فقير مسرور**" جي ٻنهي پنهنجي تخليقي قوتن صلاحيتن جو نچوڙ آهي، جنهن جي واقعات ۽ احوال جي مدد "وارث شاهہ جي هير" تان ورتل آهي، جنهن جو اقرار ڪندي چوي ٿو:

هي وتم احوال وارث شاهہ جي تصنيف تان،
پڻ ملي مون کي مدد ڪجهہ مختلف شعرن ڪنان.

"**فقير مسرور**" هيءَ مثنوي بہ هڪ دوست جي فرمائش تي لکي آهي، جنهن جو مسودو بہ پاڻ ئي صاف ستري تحرير ۾ لکي مڪمل ڪيو آهي، جنهن ۾ ان وقت جي معروف عالمن اديبن ۽ محققن جهڙوڪ: مرحوم محمد صديق مسافر، مرحوم آغا صوفي، مرحوم محمد بخش واصف، مرحوم حاجي محمود خادم لاڙڪاڻوي، آنجهاني ڄيٺمل پرسرام، مرحوم فتح محمد سيوهاڻي ۽ مرحوم ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي صاحبن جا علمي ادبي رايا ۽ تبصرا بہ شامل آهن. قلمي مثنوي 168 صفحن تي ٽن پاڳن ۾ لکيل آهي. جيڪو مثنويءَ جي صورت ۾ 1379 شعرن تي مشتمل آهي ۽ ساروئي "بحر مثمن" تي موزون ڪيل آهي[1].

## مڪتوبات مسرور:

"**فقير مسرور**" پنهنجي حياتيءَ ۾ تہ ڪيترن ئي دوستن کي خط لکيا هئا، پر وڏي ڪوشش جي باوجود رڳو ڪجهہ اهي خط مليا آهن، جيڪي پاڻ پنهنجي پياري دوست آنجهاني رگهومل پنجابيءَ ڏانهن لکيا هئائين. انهن خطن جي ملڻ جو پهريون وڏو سبب تہ اهو هو جو "**فقير مسرور**" آنجهاني رگهومل جي ڏرمپتنيءَ کي بہ پنهنجي ڌيءَ سمجهندو هو ۽ الله پاڪ سندس

---

[1] "مثنوي هير رانجها" از: فقير غلام علي مسرور بدوي مرتب: بيدل مسرور. سنڌي ادبي بورڊ 2007ع.

مغفرت ڪري، جو هن "**فقير مسرور**" جا سمورا خط پنهنجي ساهه سان سانڍي رکيا هئا، جيڪي پرسرام جوڳيءَ تمام گهڻي ڪوشش ڪري وٺرائي ڏنا، پر وري به ان نيڪ عورت "**فقير مسرور**" جي شرڌا ۾ اصل خط ڏيڻ بجاءِ خطن جا فوٽو اسٽيٽ ڪرائي موڪليا. بهرحال، اهي خط واقعي نهايت اهم ۽ ساهه سان سانڍڻ جهڙا ئي آهن. انهن خطن ۾ "**فقير مسرور**" پنهنجي حياتيءَ جا نهايت اهم واقعا ۽ احوال لکيا آهن، جن لاءِ راقم الحروف جو خيال آهي ته جيڪڏهن اهي خط موجود نه هجن ها ته "**فقير مسرور**" جي سوانح به چڱيءَ ريت نه لکي سگهجي ها.

انهن خطن ۾ رگهومل يا سندس اهل عيال لاءِ دعائون به لکيل آهن، جن لاءِ سندن اعتقاد رهيو آهي ته "**فقير مسرور**" جي دعائن سان مالڪ ڪائنات، سندن پريوار کي تمام نهايت سکيو ستابو ۽ هر بلا کان محفوظ رکيو آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو "**فقير مسرور**" جي انهن خطن کي رگهومل جي پريوار، انهن دعائن جي ڪري ئي ساهه سان سانڍي رکيو آهي.

## تاليفون:

"**فقير مسرور**" کي سنڌ جي شاعرن بزرگن جي ڪلام گڏ ڪرڻ جو شوق به تمام گهڻو هوندو هو، ان سلسلي ۾ پنهنجي هٿن سان اتاريل اهو ڪلام شايع ڪرائڻ لاءِ پنهنجي پيارن دوستن کي به ڏنو هئائين، پر فقير واليڏني ۽ ميرڻ شاهه شڪارپوريءَ جو ڪلام سندس منظوم ۽ نثري قلمي نسخن سان گڏ اڃان موجود آهي. راقم الحروف جي ڪوشش آهي ته انهن ٻنهي بزرگن جي سوانح هٿ ڪري فقير مسرور جي انهن تاليفن کي به منظر عام تي ضرور آڻجي.

## حرف آخر:

مان خاص طور پنهنجي مربي ياءُ، ميان احمد بخش بدوي المعروف منل سائين، جو تمام ٿورائتو آهيان جنهن "**فقير مسرور**" جي شاعريءَ

توڙي نثر جا سمورا قلمي نسخا راقم الحروف جي حوالي ڪيا آهن. سائين مثل سان گڏ مان پروفيسر مشتاق احمد سومري ۽ سائين سيد امداد حسينيءَ جو بہ ٿورائتو آهيان، جن نہ رڳو **"فقير مسرور"** جي هن سموري ڪلام جي پڙهڻيءَ ۾ مدد ڪئي آهي مگر **"فقير مسرور"** جي ڪلام ۾ فن ۽ فڪر جي پرواز، عشق جي اعليٰ اظهار، ذات الاهيءَ جي لطف ڪرم، وحدت ڪثرت، مجاز، حقيقت، برہ ۽ وصل جي نادر نمونن کان آگاهہ پڻ ڪيو آهي. مان پنهنجي گهر واريءَ "بينا مسرور" جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن بہ **"فقير مسرور"** جي ننهن هڻڻ سبب سندس ڪليات جي ڪم ڪي تمام وڏي اهميت ڏيندي هر سک ۽ آسائش مهيا ڪري ڏيڻ جي نيڪي ڪمائي آهي، الله پاڪ ڪيس ان جا ٻهرا ڏئي، ۽ خود ٻارن، رابيلا، سائرس، پارس، تخليق ۽ ننڍي فرزند **"ڪليات مسرور"** جو بہ ٿورائتو آهيان جن لکڻ پڙهڻ جي ماحول ٺاهي ڏيڻ لاءِ سدائين سات ڏنو آهي. اميد اٿم تہ **"فقير مسرور"** جي محبت جي جهان جي سڄڻ پڙهندڙن جي خيال کي بہ خوب معطر ڪندي.

فقيرن جو فقير
**بيدل مسرور بدوي**

مسرور اسٽريٽ، سچل ڳوٺ، ڪراچي سنڌ
اپريل 1995ع

16- 17- 18. مثنوي مولانا روم عليہ رحمة، مقدمو قاضي سجاد حسين، دفتر پنجون. حامد اينڊ ڪمپني لاهور، 1978.
19. صوفي پبليڪيشن شڪارپور جو فقير مسرور جي پنجاهين ورسيءَ جي موقعي تي خاص ايڊيشن فيبروري 2004ع.
20-21. راڳ جي شرعي حيثيت: تصنيف: فقير مسرور عليہ رحمة، تعارفي ڪريم بخش خالد مرحوم، ماهوار پيغام، سالنامو، ڪراچي مئي جون ۱۹۸۱ع ص، 47 ۽ 40.
22. مهراڻ جا ماڻڪ. پاڪستان پبليڪيشن ڪراچي.
23. ڪشف المحجوب، علي بن عثمان هجويري عليہ رحمة، ترجمو: عطا محمد حامي مرحوم، سنڌي ادبي بورڊ حيدراباد 1988ع، ص، 3.
24. ڪشف المحجوب، علي بن عثمان هجويري عليہ رحمة، ترجمو: عطا محمد حامي مرحوم، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1988ع فصل ٻيو، ص، 5.
25 ۽ 26. ڪشف الحجوب، حضرت علي بن عثمان هجويري عليہ رحمة، ترجمو: عطا محمد حامي مرحوم، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1988ع، ص، 27 ۽ 19.
27. دائره معارف اسلاميہ جلد چوڏهين جو2، دانش گاه پنجاب لاهور 1982ع صفحو 491-494.
28 ۽ 29. سنڌي غزل: ڊاڪٽر ارجن شاد، بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پي ايچ ڊي لاءِ قبول پيل ٿيسز 1973ع صفحو 38 ۽ 47.
30. **غزلن جي اها سموري تقطيع فقير مسرور عليہ رحمة جي پاڻ ڪيل آهي،**
**جنهن جي نظرثاني جناب محمود خادم مرحوم جي ڪيل آهي.**
31. مرحوم عبدالوهاب ناظم فقير جو ڪلام، سندس قلمي ديوان تان ورتل آهي، جيڪو مسٽر ناصر مغل ولد مرحوم نذير احمد مغل شڪارپور جي مهربانيءَ سان سندس عزيزن وٽان اتارڻ لاءِ مليو هو (مولف).

32. سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو ڇوٿون: مرزا قليچ بيگ مرحوم، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيو، 1971ع صفحو 101.
33. رهنمائي شاعري، ڀاڱو ٽيون، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل مرحوم، جميعت الشعرا سنڌ، 1948ع صفحو 330.
34. نئي شاعري، جناب افتخار جالب، نئي مطبوعات 1966ع صفحو 59.
35. شاهه جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو، ثقافت کاتو سنڌ حڪومت آگسٽ، 1992ع صفحو 40.
36. نئي شاعري، انيس ناگي، نئي مطبوعات لاهور 1966ع صفحو 63
37. لوڪ ادب جو حقيقي جائزو، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1986ع ص، 257-258.
38. رهنمائي شاعري ڀاڱو 3، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل مرحوم، جميعت الشعرا سنڌ 1948ع ص 147.
39 ۽ 40. سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ، الله بخش نظاماڻي، سنڌ يونيورسٽي ۾ ايم اي سنڌيءَ لاءِ پيش ڪيل مونوگراف، 1964ع ص، 82 ۽ 80.
41. لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو مرحوم، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1986ع 264.
42 ۽ 43. رهنمائي شاعري ڀاڱو 3، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل مرحوم، جمعيت الشعرا سنڌ 1948ع ص 172-173 ۽ 243.
44. سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو ڇوٿون: مرزا قليچ بيگ مرحوم، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ، ڇاپو ٻيو، 1971ع صفحو 68.
45. سرائڪيءَ جا اهي مثمن، ”ڪليات مسرور“ جي پهرين حصي ۾ آندل آهن.
46. سنڌي شاعريءَ تي هندي شاعريءَ جو اثر: قريشي حامد علي خانائي، ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 2- 1952ع ص، 118 -119- 120.
47. دائره معارف اسلاميه، دانش گاه پنجاب (جلد دوئم) 1966ع، صفحو 336.

48. سنڌ جا فارسي شاعر (انگريزي PERSIAN POETS OF SINDH) ڊاڪٽر سدا رنگاڻي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1987ع ص 1.

49. فارسي زبان و ادب (اردو) ڊاڪٽر سيد عبدالله، مجلس ترقي ادب لاهور، 1977ع ص 17-23.

50 ۽ 51. راڳ جي شرعي حيثيت: تصنيف: فقير مسرور عليه رحمة، تعارف: ڪريم بخش خالد، ماهوار پيغام، سالنامو، ڪراچي مئي جون 1981ع ص، 41- 42 ۽ 45.

52. مسدس مسرور هيرن جو هار (دفعو ڇهون): تصنيف ”فقير مسرور عليه رحمة“، پيش لفظ ميان رحيم بخش بلوي (ثاني)، محمدي پريس لکيدر شڪارپور، نومبر 1960ع.

53. مسدس مسرور حرف هيرن جو هار: تصنيف فقير مسرور عليه رحمه، مهاڳ: پروفيسر جهامنداس، ثاني، محمدي پريس لکيدر شڪارپور نومبر 1960ع.

54. سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ص: 186.

55. مدح ست گرو سائينءَ جي سوکڙي، تصنيف ”فقير مسرور“، مهاڳ: شري ڪنيالال عنيشيرام اچپليا، ڪوناري پرنٽنگ ورڪس سمباوا چيمبرس سر پي مهتا روڊ بمبئي 1981ع. ڪنيالال 271/ ڪمل ديپ شن ريسٽ بمبئي.

# كليات مسرور

## غزل

جُزا ۾ ڪُلي تہ ڪُل ئي آهي، سو ڪُلُ آ جيئن ڪتاب خالص،
پني پني تي عجاب ڪهاڻي، عجيب هر هڪ آ باب خالص.

**فقير مسرور**

(1)

عشق ساقيءَ هَٿئون هميشہ خُمر[1] پيالا طَهَــر[2] پيَئون ٿا،
معنيٰ مامَ پروُڙي سارِي، رَمز رِنديءَ جي رَنگِ رَچَئون ٿا.

ڳالھ ڳجهي سَڀَ سانڍي ڳجهڙِي عامَ سان ظاهرُ اُٿئون ويهَئون ٿا،
باطُن بيشڪ مُلڪ بَقا جي وحدت واري ويڙهي وَسَئون ٿا.

صورت مُورَتَ صاف سُنڄاڻي ڪڏهن نہ ڪِي ڪُجھ ڪُڇَئون پُڇَئون ٿا،
سودي سيلَ جي خاطر سچ پچ پنهنجي مرضيءَ مَرَئون ڄَمَئون ٿا.

پاڻهي پاڻ ۾ پاڻ اڙائي پنهنجو چَرچو پاڻ پَسَئون ٿا،
درد فراق ۽ هِجرَ جون هوليون سِرَ تي سَختيون سُورَ سَهَئُون ٿا.

هي هُو ٻئي "**مَسرُور**" اسان جا پنهنجي رائي اَچَئون وَڃَئُون ٿا،
گهُمون ڦِرُون چا گُوندَرِ گهارَيُون جو ڪُجھ آهيون ٻيو نہ ٿِيئُون ٿا.

---

[1] خمر= مئي، مڌ
[2] طهر= پاڪ

(2)

ڪُليا هَٽَ هزاري[1] هر جا،
خاصن جا خُمخانا، مئخانا.

سِر ڏئي اُتِ سُرڪ پيئڻ لءِ،
[illegible] اچن مردانا، مستانا.

[illegible] [illegible] [illegible] جوب جات جا،
پاڙيا ڪَرن بهانا، بيگانا

همءَ ڪي تا حق سچاڻن،
جوڳي جُنگ جوانا، فرزانا.

ڪاڻ ڪمي سَچُ ڪانهي تن ڪي،
لوڪ چا لائي طعنا، بهتانا.

موڪيا[2] جي "مسرور" مدامي،
يار سان رهن يگانا، عريانا.

---

[1] هزاري = قيمتي هزارن جي قيمت وارا.
[2] موڪيا= قبول پيا.

(3)

ڪَيان وَسَ وڏا ٿِي مان- نہ تا پَرَ چَلن[1] چارا،
سَدائي سبب اِن جي ڪان- اڪِن مان وَهَن نارا.[2]

نياپان حياتيءَ جا، ڏهاڙا رڙي روئي،
ڏسي ڏينهن راهون، رات جو تان ٽڪي تارا.

نِماڻِي ڪري مون کي چڏي، هِت وِجهي ڏُک ۾،
سِڻاٽي سَر ويڙا، پَري بارُ وَڻجارا.

هُجن ها رهڻ وارا، اگر سي پيارا پڻ،
رهايان تہ جيڪر ها، ڪري مان ڳچيءَ ڳارا.

رڙان چا، رڻان توڙي، لڪين پيي ڪيان حيلا،
ويا جي وَري سي تان، نہ آهن وَرَڻ وارا.

رَهڻ جي ڪيائون ڪاڻ، ڪنهن پيي نہ منٽ سان،
هَلَڻ جي هُيَن وائِي، هُيا جي هَلَڻ وارا.

سُيان اَجُ چڏي هِي ماڳُ، سَڀ کو هَلي آخِر،
رهي پَل هتي ڪيئي تہ، کو سالَ سوءُ سارا.

پلا دَم حياتيءَ گذارڻ، پيا گوندَر ۾،
ائين ٿي سدا "مسرور"، ڪپڙا ڪري ڪارا.

(شهدادڪوٽ 1943 .2 .8)

---

[1] چلن = هلن. (چارو نہ هلڻ = وس نہ هلڻ)
[2] نارا = دريا

(4)

اڱڻ منهنجي سُياڻي اَڄُ - اِجهو اَديون سَڄَڻُ ايندا،
اچِي منهنجي ڏُکيءَ دل کي - دِلاسو[1] ڏاڻُ ڏِيُ ڏِيندا.

اَچَڻ سان هِڪ نَظَرَ مِهَر و ڪَرَم - واري ڏري مون تي،
مِڙيئِي درد ڏُکَ - ڏُوڙا[2] مٺا مَحبُوبَ ميٽِيندا.

اَٿم اميد اَهڙي تان وسائي - مُون سَندو ويڙهو،
رُسِي ڳنهن رَنجَ ڪاوَڙِ - ڪان وَري سي ڪِينَڪي وِيندا.

اَجهي ۽ آسري جن جي جِيان[3] - جَڏِڙي پَئِي جَڳَ ۾،
ٻَڏِي سي ٻاجهه جون پَٽيُون - چڪايَل[4] چاڪَ چيٽِيندا.

اَجايَلِ جون ٻُڏي آهُون - مَهارُون هِنَ طَرَف موڙي،
ٿڪيءَ تي ڪو ڪري تورو - اَچِي ساٿِي سَڄَڻُ ٿيندا.

اِهائي پَڪَ پَڪِي آهي - عَجيبُن جِي ڪَيَلَ آخر،
هِتي هوندم هميشہ گڏُ - وَٺِي يا نال مُون نيِندا.

اڳِي ۽ پوءِ پنهنجو سَڳُ[5] - سُڄاڻي دَرَ سَندو **"بدوي"**،
ڀَلائي ڀالُ پنهنجو نِتُ - سَندم اَوَڳُڻَ نہ ليکِيندا.

---

(1) ڏاڻ = دان، سخا، عنايت، ڏيو = دلجاءِ.
(2) ڏوڙا = پيٽا.
(3) جيان = جيئان، زنده رهان.
(4) چڪايل چاڪ چيٽيندا = (محاورو چاڪ چيٽڻ) = درد غم دور ڪندا- زخمن جو علاج ڪندا)
(5) سڳ = ڪتو.

(5)

اولاً گھرجي ڪَرڻُ دِل، - ياد نامہ — ڪبريا،
اُن پڃاڻان پَلُ ڪَجن، - دنيا سندا ڏنڏا ٻيا.

آهي افضل ڪم عبادت جو - ٻئي ڪم ڪار ڪان،
ڪِينَ جن ڇاتو تنهين جا - ڏُوڙ سبي ڏنڏا تِيا

آمدن[1] انسان جـي پڻ آهہ - اهڙي شرطَ سان،
پاڙيو جـن قـول[2] سـي - ڏِسُ ڏيهہَ جا روشن ڏِيا.

اُت خُدا کي ياد ڪر - تان ڪم اچي توکي اُتي،
جت ڪنهين سان ڪين ٿيندي - ڪجهہ رتـي ماتر[3] رِيا.[4]

اِلتجا هَٿَ جوڙ زاري - ٻي ڪنهين کي ڪِينَ ڪَر،
دَرُ وٺِي داتارَ جو - ڇَڏِ لَوڪَ ۾ پائڻ لِياَ.

اِسَم ۾ الله جي گُر - جِسمُ جن جوڳِين ڪيو،
ريءَ نشي جي خوش خُمارِي - سي وَٽن خاصا ڪِيا.

اي ميان "مَسرُورَ" تون پِي - حال سو هَٽِ ڪَر مَري،
موتَ کان اڳ ۾ جِئين جو - هُو مِري جوڳِي جَيا.
اپريل 1945 — بزمِ مشاعره ٺٽو.

---

[1] آمدن = اچڻ.
[2] قول = السٽي.
[3] ماتر = جيتري.
[4] ريا = رعايت، يا خاطري.

(6)

اڄ وري اَظهر[1] نوان - كي عشقَ جا آثارَ ٿيا.
خوضَ[2] خاصا بي خُوديءَ كان - ثمر[3] اڄي هِڪوارَ ٿيا.

جَذبِ[4] دل جي جوشَ مان، - ايندا وڃن هڪِيئي مَٿان،
سي اکر اَعوامَ[5] لءِ سڀُ - هَينئڙي جا هارَ ٿيا.

صِدقِ[6] دل جي سان سُٽي، - جيڪي هَليا هِنَ حالَ تي،
مرد سي مانجهِي[7] مَٽِيارا، [8] - سِرُ ڏئي سَردارَ ٿيا.

هِيءَ حقِيقتَ حالَ واري جَنِ - پَڙهِي پرتئون[9] سَچي،
وَهَمَ خطرا تَنِ ڪنان، - سَڀُ دُور دُکَ آزارَ ٿيا.

مهرَ مُرشِدَ جي مَگر، - "مَسرُورَ" ڪجهہ پنهنجي جَفا،
طَالبَن ڪي اِنَ طرح سَڀُ - دِلُ گهُريا دِيدارَ ٿيا.

---

[1] اظهر = ظاهر، پڌرو.
[2] خوض = غور، سوچ، ويچار.
[3] ثمر = سهڙيا، رسيا، پهتا.
[4] جَذب دل = چِڪ، اُڌمو.
[5] اعوامَ = عام.
[6] صدق دل = دل جي سچائي.
[7] مانجهَي = سورهيه، سيالو.
[8] مٽيارا = حسين، خوبصورت، مٽيا وارا.
[9] پرتئون = پرت مان، پيار وچان.

(7)

پاڻ مون پنهنجو پسايو، ناز جو لاهي نقاب،
چو يلا جاني ڇپايو اَبر[1] ۾ تا آفتاب.

جار[2] مان جهاتي وجهي، لالڻ لِڪين ٿو واهه واهه،
هي رکين راٽا ڪيهو[3] تون رمز رنديءَ جو رعاب[4]

دربدر تولءِ ديوانو ٿو ڦران مجنون جيان،
رحم ڪر منهنجو ڏسي، تون حال هي خستہ[5] خراب.

بس فقط هڪڙي نوازش جي نظر ڪر ڪا ننگي[6]،
دل جي ڦُرَ توکي ڦٻي پر ڪو تہ ڳڻُ سهڻا ثواب.

سچ سپاريم[7] ساهہ توکي، جان و تن ڪان مال و زر،
پر ڏِکي پرتي پيارا مفت نا ڪر مِهٽي هاب.

روز شب **"مسرور"** هي رنجور[8] دل تولءِ رڙي،
دم دلاسي جي بجاءِ، دلبر نہ ڪر تون دڙڪو داب.

---

(1) ابر = ڪڪر.
(2) جار = ذوق، شوق.
(3) ڪيهو = ڪهڙو.
(4) رعاب = رعب، دٻدٻو.
(5) خستہ = زخمي.
(6) ننگي = ننگپال، ڍڪڻهار، پالڻهار.
(7) سپاريم = سپارڻ (مصدر) حوالي ڪيم، سپرد ڪيم.
(8) رنجور = غمگين، رنج ڀَيل، ڏکويل.

(8)

مُنهنجي مَستيءَ جي سَبَب ڪان مَستُ هي آهي شراب،
وَرنہ، مون ڪان پَرڀرو آ — ساڳيو آبُ ناب.

زندگي مون لۓ نہ آ — مون تي مگر اُن جو مَدار،
ڏِسُ ذريعي ضَربَ[1] مُضرب[2] سان وڄي تو جئن رُباب.[3]

موتُ نا اَسبابُ منهنجو- مان وَلي[4] اُن جو سَبب.
بي سبب نہ تہ موت ڪان- ڇا جو ٿئي ها اِرتڪاب.[5]

بي وسيءَ جي وَسَ وڏي مان- وَس نہ منهنجي بيوسي،
منهنجو ئي وَسُ تو ڪري- قُدرت جي ڪم ڪي ڪامياب.

نِتُ رهي مَرهون، منَت- مُون سَندِي نيڪي بَدِي،
مون هتان جِيئن نيستِي- مَقصَد اُنهن جو بَر ثُواب.

اِسمُ هَستِي تو ٿئي- هَر هِڪُ تِيو مُنهنجو نِشان.
مان نشانِ عِشق ۽ - آ عِشقُ منهنجو فَتح باب.

وَهَمُ هِي سارو وُجودِي- نيستِي نالو نہ ڪو،
سَچُ پُڇو تان نيستيءَ جو- آهہ خود هَستِي حِجاب.

مات ڪَر "مَسرُورَ"- پنهنجو هِي پَسي اَلتو لَقاءُ[6]،
هِنَ عَجائب حالَ جو- آهي نہ ڪوَ حَدَ و حِساب.

---

[1] ضرب = ڌڪ.
[2] مضرب = مضراب (ستار وڄائڻ لاءِ آڱر ۾ پائڻ جو ڇلو)
[3] رُبابُ= ساز.
[4] ولي = ليڪن، مگر.
[5] ارتڪاب = ڪم جو پورائو.

(9)

نہ ڏينهن ڏٺو نہ رات ڇٽي - نہ شمسُ قمرُ شُهابُ عَجَبُ،
نہ سَرد گرم نہ ريت مِٽي - نہ جاڳ رَهِي نہ خوابُ عَجَبُ.

اُهو تہ عجِيبُ ديسُ ڏِٺُم - ڳهُمي بہَ لَقا لَبيس ڏِٺم،
نہ ريسُ[1] اُتي نہ سيسُ[2] اتي - نَوابُ نہ کو جَنابُ عَجَبُ.

نہ جوڙُ اِهو نہ جسمُ اِهو - نہ قَدُ اِهو نہ قِسمُ اِهو،
نہ عين اهو نہ اِسمُ اهُو - نقابُ نہ کو حِجابُ عَجَبُ.

نہ بارُ ٻِيو نہ جوانُ جَڏو - ڪَمال اِهو تہ کو نہ وڏو،
نہ ويرُ ڏٺم نہ قيرُ ڦَڏو - حِسابُ نہ کو ڪِتابُ عَجَبُ.

اَچِي نہ وَڃي، وَري نہ وري - مَري نہ جَمِي، جمي نہ مَري،
ڏئي بہ تہ کو خَيالُ ڪري - سوال سِٽي جواَب عَجَبُ!

نہ بيگُ نہ ڪي حقير اتي - غريب گدا امير اتي،
"غُلامُ عَلي" فَقير اُتي - نہ ڏوهہ نہ کو ثواب عَجَبُ.

(انجنيري بنگلو عرضي پٽو- اربع- 10 آڪٽوبر 1943ع)

---

[6] لقاءُ= نظارو، ديدار.

[1] ريس = رئيس، امير.

[2] سيس = گهوڙن پالڻ وارو.

(10)

ڏي پري ساقي پيالو- جيئن چڙهي خُمار خُوب،
خوف ناڪر آهہ موليٰ- پاڪ غفار الذُنوب[1].

پُر ٿيان هڪڙي پيالي سان وڃي سڀ عقل هوشُ،
هَر طرف ڪَعبو ٿئي توڙي هُجي مَشرق جُنوب،

خَلق جي خنده خُواريءَ[2] ڪان نہ ڪر هاڻي حَذرُ[3].
سُڻ سَچو مالِڪ سڀاجهو آهہ ستار العيُوب[4].

هيءَ رنگين رنگ سُرخ سُرڪِي بينظير و بيمثال،
رَدِ ڪري ظُلماتِ ڪي- ٿئي عِشقُ أعلام الغيوب[5].

مِهَرَ مان "مَسرُورَ" ڪي تون ڏي پَري ٻَهر- خُدا،
مِثلِ شِيشي صاف ٿئي هِي سَندمُ ڪارَو قُلوب.

---

[1] غفار الذنوب = گناهہ بخشڻ وارو.
[2] خلق جي خنده خواري = خلق جو کلڻ ۽ بدنام ڪرڻ.
[3] حذر = پاسو ڪرڻ، ڀڄڻ.
[4] ستار العيوب = عيب ڍڪڻ وارو.
[5] اعلام الغيوب = غيب جو ڄاڻيندڙ.

(11)

مُون ٻَري موتِين سَندِي چوهہَ مان اُڇلائِي ڇاپَ[1]،
ميڙِ تن مان حاجَ سارو، ٻَرِ ڪِٽي گودو[2] ۽ ٿاپ[3].

جُهڏ[4] ڪَر ڏِسُ گوءِ غازي[5] تا وڃَن توڪون ڪنيون،
ٿون تڪَلَ ڪائِين ٻلا ڇاڪون ٿُڏَن جان تيڙَ ٽاپ.

ٻَتِ ٻني اکيون اندر جُون هوش رکُ همّت نہ هار،
لَعلُ نا لِڌِيم لِڪي سوڙي هجي دسَ[6] ريتِ[7] ڏاپ[8]

مَهَلَ تِي هيءَ مَردَ ڏِسُ، جو هو وڃن ميڙيو مدي
پوءِ ڪَندين ٿُون چَپَ ڪَڏِي- مُنهن چَبي چَپ جپ جاپ،

حَسرتا "مسرور" جِي مُنڍيءَ متان غازِي اچي،
سِرُ ڪندا صدقي جتي، تون اُتِ ڪَندين ڇا گهور گهاپ.
(ٺاهر بنگلو- 27 نومبر 1920ع)

---

[1] ڇاپ = وڏي پنڊي، ڍِڪي (ڪٽڪ جي تيلين مان ٺاهيءَ جي نموني ٺهيل ٺوڪري)
[2] گودو = ڪيسو، ڳيدو.
[3] ٿاپ = ڳوڻ جو ٺهيل ٻورو.
[4] جُهڏُ = جتن، جاکوڙ.
[5] غازي = جنگ ڪٽي ايندڙ سورمو.
[6] ٻس = ٻسڙ.
[7] ريت = واري.
[8] ڏاپ = ڏَرَ، مِٽي، ڌُوڙ.

(12)

وَرَ وَڪڙ وارن سجڻ جي ۾ ڦٽي تي يار ڦبُ،
پر جيئن ٻٽجي ڪَنگي[1]، تنهن ريت سان زهدار[2] ڦبُ.

اڻ گهڙي ڪاٽي ڪنهين جي ڪين ڪڏهين ڪم اچي،
پاڻُ چيرائي چڱي پَرِ هوش سان هوشيار ڦبُ.

ڏس تہ ڪيڏو قرب تي ڪَنگي قريبن جو لهي،
گالهہ سا دل ۾ گٽي، عاشق انهيءَ اسرار ڦبُ.

سَهج مان سهٽو جڏهن سينگار لءِ ساعت ڏئي،
زلف لٽڪيل ساڻ لڳندي بَرزخ[3] گلزار ڦبُ.

جي مزو "مسرور" تون منصور[4] جو ماڻڻ گهرين،
تان سٽي سانگا سيئي سر ڏئي بردار ڦبُ.

27-نومبر 1920ع

---

[1] ڪنگي = ڦڻي.

[2] زهدار = زاهد، متقي.

[3] برزخ = ٻن جاين جي وچ ۾ پردو، موت بعد قيامت تائين رهڻ وارو عرصو.

[4] منصور = حسين بن منصور حلاج (244 کان 309 هجري) شهر بيضا جي اتر ۾ قريو طور ۾ ڄائو، اناالحق چوڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيس سوليءَ چاڙهيو ويو، سندس هٿ پير ڪاٽيا ويا، مڙهہ کي ساڙيو ويو ۽ سندس مٽيءَ کي دجلہ ۾ وهايو ويو.

(13)

لا دَوا هِي دَردُ فُرقت جنهن جو آ دارُون[1] نہ دَپُ[2]،
تئي ڦڪيُن مان ڪِينَ فرحت آ دوا بيسُود سَپُ.

وصل جو شربت ٻيو هِي قُرص[3] تسڪين دلرُبا،
اهڙو نُسخو چئو طَبِيباً سو اوهان وَٽِ آ اَلَپُ[4].

اَلَعَطش[5] آوازُ آمد يارَ جي خاطر خيال،
ڪينَ تو ٻوڙا ٻُڌِين ڳُڙ ڳُڙ ڪَري جيڪا گربُ[6].

سُورَ منهنجي جا ميان نالا نِرالا تون ڪِٿي،
چو ڏڪائِين تو پيو ڏاها ڏيئِي ڏهڪاڙ ڏنبُ[7].

سوزَ ساڙي ۾ سَندم "مَسرُورَ" سينو ويو سَڙي،
جيئَن سُڪايل آ ڳِني[8] جو واءُ ڪاَن ڳِردار ڳِبُ[9].

---

[1] دارون = دوا، علاج

[2] دپ = اکين جي دوا، سُتي (دارون نہ دپ = جنهن تي ڪا بہ سُتي ڦڪي اثر نہ ڪري، جنهن جو ڪوبہ علاج نہ هجي)

[3] قرص = گوري (دوا)

[4] اَلپُ = اڻ لڀ.

[5] العَطش = اُڃ.

[6] گرب = پيٽ.

[7] ڏنبُ = ڏنپ.

[8] ڳني = ڳنو، ڪمند.

[9] ڳبُ = ڳرُ (ڪمند جو ڳر).

(14)

بخش مون بيدل[1] سخي تون عشق جو آزار سيپ،
پرت مان پهراءِ پڻ صوفين سندو سينگار سيپ.

راز رس جو جام ڪو هادي هٿن سان مون ڏيو،
ديد باطن جي ڪلي، جيئن ٿي عيان اسرار سيپ.

حال ڏاڳو[2] موج مٽيا، قرب ڪفني[3] مهر مان،
ڪر عطا نالي خدا، جوڳين سندو جنسار سيپ.

درد ڏوڙو سوز ساڙو روڄ راڙو روز شب،
سر مٿان منهنجي رکو هي برهه وارو بار سيپ

مهر ڪر **"مسرور"** تي نالي مٺي محبوب جي،
ساهه سر تنهنجي مٿان صدقو ڪيان گهر ٻار سيپ.

---

[1] بيدل = سنڌ جو وڏو عالم درويش ۽ شاعر، فقير قادر بخش "بيدل" رحمت الله عليہ، (1230 کان 1289 هجري). سندس درگاهه روهڙي ۾ آهي.
[2] حال ڏاڳو = فقيراڻو ويس (ڪفني، گودڙي، رلهي، ڪشتو، لٺ ۽ لوٽو وغيره).
[3] ڪفني = يڪي ڪپڙي مان سبيل چولو، جبو، جامو.

(15)

بخش مون بيدل سخي عشق جو آزار سپ،
پرت مان ٻهراءِ مون صوفين سندو سينگار سپ.

ڏي پيالي کي ٻري هادي هٿن ساڻ پنهنجي،
تان ڏسان مخفي اهو عين اليقين[1] اسرار سپ.

غيرُ جئن اندر مان منهنجي ڪورجي ٻاهر وڃي،
جانِ تي جَرَجي وڃي، جوڳين سندو جنسار سپ.

عرضَ منهنجي کي اگهائي، ڏيو لقا پنهنجي حضور،
سر سندا ڏي قرب وارا، برهه وارو بار سپ.

تنهنجي در تي آ صدا، "**مسرور**" پينو ۽ ڪدا،
بادشاها، ڪر نظر تان هي ڇُٽي جنجار[2] سپ.

---

[1] عين اليقين = ڏٺل، شاهدين سان حاصل ڪيل ڄاڻ، اکين سان ڏسي يقين ڪرڻ.
[2] جنجار = جنجال، تڪليف، مصيبت.

(16)

اِمدادِي اَڄ اچڻ جي پُورَل پَلائِي[1] راتِ،
اونداهِ مان تِي مَنجي، سُهڻِي سُهائِي[2] راتِ.

بيشڪ بَرات[3] ڪان پِي سَرتيون سَوائِي[4] راتِ،
هَر جاءِ جَلوي يارَ ڪان تِي روشنائِي راتِ.

مُشڪل جي ڪَئي پرِيَن حاجَتَ روائي[5] راتِ.
مُنهنجي رَنجِيده[6] رُوح کي راحَتَ رَسائِي راتِ.

دُکَ سُورَ سَڀُ لهي ويا ٿِيَڙِي سَرهائي[7] راتِ،
دِل ساهَ کي سرس هيءَ سَرتيون سيبائِي[8] راتِ.

"مَسرُور" چئہ مزي جي کهڙِي نہ آئِي راتِ،
اهڙِي هوندم سَڳورِي شالا سَدائِي راتِ.

---

[1] پلائي = مهرباني
[2] سُهائي = چانڊوڪي، روشنائي.
[3] برات = شب برات.
[4] سوائي = وڌيڪ، واڌاري، اُتم.
[5] حاجت روائي = مشڪل ڪشائي، مطلب جي تڪميل.
[6] رنجيده = ڏکويل
[7] سرهائي = خوشي.
[8] سيبائڻ (مصدر) = وڻڻ، پسند اچڻ.

(17)

جلوو تنهنجو اچي ٿو - جاني نظر ۾ جِتِ ڪِتِ،
هَر شاخَ گُل ۾ شايَعَ[1] - بَرگُ[2] و شَجَر ۾ جِتِ ڪِتِ.

ڪَعبو و بُت خانا چا - مَسجد ولي ميخانا چا،
تون جا بَجاءِ جَلوو نُما - ديرو[3] مَندَر ۾ جِتِ ڪِتِ.

ڪولي ڏنم دل جي دري - وَحشِي طَيُور[4] وَه وَري،
غِلمان[5] چا حُور و پَري - جِنُ و بَشر ۾ جِتِ ڪِتِ.

پيهي ڪَيَمُ پَسارو - وَستِي شَهَرَ جو سارو،
نورِي[6] تنهنجو نظارو - آ بَحر و بَرَ ۾ جِتِ ڪِتِ.

چا رَنگَ مان ڳايان ڳڻين - واه وا مڻا مون ڪي وڻين،
هَر رنگُ تون رَعنا[7] بڻين - لالُ و گُهر ۾ جِتِ ڪِتِ

جاڏي پيو واجهايان - نازڪ تنين نسين،
تارَنِ سَپِن ۾ تابان[8] - شمسُ و قمر ۾ جِتِ ڪِتِ.

"مسرورَ" چاڙهُ چاتو - توڪي صَحِيح سُڃاتو،
پَهريون جڏهن تہ پاتو - پَنهنجي اَندَر ۾ جِتِ ڪِتِ.

---

[1] شايع = پڌرو، ظاهر.
[2] برگ = پن.
[3] دير = بتخانو.
[4] طيور= پکي.
[5] غلمان = بهشت جا حسين ڇوڪرا.
[6] نوري = نور وارو.
[7] رعنا = گل جو قسم، خوشنما.
[8] تابان = روشن، چمڪندڙ.

(18)

ڪيڏُ نوٽڻ[1]، راند نيهي گڏُ سگهو ڪيڏارَ ٿُٺُ،
مَئن سَندِي هِڪَ ڳوٺ ماري آءٌ وَرِي ٻيهار ٿُٺُ.

آڏ ۾ هِڪڙِي اَچا روڪي پَئي تِي راندِ ڪي،
سا تہ ٿُون ڪائِي خُودِيءَ جي بيخودِيءَ مان يارَ ٿُٺُ.

مار هي مُوذِي ڏُوئِيءَ جو وَسُ ڪَري هاٿي وَڏو،
رڪُ اڳِين ٿُون راندِ ڪي، پاسي ٻئي ڪان ڏارَ ٿُٺُ.

هن طرح ٽڪرو ڏِلو ٿون واٽ ورتِيون هَلُ هَليو،
تي مڙني مڃُ[2] ڪاڻ تنهن جي، پوءِ پيو وِينجهارَ[3] ٿُٺُ.

موج ۾ مَستيءَ مَنجهان **"مَسرُور"** پوءِ مَنصُورَ[4] جان،
مَن خدائِيءَ[5] جو نِسَنگُ نعرو هَڻِي دِلدارَ ٿُٺُ.

---

[1] نوٽڻ = راند جو هڪ قسم جنهن ۾ نوَ ساريون استعمال ٿينديون آهن.

[2] مڃ = نوٽڻ راند ۾ جڏهن ٽي ساريون برابر ٿين. (مڃ ڪاڻ = ساري مارڻ)

[3] وينجهار = هيرن جواهرن جو ڪم ڪندڙ، ڏاهو.

[4] منصور = حسين بن منصور حلاج، شيراز جي ڳوٺ قريہ طور ۾ 224 هجري مطابق 857 عيسويءَ ۾ ڄائو، 24 ذيقعد 309 هجري مطابق 27 مارچ 922 عيسويءَ ۾.

[5] من خدائي = مان خدا آهيان (اهو نعرو جيڪو منصور هنيو ۽ جنهن تي سندس سر ڌڙ کان ڌار ڪيو ويو.)

(19)

آءٌ عاشِقَ آگ تي تون مَچُ ڏِسي نا ڪاءُ موٽ،
ڪيچَ[1] ڪَرِ ڪاري[2] چڙهي، پَر گهَرِ اِچي هِڪَ وارِ گهوٽ.

سيجَ سُولِيءَ تي چڙهي، لاڏا لَڪِي لانوان لَهجُ،
نُورَ جو مِنظر پَسي، ويندءِ لَهي دِل جا وَلهوُٽ[3].

جان ڪان بيجان تِي، تون سر ڏئي، بي سِرِ ٻٽِي،
ڏِس ظُهوُرو ذاتِ جو، ڪثرت سندس سڀ ڪيرِ ڪوٽ.

ڏَجَ وَڏِيءَ بي ڏڙڪ ڏِس اِسرارِ لءِ آڙاهَ ۾،
تا پَوَنِ ڪامِل ڪُڏِي، جَن ڪي لڳي چَشمَن جِي چوٽ.

پَءُ پَڌرِ نوڙي نَڳا[4]، هنَ سيرَ جُون صُبحُ و مَسا،
ماڻِ نِتَ "مَسرُور" موجان[5]، عامَ جِي رَکُ ڪِينَ اوٽ[6].

---

[1] ڪيچ = جشن.
[2] ڪاري = پيجري (بدن جو هڏائون پيجرو (ڪاري چڙهي = جسم جي وسوسي ڪان بالاتر)
[3] ولهوٽ = وڪڙ، چڪر
[4] نڳا = رسا، نوڙيون، ڀنٽڻ
[5] موجان = موجون، مزا
[6] اوٽ = بچاءُ (اوٽ رکڻ = پردو ڪرڻ، پرواهہ ڪرڻ).

(20)

جرّاتِ سان جهومَرُ گهڙائي پاءِ تون ڇڏِ هوڏ هَٺُ،
مالُ زَرِ سارو مَٽائي، هَسَ ڪَڙيُون ۽ هارَ وَٺُ.

تِين لَڄِي لاشڪ مُبادا، مَهَل اُنَ مَجلس جي ڏِينهُن[1]،
جيئَن جُڙي تو جيڏِيُون، اِينديُون ڪَري ڏِسُ ناهُ نَٺُ.

سمجهہ ڏَرِ دِل ۾ تہ جيڪا جو سُچي آ بي سمرُ،
سا نہ وِچِ سَرتيُنِ سُونهين، جنهن ڪي جو آ ڳَهٽو نہ ڳَٺُ.

سَمجهہ هاٽي تِي سياٽِي، ڏوڙ ڏڙ ڪي ڪِينَ لاءِ،
مُفتُ پيئِي تِي پَرِيَن بيسُودِ تون چالاءِ بَٺُ[2].

صاف ڪر دل جو سچو ٿِي غيرُ ڪوناريءَ[3] وجهي،
جِئَن تِئي سونو صَفا، چاندِي چِٽِي ۽ جِستُ مَٺُ[4].

مون چَئِي توکي چڳائي، مهل موچاريءَ مَتان،
ڏِس وري "مَسرُورَ" تون ڪُجهہ، ڏين ٻيَن کي ڏوَڙ[5] ڏَٺُ[6].

---

[1] مجلس جي ڏينهن = قيامت جي ڏينهن.
[2] بَٺُ = ڪورو.
[3] ڪوناري = ڪُٻي (جنهن ۾ سون چاندي پگهارجي).
[4] مَٺُ = قيٽ (ٻن ڌاتن جو ميلاپ).
[5] ڏوڙ = دانهون
[6] ڏَٺُ = لقاءُ. (ٻين کي متيون ڏيڻ يا ٻين کي دانهون ڏيڻ).

(21)

زورُ دَمَ ڏاران زُغا مارَڻُ[1] اَدا آهي عَبَثُ[2]،
فَقر[3] جو فَرَ[4] رِيءَ فَنا پائِڻُ[5] ادا آهي عَبَثُ.

ڏک پُنيان سک تو ملي، هِي خود خدا جو حکم[6] آ،
رِيءَ جَفا[7] موجَون مزا ماڻڻ ادا آهي عَبَثُ.

بيخوديءَ ۾ بي فَنائِي حالَ رِيءَ حِلاجَ جي،
گيت موج مَن خدا ڳائڻ اَدا آهي عَبَثُ.

مِيرَ مُرشِدَ جي مَدَد ري، ڪنهن بہ حِيلي سان مَگر،
سِرَ مٿان آيَلَ قَضا ٽارَڻُ ادا آهي عَبَثُ.

دم بہ دم "مَسرُورَ" دَمَ ڏاران اَلستِي اَمُرَ[8] تي،
قول[9] هي قالوابليٰ پاڙڻ ادا آهي عَبَثُ.

---

[1] زغا مارڻ = ڀٽاڪ هڻڻ (تيز، ڪمان ڪشڻ)
[2] عبث = اجايو، ڏکيو.
[3] فقر = فقيري، درويشي.
[4] فَرَ= زيب، زينت.
[5] فنا پائڻ = صوفي طريقي موجب مرڻ کان اڳ مري وڃڻ، فنا في الله جي منزل کان پوءِ بقا باالله جي منزل تي رسڻ.
[6] حڪم = فرمان (قرآن شريف جي سورة الم نشرح 94 جي آيت نمبر 4 ڏانهن اشارو اِنَّ مَعَ العُسرِ يُسرًا = اهنج سان گڏ سهنج آهي.)
[7] ريءَ جفا = جفاڪشيءَ کان سواءِ.
[8] الستي امر = ازل وارِي ڏينهن خدا تعاليٰ جو حڪم: الست بربکم= آءٌ اوهان جو رب ناهيان.
[9] قول = ازل واري ڏينهن ڪيل قول، قالوابليٰ = هائو.

(22)

هڪَ ڏاءُ[1] تنهنجي تو ڏڄان، ٻي ڪنهن جي ڏُرَ[2] جو ناهِ ڏَپُ[3]،
ڪَهڙو ٻہ جي ڪَرڙو هُجي، حاڪِم زَبَر[4] جو ناهِ ڏَپُ.

دل ۾ پيو دائم وَسين، سهڻا قسم تُنهنجو اَٿم،
ڪَنهن پُوتَ راڪَسَ ديوَ ۽ جِنُ و بَشر جو ناهِ ڏَپُ.

هي ساهُ آ تو وٽ سڄڻ، هِنَ جِسمَ خاڪيءَ ڪي وري،
اُونداهہ سوڙهي قَبَرَ جي ڪنهن پِي خَطَرَ جو ناهِ ڏَپُ.

چاهي ڏئين جنت بَرين مُون يا ڪِ دوزَخَ ۾ ڏرين،
هڪ تون هجين آڏو اکين[5]، سَختي سَقَرَ[6] جو ناهِ ڏَپُ.

هن حال ڪان هڪوار چا، سَؤ وارَ مَرُ منصورَ جان،
"مَسرُور" پَلُ مارِن مُون ڪي، ڪَنهِن دادگَرَ[7] جو ناهِ ڏَپُ.

---

[1] ڏاءُ = هيبت ڪان، ڌڪاءُ ڪان.
[2] ڏُر = هراس، خطري.
[3] ڏپ = خوف، انديشو، (ڏاءُ- ڏُر- ڏپ، خطر هڪ ئي معنا وارا لفظ آهن)
[4] زبر = زبردست.
[5] اکين = اکين جي.
[6] سقر = دوزخ، باهہ.
[7] دادگر = داد ڪرڻ وارو، منصف.

(23)

اي طبيبا ڇا ڪندين مُون درد ماريءَ جو علاج،
ناهِ بَس سُهڻل سوا ڪو آهہَ زاريءَ جو علاج.
هِي سَندءِ اَڪِسير سُرمون ڪِين ڪجهہ ڪندو مگر،
اُوچتي آمد عَجِيبَن اَشڪباريءَ جو علاج.
ڪجهہ خميرَه[1] مان نہ ٿِيندو خير جو مون کي قرار،
بُڌ فَقط خط يارَ جو، آهِ اِنتظارِيءَ جو علاج.
مُفت[2] واري وَرَق[3] تون نُسخا پڙهِين نادانَ تو،
ڏِسُ ڪِٿي ڪو دَرج آ ڇا وِرهہَ واريءَ جو علاج.
مُور ڪنهن مَعجُونَ[4] ڪائڻ سان نہ ٿيندي مون شفا،
قُرص[5] تَسڪِين تنهن سندو آ مُونجَهہ مارِيءَ جو علاج.
عَرَقُ مُشڪ[6] و عَرق عَشبہ[7] آ اَجايو اَنجِبار[8]،
دِيدَ جو دارُون ولي آ بيقراريءَ جو علاج.
عَشقَ جي ناسور کي، "مَسرُور" ڇا مرهم ڪندي،
وصل جو بُرڪو[9] مگر آ، زخم ڪارِيءَ جو علاج.

---

[1] خميره = دوا جو قسم.
[2] مفت = اجايو.
[3] واري ورق = ورق ورائڻ، پنا اٿلائڻ.
[4] معجون = دوا جو قسم.
[5] قرص تسڪين = سڪون ڏيندڙ گوري.
[6] عرق مشڪ = شربت جو نالو.
[7] عرق عشبہ = شربت جو نالو.
[8] انجبار = دوائن جا قسم.
[9] بُرڪو = سفوف، پائوڊر، پورو.

(24)

بحَمدلله[1] بَهارِيءَ کان وري گلشن بَهاريو اڄُ،
سَندُم مَنُ مَغزَ متئي جِي تہ خُوشبوءِ کان خُماريو[2] اڄُ.

بَهاريءَ جي سبب بلڪل بہ بلبل اڄُ اَڏِي بيخود،
ڪري گُل گُل مٿان گهُمرا[3]، ڪِلِي تي خُوش ڪِيڪاريو اڄُ.

عجائِب اُن بهاريءَ جي، سويرو صبح جي ويلي،
خزان کان حال خَستہ هِيءُ، هينئڙو هِيرَ ٺاريو اڄُ.

اچي آواز قُم قُم[4] جو، ڪري بلبل جڏهن قُلقُل[5]،
چِٽُن چيهَن جِي چَهہَ چَهہَ پِڻ، مُٺَلَ دِل کي جيئاريو اڄُ.

لڪين اَحسانَ مالهيءَ جا، مجان مان، جنهن وَٺِي محنت،
وڇائي فَرشُ فيروزِي[6]، چَمَن سُهڻو سِينگاريو اڄُ.

لَنئي تي لاتِ هِي پکيُن، بهار آمد لءِ گُلشن ۾،
ڏِنيورو عام مَجلسَ جو، پرين آهي ڏِياريو اڄُ.

اُبهرو ائين اَچي بلبل چيائين باغ ۾ سگهڙو،
ميان "مَسرُورَ" مُطرِب[7] لءِ توکي سهڻل سنياريَو اَڄُ.

---

[1] بحمدلله = الله جي تعريف سان.
[2] خُماريو = سرشار ٿيو، پُر ڪيف ٿيو.
[3] گهمرا = ڦيرا، دفعا.
[4] قُم قُم = اُٿ اُٿ.
[5] قُلقُل = بلبل جو ٻولڻ.
[6] فرش فيروزي = ساوڪ، سبزه، چَٻَرَ سان ڍڪيل.
[7] مطرب لءِ = ڳائڻ لاءِ.

(25)

اي دل ٻڌو ڪي اڄ ڏٺو يا ٿيو امڪان منجهه،
سو صحيح موجود آهي سير سڀ انسان منجهه.

خاص ساري خلق مان، اشرف ٿيو آدم صفي[1]،
هن طرح آيت لٿي، شاهد برابر شان منجهه.

ويس پهرڻ ڪان اڳي ئي، سڀ پرين پُرجهيل[2] پڪو،
آهي ماهر رازدارن، هر علم جي عنوان منجهه.

ٿي ويا اوڪا عيان سڀ، اسم آدم جي مٿان،
هي ثبوتي آ صحيح قائم لکيل قرآن منجهه.

رازُ من روحي سندو **"مسرور"** هي تون سمجهه سُر،
سِر اهو ساڳيو ٿئين جهاتي وجهي ڏس جان منجهه.

---

[1] صفي = پاڪ، پوتر.

[2] پرجهيل = سمجهايل، پڙهايل، هڪ قلمي نسخي ۾ هي سٽون هن ريت لکيل آهن:

ولقد ڪرمنا بني آدم صفي الله ٿيو،
علم الانسان مالم يعلم يقيني ساڻ سڻ.
وعلم الاسماء ڪلها، قادر چيو.

(26)

ويسلو[1] تِي ويهُ نا - پنهنجو سُڃاڻج پاڻُ ڪجهہ،
هِي اُتي مُلمون[2] مِٽيءَ جو - سَمجهُ[3]، جو تِي ساڻُ ڪجهہ.

ڇا هُئين ۽ ڇا تِي آئين - ڪير آن، ڪاڏنهن اُچين.
جاچَ هي جهاتِي وِجهي - جِيلو[4] ڪري تون هاڻِ ڪجهہ.

ڏِس پَروڙي پاڻُ ۾ - مَنَ عَرف[5] واري مامَ کي،
اَلاِنسان[6] سِرِه سِري اَنا - اُهڃاڻُ ڪجهہ.

ڇو وري سَجدو فرشتن - ڪيئن ڪيو ڪنهن کي ڀلا.
سِرُ اُهو آهين صحيح - ڄاڻج اُهو ئي ڄاڻ[7] ڪجهہ.

نَقل کي ڇڏ، ڪرُ نَظر تون - اَصلُ پنهنجي نَسل ڏي،
ڪيئن اَچي ڪوزي[8] سمايو - موجَ[9] جو مَهراڻُ ڪجهہ.

ڪيرُ ڳالهائي ڏِسي - "مَسرُورَ" تو ويهي اُتي،
اِسم[10] جي ڏِسُ اوٽ ۾ - داهي مِٽيءَ جو ماڻُ[11] ڪجهہ.

(ڇنڇر 4 نومبر 1921ع)

---

[1] ويسلو = ويسارو، غافل.
[2] ملمون = بناوٽي، ظاهري ڏيکاءُ (ڳهہ تي چڙهيل سونو پاڻي).
[3] سمجهہ = (امر) غور ڪر.
[4] جيلو = ڪوشش.
[5] من عرف واري مامر = راز، جنهن پنهنجي نفس کي ڏٺو، تنهن پنهنجي رب کي ڏٺو (حديث: من عرف نفسہ فقد عرف ربہ)
[6] الانسان سره سري انا = انسان منهنجو راز آهي مان ان جو راز آهيان.
[7] ڄاڻ = علم، سمجهہ.
[8] ڪوزو = لوٽو، ٿپو.
[9] موج جو مهراڻ = موج ۾ وهندڙ درياءُ.
[10] اسم = نالو.
[11] ماڻ = ايمان، تند، هٺ.

(27)

دل شهر عَجب جو سيرُ ڪري، سَڀَ ساڻُ ملي همنام تِي وجِ،
محلات گگن ۾ پيرُ ٿري، هِڪَ گامَ وڌي گُمنام تِي وَجُ.

هِي سير عجائب آهه بَلي، جو عيش اِتي سو ڪو نه مِلي،
نت قرب سندو تو ڪاٿ هَلي، هِنَ ڪاٿَ هَٿئون قُتلام تِي وَجُ.

هت آهه ته تنهنجو نانءُ نه ڪو، جاچَ ڪري جَڳُ عام ٿڪو،
هي ڏّس ته پيو تي هانءَ ٻڪو، ويساهه[1] ڪري وريام[2] تي وَجُ

تو غيب جي اندر غيب رهي، لا ريءَ نه ڪي لاريب رهي،
جتي عيب نه ڪوئي زيب رهي، نيهِي تون اُتي نِشڪام تي وجُ.

هَتِ لا[4] جِي تِکِي ٿلوارَ ڪري، **مَسرُور** سِرِي ڏَڙُ ڏارَ ڏري،
لا- لا جِي سَدا للڪاري ڪري، سَتَ پَتَ[5] ۾ رهي سَتنام[6] تي وجِ.

---

[1] ويساهُ = يقين.
[2] وريام = بهادر.
[3] نشڪام = بي خواهش.
[4] لا = نفي.
[5] ست پت = سچ پچ.
[6] ستنام = ستن وصفن وارو، حيات، علم، ارادو، سمع، بصر، ڪليم ۽ قدرت رکندڙ.

(28)

در ٿُنهنجي آيُس متا، پائي پَلَوَ ۾ ڪُوڙُ ڪَچُ،
ٺنگَ پَرَوَرَ هِڪَ نَظَرَ سان تون ڪندين سو صاف سَچُ.

ڪر سگهو سعيو صنم، پارَسُ لڳايو لوهہ کي،
دانَ لءِ دَرِ دَرِ رُلِي، هاڻي ٿيو هان يارَ هَچُ[1].

تون اُجهائين وصل واري آبَ سان اُن کي اَچي،
جو محبت جو مَتو آ، دل اَندر دلدار مَچُ.

هاءِ هي حِيلا ڪيان ٿو، پر وڃي لالڻ لُٽو،
مان پِتَلَ پنهنجي مٿان لايان پيو جو روز رڃُ[2].

در تنهنجي "**مسرورَ**" ناقص. دائما لِيلائي ٿو،
تون پلا ڪج پالُ ڪو، مون ۾ اٿيني عيب ڳَچُ.

[1] هَچُ = لُڪُي (مصدر: لُڪجڻ) لڪجي،
[2] رَڃ = ملمون (خاص طور ڳهہ تي چڙهيل سونو پاڻي)

(29)

نَڪِي چُلُ چِپَرَ ۾، نہ بيا پنڌ پُڄُ،
وجي وَرُ وِندُرَ ۾، نہ بيا پنڌ پُڄُ.

جَنهِين لاءِ ڏُونديين ڪِ ڳُولهين پيو،
اَتِي سو اَندَرَ ۾، نہ بيا پنڌ پُڄُ.

سَيو سير تنهنجي آ سِيني سَمايو،
گهِڙِي ڏِسجُ گهَر ۾، نہ بيا پنڌ پُڄُ.

ڇَڏي زُهد تقويٰ، مَگن رَهُ مدامي،
اِلاهو[1] اَڪرَ ۾، نہ بيا پنڌ پُڄُ.

گهِڙِي پاڻَ ۾ پَسُ وَري ماڳُ مَسجد.
مڙهيءَ يا مَندَرَ ۾، نہ بيا پنڌ پُڄُ.

پنهون پاڻَ آهين، چو سَسُئِي سَڏائي،
بُجيءَ مَٿل بَرَ ۾، نہ بيا پنڌ پُڄُ.

سَٽي سانگُ سرَ جو، تون "مَسرُور" مانجهي،
پَئِي ڏِسُ پَڌَرَ ۾، نہ بيا پنڌ پُڄُ.

---

[1] اِلاهو = اُن ڪان سواءِ پيو ناهي (فقط اُهو آهي).

(30)

سگهجي نه تو مُڪائي[1] - ويچارُ ڪنهن طرح
غايَت[2] نه تو رَڪائي - اُپٽار ڪنهن طرح

دل تِي گهُري ڏُلارو - پَرچي اَچي پيارو
دَم دم پيو پَسائي - دِيدار ڪنهن طرح

هاٽي ٿه مان ڪيان ٿئن - اِنڪارَ جي عيوَض جئن
پاٽان لِکِي پُڄائي - اِقرار ڪنهن طرح

عُشاق آزمائي - سهٽل ٽَڏهن سَتائي
جيئن تي وجن وَرائي[3] - بيزار ڪنهن طرح

عاجز جهان ته تڏهن - جئن جو رَقيبُ ڪَڏهين
وڃ [illegible] نه شل [illegible] - تڪرار ڪنهن طرح

دانهون ڪري مان ٿڪجي - ڪوڪان ڪري نه ڪک تي
ٿِيندُس نه وَسِ پرائي - لاچار ڪنهن طرح

سِڪَ سوزَ سورَ وارو - دک درد پُورَ وارو
هرگز نه ڪو چُٽائي - بيمار ڪنهن طرح

جِيلا ڪيئي هلائي - پيجري ۾ مَنڊُ پائي
سَگهندو نه ڪو رَهائي - پَردارُ[4] ڪنهن طرح

---

(1) مُڪائي = ختم ڪري، پورو ڪري.
(2) غايت = انتها.
(3) ورائي = ڦيهر.

خوراڪ خون ڏاران - پُلجي بہ كنهن اُواران
ڪائڻ ٻيو نہ ڪائي - خُونخوارُ كنهن طرح

ريءُ خون عاشقن جي - هَر وار ڪجهہ هَٽَن كي
ميندِي نہ ٻي مَلائي - مَنتارُ كنهن طرح

شاعرَ كي شوق هڪڙو - تان ڪو سندس تہ ٽڪڙو
اَخبارَ ۾ ڇپائي - اَشعارُ كنهن طرح

ڄِت زور زَر جي بازِي - منٿ هلي نہ آزي،
اُت وِڪَ نہ تو وڌائي نادارُ[1] كنهن طرح

بي دست پا متانهون - مفلس [illegible]
پيرو نہ تو پلائي [illegible]

رانجهي جان هِيرَ اڳيان - آقا اَمِيرَ اڪيان
پَنهنجي نہ تو جَمائي - گمدارُ كنهن طرح

اِسلامَ جي اَگرَ مان - وَحدَتَ سَندِي وَگرَ مان
ڪَڏهِين نہ قُربُ پائي - اَغيارُ كنهن طرح

صُوفِي گهُري سدائِي - خاصو[2] اِهو خدائِي
سِيني سَجو سَمائي - اِسرارُ كنهن طرح

---

[4] پردار = پرن وارو.
[1] نادار = مفلس.
[2] خاصو = سٺو، سهڻو.

دِل سوزَ سِڪَ جو ساغَرُ - اُٿلي پَوَڻ ۾ آخِر،
دَمُ دير نا سَهائي - سَرشارُ ڪنهن طرح.

ڪَنجِي وَيل ۽ ڪارو - ڳَڳَرن[1] پَيل بہ سارو،
ڪَم ڪو نہ ڪو لڳائي - آوزارُ ڪنهن طرح.

ڏِبرو هجي سَگهارو - سانوَڻ هجي سِيارو،
ڪِرمي نہ ڪو ڳسائي - ڪو وارُ[2] ڪنهن طرح.

ٻَٽِئي[3] تيڻ پُڄاڻان - ليکي لَهَڻ پُڄاڻان،
اُن کي خدا مِلائي - هَرُ ڦارُ ڪنهن طرح.

اَڪُ اَنبُ ڪينَ ڏي ٿو - ناڙو[4] نہ نانگ ٿي ٿو،
اُنُ ڪينَ ڪِي اُپائي - جو ڪارُ[5] ڪنهن طرح.

ٿَڦ ماءُ جي مان ڪوري - ڪوٽي بہ تورَ تورَي،
مَٽَ[6] ريءَ نہ ڳِٽُ[7] ٻڻائي - سونارُ ڪنهن طرح.

چتگن کان خسيلو[٩] - ڪيڏو ڪري بہ حيلو،
بيوس نہ تو بچائي - لوهارُ ڪنهن طرح.

ٻي جي بَنائي بهتر - پَنهنجِيءَ کي پَرَ پَلستَرُ،
کَهَگِل[9] نہ تو ڪَرائي - مَعمَارُ[10] ڪنهن طرح.

---

(1) ڪڪرن پيل- گهاريون پيل.
(2) وارُ = ڏينهن.
(3) ٻٽئي= اناج جي ورهاست.
(4) ناڙو = نوڙي.
(5) ڪار = ڪلر.
(6) مَٽُ = ملاوٽ، قيت.
(7) ڳِٽ = ڳهڻُ ڳِٽو.
(8) چتيلو = چولو.
(9) ڪهگل= ليپو- مٽيءَ جو ليپو.
(10) معمار = اوستو.

نوڪَر بنا دغا ڪو - رشوَت ونڻ سوا ڪو،
هَرگز نہ تو هَلائي - گهُر بارُ ڪنهن طرح.

سَستو وِڻي رَڪڻ سان - ٻيٽو ٻَڌِي ڏِيڻ سان،
اڄ ڪَلهہ نہ تو ڪَٽائي - وَاپارُ ڪنهن طرح.

باجي سَتار وانگر - رين رين سوا ٻيو سُر،
سَرگَمُ نہ تو سُڻائي - چوتارُ[1] ڪنهن طرح.

سِڪَ جو سَمَرُ جَنهين ڪي - چاڙي خدا تَنهِين ڪي،
ڪَڏهين نہ تو لِڪائي - ڪوهِيارُ ڪنهن طرح.

اَهڙو تہ آهي رازِق - جهَڙُس نہ ڪوئي فائِقُ،
ڏِيئي نہ تو ڏُکائي - ڏاتارُ ڪنهن طرح.

”مَسرُورَ“ ذٽي تہ ساحبہ ڪُجھہ ٻِہ سواءِ حاضر،
روليءَ نہ ڇِي هِجائي[2] - بادار[3] ڪنهن طرح.

---

[1] چوتار = تانپورو، چئن تارن وارو ساز، جنهن مان سرگم جا ٻول نہ نڪرندا آهن.

[2] هجائي = تڪائي، تنگ ڪري.

[3] بادار = آقا.

(31)

مَئي ڪان نہ هَٿُ هَٽائي - مَئخوار ڪنهن طرح،
هِيءَ موجَ ڪِينَ پائي - ماٺارُ[1] ڪنهن طرح.

پَلي حال هن ڪان پاسي - مَئي نوشُ ڪينَ باسي،
درياءُ نہ جيئن مَٽائي - ڪُجھہ آرُ[2] ڪنهن طرح.

مَدهوش مَئي محبت - واصل شُده بہ وَحدَتَ،
ٿيندو نہ هَڏِ وَرائي - هوشِيارُ ڪنهن طرح.

جَرَ هئي لڳي جَنهين ڪي - چاٽي خدا ٿنهين ڪي،
هرگز نہ تو سيبائي - سنسار ڪنهن ڪي.

بَس جنهن تو نہ ڪِي جو - خاصي خيال هجَ جو،
ويسند[3] نہ ٿو وَڻائي - اوتار[4] ڪنهن طرح

مَقدورُ[5] ناهي ڪنهن جو - عشق- بُتان جو اَهنجو،
ڇا ڪو سگهي ڇڏائي - آزارُ ڪنهن طرح.

ماڻي مزو سَچوئِي - "مَسرُورُ" مرد سوئِي،
خوش ٿي ڪِلِي جو ڪائي - مُردارُ[6] ڪَنهن طرح.

---

[1] ماٺار = ٿڌو، ماٺو
[2] آر - لهر جي اٿل پٿل، درياهہ ۾ ڪن پيدا ڪندڙ وهڪرو.
[3] ويسند = وڻي، وانڊڪائي
[4] اوتار = فڪر، وهم
[5] مقدور = مقدر ۾ آيل

(32)

خاصا پيا پرتئون پَڌرِ - تنهنجو پَسِي دلدارَ رُخ،
خود کان ٿيا پڻ بيخَبر - تنهنجو پَسِي دِلدارَ رُخ.

خيمي[1] ڪَکَر جي ۾ اَچي - مُنهن سِرُ ٻئي ويڙهي پيا،
شرم کان شمس و قَمَر - تنهنجو پَسِي دِلدارَ رُخ.

خِلوَت[2] ۾ خوش خاطِر تنهنجي - بَخشِي خدا آ بيحِساب،
اُمَت[3] سَنديائي سَربَسَر - تنهنجو پَسِي دِلدارَ رُخ.

خالِق فقط هڪڙو ۽ ليڪن - خَلق جُملي انسُ و جِن[4]،
عَرشي[5] پيا عبرتَ[6] اندر - تنهنجو پسِي دِلدارَ رُخ.

خوش حال هَمدَم مَحويت ۾ - فَرض سُنت نَفَل[7] پڻ،
پَلجي ويو واجِب[8] وِترِ[9] - تنهنجو پَسِي دِلدارَ رُخ.

---

(6) مردار = ڪاوڙ (حرام)

(1) خيمي ڪکر جي ۾ = ڪکر جي خيمي ۾، بادلن جي اوٽ ۾.

(2) خلوت ۾ = ايڪانت ۾، علحدگيءَ ۾.

(3) اُمَت = نبي سڳوري جا پوئلڳ، مخلوق

(4) انس و جن = انسان ۽ جن (ظاهر نظر ايندڙ مخلوق ۽ غيبات)

(5) عرشي = عرش وارا، ملائڪ.

(6) عبرت اندر = حيرت ۾.

(7) فرض، سنت، نفل = نماز جون رڪعتون.

(8) واجب = نماز جون رڪعتون، جنهن جي انڪاريءَ کي منڪر ۽ ڇڏڻ واري کي فاسق شمار ڪيو ويندو آهي.

(9) وتر = رڪعتن جو نالو، جيڪڏهن رهجي وڃن ته ان جو قضا ڪري پڙهڻ واجب آهي.

خُلقي[1] عَجائِب خَلقَ[2] کان - خالِق سندءِ خوش[3] خوءِ عجب،
شيدا[4] تيو صاحِب[5] صَدَر - تنهنجو پَسِي دِلدارَ رُخ.

خاموش خَستہ حال[6] ۾ - "**مَسرُورُ**" آ مَجنونءَ جيان،
مخمور تيَڙُس مَستُ ٿر - تنهنجو پَسِي دِلدارَ رُخ.

---

(1) خلقي = جوڙي، بڻائي.
(2) خلق = مخلوق، انسان.
(3) خوش خوءِ = اخلاق.
(4) شيدا = عاشق.
(5) صاحب صدر = خود خدا پاڪ ذوالجلال.
(6) خستہ حال = پريشان حال، ڏکويل.

(33)

برهَ جو آ بارُ باري - ڪو اُٺائي جوان مَرد،
خَلقَ جِي خَندَه خَواري[1] - سرِ سَهائي[2] جوان مرد.

سَڀُ سَڌون[3] ۽ سانگ[4] لاهي - ڪو هزارن مان هِڪو،
عشق جي ايوان[5] اندر - پيرُ پائي جوان مرد.

سوزَ جي سُرڪِي پيئڻ لاءِ - سرُ اڏيءَ سَهنجئون ڌري،
ڪنڌَ ڀِي پنهنجو ڪُلهن ڪان - ڪو ڪَپائي جوان مرد.

آ چوڻ سنجهو مگر - اوکو رهڻ ان تي ٿيو،
نبنهن جو نازڪ تہ ڪو - ناتو نڀائي جوان مرد.

ٻيڙيون[6] ڪوئي ٻيائيءَ جون - ڀڃي منصور جان
جند پنهنجي قيد هستيءَ - کان ڇڏائي جوان مرد.

سَڌڙيَن جو هِت ٻيهڻ - "مَسرُور" آهہ بلڪل محال،
سَچ تہ سبحانيءَ سندو - ڪو گيت ڳائي جوان مرد.

---

[1] خنده خواري= ڦٽڪار.
[2] سر سهائي= برداشت ڪري، سر تي کڻي.
[3] سڌون= خواهشون.
[4] سانگ= لڳ لاڳاپا.
[5] ايون= پڙ، ميدان.
[6] ٻيڙيون ڀڃڻ= شرڪ جي شڪنجي کي ٽوڙڻ دوئيءَ جي قيد کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ.

(34)

دل اندر پيهِي ادا - تون گوشُ ڪَر ٻُڌ،
قُربَ سُڻ قصا، - ٻِي نا وري اخبار ٻُڌ.

ڪَنَ ڪرِين ڪاڏي اَچا - هيءُ تان حَقِي هُونگارَ ٻُڌ،
جي ويَءِ وِسِري وري - سي تان ڪَيَلَ اِقرارَ ٻُڌ.

مُرغ لاهُوتيءَ[1] سَندِي - لَنڪارَ[2] ۽ لَلڪارَ[3] ٻُڌ،
طَبَع ڪي جا تَر[4] ڪري - سا تالَ واري تارَ ٻُڌ.

هَر گهڙيءَ هَمدم رهي - هُو هُو[5] اِها هوشيارَ[6] ٻُڌ،
دَم دَما دَم، دَمَ سَندا ڪلياڻ[7] ۽ ڪوهيارَ[8] ٻُڌ

مُنهن وجهي "مَسرُور" مُونَن - اَمرُ ۽ اِنڪار[9] ٻُڌ،
هِنَ دروُنِي دَمَ سندي - درياهَ جا ڏڪار ٻُڌ.

---

[1] مرغ لاهوتي= روح.
[2] لنڪار= پڇڪار، ٻولي.
[3] للڪار= سڏ.
[4] تر= پري پُر ڪري.
[5] هو هو= ذڪر جو آواز، هونگار.
[6] هوشيار= سجاڳ، هوش ۾ رهندڙ.
[7] ڪلياڻ= شادمانا (هڪ راڳ جو نالو جيڪو رات جي وقت ڳائبو آهي).
[8] ڪوهيار ٻڌ= آنند جا آلاپ ٻڌ، ٻولڻ جا وصال ماڻ.
[9] امر ۽ انڪار= نفي ۽ اثبات، لا الله الا الله.

(35)

اَگرُ دُشمَنَ سَندو دِل تان - پڙهي لاحول واري ڇڏِ،
ڪِٽي تون هُو سَندي صيقل[1] - ادا اندرُ اُجاري ڇڏِ.

ٻئي دَشمَنَ ڪنان اَوَل - وڏو ويري جو آ بلڪل
اِهو مَنحُوس مَنُ چَئنچَل[2] - ڏنيل[3] ڏِر جو ڏِڪاري ڇڏِ.

ڇڏي تون لوڪَ جو لارو - وڃي ڳَر عَرشِ اوتار،
وُجودِي وَهمُ وِچَ وارو - ڪَري ڪَو وسُ وِساري ڇڏِ.

ڦُنَنَ ڪان ئي ڦري اڳِ ۾ - ڏکَن ڪان پڻ ڏري اڳِ ۾،
مماتيء ڪان مَرِي اڳِ ۾ - حَياتي دَمُ گذاري ڇڏِ.

ڪُريزون[4] ڪَٿرتي[5] ڪاٽي - وَرائي وَحدَتي وائي
پَڪي دِل جو ڏئي تاٽي - مَتي عَرشين اُڏاري ڇڏِ.

وري واري نہ ڪُجُ واتان - ڇڏي ٻولي ٻِئي تون مان،
وَٺي "مَسرُور" گَتِ[6] گُرَ[7] ڪان - مُئَلَ دِل کي جِياري ڇڏِ.

---

(1) صيقل= ريگ مال، واري پنو، ريتي، رواتي.
(2) چئنچل= چنچل، چلولو.
(3) ڏنيل= نيڪالي ڏنل.
(4) ڪريزون= مصيبتون، غلط طور طريقا.
(5) ڪٿرتي= گهٽائي.
(6) گت= رمز.
(7) گر= مرشد.

(36)

چيڳرو[1] تِي ڳالهہ چيڙي راھَ ويندَن ڪي نہ رَندِ[2]،
رازُ دِل جو رازَ مَحرَم ريءَ ڪنهين سان ڪين وَندِ[3].

حال هي سَچُ تو سندو، سانديِ نہ سگهندو ڪو ٻيو،
مُفت هِڪَ هڪ ساڻ ويهِي پيچِي[4] نامارِ پَندُ[5].

هَٿُ گهمائي ڪي وري تُنهنجو لَهَن ترياءُ[6] تا،
سُڻ، سچاٽين ڪين تو، جي لوڪَ جِي لاهِين جَهندِ[7].

هيءَ حقيقت حال جي جنهن ۾ نہ خَس[8] آهي خلاف،
هٿ رڪِي هيڪرَ تہ تون هِي هَيانوَ پنهنجي ساڻ هَندِ[9].

رَهُ سدائِي صَبُرَ ۾، "مَسرُوَر" يا گوشي رَهي،
جوشَ پنهنجي جا تون پنهنجي مَنَ متاهون چَوھَ چَندِ[10].

---

[1] چيڳرو- ڪيچلو، ترڙو، هلڪڙو.
[2] رند- رنڊاءِ.
[3] وند- ٻڏاءِ.
[4] پيچي- پاٿيوار، ساٿي.
[5] پند- غلطي (پند مارڻ- غلطي ڪري ويهڻ)
[6] ترياءُ- دل جو راز.
[7] جهند- پيدائشي وار. (جهند لاهڻ - متو ڪوڙي ڇڏڻ، پنهنجو ڪم ڪڍي وٺڻ)
[8] خس- ڪک، ڏاٿو.
[9] هند- هنڊاءِ، غور ڪرڻ.
[10] چوھ چند- ڪاوڙ ڏيکار، رعب ڪر.

(37)

ڳنڍِ[1] ڪا نالي ڏٺيءَ، ياري سچيءَ جي يارَ ٻَنڍِ[2]،
جيئن نہ ڇڪَ سان پِي ڇڄي جو، سو وري هِڪَوارِ ڳنڍِ.

تَوَ[3] طَلَبَ جي ساڻ تون، اُن کي ڪري سائين سڌو،
رازَ جو ريهو[4] ڏئي، توڙئون ٽُٽَلَ هِيءَ تار ڳنڍِ.

هِڪَ نَظر سان ننگَ پرَوَرَ، عشق جي اوٽِي[5] ڏئِي،
چاڪَ[6] هيءَ چولِي تيل، مُرشِدَ سَخِي سَردارَ ڳنڍِ[7].

شوق جو شِيشو ٿيو آ، شِڪَستو شور ڪان،
ڪا سَچِي سائين ٿنهِين کي لَنوَ لڳائي ڏارَ[8] ڳنڍِ.

مِهَر ڪَر "مَسرُوَر" تي نالي مِنِي مَحبُوبَ جي،
دَمَ[9] دَرُوني ساڻ پنهنجي، دَمُ سندُمِ دلدارَ ڳنڍِ.

١

---

[1] ڳنڍ= ٻُڌ، جوڙ.
[2] ڳنڍ= ڳانڍاپو، لاڳاپو.
[3] تو= گرمائش، گرمي، تپش.
[4] ريهو= ٽانڪو (ريهو ڏيڻ = ملائڻ، ڳنڍڻ)
[5] اوٽي= ڪپڙي کي اندرين پاسي وراڻي سبيل ڪناري بخيي جو هڪ نمونو (اوٽي ڏيڻ= سبڻ، ڳنڍڻ)
[6] چاڪ= ڦاٽل.
[7] ڳنڍ= سبي ڏي (چاڪ چولي ڳنڍڻ= عيب ڍڪڻ)
[8] لار (شيشو ڳنڍڻ لاءِ ان کي پگهارڻو پوندو آهي- شيشو جڏهن ڏار ڪري هلندو تہ اڳين جيڙي سان ملندو/ ڳنڍبو).
[9] دم دروني ساڻ= خفي ذڪر سان، باطني حواسن سان، سلطاني ذڪر سان.

(38)

لِکان تو رَتُ جِگر جي مان - قريبن ڏانهن هِي ڪاغذُ،
مُطالع ڪان سو مُحبَن جي، - مُشرف ٿِلَ ٿئي ڪاغذُ.

لِکِي سَڀُ درد دَستانو - ٻَڌِي ڳَنڍَ ۾ ڪبوتر کي،
روانو تو ڪريان روئِي - سَجَڻ جي پارَ ڏي ڪاغذُ.

اُڏر اي ڪَربلا قاصدَ - ڪبوتر پار پريَن جي،
پَلائِي ڪَر پلا سِگهڙو - نِماڻيءَ جو تہ ني ڪاغذُ.

ڪري سجدو نوائي سِرُ - اَدَبَ ۾ عاجزيءَ سان پُڻ،
رَکج آڏو عَجِيبَن جي - وَڏائي وِکَ اڳي ڪاغذُ.

خدا ڪارڻ ادا قاصِدَ - پُڄائج سو سُتَتِ مونکي،
وَرائيءَ ۾ وَري اُن جي - جَڏهن لالَڻُ لِکي ڪاغذُ.

مَري "مَسرُورَ" تو ماندو - مِلڻ جي لِءِ مِٺا جانِي،
زِبانِي عرض ڪج اِن پَرِ - پِرين جَڏهِين پڙهي ڪاغذُ.

(39)

جارَ[1] مان آڏيءَ أُتي تون- تَندُ ڪا طالِبَ تَنوار،
سَخت تِي اڳتئون ٻُجهي- سَرڪار عالِي سَمجَهہ ڌار.

خواب غفلتَ جي سبب ڪان- هِڪَ ڏهاڙي هَٿَ مَلي،
دَردَ مان دانهُون ڪري تون رَتُ رُئَندين زارُ و زار.

بَعدِ[2] مُردن چا پلا مَعلُوم توکي ڪِينَ آ!
قَبرَ ۾ مُدَتَ وڏي آهي سُمهَڻ رَيءَ ڪا نہ ڪار.

وَقت کي جاڻجُ غنيمت، هَٿِ نہ ايندو سو وري،
ڳالِهہ هيءَ سوچي سڄي تون ڪِينَ غفلت ۾ گذار.

ڪِينَ ڪَر واڪا وَڏا تُون ماٿِ ۾ ماڻجُ مَزو،
دَم بَدَم دَمَ ساڻ وينو اِسمُ اللهَ جو اُچار.

مانَ[3] ڪِي "مَسرُورَ" تنهنجا سابِ[4] پِي سَڏڙا پَوَن،
دَرَ مٿي داتا سندي پِرتئون پيو پَل پَل پُڪار.

---

[1] جار= فڪر، ڳڻتي.
[2] بعد مردن= مرڻ کانپوءِ.
[3] ماڻ= شال.
[4] ساب= قبول.

(40)

اي سَڄڻ اِنَ پَر سڪاين کي سَتائڻ جي نہ ڪَر،
دِل دِلاسَن سان ڦُرَي ڦيري[1] ڦٻائڻ جي نہ ڪر.

آءٌ اڳ ۾ ئي سَتايَلُ، سوزَ سڪَ جو، تُون وَري،
دَم بدَم دڙڪا ڏئي دِلبَرَ دٻائِڻ جي نہ ڪر.

اي منا ماڻين جواني- نِت هُجِين سَرهو سَدا،
حالُ مون هيٺو ڏِسِي تون مُنهُن مَٽائِڻ جي نہ ڪر.

هَڻُ مِنا هاٿي ڪٽِي منهنجي متان خنجر وَلي،
هيڪلو مُون کي ڏِسي- ساتِي[2] سَڏائِڻَ جي نہ ڪر.

ڍولڻا تون ڏَنگَ ڏارين هَر گهڙيءَ ۾ نِتُ نوان،
نِتُ نوان ڦِري وَڳا- ڀُورَلَ ڀُلائِڻَ جي نہ ڪر.

اي منا اڪ جِي اَٽِي هيجئون ڪٽِي تون دِل ڦُري،
چورُ ٻٽِڃي چورَ وارو ڪَمُ ڪَمائِڻَ جي نہ ڪر.

تو پيارَلَ دل پَلي آ- پَرَ نہ مون کان تِي پَلي،
پاڻُ تون هاٿِي پَلي- مون کي پِنائِڻَ جي نہ ڪر.

هيءَ منا منٿَ مَڃِي تُون مِلُ اَچِي "مَسرُورَ" سان،
هِنَ گهٽي گهاٽي محبت کي گهٽائِڻَ جي نہ ڪر.

(بفرمائش مِرزا جاني بيگ ٽندو نوڙهو)

---

[1] ڦيري= ورائي، وري.
[2] ساٿي سڏائڻ= حمائتي سڏائڻ، ٻچ ڪرائڻ.

(41)

يارَ سان ياري رکي اُن جي جَفا کان مُنهن نہ موڙ،
يَلُ ڪري پيو هُو جَفا پَر تون وَفا کان مُنهن نہ موڙ.

صَبر ڏاري سُورَ سَهُہ- سَڀُ جيئن سَنا صابِرَ حُسين رضہ عنہ،
پيرُ ڪَرَبلَ ۾ ڏري- ڪَربُ و بَلا کان مُنهن نہ موڙ.

ڪِينَ ڇَہُ جور و جَفا- دِل هِي عنايت عيشُ ڄاڻِ،
جو گهُرڻ رِيءَ تو مِلي- اهڙي عطا کان مُنهن نہ موڙ.

راضيو اُن جو گهُرين تان- جِيئن سندس رايو هُجي،
هِڪ رَهِي هَر حالَ ۾- اُن جي رَضا کان مُنهن نہ موڙ.

آزمائِش عشق جي ۾- تون ڪڏهن دِلگيرُ ٿِي،
سِرَ مٿان آئِي قَضا جي- آپدا کان مُنهن نہ موڙ.

دل خليل الله جان تنهنجو ٿئي تو خوش نصيب،
تُون مگر گهبرائجِي- رَنجُ و عَنا کان مُنهن نہ موڙ.

ڇا ٻيو "مَسرُورَ" گهرجي- موجَ اهڙيءَ کان مَٿي،
آ خدا تنهنجو وَ ليڪن- تون خدا کان مُنهن نہ موڙ.

(42)

سڀ چوَن سولو پيا، پر اُوکو آ حضرت مجاز[1]،
گهير هن گِهرندو ادا، سچ رندُ ڪوئي رمز باز.

پير پرجهي پاءِ تون ڪو، پوڳ ڪجھ نا پانءِ تون سو،
لنوَ لِڪي ڪا لاءِ تون جو، راند هيءَ ڪا ناهي رازُ.

چُست ٿي چاڙهي چڙهج، محڪم ڪَمر ٻَهڳڻ ٻڌج،
سور وارن کون سکج، هي تون سبق سوز و گداز.

راهہ تي رمزي گهٽي، ڪر عجز آزي اُٺ ڳٽي،
ڇا هُتي سگهندو هٽي، سچ ڪير ڪوئي دم دراز.

هن حد لامحدود ڪي، پاتو جنهن مقصود ڪي،
سا خبر محمود ڪي، ڄاڻي ٻيو شيدي اياز.

موت ڪان جو اڳ مري ٿو، هٿ تڏهن ان تي ڌري ٿو،
قرب پنهنجي سان ڪري ٿو، حسن حضرت سرفراز.

ڇا! هجي ڪو مرد غازي، تہ بہ ڪرائي عشق آزي،
سڀ سندو حضرت مجازي، عشق آهي ڪار ساز.

هوش حيلي جو اکر[2] ”**مسرور**“ مانجهي ڏوڙ ڌر،
هن حال جو نيهي[3] مگر، ڪجھ مول مطلب آهہ نياز.

---

[1] مجاز= تمثيل، فرضي، اترڌو.

[2] هوش حيلي جو اکر= مايوسي عقل سان ڪيل ڪوششن جي باوجود پيدا ٿيل مايوسي.

[3] نيهي= نينهن وارا، عاشق.

(44)

رهان تو سواءِ تنهنجي ساجَنَ اُداس،
ڏِسي حالُ هيٺو، هِي ڪَرِ ڪو قياس.

هٽِي هِجرَ سِينو ڪيو تارِ تارِ
نِهوڙي نِيو عِشق هوشُ و حواس.

سوا سِرَ ڏيڻ جي نہ حاصل ٿئي،
سَندءِ حسنِ گُل جو ولي واءُ واس.

اچي ڏيج دَرسَن، ڪنهين سانگَ ساڻ،
رکجُ ڪِينَ هَرگِز نظر ڪان نِراس.

ڇُٽِي هارُ سينگارُ وَيڙو سَوادُ،
هُئڻ ساڙُ سارو ڪيو نِينهن ناس.

ٿِئي سرَ تي سودو تہ حاضُر آ هاڻِ،
رهي هَيءَ نہ حَسرتَ لهي جيءَ جُڪاس.

ڪِٽي نيڻَ "**خوشدِل**" ڏي نرِتئون نِهار،
خلاصو اوهان جو آن دلدار داس.

(45)

هِتِ پَري پرَ ڪان تِيُس - هُتڙي تہ هَر آغوش هوسِ،
هِت سِڪان مَئي جي سِپيءَ لَءِ - هُتِ تہ نوشان نوش هوسِ.

هُتِ حبيبَن سان گَڏوگَڏ - ٻانهَن سيرانديِ ڏِيو،
راتِ ڏينهَان موجَ ۾ مان - مَست ۽ مَدهوشُ هوسِ.

هِت وهان ماٺارَ ۾ - مان گهٽ گهٽو ڪيئي حِصا،
هُتِ وَهندڙ وَحلَتِي - دَريا وَلي پُرجوش هوسِ.

آ عجب مون کي اِهو تان - هُتِ نہ تي پَيڙُمِ پَتو،
سَمجهَہ سِرَ جي هِتِ پَيَمِ - هُتڙي تہ مان بيهوش هوسِ.

ڪم اچي ڪو جو پيو - تان سيرَ جو سانگو ٿيو،
زورَ ڪنهن ظاهر ڪيو ورنہ اڪي رُوپوش هوس.

هي تہ آ "مسرورؔ" ڪهڙو - قُرب منهنجي جو ڪَمالُ،
ڏارَ دلبَر تي ڪيو جيئن - مان تيئين خاموش هوسِ.

(46)

ويسُ هي خاڪي ڪري - دَمَ وچون آدَمُ ٿِيُس،
پاڻَ ڪي شاڪِي[1] ڪري - دِل جو اڻ سالِمُ ٿِيُس.

بارَ(2) جنهن ڪان جو مَلَڪَ - ڀي ڀَڄي بيٺا پَري،
بوجهُ سو سِرَ تي وِجهي - جاهِلُ ۽ ظالِمُ ٿِيُس.

مَنع هوندي ڀي نہ ڪا - سُرت سُڌِ مون ڪي پَئي،
اَمُرَ[3] جي آڌو ڦِري - هِتِ اَچي نادِمُ(4) ٿِيُس.

هِي مَرَمُ[5] ماري پيو - مُنهن مَٽي ڪهڙو ڪريان،
پَتِ(6) وڃائي هاڻِ تان - پاڻ مان ليزَمُ[7] ٿِيُس.

قولُ(8) هُتِ آئس ڪري - هِتِ ڦِري اُن ڪان وِيُس،
هيٺِ ڦِٽَ جو اُن سبب - هاءِ هِي لازمُ ٿِيُس.

ڪونہ ڪو آهي ٻيو - جو پَڙهي پُرجهي تڏهن،
حالَ پنهنجي جِي خبر - پاڻ ڏي راقِم[9] ٿِيُس.

آ عجب "مَسرُورَ" تان - ڳالهہ هِن جو مون وڏو،
هُتِ هُيُس مَخدُوم(10) - هِتِ ڪيئن اَچي خادِمِ ٿِيُس.

[1] شاڪي = شڪ وارو.
(2) بار = امانت جو بار
[3] امر = حڪم (ڌڻي ڪائڻ جو)
(4) نادم = شرمسار
[5] مرم = شرم وارو ڳڻ
(6) پَت = يقين، اعتبار
[7] ليزم ٿيس = الزام سر تي ڪنيم
(8) قول = الستي قول
[9] راقم = لکندڙ.
(10) مخدوم = جنهن جي خدمت ڪجي، آقا.

(47)

مَنُ مُوهَن منهنجو مُنجهايو - عشق تنهنجي عَقل هوش،
جَنهن ڏئي جَذبا جَڳايو - آهِ جُنونِي دِل ۾ جوش.

عشق جا اَرباب ڏِسُ - تنهنجي مِلڻ لءِ راتِ ڏينهن،
تو قِران دَر دَر دِيوانو - شَهَر ۾ مان سِياهہ پوشُ[1].

هِجرَ ۽ هيهات ۾ - پڻ تاتِ ۽ فِڪرات ۾،
عيش ۽ آرامُ دِل جو - پُلجي وَيو ٿِم نانءُ نوشُ[2].

ڪر ملڻ جي ڪا مِنا نہ تہ - دِل هتن ڪان ٿِي وِجي،
جو مَچائي تو پيو هِي - دَردُ دِل، دِل ۾ خُروشُ[3].

سُورُ ڏُکُ "مَسرُورَ" جو - لالَڻَ وَجي هيڪَرَ لَهي،
قربَ مان جي ڪا گهڙِي - هيڪَرَ اَچي تين هم آغوشُ.

---

[1] سياهہ پوش = ڪارا ڪپڙا پائي.

[2] نانءُ نوش = ناموس.

[3] خروش = ممڻ، فساد، بکيڙو.

(48)

خدا ۽ منهنجي وچان ٿي آهي - وجود منهنجو حِجابُ خالِص،
وجي اُهو تان بچي نہ باقِي - ميانِ اُو مَن[1] نقابُ خالِص.

وجود پيي اَپَ[2] اُناءَ اُن جو - اُناءَ[3] مِثلِ حُبابُ[4] خالِص،
قِسي پوي جئن وري جو ڦوٽو - پيو سو پَسجي تہ آب خالِص.

ٿئي مُنوَرُ نُورَ هِڪَ ڪان - هي چنڊ سج ۽ شُهابُ خالِص،
وجودَ اندر وسي تو جيڪي - اهو ٿي نُورِ- جَنابُ خالِص.

جُزا[5] ۽ ڪُلِي[6] تہ ڪُل ٿي آهي - سو ڪُلُ آ جيئن ڪِتابُ خالِص،
پَني پَني تي عَجَب ڪَهاڻِي - عجيب هرهڪ آ بابُ خالِص.

ڏٺي تو "مَسرُورَ" شهہ درازي[7] - سَوالُ هِنَ جو جواب خالِص،
خدائِي[8] نالو ٿيو آ منهنجو - خدا تہ تڏهين خطاب خالِص.

---

[1] ميان- لو من= هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ (ميان= وچ ۾. لو= اهو ۽ من= مان) اُن ۽ مان جي وچ ۾.
[2] اپ اُناءَ = اپري اچڻ.
[3] اُناءَ = اپار.
[4] حباب = پاڻيءَ جو ڦوٽو.
[5] جُزا = حصا (ڪثرت).
[6] ڪلي = ڪل (وحدت).
[7] شهہ درازي = حضرت سچل سرمست عليه رحمة.
[8] خدائي = حضرت سرمست جو تخلص.

(49)

رَسُ[1] داد دِلبَرَ لڳ خدا - الفت سندو آهيان مرِيض،
هِنَ دَرد جي ڏي ڪا دوا - الفت سَندو آهيان مرِيض.

ڏُک سُور سودا زور ٿيو - هِن شوق کان شهَہ شور ٿيو،
مون کي ڪيو فُرقَتَ فنا - الفت سَندو آهيان مرِيض.

هِي حال هيڪر ڏِسُ اچي - جو من اندر تو مَچُ مَچي،
مون کي ڪيو فرقت فَنا - الفت سَندو آهيان مرِيض.

دَم دَم لُڇان لِيلائِيان - ٻَهڳڻ گهٽو باڏائِيان،
ڏي ڪو دلاسو دِلرُبا - الفت سَندو آهيان مرِيض.

ڏِس حاذقن[2] حيلا ڪيئي - سُهٽا ڪَيا سُتيون ڏيئي،
شاها نہ تن مان ٿِي شفا - الفت سَندو آهيان مرِيض.

"مَسرُور" جا سڏڙا سُڻِي - پَرچو پرين گهُونگهٽ کڻي،
دِلبر ڪيو درسن عطا - الفت سَندو آهيان مرِيض.

---

(1) رس = پهچ.

(2) حاذقن = (جمع) حاذق = تجربيڪار، علاج ڪندڙ.

(50)

بَر[1] ٻڌي، ٻي ڏيان تي، سَچُ - ڏَمُ ڏَمائِڻ آهه غلط،
قرب ذاتيءَ ريءَ ٻيو ڪل - ڪم ڪمائڻ آهه غلطِ.

هِن رَمزَ واري راهَه ۾ - سرُ خود پنهنجو سعيو ڪري،
سَتگُرَ سندي هَٺَ ڏس[2] سوا - وِڪڙي وڏائِڻ آهه غلط.

زورَ سان ڏَم ڏَم خيالي - طَبع جي رائي لڳي،
رِيءَ حِلاجي حالَ جي - اَنا[3] اَلائِڻُ آهه غلط.

گودڙي گيڙو مَٽيا ۽ - پوشَ پائِڻَ سان نه پر،
جڳت ڏاران جوڳ جي - جوڳِي سَڏائِڻ آهه غلط.

هن درد جي درياهه ۾ - طالِبَ ادا هتڙا هٽي،
اڇلائجي اول ۾ پوءِ - جِيلو هَلائِڻ آهه غلط.

هاڻِ تون "مَسرُورَ" مانجهي - بَس زبان کي بند ڪر،
ڳالهه هيءَ ڳجهه جي ڳرِي - ٻي کي ٻُڌائڻ آهه غلط.

---

[1] بر = آڪڙ، رعب.
[2] هٺ ڏس = هٺ ولي سمجهائڻ ۽ اکين سان ڏيکارڻ.
[3] أنا = مان (منصور جي اناالحق چوڻ ڏانهن اشارو).

(51)

عِشق حضرت نا رَکائي - سرَ سامان جو لِحاظ،
ديدَ ڏئي ڏرتيءَ ڏرائي - دِين اِيمان جو لِحاظ.

ڏِس مَجازي مرد ڪئن - لَحظي اَندر لوڙهي ڇڏيو،
صاحبِ شرع و طريقت - شيخ صُنعان جو لِحاظ.

بيقراريءَ جو جَنهِين تي - بارُ هي بارِي وجهي،
نا ٿئي مُطلق تِنهِين کي - مرد مَهمان جو لِحاظ.

وَهَ وَري حالِيت حِلاجي - سر جِنهِين بَخشي تہ سو،
غَش رهي ڪُجهہ نا ڪَري - تحرير نعمان جو لِحاظ.

ماٿِ ڪيو "مَسرُورَ" ڏِسُ - هِنَ عِشقَ حضرت جي عطا،
ٿو نوازي نا ڪري ڪو - نسب نِيشان جو لِحاظ.

(52)

جي تئين جوڳي تہ پوءِ - سينگارَ ڪان ڪر تون وداع،
هٿ ڪٽي ڏوڙِي ٻئي - سنسار ڪان ڪر تون وِداع.

رَهُہ اِها تون رَهتِ جا - آهي رَهي رِنڌَن چڱي،
رهج ڳُونگو گِيان ۾ - گفتار ڪان ڪر تون وِداع.

هِي اڪيون، ڪَنَ اي ادا - چَپَ بَند ڪج بلڪل پَلا،
ٻُڌ ڇڏي ٻوڙي جيان - اَخبارَ ڪان ڪر تون وِداع.

سُڻ هتي هِڪ سرُ صحيح - ٻولي اَندر ڀڄڻ جيڪو،
هن ساز ٻئي سُرَ سارنگيءَ - ستار ڪان ڪر تون وِداع.

ماٺِ ڪيو "مَسرُورَ" گوشي - پيو گهڙيون گهارج اِئين،
هن ساز دنيائِي دورَ جي - سڀ يار ڪان ڪر تُون وِداع.

(53)

دِلبرا دُوريءَ سَندو هي - دِل منهنجي تي آهہ داغ،
وج پياري پِرت مان ڪو - وصل جو، وارِثَ اَياغ[1].

هَرِ هَرِ جدائي ۾ منا - ساعت نہ تي منهنجي سَري[2]،
تو سوا ڄاڻي خدا - بَرُ تِي ڀانيان بُستانَ باغ.

تِي مران مانڊِي اَديون - مان منتظر ۽ بيقرار،
ڪالهہ جو قاصِد ويَلُ - هَرِ هَرِ اَچا موٽيو نہ زاغ[3].

ويو ويڙهي خُفقان[4] سودا - ڪين تو ٻيو ڪَرُ سُجهي،
هِن جدائيءَ جوشَ ڪان - آهي چَڪَرَ ۾ دِل دماغ.

ٿِيا سالَ "مَسرُورَ" ڪي هِيئن - ڏِينهن گهاريندي ڏُکيا،
روجَ ۾ لَڪَ رانڙيون ۽ - چُست پڻ ڪندي چَراغ[5].

---

[1] اياغ = شراب جو پيالو.
[2] سَري = گذري.
[3] زاغ = ڪانءُ، ڪانگ.
[4] خفقان = اضطراب.
[5] چراغ چست ڪرڻ = ڏيئو ٻاري رکڻ، ياد ۾ گذارڻ.

(54)

اَڄ ٿيو طبع تي تازو - هي حالُ مُنڪَشفُ،
ب ٻ ڪان ويس پُلجي - آڏو ٿيو اَلِفُ.

ڏي ڪو جواب جلدي - داناءَ دِل جهلي،
ڪيان پير ڏگها ڪاڏي - ڪعبو ٿيو هر طرف.

پَس پيش زير بالا - ڪٻي توڙي سَڄي،
جاڏي نظر نهاريان - هڪڙو ئي هِڪُ حَرفُ.

نا اِسم فعل اِن ۾ - نا جوڙُ جِنس جو،
حالِيَت نہ رهي پڻ ڪو - ضمير نا ظرف.

جان پاڻ کي پسان تہ بہ - ساڳيو اکر سڌو،
اِن الفَ، عناصِرَن کي - هِڪدَم ڪيو حَذَفُ.

هي حال آ حلاڄي - "مَسرُورَ" مَزي جهَڙو،
پَر وقت هِن کي آهي - هڪڙي گهڙي شرف.

(55)

هِيِ حال دل جو اي ادا - ٻاهر ٻين سان ڪِين ٻاڦِ[1]،
هِڪَ دِل ٻُڌي ٻيو دِلرُبا - ٻاهر ٻين سان ڪِين ٻاڦِ.

آهي اِئين مَشهُور تان - دِل جي اَندر ساندِيل سُخن،
جيڪي بہ آ دُر[2] بي بَها - ٻاهِر ٻِيَن سان ڪِين ٻاڦِ.

چو مِتيءَ سان ائين مَتائين - بي بَها ماڻِڪ يِلا،
سُڌ سَمجهہ ڏَرِ[3] خاطِر خدا - ٻاهِر ٻِيَن سان ڪِين ٻاڦِ.

جا ڳالهہ ڳُجهڙي ڳُجهہ سَندي - سُهڻي سَلِي[4] لوڪون لِڪي،
سا تون ڪري واڪا وَڏا - ٻاهِر ٻِيَن سان ڪِين ٻاڦِ.

جو دَم بَدَم دِل جي اَندَر - تو دُودُ[5] دردن جي دُکي،
سو سانڍِ سِيني ۾ سَدا - ٻاهِر ٻِيَن سان ڪِين ٻاڦِ.

سَڀُ سوزُ ساڙو دَردُ دوڙو[6] - صَبر سان سَهُہ سرَ متي،
هِيءَ عِشق جِي عاشِق عطا - ٻاهِر ٻِيَن سان ڪِين ٻاڦِ.

توکي اِها تڏهين پوي - هِنَ حالَ جي خاصِي خَبر،
تِي فِڪرَ ۾ فانِي فَنا - ٻاهِر ٻِيَن سان ڪِين ٻاڦِ.

هِيءَ ريت رِندَن جي رَهي - "مَسرُورَ" هَتِ ڪر حالَ ڪي،
نِتَ ماتِ ۾ ماٺَج مَزا - ٻاهِر ٻين سان ڪِين ٻاڦِ.

---

[1] ٻاڦ = ٻڌاءِ، ظاهر ڪر، سل.
[2] در = بي بها موتي.
[3] ڏر = ڏار.
[4] سلي = ٻڌائي.
[5] دود = دونهون.
[6] دوڙو = پيٽو.

(56)

كون[1] و مَكان جو مالِڪُ، آهي جناب عِشق،
فائِق[2] ۽ فيض گنجور[3]، فيضماب عِشق.

سِجَ چَنڊَ ڪان گھڻو ئي، سَرِسُ سو سَدا،
عالَم تي آهي روشن، آفتاب عِشق.

سائِي سدا سَچن سان، هر حال رنج و غم ۾،
گُمراهه جو آهي رَهبَر، ثاقِب شهاب[4] عِشق.

آهي هڪوئي هِڪڙو، ثانِي نہ سندس ٻيو ڪو،
مُشفِق[5] سَدا مهربان آ، مُعليٰ[6] القاب عِشق.

هادِي حَقيق حَق پڻ، هَر جاءِ حاضر ناظر،
ڪُلّ شيءِ تي آهي قادِر، ۽ ڪامياب عِشق.

هِي جَڳُ جهانُ جملي، "مَسرُورَ" اُن جي رَعيَت،
لاريب سَچ صحيح سو، آهي اَرباب[7] عِشق.

---

[1] ڪون و مڪان = دنيا جهان.
[2] فائق = فوقيت وارو، بلند، عمدو، مٿانهون.
[3] فيض گنجور = وڏو فائدو رسائڻ وارو.
[4] ثاقب شهاب = چمڪندڙ ۽ منور ستارو.
[5] مشفق = شفقت وارو، مهربان.
[6] معليٰ القاب = بلند ۽ برتر لقبن وارو.
[7] ارباب = ڏينهن جو مالڪ، رب تعاليٰ.

(57)

اَتي نَفس نَحس بُڇڙو، رولي ڪَڍي تو رِڪَ[1]،
دَلبو ڏئي دَسي تو، جاتي[2] ڏسي تو ڇڪَ[3].

پَرجَڻ جو آ نہ بلڪل، ٻُڪيو هي بي حَياءُ،
پَروَرش لاءِ پنهنجي، ڍَڍَلي[4] لائي تو ڍِڪَ[5].

رايو رکي ڪو پنهنجو، ڪٽي ڳاٽ هِي جي هَرَ هَرَ،
ٻَڏي ٻوڙُ ڪنڌَ ۾، ٻارِي وجهيس پِڪَ[6].

دَلبا ڏئي دنيا ۾، هيءُ تو اَڙايئي پَرَ،
ڏُوتِي[7] مَڪار دنيا، جُوئِي[8] اَٿيئي جِهڪَ[9].

هَٽَ ڪان هَٽيلو هوڏِي، هيئن هيٺ لَهندو اَلبت،
اُبتڙ ٽُون ڪَر اُنهيءَ جي، هِڏڪَ[10] پَجيس هِڪَ.

"مَسرُورَ" مَڃ نَصيحت، جِيلو ڪَجانءِ هيڪر،
سَچِي اَٿئي سِيني ۾، سائين سَندي جي سِڪَ.

---

(1) رڪ = سَٽُ، ڪرفتي.
(2) جاتي = جتي.
(3) ڇڪ = ڇڪڻ، ڳپ، گند.
(4) ڍَڍَلي = پٺيءَ ٻنجي وچڻ.
(5) ڍِڪ = راڄ، رنبو (ڍڍلي ڍڪ لائڻ = پويان ٻنجي وڃڻ، تابع ڪرڻ).
(6) پِڪ = مصيبت (پِڪ وجهيس = درياھ جي ڪپر کي جيئن پاڻي ڪاٽيندو آهي تيئن ڳر ڪريس).
(7) ڏوتي = ڏائڻ، دغاباز.
(8) جوئي = ڪوڙي.
(9) جِهڪَ = اونهي کڏ.
(10) هڏڪ = ڇڪ، ڪشش، عادت، علت.

(58)

أتي جهوءِ[1] سَنجهي جَندَڙو، مَڪڙِيءَ[2] کي لائي مَکُ[3]،
پر پوءِ نہ کي ٽيندو ٻيٺو تہ[4] کيو ڪو ڪَکُ.

أڪريءَ ۾ چِڙي داڻا، ڇَڄَ ۾ بہ وري ڇَندي،
هِي پرتِ مَنجهان ڀِيهِي، أڇتو[5] تہ أڊاري[6] رَکُ.

هِت هُت رلي ڀِٽڪي، اڳ وقت وڃايو تو،
وڃهہ هاڻ اتي ڪم ۾، ٻانهون تہ ڏگهيري ٻک.

ڪجھہ سَمجُهہ سياڻِي ٻِي، سُستيءَ کي ڪٽي ڇَڏِ تون،
هِي ڪمِ نہ أتي ايندُءِ، جِت ڪو بہ نہ ڏيندُءِ ٻَکُ[7].

"مَسرُورَ" مدد ڪنهن جي، ڪائِي نہ ڪري سگهندين،
أت جِندُ ڇَڏايءِ جي، تو ڇڻ ڪِ تہ ڳنڍيو لَکُ.

---

[1] جهوءِ = ڦيراءِ، هلاءِ.
[2] مڪڙي = جنڊ جي مٿان ڪاٺيءَ جي ٿهيل.
[3] مَکُ = تيل (مکڻ لائڻ = تيل ڏيڻ).
[4] ڪک ٻيٺو ڪرڻ = محنت ڪرڻ.
[5] اڇتو = صاف.
[6] اڊاري = جنڊ جي تاڻٽر مان اٽو ڪيي. (اڊارڻ = جنڊ جي تاڻٽر مان اٽو ڪيڻ)
[7] ٻَکُ = داڻُ.

(59)

عَجب عِشق آيَل، رَسايو آ رَنگُ،
ڪري ڪِيئن تو قائِل، رَکِي ڍول ڍَنگُ.

ڏِسي پاڻ پرتئون، تو پنهنجو تماشو،
وَهائي سَو وَهه واهه، عَجب اُلٽو انگُ.

سَسُئي[1] هِيرَ[2] سُهڻِي، سَهي سور طَعنا،
پَيُون پَٽِ پَڏرِ سي، ڇَڏي نانءُ ننگُ.

سُتي سيجَ سيتَل[3]، سان مُومَل[4] مُني،
رُٺو راجَ راڻو[5]، پَيو زور زَنگُ[6].

---

[1] سسئي = راجا دلوراءِ جي دور ۾، ڀانبور واهه جي پر تي ناٿون نالي ڀانڀڻ جي گهر ۾ ڄائي. سندس انگ هڪ مسلمان (پنهونءَ) سان لکيل هو، جنهنڪري کيس پيٽيءَ ۾ وجهي درياءَ ۾ لوڙهي ڇڏيائون. پيٽي لڙهندي ڀنڀور جي محمد ڪٽيءَ کي ملي، جنهن سسئيءَ کي نپائي وڏو ڪيو. ڪيچ مڪران جي حاڪم آري ڄام جي پٽ پنهونءَ سان سندس شادي ٿي، شاديءَ رات پنهونءَ جا ڀائر پنهونءَ کي موٽائي وٺي ويا، جنهن جي ڪڍ سسئي ڀنڀور ڇڏيو ۽ جهنگ جبل جهاڳيائين ۽ جبلن ۾ پراڻ ڏنائين.
[2] هير = پنجاب جي علائقي جهنگ سيال ۾ چوچڪ جي گهر ۾ ڄائي، تخت هزاري جي رانجهوءَ سان سندس نينهن ٿيو، پر سندس شادي سعد خان سان ٿي، عشق جي شان ۽ خوشبو کي برداشت نه ڪري، هير کي زهر ڏنو ويو.
[3] سيتل = ڪومل، ستر واري، سومل: (مومل جي ڀيڻ جا جادوءَ جي فن ۾ هوشيار هئي).
سهڻي = سترهين عيسوي صدي ڌاري، ٽلا نالي ڪنڀار جي گهر ۾ ڄائي. ماٽن سندس شادي سندس سوٽ ڏم سان ڪرائي پر سهڻيءَ جو نينهن ميهار سان هو. جنهن سان ملڻ لاءِ درياهه پار ڪري ويندي هئي، هڪ ڏينهن نڻانس سندس پڪي گهڙي جي جاءِ تي ڪچو گهڙو رکيو، جنهن سبب ميهار سان ملڻ لاءِ درياهه ۾ لٿي ته ڪچو گهڙو ڀري پيو ۽ سهڻي درياهه جي ڇولين ۾ وصال ماڻيو.
[4] مومل = پندرهين صدي عيسوي ڌاري لڊاڻي (جيسلمير) جي هڪ سردار راجا نند جي گهر ۾ ڄائي. راجا نند کي ڪل نو ڌيئر هيون، پيءُ کان مليل جادو جو ڏند وڃائڻ کان پوءِ مومل لڊاڻي جي پرسان ڪاڪ جي ڪنڌيءَ تي طلسمي رنگ محل بنائي رهڻ لڳي، جتي سندس محبت راڻي مينڌري سان ٿي، هڪ رات پنهنجي ڀيڻ سومل سان ستل هئي، جنهن جي شڪ ۾ راڻو ساڻس رسي ويو، مومل پنهنجي ستر جي ثابتيءَ لاءِ باهه جو وڏو مچ ٻارائي ڏاگهه تي چڙهي.
[5] راڻو = امرڪوٽ جي حاڪم همير سومري جو وزير هو ۽ سندس سالو به هو- مومل جي حسن ۽ عقل جي تعريف ٻڌي ڪاڪ ڪنڌيءَ جو سفر ڪيائين ۽ پنهنجي ڏاهپ سان ڪاڪ جو طلسم ٽوڙي مومل ماڻيائين، مومل سان رسامي جي ڪري، جڏهن کيس خبر پئي ته مومل ڏاگهه تي چڙهي آهي ته پاڻ به پتنگ وانگر، اُن آڙاهه ۾ ٽپو ڏنائين ۽ پنهنجو ساهه صدقي ڪيائين.
[6] زنگ = ڪَٽُ، ڪس.

وَٽي هارُ وينٽي، وڃائي سا وَرَ کي،
لُڇي هاڻِ لِيلا[1]، پَڇي جِيئَن پَتَنگُ[2].

اِها مامَ[3] مانجِهي، پَروڙي پرينءَ جي،
کيو ماٺِ "مَسرُورَ"، چوريج چَنگ[4].

---

[1] ليلا = ديبل ڪوٽ مڪلي ٽڪري جي پرسان واري راجا چنيسر داسوڙي جي زال هئي. ڏٽ (ڪڇ) جي راڻي ڪنگهار جي ڌي ڪونئرو جي هڪ هار تي، هرڪجي وَرُ سندس حوالي ڪيائين. انهيءَ نو لکي هار جي ڪري چنيسر جي دل تان ڪِري پئي، باقي زندگي روڄ راڙو ڪيائين، نيٺ مري مهت لڌائين.

[2] پتنگ = پروانو، باهه جي مچ يا روشنيءَ کي ڏسي انت آڻيندڙ ساهوار، عاشق.

[3] مام = ڳجهه، راز.

[4] چنگ = وات وٽ ڏندن ۾ جهلي آڱر سان وڄائڻ جو ساز (چنگ چورڻ = پنهنجي ڌن ۾ مست رهڻ.

(60)

رُسائن جي راڳو، جُنيون[1] تَن جو جوڳُ[2]،
پَلءِ پَل سي پائن، روئڻ رنجُ روڳُ.

ڪيو هءِ هءِ هَٽِي، هَٽ مُومَل مُني،
رکيو رازَ جو جنهن، وِلهيءَ هڪ وڇوڳُ[3].

ڏسي نياز نوريءَ جو، صاحِبَ سَمي،
ڪَيو معاف تنهن جي، ملڪ تان اَنوڳُ[4].

رکيو ڏڍُ[5] لِيلان، سُهَڳَ[6] جو صحيح،
وني هارُ وَرُ سا، ڦُرائي تي ڦوڳُ[7].

رکج ياد نُڪتو هي، "مَسرُورَ" مانجهي،
مُحبت ۾ اَصلِي، وجهي ٻَنگَ[8] ٻوڳُ.

[1] جنيون = عقوبتون، خواريون، ملامت، ڦِٽڪار.

[2] جوڳ = سزا، نصيب.

[3] وڇوڳ = جدائي، ڦوڙائو، وچ وارو لڪل.

[4] انوڳ = انون حصو.

[5] ڏڍ = آسرو، ٽيڪ.

[6] سهڳ = سهاڳ، سياڳ.

[7] ڦوڳ = بي فائدو، اجايو (ڦوڳ ۾ ڦرائڻ = اجايو پاڻ ڦرائڻ)

[8] ٻنگ = نشيدار ٻوٽي، سڪو+ٻوڳ = مذاق، چرچو ٻنگ واپرائيندڙ شخص، سنجيده ڳالهه کي ب ٻوڳ سمجهندو آهي (ٻنگ ٻوڳ وجهڻ = (اصطلاح) ڦيٽاڙو وجهڻ.

(61)

رُوحَ ۾ راتيان ڏينهان مون، تنهنجي آهي تارَ تانگهَ[1]،
تو بِنا جاڙي خدا ٻِي، ڪانہ ٿَم مَننارَ تانگهَ.

جو دم هوندس جيئرو مَنا، يا مُئي ڪان پوءِ پِي،
بَس فقط رهندِي مون کي، دِيدارَ جي دِلدارَ تانگهَ.

حورَ جَنت، دينُ دنيا، عِشقُ اِيمان ۽ صحَتَ،
وَڌ انهيءَ عطيي ڪَنان، سَمجهان سندءِ صدبار تانگهَ.

سڀ فنا جا فيض هيءُ، مون هر پلڪ حاصل آهن،
جوشَ ڏياري نِتُ نوان، جئن هر گهڙي هر وارَ تانگهَ.

ڏِس عجائِب دَم وڏو، طاقت تَصور جي رکي،
هِڪ دَم ڪري هَمدَم وري، ترڪي[2] ٻيا تڪرارَ تانگهَ.

رَهجي اڇي "مَسرُورَ" جي، شَلَ يارَ يارانِي اِئين،
آسِرو مون لاءِ اَجهو، آهي ٿَگا آدارَ تانگهَ.

---

[1] تانگهہ = چڪ، سڪ، اُڪير.
[2] ترڪي = ترڪ ڪري، ڇڏي.

(62)

مُلڪَ ۾ پَنهنجي ميان، توکي سَوين سَردارَ سَڳَ[1]،
مُنجُ[2] واري ماڻ تي، مارُن سندِي هيءَ مِيرَ مَڳَ[3].

ظُلم چَڙِ زوري ڪٽِي، ڪُجھ سوچَ ڏِسُ دل ۾ ڪري،
سئو سِڪندر جيهڙا، داخل ٿيا ڌرتيءَ ۾ ڏِڳَ[4].

سُومرا سَردارَ تون، ايڏي اَٻوجهَن سان نہ ڪَر،
سَڻ سَتائن ڪِينَ ڪَنهن کي، جي ڄَوائِن مَرد چَڳَ[5].

بافتا بَخمل سَندءِ پڙ پَٽ پَٽيهَرَ ڪيمخابَ،
ساهَ سِبائِن نہ سي، سهڻا اگر ٿِن رَنگَ رَڳَ[6].

شَلَ ڪندو "مَسرُورَ" سگهڙو ڏِينهُن سو ڏاتُر[7] وري،
تان پَسِي هَڪَ وار مارُون آءٌ ٺَرِي[8] ٿِينديا ٻَڳَ[9].

---

[1] سڳ = رشتا.
[2] مُنج = موڪل.
[3] مڳ = مڱيندي.
[4] ڏڳ = بهادر، زوراور.
[5] چڳ = چڱا.
[6] رڳ = رڱيل.
[7] ڏاتر = ڏيڻ وارو، خدا تعاليٰ.
[8] ٺري = ٺڏي، ٺرڻ (مصدر) ٺڏو ٿيڻ، پُرسڪون ٿيڻ.
[9] ٻڳ = خوش.

(63)

ڪَنڌ ۾ ڪِشتو[1] مِنا، پائي رِلهي[2] تون ڪين رُل،
هٿ ڪري هِڪَ دَرُ، پلي اُت شوق جو لائج شغل.

ماٺ ۾ تنهن در متي، جي تون گذارين تان ڀلا،
پاٽهين پائين پلوَ ۾، من سندو مقصود ڪُل.

آ مڙئي موجود هت، ٻي وار تون چاڪون وجين،
چو پيو دانهون ڪرين، در در ڪٽي دانهَ[3] ڌُهل.

هيءَ حقيقت حال جي، توسان ڪيم خاصي گري،
رک يقينون يار ان تي، ڪين ڪنهن ٻي ڀول ڀُل.

عشق ۾ "**مَسرُور**" تنهنجو نانءُ هر جاءِ ويو هُلي،
گرچ تي مشهور دنيا ۾ ويو، "**ديوان گل**"[4].

[1] ڪشتو = هڪ زهريلي دريائي ناريل جو ڪوڪو، گداگرن جي پنڻ جو ٿانءُ (ڪنڌ ۾ ڪشتو ۽ رلهي پائڻ در در جا ڌِڪا کائڻ، اجايو وقت وڃائڻ).

[2] رلهي = اڳڙين ٽڳڙين مان ٺهيل هڪ قسم جو اوڇڻ.

[3] دانهہ = سياڻا.

[4] ديوان گل = شاعريءَ جو مجموعو.

(64)

خيالَ[1] سان هِي خيالُ(2) آهي، رَکُ خيالَ تي قابض خيالُ،
خِيالُ(3) لاهي خيالُ(4) لائي، لَهُه خيالَ جو خاصو حَوالُ.

خِيالَ(5) كندي خيالَ لءِ، هن خيالَ ۾ گذريءِ عُمر،
پيو پُڇين خود خيالَ تي، تون خيالَ جو سَڀَ كان سوالُ.

خيالَ هِنَ مَون خيالَ(6) كي ٿي، خيالَ(7) تي پَيَرا خيالُ،
خيالَ(8) سي خارِج اَٿئي كُلَ، خيالُ(9) هڪ آ خوش خُيالَ(10).

خيالُ كركو، خيالَ پَر، تيءُ خيالَ تي خاطر جَمع،
خيالَ وارا، خيالَ اِنَ مَون، پس خُداوَند ذُوالجلالُ.

ڳالهِه سُڻ "مَسرُورَ" منهنجي، هيءَ، خُلاصي خيالَ جي،
خيالَ ريءَ تون خيالُ ركجان، خيالَ مَون لَهندين خُيالُ[11].

---

[1] خيال = توجهه، ڌيان.
(2) خيال = خدا جي لاحد نور جو خيال، تصور.
(3) خيال = دنيا جو خيال، وهم.
(4) خيال = ڌر جو خيال.
(5) خيال = ويچار، فكر.
(6) خيال = ديني فقهي فكر
(7) خيال = سماجي ۽ معاشي نظريا.
(8) خيال = قرآن پاڪ جي نازل ٿيڻ كان اڳ جا مذهبي ڪتاب
(9) خيال = وحي، جا نبي آخرزمان ﷺ تي نازل ٿي.
(10) خيال = الله پاڪ جي حڪمن جي پيروي، ديني عمل.
[11] خيال = خدا تعاليٰ جو وصال. (جنهن لاءِ سچل سائين فرمايو آهي تہ مٺن تان اڪ خيال هان- ليسان نال خيال دي).

(65)

نيهن تون نا ميان ڳڻين، تقطيع[1] لئہ تڪڙو تمام،
عقل ۾ اڙجي پوين پوءِ، عشق تي ڪيئن تون انعام،

ترجمن مان ترُ بہ هڪڙو، ڪين ورندو ڪو وري،
مفت گوندر ۾ گذارڻ، صاف سو سوداءَ خام.

جئن تہ فعلن فاعلاتن ريءَ نہ ڪجهہ تو پڙ پيو،
هي فن[2] اڪثر مون ڏنو، اڄڪلهہ تہ آهي خاص و عام.

هِت هُتي ويهي هٽي لافون[3] وڄائين وقت تو،
تار سان تون ئي يگانو، ياد ڪر، موهن[4] مدام.

عشق وارا عيش جي، "**مسرور**" ماڻڻ تو گهرين،
مڃ نصيحت مون سندي ڪر هٽ ٻڌي سڀ سان سلام.

---

[1] تقطيع = ٻيچ گهڙ، شاعريءَ جي وزن بحر جاچڻ وارو عمل.
[2] فن = شاعرائو فن، علم عروض.
[3] لافون = ٻٽاڪون.
[4] موهن = موهيندڙ، ڪشش ڪندڙ، مفتون ڪندڙ.

(66)

چو سَرد آھُون سوزَ مان اي دِل پرين تِي دَم بدَم،
لاتَقنَطوا[1] سي نيٺ مِلندا، چو کرين ڇا لاءِ غَم.

ھِي ياد کَر مُنھنجو چوَڻ، مَھَمير[2] توڙي لَکَ مِڙن،
پِرَ رِيءَ پَسَڻَ جي روح پي ٿيندو نہ ھَدِّ راھِي عَدَم[3].

پَلپَل پُڇس رملي[4] نَجُومي[5]، جوتِشِي[6] مُلاَ پِيو،
ھی سَبُ دَلائل دُور کَرِ پڻ فِکُر فردا[7] جو خُتَم.

کر صَبرُ تُون سھہ سور دک، جو ھِي مِڙئي آ امتِحان،
واکا وڏا رڙيون کرڻ ٻُڌ ھِي کَچَن جو آھ کَم.

انجام سو وَلَسوفَ[8] وارو، پاڻ پاڙيندو پرين،
ھِنَ موجَ ۾ "مَسرورَ" رَھُ تون نِتُ پيو خَندان خُرَم.

---

[1] لاتقنطوا = (لاتقنطوا من رحمة الله) الله جي رحمت مان نااميد نہ ٿيو.
[2] مھمير = دلير، داناءُ.
[3] عدم = فنا جي ملڪ.
[4] رملي = اڳ ڪٿي ڪندڙ. (رمل = ھڪ علم جو نالو جنھن جي وسيلي غيب جي خبر پئجي).
[5] نجومي = (نجم = ستارن) ستارن جي اثرن جو حساب لڳائيندڙ.
[6] جوتشي = ستارن جو علم ڄاڻيندڙ (جوتش = آسماني ستارن ۽ گرھن جو علم)
[7] فردا = سڀاڻي.
[8] ولسوف = (ولسوف يعطيک فترضٰ) ايترو الله توکي ڏيندو جو تون راضي ٿيندين.

(67)

عَبَث گهارَڻ تيو اَغيارَ[1] - جي مهڻَن مَيارُن ۾،
اتم اُميد تان تينلو - اَٿُرَ آخِر پُڪارُنِ ۾.

تپي طَعنَن ۽ مهڻَن کان - سَبب ڪُجهہ بي وَسيءَ سَببان،
لَڏي ڪُٽڪان[2] ڪيوَ ڪُونجان - وَيون تي ڪَلہَ قَطارُن ۾.

وَرَڻ جي لاءِ واجهائِن - ڏُکويَلَ دِل کان ڏُرمائِن،
اُتي ٻِي ڪينَ ڪِي آهن - قَراري ڪوهِسارَن ۾.

ٻُجهي تِي خيرَ جي وائي - تيا گَڏ ديسَ جا پائِي،
اُجن لِءِ تا کَرَن جائِي - سُڌارا آبشارَن ۾.

پَجي، هَمَتَ جلو[3] هارَي - ڏَٽِي سو ڏينهن ڏيکارَي،
ٺَري سِرَ تان وَجي، گهاري[4] - اُهو اَغيارُ غارَن ۾.

ٻَڌِي ڪجهہ پڪ پئي يارو - عجب سو ٻول ٻاجهارو،
لَنيو جو آسري وارو - پَپيهي سُرُ تنوارُن ۾.

اِجهو ٻَهَ ٻَهَ چَمَنُ تينلو - لَهي "مَسرُور" غَمُ ويندو،
بَهارِ- جاودان اِينلو - وطن جي لالہ زارَن ۾.

(7 اپريل، 1945ع)

---

[1] اَغيار= غير، دشمن، رقيب.
[2] ڪٽڪان = ڪونجن جو ڪٽڪڻ، ڪنجهڻ.
[3] جلو = نڪمو، موڳو.
[4] گهاري = گذاري.

(68)

اِشاري عينَ دِلبر جي - مَوالي مامَ ۾ آهيون،
خُماري خُمرَ اَطهَر[1] جي - هِڪي ئي جام ۾ آهيون.

قَبائي[2] قُربَ جي هيٺان - لِڪَل اُن لامَ ۾ آهيون،
رکِي اَلَ اوٺ رِندن جي - اَجهَل[3] جڻ عام ۾ آهيون.

شهنشاهه شوق سان شامل - گَنُوگَنُ گامَ ۾ آهيون،
سَدائِي ذِڪُر ذاتيءَ جو - دَما دَم دامَ ۾ آهيون.

سلامت وحدتي واصل - سَدا آرام ۾ آهيون،
پَڪا[4] نٿ قولَ قالواء[5] جي - اَسين اَنجامَ ۾ آهيون.

اَزَلَ جي ڏينهَن کان يارو - اَسين اَحرامَ[6] ۾ آهيون،
مِيان "مَسرُور" نِينهَن جي - نِرالي نامَ ۾ آهيون.

---

[1] اَطهر = پاڪ، پوتر.

[2] قبا = جبو، قبائي = جبي جي، اِن اوليائي تحت قبائي وَلا يُعرفُهم غيري = بيشڪ منهنجا دوست منهنجي جبي جي اندر آهن ۽ انهن کي نہ ڪي تا سڃاڻي سگهن.

[3] اَجهل = اڻ جهل.

[4] پڪا = پختا.

[5] قالواء = قالواء بليٰ. (الست بربڪم، قالوابليٰ = ڇا مان توهان جو رب ناهيان- هائو).

[6] احرام = پاڻ تي ڪن جائز ڪمن جي حرام ڪرڻ واري حالت، حج جي موقعي تي بدن تي ويڙهڻ لاءِ اڻ سبيل ٻہ چادرون، جنهن سان گوڏ ٻڌي ۽ بدن کي ويڙهبو آهي.

(69)

ڪَڇُ ڪُوڙ ڏوڙِ ميڙي - وينس ڪيي دڪان،
سَستو ڏِيان تو توڙي - گهرَ ۾ پيو گِران[1].

سَڀ ڪو وٺي سگهي تو - ٻالڪُ ٻُڍو جوان،
بيشڪ ڏِسي وٺي سو - جنهن کي پوي گُمان.

ڪنهن تي رکان نہ اوڌر - نقدِي وٺان نہ دان،
جو دِل[2] رکي پلِي سو - منهنجو پُڇي دڪان.

سودو هِي رازَ رهڻِي - حلوو نہ آهي نانُ،
هَل چَل سان وڌي ويجهي - رکجي نہ تي زِيان.

جيڪي اَٿم جهُڳيءَ ۾ - اُن جو اِهو بيان،
لِڪَ ڪو نہ تو لِڪايان - ڄاڻي سَچو سُبحان[3].

منهنجو هِي ڪُوڙ ڪَڇُ آ - سَچَ سونَ جي سَمان،
ماڻي سو مَنُ مرادون - جيڪو ڏري ڏِيان.

هَر ڪوئِي پنهنجي پَر ۾ - پوٿِي[4] پڙهي قُرآن،
جَنهن کي وٽي وَٺي سو - گُپ[5] چُپ ۾ هِي گِيانُ[6].

---

[1] گران = مهانگو.
[2] دل رکي = همت ڪري.
[3] سبحان = سڄاڻ.
[4] پوٿي = سکن جو مذهبي ڪتاب.
[5] گپ چپ ۾ = لڪ چوريءَ ۾.
[6] گيان = فيض.

مُون تان ڪئي ٿوَڪَل - مالِڪُ آ مَهربان،
ٻَتِري[1] نہ پُوٽَ[2] وارو - آهي هِي داستان.

پُورن[3] آ سيٺ منهنجو - روزيءَ سندو رَسان،
جوڙي جَنهِين ڏنو آ - آئندَ آستان.

"مَسرُور" حال هن سان - هَٿِ ڪَر سچو جهان،
پنهنجو تون هاڻ ڦيري - ٿُڪَ[4] نام ۽ نِشان.

(شهدادڪوٽ، ١٩٤٣-٣-٣ع)

---

[1] پتري = ڌيءُ.
[2] پوت = پُٽ.
[3] پورن = پوري ڪرڻ وارو، رزاق.
[4] ٿُڪ = ماٺي.

(70)

هُتان هِتڙي اَچي هاٹي، نِڪارو تي پيو آهيان،
هَچا پئِجي مٿان جڳ، جي هَچارو تِي پيو آهيان.

عجب آهي اَلائي ڇو پيارو هُت هُيُس جن کي،
ڪِري تن جي نظر کان هِتِ ڪسارو تِي پيو آهيان.

سبب هِن حال جو اهڙو هُيس خاموش خوشخو[1] هُتِ،
وليڪن هِت مَٺائي خُوءِ[2] خسارو تِي پيو آهيان.

يَگانو هُت هُيس يارو نہ ڪاٹانيو[3] ڪنهين جو ٻِي،
لڳي هِت خلق جي ڪَڏَ ٻَر دوپارو[4] تي پيو آهيان.

هُيس هُت گڏُ قراري ۽ رسيلو رنگ سان رلمل،
وَلي هِت ڏارَ[5] وحشت ۾ نِيارو تِي پيو آهيان.

ڇَڏي "مَسرُور" شاهي هُتِ هِتي هَرِ ميل مجلس ۾،
وِسُوڙيلَ[6] وائڙن وانگي، اُڌارو تِي پيو آهيان.

---

[1] خوشخو = سٺي سڀاءَ وارو.
[2] خوءِ = سڀاءُ، چال، عادت.
[3] ڪاٹانيو = ڪاٹ ڪيڻ وارو.
[4] دوپار = ٻہ ٽڪر.
[5] ڏار = اڪيلو.
[6] وسوڙيل = مصيبتن ۾ گهيريل.

(71)

چڏي شرم شرافت کي - ڪمينو ٿِي پيو آهيان،
عجب جُملي خُرابَتَ جو - خُزِينو ٿِي پيو آهيان.

چَگائِيُن کان صَفا ڇڪِجي - مُرَوَتَ ميٽ کان مُسجي،
مَٽيءَ جي ڍيرَ ۾ ڍَڪجِي - دَفِينو[1] ٿِي پيو آهيان.

خواريءَ جي کٽي کاري - ڪري عزت کان بيزاري،
مَٺائي تازگي سارِي - شَبينو[2] ٿِي پيو آهيان.

لَنگهِي لوڙهي ادب جي کان - ڪَرَمَ ڪَرتَب ڪَسَبَ جي کان،
پَگهرجِي ٿَوَ طلَبَ جي کان - پَسينو ٿِي پيو آهيان.

عجب هي حال آ يارو - سِيارو نا ڪِي اُونهارو،
سدائين پَر سَرءُ وارو - مهِينو ٿِي پيو آهيان.

وَٺي "مَسرُور" مستيءَ جو - پيالو خود پَرستيءَ جو،
وِجائي وهم وَستِيءَ جو - مَدِينو[3] ٿِي پيو آهيان.

---

[1] دفينو = دفنايل، پوريل خزانو.

[2] شبينو = اوجاڳيل.

[3] مدينو = شهر (رسول پاڪ جو شهر).

(72)

عجب ديسُ ڪشميرُ ڪاشانُ پانيان،
پٺون پاڻ مَحلاتَ بُستانُ پانيان.

عُمَرڪوٽ جي تان بهاري وَسنوَ سَيُ،
پَنهوارَن بنا سُڃَ بَيابانُ پانيان.

وٺي ڪنهن به صُورَتِ نہ مُورتَ هِتان جي[1]،
نِهارڻ به ٿَن ڏي مان نقصان پانيان.

ڪري ٿَرَ تي ٿورو، وري منج ورائي،
وڏو هِي عمر تنهنجو اَحسان پانيان.

قَسمُ آ خدا جو حقيقت ۾ توڪي،
عُمَرَ آءٌ پنهنجو تي اَخوان[2] پانيان.

ڪٿو ڪيرُ پيرُون پُسي جا، وَطن جي،
تَپَش[3] دَردُ دل جو سو دَرمان[4] پانيان.

ڪِجان ڪِيتَ سان جِئَن رَسي رُوحَ راحتَ،
خوشِي خاص تُنهنجيءَ ڪي خَفقان[5] پانيان.

وِهان ديسُ "مَسرُور" ڪيئَن مان وِساري،
وَطن جِي مُحبَتَ تو اِيمان پانيان.

(حيدرآباد 18/3/1945)

---

[1] هتان جي = عمرڪوٽ جي.
[2] اخوان = ڀاءُ.
[3] تپش = گرمي، چڪ، بيقراري.
[4] درمان = دوا، علاج.
[5] خفقان = بيماري (اُڃ چرپائپ جي)

(73)

حقيقت حال منهنجي جو نه مطلب عام تا ڄاڻن،
نڪي مُلان نڪِي قاضِي نڪِي علم- رسا ڄاڻن.

ڏِسڻ اک ريءَ، ڪُڇڻ چپ ريءَ، ٻڌڻ ڪَنَ ريءَ، هلڻ سِرَ پَرَ،
اِهو ئي سيرُ صُوفيءَ جو فقط اَهل- صفا ڄاڻن.

مريضِ- عِشق کي مُلا چوي، چَريو ٿيو آهي،
پلا جي نينهُن نا ڄاڻن، اُهي بيدرد ڇا ڄاڻن.

محبت جي مرض جو ڪونه آ دارُون طبيبَن وٽِ،
جَنهِين کي درد هِي آهي، اُهي ئي تا دوا ڄاڻن.

نه ڄاڻن عام گر ”مسرور“ تنهنجو نا ويو ڪجهه [illegible]،
هتئون هِنَ حال ٿَن حي ڪان- ميا [illegible] حاڻن.

(74)

نِياري رَمزَ رِندَن جي- نہ ڪائِي عام تا ڄاڻن،
حقيقت حالُ تن جو ڪي فقط فهم- رَسا ڄاڻن.

پيالو جَهلَ جو پي سي- وِساري پاڻ کي ويٺا،
عبادت امر جِي اُن پَرِ- بَجا اَبتر خطا ڄاڻن.

ڪِيئڻ مُردار ۽ دَم دَم پيئڻ مَئي ٿِي منع جنهن جي،
ٿِيل پڻ رَدِ رَسمون رِندَ جائز ۽ رَوا ڄاڻن.

بلا دک درد بيماري- مصيبت سوز ۽ ساڙو،
قضا جِي آپدا[1] آيَل- عَجيبَن جِي عطا ڄاڻن.

طَماچا تُهمَتون طَعنا ڏِڪا دَٻڙاٽ ۽ دَڙڪا،
جَفا ۽ جور[2] جانِبَ جو- مَيا[3] مِهرو وَفا ڄاڻن.

ملامت جاڙ جُتِ ڦِٽِ جَڳَ سندي تن سَرسُ سيبائِي،
خواري خَلقَ ساريءَ ۾- ڳِلا پنهنجي ثنا ڄاڻن.

مِٺائي غينَ جو نُقطو چوَن سَڀُ عينُ ذاتِي آ،
سِوا اُن ذاتِ جي ڪنهن کي- نہ تا غير- خدا ڄاڻن.

اِها "مسرُور" رِندَن جي وَٺِي مَتِ رُوح پَر رڙهہ تون،
جَيئَن هُو دَمَ بِنا ڪُلِي ٻيو ڪَرُ، دَمُ قضا ڄاڻن.

(15.1.1943)

---

[1] آپدا = مصيبت.
[2] جور = ظلم، (جور ۽ جفا = ظلم ۽ ستم)
[3] ميا = متارا، پريل، فيض وارا.

(75)

نہ پُڇ ڪَنهين ڪان تہ تون ڪير آهين،
پُڇين تو اگر ٿُون- تڏهن غير آهين.

جُزو نُورَ مَخفيءَ جو تو ۾ امانت،
مِٽيءَ جو نہ خالِي فقط ڍير آهين.

ٿِيو جيڪو تو وَٽ- ٻِيَن وَٽ ٻہ ساڳِي،
ڪٿِي ڏِسُ صَفيءَ[1] جو صَحِي سيرُ آهين.

تفاوت نہ ترُ جو- ٿِيو حَالَ هِنَ ۾،
مَگر ٿُون پَرَمَ جو پُليَلُ پير آهين.

قسم آ تو پنهنجي وهم ۽ يَقين ڪان،
تون ئي شرُ آهين تون ئي خيرُ آهين.

اُتي شينهنَ "مَسرُور" ماٺهو مڙيئي،
نہ شڪُ آڻِ اُن ۾ اگر شيرُ آهين.

[1] صفي = حضرت آدم صفي الله عليه السلام.

(76)

هِت هُت رُلان بي سبب - دِل ۾ وَسي تو سڄڻ،
هِنَ ڳالهه جو عجب تان - ڪو پَتو ناهِ چڻ.

گهر ۾ رَهي گڏ پِيو - جنهن ۾ نہ ڪو لِڪُ ٻيو،
چا لءِ وَرِي هِي ٿيو - ڄيءَ جو جهُرڻ ۽ جهِجَڻُ.

حيران اِن ۾ رَهان - هي لاتِ ڪهڙِي ڪيان،
تو قُربُ ڏوري ڇوان - ڏُوري ڇوان گڏ هجڻ.

ويجهو ڇوان ڪيئن پري - ٻُلجان پِيو ٻُلَ ڪري،
جَنهن ڪان سِوا نا سَري - سو تان پَسي تو پسڻ.

هِنَ حالَ تي سَت[1] ڪيان - پُڇ پُڇ ڇڏي پَت[3] ڪيان،
پنهنجي پَڪي مَتِ[2] ڪيان - جو مُول آ مَتِ[4] مَجَڻُ.

وَه وَه وَٽي هيرَ ڪا - چڪيَل ڇُٽَن ڇيرَ ٿا.
مرشد سَچو ڏِيرَ آ - منهنجو هتيڪو ھٽڻ[5].

اَچ يا سپاهي سڏي - جنهن ڏيهن ۾ بلي ٻڌي
ٻَلَ ۾ حذنده اڏي - ڪم جنهن سَندو آ ڪجڻ[6].

هادِي اهو آ جڏهن - پيچ لڳ ڇڏي نا ڪڏهن،
"مَسرُور" تُنهنجو تڏهن - آهي اَجايو هَجَڻ[7].

(شهدادڪوٽ 11.3.1943)

---

(1) ست = سچ.
(2) پت = يقين.
(3) مت = سجهہ، عقل.
(4) مت = نصيحت.
(5) هٽڻ = هٽ وجهڻ، هٽ ڪرڻ، هٽ وٺڻ، مشڪل ڪشا.
(6) ڪجڻ = ڪرڻ.
(7) هجڻ = ماندو ٿيڻ.

(77)

حَيرَتَ جو لَڪُ لَنگهيا سي - پَيو حالُ هَمهءَ وارو،
اڇي بَحَر اَنَ ۾ پياسي - ڪَنڌِي نہ جَنهِن ڪِنارو.

ٻيڙي جا ٻاجهہ واري - اَچي اوچتي پَڌاري،
سَهجَئون ڪَري سوارِي - پاڻِيءَ جو ڪَيَم پَسارو[1].

جاڏي جو نظر ڏرجي - پاڻِيءَ بنا نہ پَسجي،
ٿوٽو لَهَر مان ٻڌجي - ناهي لَهَرِ نانءُ نِيارو.

حاصل تي نئين حياتي - موٽِي نہ جَنهِن مُماتِي[2]،
ظاهِر ٿِيو نُورُ ذاتي - هِنَ سيرَ مَنجهان سارو.

جهاڳي بحر چڙهيا سي - ڪاهي ڪِينَ تي رَسيا سي،
اُٿهون اڳي هَليا سي - هَٿِي نِينهَن جو نغارو.

لَنگهي بيخوديءَ جو بَندرُ - جتي جَمُ نہ ڪو جَمانڊرُ[3]،
سَڀَ سيرَ ۾ ئِي هِي سِرُ - مُورَتَ جو وِيو مُونجهارو.

ٿِيو حالُ هيڪِڙائِي - "مَسرُور" وِئِي ٻِي وائِي،
جاچِي ڏِٺو مُون جائي - ڪامِل آهيان قرارو.

---

[1] پسارو = شيل، سير، گشت.

[2] مُماتِي = موت.

[3] جمانڊر = حياتي.

(78)

عَجائب دَردَ ڏُکَ وارو - وڏو آ داستان منهنجو،
لِکڻ کان هَر نَشِينو - سو گهٽو آهي بَيان منهنجو.

بَليٰ[1] واتون چئي هيڪر - بَلا[3] باري وڌم سِرَ تي،
سَبب جنهن کان آ کُرمُش[2] ۾ - سَدائين جِسمُ جان منهنجو.

هُيُس آزاد ۽ گڏوڏ - هُتي پنهنجي حبيبَن سان،
هِتي پَر آهہ پِڃري ۾ - اَڪيلو آشيانُ منهنجو.

قفس ۾ پيي لڳن ڪانيون - ملن تا دم بدم دڙڪا،
مَٽي سِيڪو ويو مُنهڙو - هيو جو مِهربان منهنجو.

دُکايَل دِل جي دِلجوئِي - دِلاسو دادُ پيي ڪونهي،
رُنو آهي ڪري ڪاوڙ - متم روح- روان منهنجو.

ٻري ٿِي عشق جي آتش - سڙي ٿو دل جگر سينو،
سٺايان درد- دل ڪنهن کي نہ - ڪو آ رازدان منهنجو.

ٻَلا ڪجهہ ڏينهن قسمت جا - گهنگر ۾ صبرُ سان گهاري،
قراري اُت وڃي ٿيندس - ڇتي اڳ هو مڪان منهنجو.

اٿم هيءَ ٻَڪَ ٻَڪِي دِل کي تہ - آخر ڪو ڪري ٿورو،
اچي ٿيندو سَڄَڻُ ساٿِي - سُڻِي آهہ و فغان منهنجو.

سدا هي "مَسرُورو" سائِل جان - ڪريان ٿو عرض نِيزاري،
خدايا عشق جي رستي ۾ تُج - تون پاسبان منهنجو.

---

[1] بليٰ = قالوبليٰ، هائو.
[2] بلا = مصيبت، امانت جو بوجهہ.
[3] ڪرمش = تڪليف.

(79)

فاني جهان آهي - تنهن ۾ قيام ڪهڙو،
ڪوئِي ڏسي تہ اُن ۾ - رَهِيو مَدامُ ڪهڙو.

نالو وڏو وِليڪن - پَندارُ پينگَ پُٺ پُٺ،
حاصل نہ هڙ جتان ٿي - باقي گُدام ڪهڙو.

بَڪ بَڪ اَجائِي بڙِ بڙِ - بيسُود دم وڃائِڻُ،
بِ سِ ڪان سوا بَس - اڳتي ڪلام ڪهڙو.

هن نفس پُر هوس جو - ٻوتاڙ جي ٻتڻ ريءَ،
مون ڪي تہ ڪو ٻُڌائي - آهي لَغام ڪهڙو.

آقَ جي اَمُرَ ڪان جو - ڪَنَ ٿارَ تو ڪري،
سچ تان چئو سوئي - سَڏجي غلام ڪهڙو.

بيدرد آهي دنيا - مطلب جا يارَ مڙئِي،
دَم دَم اُنهن جي دَرَ - جو پَرجي سَلام ڪهڙو.

هي ماڳ تنهنجو ناهي - "مَسرُور" ڏِس تون سوچي،
جَنهن ۾ بقا نہ آهي - سو تان مقام ڪهڙو.

(80)

هڪ ڳالهہ ڪيان ڪجهہ گوش[1] ڏيو - ڀَلُ وارَ مٿم ڪو ويرُ[2] ڪَري،
هِنَ حالَ مٿان پَر ڏوهُ نہ ڪو - لَڪَ ڊاءُ ڏئي ڪو گِيرُ[3] ڪري.

تو خوابَ[4] جي اندر خوابُ[5] ڏِسان - هِڪُ آبَ بنا تالابُ ڏِسان،
سَڀ گِرد[6] نِوا شاداب ڏسان - ڪو هاڻ اهو تعبير ڪري.

تِي جاڳ، اُتي اُپٽارُ ڪَيُم - اِقرار ڪري اِنڪار ڪيم،
جنهن ڳالهہ سَندو اِقرار ڪَيُم - اُن جو تہ ڪوئِي تَفسيرُ ڪري.

سر پيرَ ڪري جيئن پَنڌِ پيمُ - تالابُ اهوئِي ماڳُ لَڌُم،
نا جاڳ هيم نا خواب هيم - مَعنيٰ تہ اِها ڪو مِيرُ ڪري.

آڙاهَ ۾ جلويدارُ رَهِي - نِت نيزي اُتي نِروارُ رَهِي،
پڻ دارَ مٿان هَسوارُ رَهِي - مَعراجُ تہ ڪو مَهمِيرُ ڪري.

هِي راهَ عجب بيراهَ بَلي - نہ گُمر تہ اُهو گُمراهُ بلي،
وَه عِشقُ عجب هَمراهُ بِلي - جو خاڪَ وِچان اَڪسِيرُ ڪري.

هِنَ پَنڌِ پوي ڪو مَردُ ڪُڏِي - جِت شيرَ وَجن شهزورَ هَٽِي،
اَنَ پارِ هَلَڻ جي لاءِ لَڏِي - دِلگِيرُ نہ سَڏَ گهَہ گِيرُ[7] ڪري.

يَل لوڪَ هلائِن سَمجهہ ذري - تون ڪول نہ ٻجهہ جي ڳالهہ ڳري،
ڪري ماٿِ مَتان ”مَسرُور“ وري - پائِن نہ مٿان پَڙُ پِيرُ ڪري.

---

[1] گوش = ڪن، ڌيان.
(2) وير = بهادر.
[3] گير = ولي، پڪڙي، ڪيرائي.
(4) خواب = زندگي.
[5] خواب = سپنو.
(6) گرد نوا = آسپاس.
[7] گهگير = ڪر ڪان ڪيرائيندڙ.

(٥1)

ويو سَڀُ عيشُ دِل اُجڙي - لڳي جڙَ جانِ ۾ ڪائِي،
مِني نيٹن جي نِندَ اُکڙي - طَبيعَت تَوَ طَلبَ تائِي[1].

گهنگر[2] ۾ ڏينهَڙا گهاريان - هَنجُون شب روزِ تو هاريان،
سَڏي سي ساهَ سان ساريان - سَڄَڻ، جي حالَ جا يائِي.

مَتو مُونَنَ ۾ پائي نِتُ، - ڳِلَن ڳوڙها وَهائي نِتُ،
تَصوُرَ[3] تارَ لائي نِتُ - ڄِيان تو مان جَڏو جائِي.

ڪڏهن تو خوفَ کان ڏڙڪان - رِجا[4] سببان ڪڏهن تڙڦان،
بَهَر حالت لُڇان لڙڪان - خوشي غم تِي هِڪا وائِي.

نہ ڪو "مَسرُور" سُکُ سَنيران - لُڇان ڪامان پَچان پَڇران،
ڪَڏهن نِجِڙان[5] ڪَڏهن نِبران[6] - تِيو آ حال سودائِي.

---

[1] تائي = تپائي.
[2] گهنگهر = مونجهارو (گهنگهر گهارڻ = اهنجن مصيبتن ۾ گذارڻ)
[3] تصور تار = پڪي محويت.
[4] رجا = اميد.
[5] نجڙان = سامت ۾ اچي وڃان.
[6] نبران = (نبرڻ مصدر = فيصلو ڪرڻ) فيصلو ڪيان.

(83)

اي دِل شراب پيءُ تون - هرگز حرام ناهي،
خاصَن کي سُڌَ سَجِي آ - هِيءَ ڳالهہ عام ناهي.

ڪجهہ فِڪرُ نا رَهي - اِن ڳالهہ جو اُوهان کي،
واعظ کي اگر اُن جو - جي احترام ناهي.

هيڪر چَکي جي چُسڪي - وعظ تہ پڪ چوي،
مسجد سان مُور - منهنجو اڳتي سَلامُ ناهي.

آ نيش[1] مثل مَسجِد - سا عيشَ جي سَراسر،
جَنهن ۾ اگر صُراحِي - ساقِي ۽ جامُ ناهي.

"مَسرُور" ٻول تنهنجو - هَر ڪو چَوي مگر،
ٻولي پيو ٻيو تو - منهنجو ڪلام ناهي.

---

[1] نيش = ڏنگ (ڏنگيندڙ شيءِ).

(84)

وصل[1] واري راتِ لحظي[2] ۾ وهامي ٿي وڃي،
ديرِ رِيءَ دل جي خوشي آئي، اُڏامي ٿي وڃي.

سِڄُ لٿو مس راتِ آئِي ايتري ۾ اوچتو،
صبح جو بانگو مٿانهون ٿو سلامي ٿي وڃي.

عرض دِلبرَ کي ڪرڻ ۾ تو اچي مون کي مزو،
خود خفي خاموش يا ڪي خوش ڪلامي ٿِي وڃي.

يا ادب بيهي ڪيان- هيڪي سچڻ سان حال دِل،
گفتگو ۾ مون ڳنان جيئن ڪا نہ خامِي ٿِي وڃي.

ڪينَ ڪي پورو ڏئي پنهنجو سگهان ٿو حال مان،
دل جي ڏڙڪن ڪان طبيعت جو وسامي ٿِي وڃي.

بيوسيءَ ڪان موجَ وارو حال هي ”مَسرُور“ آ،
وَتِ بہ سَڙُ پَچُ ۾ سَڙِي اَز خود اُجهامِي ٿِي وڃي.

---

[1] وصل = ميلاپ.
[2] لحظي = گهڙيءَ.

(85)

كنهين کي غير ٿو سمجهي، كنهين کي رازدان سمجهي،
محبت جي حقيقت کي نه ٿو اهل- جهان سمجهي.

اچي ٿو وَجدَ[1] ۾ اُشتر[2]، سُڻي آلاپُ اڪرن جو،
اگر مضمون جو مطلب نه ٿو هِي بي زِبان سمجهي.

عطا هي حضرت- اِنسان تي ٿي خاصُ خَلقَتَ ڪان،
وَلي وَرلي اُنهن مان ڪو اُهو رازِ[3]- نِهان سمجهي.

حقيقت هيءَ اهو سمجهي خودِي کي خاص ڪائي جو،
برهمڻ شيخ کي پنهنجو جِگر جان بي گمان سمجهي.

اگر دعوائي خوش فهمي ۽ حَق گوئي آ واعِظ جي،
نه پائي پيرُ هِنَ پڙ ۾ مَذاق- ميڪشان[4] سمجهي.

سدا بلبل جي قُلقُل[5] مان اچي آواز قُم قُم[6] جو،
وِڃائي جاڻ جَٽُ تِي چو نه ٿو هُو باغبان سمجهي.

يَقيناً پوءِ ڪوئِي بي شڪايت جو سبب ناهي،
جڏهن سِڪَ ساءَ سان ڪوئِي حِسابِ دوستان سمجهي.

محبت ميل روحاني بشارت بعد جِسماني،
عجب ابتَڙِ الائي[7] چاھ پيو پير[8] و جوان[9] سمجهي.

نه ڄاڻي عام ٿو **”مَسرُور“** منهنجي دانهن کي ليڪِن،
سندم فريادَ جي مفهوم کي ڪو نُڪتَه- دان سمجهي.

---

[1] وجد = بي خودي. (وجد ۾ اچڻ = مستيءَ ۾ اچڻ).
[2] اشتر = اُٺ.
[3] نهان = لڪل.
[4] ميڪشان = (مئي = شراب + ڪش = پيئندڙ) شراب پيئندڙ.
[5] قلقل = بلبل جي ٻولي.
[6] قم قم = اٿ اٿ.
[7] الائي = چوي، ٻڌائي.
[8] پير = پوڙهو.

(86)

يَجُ كوٽُ[1] خوديءَ جو هامَ[2] هڻي - پئجي تہ خوديءَ ۾ خامُ[3] نہ ٿي،
گهر شَهَرَ[4] عجب ۾ گامَ[5] کڻي - ڪجهہ اوٽَ[6] ڏئي گهُم عامُ نہ ٿي.

سَڀَ آهہ مِٽيءَ جي جوڙ ڪَچي - تون رازِ ربوبي رنگ رَچي،
مَئي مَست جُڙي پہءُ مَرد مَچي - اي ليڪِ صُراحي جام نہ ٿي.

رَهُ رَهَت، جا خاصَن آهہ رَهي - ڪر عيش خدائي ڪاڻِ لَهي،
هِي ويسُ ڪري درويش ٿُهي - ڏن مال قُرڻ لِءِ دام نہ ٿي.

هٿ[7] جوڙ ڪنان ڪر پاڻ پري - هن حال وچان ڪجهہ ڪينَ وَري،
اِنسان ڪنهِين ۾ آس ڪري - اميد نہ رَک ناڪام نہ ٿي.

"مَسرُور" اڙائي چشم اُٽي - رَهُ هانِ يَگانو گوءِ کٽي،
ڪِٿِ ساٿَ سڏي اڱواڻ بڻِي - تون نانءُ ڪيي بدنام نہ ٿي.

---

[1] ڪوٽ خوديءَ جو = تڪبر وارو قلعو، فاني جسم جي گهمنڊ جو.
[2] هام هڻي = اقرار ڪري، دم ماري.
[3] خام = اڻاڙي، نالائق.
[4] گهر شهر عجب ۾ = پنهنجي اندر ۾.
[5] گام کڻي = قدم کڻي.
[6] اوٽ ڏئي = پاسروٽي، دنياوي شوق کان پري رهي.
[7] هٿ جوڙ ڪنان = خوشامد کان.

(87)

مسڪين سان ماڻا، منٺار چڱي ڏي،
آءُ پرچ پاڻان، تڪرار چڱي ڏي.

مون سان رهو مَدامي، هر جان هوت همدم،
اَغيار سندي حجت، اي يار چڱي ڏي.

توکي ڏسي ٻين سان، لونءُ لونءُ اندر لُڇان تو،
دستور هي دورايو[1]، دلدار چڱي ڏي.

هٿڙا ٻڌي اوهان کي، منٿڙا تو منٿ ڪريان،
ڪاوڙ غصو غريب سان، غمخوار چڱي ڏي.

"مَسرُور" سان ملڻ جي سگهڙو ڪا ڪر سياڻا،
ٻيا وسوسا وهم سڀ ويچار چڱي ڏي.

---

[1] دورايو = ٻٽو خيال، وهم، وسوسو.

(88)

خاصو رکين جي خيال اَميري - فَهَمُ[1] فَقيرِي ائين بہ ناهي،
توڙي لَکَ مريدِي پِيرِي - فَهَمُ فَقيرِي ائين بہ ناهي.

شِعَرَ چوڻ تہ شِرکُ کرڻ آ - مُفت اَجايو متو هَٽڻ آ،
مُحبت قُرب زبان جي شِيرِي - فَهَمُ فَقيرِي ائين بہ ناهي.

ڏاڙهي مُوڇَ مَتي جي صافي - دَر دَر ڳائڻ گِيتَ ۽ ڪافِي،
عامر چوي تو کَهڙي دِلگيرِي[2] - فَهَمُ فَقيرِي ائين بہ ناهي.

ڄاڻڻ قافِيہ[3] عِلم عروضِي[4] - مَنطق[6] مَسئلہ کَنز[7] قُدوري،
کَشفُ کَرامت روشن ضميري[5] - فَهَمُ فَقيرِي ائين بہ ناهي.

ڳانا ڏاڳا کَيڙُو پائڻ - "مَسرُور" نَغارا[8] نادَ[9] وَڄائڻ،
خاصِي ڄاڻڻ خود پَذِيري[10] - فَهَمُ فَقيرِي ائين بہ ناهي.

---

[1] فهم = ادراڪ، گيان، سمجهہ.
[2] دلگيري = پريشاني، غمگيني، مايوسي.
[3] قافيہ = شاعري جو اهو ٽڪ جو رديف کان اڳ ۾ بدلبو رهندو آهي.
[4] علم عروضي = موزون شعر ڏاهڻ جو علم.
[5] منطق = علم جو نالو، صحيح دليل آڻڻ جو علم.
[6] کنز قدوري = فقهي معاملن جو ڪتاب.
[7] روشن ضميري = بصيرت وارو.
[8] نغارا = نقاره، دهل کان وڏو ساز، نغارو.
[9] ناد = ڦوڪ جو ساز، مينهن جي سگ، سمنڊ جي وڏي ڪوڏ يا سپ ۾ ڦوڪ ڏيڻ سان پيدا ٿيندڙ آواز ڪيبو آهي. سنک.
[10] خود پذيري = خود نمائي، ڏيکاءُ.

(89)

ڏسين ٿو ڪجھ تون دنيا ۾ - تہ ڪي توکان سوا چاهي؟
اگر ناهي تہ ڇا ناهي - ڀلا آهي؟ اُها ڇاهي؟

مَٿائي جيم جو نُقطو - مٿان ڏيئي وجهي جهاتي،
پتو لهہ هاڻ تان تون ۾ - جدا ڇاهي؟ خدا ڇاهي؟

خودي ماري رهي بيخود - وڏو ٿي خود خدا کان وچ،
خدا ڀي جيئن چوي منهنجا - خدا تنهنجي رضا ڇاهي؟

سڄوئي جوڙجڪ توسان - بنان تارن ٻڌل آهي،
لهي ڪَلَ ڪُلَ جي ڏس تان - جُزي جي ماجرا ڇاهي؟

نہ آ ڪم عام جو "مَسرُور" - سمجهڻ هن حڪايت ڪي،
سياڻو ڪو مگر سمجهي - تہ تنهنجي هيءَ ڪٿا ڇاهي!

# مسدس مسرور

1- مسدس اسرار حسيني.
2- مسدس هيرن جو هار.
3- مداح بيڪس سائين.
4- مسدس دارلامان.
5- مسدس عملي قدم.
6- مسدس اديب سنڌ.
7- مسدس الوداع.
8- فراوان مهر مولا.
9- مسدس ميدان عمل.
10- قلم.
11- ناتال جو چڪر.
12- مجازي معشوق.
13- انڌير نامو.

نينهن تون ناميان ڳٽين، تقطيع لۓ تڪڙو تمام،
عقل ۾ اڙجي پوين پوۓ، عشق تئي ڪيئن تو انعام.

**فقير مسرور**

# مسدس مسرور

حسينؓ لا ماتام پيو، ارض و سمان ۾،
بَر عرش عُلا فرش زمين تحت ثريٰ ۾،
پاڻيءَ ۾ مڇي تڙڦي، اُيا مُرغ هوا ۾،
هر جِيوُ رڙي، جن و بشر پنهنجي سرا ۾،
ماتام ۾ گريان سڀ آهه خدائي،
اي اُپ ٻہ ان ڏينهن ڪان آ رونق مٽائي.

**فقير مسرور**

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# اِلتجا

(بَہ درگاھہ ڪِبريا جَل وا عليٰ[1])

1- تحرير ثنا جي بہ تہ طاقت نہ رکان ٿو،
تقرير بيان جي بہ تہ بلاغت[2] نہ رکان ٿو،
سچ صاف تہ عِلمي بہ لياقت نہ رکان ٿو،
ڪجھہ دردِ جگر سوز علامت نہ رکان ٿو،
ڪنهن ريتَ ڪيان حَمدُ ثنا جِي بہ اَدائِي،
ڪر ياڻ سگھو هاڻ متھ بار اِلاهِي.

2- آ آس اِها ئِي تہ سدا صبح مَسا[3] مان،
تنهنجي تہ ڪيان بارِ خُدا حَمدُ[4] ثنا مان،
توفيق ڏئين تان تہ ڪيان وصف[5] ادا مان،
طاقت نہ اٿم تاڪِ سَهان درد بلا مان،
تو رِيءَ نہ ٿئي ڪا بہ ڪڏهن عُقده ڪُشائِي[6]،
ڪر ياڻ سِگھو هاڻ متھ بار اِلاهي.

---

[1] هن فصل جي ابتدا، فقير مسرور- 27 آڪٽوبر 1938ع مطابق 3 رمضان المبارڪ 1357هجري، بروز جمعرات ڪئي.

[2] بلاغت = انتها درجو (گفتگو، ڪلام ۾)

[3] صبح مسا = صبح ۽ شام

[4] حمد و ثنا = وڏائي، ساراھہ، تعريف.

[5] وصف = گڻ، خوبي.

[6] عقده ڪشائي = مشڪل آسان.

3- هِي پُور پيو آهہ اڇي ويلَ وِهاڻي[1]،
اڳ وقت ويو واءِ ڪري اڄ نہ سياڻي،
اميد اِها ساهہ سنڌِي تورِ رَساڻي،
رَسُ دادُ سُٺِي دانھَن ڏٺي ننگُ سُڄاڻي،
بدڪارُ رهي عُمر مُون اِفراط[2] وڃائي،
ڪر پال سگهو هاڻ مٿم بارِ اِلاهي.

4- پنھنجو هي سڄو ڏوهہ مان محسوس ڪيان ٿو،
هيهات جو هِنَ حال ڪان شرمندو ٿيان ٿو،
بخشِيش لهڻ لاءِ نِمي[3] سَجده ڏِيان ٿو،
هٿ هاڻ دعا لاءِ کڻي پاندُ جهَليان ٿو،
اِمداد ٿِئي عشقُ مِلي درد دَوائِي،
ڪرِ پال سِگهو هاڻ مٿم بارِ اِلاهي.

5- تون پاڪُ و بي مثل زِ[4] تشبيهہ نِيارو،
هر جاءِ مٿي هيٺِ سندءِ نورَ نظارو،
ڪجهہ اَنتُ سندءِ جو بہ تہ ڪنڌِي نہ ڪِنارو،
هر وارَ لهِين سارَ، ڪرين ڪِين وِسارو،
سڀ ساڻ ڪرين پاڻ ڏٺي رِزق رسائِي،
ڪر پالَ سِگهو هاڻ مٿم بارِ اِلاهي.

---

[1] ويل وهاڻي = آخري وقت.
[2] افراط = گهڻي، اجائي.
[3] نمي = جهڪي.
[4] ز = از جو مخفف – (حرف جر)- کان.

6- هر درد سندو درس ڏٽي ويجُ دوا تون،
درياءُ ڪرم جُودُ و سخا[1] اَبر عطا[2] تون،
يڪتا[3] و يگانو[4] بہ تہ حق پاڪُ خدا تون،
داناءُ و بينا وَ سَزا وارِ ثنا تون،
توکان تہ ڪنهين ڳالهہ سندِي ناهي ڳجهائِي،
ڪرِ يالَ سِگهو هاڻ مٿم بارِ اِلاهِي.

7- سَتارُ[5] تون غفارُ[6] تون معبُود[7] حقيقي،
ڪل خلَق سَندو خاص تون مَسجود[8] حقيقي،
هر هنڌ سدائِي بہ تون موجود حقيقي،
دارينَ سَندو دَرس تون مقصود حقيقي،
ڪجهہ گنج سندءِ ۾ تہ ڪمي مُور نہ ڪائِي،
ڪرِ يالَ سِگهو هاڻ مٿم بارِ اِلاهِي.

8- هِڪ نظر مهَر اگر تنهنجي خدا تي،
رِيءَ دير چِڙِي[9] عرش اُڏي فَخر هُما[10] تي،
ڪا گهرج رهي ڪانہ اگر، تنهنجي عطا تي،
ڪم ڪار ٿِئي راس جيئين تنهنجي رضا تي،
بندي جي هلي ڪانہ هِتي پنهنجِي پڪائي،
ڪرِ يالَ سِگهو هاڻ مٿم بار اِلاهي.

---

[1] جودو سخا = بخشيش ۽ عنايت.
[2] ابرعطا = بخشيش جو ڪڪر.
[3] يڪتا = واحد، نرالو، انوکو.
[4] يگانو = واحد، بي مثل.
[5] ستار = ڍڪڻ وارو، پرده پوش (الله تعاليٰ جو صفاتي نالو)
[6] غفار = بخشڻ وارو (الله تعاليٰ جو صفاتي نالو)
[7] معبود = جنهن جي عبادت ڪئي وڃي.
[8] مسجود = جنهن کي سجدو ڪيو وڃي.
[9] چِڙي = جهرڪي.
[10] هما = پکي..

9- محتاج ڪرين ڪِين ڪڏهن ڪنهن جو خدايا،
هر وار ڪَرم شال ڪرين پنهنجو خدايا،
جهڙوڪ مان تهڙو بہ ٽِيُس تنهنجو خدايا،
هِي عرض اِجابت[1] ۾ اَچي منهنجو خدايا،
مشڪل نہ ڏسان مُور، پوي پيش سَٽائِي،
ڪرِ ٻالَ سِگهو هاڻ متم بارِ اِلاهِي.

10- پُر سوز قِصو صاف لِکان هِزجَ[2] بحر مان،
هر وار پري نوڪِ قلم خونِ جِگر مان،
معلوم ٿِئي حال اِهو خاص خَبر مان،
رهجِي نہ وڃي رازَ سندو لفظ نظر مان،
مقبول ٿِئي عام اِها منهنجي ڪمائِي،
ڪرِ ٻالَ سِگهو هاڻ متم بارِ اِلاهِي.

11- توريءَ نہ مددگار ٻيو هر دو جهان ۾،
ڏاتارَ ڏئين ڏاتِ، رکين اَمنُ و امان ۾،
تيار رهي لفظ جيئن تِيرو ڪمان ۾،
اڪثير اثر بخش ذرا مرده زبان ۾،
بدڪار گنهگار گهري ٻيڪَ اِهائِي،
ڪرِ ٻالَ سِگهو هاڻ متم بارِ اِلاهِي.

[1] اجابت = قبوليت.
[2] هزج بحر = خليل بن احمد جو ٺاهيل بحر، جنهن جو عام مطلب آهي، اهو ڪلام جيڪو سر ۽ تال ۾ هجي. (بحر جو وزن = مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيلن، مفاعيلن)

12- رفتار تِکِي ڪاش تئي طَبع رَوان جي،
گفتار شَڪر قَند[1] تئي لَغوَ[2] لَسان[3] جي،
هر لفظ تِئي روح روان جا جهان جي،
هر بات، ڪري مات، اَبا[4] اَهلِ بُتان جي،
زُنار[5] ڪري گارِ[6] ڇڏن رسم ريائِي،
ڪرِ ياڻ سِگهو هاڻ متم بارِ اِلاهِي.

13- ڏِن رات رهي تاتِ اها پيرُ[7] و جَوان ۾،
قُدسي[8] بہ ڏِئي گوش ٻُڌي باغِ جَنان[9] ۾،
قُمري بہ سِٽِي لاتِ پوي آهُ و فُغان ۾،
طوطي بہ رَهي مَست مَگن طرزِ بيان ۾،
بلبل بہ تہ بي سُرت ڦِري چُور سَدائِي،
ڪرِ ياڻ سِگهو هاڻ متم بارِ اِلاهِي.

14- ڪر لطف ڪو يڪبار تون محبوب طفيلي،
تِڪَ تارَ منجهان تون محبوب طفيلي،
ڪو دَردُ نہ ڏيڪار تون محبوب طفيلي،
آفاتِ ڪُلي ٽارِ تون محبوب طفيلي،
هر رنج درد مرض ڪنان بخشِ رهائِي،
ڪرِ ياڻُ سِگهو هاڻ متم بارِ اِلاهِي.

---

[1] شڪرقند = مٺي ڪنڊ جهڙي.
[2] لغو = بيهودي.
[3] لسان = زبان.
[4] ابا = ڪيپائڻ.
[5] زنار = ڌاڳو (هندو، جٽيو، عيسائي زنجيري) ڳچيءَ ۾ پائڻ وارو.
[6] گار = گم.
[7] پير = پوڙهو.
[8] قدسي = ملائڪ.
[9] باغ جنان = بهشت جو باغ (جنان جع آهي جنت جو).

15- اولادِ سندم نيڪ ٿئي شاد رهي پڻ،
گهر خويش[1] وطن يار بہ آباد رهي پڻ،
شب روز سَندءِ لطف جو امداد رهي پڻ،
هر رنج و تعب[2] درد کان آزادُ رهي پڻ،
خوش حال رهي شالَ اکين ٺارُ سَدائِي،
ڪرِ يالَ سِگهو هاڻ متم بارِ اِلاهِي.

16- دنيا ۾ رهي نانءُ، هلان ڪلمو چئي مان،
دِلشاد ٿيان ڪاش لهان لعلَ ٻئي مان،
يا رَبّ ٿِئي معاف خطا جا بہ ڪئي مان،
زاري تو ڪيان زار رڙِي پيش پئي مان،
"مَسرُور" سندِي دانهن ڏٿي توکي اِها ئِي،
ڪرِ يالَ سِگهو هاڻ متم بارِ اِلاهِي.

---

[1] خويش = عزيز، مائٽ،
[2] تعب = ماندائي، سختي.

# ديباچو

1- اي جامِ عَنا[1] درد تہ اڪثِير دوا آ،
آشوبِ [2] بَلا آ تہ بي اَنداز عطا آ،
تنهنجي تہ سَدا حَمدُ ثَنا تارِ تڳا[3] آ،
پڻ اِسمَ تنهنجي مُحِبَ سندو شرط شفا آ،
پاتو آ انهن توکي، مگر جن کي پيارين،
ڄاتو آ انهن توکي، مگر جن کي پيارين.

2- پي مست ٿيا مرد، ڇُڪي، چُور ڪيو تن،
هن خاصُ نشي نِينهن جي مخمور ڪيو تن،
اَڳ پوءِ سندو اونُ[4] دِليان دور ڪيو تن،
دُک سُور بہ سِرَ ساهَ تي منظور ڪيو تن،
شب روز ڏِسي راز رهن رمز رضا[5] ۾،
تدبِيرَ ڪڏهن ڪانہ ڪرن ڪارِ قضا[6] ۾.

3- مانِجهي نہ مُڙن مُور ڪُسي قولَ ڪيل کان،
اَٽلي نہ پوڻ پاڻ ڪڏهن عِشق اٽل کان،
ٻولِن نہ ٻيو ٻولُ اُهي ٻولُ ٻڌڻ کان،
پاسو نہ ڪڻن پَڙچَ مٿان پيچَ پيل کان،
ايذيءَ تہ جَفا جور[7] سهڻ ساڻ اَچا ٻي،
نِت واءِ نئين نوع سندن پرک ٿئي ٿي.

---

[1] عنا = رنج.
[2] آشوب = شور- بلا = مصيبت.
[3] تڳا = آسرو.
[4] اون = فکر، ڳڻتي.
[5] رضا = مرضي.
[6] قضا = خدا جو حڪم.
[7] جفا جور = (جورو جفا) = ظالم ۽ ستم، بي وفائي.

4- وَلَنبُلوَنکُمر[1] جي صَفا آهہ تہ آيت،
خاصن جي ٿئي خاص پٺي پَرک نِهايت،
آ گرچ خدا کان نہ ڪجهي تن جي حِڪايت،
اي ليڪ ڏسي لوڪُ جيئين تنهنجي صداقت،
تان کير ڪري جان فدا گوءِ ڪٽي تو،
ميدان وِچان گوءِ ڪٽِي دَمُ نہ هٽي تو.

5- هِن پرک سندا نوع نوان قسم گهٽائِي،
بِشيءِ مِن الخوف[2]، وڏو خوف خدائِي،
دَشمن جو دٻاءُ ڌارَ لڳاتار لڙائِي،
پڻ لوڪَ سندي جهيڙَ مٿان ٿوڪَ سدائِي،
والجُوع[3] بُکئي پيٽ رهڻ روزا رکڻ کان،
يا رِزق رهي تنگ ڪِ اَن هوند هجڻ کان.

6- بعضي تہ سندن مال جو نقصان ٿئي تو،
بعضي تہ سندن درد جو درمان ٿئي تو،
بعضي تہ سندن کيت بہ ويران ٿئي تو،
يا مَرگ[4] جِگر گوشي کان اَرمان ٿئي تو،
هر حال رهي شاد سدا صبر ڪيو جن،
لاريب[5] اُهي لعل ٿيا شڪر ڪيو جن.

---

[1] وَلنبلونکم = تہ اسان آزمائيندا سين انهن کي (البقره 2، سيقول 2، آيت 155)
[2] بشيءِ من الخوف = وَلنبلُونکُم بشيءِ مِنَ الخوفِ وَالجُوعِ وَنَقص منَ الأ موال وَالأ نفُس والثمرات وَ بشر الصٰبرينَ- ۽ اوهان کي ڀوَ ۽ بک ۽ مالن جي ۽ جِندن جي ۽ ميون جي گهٽتائيءَ مان ڪنهن شيءِ سان ضرور پرکيندا سون ۽ اي پيغمبر انهن صابرن کي خوشخبري ڏي. (قرآن پاڪ البقره 2-155)
[3] وَالجُوع = بک.
[4] مرگ = موت.
[5] لاريب = بيشڪ.

7- بيشڪ تہ انهن لاءِ لِکيل آهہ بشارت،
ڪڏهين بہ مصيبت ۾ ڪرن ڪا نہ شِڪايت،
ليڪن بہ تصديق ڪرن شڪر نهايت،
سڀ رنج مرض درد چون عيش عنايت،
نِتُ باهِ ٻرهَ منجهہ جلن عُود[1] اگرَ[2] جان،
نِڪري نہ وري ڪو بہ مگر دُود[3] اُنهن مان.

8- داعِي[4] تہ محبت جو پِلا جو ڪِ تئي تو،
يا پاڻ خدا جام اِهو جنهن کي ڏئي تو،
شب روز مٿس مينهن مصيبت جو پوي تو،
هِن حال مصيبت ۾ مري ناڪِ جيئي تو،
سڀ عيش ۽ آرام وڃي حال تنهين جو،
رِيءَ شُڪرَ رهي ڪينَ ٻيو قال تنهين جو.

9- نيهي تہ ٿيا نُورُ، سَهي جورُ جَفائون،
ڏک درد سوين رنج گهڻا سُورَ سَنائون،
ڏڙ ڏار ٽيڻ سان بہ ڪجهہ اُف نہ ڪيائون،
پهرن تا بعد پرک جي سِرِ رازُ رِدائُون[5]،
اي باهہ وچان ريت جَنهين سونُ صَفا ٿي،
طالِب بہ تيئن سُورَ سَهي مرد خدا ٿي.

---

[1] عود = خوشبودار.
[2] اگر = ڪاٺي.
[3] دود = دونهون.
[4] داعي = دعوت ڏيڻ وارو.
[5] ردائون = پوشاڪون.

-10 هِن ريت ڪِتابن ۾ خبر صاف لکيل آ،
تان بارُ بلا سخت، نبينُ کي مليل آ،
محنت جو وڏو بوجُھ وَليُن تي پيل آ،
ٻي خَلق مٿان خاص تہ تخفيف[1] ٿيل آ،
مَقدار محبت جي قدر سُورَ سَهَن ٿا،
واندا نہ گهڙِي وِرھُ وِلوڙَڻ کان رهَن ٿا.

-11 هِي درد بلا ناھ تہ ڪو ڪاج نِرالو،
آ زهر هَلاهَل[2] جو مگر تَلخ پيالو،
ڪو مرد پيئي ليڪ اِهو جامُ نِرالو،
اِطفال[3] طريقت[4] جو ڪرڻ ڪم نہ ڪشالو،
اِن خاص سبب بار بلا سخت گِران[5] تر،
آ خاص نَبيُن جو تِيو ڏيبُ[6] سراسر.

-12 هِن بار مصيبت جي وڏي آھ ڪهاڻِي،
تقريرَ لکڻ سان بہ ٿئي ڪين پُڄاڻي،
آ عِشق حقيقي جي عجب ريت رِهاڻِي،
سڀ ساڻ نِباهي تو پيو پرتِ پراڻي،
محروم ٿِيو ڪونہ سندس جام پيئڻ کان،
مُڙيو نہ ذَرا پاڻ بہ ڏک درد ڏيڻ کان.

---

[1] تخفيف = گهٽِ، ڪمي
[2] هلاهل = مهلڪ.
[3] اطفال = ٻار.
[4] طريقت = طريقو، رستو، صوفين جي طريقي ۾ تصوف جو ٻيو درجو.
[5] گران تر = انتهائي ڳورو.
[6] ڏيب = ڏاج.

13- آدم جو عجب نوح سان حَسرت ۾ رهڻ ڏِس،
ڪِي نُوحؑ[1] نَجيءَ جو بہ رُئڻ، رنج سهڻ ڏِس،
اي واءِ اِبراهيمؑ جو آڙهہ ۾ پوڻ ڏِس،
پڻ ڪِي اِسماعيلؑ سَندو ڪاڄُ ڪسڻ ڏِس،
يَعقُوبؑ سَندو روڄ رَڙڻُ بيتِ حُزن[2] ۾،
يُوسفؑ بہ گِرفتار بَلا چاهِ محن[3] ۾.

14- مُوسيٰؑ بہ گهٽو قيد مصيبَت جو ستايل،
اَيُوبؑ بہ ڏُک درد سَبب چاڪَ چِڪايل،
هيهات ذڪرياؑ جو بَدن ڪَرت چيرايل،
يَحييٰؑ بہ تہ مَعصوم سندو حلق هي گهايل،
حمزيؓ جو چُريءَ ساڻ بہ صدپاره[4] جِگر ڏِسُ،
اي واءِ اَلم[5] شاهَہ جي دَندان[6] جو مگر ڏِس.

15- اي واءِ اَهلبيتَ[7] سندو حال ڏکن جو،
زُهراؑ جي مٿان سخت گِران بوجُهہ غمن جو،
تر خون ۾ رُخسارِ عَليؓ[8] ڪوٽ[9] شِڪن جو،
لَب زَهر چَشيده[10] بہ مگر شاهَ حَسنؓ جو،
حُسينؓ جو رخسار[11] بہ رَتُ ساڻ رَڱيل ڏِسُ،
طالِب جو سندس آهہ اهو دِل جو ڦٽيل ڏِس.

---

[1] نوح نجي = حضرت نوح عليه السلام، نبيءَ جو نالو، الاهي ذات جي تسڪين پهچائيندڙ.
[2] بيت حزن = رنج ۽ رئڻ وارو گهر.
[3] چاهہ محن = (چاهہ = کوهہ+ صحن = تڪليف) تڪليف وارو کوهہ، جنهن ۾ حضرت يوسف عليه السلام کي سندس ڀائرن ڦٽو ڪيو هو.
[4] صد پارا جگر = سؤ ٽڪر دل.
[5] الم = رنج، ڏک.
[6] دندان = ڏند.
[7] اهلبيت = حضرت محمد ﷺ جن جي گهر جا ڀاتي (رسول الله ﷺ، حضرت علي ؑ، حضرت فاطمہ ؑ، حضرت حسين ؑ، حضرت حسن ؑ)
[8] رخسار علي = حضرت علي ڪرم الله وجه جو اولاد.
[9] ڪوٽ شڪن = ڪوٽ ڪيرائيندڙ بهادر.
[10] چشيده = چکيل، ڏائقو ورتل.
[11] رخسار = ڳل، ڳٽو.

16- طالِب ٻہ تہ هِن درد کان آزاد نہ کو آ،
انسان ٻہ دنيا ۾ مگر شاد نہ کو آ،
هِن دَور دِگرگون[1] ۾ بي داد نہ کو آ،
ڪجھہ رَنج مُصيبت جو ٻہ تعداد نہ کو آ،
جنهن کي تو ڏِسان آهہ اُهو سَخت ڏکايل،
ڏُک دَرد بلا رنج مصيبت جو ستايل.

17- اي عام سين سخت ڏکوينَ کان زِيادہ،
پُڻ خاص محبت جي مريضن کان زِيادہ،
محنت جو ڳرو بوجھہ وَلييُن کان زِيادہ،
سڀ درد بلا بار نبييُن کان زِيادہ،
سَردارِ دو عالَم[2] جي وَڏو سُور سَنو آ،
جو ڪَنهن بہ وَليءَ يا ڪِ نَبيءَ ڪِينَ ڏِٺو آ.

18- اي خار بلا[3] راهَہ ۾ حضرتﷺ جي پيا ٿي،
سي سُورَ سَهي واءِ پري پاڻ ڪيا ٿي،
اُهڙا تہ ڪي اِيذاءَ بہ ڪنهن سان نہ ٿيا ٿي،
هِنَ حال سبب صاف اکر شاهَہﷺ چيا ٿي،
مُون، مِثل نبيﷺ ڪو بہ رَنجايو نہ ويو آ،
هر بار بلا کان تہ سَتايو نہ ويو آ.

---

[1] دگرگون = الٽ پلٽ.
[2] سردار دوعالم = ٻنهي جهانن جو سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن)
[3] خار = ڪنڊا، بلا = مصيبت.

19- پڻ آل نبي ﷺ جا بہ رهي ڏيٺَ ڏکن سان،
شب روز سندن اُور[1] عجب رنج محن[2] سان،
جو رنج نبيءَ کنهن بہ ڏِٺو ڪِين اکين سان،
پڻ ناڪِ ٻُڌو حال اڳي ڪنهن بہ ڪَنن سان،
آ سخت سڀي حال ڪان ڪَربَل جي کهاڻِي،
شَبيرَ شَبَر[3] شاهَہ جي تَحمُل جِي کهاڻي.

20- اي جُملي نَبيُن ڪِ سندن آل متن اڳُ،
ڪنهن تي بہ پيو ڪِينَ اِئين بارُ ڪَنن اڳُ،
جو سُور ڏِٺو بي نہ زماني جي اکين اڳُ،
سو ڪَعبؓ[4] مديني ۾ سُڻايو تي سُخن[5] اڳُ،
ڪجهہ دور تلاطم[6] جو جڏهن قال ڪيو تي،
ڪَربَل[7] جو اِئين زارِ رڙي حال ڪيو تي.

21- اَثناءِ دَرين[8] گُفت ڪِ اي اَهلِ مَدائن[9]،
واقعات زماني ۾ اڳي جي بہ ٿِيا هِن،
يا پاڻ اوهان ڪي بہ پڙهيا خواهہ ٻُڌا هِن،
تن سين ڪَنان سَرسُ اجا پوءِ پيا هِن،
لُڙ گوڙُ وڏو شورُ ٻُجهي دور دِگر[10] ۾،
هِن رِيت لِکيل آهِ اِهو خاصُ خَبر ۾.

---

[1] اور = اورڻ (مصدر)
[2] رنج محن = ڏک ۽ تڪليفن.
[3] شبير شبر = حسن ؓ ۽ حسين ؓ جا نالا.
[4] ڪعب = نالو، مڪي جو هڪ شاعر، ڪعب بن زهير.
[5] سخن = قول، مقولو.
[6] تلاطم = طوفان، موجن ج زور.
[7] ڪربل = ڪربلا، ڏکن ۽ آفتن جو مقام.
[8] اثنا = درين گفت = ان ڪان پوءِ چيو.
[9] مدائن = ايران جي هڪ شهر جو نالو.
[10] دگر = ٻيو.

22- تان اِبنِ[1] عَليؓ ساڻ ڪندا ڪُوڙ دَغا ڪي،
اُڇليندا مٿس زهر ڀريا تيرَ تِکا ڪي،
اِيذاءَ ڪنهِين ساڻ سي ٿيندا نہ ٿيا ڪي،
ڪَربَل ۾ ڪَندا قتل لَڙِي اهلِ جَفا[2] ڪي،
اُن ڏينهُن شهادت جي، وڏو شورُ ڪو مَچندو،
هِي اُبِ ڏِسي حال بہ رب زارِ ئي رُئندو.

23- مجلس ۾ پيو روجُ اِهو حالُ ٻڌڻ سان،
چُپ چاپ رهي پوءِ دُعا خير گهرڻ سان،
اي ليڪ انهن مان نہ مُڙيا لوڪَ پڇڻ کان،
جَن جَلدُ چيو ڪَعبؓ کي هَٿ جوڙ ڪرڻ سان،
تان ڪِينَ ڪنهِين لاءِ سَما[3] رُئندي ٻڌو سي،
هِي حالُ تہ ڪَڏِهين بہ اڪين سان نہ ڏِٺوسي.

24- واري هِي چيو ڪَعبؓ تان هيهات اوهان لاءِ،
افسوس ۽ اَرمان بہ ڏن راتِ اوهان لاءِ،
هر هَنڌ هجي هيف سَدا باتِ اوهان لاءِ،
ڪافِي آ اِهو قول بہ اثباتِ اوهان لاءِ،
سڀيو ڪيو بندهٔ خُدا جو ڪِ چيو مُون،
هي خاص ڪِتابن ۾ اِئين آهِ پڙهيو مُون.

---

[1] ابن = پٽ.
[2] اهل جفا = ظلم زيادتي ڪرڻ وارا.
[3] سما = آسمان.

-25 هُو شاهہ دو عالمﷺ[1] جو اَيا[2] جانُ و جِگر آ،
سَيد اَصفيا[3] جو تہ پيوَند پسَر آ،
زُهراؑ[4] جو بہ دِلبَند وَلي نُور بَصرُ[5] آ،
دانيدڪ[6] بدست جنهِين شامُ و سَحر آ،
سوڳند[7] ڪٺي اُن جو اِئين صاف چوان تو،
هِن رِيت حقيقت جِي تہ تصدِيق ڏِيان تو.

-26 اُن ڏينهن شهادت جي فرشتا بہ اجازت،
روضي تي اچي روجُ ڪندا شورُ نِهايت،
رهندا نہ رُئڻ رِيءَ گهَڙِي تا بہ قيامت،
هِي روجُ رَکيَل آهِ اُنهن لاءِ امانت،
ماتامَ ۾ مَشغول سي شبُ و روزُ رهندا،
هِن روجَ رُئڻ ڪارِ ڪان تڪجي نہ پوندا.

-27 پڻ خاص جُمعي راتِ جو لا تعداد ڳڻڻ کان،
ڪندا تہ ملائڪ بہ لَهِي روجُ اچڻ سان،
رَتُ زارِ رڙي راتِ سڄي ڏينهَن تيڻ تان،
ويندا سي وري ماڳِ متي حَمدُ چوڻ سان.
اِن ريت انين ڏينهن سي اندا سي رهندا
تا روز قيامت جي تہ روئندا بِی رهندا.

---

[1] شاهہ دوعالم= ٻنهي جهانن جو شاهہ.
[2] اَيا = جيڪر.
[3] سيد اَصفيا = پاڪ، سيدنا علي ڪرم الله وجه.
[4] زهرا = حضرت فاطمة الزهرا ؓ.
[5] نور بصر = اکين جي روشني.
[6] دانيدڪ = سچ پچ تہ.
[7] سوڳند = قسم.

28- اي اَهلِ سَما شاهؓ ڪي مَسمُوم[1] سڏيندا،
ذرتيءَ جا ملائڪ بہ تان مَغموم سڏيندا،
دريا جا مَلَڪ پاڻ ۾ مَنظومُ سڏيندا،
پڻ جُملي مَلَڪ بادِ[2] جا مَعصُوم سڏيندا،
حامل تہ زمين عَرش جا مَذبُوح[3] چوندا،
جِناتِ ۽ انسانَ تہ مَجرُوح[4] چوندا.

29- حُسينؓ لاءِ ماتمُ پيو اَرض و سَما[5] ۾،
بَر[6] عَرش عُلا فرش زمين تَحت ثَري[7] ۾،
پاڻيءَ ۾ مڇي ٽڙقي اَيا مُرغ هوا ۾،
هر جَيوُ رَڙي جن وُ بَشر پنهنجي سَر[8] ۾،
ماتام ۾ گِريان[9] سَڀي آهہ خُدائي،
اي اَيَ بہ اُن ڏينهن ڪان رونق آ مَٽائي.

30- هي [illegible] تيو [illegible] حق جي لهڻ جو،
لائق تو ڪري ليڪ سو جنت جي رهڻ جو،
حصو جو روئي يا ڪِي ڪري حالُ رُئڻ جو،

[1] مسموم = جنهن زهر پيتو هجي.
[2] باد = هوا.
[3] مذبوح = ذبح ڪيل.
[4] مجروح = قتيل.
[5] ارض و سما = زمين ۽ آسمان.
[6] برعرش عُلا = اعليٰ عرش تي.
[7] تحت ثريٰ = پاتال.
[8] سرا = گهر، حويلي، سراءِ.
[9] گريان = روئڻ (مصدر).

سو آهِ سَزا وارُ تہ ڪوثر[1] جي ملڻ جو،
تحقيق صحيفن[2] ۾ اِئين صافُ لِکيل آ،
حُسينؓ لءِ ماتامُ ڪرڻ فرضُ رکيل آ.

31- ڪَربل جي مِٽيءَ ۾ آ پيل تُخمِ شهادت،
سو آب اکين ساڻ سَلو اُپري سلامت،
وڻ مثل وڏندو ئي رهي تا بہ قيامت،
محشرَ ۾ منو جنهن جو ملي ميوو شفاعت،
حاصل هِي ٿئي تن کي سدا جيڪي رئن تا،
بخشيش جا تحقيق سي حقدار ٿين تا.

32- اميد رکين دِل تون جي جنت جي رهڻ جي،
سڪراتِ لحَد جي بہ سختيءَ کان بچڻ جي،
شَبُ روز رکج تاتِ تان جهوريءَ ۾ جهجڻ جي،
اَفضل آ عبادت کان اِها ريت رئڻ جي،
حُسينؓ جو هر سال تون ماتامُ مَلهائجُ،
"**مَسرورؔ**" جَئين جيسين اِهو نِينهُن نِڀائجُ.

---

[1] ڪوثر = جنت.
[2] صحيفن ۾ = ڪتابن ۾.
[3] ڪوثر = جنت.

# باب پهريون

## بيان جُملي انبيا، عَليٰ نبيّنا وَ عليهُم الصَلوات وَسلام سندن آزمائش تكليفَ غم و الم جي باري ۾

## (الف)

## ابوَالبَشر[1] آدَم صَفِي الله عليه السلام[2]

1. جنهن ڏينهن مِٽي آب کي هِڪ ٻئي سان گڏيائون،
آدم؏ جي بَناوَت جي سڄِي جوڙ ڪيائون،
طينت[3] تي سندس درد و بلا ليک لِکيائون،
پڻ بوجهُ غمنَ جو به ڪٽي ان تي وِڌائون،
ريءَ رَنجَ جي آدم؏ جو ته ڏاجو نه ٿِيو ڪو،
اِن خاص سبب سُورَ کان آجو نه ٿِيو ڪو.

2. آدم؏ ته اجا ويس وجودِي نه ڪيو هو،
در ڪنج عَدم[4] ماٺِ ۾ بي حِس هو پيو هو،
جو ليک سندس حال ۾ لِکيو ته ويو هو،
مَلڪَن سو پڙهي پاڻ ۾ طعني سان چَيو هو،
آدم؏ جي اَيا آلِ ته شرانگيز ٿي رهندي،
پڻ جنگ فساداتِ ۾ خُونريز ٿي رهندي.

---

[1] ابوالشبر = انسانن جو اَبو.
[2] آدم صفي الله = حضرت آدم جو لقب (صفي = پاڪ).
[3] طينت = فطرت.
[4] ڪنج = گوشو، ڪنڊ، عدم = ناپيد.

3. ڏرتيءَ جا جزا جلد پوءِ جِبرِيل[1] گڏائي،
تر خشڪ طبِيعت جو سَچو جوڙ بَنائي،
مٽ خاڪ ڀَري سا ٻہ انهيءَ ساڻ ملائي،
هر جاءِ رکي پيٽ ۾ آدم جي وِرهائي؛
پڻ مِينهن خدا چانو ڪڪر ان تي بنايو،
پڻ مِينهن وسائڻ جو متس حڪم هلايو.

4. چالِيهہَ ڏِهاڙا سو ڪڪر حڪم خدا سان،
پاڻي ٻہ ڪٽي سيگھہ ۾ درياءِ اَلم مان،
وسيو تي لَڳاتار متس ليٺ لهر جان،
ترسيو نہ گھڙي دير سِوا ڪابہ وسڻ جان،
با آب اَلم رنج و عَنا خاڪ بدن جي،
اِي ىر تي سَجي خوب جڙي جاءِ غمن جي.

5. چهلم جي ڏهاڙي سو ڪڪر صبح تيڻ سان،
پاڻيءَ جا ڪٽي چند ڦڙا بحر جشن[2] مان،
دم دير وَسايائِين متس بُوندَ سَنهِي جان،
ڪم عيش الم بيش تيو انهيءَ سبب کان،
ثابِت آ تجربي مان ٻہ هي حال سجوئي،
توري ڪا خوشِي آهِ تہ غم آهِ گھڻو ئِي.

---

[1] جبريل = چئن وڏن فرشتن مان هڪ فرشتي جو نالو، جيڪو پيغمبرن ڏانهن خدا تعاليٰ جي طرف کان وحي آڻيندو هو.

[2] بحر جشن = خوشين جو سمنڊ.

6. آدمؑ جي بدن ۾ پوءِ خدا روح دَمايو[1]،
مَلڪَن ڪان وَري ڪيس تہ سَجدو بہ ڪرايو،
پَهلو مان حواؑ جوڙي سندس جوڙ بَنايو،
هِن ريت چئو پوءِ ڏٺِيءَ ڪين بُڏايو،
جنت ۾ وڃي تاڪِ رهو عيش مزي ۾،
گندُم[2] نہ مگر کائِجو پُلجِي بہ نَشي ۾.

7. آدمؑ ۽ حواؑ هاڻِ ٿِيا جاءِ قراري،
جن خوب مزي ساڻ پئي عمر گذاري،
جنت ۾ انهن لاءِ لڳي موج بهاري،
اِبليس رکي ساڙ ڪري مڪر عياري،
ڪجھ مور ۽ پڻ نانگ ڪان امداد مِلڻ تي،
مجبور ٻنهي کي تہ ڪيو ڪٽڪ کِيئڻ تي.

7. ڪائِي هِي ڪٿو ڪوھ[3] الم سر تي وڏائون،
سڀ عيش ۽ آرام هٿن ساڻ ڇڏيائون،
بي تاج ننگو پاڻ کي رِيءَ دير ڏٺائون،
هِن حالَ ۽ حَسرت جي سبب زار رنائون،
جِئن اوٺ ونڻ جن بہ وٺن ڏانهن ڊڪيا تي،
تِئن سي ئِي اُنهن کان تہ پَڄِي دُور ٿِيا تي.

---

[1] دمايو = وڌو.
[2] گندم = ڪٽڪ.
[3] ڪوھ = پهاڙ، جبل.

9. آدمؑ ته اگهاڙپ ۽ خِجالَتَ[1] جي سبب کان،
ڊڪيو تي ڍڪڻ پاڻ وڻن ڏانهن ڇرين جان،
جنت ۾ پَيو شور ۽ غوغاءُ[2] اُنهيءَ تان،
فرمان ٿِيو جلد هِي دربار خدا مان:
”آدمؑ تون مون کان هاڻِ ته ڪيڏانهن ڀڄين ٿو،
ڇا لاءِ ونڻ اوٽ وڻن ڏانهن ڊڪِين ٿو.“

10. آدمؑ هِي ورنديءَ ۾ چَيو: ”بارِ اِلاهِي،
توکان آ ڀڄڻ جِي ته ڀلا واهَ نه ڪائِي،
تي شرم ڪَيَل ڏوهَ کان مون کي ته ڦِڪائي،
ڍَڪيان تو ڏٺي اوٽ شجر[3] پنهنجِي ٺنگائي،
حيران تي هِن حال کان ڊوڙان ۽ ڊڪان ٿو،
توريءَ نه مگر اوٽ اجهو ڪوبه ڏِسان ٿو.“

11. حسرت کان حواؑ به تي مليو پنهنجي هٿن کي،
آدمؑ به ته اَرمانَ کان ڪُٽيو تي ڳلن کي،
تن نيٺ تان اَنجِير جي، رهڙي پنن کي،
ڍڪيو ته انهن سان ٻنهِي پنهنجي لڱن کي،
ان ويل هِي فرمان ٿيو تن تي خدا جو:
”جنت مان وڃو جلد سهِي سور خطا جو.“

---

[1] خجالت = شرمساري.
[2] غوغاءُ = گوڙ، هُل.
[3] شجر = وڻ.

12. آدمؑ پوءِ وَٺي دَست[1] حَواؑ کُجھ نہ کچائِين،
هِي حکم ٻڌڻ ساڻ اکيون هيٺ کيائين،
بخشيش ملڻ لاءِ گهڻو زار رنائين،
اميد مگر کاٻہ جَڏهِن کانہ ڏٺائِين،
تَوَکل بہ ڏاري ۽ بِسم الله چوندو،
جنت کان سو نکتو تي وِيو زار رئندو.

13. آدمؑ کان هِي جِبريلؑ ٻڌي پاک زباني،
هِن ريت چيو تان: "تہ کَئِي تو جا بَيانِي،
بخشيش بِشارتَ آ رکيل ان ۾ نِهاني[2]،
اميد جِي البت ڏسجي تي نِشانِي،
حُرمَتَ[3] کان انهيءَ لفظ راضي تو خدا تي،
پڪ آهي تہ هِڪ ڏينهن اوهان جِي بہ شفا تي."

14. آدمؑ کي هِي جِبريلؑ اَچا ئي تي چيو ڪجھ،
تکڙو تہ مٿس حکم خدا جو هِي ٿيو ڪجھ،
آدمؑ کي تان هاڻِ تون چَڙهُہ نہ ٻيو ڪجھ،
هنَ حالَ کان اَي جِبريلؑ کي تنهنجو نہ ويو ڪجھ،
ترساءِ نہ تون گيس سندس تات چڏي ڏي،
اپٽار نہ ڪر ڪوبہ تہ، ٻي باتِ چڏي ڏي."

---

[1] دست = هٿ.
[2] نهاني = لڪل.
[3] حرمت = آبرو، عظمت.

15. جبريلؑ سِگهو پوءِ نِماڻو ٿِي نهاري،
دربارَ ۾ هِن ريت ڇيو عرض گُذاري،
”معافيءَ جي مِلڻ لاءِ هِي آدمؑ تو پڪاري،
رَحمان[1] سَڏي توکي تو يا ربّ جل جلاله سنڀاري،
هِن نانءَ طفيلي تون مٿس لطف ڪرم ڪَر،
بَخشي هي خطا ڪيس تون خوشنود خُرَم ڪَر.“

16. وَهلو ئي هِي فرمان ٿِيو ان تي اِلاهِي:
”مون وٽ ته ڪا رحمت جِي ڪمي آهِ نه ڪائي،
جهل پَل به اتم ڪانه ڪا، گهرج گهٽائي،
هِن وقت جي هِن ساڻ ڪيان تو مان عطائي،
رحمت سا فقط خاص ته هِڪڙي تي ئي رَهندي،
رَکُ ڳالهه سُياڻي تي جتي خلق به مڙندِي.“

17. ”ان ڏينهن قيامت جي ڏسج حال هتانهون،
آدمؑ ۽ سَندس آلِ گنهگار متانهون،
رحمت جي وِڇان ڪيئي ڪيان قرب عطائون،
لاتعد ڪِروڙن جون ڪيان معاف خطائون،
واضح ته ٿي رحمت جو به انداز گهٽڻ تي،
بخشيش بِشارت جو رهي ناز گهٽڻ تي.“

---

[1] رَحمان = بي پايان رحم ڪرڻ وارو- الله جل شانه جو نالو.
[2] بشارت = خوشخبري، غيبي پيغام.

18. ”جِبريلؑ تہ هي حڪم سٽي جَل و عَلا[1] جو،
چارو نہ ڏِٺو ڪوبہ چوڻ، چُوڻ و چرا جو،
واپس سو ويو راز ڏِسي رمز رضا جو،
آدمؑ پوءِ رڙِي زار وٺي دَست حَواؑ جو،
هِن زِيت چيو ڪيس: ”هلون هاڻِ مُنا سي.“

19. ”اڄ واءِ غريبت ۽ مصيبت ۾ پياسي،
بي حال و بيڪس و بي يار ٿِياسي،
ملڪوت[2] مان معزول[3] هِن هُن ڪون وياسي،
بخشِيش مِلڻ لاءِ گهٽا عرض ڪياسي،
هيهات اسان جو بہ تہ چاڙهو نہ ٿيو ڪو،
محرم[4] بہ هتي هاڻِ تہ پاڙو نہ ٿِيو ڪو.“

20. آدمؑ ۽ حواؑ هاڻ تان هٿ هٿ ۾ اَڙائي،
سِر ساهہ مٿان بار مصيبت جو سَهائي،
روئندا ٿي وَيا راهہ ڏيو نِيرَ وَهائي،
جِبرِيلؑ اچي جلد اڳيان ڪنڌ جهڪائي،
هي حڪم خداوند جو آدمؑ کي سڻايو،
”هِڪَ ٻي جو چڏي دست سِڌِي گام وڌايو.“

---

[1] جل وعلا = خدا تعاليٰ بزرگ ۽ برتر.
[2] ملڪوت = بادشاهي، فرشتن جي رهڻ جي جا. 3. عالم ارواح
[3] معزول = برطرف، معطل.
[4] محرم = حال پائي، واقف.

21. آدمؑ هي سٽي حڪم چڏي دست حواؑ جو،
حيران ٿيو حال ڏِسي ڪار قضا جو،
رَت زار رنائين ٻہ تہ طالِب ٿي شفا جو،
مجبور ٿي مَنظور ڪري امر خدا جو،
هٿ پنهنجو چڏيندي هي چَيو: "واءِ غربتا."[1]
روئِي هِي حَواؑ ٻي ٿي چَيو:"واءِ فُرقَتا."[2]

22. الا اَمر سي هِڪ ٻي کي پٺي ڏئي رُوئندا،
راهي تہ ٿِيا راهہ سان کُٽ گام[3] ڪٽيندا،
تا دير ويا ٿي هُو هِڪُ ٻئي ڏي ڏِسندا،
تعجب ڪان ملائِڪ بہ رهيا حال تڪيندا،
محروم ٿِيا نيٺ ٻئي هِڪ ٻي جي نظر کان،
پڻ حالَ ۽ احوالَ کِ يا خير خبر کان.

23. آدمؑ کي سرانديپ[4] ۾ خاوند رسايو،
هوڏانهن حواؑ کي تہ جِدي[5] نزد پُڄايو،
جِن صبح و مسا روڄ اتي وَرد بَنايو،
ڪنهن ڏي تہ ڪنهِين جو بہ ڪو احوَال نہ آيو،
هِڪ ٻي کي ڪري ياد سي رت زار رنا ٿي،
سڪ عيش سنڀاري سي پڻ هر وارِ رنا ٿي.

---

[1] واءِ غربتا = هاءِ مسڪيني، بي وطني.
[2] واءِ فرقتا = هاءِ جدائي.
[3] کُٽ گام = ٻڌل قدم، ڍرا قدم، هلڪي رفتار.
[4] سرانديپ = هندستان جي ڏکڻ ۾ سيلون ٻيٽ جو قديم نالو- جزيره لنڪا.
[5] جِدي = حجاز عرب جي هڪ شهر جو نالو، عرب جي هڪ بندرگاهه جو نالو.

24. باوِيھ ورھيہ روح ۾ آدم ؑ کي ٿيا اُتِ،
هيهات حوا ؑ لاءِ بہ پاتا ٿي ليئا اُتِ،
اي اُوند وَنڙ[1] پور حَوا ؑ کي بہ هُئا اُتِ،
فُرقت کان اکِيُن مان ٿي سَندَس نارَ وهِيا اُتِ،
تقدير اڳيان تن جِي نہ تدبير هلي ٿي،
افسوس انهن کي نہ دل ڏيرِ[2] مِلي ٿي.

25. جبريل ؑ گھڻا سال پڄڻ بعد اچڻ تي،
آدم ؑ کي اشاري سان هو طعنو ٿي ڏِيڻ تي،
ڪجهہ حال ۽ احوال هيو ان کان پڇڻ تي،
آئي هِي نِدا[3] غيبَ کان هِن هِجو[4] هلڻ تي،
"آدم ؑ سان اي جِبريل ؑ نہ تون ڪيجَ ڪِلان ڪر،
آ سخت سَتايَل تون مَتس ڪِين هَلان ڪر."

26. جِبرِيل ؑ سٽي حڪم ڪيو عَزم وڃڻ جو،
سِينو نہ جهلي سگھيو ڪجھ تاب سهڻ جو،
آدم ؑ ڪيس عرض ذرا حال سٽڻ جو،
واپس سو ويو ليڪ ڪري قول ورڻ جو،
آدَم ؑ هِي ڏسي حال رنو زار اکين مان،
تَرحم[5] جو بہ آواز تہ آيو ٿي پکين مان.

---

[1] اوند ونڙ = آنتمانڊ.
[2] دل ڏير = آٿت، آسرو.
[3] ندا = آواز.
[4] هِجوَ = برائي، بدگوئي.
[5] تَرحم = رحم، ديا.

27. هڪ ڏينهن پوءِ جبرِيل؏ گهڻو وقت گذاري،
آدم؏ سان مِلي ڪيسَ وڏيءَ هيج ڪِيڪاري،
سڀ حال ۽ احوال سڻيو ان جي سنياري،
آدم؏ پو حوا؏ لاءِ پڇيس حال اچاري،
جبرِيل؏ ورنديءَ ۾ چيس تان تہ ”رڙي تِي،
نِتَ باهِ جدائِيءَ ۾ تنهنجي لاءِ سڙي تِي.“

28. ”دريا جي ڪِناري سان دِن راتِ تمامِي،
ماتامَ ۾ مَشغول اتي اهِ مَقامِي.
تو لاءِ چوي توکي ڏِسان هاڻِ اُڏامِي،
تا ڪيئن تو گُذارين تون ڏکيو ياڪِ خَرامِي[1]،“
آدم؏ جو ويو حال اِنهيءَ ڳالهہ ٻڌڻ سان،
بيهوش ٿيو دانهن ڪري سخت رُنڻَ ڪان.

29. هِن تارِ غشيءَ ۾ هو عجب حال ڏِسي ٿو،
دريا جي ڪناري تي حوا؏ رئندي پَسي ٿو،
ان ساڻ ملڻ لاءِ ذرا اڳتي وڌي ٿو،
واتان هِي سندس درد ڀريا لفظ ٻڌي ٿو:
”آدم؏ تون سندم جان، کهڙي جاءِ رَهيَل آنهِ،
ٻُکيو تون اَيا ڍائو اُگهاڙو ڪِ ڍِڪيَل آنهِ.“

---

[1] خرامي = خوش.

30. آدمؑ تہ اچا ئي ٿي ڪئي حال ڏيڻ جي،
وَرهين جي پيَل دوري حَواؑ ساڻ مِلڻ جي،
هِن حال غشيءَ ۾ ٿي هليو حاج هلڻ جي،
طاقت نہ هيس ليڪ چرڻ ياڪِ چوڻ جي،
ناگاهہ[1] اُٿيو چِرڪ پَري نِنڊ منجهارون،
اٿندي ئِي ڪرڻ زور لڳو درد پڪارون.

31. جِبرِيلؑ وٺي ٻانهن ڪان آدمؑ کي چيو هِي،
ڏي حال مون کي هاڻِ تان چا توکي ٿيو هِي،
آدمؑ پوءِ ورنديءَ ۾ سڄو حال ڪيو هِي،
تان هاڻِ حواؑ ساڻ سَندم قال[2] ڪيو هِي،
هي حال ڪندي هاءِ هنجون زار رُنو ٿي،
جِبرِيلؑ بہ هِن دَردَ ڪان هر وار رُنو ٿي.

32. جِبرِيلؑ رڙي زار مناجات ڪئي تان،
اي بارِ خدا لطف سان ڪر شادِ ٻئي تان،
جِبرِيلؑ کي هيءَ لات پوءِ دَرگوش پئي تان:
”آدمؑ کي چئو چڙءُ تون دِلجاءِ ڏئي تان،
باقي نہ رَهي آهِ رَتي راتِ ڏکنَ جي،
مشرق ڪان ڦٽي ٿِي تہ اِجهو باکَ سُکنِ جي.“

---

[1] ناگاهہ = اوچتو.
[2] قال = احوال.

33. جِبرِيل؏ جِي هِن ويل هِيءَ منظور دعا ٿِي،
آدم؏ جي مرض روح جي ريءَ دير دوا ٿِي،
بخشيش جي بي اَنت مَتس مِهر عَطا ٿِي،
خوشنُود[1] ٿِيو جِئَن جو سندس معاف خطا ٿِي،
مقبول ٿِي دربارِ ۾ زارِي جا ڪيائِين،
بخشيش جِي جِبرِيل؏ کان خوشخبرِي ٻڌائِين.

34. بخشيش جي باري ۾ هي علما جو چوڻ ٿِيو،
اسبابِ اِجابت[2] جو حيَا[3] روح رئڻ ٿِيو،
هر وارِ رڙي زار دعائن جو گهرڻ ٿِيو،
آدم؏ جو انهيءَ حال ۾ هر وقت هجڻ ٿِيو.
هن ريت حيا کان هِي وڏِو سور سنائِين.
تي سوءُ ته ورهيِہ ڪَنڌ کڻي اپ نہ دنائين.

35. گر جَمعَ ڪجي خلق سندو روح مَڙيو ئِي.
سَبنت ۾ سو دائودؑ جي گهٽ آهي گهٽوئِي،
جي جوڙ ڪجي روح انهن جو هِي سڄوئِي،
تڏهِين بہ اُنهن کان آ رُنو نُوح؏ جهَجهوئِي،
ڪُل خَلق کِ دائودؑ کِ جو نُوح؏ رُنو آ،
آدم؏ جي پَتيءَ روحَ کان پَتيُون کِ مُنو آ.

---

[1] خوشنود = راضي، خوش.
[2] اسباب اجابت = وسيلو، اجابت = قبوليت.
[3] حيا = لحاظ.

36. آدمؑ كي شب و روز اِهو روڄُ فُغان هو،
اكين مان سندس موكَ[1] ڇيان آب روان هو،
پَريا تي ڏُٻا گردَ جَبل ريگِ رِيان[2] هو،
مُرغانِ هَوا[3] لاءِ عجب حوض عيان[4] هو،
پاڻِي سو اُهي پاڻ ۾ پي لات لَنونَ تان،
”اهڙو تہ اسان پاڻِي بہ چَكيو نہ چنهب سان.“

37. آدمؑ تہ اِهائي جو سُٽي لات پكين كان،
رَت زار رُنو نِيرَ هَنجن هارَ اكيَنُ مان،
سمجهيو تي اِهو طعنو سِٽو صاف سخن مان،
دک درد تيس سخت ويو هوش هٿن مان،
خالِق كي كيو عرض اِنهيءَ ٻولَ ٻڌڻ تي،
”تان تہ پكِي ٻِي تا كَرن ٽوکَ روئڻ تي.“

38. وِهلو ئي ملي كيس ورنديءَ ۾ بشارت،
آدمؑ سون انهيءَ ڳالهہ جي كر كا نہ شكايت،
تَكَنَ حي سچي اهِ اِها لات حِكايت،
لاءِ جن اُنهن لاءِ منو آهہ نهايت،
هِن آب اكين جو ئي گهٽو آبُ كيو مون،
ٻيو آبُ[5] مُقابل ۾ بہ، نہ آبُ كيو مون.“

---

[1] موک = جالارو وهندڙ پاڻي.
[2] ريگ ريان = اڏامندڙ واري.
[3] مرغان هوا = پكي- هوا ۾ اڏامندڙ پكي.
[4] عيان = ظاهر.
[5] آب = عزت، آبرو.

39. "الماس[1] کان وڌ قِيمتي آ آبُ اکين جو،
چا دُرِ عَدن[2] آهِ ڪِ يا لَعَلُ يَمَن جو،
اَسباب هي غيرت جو ٿِيو آبُ هَنجُن جو،
رَڙ روز، لَهين گنج تان تون رُوءِ زَمن[3] جو،
اي اَبر روئي ڪِين ڪَڏهن تَخت چَمن تي،
مکُڙي ڪا ڪِلندڙ نہ ٿِئي شاخ سَمَن تي."

40. آدمؑ جي دُعائن جو اَما[4] حال اِهو هو،
هَر وار رُئڻ ساڻ سدا قال اِهو هو،
"بَس بَخش خَطا" عرض تان فِي الحال اِهو هو،
آخِر ۾ عطا لاءِ سندس سوال اِهو هو،
"حُرمتَ مُحَمَدﷺ ۽ سندس آل عبا[5] جي،"
"بخشي، هِي خطا، خيرَ جو سک صبر خدا ڏي."

41. هِن اِسم مُحَمَدﷺ جي ٻڌڻ ساڻ خدا هِي،
آدمؑ کان پڇيو: "هاڻِ تان چڙ صاف صفائي هِي،
ڪنهن کان تو ٻُڌو اِسم مُحَمَدﷺ جو ڀلا هِي،
ڪِئن ڪِٿ تو مُحَمَدﷺ جو ڏِٺو نُورِ ضِيا[6] هِي،
هِنَ اِسم طُفيلي تہ سندءِ ڏوهہ ڏِنگائِي،
بخشي مون مگر ڪر تون سچي ڳالهہِ اِهائي."

---

[1] الماس = هيرو.
[2] دُر = موتي. عدن = جنت (عدن شهر جو موتي)
[3] رو ۽ زمن = دنيا جهان.
[4] اما = ليڪن، پر.
[5] آل عبا = اولاد، پونير، عِبا = چادر.
[6] ضيا = روشني، چمڪ.

42. آدمؑ هِي ورنڊِيءَ ۾ چيو عِجز ادب سان،
"واقف نہ هُيُس نانءَ جي اڳ حَسب و نسب کان،
هِڪ ڏِينهن ڏٺم عرش ڏي جَڏن سير سبب کان،
بَرساق[1] مُحَمَّد هو لکيل نوع عجب سان،
حاتمِ مون انهيءَ وقت تا بس بعد خداوند،
[illegible] آ مُحَمَّدؐ ۽ اهل بيت مُحَمَّدؐ"

[1] برساق = (بر = تي + ساق = ڄنگهہ جي پني) ڄنگهہ جي پنيءَ تي.

## (ب)

# حضرت آدم عليه السلام جي ٻئي پيري آزمائش ۽ غم جو احوال قِصو هابيل ۽ قابيل جو

1. هِن ريت مُحَمَّدﷺ جِي جَڏهن اوٽ وَتائِين،
مقبول تي جيڪا جو مناجاتِ ڪيائِين،
مَلبُوس نئين ويسَ اُت پاڻُ ڍڪائِين،
ريءَ دير حواؑ سان بہ وَرِي لانو لڏائين،
ڳچ وقت گذاريائون مزي ساڻ جشن ۾،
آدمؑ کي وِڏو پوءِ بہ تان اولادِ ڏکن ۾.

2. هِن رِيت لکيل آهہ، صورت سا تہ قِصي جِي،
ٻائي تو لڙي جان وٺي ياءُ ٻئي جِي،
ڀوڳي تو سزا سيکو تہ پنهنجي ئي ڪئي جِي،
ڀيءُ ماءُ کي تي ليڪ رهي ڳڻتي وئي جِي،
اَندوهہ آ پيوَندَ[1] سو جي آهي پيارو،
شالا نہ خدا ڪنهن کي هِي ڏيکاري نظارو.

3. آدمؑ ۽ حواؑ هاڻ تان ڳَڏجي تي گذارِيو،
هيجَون تي وڏِي حُبَ ما هِڪَ ٻئي ڏي نِهارِيو،
آدمؑ تہ پئي قُوتَ جي لِءِ کيٽُ سُڌارِيو،
هِڪَ جاءِ حَواؑ ٻي تي گهَرو ڪاج سنوارِيو،
کُل وِيهہ ڪيا وِيَہَ حَواؑ عُمر ٻَچَتِ ۾،
پڻ ٿهلَ ٻچنِ جي ڪان پئي پَوٽِي[2] صِحت ۾.

---

[1] پيوند = جوڙ- ڳانڍاپو.
[2] پوٽي = مُني، ٿي حصا، ڪمزور.

4. هر بارِ حوا؏ وِير سان جاڙا ٻه ڄڻيا ٿي،
هِڪ پٽ ته ٻيو ڌِيءَ ڇمي ڇوڙ[1] ڪنيا ٿي،
پلجي هو جَڏهن عمر بلوغت[2] کي رَسيا ٿي،
اِئين عَقد[3] ۾ هِڪ ٻئي جي آدم؏ پوءِ ڪِيا ٿي،
هِڪ پيٽ جي پٽ کي ٻئي پيٽ جِي ڌيءَ سان،
پرڻائي ڇَڏيو ٿي ته وَڏِيءَ هيجَ خوشيءَ مان.

5. اَقليما تان قابيلَ سان گڏ ڄائي هئي جا،
مَٽ حُسنَ ۾ اُن سان ته نه ٻي ڪائي هئي ڪا،
هابِيلَ سان به دَستور ته پَرڻائي هئي سا،
هِنَ حال کان قابِيل کي چِڙ آئي هئي تا،
هابِيل سان گڏ ڄائي لِيوزا جا مِلي هَسِ،
ڪجهه وَصف صِفتَ حُسنَ ۾ ڪوجهِي جا مِلي هَسِ.

6. قابيل انهيءَ جوش کان بَس گوڙ مچايو،
آدم؏ کي پوءِ هڪ ڏينهن اَچي سور سڻايو،
”اي تان ته ابا جان سندم ٻڌ تون“ ٻاڏايو،
اقليما سندم پيٽ جو آ ڇو حسن سوايو،
گڏ پيٽ ۾ مون ساڻ هئي مون کي نه ڏِني تو،
حق منهنجو هئي هاءِ، ڇو مُون کان ڇِني تو.“

---

[1] ڇوڙ = هنج، ڪڇ، ڇوڙ ڪڻن = هنج ڪڻڻ.
[2] بلوغت = جواني.
[3] عقد = نڪاح.

7. آدمؑ پوءِ چيو: "تان تہ اِئين مون نہ ڪيو آ،
جِئَن حڪم خداوند جو مون کي پَي ٿيو آ،
ان حڪم ۾ مَقدُور[1] نہ ڪو منهنجي رهيو آ،
ڪِئَن خِيال اِهو خام[2] اَچي توکي پيو آ،
مان حڪم خداوند جي تعميل ڪيان ٿو،
ان امر ۾ اڳرائِي نہ تَعجِيل[3] ڪيان ٿو."

8. هابيل چيو تان تہ "ابا ٻوه ڪرين ٿو،
هابيل کي مون کان بہ گهٽو تون تہ گهرين ٿو،
لاجرم[4]، چڱي آهہ جا سا اُن کي ڏئين ٿو،
مون کي تون رهائڻ جي لءِ هي ڍنگ رکين ٿو،
واجِب آ توکي هاڻ تہ اقليما مون کي ڏي،
ڪوجهِي آ لِيوزا سا ٻئي ڪنهن کي سڏي ڏي."

9. قابيلَ کي آدمؑ هِي چيو: "شرم و حيا ڪر،
باوَر[5] تو ڪرين، ڪِين تان، هِن ريت پلا ڪر،
هابِيل سان قربان تون ڪجهہ نامِ خدا ڪر،
هِنَ پرک لهڻ لاءِ اِها رسم ادا ڪر،
مقبول ٿِئي پوءِ تان قرباني جنهِين جِي،
پکَ ساڻ تہ اقليما ٿئي ٻانهي تنهِين جِي."

---

[1] مقدور = قدرت، طاقت.
[2] خام = فضول، بيڪار، خراب.
[3] تعجيل = عجلت، جلدي.
[4] لاجرم = بي گناهہ، خواہ مخواهہ.
[5] باور = فخر، وڏائي، هٺ.

10. هابيل کي آدمؑ هي سڏي حال سڻايو،
تعمِيل ڪرڻ لاءِ ٿنهين ڪنڌ جهڪايو،
هر هِڪ پوءِ وڃي جاءِ تي هِي دِل سان هَنڊايو،
قربانِي ڪرڻ لاءِ ويهي پور پَچايو،
هابِيل ڪري ماٺِ رکي ڳالهه خدا تي،
قابِيل چڙي ڳالهه اِها پنهنجِي رضا تي.

11. هابيل هو ريڊار جنهين پنهنجي رِڍن مان،
دنبو جو پيارو هو گهٽو ڪيس سَين ڪان،
قرباني ڪرڻ لاءِ وٺي ان کي ڪنن ڪان،
هِڪَ جاءِ جبل تي سو چڙي، ٻوليو ٻين سان،
”تان خير ڏئِي خير جي واڌائِي جهلِيندس،
مقبول نہ ٿي پوءِ تہ آقلِيما کي ڇڏِيندس.“

12. قابيل زميندار هو زَردار سين ٻر،
ڪنجوس هو ڪجهه خرچ ڪندو هو نہ ڪمن ٻر،
سالن جو سَڙيل اَنُ ٻِي پيو هوس پَلن ٻر،
داڻا ڪي ڪٽي ڏوڙ مِليل اُن مان مُنِن ٻر،
آيو پو انهيءَ جاءِ تي هُو جوشَ وچائين،
هابِيل جي گڏ خيرَ سان سو خيرُ رکيائِين.

13. قابِيل انهيءَ وقت وڏي واڪ چيو تان،
”هن خير ڏيڻ لاءِ نہ سندم خرچ ٿيو تان،
دِل ساڻ اڳِي ئي مون پڪو پهه هي ڪيو تان،
مقبول اگر خير پيو تان نہ پيو تان،
اقليما سندي مور مان دعوا نہ ڇڏيندس،
ڪنهن ريت بہ هي خيال مان دل تان نہ مَٽيندسُ.“

14. ٻي دود[1] اچي ٻاھ لڳي پوءِ مٿانھون،
ڪائي سا گھڙو دير رڳيءَ واپس ٿي اُتانھون،
داڻو نہ ڪنيو دانءَ مان رکيل ھو جتانھون،
قابيل کي ھن حال کان ٿيو جوش ھَتانھون،
اي ٻاھِ حسد جي ۾ سڙي ھوش وڃائي،
ھِن وير ونڻ لاءِ پيو پھ سو پَچائي.

15. قابيل پکو پھ ھِي ڪيو وير ونڻ جو،
ھابيل کي بس ڪيئن بہ ڪري قتل ڪرڻ جو،
آدمؑ بہ وڏو وس ٿي ڪيو ان کي جھلڻ جو،
اي ليڪ ھيو ڪين کي قابيل مڙڻ جو،
لاچار ٿي آدمؑ بہ رُسي حَجَّ تي ھلي ويو،
ھن حال کان قابيل کي وَجھ خوب مِلي وِيو.

16. ھابيلَ جي ھڪ وقت ٿي جيئن تاڙَ ٻَڌائين،
ھيڪل سو ستل واڙِ ۾ ڏوران ئي ڏِٺائين،
موقعو ھي ڏِسي خوب پٿر ھٿ ۾ ڪنيائِين،
اِيندي سان مٿو ياءُ جو ان ساڻ چِٽيائين،
ھابيل تان رَت چاڻ ٿيو سخت ڏکن کان،
رڳيءَ دير وِيس راھ وڃي روح رڳن کان.

---

[1] دود = دونھون، (ٻي دود = ٻنا دونھين جي).

17. قابيل لئي ۾ هي ٻئو لاش ٻرادر،
پٽِ پاڏي⁽¹⁾ کڻي جهنگ ڏي رخ رکيو سراسر،
چالِيهہ ڏِهاڙا سو پئي ڀٽڪيو برابر،
هِن لاش لِڪائِڻ ۾ هو حيران گداگر،
آخر تہ ڏري ڏوڙ ۾ پورَي سو چڏيائين،
جيئن دفن کندي کانءُ کي هِڪُ کانءُ ڏِٺائِين.

18. قابيل انهيءَ قال⁽²⁾ کان خوش حال ٿيو ڪجھ،
آگاھ حقيقت کان بہ کنهِين کي نہ کيو ڪجھ،
گر جاچ هلي ليک پتو کنهِين کي نہ کيو ڪجھ،
هي کَنهن بہ اکين ساڻ ڏٺو کين هيو ڪجھ،
مَشغول ٿِيو ڪار سان قابِيلَ ورِي گھر،
هيهات ڪري قتل لئي لوڙھ ٻرادَر.

19. آدمؑ بہ زِيارت کان وري آيو سِگھوئِي،
مِڙيو پوءِ ملڻ لاءِ ونس ڪٽنب سَڄوئِي،
مليو نہ مگر ساڻس هابِيل هِڪوئِي،
جو کيس پيارو بہ سِڀِن کان هو گھڻوئِي،
پڻ ڪٽنب سڄي کان بہ هيو سرس صفت ۾،
هر وصف تہ چا خوءِ⁽³⁾ ڪِ يا روءِ رنگت ۾.

---

(1) پٽ پاڏي = پاڏي جي پٽيءَ تي.
(2) قال = احوال.
(3) خوءِ = خصلت.

20. آدمؑ کي تان هابيل ٻنا ڪجهه نه وٺيو ٿي،
هر هِڪ ڪان سڌي حال اِهو پاڻ پڇيو ٿي،
ڪنهن ڪان به مگر ڪيس پتو ڪونه پيو ٿي،
هِن حال لهڻ لاءِ اڪيلو هو رليو ٿي،
اي جهنگ جبل ۾ ٿي وڃي جاچ ڪيائين،
هفتو به لڳس ليڪ پتو ڪونه لڌائين.

21. آدمؑ هِي انين راتِ جو، منجهه خواب ڏِٺو تان،
هابيلُ ته هِڪ جاءِ تي بيٺو هو مُٺو[1] تان،
روئي رَڙِي زار چوي ٿو هِي چٺو تان.
”تو ريءَ مون ابا جانِ وڏو سور سٺو تان،
ڪِتِ آنهِ خدارا ڪا اچي داد رَسِي ڪرِ،
ڪو پال مٿم هاڻِ تون هي حال ڏِسي ڪَر.

22. ادمؑ ته انهيءَ خوف پرئي خواب جي ڏِسندي،
هيبت ڪان پيو جاڳِي رنو زار اٿندي،
جبريلؑ کي پڻ ويٺي ڏِٺو ان وقتِ روئيندي،
آدمؑ پوءِ چيو ڪيس هِي سُڏڪا ئِي پريندي،
”اي تان ته ڪو هابيلَ جو ڏي حالُ ٻرادَر،
مُون هاڻِ ڏِٺو ننڊَ ۾ هِي حالُ سِراسَر.

[1] مُٺو = اڙيل، غمگين.

23. حالت مون عجب خواب ۾ جا ان جي ڏٺي آ،
فرياد رسيءَ لاءِ سندس دانهن ٻڌي آ،
پانيان ٿو هي تعبير تہ باقي هُو نہ ڪي آ،"
جبريلؑ چيو تان تہ اها ڳالهہ سچي آ،
هابيلؑ ڪسڻ وقتِ هي فرياد ڪيو ٿي،
اي ليڪ سندس ڪنهن بہ نہ اِمداد ڪيو ٿي."

24. "جيڪر آ سندس داد لءِ فريادِ اِهائي،
ڌرتيءَ مان اچي ان جي پئي دانهن سدائي،
قابيل ڪئي آهِ سَچي پَنهنجي ادائي،
اي روزِ قيامت جڏهن ٿيندي صفائي،
هابيل اتي حال جو فرياد هي چوندو،
ريءَ دير پلءِ ڪيس سچو داد ئي پوندو."

25. آدمؑ کي اِنهيءَ ڳالهہ گهڻو جوش جڳايو،
رَت رئڻ ساڻ تنهين ڪين گهٽايو،
هِن روج روئڻ واءِ سندس حال وڃايو،
جِبريلؑ کي ان پوءِ اِنهيءَ لاءِ سَتايو،
"ڏيکار هلي تان تہ مون کي خاڪ پِسرَ(1) جي،
آرام اکين ٺار سندم نورِ نظر جي.

26. جِبريلؑ هلي ڪيس اها جاءِ بَتائي(2)،
آدم پوءِ مِٽي پاڻ . هٿن ساڻ اُٿائي،
معلوم ٿيَس حالَ جي هي ڳالهہ مڙيائي،
چِٽيل هو مٽو چور بدن رتَ سان حِنائي(3)،
هابِيل جي منهن ساڻ مَلي منهن کي، رنائين،
"واحسرتا(4)" هَرِ بارِ رَڙي زار، چيائين.

---

(1) پسر = پٽ.
(2) بتائي = ٻڌائي.
(3) حنائي = مينديءَ جهڙي ڳاڙهي.
(4) واحسرتا = افسوس.

27. آدمؑ جي اکين هاڻ تان جر جال وهايو،
هر وار سندس دانهَن پئي اُپ تي ڏکايو،
جِبريلؑ بہ رَت زارِ رڙي حال وِڃايو،
ملڪَن سو ڏِسي حال هنجون مِينهن وسايو،
آدمؑ جي رَقت[1] درد کان دک درد ٿيو تنِ،
دربارِ خدا ۾ هِي وري عرض ڪيو تن.

28. "تان مَس آ رَهي روحَ کان آدمؑ کي فِراغت،
سا ڪِي نہ انهيءَ لاءِ خدايا ٿِي قيامت،
خالق تہ ڪر ڪيس تون سک صبر عنايت،
هِن دانهن ٻڌڻ سان تہ تئي درد بِهايت،
آدمؑ جو ڏِسي حال وڃي سيل[2] اسان جو،
دانهون تہ ڪري هو تہ ڏري ڏِيل[3] اسان جو."

29. وهلو ئِي هي آدمؑ تي ٿيو اَمر اِلاهِي:
"آدمؑ تون مصيبت ۾ نہ ڪر دانهن اجائي،
هر حال رهي شادِ تون ڪر صبر سدائِي،
اُن ڏِينهن ئي ڏِسندين تون جَڏهن ٿِيندي صفائِي،
صابِر جو مون وٽ مَرتبو آ سَرس سين ڪان،
مون حڪم ڪيو آهِ جو، سو سڻ تُون ڪنن سان."

---

[1] رقت = محويت.
[2] سيل = همٿ.
[3] ڏيل = بدن، جسم.

30. ”اي جملي جو انداز عَذابَن جو رِٿيل آ.
دوزخ جي دٻاءَ باهِ کِ سختين جو سٿيل آ.
اَڌ خلق گنهگار جي لَءِ ڌارَ رَکيل آ.
اَڌ باقي تہ قابيل لِءِ مَخصوص ڪيل آ،
قابيل قيامت ۾ وڏو سور ئي سهندو،
جو حال سندس خاص ءِ سڀ عام ئي ڏِسندو.“

31. هابيل جي قاتِلَ جِي سزا ٿِي آ مقرر،
اتفاق آ عُلماء جو اِنهيءَ ڳالهِ تي اَڪثر،
آدمؑ جي پسَر لاءِ اِها آهِ ٿي پَر گهر،
آدمؑ کان شَرف ۾ بہ تہ صَد بارها بَهتَر،
يعني کہ مُحَمّدؐ جي جِگر گوشي[1] جو قاتِل،
هوندو سو کهڙي حال ۾ قابيل مُقابل.

32. آ قول صَحِيفي[2] عَلي مُوسيٰ رَضا[3]ؓ کان،
جن نقل ڪيو آهِ هي آبا و اجدا[4] کان،
حُسينؓ جي قاتِل تي پيو قَهر خدا کان،
محشر ۾ هوندو نالہ ڪنان[5] سخت سزا کان،
اَي باهِ جي تابوت ۾ پِڻ هوندو پَيل سو،
آتِش جي زنجِيرن ۾ بہ تہ سخت بَڌل سو.

---

[1] جگر گوشي = عزيز قريب، پُٽ.
[2] صحيفي = صحيفہ رضويہ.
[3] علي موسيٰ رضا = علي ابَن موسيٰ الرضا، اٺون امام، ايران جي شهر مشهد مقدس ۾ سندس زيارت گاهہ آهي. حضرت علي رضہ الله عنه، حضرت بيبي فاطمة الزهرا رضہ الله عنه جي ڇهين پشت ۾ ٿي گذريو آهي. (ولادت 765 عيسوي).
[4] آبا و اجدا = ابن ڏاڏن.
[5] نالہ ڪنان = روج راڙو، فرياد ڪندو.

33. دانهن ڪان سندس، دوزخي ٻي امن گهرندا،
پاٽان ٻه پري ڪيس ٽِيَڙ لاءِ چوندا،
صد بارِ مٿس لعنتون هَر وار وجهندا،
پڻ پنهنجي عذابن ڪان پلي ان ڪان پڇندا،
”جيڪس تو ڪيو آهِ تو ڪو خون خرابَ،
ظالم ڪو آيا آنهِ تون مَشحُون شقاوت[1].“

34. هي قتل ٻِي شهزادي انهي شاهه زمن جو،
گلَ باغ بَتولؓ[2] ۽ سو شهِہ ڪوٺ شڪن جو،
جَنهن گُل تي هيو بوسو ٻه هَر گام اُنهن جو،
سو حَلق اجايل ٻه هيو ڏينهن گهٽن جو،
ظالِمَ تہ اُنهي حَلقَ[3] تي ڪر ڪهڙو ڪمايو،
تلوار جي هر وارَ سان اُن گُلَ کي رَنجايو.

35. تَحرير غرائِب[4] ۾ قِصو آهِ لِکيل هي،
زهراؓ جِي ڪَنيزڪَ[5] ٻه تان چولا ٻه ڪَڇي ڪي،
خاطِر تہ دو شَهزادگان[6]، ان خاص سِبي سي،
هِڪ ڏينهن هٿن ساڻ پوءِ پَهرائي ٻنهي کي،
ان وقت تہ حَضرتؐ ڏي کيو تن ڪي روانو،
ڌُهٿَن جو ڏِسي ويس[7] تي دِلشاد ٻِي نانو.

---

[1] مشحون شقاوت = بدبختي سان ڀريل، بدنصيب.
[2] بتول = پاڪدامن، حضرت بيبي فاطمہؓ جو لقب.
[3] حلق = نڙي.
[4] تحرير غرائب = ڪتاب الغرائب.
[5] ڪينزڪ = نوڪرياڻي.
[6] دوشهزادگان = ٻن شهزادن لاءِ.
[7] ويس = پوشاڪ.

36. آيا تہ پوءِ شهزادا ٻئي شاهہِ زمن ڏي،
حَضرتؐ وَٺي وِهاريو جهوليءَ ۾ اُنهن کي،
هر هر بہ پئي بوسو ڏِنو تن جي ڳلن تي،
چولا هِي چڱا ئي تہ ها ٻيهڪ ۾ بدن تي،
گردن ۾ ڪجهہ حُسينؓ جي جو تنگ ڏِٺائون،
هن حال کان تڪمي[1] کي ڪٽي کولي ڇڏيائون.

37. تڪمي جي ڪلڻ ساڻ تي جا لِيڪ نمودار،
هِي حال تہ حَضرتؐ جي ٿِيو دِل تي ناگوار،
بوسو تي ڏنئي ڦيريو هٿ ان تي بار بار،
جِبريل اچي جلد چيو: ”اي شاهہِ ذُوالوَقار[2]،
حُسينؓ جي گردن تي جو[3] خط سرخ پَيل آ،
ان حال کان حَضرتؐ جِي تہ دِل رنج ٿيل آ.“

38. ”پر واءِ انهيءَ وقت جو هي حال ڪيان ٿو،
سو حال ڪندي پاڻ بِي بيحال ٿِيان ٿو،
ڪجهہ ٿورڙي مضمون ۾ في الحال چوان ٿو،
طرفان هي خداوند جي اَحوال ڏيان ٿو،
هِڪ ڏينهن تہ ڳِل حسينؓ جي گُلفام[4] مَٿانهون،
ظلمت جي تہ خنجر جِي ٿيندي شام مٿانهون.“

---

[1] تُڪمي = ڳلي جو بٽڻ.
[2] ذوالوقار = بردبار، جاهہ ۽ جلال وارو.
[3] خط = ليڪ، ڳاني.
[4] گلفام = گل جي رنگ جهڙو.

39 هِن حال کان حضرت کي ٿيو رنج سوايو،
اکين جي ڪڪر مِينهن تان سانوڻ جان وَسايو،
جبريلؑ بہ رَتَ زارِ رڙِي نير وهايو،
حَسَنينؓ کي حضرتؑ جي رُئڻَ سخت منجهايو،
جهٽ ڳِل ڪڙي[1] نانا کي اتي ڳِل ۾ وڌائون،
اکين جي مٽان چميون هر هر تي ڏِنائون.

40 خاموش أي "مَسرُورؔ" تہ ڪر بند ڪهاڻِي،
هِن سوزِ جگر روح جي ٿيندي نہ پُڄاڻي،
طاقت نہ لِکڻ جي تي رَکي ڪِلڪ[2] پُراڻي،
دل ٿي تہ رَهي آهہ بي دُکڙَن کان نِماڻي،
قارون تو قُٽي[3] هِيانوَ ٿي هِن ڳالهہ ڪرڻ سان،
ڪر بند قِصو هاڻِ هي صَلواةً[4] پڙهڻ سان**.

---

[1] ڳِلکڙي = ڀاڪر.
[2] ڪلڪ = بانس مان گهڙيل قلم.
[3] قُٽي = ٽڪر ٽڪر.
[4] صلواة = درود ۽ دعائون.
** هي فصل فقير سائين مسرور 10- مئي 1939ع اربع، مطابق 13- ربيع الاول 1358هجريءَ- شهدادڪوٽ ۾ مڪمل ڪيو.

# باب ٻيو
## بيان حضرت نُوح نجي الله عليه السلام جي آزمائش ۽ تڪليف جي باري ۾

1. آدمؑ کان مگر پوءِ تان اَز جُملہ اَنبيا،
اي نُوحؑ جيان ڪنهن نہ ڪئي قومَ لاءِ جَفا،
نَوَ سَؤ تہ ۽ پنجاھ سچا سال ان سوا،
شب روز ڪئي قوم کي تبليغ تي سدا،
سَوَ سور سنائِين بہ تي تلقِين[1] ڪرڻ ۾،
پَوءُ دور ڪيائين بہ تي تسڪِين لهڻ ۾.

2. سڏيائين پئي قوم کي هر گاھ خدا ڏي،
گمراھ رهڻ کان تي چڪيو راھِ خدا ڏي،
ترغيب ڏِياري تي سا جا آھ خدا ڏي،
رخ تن کي رکڻَ لاءِ بہ درگاھ خدا ڏي،
اي ليڪ نصيحت تہ ڪا مطلق[2] نہ مڃيائون،
بَدلي ۾ مگر نُوحؑ کي سَوَ رَنج ڏِنائون.

3. ٽِين پيڙِھ تائين خَلق کي هيئن نُوحؑ سڏيو تي،
هَر پيڙِھ سان ٽي سَوَ تہ ورهيہ جهد ڪيو تي،
اي نيٺ جڏهن تن جو نہ ڪو نانءُ رهيو تي،
تن جي پوءِ اولاد ڏي رُخ نُوحؑ رَکيو تي،
دعوت تہ سدا حَق جي پئي تن کي ڏِنائين،
هِن حال سبب ساهَ تي سَوَ سور سنائِين.

---

[1] تلقين = نصيحت، هدايت.
[2] مطلق = هرگز.

4. اِلهام ٿيو نُوحؑ کي هي جَل و عَلا جو،
”واعِظ تہ هي ڪر قوم کي تون صبح مسا جو،
تان قوم شَقي[1] ڪجهہ تہ ڪيو خوف خدا جو،
تسليم ڪندو جيڪو بہ طالِب ٿي شفا جو،
امت مان ٿيندو ان جي، جو حڪم مڃيندو،
ورنہ سو قيامت ۾ تڏا ٿيڙ جَهليندو.“

5. هِن حڪم مطابق ٿي سڏيو نُوحؑ سين ڪي،
ڏَڳ سيرَ سان پي عام، تہ خِلوَتَ[2] ۾ پُٽن کي.
سمجهيو نہ سٽيو ڪنهن بي تان هن صاف سُخن کي.
اُٿلو ئي اُنهيءَ مَقالَ[3] کان ٿيو جوش انهن کي،
چاتو هي انهن جاڻ تان بس نُوحؑ چَريو آ.
ڪاري ٿو اسان کي بہ جو هُو پاڻ گريو آ.

6. هِن جوش سبب پاڻ هي ڳالهہ ڳٽيائون،
نفرت جو اول نُوحؑ کان، اِظهار ڪيائون،
ميڙي پوءِ پٽر سير مان ان کي ٿي هنيائون،
هِن ريت ڏکي نُوحؑ جا عضوا ٿي پڳائون،
ڪجهہ قوم گهٽايو نہ ٿي دک درد ڏِيڻ کان،
مُڙيو بہ نہ ٿي نُوحؑ تہ تبليغ ڪرڻ کان.

---

[1] شقي = بدبخت، بدنصيب.
[2] خلوت = اڪيلائي.
[3] مقال = گفتگو.

7. گاھي[1] تہ پٽر ايترا تي واءِ تن ھنيا،
گر گارِ تيو نُوحؑ تي ان ڏير درميان،
اِيندو نہ نظر جڏھين ھو تن کي کو نِشان،
ڄاڻي سو مئل کيس پوءِ ويندا ھا ان ھنڌان،
ٻي اون اچي گھر تہ سي آرام ڪندا ھا،
اي نوش[2] خوشي عيشَ ڪان مَئي جام ڪندا ھا.

8. اِيندو ھو سُتي لوڪ، جو جِبريلؑ اُتي ئي،
پاسي سي پٽر نُوحؑ تان ڪندو ھو مڙيئي،
زَخمن تي مَلي کيس تا پَرَ ھيچ وَڏيئي،
اڳرو تہ اڳي ڪان بہ ڪري چاڪ چڱو ئي،
گھر ڏانھن وري نُوحؑ کي ڪندو ھو رَوانو،
ٻي ڏينھن ڏِسندو، ئي ھُيس لوڪ ٽوانو.

9. ٻي ڏينھن ٽيڻ ساڻ ٻيھي چَوڪَ گھِٽين ۾،
بازار پڙِين[3] سيرَ دَڳن خواھہ گھرن ۾،
جاتي ٿي ڏِنو ميڙ لَنگھي زورِي اُنھن ۾،
پھچايو وڏي واڪِ ھِي آواز ڪنن ۾،
مَعبُود[4] تان اَللهُ رِي بَس ناھِ ٻيو ڪو،
مَحشر ۾ ڇُٽڻ لاءِ بہ ڪَرُ نيڪ ڪِيو ڪو.

---

[1] گاھي = ڪڏھن.
[2] نوش = پيئڻ (مصدر)
[3] پڙين = مال ۽ گاھہ جي بازارن (مَنڊين (مَنڊي- واحد)
[4] معبود = جنھن جي عبادت ڪئي وڃي.

10. هِن لفظ ٻڌڻ ساڻ مَتس لوڪ مِڙيا تي،
وارا بہ ڪيو ڪوڏِجي(1) ساڻس سي وِڙهيا تي،
اِلزام مَلامَتَ جا لڳين ان تي مَڙهيا تي،
پاهڻ تہ هٿي پوءِ هٿن سان بہ لَڙيا تي،
سڀ سور سنا نُوحؑ تي، جاٽي سي عِنايَت،
هِن حال جِي ڪڏهِين بہ ڪئي ڪانہ شِڪايت.

11. آ ليڪ، تان ان قوم جا سَڀ مرد، ٻچن ڪي،
اِيندا ها ڪٽي نُوحؑ ڏي هر وقت ڪلهن تي،
اڳيان سي ٻيهي جوشَ مان چوندا ها انهن ڪي،
”مڃجو نہ اوهين هِن جي تہ فرمان سُخن ڪي،
صورت هي ڏِسي ڇڏيو تہ ٻُلجِي نہ وَڃو ڇِئن،
ٻُلجي بہ ڪَڏهن هِنَ سان تہ رَلجِي نہ وڃو ڇِئن.“

12. ”هِي مرد ڇَريو آهِ ٻَڪي باتِ اَجائي،
هرگز نہ ڪجو هِن سان تہ ڪو قرب ٻلائي،
اي ڪيس ڏِڪاريون ٿا اسين ڇِئن جو سدائي،
اِن ريت اُوهان ٻي تہ ڪجو چال اِهائي،
وَصيت(2) تہ اِها يادِ رَکي هوش ڪَجو ڪو،
هِن جِي تہ ڪنهِين ڳالهہَ ڪي ناگوشُ(3) ڏِجو ڪو.“

(1) ڪوڏجي = وڏائيءَ وچان ڦوندجي
(2) وصيت = آخري نصيحت.
(3) گوش = ڪَنُ.

13. هِڪ شخص کڻي دوش[1] پسر نزد نَجيءَ جي،
اِيندي ئي اِها ڪيس تہ وَصيت بہ ڪَئي تي،
ورنديءَ ۾ پسر واري ڇيو پنهنجي هِي پيءُ کي،
”اي تان تہ ابا جلد مون کي لاهِ پَٽيءَ[2] تي،
وصيت جي سندءِ هاڻِ ئي تعميل ڪيان مان،
تعميل ڪان اڳ واءِ مرِي جَئن نہ وڃان مان.“

14. هِن عرض تي پٽ پنهنجو تنهِين لاٿو ڪلهن تان،
پاهَڻ پوءِ کڻي ڇوڪري جهَٽ پنهجي هَٿن سان،
ڪاوڙ مان هنيو نُوحؑ کي اُلرِي تہ اَنتن جان،
ڊوڙي پوءِ ويو سيگهہ ۾ سو خوفَ ٻيَن ڪان،
هِن چوٽ ڪيو ڦاڙُ ڦٽي ٻِرڙُ نَجيءَ جو،
ريلا[3] تي ڪري خُون وَهيو نُوحَ نَبِيءَ جو.

15. اُن وقت اُٿي نُوحؑ ڪيو پاڪ بدن کي،
رَت صاف ڪيو جو بہ لڳو هوس لٽن کي،
ويهي پوءِ ڳنيو عَرض لءِ مولا ڏي هٿن کي،
ٿي تنگ هي فرياد ڪيو ڇوري ڇپن کي:
”تان بارخدا ڦوم جي هِنَ ڦَهَر بَلا ڪان،
ڏي امن مون کي هاڻِ تون بس پنهنجِي رضا سان.“

---

(1) دوش = ڪلهو.
(2) پٽي = پٽ، زمين
(3) ريلا = ڏار.

16. طاقت نہ اٿم هاڻِ ڪا ڏک دَرد سَهڻ جي،
ٻيڙو هان رهي سگهہ نہ آ ڪنهن ڪار ڪرڻ جي،
سيڪي تو ڏِسين ڪا بہ آ حاجَتَ[1] نہ چوڻ جي،
بد رسم بہ هِن قوم مان ناهي تہ وڃڻ جي،
بس لطف سان پنهنجي تہ مون کي هاڻِ ڏکي وَٽ،
راضي ٿِي مُون کي مهر عطا ساڻ ڏکي وَٽ.

17. ورَنديءَ ۾ ٿِيو نُوحؑ کي جو اَمر اِلاهي،
اُن حڪم مطابِق تہ تنهِين ٻيڙِي بنائِي،
سَڏَّ مان سَڏي خَلق سَڀِي کي تي سُٺائي،
آمين چئي جَن جو مڃي ڳالهہ اِهائي،
ٿَن کي پوءِ وٺي نُوحؑ تي ٻيڙِيءَ ۾ وِهارِيو،
طوفان تان انجام سندي وقت پَڌارِيو.

18. ٻيڙِيءَ ڪان بَچت خلق ٻِي دنيا ۾ هئي جا،
پاڻيءَ ۾ ٻُڏي ڊِير رِيءَ تي غُرق وَئي سا،
شش[2] ماهہ لڳاتار تہ ٻِي سڏ نہ پَئي تا،
پاڻيءَ جي مٿان ٻيڙِي بہ هلندِي تي رَهِي تا،
طوفان سبب تيز سا اُهڙو تہ هِلي ٿي،
جِيلي سان هٿان ڪنهن جي بہ هرگز نہ جهلِي ٿي.

---

[1] حاجت = ضرورت.
[2] شش = ڇهہ.

19. ٻيڙيءَ جو هيو گشت[1] هي دنيا ۾ بَرابَر،
ميدانَ سا ڪربل جي جَڏهن آئي بَرابر،
رَفتار ڪان ٿڪجي ته اتي ٻيني پو يڪسر،
اي تِلُ نه چُري ڪوبه ڪيو حيلو مَڙن گر،
هي حال ڏِسي نُوحؑ سَڏي ترت سپيئي،
مولا ڏي ڪنيا ميڙ تي هَٿ هيجَ وڏيئِي.*

20. هي نُوحؑ ڪيو عرض ڪري حال رئڻ جو:
”ياربّ اسان ڪي آ وڏو خوف ٻڏڻ جو،
تو ۾ آ فقط آسرو، ڪنڌيءَ تي پُڄڻ جو،
جيڪو جو سبب آهِ تان ٻيڙي جي بيهڻ جو،
اِن حالَ ۾ هِنَ جاءِ ڪان واقِف تون خدا ڪر،
ڪنهن پَر تي پُڄائي ته هي مَنظور دعا ڪر.“

21. يڪبار ڪيو نُوحؑ پئي عرض اجا هِي،
وَهلوئي ته اِرشاد ٿِيو ڪيس مٿان هِي:
”ڪَشتِيءَ جي بيهڻ جو آ گهڻو طول[2] بيان هِي،
اي ليڪ خَبردار! اِهو آهِ مڪان هِي،
ٻيڙو ته اَهلبيتَ جو جِت سانگَ سان اِيندو،
اي خُونَ جي دَرياءَ ۾ بس غرق ٿي وِيندو.“

---

[1] گشت = چڪر، سفر.

* 14 مئي 1939ع- اتوار، شهدادڪوٽ.

[2] طول = طويل، ڊگهو.

22. هِن حال ٻَتڻ سان ڏِٺي نُوحؑ روئيندي،
ٻاڏائي گهڻو ئي ٻه ته سِرُ هيٺِ ڏريندي،
رَحمٰن ۽ سَتار ۽ غُفار سڏيندي،
خالِقَ کي ڪيو عرش هي سُڏڪا ئي پريندي،
"يا رَب سِگهو ٻاجهه سان بَس ڪر توَن ڪِناري،
دِل شادِ ٿيان صبح و مَسا شڪر گُذاري."

23. هي نوحؑ ڪري عرض ڪئي ماٺ زباني،
ريءَ دير اُتانهون ٿي اڳي ٻيڙي رَواني،
آئي ٿي نظر ڏوران ئي خشڪيءَ جي نِشاني،
هي حالُ ڏِسي دل جو لَٿن بار گِراني[1]،
جُودي جي جَبل ساڻ لڳي ٻيهي رهي سا،
آٿي هِي ڏِني ڪانگَ خبر هيٺ لَهي سا.

24. ڪانگي کي هِتي پاڻي هيو هيٺِ پنين کان،
پُسيا نه سندس پَر ٻه هئا مَٿتي ٽنگن کان،
آگاهه ڪيو پاڻيءَ جي تان انداز وزن کان،
شڪراني جو آواز ٻه نِڪتو ٿي سين کان،
هِن قرب واري ڪانگ جڏهن حال ٻَتايو،
اي پوءِ لَهي هيٺ مِڙن مُلڪ وَسايو.

---

[1] گرانی = گورو، سخت.

25. ڪانگي جي اَچا آهه خبر ٻي به نِياري،
حُسينؓ طرف شام جڏهن ڪَيَڙي تِياري،
بيمار نِياڻي جا هئي حضرت جي پِياري،
تڪلِيف ڪري ڪِين سگهي ها سا سواري،
سَلمؓ جي ته گهَر اُن کي رَهائي پو سِڌاڻا[1]،
رئندي سا هئي زارِ ڪري يادِ اباڻا.

26. صُغراؓ سا رڙي زار ڪري منهڙو نماڻو،
پاتيُنِ کان سَدا بابا جو ته ڪندي هي پڇاڻو،
شب روز هيس جيءُ ۾ بابا جو جهوراڻو،
هوندو هو سندس روح اَبي لاءِ ويڳاڻو،
چَوندِي هِي، ڏِسي ڪانگ، "اُڏي ڪانگَ خَبر ڏي،
ڪڏهين ته اَبو ايندو جو ويو آهه سفر تي."

27. اي واءِ تان حُسينؓ سندي وَقتِ شهادت،
هِڪَ ڪانگَ پَري خون مان پر پير اَمانت،
اُڏريو پو مَديني جي طَرف تيز نِهايت،
اي ڪيس نه تَرسايو ڪِٿي مونجهه هِلاڪت،
ديوار تي سَلمؓ جي ويهي شور مچايو،
جڻ ڪي ته سڏي حال تي هرَهِڪ کي ٻڌايو.

---

[1] سڌاڻا = روانا ٿيا.

28. آئي ﺑﻪ قضا[1] ساڻ تان صُغراؑ جو صحن ۾،
هي رت سان پريل ڪانگ ڏِنو شور شيوَنَ[2] ۾،
هي حال ڏِسي ڪونه رَهيسُ هوش هتن ۾،
چادَر ڪي سَنڀي هيٺ آئي آب اکينَ ۾،
بابا ڪي سڏي درد مان دانهون تي ڪيائين،
ليٽڙِجي ﺑﻪ تان ڏوڙ ۾ تي زارِ رنائِين.

29. دانهُن تي ٻنا دير جي حُجراتِ[3] رَسالت،
صُغراؑ جي مَتان اِيندي پُڇيو حالُ حِڪايت،
”ڪهڙو اي پياري ﺑﻪ تان باعثِ آ مَلامت[4]“،
صُغراؑ پو ڪئي رئندي ﺑﻪ ديوارِ اِشارت[5]،
پڻ تن کي چيو ”ڪانگ جو هي هاڻ ڏِسو تا،
پريل ﺑﻪ اوهين ڪيس ڪي رتَ ساڻ ڏِسو تا.“

30. ”هِي حالُ ڏِسي ان جو، سندم جِيءُ جهري ٿو،
دانهن ڪان سندس درد سبب ڏِيل ڏري ٿو،
هي ڪانگ خبر نُوحؑ جي ڪَشتيءَ جان ڪري ٿو،
ٻيڙو تان اَهلبيتَ جو اڄ رت ۾ تري ٿو“،
عورات اهل بيت، سين ڪانگ ڏي ڏِسندي،
فرياد بر فرياد ڪيو زار روئِيندي.

---

[1] قضا = اتفاق، اوچتي.
[2] شيون = سوڳ، ماتم.
[3] حجرات رسالت = رسول اڪرم ﷺ جي گهر جا پاتي.
[4] ملامت = رنج، ڏک
[5] اشارت = اشاري سان- اشارو ڪندي.

31. آواز پيو روحَ جو سَلمہؓ جي ڪنن تي،
اِيندَي سان گهٽو ان تان سمجهايو سَيِن ڪي،
هٿ پنهنجو رکي هيڄَ مان هرهِڪ جي مٿن تي،
اي نيٺ ڪرائي ٻہ تان اُن ماٺِ مڙن ڪي،
صُغراؑ کي ڪٺي هنج ۾ سيني سان لڳائي،
دِلجاءِ ڏئي ڪيس پئي ماٺِ ڪرائي.

32. سَلمہؓ هي سبب روح جو، ياتِين ڪان پڇڻ تي،
معلوم ڪري پاڻ ٻہ هئي زار روئڻ تي،
هن حال سبب حال ڪان بيحال ٿيڻ تي،
اي ليڪ جهلي پاڻ وڏڙي ئي هجڻ تي،
صُغراؑ کي ڏئي تسلي، ڪيو حال زباني،
"هِنَ حالَ جي تان ڏِيءَ اَٿم خاصُ نشانِي.

33. "ڪربل جي وٺم خاڪ امانت ۾ رکيل آ،
مضبوط ۽ تان صاف سا شيشي ۾ پيل آ،
سردار دوعالم ڪان مگر مون کي مليل آ،
اِن خاڪ ٻَہ نِسبَت هي سندن امر ٿيل آ،
حُسينؑ تي ڪَربَل ۾ جو تلوار وَهندي،
تان خاڪَ ڦِري خون سَندو رَنگ وٺندِي."

34. هِن خاڪَ لِءِ علماء جو چوڻ هِڪ نہ ٻيو آ،
تحرير شفا[1] ۾ بہ جو عياضؒ[2] لِکيو آ،
تان صَلي عَليٰ حالُ هي، هِنَ ريت ڪيو آ،
ڪَربَلَ جي ڪٽي خاڪَ هَٿن ۾، هي چيو آ،
"اي خوابگاه حُسينؓ جو هِنَ خاڪَ ۾ ٿيندو،
سانگي سان طرف ڪُوفي جڏهين هو ويندو."

35. پڻ أنسؓ[3] کان حَنبلؒ[4] ٿو ڪري نقل اِهوئي،
برسات جو موَڪِلُ[5] تہ مَلائِڪ بہ هِڪو ئِي،
هِڪ ڏينهن اچي سَيّدِ عالم ڏي سگهوئي،
حجري جي بيهي در تي ڪَري عجز گهڻو ئي،
اندر تہ اچڻ لاءِ سڏي عرض ڪيائين،
جهوليءَ ۾ شرَف عَرضَ جو رِيءَ دير جَهليائين.

36. سَلمہؓ کي چيو شاهہ، "وچون در هي ڏئي ڇڏ،
اندر تہ اچي ڪونہ ڪو هي سڀ کي چئي ڇڏ،
دروازي اڳيان ڪائي بہ تہ ناچيزَ پئي ڇڏ،
حجري مان ڪٽي حالُ سو گهر ڏانهن نئي ڇڏ"،
در بند ڪرڻ لاءِ وئي سَلمہؓ اوڏانهون،
حُسينؓ بہ ان وَقت اچي رسيو مٿانهون.

---

[1] تحرير شفا = ڪتاب شفا.
[2] عياض = ڪتاب شفا جو مصنف، ابوالفضل عياض بن موسيٰ بن عياض المالڪي معروف به القاضي، محدث، مورخ، اديب سبة ۾ پيدا ٿيو. مراڪش ۾ انتقال ڪيائين (28- ڊسمبر 1083ع کان 11 ڊسمبر 1149عيسوي)، اٽڪل ويهہ ڪتاب تصنيف ڪيا اٿس.
[3] أنس = حضرت أنس بن مالڪ رضہ عنه، 10 قبل هجري تا 93هجري، صحابي ۽ خادمِ رسول ﷺ هو، سندس روايتن ۾ حديثن جو تعداد 2286 آهي.
[4] حنبل = امام احمد بن محمد بن حنبل عليه رحمة، فقهہ حنبلي جو باني (780 کان855 عيسوي) بغداد جو عالم دين.
[5] موڪل = امانتدار، برسات جو موڪل = حضرت ميڪائيل عليه السلام.

37. حُسينؓ پَريو زور تي حجري ۾ اچڻ لاءِ،
سَلمہؓ تي جهليس ٻانهن کان واپس ته وڃڻ لاءِ،
حُسينؑ ڇڏيو پاڻ آزاد ٿيڻ لاءِ،
چانئٺ جي اندر هليو، اڳتي ئي وڌڻ لاءِ،
اي جانِ ڇڏائي پر سگهو گام وڌائي،
حضرتؐ سان مِليو هيجَ مان ڳل ٻانهَن وَرائي.

38. بعضي ته چڙهيو دوش تي بعضي ته لتو تي،
هِن حالَ کان حضرت جو تان لڏيو به مٿو تي،
سر خاص پيارپ جي سبب سيڪي سٺو تي،
مَهمان ملائِڪَ به تان هي حالُ ڏِٺو تي.
حَضرتؐ کي ڪيو عَرض نمي ان هي نيارو:
”آقا هِي پِسر آهِ، اوهان کي ڪي پيارو؟“

39. فرمايو شهنشاهہ زمن جلد ورائي:
”هائو! هِي پسر جانِ گهڻو ساهہ سيبائي“،
واري پو ملائِڪ هي چيو ڪنڌ جهُڪائي،
”آقا هِي خبر آهہ اوهان کي به الائي،
امت مان سنڌءِ جلد تان هن ناز پليل کي،
ڪَربَل ۾ ڪندا قَتل، لَڙي رُجَ ۾ رهيل کي.“

40. ”گر رايو هجي تان ته اڳي حال چوان مان،
نقشو يا انهيءَ جاءِ سنلو پيش ڪيان مان،
اُن هنڌ هلڻ لاءِ يا خِدمت ۾ ٿيان مان،
فِي الحال ته هي خاڪَ جا آقا تو ڏيان مان،
حُسينؓ سندي واءِ تان ان وقتِ شهادت،
هيءَ خاڪ ڦِري خون ٿيندي هاءِ قيامت.“

41. سَلمؓ هي وٺي خاڪ رکي آڏي لڪائي،
ساڻڍي ٿي سدا ساهہ جان شيشي ۾ سا پائي،
ڏسندي هئي هر روز بہ تان ان کي واجهائي،
سا رنگ تہ ان ڏينهن شهادت جي مٽائي،
ٿي خون ڦري پاڻ هي شيشي ۾ سراسر،
ماتامُ ڪيو ان کي ڏسي خويش و برادر.

42. هِي ڪُتب شَواهِد(1) ۾ ٻيو آهہ لِکيو تان،
سَلمؓ سو قِصو پاڻ زباني آ ڪيو تان،
هِڪَ رات سنلم گهر مان بي حضَرتؑ جو ويو تان،
موٽيا نہ سٽت ليڪ گهڻو وقت لنگهيو تان،
آيا جو ڏِسان تي تہ کي هِڪَ هٿ ۾ اٽن ڪجهہ،
لٽيَلَ تان ذراَ وارَ مُبَارَڪَ بہ سندن ڪجهہ.

43. مون حال ڏِسي عرض ڪيو: ”شاهِہ دوسرا!
”اِسرار ڪهڙو آهہ هي ڪهڙي آ ماجرا.“
فرمايو ورنديءَ ۾ هي مَحبوبِ ڪِبريا:
”اڄ رات وٺي ساڻ ويا مون کي ڪَربلا،
ڏيکاري انهن جاءِ مون کي آهہ اُهائي،
توسان تو ڪريان ڳالهڙي سَلمؓ سا مِڙيائي.“

44. ”حُسينؓ ۽ پڻ آل سنلم قُتل ٿيندي اُت،
اي ساڻ سوڏا ڪوفي ڏي سانگي سان ويندا اُتِ،
ڪوفِي بہ گهڻا رَنج اُنهن کي تہ ڏيندا اُتِ،
قيدِي بہ ڪري شامَ ڏي عورات نيِندا اُتِ،
اُن جاءِ سندي خاڪَ مون آندِي آ سراسر،
وَٺ هاڻِ تون هيءَ ساندِ وجي ساهَ برابر.“

---

(1) ڪتب شواهد = ڪتاب شواهد النبوة.

45. ”حضرتؑ کان وٺي خاڪَ مون شيشي ۾ رکي سا،
اِي سُرخ وَني[1] خاڪَ بظاهِر تي بَکي سا،
گُذري بہ سندَم ساھہ تي بس ڳالھہ ڏُکي سا،
حالَتَ جا رَهي منهنجي بي آقاؑ تان لکي سا،
بَس اَمر مطابق مان تان خاموش رَهيَس تي،
هِن حالَ سندي صبح و مَسا پوش[2] رَهيس تي.“

46. ”حُسينؓ سفر شام اي جَڏهين سڌاڻو
ان وقت هي ڳَل دِل جو سندم هاءِ ڪوماڻو،
سرنو تہ ٿيو ساھَ سندو سور پراڻو،
دِن رات رهيو روح ۾ هيهات جهوراڻو،
ٻاهر تہ اٿي شِيشو سو هر روز ڏسان پئي،
روئي ۽ رَڙِي زار گهڻو دِل ۾ مُسان[3] پئي.“

47. ”مُحرم جي ڏهين ڇِئن جو ڪٽي ديدَ ڪئي مون،
هي خاڪ ڏِسي خون هٿان دل بہ وئي مون،
فريادِ ڪري زار رنو پٽ تي پئي مون،
ماتام ڪيو محلي ۾ هي حال ڏئي مون،
حُسينؓ ڪري يادِ رنا سي تي سيئي،
ڪانگي تہ خبر ان کان بہ آندي هي اڳيئي.“

48. صُغراؓ تہ جڏهن ڪانگ ڏِسي زار رني تي،
سَلمہؓ تان وٺي هنج ۾ دِلجاءِ ڏِني تي،
ڳوڙهن سان سندس سِرَ جي چادرَ بہ پِني تي،
پڻ خاڪ ڏيکارڻ کان بہ ڪجھہ دِل بہ ڊِني تي،
اِي نيٺ اُتي شيشو ڪٽي ڇِئن جو ڏِنائين،
هي خاڪ سڄي خون جيان ٿئن جو ڏِنائين.

---

[1] سرخ وني = ڳاڙهي رنگ مائل.
[2] پوش = ڍڪ، ڍڪيل، ڳالهہ کي لڪائي رکڻ.
[3] مسان = لاچار ٿيا.

49. هي حال ڏسي سَلمؑ ڪئي دانهن اندر مان،
طاقت نہ چرڻ جي ڪا رَهيس اڳتي پَٽر مان،
نِڪتو هي شيشو بہ تان هر هِڪ جي نظر مان،
اي جنهن تي ڏِنو حال هي تنهن سوز جگر مان،
دانهون تي ڪيون درد پريون سانَ سنياري،
صُغراؑ تہ ڪييا پارَ پئي ڪانگَ اُڏاري.

50. صُغراؑ تي چيو روئي: "اي اَبتاه حُسينا[1]،
بيمار ڇڏي مون ڪي وَئين شاهَ حُسينا،
تنهنجي تہ اُچڻ جي تڪيان راهَ حُسينا،
هر وقت پسڻ جي بہ آ سِڪ ساهَ حُسينا،
بابا جا گهڙي دير مان هِن جڳَ ۾ جِيئندَس،
نِتُ يادِ ڪري توکي پئي زار روئيندِس."

51. هيهات زماني جو ٿيو حال بتر[2] آ،
ظالم جي خدايا ڇو مگر دِل تي پٿر آ،
صُغراؑ جي بہ تان روح ڪان دوپارَا جگر آ،
هِيءَ تاتِ سندءِ سَيّدا مون شامُ و سَحرِ آ،
"مَسرُورَ" مَراثي[3] تو سِڪي تنهنجي پَسڻَ لءِ،
روضي تي رهي صبح و مسا روح ڪرڻ لءِ.

---

[1] اَبتاه حُسينا = اسان جا پيءُ حسينؑ.
[2] بتر = خراب، ابتر.
[3] مراثي = مرثيو چوڻ وارو.

هي فصل فقير سائين مسرور تاريخ اٺين جون 1939ع تي شهدادڪوٽ ۾ مڪمل ڪيو.

# باب ٽيون

## بيان حضرت اِبراهيم[1] خليلُ الله عليه السلام جي آزمائش ۽ تڪليف جي باري ۾

### الف

1. اي هاءِ اِبراهيمؑ کي ڏُک ڏَرد ستايو،
صَدبار تنهين ساهه تي سڀ سور سهايو،
اِيزا ڪ[2] پيارو تہ پنهنجو نانءُ ڏرايو،
هِن راهه محبت ۾ سنو رنج سوايو،
بخشي تو خدا دَرد جو تحفو تان جنهين کي،
پنهنجو تو ڪري پرک رِيءَ پهريون ئي تنهين کي.

2. تان بار بلا ڪان نہ گهبرائي پيارو،
طعني ڪان مگر پاڻُ نہ پَسرائي[3] پيارو،
سِرُ ڪَڪِ تي ٽَڪَرَ ساڻُ نہ ٽڪرائي پيارو،
محنت ڪان جِيئين مُنهڙو نہ مُڪرائي[4] پيارو،
مطلب تہ رهي شاد نہ ڪنهن ڏک ڏي نِهاري،
زردار ڪان بي سَرسُ مزي ساڻ گذاري.

---

[1] ابراهيم خليل الله = حضرت ابراهيم عليه السلام، الله تعاليٰ جو پيارو دوست.
[2] ايزا = ٻيو، وڏيڪ. (ايزاڪ، وڏيڪ اهو تہ)
[3] پسرائي = خفا ٿئي، ناراض ٿئي.
[4] مڪرائي = لنوائي، مٽائي، ڦيرائي

3. هِڪڙو تان اڪابر ٻہ هِن دستور چوي ٿو،
من منهنجو سببِ سور جي مَسرُورَ ٿئي ٿو،
زَردار ٻہ چِئن عيش ۾ مخمور رهي ٿو،
اي ليڪ انهيءَ کي ٻہ ڪڻهن پور پوي ٿو،
پنهنجي تہ طبيعت ۾ تغير[1] نہ ڏِسان ٿو،
اَڻ ڪٽ تہ خزانو جو هِي ڏُڪڙَن جو رکان ٿو.

4. صيقل[2] آ بلا غير سچو دل جو وِجائي،
زَنگار[3] سياهيءَ کي چلي صاف بنائي،
محنت اياَ دِيدَ اکين جي ٿي وڏائي،
سائِين تہ پَسي سامهون جاڏي جو واجهائي،
جيڪا ٻہ اچي يارَ کان چاٽي سا عنايت،
بخشِيش بلا جي کان رهي شاد نِهايت.

5. اي دک اِبراهيم^۴ سَنا ساهہَ متان جي،
پورا نہ ٿِين عمر سچي گرچ لِکان سي،
تقرِير جي ٻہ ناهہ تہ طاقت کا زبان کي،
اي ليڪ انهن مان ٻِي تہ هِڪُ آهہِ بيان هي،
آڙاهہ ۾ وجي کيس جهلي چِئن جو وِڏائون،
هيهات پياري سان، خدا جي هِي ڪَيائون.

---

(1) تغيز = تبديلي.
(2) صيقل = ڪٽ لاهڻ، اوجر، چمڪ.
(3) زنگار = زنگ، ڪٽ.

6. نمرود[1] ته آڙاهه سندو ڪاج سنواريو،
شعلا به ڪيڏي باهه جڏهن جوش ڏيکاريو،
تن پوءِ ابراهيمؑ کي پينگهي ۾ وَهاريو،
لوڏو به ڏئي ڪيس تي اُن ڏانهن اُڪاريو،
اُن وقت تان مَلَڪن هي ڏِسي حال حِڪايتَ،
روئِي ۽ رَڙي زار ڪيو شور نِهايت.

7. طُيور[2] ۽ وَحشي[3] به تان فرياد ڪيو هي،
ڪُرسي ڪـ ولي عرش بس شور پيو هي،
مَلَڪن به رڙي زار پو خالِقَ کي چَيو هي،
"تان بار خُدا هِڪڙو ئي اِنسان ٿيو هي،
ڪُل خَلقَ وِچان توکي تہ واحدَ تو سُجاڻي،
اُن کي تا وَجهن هاءِ هِي آڙاهہَ ۾ هاڻي."

---

(1) نمرود = نمرود بن ڪنعان، ڪالدي قوم جو بادشاهه هو، وڏو مغرور ۽ ظالم هو، جنهن جي ڪري حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام، ڪيس سنئين واٽ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي مگر نمرود جي رعايا جيڪا باهه، سج ۽ چنڊ ۽ تارن جي پوڄا ڪندي هئي سا حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام کي ايذائڻ لڳي. آخر نمرود، باهه جو هڪ وڏو آڙاهه ٻارايو، جنهن ۾ حضرت جن کي اُڇلايو ويو. جنهن کان پوءِ نمرود تي غضب نازل ٿيو ۽ هڪ معمولي مڇر سندس نڪ مان گهڙي وڃي مغز ۾ ڪپ ڪوڙي ويهي رهيو. انهيءَ عذاب ۾ چار سؤ ورهيہ لڇندو رهيو ۽ خوار خراب ٿي مري ويو.

(2) طيور = پکي.

(3) وحشي = جانور.

8. موڪَل ڏي اسان کي تہ مَدد ان جي ڪيون ڪجهہ،
هِن وقت بنا دير جي همراهہ ٿيون ڪجهہ،
هِڪوار وڃي ڪيس تان دِلجاءِ ڏيُون ڪجهہ،
پاڻي ۽ هوا پاڻ سان بي ساڻ نِيون ڪجهہ،
فرمان ٿِيو تن کي هي پل جانُ تہ وڃو سڀ،
جيڪو جو ڪري امُرَ وڃي اُن جو مَڃو سڀ.

9. پهريون تہ مَلَڪُ واءُ جو جهٽ واءُ جان آيو،
اِيندي سان اِبراهيمؑ کي بہ سَلامُ وَرايو،
و عليڪ اِبراهيمؑ چئي اُن ڏي نِهاريو،
اُن بعد سگهو ساڻس هِنَ رِيت الايو:
”تان ڪير آهين ڏَسِ تہ ڀلا ڇا تون گهرين ٿو،
بيڪس سان اچي هاڻِ جو سلام ڪَرين ٿو.“

10. واري هي چيو اُن تان: ”موڪِل[1] هان هَوا جو،
آيو هان مدد لاءِ ٿِئي امر عطا جو،
حيلو تہ ڪيان دير رِيءَ بس ان جي ادا جو،
تُرسيل هان فقط ايترو مان تنهنجي رضا جو،
گر حڪم هجي هاڻِ تان هيءَ باهہِ اُجهايان،
ڦيرائي ڀا نِمرودَ جي سا گهَر تي وَسايان.“

---

[1] موڪل هوا جو = هوا جو ملائڪ- حضرت اسرافيل عليه السلام.

11. وَهلو ئي اِبراهيمؑ چَيس: ”هاڻِ هَليو وَڃ،
منهنجي تہ مدد اَمر ڪان بس پاڻُ پَليو وَڃ،
اِنڪارُ اڪر موٽيو جهوليءَ ۾ جهَليو وَڃ،
آيو جو هُجي تو سان ٻي اُن ساڻ رَليو وَڃ،
مولا کي چِڙي تو ڪان اِمدادَ گُهران ڇو،
اُن جي تہ عطايا ڪان ٻِلا جِيءَ ۾ جُهران ڇو.“

12. آيو پوءِ مَلَڪُ مينهن[1] جو وِڄُ وَڏُ ڦُڙي جان،
اِيندي ئي اِبراهيمؑ کي هِن ريت چيو تان:
”جِئَن حُڪم ڪرين هاڻ تون تعميل ڪيان مان،
مُوَڪل مان ڪلي بَرق[2] ۽ برسات سندو هان،
هِي باهِ ڪيان يَسمر سڀي مينهُن وسائي،
هِن قومَ مٿان يا تہ وجهان هاڻِ ورائي.“

13. اُن وقت اِبراهيمؑ چيو ڪيس خَفي ٿي:
”مون کي تہ مدد ڪنهن جي مگر ڪانہ کپي ٿي،
بهتر تہ مون ڪان هاڻ برادر تون پري ٿي،
سڀَ ڳالهہَ سندمر ربّ سان وابستہ رهي ٿي،
اِن خاص سبب باهہ جو ڊپ ڪونہ اٿم ڪو،
تُنهنجي بہ تان اِمداد جو کَپُ ڪونہ اٿم ڪو.“

---

[1] ملڪ مينهن جو = مينهن جو ملائڪ، حضرت ميڪائيل عليه السلام.
[2] برق = بجلي، وِڄ.

14. جبلن جي[1] مَلَڪ جلد تان اُن بعد اچڻ سان،
هي عرض ڪيو آزيءَ ۽ هَٿَ جوڙ ڪرڻ سان:
”گر اَمُر ٿئي مون تي بہ مِنٿ هي ميجڻ سان،
بابلَ جا جبل تان تہ ڪٽي حُڪمَ مِلڻ سان،
نِمرود ۽ هن قوم تي ڪيرائي وِجهان سڀ،
آتِش بہ مَٿن اوچتي ڦيرائي وِجهان سڀ.“

15. وَهلو ٿي ابراهيمؑ چيو: ”هئن نہ نهي ٿو،
مشڪل ۾ سندم غير حَق مُدخل تہ رهي ڇو،
اي سچ تہ محبت ۾ دِقت ڪِين سهي جو،
ميلاپ تان محبُوبَ جو هرگز نہ لهي سو،
بهتر تہ ٻرادر تون هِتان هاڻِ هليو وَڃ،
بابُلَ جا جبل موٽي ڪنيو سان هليو وڃ.“

16. آيو پوءِ مَلَڪُ اَرض جو[2] اُن وقت سگهو ئي،
اِيندي ئي ڪيو اُن بہ وري عرضَ اُهوئي:
”بس مون کي اِجازت جي ڏيو تان تہ سَجوئي،
تالانُ[3] هي ڪيان طَبقو ٻَچي ڪونہ هِڪو سَجوئي،
اُن کي بہ اِبراهيمؑ ڏِني خُشڪ وَراڻي،
موٽِي سو ويو ماڳِ، ڪري شِڪلِ نِماڻِي.

---

[1] جبلن جي ملڪ = جبلن جي ملائڪ.
[2] ملڪ ارض جو = زمين جو ملائڪ.
[1] تالان = تباهہ، برباد.

17. هِن وقت اِبراهيمؑ هو آڙاهَ ۾ پوڻ تي،
راضي نہ رهيو ڪنهن کان اِمداد وٺڻ تي،
پنهنجَي ئي رکيو بارُ سَچو يارَ سڄڻ تي،
جهٽ بَرق جان جِبرِيل بہ هِن جاءِ اچڻ تي،
آوازُ اِبراهيمؑ کي تڪڙو ئي ڪيو هي:
"هل لکَ مِن حاجة"⁽¹⁾ ويجهو تي چيو هي."

18. جِبريلؑ کي اِبراهيمؑ چيو جَلدُ ورائي:
حاجَت تہ اٿم ليڪ سگهان ڪِين ٻُڌائي،
تعلق نہ مگر ڳالهہ سا توسان تي رَکائي."
جِبريلؑ ورائي، پو چيو ڪنڌ جهڪائي،
"جنهن سان بہ اٿي حاجَ پلا چو نہ چَوين تو."
واري هِي اِبراهيمؑ چَيو: "ڪِئن تون پُڇين تو."

19. "جنهن ساڻ اٿم حاجَ ڪِ مَطلب تو رکان ڪجهہ،
جاڻي تو سڃو حال سو واري چا چوان ڪجهہ،
ڏي تو جو گهرڻ رِيءَ تہ چا پوءِ گهران ڪجهہ،
ان جي تہ ڏِنل ڏيب تي چو رنج رهان ڪجهہ،
خواهِش نہ رهي آهِ نہ باقي آ حڪايت،
آتِش ۾ پَوڻ جي بہ تہ ڪا ناهِ شِڪايت."

⁽¹⁾ هل لکَ مِن حاجتہ = چا توکي ڪنهن جي ضرورت آهي؟

20. جِبريلؑ ڏِني ڪانہ وري جاءِ چَوڻ جي،
آتِش جي مٿان ايترو بي وَقت ٻيهڻ جي،
رُخصَت ٿي اچا ئي پئي ڪَئي اڳتي هلڻ جِي،
آئي هي نِدا حَق ڪان آتِش تي ڦِرَڻ جي:
”اي باهہ اِبراهيمؑ تي ٿي سَرد سلامتَ،
پهچي، نہ جِيئن ڪيس تہ ڪو رنج ملامت.“

21. ٿي باهہ ٿڌي دير رِيءَ سو ڪنهن نہ لَکِيو هو،
ڏولِيءَ ۾ اِبراهيمؑ چڙهيل جِئن جو پيو هو،
اي نارَ[1] مان گلزار ٻِنا دير ٻٽيو هو،
ڪو ڪيس اَيا رَنج نہ ذرڙي جو رسيو هو،
اي يارَ جي خُنجر سان جو قربان ٿِيو آ،
لاريب سو تان پاءِ بہ سر[2] جانِ ٿيو آ.

22. ”مَسرُورَ“ سَڄڻ تان جو سري گهورَ ڪري ٿو،
جِيئرو آ سدائي تہ سو موتي نہ مَري ٿو،
يارِيءَ جو اولَ يارَ سان دَم جيڪو ڀري ٿو،
ٻي ڏڙڪ اچي باهہ ۾ جِئن پيرُ ڌَري ٿو،
ٿي باغ ڦِري دِير رِيءَ سان باهہ ٻَرندڙ،
دائِم آ مٿس بُوندَ بهارِيءَ جي وَسندڙ.

---

[1] نار = باهہ (نارُ حاميہ = جلائيندڙ باهہ- دوزخ جي باهہ).
[2] پاءِ بہ سر = پيرن ڪان مٿي تائين.
* هي فصل فقير سائين مسرور- 12 مئي 1939ع، مطابق 23- ربيع الثاني 1358هجريءَ شهدادڪوٽ ۾ مڪمل ڪيو.

## ب

# حضرت ابراهيم عليه السلام جي ٻئي ڀيري آزمائش ۽ تڪليف جي باري ۾

## بيان حضرت اسماعيل ذبيح[1] الله عليه السلام

1. هِڪَ ٻي اِبراهيمؑ سندي آهه حقيقت،
جا ذِبح اِسماعيلؑ جي آهه بہ نِسبت،
فرمايو سو قرآن ۾ جَنابِ اَحديَت،
واضح آ اِبراهيمؑ جي تان اُن مان فضيلت،
ڪِئن اَمر اِلاهي جي بہ پوئواري ڪيائين،
ڪا چيز پياري نہ وري واري رکيائين.

2. تَنزيل[2] ۾ هِڪ جاءِ هي فرمايو خدا تان،
پنهنجن جي وڻان پرک ڏئي بار بلا تان،
پڻ سَڏَ تہ مُحبت جي ڪري جوڪِ ڀلا سان،
سُڌ ان کي اڳي ئي بہ هُجي صاف صفا تان،
گَهر ٻار مڏي مالُ عَز[3] و جاهُ[4] ڇَڏڻ ريءَ،
حاصل نہ ٿئي حال ڪِ سِر سَٽَ ۾ ڏِيَڻ ريءَ.

---

(1) اسماعيل ذبيح الله = حضرت اسماعيل عليه السلام، الله تعاليٰ جي راهہ ۾ ذبح ٿيڻ وارو، قربان ٿيڻ وارو.
(2) تنزيل = قرآن پاڪ.
(3) عز = عزت.
(4) جاهُ = جاهہ و جلال.
* هي فصل فقير سائين 13- جون 1939ع- شهدادڪوٽ شروع ڪيو.

3. هيءَ تان اِسماعيلؑ جي سڌ آهي ڳري ٻي،
آيو ٿي سو جهنگ کان جِئن گهر ڏي وَرِي ٻي،
اُوندهه ٿي مٿان آئي هُئي شامَ پَري ٻي،
جِيئن جو اِبراهيمؑ نَظَرَ ان تي ڏَري ٻي،
ڳل ڳاڙها ڳُلابي تہ سندس گُل جان ڏِٺائين،
وَڌ چوڏِهينءَ جي چَنڊ کان مُنهن اُن جو پَسيائين.

4. هي حُسن ڏسڻ ساڻ تان دِل هَٿَ کان وڃائي،
هِنَ تابَ سندس سُرتِ سَڄي سمجهه گنوائي،
عاشِق تہ پِسَر تي ٿي پيو مَست فِدائي،
اڄ اُن سان اڳي کان بہ گهٽي دِلڙي لڳائي،
ٿي راتِ اِبراهيمؑ ڪري وِرد عِبادت،
بِستر تي سُتو ننڊ لِءِ پائي فراغت.“

5. بِستر تي سُمهڻ ساڻ سِگهو ننڊ وَرايس،
هِي جو اسماعيلؑ سان هو نِينهن لڳايس،
مولا جي محبت ۾ حصيدار بنايس،
هِن حالَ کان هِي حڪم خداوند جو آيس،
”مون ساڻ محبت جي جڏهن دعوا ڪرين ٿو،
ڇا لاءِ پِسر پنهنجي مٿان دِل تون ڌرين ٿو.“

6. ”عاشق جي سَندم مون کان سواءِ ٻي ڏي نِهاري،
جا چيز سندس دِل کي ڇڏي اهڙو ڏتاري،
جنهن جي تہ محبت کان وري مون کي وساري،
بس پوءِ تان ان چيز تي آتش کي اپاري،
غيرت کان مٿس مينهن جان آتش سا وَسايان،
اي يا تہ انهيءَ باهِ ۾ رِيءَ دير جَلايان.“

7. ”اي يار سندم وَصل جو جي جامُ گُهرين ٿو،
ڪوشش ڪا مون ڪي خوش تون رکڻ لاءِ ڪَرين ٿو،
ياريءَ جو مون سان ليڪ تون دم ڪوئي پَرين ٿو،
مُنهنجي تون ڏمر ڪان بہ اگر دل ۾ ڏرين ٿو،
صَدقي تان سَندم راهہَ ۾ سامان ڪري ڇڏِ،
اُت ٻنهہ پيارو بہ هِي قربان ڪري ڇڏِ.“

8. هيءَ تان اِبراهيمؑ عَجب خواب ڏِسَڻ سان،
جاڳي تہ پيو نِنڊ مان جهَٽ حُڪُم ٻُڌَڻ سان،
سيني ڪان اڳي ساجهري بِستر تان اُٿَڻ سان،
وَهلوئي سَڏيو هاجرهؓ کي صُبح ٿِيڻ سان،
جا هُئي اسماعيلؑ سَندي ماءُ پيارِي،
هِن ريت تنهين ساڻ ڪئي ڳالهہ نِياري:“

9. ”دعوت تان سندم يارَ مُڪي آهہ مَنائي[1]،
ويهي پو رَهڻ مون کي مگر ڪِين جڳائي،
ڪجهہ دِير نہ ڪر هاڻِ تہ ڪا تون بہ ورائي،
جلدي اِسماعيلؑ کي بَس غُسل ڪرائي،
ٿهدَر[2] تہ وَڳو پاڪ ۽ پڻ خاص اُچو ڪو،
چونڊي تون ڇڳو ڪيس تان پَهراءِ سِگهو ڪو.“

---

[1] مناڻي = ملهائي (مناڻ- ملهائڻ (مصدر).
[2] ٿهدر = صاف سٿرو.

10. ”سرمو ٻہ تہ اکين ۾ سندس پاءِ سِڳھوئي،
زُلفن کي عَطر ٻي تان لاءِ سِڳھوئي،
موجود ھجي ڪِين تان آٿاءِ سِڳھوئي،
تڪڙائي ڪري ڪَر تہ ھي اڪلاءِ سِڳھوئي،
اي دير سَبب يار کي جِئَن تي نہ اِنتظارَ،
اوسِيئڙو سندس مون کي ڪندو سخت بيقرار.“

11. ھي حُڪم ٻُڌي ھاجرهؓ جَھٽ پُٽ کي اُٿاريو،
ھَٿ پيرَ بَدنُ مُنھن تان سندس پاڻ ڌُئاريو،
پَھرائي نئون ويسُ ائين ڪيس سِينگاريو،
سُرمي کي مٿان ڌارَ ڪَجل ساڻ سنواريو،
زُلفن کي سندس عطر مَلي بوسو ڏِنائين،
بوسو تہ ڏئي ٻُوءِ سِنگھڻ ساڻ چيائين:

12. ”مون ماءُ سندس ساھہ جِئي چا تہ چوان مان،
ڪيڏانھن وڃين تو تون، سو ڪنھن کان پُڇان مان،
توکي تہ ڏِسي ھاڻِ خوشي ھوند ڪيان مان،
اي ھاءِ مگر خوف کان مانڊِي تي ٿيان مان،
زُلفن مان سندءِ بوءِ وچوڙي جي سنگھان تي،
موٽِي تون مِلين يا نہ اُنھيءَ ڏک کان ڏکان تي.“

13. ”دِل چاڪُ[1] تئي تي ھي وٺي واسُ پيارا،
ميلِيندو ڏٽي توَسان وري جيءُ جا جيارا،
اي شالَ پَسنديَس مان سندءِ نيڻ نظارا،
پيءُ سان تو وَڃين ورنہ چوان تان تہ خدارا،
دعوت تي سندم جان نہ وڃ جيءُ جھري تو،
منظور اٿم ليڪ ڏٽي جيئن گھري تو.“

---

[1] چاڪ = زخمي.

14. سينگارجي اِسماعيلؑ سِگهو گامَ وڌائي،
هَٿ پنهنجو اچي هيج مان بابا سان مِلائي،
دعوت تي هلڻ لاءِ چيو ڪيس ڇتائي،
جَهٽ هاجرهؓ کي پوءِ چيو شاهه وَرائي:
"ڪاتي ۽ رَسو ڏينم تان مان ساڻِ نيان سو،
ڏِسُ گهرج پوي ڪا تہ پو مان ڪنهن ڪانَ گهُران سو."

15. وَهلوئي چيو هاجرهؓ "حيران ٿيان ٿِي،
هِن حالَ سَبب خونِ جگر جو مان پيان ٿي،
ڪارد[1] ۽ رَسو اَمُرَ مُطابق تہ ڏِيان ٿي،
هٿ جوڙ ڪري ليڪ اِهو عرض ڪيان ٿي،
ڪاتي ۽ رَسي ساڻ نِيڻ جو ڇا سَبب آ،
دعوتَ تہ اِنهيءَ جو بہ وڏو مون کي عجب آ."

16. "ڪاتيءَ سان ڪجي ڪار ڪهڻ يا ڪِ ڪپڻ جي،
نوڙيءَ مان تي حاجَ[2] تہ ڪنهن چيز ٻَڌڻ جِي،
دعوت تي ضرورت تہ نہ آ ساڻ نِيڻ جِي،
ڪهڙِي آ اُتي گهرج ٻَڌڻ يا کي ڪُهَڻَ جِي،
دَعوت تي اِها ڳالهہِ چڱي ڪين ڪي چوندا،
هِي حال ڏِسي لوڪ ذرا رَنج ٿِي رَهندا."

17. وَهلوئي اِبراهيمؑ ڏِني ڪيس هي وَرندِي:
"قرباني بہ شايد تہ ڪا ڪَرڻي ٿي پوندي،
ڪاتِيءَ ۽ رَسيءَ جي تہ وڏي گهَرج بہِ رهندِي،
اوزار بنا البت نہ ڪا ڳالهہَ ٿِي ٺهندي،
بس آڻي سِگهو ڏِينم نہ تَرساءِ زِيادہ،
هيءَ ڳالهہِ وري واري نہ ورجاءِ زِيادہ."

---

[1] ڪارد = چاقو يا ڇُري.
[2] حاج = حاجت، ضرورت.

18. ڪاٿي ۽ رَسي هاجرهؓ ريءَ دير رَسائي،
رُخصت پوءِ ڪَري اڳتي ٻنهي ڳامَ وڌائي،
اِبليسَ ڪي هيءَ ڳالهہ پئي ڪَنَ تي مِڙيائي،
هِن حال سندي دِل ۾ ڳِڻي ڳڻ تان اِهائي،
بس وقت عجب آهِ مليو مَڪر هَلڻ جو،
بُنياد نُبوتَ جي تہ برباد ڪرڻ جو.

19. اِبليس ڳِڻي ڳالهہِ تان عورت جي ذرا ڪجهہ،
دِل پنهنجي ٻچَن سان تي تَئي سرسُ سَوا ڪجهہ،
قوَت بہ تہ گهٽ صبر جي آ اُن ۾ پِلا ڪجهہ،
اُن ڪي تہ وِجهي وَهم ۽ وِسواس وڏا ڪجهہ،
مَجبور ڪيان مڙسَ سان شورَ ڪرڻ لءِ،
تجوِيز چڱي آهہ اِها وير ونڻ لءِ.

20. اِبليس عَجب ٻُڍڙيَ جي تصوير ٺٺائي،
آيو پو سِگهو هاجرهؓ ڏي هي رنگ رَمائي،
اِيندي سان ٻهي سامهون ڪَنڌ جهڪائي:
هِن ريت چيو: "سُڌ ڪا اٿي يا نہ الائي،
ڪيڏانهن تو اِسماعيلؑ وجي ڪا سڌِ بہ رکين ٿِي،
اي هاءِ اِبراهيمؑ ڪان بہ نہ ڪا ڳالهہ پڇين ٿِي."

21. "دَعوتَ تہ اِبراهيمؑ جي آ ڪنهن نہ مَنائي،
اَڄُ راتِ بِشارت تي آهي ڪيس اِهائي،
تان خونِ پِسر ساڻ تون ڪر فَرضَ ادائي،
اِن خاص سبب هيءَ تہ اٿس باتِ ٺٺائي،
اي هاءِ هو اِسماعيلؑ کي قُربان ڪرڻ لءِ،
دعوت جي مُهاندر[1] تو وجي داڻُ ڪرڻ لءِ."

---

[1] مهاندر = ٻهاني، روءِ.

22. وَهلوئي چيو هاجِرهؑ :"ڪو ٻيڙا چَريو آنهه،
شَڪُ ناهي تہ شيطان ڪ اِنسان ڳريو آنهه،
هي بيڪُ بنائي تون اچي گهَر ۾ گهِريو آنهه،
ڪجهہ وير وڃڻ لاءِ اچي مون ڪي وَريو آنهه،
تنهنجي تہ اثر ڳالهہ ڪندي ڪِينَ ذري ڪجهہ،
هِن حال سندو ڪر نہ ڪو اپٽار وري ڪجهہ."

23. "ڪهڙي آ توکي ثابتي هِن حال هُجڻ جي،
پَڪ مون ڪي سندس آهِ تہ دعوت تي وڃڻ جي،
حاجَت بہ اتم ڪانہ وري ڳالهہ پڇڻ جي،
پيءُ پٽ کي ڪهي، ڳالهہ تان سا ناهِ ٿيڻ جي،
پُٽ بي سو وري هِڪڙو ڳُل باغ رَسالَتَ[1]،
ڪِئن پيءُ تہ ڏيندو تنهين کي رنج هَلاڪَتَ."

24. اِبليس چيو: هاجرهؑ "هي خواب ڏِٺو تس،
خواب سندِي ڳالهہ تي ويساهہ ڪيو تس،
توکان تہ سچو حال لڪائي سو ڇڏيو تس،
اِن ريت خداوند جو فرمان ٿيو تس،
تان راههَ سندم دير ريءَ قربان پسر ڪر،
قربان ڪري ڪِين کي ارمان مگر ڪر."

---

[1] باغ رسالت = رسالت جي باغ جو، (رسالت = پيغامبري، سفارت، نبوت).

25. هي تان چيو هاجرهؑ: ”سَچو خاص خَليل[1] آ،
هِن حال سبب تنهنجو ٻيو رَدِ دليل آ،
جيڪو جو رکي وَهم هِي رَهزَن سو رذيل آ،
گر اُن تي ٿيو اِهڙو بہ فرمان جَليل[2] آ،
بَس پوءِ تہ آءُ بہ ڪِ گهَر ٻار مِڙيو ئي،
قربان آ هِڪوارِ چا سؤ وارِ سَچو ئِي.“

26. اِبليس تي نا اميد اُتان پيرَ مِٽائي،
اڳيان اَچي اِبراهيمؑ جي ڪنڌ جهڪائي،
صورت بہ عجب دَرد پري دَم ۾ بنائي،
هِن ريت ڪيو عرض نِمي نيرَ وهائي:
”اي شاهہ اِسماعيلؑ جي اَبروءِ ڪمان تان،
قربان سچو ملڪ سندس چشمِ فُتان[3] تان.“

27. ”رايو ٿو رکين تان انهيءَ نورِ[4] هُدا کي،
بنياد نُبوت جي ڏئي ماهِ لَقا کي،
بس خون ۾ آلود ڪرين نُورِ ضيا کي،
پنهنجي ٿو هَلين پر نہ ڏِسين رازَ رَضا کي،
بي ڏوهہ ٿو مَعصومَ جو سِرُ ساهہُ گنوائين،
پَڇتاءُ ڪرين پوءِ، نہ هِينئر هوش هلائين.“

---

(1) خليل = دوست.
(2) جليل = مقدس ۽ غني حاڪم.
(3) فتان = فتنہ انگيز (اکين جي صفت) محبوب جي اکين لاءِ چئبو آهي.
(4) نور هدا = سڌي رستي تي هلائيندڙ روشني، هدايت.

28. هي قال سڻي شاهہ قدمُ اڳتي وَڌايو،
جاتو تہ هِي شيطان اچي آهہ وَرايو،
لاحول[1] سندو تِيرُ مٿس چُست چَلايو،
شيطان کي هِن تِيرَ نہ کو رنج رَسايو،
پر واري چَيائين: "تہ شَها سوچَ ذرا ڪر،
هِنَ خوابَ سَبب خون پِسر جي نہ خطا ڪر."

29. "جو خواب ڏِٺءِ سو تہ صحِيح ناهِ خدائي،
شيطانَ سندو ليڪ اِهو حال هوائي،
اي هاءِ انهيءَ تي تون تِيو آنهہ ٿوائي،
مَج عرض منهنجو شاهہ چِڏي هوڏ اَجائي،
بي ڏوهہ خدا قتل ڪنهين جو نہ گهري ٿو،
تنهنجي تہ اُنهيءَ هوڏ ڪان جِيءُ منهنجو جُهري ٿو."

30. هي شاهہ چيو تان: "توکي سِرَ ۾ خَلل آ،
شيطان شَقي[2] آهِين سو توڙون جو ٺڙيل آ،
گُمراهہ وجي ڪر تون ٺنهين، جيڪو جو اَجهل آ،
نِيَت ۾ نَبِين جي مگر توکي نہ دَخل آ،
جيڪو جو ڏِٺم خواب سو آ حُڪم خدائِي،
تعمِيل ۾ ان جي نہ ڪندس ڪابہ گهٽائِي."

---

[1] لاحول = (لاحَول وَلاَ قُوَةَ اِلا بِالله) ناهي ڪائي مدد ۽ ڪائي طاقت، الله تعاليٰ جي مدد ۽ قوت کانسواءِ.
[2] شقي = بدبخت.

31. اِبليسَ چيو: ”شاهہ نہ تون جوش ذرا ڪر،
هِنَ ڳالهہ متي منهنجي ڪي گوش ذرا ڪر،
پنهنجي تہ هٿن ساڻ هلاڪي نہ جگر گوش ذرا ڪر،
دل توکي ڏني آهہ خدا، هوش ذرا ڪر“،
هِن حالَ ڪان اِبراهيمؑ کي ٿيو رنج نِهايت،
واري هِي چيو چڙ مان: ”اي مَشحوُنِ شقاوت[1].“

32. ”نِمرود جَڏهن باهہ ۾ مون کي جو وِڌو هو،
جِبرِيلؑ اچي جلدِي مدد لاءِ چيو هو،
مون تي کو اثر ان جي مِنَت نہ ڪيو هو،
هو گرچ مُقرب[2] مگر مون ڪين مڃيو هو،
نِسبت ۾ تنهين جي تون مَردُود[3] هَچارو،
مَلعون[4] تڙيل توڙ جو مترود[5] نڪارو.“

33. ”تنهنجو هِي چَوَڻ مُور تہ مان ڪِينَ مَڃيندس،
هِن حڪم خدا جي ڪان بہ مُنهن ڪينَ مٽيندس،
فرزند لکين چو نہ هجن لَکَ بہ سَٽيندس،
فرمانِ الاهي جي پُني[6] دَم نہ پرِيندس،
مون کي تہ رَضا يارَ بِنا ڪُپُ نہ ٻيو آ،
ڪو خوفُ خطر ڊاءُ ڪ يا ڊپ نہ ٻيو آ.“

---

[1] مشحون شقاوت = بدبختيءَ سان ڀريل.
[2] مقرب = همراز، اهو شخص جنهن کي قرب حاصل هجي.
[3] مردود = بيعزت ڪيل نالائق.
[4] ملعون = جنهن تي لعنت ڪئي وئي هجي، نالائق.
[5] مترود = ڌڪار ۾.
[6] پُني = قبول پوڻ سبب.

34. اِبليس پَشيمان رَهِي پيرَ هَٽائي،
اِسماعيلؑ جي اڳيون اچي هُنر هَلائي،
هِن ريت چيو: "شاهه وَجين ڪاڏي الائي،
سُڌِ ڪا به رکي ٿي جا پڊر تُنهنجو رکائي."
هي شاههَ چيو جوش مان: "دعوت تي وڃان ٿو،
چالاءِ پُڇين تون ته مِيان توکان پُڇان ٿو."

35. اِبليس چيو: "شاههَ ته دعوت نه ڪيڻ لءِ،
اي ليڪ وڃين واءِ تون قربان ٿيڻ لءِ،
سُڌ توکي نه آهي سا حقيقت جي ڏِيڻ لءِ،
آيو هان هِتي توکي به گهر واري نيڻ لءِ،
اي خواب ۾ جو حڪم خداوند ڪيو ٿس،
قربان ڪرڻ لاءِ تڏهن توکي نِيو ٿس."

36. "اِسماعيلؑ چيو: "پيرَ بي تَدبير نَٽوئي[1]،
گر حڪم خداوَند سندو آهي اِهوئي،
تڏهين ته سندم جِسم کِ سِر ساهه سيوئي،
هِڪوارِ چا لک وارِ آ قربان مڙيو ئي،
ڪِئن جانِ ڏِيڻ ڪان سا ڪيان جانِ پياري."

37. "اِبليس چيو: "شاههَ نه جَڏ وقت وڃائي،
ساعت ۾ ڇڏيندين تون بَدن رت ۾ رڱائي،
پيچ هاڻِ هِتان پيءُ ڪنان پاڻ ڇڏائي."
اِسماعيلؑ چيو جَلد تان هن ريت وَرائي:
"فرمان خدا جي ڪان مان منهن نه مٽيندس،
پڻ اَمر پِدر جي تي به سِر ساههُ سَٽيندس."

---

[1] نَٽوئي = ناٽ نخري وارو.

38. ”فرمان پُني تيغ[1] وَهي اُف نہ ڪيان مان،
تي عيد اِنهيءَ رِيت جي قربان ٿِيان مان،
صَد جانِ هجي تہ بہ تہ بِنا دير ڏِيان مان،
ڪُسجي بہ هر وار ڪُسڻ لاءِ جِيان مان،
اي حُڪم خدا جي ڪان تہ راحت مون سري ٿي،
فرمانِ پِدَر ڪان بہ تہ رَحمت مون سَري ٿِي.“

39. اِبليس نہ ڪي بَند اَجا قال ڪيو ڪجھ،
اِبراهيمؑ بہ وٿ[2] ساڻ اڳ ۾ ئي هيو ڪجھ،
اِسماعيلؑ ڪري دانهن سِنڌ ساڻ چيو ڪجھ،
”هي پير تي گمراهہ اَبا ڪَڏَ آ پيو ڪجھ،
بَڪَ بَڪ ڪان سندس قِبلا بيزار ٿِيان تو،
اِمداد مِلڻ لاءِ عرضدار ٿِيان تو.“

40. اِبراهيمؑ چيو هن ڪي: ”تہ ڪجھ ڪن نہ ڏِئين تون،
شيطان ڪُتو آهِ ڪي خائِف[3] نہ ٿِئين تون،
پوَنڪي تو ڪُتو تنهن ڪي پَٿر خُوب هڻِين تون،
اِن ريت سَندس ضرب[4] ڪان آزاد رَهين تون،
هِن اَمُرَ تي اِبليس ڪي ڪُجھ پَهڻ هَنيائِين،
سَنگسار[5] ڪندي ڪيس، مَنجهان جوشَ چيائِين:

---

[1] تيغ = تلوار.
[2] وٿ = وٿي، فاصلو.
[3] خائف = ڊڄڻو، انديشو ڪندڙ.
[4] ضرب = ڌڪ
[5] سنگسار = پٿر هڻڻ. (سنگسار ڪرڻ = ڏوهہ ڪندڙ کي ڌڙ تائين زمين ۾ پوري مٿس پٿر وسائڻ).

41. ”ملعون جڏهن حڪم خدا توکي ڪيو هو،
آدمؑ کي صَحيح سَجدي ڪرڻ لاءِ چيو هو،
اِنڪار ڪري اَمُر اِهو تو نہ مڃيو هو،
اي طوقُ تڏهن توکي تہ لَعنَت جو پيو هو،
تُنهنجي تہ ڇَوڻ ساڻ ڇو مان پاڻ رَهايان،
گُمراهہ ڪرين مون کي ٿو تان سِرُ نہ جهڪايان.“

42. اِبراهيمؑ وَڏي اڳتي جا جُوءِ ڏِنائين،
ڌَرتيءَ جي مٿان ويهي وري پَلٽي هَنيائين،
اِسماعيلؑ کي اڳيان ئي وهارڻ جي ڪيائين،
ڪاتي ۽ رَسو ڪُڇَ مان ڪَڍِي پَرَ ۾ رکيائين،
اِسماعيلؑ سان ان بعد ڪيو شاهہ بيان هِي،
”اي نُورِ نَظر توکي هجي حال عيان هِي.“

43. ”تن قُربِ اِلاهي جي تَجمُل[1] کي ڏِسڻ جو،
ريءَ صبر سهڻ سور، نہ حاصل آ ٿِيَڻ جو،
پڻ شُهد[2] لقا[3] جي بہ تَناوَل[4] تہ ڪرڻ جو،
ريءَ نوش، بِلا زهر، نہ سو آهي مِلڻ جو،
مُدَت کان ڪمر رَنج سَهَڻ لءِ جو ڪَشي مون،
تڏهين تہ عطا ڪابہ بِنا ڏُکَ نہ رَسِي مون.“

---

[1] تجمل = شان ۽ شوڪت، وقار.
[2] شهد = ماکي.
[3] لما = ديدار.
[4] تناول = کائڻ.
[5] نوش = پيئڻ.

44. ”ڄڻن خوابَ ۾ مون کي جو ويو آهِ ڀَسايو،
تان داغ وِڇوڙي جو وِجي دِل تي لڳايو،
سو داغ مُئي ٻه نه وڃي مور مِٽايو،
گهٽجي نه دوا ساڻ رهي روز سوايو،
يَعني ته جگر گوش کي قربان ڪيان مان،
دشوار انهيءَ اَمر کي آسان ڪيان مان.“

45. اِسماعيلؑ چيو هيج مان وَرنديءَ ۾ سِگهوئِي:
”جو امر ٿيو توکي اَبا ڪر تون اهوئِي،
منظور اٿم ليڪ آ اِنڪار نه ڪوئِي،
هِڪوار ڇا سؤ وارِ هان قربان سڄوئِي،
قدمن تان سندءِ گهوريان سِرُ پنهنجو سَراسَر،
اَڄ آسَ پُني ڏينهن ٿئي عيدَ بَرابَر.“

46. ”ڇا ڪون ته سِوا سِر جي ٻيو ڪجهه نه رکايان،
درڪار ٿيو سِر هِي سندم عِيد ملهايان،
هِن حال سبب ڪجهه نه چوان پڻ نه چوايان،
هي عرض اَجابت ۾ اچڻ لاءِ لِيلهايان،
بَس حڪم خداوَند جو منظور ڪيان ٿو،
منظور چوڻ ساڻ مان مَسرُور ٿيان ٿو.“

47. اِن بعد اِبراهيمؑ چيو: ”ٺارَ اکين جا،
وَصيّت جا اَٿي ڪرڻي ته ڪر هاڻِ سِگهو سا،
اُن جي ته اَدائِي ۾ ڪمي ڪِين ڪندس ڪا،
تنهنجي ته وِڇوڙي ۾ وَري ڇا نه ڪيان ڇا،
هِنَ اَمر تي اِسماعيلؑ چيو ڪنڌ جهُڪائي،
ٿي شرط وَصيّت جا ڪيان پَوَ کي پُلائي.“

48. ”اول تہ ڪُهڻَ وقت هِي هَٿَ پيرَ ٻَڌين مون.
اُن تي اِبراهيم ؑ چيو: ”چا تو چَوين مون،
بي صَبر هُجڻ جو هي ٻَهانو تو ڏِئين مون.“
اُن تي اِسماعيل ؑ چيو: ”سچ شاهہ پڇين مون،
بي صبر هجڻ جو تہ ڪيان ڪونہ بهانو،
سُڻ هي بہ سبب صاف چوي چا بہ زمانو.“

49. ”هِڪڙو تہ جڏهن تيغ سندم ڳَل تي وَهندي،
ڦَتڪڻ جي اُنهيءَ وقت تہ حَرڪَتَ بہ هَلندي،
حرڪت جي سبب صبر جي طاقت بہ نہ رهندي،
جي صبر ويو پوءِ تہ ڪا ڳالهہ بہ نہ ٿهندي،
صابِر جو درجو تہ وري ڪين ڪي ملندم،
حَسرَت ۾ هميشہ جي لءِ رهڻو ئي پَوَندم.“

50. ”آقا هي ٻيو خاص سبب صاف سڻايان،
عزت تو اُوهان جي مان گهڻي دل ۾ رکايان،
ڦتڪي نہ هي هَٿُ، ويسُ سندءِ رَت ۾ وجايان،
بي ادبِي سبب پاڻ کي عاصِي[1] نہ بڻايان.“
هي تان اِبراهيم ؑ بہ منظور ڪيو سڀ،
وَصيَت تہ دِگر[2] لاءِ وري حالُ پڇيو سڀ.

[1] عاصي = نافرمان، گنهگار.
[2] دگر = ٻيو.

51. اُن تي اِسماعيلؑ ڪئي ڳالهہ اِها ٿِي:
"مُنهن منهنجو هجي خاڪ تي ٿي فرض اَدائِي،
هِڪُ مون تي اُنهيءَ سببان ٿئِي رَحمُ خدائي،
رَت خاڪَ لڳل رُخ جي هُتي آهي رَسائِي،
منهن منهنجي ڏِسَڻ ساڻ ٻيو شاهہَ اَلائي،
شَفقتَ نہ وَري پِدري توکي ڪَمَ ڪان رَهائي."

52. سُڻَ ہو اِبراهيمؑ پيو شرط ٻئَڻ سان،
منظور ڪيو نيت سو تسڪِين ٿيڻ سان،
وَصيّت جو ٽِيون شرط اِسماعيلؑ پُڇَڻ سان،
هِنَ ريت ڪيو حالُ هي هَٿ جوڙ ڪرڻ سان:
"آقا تہ جڏهن جاءِ تي پُهچي جو وَڃين تون،
مُنهنجي تہ مِٽيءَ ماءُ سان ڪهرو نہ پَوين تون."

53. "جِئَن جو جڏهن مون ڪي تو سان نہ ڏِسندِي،
هِڪَ اڳ ئي مُنل هِجرَ جي ويٺر تہ مُسندِي،
شايد بہ غصي رَنج ڪان رَت زار روئندِي،
هِنَ سُورَ سبب عُمر سَڄِي سُکِ نہ سمهندِي،
اولادِ سندو ماءُ کي ڏُک سَرس رَهي ٿو،
ڪهرو پوءِ سُخن اُن سان ٻولڻ نہ ٺهي ٿو."

54. "اِن خاص سبب مون سان اِهو پال پلائج،
پڻ ساڻ سَلامن جي هي پيغام پڄائج،
اِسماعيلؑ سندو ماءُ سَچو صبر سهائج،
غم منهنجو ڪري پاڻ کي نہ بي شُڪر بڻائج،
ڪو جوڙ ڏِسي منهنجو جي نظر اُن تي ڌرين تون،
مون کي بہ دعا ياد ڪري شادِ ڪرين تون."

55. ”نِينگر ٻه تازه روءِ ڪنهِين ڏانهن نِهارين،
منهن منهنجو مِٽيءَ خون لڳل ڪِين وسارين،
راضي ته رهي ليڪ تون شاڪِر ٿي گذارين،
والد کي جيئڻ ياد منهنجو ڏک نه ڏِيارين،
تنهنجي ته امي گود ۾ چا چا نه سَريم ٿي،
دَم دَم ته تنهنجون دِيدان پَسي نيڻ ٺريم ٿي.“

56. ”همسايہ سندم يار ٻيا دَرس سندا جي،
مون کي نه ڏِسي توکان پُڇا منهنجي ڪندا سي،
ڏِج منهنجو وجڻ ساڻ نياپو هي انهن کي،
ڏِج بعد سلامن جي سنيهو هي انهن کي،
اُن کان سواءِ قِبلہ ٻيو عرضَ اٿم هي،
مڪتب ۾ ٻيا محلي سندا يارَ سندم هي.“

57. ”مون کي نه ڏِسي مونجها سارا نه ٿِين سي،
اِن حالَ سبب منهنجو وجڻ ساڻ انهن کي،
هڪ جاءِ ته مِڙني کي نياپو هي گڏي ڏي،
لک لک ڏِنا اِسماعيلؑ سلامن جا اوهان کي،
دوستي اسماعيلؑ اوهان سان نه ڦٽائي،
اُن ديس ويو، ڪنهن نه ڄتان واڳ ورائِي.“*

* فقير سائين مسرور جو خيال هو ته هن ”مسدس اسرار حسينيءَ“ ۾ سيني نبين جي تڪليفن ۾ مشڪلاتن جي بيان ڪي- حضرت امام حسن، حسين رضي الله عنه جي شهادت تائين مڪمل ڪندو پر پاڻ هي 22 تاريخ سيپٽمبر 1950ع تي مذڪوره آخري بند تحرير ڪيو اٿائين.

# هيرن
# جو
# هار

ڏئي سِرُ نقدي سودي ۾، ڳنهي وٺ هار هيرن جو،
وڃهي ڳل هيڄ مان ٿڄ تون ادا پير و فقيرن جو،
عمل اوٺائتو ڪڄ پڻ، نہ شائق ٿڄ نظيرن جو،
نہ پوُ بلڪل مگر ڏارج، حَسودن ۽ شريرن جو،
ڪري ثابت سچائيءَ کي مدامي موج ماڻج تون،
ڀُليو جو تو وڃي ان کي سڌي دڳ سان اماڻج تون.

"فقير مسرور"

## تمهيد

1. هزارين حَمدَ مالِڪَ جا جنهين هي جَڳ بنايو آ،
اِشاري ساڻ اک ڇنڀ ۾ سڄو مَندل رَچايو آ.

2. ڳڻڻ کان ڳالهہ ٿي ٻاهَر، مگر ارڙهن هزار عالمَ،
سوا ان جي سوين اوپر، عدد جن جو نہ آيو آ.

3. بِنا ٿوڻِن ڪِ ٿنين جي، بيهاريو خوشنما گنبذ،
عجب پڻ فرش ڌرتيءَ جو مٿان پاڻي وِڇايو آ.

4. قمر ڪَتيون ستارا، سِجَ ڪيائين اُپَ اُتي روشن،
زَمين کي زيبُ ڳُل ڦُل سان وڏوئي اُن وَڻايو آ.

5. وڏائي واهَہ واحِدَ جي، نہ جهڙس ڪو مگر تنها،
نہ مائِٽ مِٽُ سندس ڪوئي نہ ڄڻيو ڪنهن جو ڄايو آ.

6. مڙيوئي جوڙجڪ مالِڪَ سندو اَحسن ٿيو ليڪن،
سَڄي مخلوق مان **آدمؑ** شرف وارو بنايو آ.

7. هوا پاڻي مِٽي ۽ باهہ مان جوڙي بَدن ان جو،
اڳيان ان جي فرشتن کي سڏي سَجدو ڪرايو آ.

8. نِياري نُورَ پنهنجي جو منجهس روشن رکي قطرو،
ڪري ان کي وڏو سڀ جو سندس رُتبو وَڌايو آ.

9. پيو پَسجي ڪِ يا ڪي ڪجھ پَسَڻ ڪان جو ٿيو پاسي،
اُهو تان سير آدمؑ جي، سڄو سيني سَمايو آ.

10. ڦراري باغِ جَنت ۾ هُيو ڪي سالَ سَوَ سارا،
مگر ڪنهن خاصُ مطلب سان هَلي هِنَ جاءِ آيو آ.

11. امانت عشق جو باري ڪنيو بوجو نہ ڪنهن بلڪل،
سَمورو بار آدمؑ سو ڇمي چشمن تي چايو آ.

12. کڻي سر بار سو سارو، ڪري انجام هُتِ ڪيئي،
بِرادَر تون هِتي ڀُلجي سو دل تان سڀ ڀلايو آ.

13. وساري اصل کي پنهنجي لڳي تون نقل جي لاري،
ڀُلي تو بي بها هِنَ ڀَرِ اَملھ ماڻِڪُ وڃايو آ.

14. ڀُلو آهيان ويو ناهي پيو آ ڪُندَ پاسي ۾،
فقط غفلت سبب پنهنجي پيل اِئين اجايو آ.

15. برادر بس ڇڏي سستي اُهو تون لَعل لَھُ ڳولهي،
جنهين جي هَتِ ڪرڻ سان سَچ جيئڻ جَڳَ ۾ سَجايو آ.

16. ڳچيءَ ۾ "**هار هيرن جو**" کڻي تون پاءِ هي پر تئون،
اڳوڻي موجَ ماڻِڻ جو، سَندءِ دل جو جي رايو آ.

# هيرن جو هار

(1)

برادر هيءَ خبر توکي ڏئي ڪَن ٻڌڻ گهرجي،
سٽي سا گوش دِل جي سان ذرا اُن تي هَلَڻ گهرجي،
ڪيل انجام پنهنجي کي وساري نا ڇَڏڻ گهرجي،
اڳيان آڏي پُڇا جي لءِ عمل صالِح ڪَرڻ گهرجي،
ڪيو تو قول مالِڪَ سان تہ تنهنجي يادِ ۾ رهندس،
شِرارت نا ڪندس ڪڏهين مِلي هَر جِنس سان رهندس.

اُنهيءَ اَنجام سان هِتِڙي اَچڻ تنهنجو ٿيو آهي،
خُلاصي خاص ويڙهي ۾ رَهَڻ تنهنجو ٿيو آهي،
سراسَر سير هي سارو پَسَڻ تنهنجو ٿيو آهي،
سَجو عالَم سَندءِ سِڪَ سان سَجَڻ تنهنجو ٿيو آهي،
امانت عِشق جو بوجو کڻي نا هاڻِ ڪاهِل ٿي،
زماني جي هوا ۾ تون برادر ڪين غافِلَ ٿي.

نمونو نقش آدَمؑ جو تون آهين هُوبَهو هُوهُو،
تسلي ڪر يلي پيٺي ملائي مُوبمو[1] مُومُو،
تفاوَت نا ذرو تنهن ۾ گهمي ڏِس ڪُوبَڪو[2] ڪُو ڪُو،
پُلو آهين پلا ڇا ۾ ڪَرين جو جُستجُو جُو جُو،
خدا جو ڳجهہ خلاصو تون، خلاصو ڳجهہ خدا تنهنجو،
سندس ڳڻ پَهَہ ڳنڍيل توسان نہ دم اُن ڪان جدا تنهنجو.

---

[1] موبمو = وار بہ وار (هڪ هڪ وار) مو = وار، ڪاڪل.

سَندءِ آواز عَرشن تي، هَلي ٿي نيڪ نامي هُتِ،
مَلائِڪَ سڀ سبب جنهن ڪان ٿيا تنهنجا سَلامي هُتِ،
نہ آهي ماڳُ هي تنهنجو مَدامي پر مَقامي هت،
وڏا ئي واعدا ڏيئي ٿئين تون خوش ڪلامي هت،
هُتي چا قالُ هو تنهنجو، هِتي چا تال آ تنهنجو،
هُتي چا خيال هو تنهنجو، هِتي چا حال آ تنهنجو.

ڏِني توکي سُڃاڻَ چاڻَ جي آ سَگهہ وڏي مالِڪَ،
سموري ڏِسُ ادا تنهنجي حوالي ڪئي مَڏي مالِڪَ،
سڄي بَد نيڪ جي توکي ڏئي ساڃَهہ چڱي مالِڪَ سندءِ،
سندءِ هي آزمائش لءِ سڄي بازِي آڏي مالِڪَ،
سُڃاڻي راند ساريءَ کي ڪٽي هَل گوءِ سياڻو ٿي،
وڃائي چاڻ سڀ پنهنجي برادر نا اَياڻو ٿي.

گهڙي اڄ شام جو گوشي ويهي ويچار اهڙو ڪر،
ڪرين سودو تہ وحدت جو صحيح واپار اهڙو ڪر،
وجهي ڳِل **هار هيرن جو** سچو سينگار اهڙو ڪَر،
ڪَيلَ انجام پاڙڻ لءِ وري اِقرار اهڙو ڪَر،
اُتي ميدان ۾ اڄ تون اچا ٻِي وَجهہ ويو ناهي،
اڳِي اَحوال جي اهڙو، ڪنهين توسان ڪيو ناهي.

**(2)**

خدا ڪان گهر مدد تون تان خدا تنهنجي حمايت ٿئي،
ڪَرمُ ڪَر خلق سان اُن جي تہ توتي ٻي عنايت ٿئي،
رهين تون سُرخرو هِتِ هُتِ اِها تو سان رعايت ٿئي،
ٿين توساڻ لَڪَ لائق اگر تو ۾ لياقت ٿئي،
سندس حُڪمن جي پوئواري سگهو ڪر جي پَلو چاهين،
نہ ٿي تون نَفسَ جو تابع ادا جي آدمي آهين.

هِتي جو دم گهڙي آهين سدا خوشنوُد تي گهارِج،
خدا جي خَلق کي راضي رَکُج ڪنهن کي نہ آزارِج،
ٻيو اُن ڪانسواءِ دِل ۾ شُغل ڪو عِلمَ جو ڌارِج،
پڙهڻ سان گڏ ڪَڙهَڻ جي لءِ گهٽو ٿي پاڻ کي ڳارِج،
نتيجو عِلمَ جو اهڙو گداگر مان تُونگر ٿئي،
هجي جي ٻي سَر و سامان سو بہ صاحِبِ هَفت[1] ڪِشوَر ٿئي.

زيادهہ عِلمَ جي قيمت جواهر لعل ڪان ڄاڻج،
پراڻو ٿئي جيئن ڏاڍو تيئن تازو تنهين ڄاڻج،
برادر خيال هِن ۾ تون ذرو نا غير ڪو آڻج،
پڙهي پرجهي پروڙي سڀ اَوائِل جو مزو ماڻج،
اُڪاري عِلمُ اوندهہ ڪان پُڄائي روشنائيءَ ۾،
ٿئي ٿو سير سَڀ حاصل سراسر هِن صفائِيءَ ۾.

اڇي ڪم ڪين آخر جا اِها دنيا ادا آهي،
ڏِهاڙا چار چِٽڪو بس نہ ڪي ان کي بَقا آهي،
خُدا کان جا ڪري غافِل منجهس اَهڙي هوا آهي،
اِها اولاد ۽ دولت زماني جو لَقا آهي،
خدا جي واٽ سان ويندي وساري ڇڏ زماني کي،
گهٽو ڪي چا ڏسيو ڏسندين اچا تون هِن فساني کي.

خدا جي واٽ ڳولهين جي تہ تابعِ نفس ڪر پنهنجو،
نہ رک رايو ادا ان جو رهين جنهن کان سدا اهنجو،
پُلائي واٽ وينو آ ادا هي اڳ وٺي تنهنجو،
مخالِف جي ٿئين اُن جو سفر تان ٿئي سندءِ سهنجو،
ٻيو پڻ گفتگو گهٽِ ڪر وَڏِي تان آبرو پائين،
نِمي هل هر ڪنهين سان تون بِرادر جي پلو چاهين.

---

[1] هفت ڪِشوَر = ستن بادشاهن وارو.

پدرَ مادرَ سان ڪر نيڪي، بدِي تو نفس پنهنجي سان،
خدا جو راضپو حاصل ٿئي توکي سبب اُن کان،
اَدب اُستاد جو رک تون ۽ گهوريو وَج قبيلي تان،
خدا جي نزد خاصو ڪر اهو آ فعل تنهنجي مان،
دعا بد ماءُ پيءُ جي جيئن ڪُهاڙو تيز ڏاريندڙ،
انهن جو راضپو آهي خدا سان ناهہ ناهيندڙ.

(3)

نِشاني نيڪ بختيءَ جي اِهو ئي نيڪ بخت آهي،
حُصول عِلمَ ۾ جيڪو ڪڏهن بہ ڪين سُست آهي،
سدا ڪِلمُڪَ سکي سو ئي جِئن گُل نو شگفت[1] آهي،
توانو تازگيءَ کان پڻ هميشہ چاق چست آهي،
چڱائي ٻن جهانن جي اها خوش قسمتي جنجي،
چڏي سڀ شوق، نا انهيءَ پنڌ سان پَنجي

ڪَرين جي دوست دنيا ۾ تہ ڪو داناءُ ڳولهي ڪج،
سُڌاري عِلمَ لءِ سنگتي صحيح عُلماءِ ڳولهي ڪج،
رکين جي يارُ مَحرم ڪو تہ بس بي رياءُ ڳولهي ڪج،
فنا جي فيض پائِڻ لءِ گُرو[2] فُقراءُ ڳولهي ڪج،
ٻڌو آ تہ سونو ٿِي، لڳي گرِ لوهہَ سان پارَسُ،
مگر صُحبت فقيرن جي ٻڻائي لوهہَ مان پارَسُ.

---

[1] نوشگفت = تازو ٽڙيل.
[2] گرو = مرشد.

سَڀِجي دنيا سندءِ دِل جو صحيح نقشو چٽيل آهي،
عجب اُن ۾ اِلاهي رمز جو ڪو ڳجهه رکيل آهي،
خُلاصي خِيالَ تنهنجي تي سندس رايو ڇڏيل آهي،
سندءِ تصوير مان سارو اِهو ئي مَنجهه[1] مليل آهي،
سدائِي، خوش خيالن کان رهي تازو ڪليلَ چَهرو،
وليڪن بَد مِزاجِيءَ کان سُڪل ۽ پڻ نِبل اپرو.

بَہ نِسبت خيالَ هِن جي هي صحيح آقا چيو آهي:
”تہ نڪري ڻانوَ مان سوئي منجهس جيڪي پيو آهي،“
مثاليءَ سان مگر مالِڪَ پري دِل کي ڇڏيو آهي،
لڳي تو موهہَ جي لاري منجهس ڪجهہ کِن گڏيو آهي،
ٻين کي جي چڱو جاڻين تہ بيشڪ خوش مزو تو ۾،
مگر جي بدِ ٿو ڀانئين تہ لاشڪ بَدِ جُزو تو ۾.

صِفت عارفَ ۽ دانا جي، جو ڪنهن کي ڪين آزاري،
صِفت عُلماء سندي اهڙي، صحيح معنيٰ جو سيکاري،
صِفت بي رِيا سندي اهڙي، لڳي نا موهہَ جي لاري،
صِفت فُقراه سندي اهڙي، مٿان آيل بَلا ٽاري،
وِڃي تن وٽ صِفت اهڙي سگهو ڪر پاڻ ۾ پيدا،
سڄاڻڻ سمجهہ جو مادو ٿئي تو جانِ ۾ پيدا.

اِهي صفتون تڏهن تو ۾ تِين پيدا ائين يَڪسَر،
جڏهن تون پاڻ کي ڄاڻين خدا جي خلق کان ڪَمتر،
رَضا حَق جي رکڻ واجب جنهين لءِ ڪر اهو بهتر،
نہ هَڻ هٺ پيرَ هِنَ پنڌ ۾ رڙهَڻ سِک روحَ واري پَر،
اَجل جي ياد داريءَ سان رِڙهَڻ ٿئي روح کي حاصل،
وڃي پهچي اُتي پَلَ ۾ جِتي هو اڳ هُيو واصِل[2].

[1] مَنجهہ = راز، ڀيد.
[2] واصل = موجود، ملاقات ڪندڙ.

اجائي موھ ڪان دل کي وچي اوندھ وکوڙي ٿِي،
عِبادت حق سندِي ليڪن دو بالا جوتِ جوڙي ٿي،
وجائي وسوسا ساراھ خدا سان خِيالَ ڪوڙي ٿي،
عجب يادِ خدا اھڙي، سَمورو غير روڙي ٿِي،
فنا جي ماڳ ۾ جيڪو مسافِر پاڻ کي سمجهي،
اُھو صاحِب اَمانت جو صحيح هِن ڄاڻ کي سمجهي.

(4)

چڱو آهين چڱائي ڪر چڱن کان ئي چڱائي ٿئي،
سندءِ انجام آخِر جي ادا ان سان ادائي ٿئي،
اُتي ڪر خَلق جي خِدمت تہ توکان خوش خدائِي ٿئي،
تِيَن ڪم گهرَ سُتي تنهنجا، سندءِ سڀ پئي سَٺائي ٿئي.
وِجهي ڳِلِ **هار هيرن جو** نِماڻو نانءُ ڪوٺائي،
ڪَمرِ قلبو ٻڌج دل سان اھو تون ٻول ٻولائي.

خدا جي خلق جي خِدمت اِهو آ فعل اِنساني،
سَتائِڻ خلق کي ثابِت اِها آ ڪار شيطاني،
ڦٻائِڻ مال ٻئي جو ۽ ڦرَڻُ آ چال حيواني،
اَجايو پڻ ڪرڻ جهيڳڙا، نِسوري آھ ناداني،
نہ ٿي نادان اي غافِل، ڪَيل اَقرار کان نا ڀُل،
مروت[1] ۽ حِلاوت[2] جي عجب اسرارَ کان نا ڀُل.

ڪري اَحسان ڪنهن سان جو وري اُن کي جَتائي ٿو،
تہ عيوَض خيرَ ملڻي جو هَٿان پنهنجي وڃائي ٿو،

[1] مروت = رعايت آساني.
[2] حلاوت = راحت، آرام.

كيل اُحسان بئي جو ليڪ دل تان جو ٻلائي ٿو،
تہ هو خود پاڻَ کي پنهنجو صفا وحشي بڻائي ٿو،
املهہ ماڻڪ ادا اهڙو مِٽيءَ ۾ نا ملائج تون،
ڇڏي هِيئن آدميت کي نا وَحشي خود بڻائج تون.

وڏائي هوڏ هٺَ ڏاڍَ ڪُتو هي ڪم ادا آهي،
اجايو زيردَستَن کي ستائڻ نا رَوا آهي،
اِها عادت رهي جنهن جي، خدا ان کان خفا آهي،
سبب جنهن کان زماني ۾ گهٽي اُن جي ڳِلا آهي،
ڳِلارو خَلق ۾ جيڪو ڳِلارو سو خدا وٽ آ،
پَلارو خَلق ۾ جيڪو پَلارو سو خدا وَٽِ آ.

اجايون بي سبب گهُرجون، ڪري حيلو گهٽائي ڇڏ،
خريدي مال، ميڙڻ جو هَوسُ دل تان مٽائي ڇڏ،
نہ تي تون نفس جو تابع ڇوَڻ ان جو ٽٽائي ڇڏ،
ڪٽي پالو بَدونءَ[1] هِنَ جي ادا هِمَت هَٽائي ڇڏ،
سبب جنهن کان نہ توکي ڪا رسَدَ رشوَتَ پوي وٽي،
پُڇاڻي وقت پڻ توکي نہ ڪا سختي پوي سَهٽي.

وٺي رِشوَتَ رسدَ[2] جيڪو سَلوٽا ڪاڄَ ڪٽي ٿو،
عجائب قيمتي ڪيئي نوان نِتُ ويسَ پائي ٿو،
وڏيرو رَئيسِ عامِل سيٺ اُفسر هو سَڏائي ٿو،
اِنهيءَ اِقبال فانيءَ تي دَغو[3] پنهنجو جَمائي ٿو،
اِهو اِقبال ۽ عِزتَ ڏهاڙا چارِ آ اُن سان،
مگر پوءِ تان پُڇڻ وارو نہ ڪوئي يار آ اُن سان.

---

[1] بدون = جهنگلي.
[2] رسد = زخيرو، پاگو، خوراڪ.
[3] دغو = رعب، حق.

مهيني سر ملي جيڪي، اجوري ۾ حڪومت کان،
ڪمائي ڪجهه ڏهاڙيءَ جو مزوريءَ ياڪِ محنت سان،
حصي ۾ پڙ[1] پوي ڪنهن کي وٺي ڪجهه ڪار ڪُرِمَتَ مان،
ڪري جو اِڪتفا[2] ان تي هلي ٿو پڻ قِناعت[3] سان،
ڏٺي اُن تي رهي راضي، ڏسي نا دَردُ بيماري،
اُنهيءَ ئي حال سان ان جي ٿئي ميدان ۾ سارِي[4].

سپيءَ جي پيٽ ۾ موتي ٿين اڪثر سچا پيدا،
جهَٽي جي مينهن جا قطرا ڪري تن مان نفعا پيدا،
ڪري گر حِرصُ تان، موتي ٿين سادا جهجها پيدا،
ولي قانِعَ[5] رهي هڪ تي ٿئي هڪ بي بها پيدا،
نتيجو هي قِناعت جو، قِناعت بي بها دُرَ[6] آ،
سدا سرسبز ۽ تازو قِناعت جو شَجر ڦرُ[7] آ.

**(5)**

پياري ساهه کان مايا[8] ڪري سو آدِمي ناهي،
ڦُري پنهنجن پَراوَن کي ڪٺي دنيا جو ڍِڳ ٺاهي،
نہ تو سمجهي اهو مُوڙهيل تہ ڪو هلڻو هتان آهي،
تفاوت آدمي ۽ ڍورَ ۾ باقي رهيو ڇاهي،
اِهو سڀ ڪجهه اتي هوندو هِتان سڪڻو هَليو هَلبو،
ڇڏي ماڙِيون محل مايا وڃي خود خاڪ سان رلبو.

---

(1) پڙ = حاصلات (پڙ پوڻ = پلءِ پوڻ، هٿ اچڻ).
(2) اڪتفا = راضي رهڻ، ڪفايت ڪرڻ.
(3) قناعت = ٿوري تي راضي رهڻ.
(4) ساري = ڪاميابي (ساري ٿيڻ = نصيب زور ٿيڻ، ڪٽڻ)
(5) قانع = صابر، قناعت ڪندڙ.
(6) در = موتي.
(7) ڦر = ميوو.
(8) مايا = دولت.

پرايا تون چوين ڪنهن کي، پَرايو ڪونہ ڪوئِي آ،
سڀِ مخلوق جو خالِق ادا ڏِسُ تان هِڪوئي آ،
سَڀِي اولادِ آدمؑ جي اَبو جَڳَ جو اِهوئي آ،
تيون سڀ خويشَ هڪ ٻي جا تفاوت ٿورڙو ئي آ،
ڏِسين جيئن پاڻ تون وَڏ جي تيئن آدمؑ صَفي[1] ڄاڻج،
ثمر پَنَ ڏارَ ۽ لامان[2]، سموري خَلق ٻي ڄاڻج.

ڇڏي اِنسان جو پاسو لڳي حيوانَ جي ٽولي،
اڃايو پاڻ کي پنهنجو وڃهين تو تون ادا رولي،
اٿي مَن چلولو جاني وڏو توکي جنهين پولي،
اهوني سِر صَفي اهين، اگر اکيون ڏسين کولي،
ڀلي انسان وٽ طوطو ڪري گُفتار اِنساني،
ڀلي هَر جِنس وارن سان ڪري گُفتار حيواني.

ڇڏي حيوان جو پاسو مِلي وڃ جِنس وارن سان،
مشرف[3] ذات تنهنجي آ، جملي ساهدارن کان،
سڃاڻ ذات جو سولو تہ اکرن ۽ اُچارن سان،
نہ کي ڳوندر گذارڻ سان نہ کي دانهن پُڪارن سان،
اِهو هَڪ راز رندي آ، فقط ويساهہ ڪامل[4] رک،
وِڃائي وسوسا سارا، سدا هِڪ شوق شامل رک.

---

[1] صفي = برگذيده، خالص، پيارو دوست.
[2] لامان = لامون، ٽاريون.
[3] مشرف = اعليٰ، اشرف.
[4] ڪامل = مڪمل.

وجن ڪيئن وسوسا سارا تئي ويساهہ ڪيئن ڪامل،
تئي ڪيئن رازَ اَفشا[1] هي سدا، ڪيئن شوق تئي شامل،
اِهو هِڪ پل سوا ۾ بَس تئي تو حال سڀ حاصل،
فقط رِندَن جي رَهٽيءَ جو ادا تون ڪجھہ رهي قائل،
وجي ساعت جھُڪائي سر انهن جي روبروَ ويهي،
پِرائي اَڄ انهن کان بس پياري رَمز تون ايهي.

صحيح فقراءَ جي صحبت، اِها صحبت خدا جي آ،
انهن جو راضپو شفقت، اِها شفقت خدا جي آ،
انهن جو راز ۽ رحمت، اها رحمت خدا جي آ،
انهن جو لوڪ ڏي لاڙو، اها رُغبت خدا جي آ،
خُدا کان سي تيا راضي، خدا راضي انهن کان آ،
سندن سچ شان جو درجو، نِيارو ڪجھہ ٻين کان آ.

(6)

جواني زور جوڀن جي ڪجي ڇا ڳالھہ پيريءَ ۾،
اميرِ وقت جي ساراهہ، گدائيءَ يا فقيريءَ ۾،
اِها پَتِ ڪونہ ڪو ڪندو پسي حالت زَهيريءَ[2] ۾،
لڳي توکي ٻُجان ڇاکون گذارڻ ڪجھہ حقيريءَ ۾،
وڏن جي نانءَ نيڪيءَ تي هٽين سَڪٽو لُڏين لاشڪ،
مرَمر[3] ۾ ليڪ پنهنجي تون ادا نا تو ٻُڏين لاشڪ.

---

[1] افشا = ظاهر، پڌرو.
[2] زهيري = ڪمزوري، هيڻائي.
[3] مرمر = حيا، (مرمر ۾ ٻڏڻ = لڄ شرم ۾ ٻڏي مرڻ).

سَڏائين پاڻ کي سَيّد مُغل افغان موچارو،
برهَمَڻُ جوتشي پنڊِت نَڪُر ناڳُر جو پُوڄارو،
قريشي شيخ مُفتي يا ڪ قاضي پيرُ سوپارو،
پَئي ذاتين جي وَرنَن[1] ۾ وڌو تي مُفت مونجهارو،
اَبي ڏاڏي جي نالي کي اَکر پويان ڳَنڍي آڻي،
سڏائين ذات تو هيءَ تون ادا البت اُچي جاڻي.

نہ آهي ذات هيءَ تُنهنجي، اِهي ڪم ڪار جا نالا،
سڃاڻپ لِءِ پِدَر مادَر رکي جيئن ٻارَ جا نالا،
سراسَر هي صفائي سڀ ٿيا سنسار جا نالا،
وساري تون مگر وينين عجب اِسرار جا نالا،
خدا جي ذات جوڙي آ، اُها هِڪُ اِنسُ[2] ٻي جِنُ آ،
نہ پَنڊِت يا مُغل ميمَڻ، نہ سَيّد ڪي برهمڻ آ.

نِيارو جِن ڪان تِنْهين ادا انسان ئِي چَئبين،
نہ ڪا تون جِنَس اوپرِ[3] جِي، نہ ڪي حيوان ئي چَئبين،
نہ تون ممڪن هُئين اڳ ۾ مگر اِمڪان ئي چَئبين،
جُڙي جنهن رنگَ ۾ آئين، اهو عنوان[4] ئي چَئبين،
پُڇي ڏِسُ پاڻ کي ھاڻي اِهو تان ڪير آهين تون،
وِساري ذاتِ پنهنجي ڇو اجايا ٿاهَ ٿاهين تون.

[1] ورنن = ساراهہ، بيان، رنگ.
[2] انس = انسان
[3] اوپرِ = وڻ ٽڻ.
[4] عنوان = موضوع، سرخي.

أتي هَر جِنس وارن سان، ڀلائي ڪر ڀلائِي ڪر،
ڪري ڪوشش أمانت جي أدائي ڪر أدائي ڪر،
ڏِسي مِٺ ڏور يا پنهنجا، أنهن سان آشنائِي ڪر،
مُنجهيلَ مشڪل پيل جي ماڙ[1] ۽ مُشڪل ڪُشائي ڪر،
سُڄاڻي ذات پنهنجيءَ کي وجهي ڳل هار هيرن جو،
سدا هر حال ۾ حامي ادا ٿُج تون حقيرن[2] جو.

(7)

يهودي گبَر[3] ترسا[4] ۽ فِرنگي يا ڪي اِيراني،
مَجوسي[5] خواهہ جِيني[6] ٻڌ[7] ڪَ تاتاري ڪ يُوناني،
وَلي زُنگي[8] ڪ رومي تُرڪَ هِندي يا ڪ جاپاني.
بَري بَحري پهاڙي يا ڪ شهري خواهہ دَهقاني[9]،
سُڪونت رنگ رسمن ڪان پيا اِنسانَ تي نالا،
نہ ڪنهن ٻي انگ اِسمن ڪان پيا اِنسان تي نالا.

سڀيئي ذاتِ هِڪڙيءَ جا أهي اِنسانَ سڄڻ تا،
فقط ڌُريءَ سبب ڌاريا أجايو عام ڇڄجن تا،

---

[1] ماڙ - سهائتا، ڀلائي.
[2] حقيرن - مسڪينن، ٻي پهچ.
[3] گبر - آتش پرست، پارسي.
[4] ترسا - نصراني، باهہ جي پوڄا ڪندڙ.
[5] مجوسي - سج ۽ چنڊ جي پوڄا ڪندڙ.
[6] جيني - ورڌمان مهاوير جا پوئلڳ، جين ڌرم وارا.
[7] ٻڌ - ٻڌ ڌرم جي پوڄا ڪندڙ.
[8] زنگي- حبشي.
[9] دهقانی - ڳوٺاڻو.

مگر نيست چڪي ڏِسبي تہ سڀ هڪ جاءِ گڏجن ٿا،
شجر جا جيئن پتا شاخون اچي ٿڙ ساڻ ڳنڍجَن ٿا،
خُدا اِنسان جي صورت عجب اَحسن بنائي آ،
اَچا ڪارا سيئي سهڻا، نہ ڪنهن ۾ گهٽ وَڌائي آ.

برابر نُور مخفيءَ جو جُزو موجود مڙني ۾،
نہ سَرسي ڪَسُ ڪَسَرُ ڪنهن ۾ سَمورو سود[1] مڙني ۾،
اِرادي قُرب ذاتيءَ جو سچو مقصود مڙني ۾،
سراسَر شاهد مَعنيٰ سنلو مَسجُود[2] مڙني ۾،
مگر درجات جو هِڪڙو، بناوت ۾ تفاوت آ،
جنهين کان لوڪَ ساري ۾ پئي ڪاهي بغاوت آ.

بغاوت جو نتيجو هي، لڳو لُٽ گوڙُ چوڌاري،
ڪٿي آ راند گارين جي تہ ڪاٿي جنگ آ جاري،
لڳي لٽ ڌُڪي بازي ڪٿي آ بيشُ[3] بيزاري،
لڳو ٽڙ تڙ ٽڙاڪو، هي تمامي خَلق تڪراري،
سبب جنهن کان هزارن جي ٿِئي رَت چاڙِ تي ڏاڍي،
رسامي رنج ڪاوڙ کان ٿِئي چِڪتاڻِ تي ڏاڍي.

لڳي آ آپ ڪون[4] سڀ کي، وياسي نَنگَ کان نِڪري،
وڃائي لَجَ حَيا ٿيا سي نِسنگ[5] سَبَب سَنگَ جان نِسري،
مخالف هِڪ ٻئي جا سڀ ٿيا سي جڻ عَدو[6] جِگِري،

---

[1] سود = سود پود، نس پس، ساڳيو.
[2] مسجدو = جنهن کي مسجدو ڪيو وڃي.
[3] بيش = ضد، ڪِلڪِل.
[4] آپ ڪون = اسان کي.
[5] نسنگ = بي ڊپا، بي خوف.
[6] عدو = دشمن.

مروت مهر ڪانهي ڪا مگر آ صاف بي مَهري،
سبب هن حال جو اهڙو، وساري فرض ويناسي،
اِلاهي امر جي اُبتڙ نياري پَنتِ[1] پيناسي[2].

اَوائِل جي رهت سادي انهيءَ ڪان عار اَڄ آهي،
دغا ۽ چالبازيءَ جو عجب واپار اَڄ آهي،
نيارو مرد ناريءَ جو نئون سينگار اَڄ آهي،
سڄو جڳ حيثيت ڪان وڌ قدم بردار اَڄ آهي،
عجب آ طرز تعليمي وڏو جنهن گوڙ گهوٽالو،
نہ سڪيا ٿِي ملي ثابت رڳو آ راڳَ جو چالو.

نتيجو آهہ سڪيا جو وگرنا[3] چو ٿين رَڳڙا،
ملي سڪيا ننڍَي جهڙي، وڏي هوندي نٻڙ ٺهڙا،
سِکي نَٽَ ناچَ ۽ گانا، ٿين هَرتالَ ۾ ٽَڪڙا،
بَلوغَت ۾ بغاوت جا جيئن ويڙهُو[4] گهَڻا وَهڙا[5]،
سرشِتيءَ جو سڄو پايو بَدَل تعليم تي آهي،
اِهوئي سودُ سِکيا جو سڄو تنظيم تي آهي.

هجي تعليم اهڙي ڪا جنهين ڪان ٺر طبيعت ٿِئي،
ڪچيءَ ۾ ٻالڪن کي ڪجهہ سَچي آگهہ[6] حقيقت ٿِئي،
ادب اخلاص ۽ نُوڙت منجهن پيدا مروت ٿِئي،
وڏي هوندي اُنهن ڪان جيئن نہ ڪوئي فعل بِدعت[7] ٿِئي،

---

[1] پنت = وات، مت.

[2] پيناسي = (پيٽ = هنڌ، مرڪز، سهارو)--- رسياسي، پياسي.

[3] وگرنا = نہ تہ.

[4] ويڙهو = ويڙهاڪ، جهڳڙالو.

[5] وهڙا = گابا، سانَ.

[6] آگهہ = آگاهہ، خبر، واقفيت.

[7] بدعت = خرابي، بدعادت.

ڪچي ڪي ئي ڪَنا ڪُنير وجهي تو اِن ڪري اڳَ ۾،
پَڪي ڪان پوءِ ڪجهه ان ڪي، نہ حيلو آهِ ڪو هَٿَ ۾.

سَپيئي حيثيت پنهنجي سڄاڻي صبر ڏاران جي،
ايازِي[1] وَيس پنهنجي ڪي ڪڏهن بي نا وسارن جي،
اِلاهي اَمرُ واجِب پڻ طبيعت ڪي سَڌارن جي،
خدائي راهہ تي راضي رهي شاڪِر[2] گذارن جي،
تہ دنيا ۾ ڪتي بي ڪين ڪي ڪڏهين ٿِئي جهڳڙو،
رهن سَب پاڻَ ۾ پَرتل[3] نہ ڪا رنجش رهي رَڳڙو.

سَچي توحيدَ[4] جي سِکيا طبيعت کي سُڌاري ٿِي،
ڪدي دِل مان بيائيءَ ڪي صفا سينو اُجاري ٿِي،
خوديءَ جي خيال ڪي ڪائي، سبق سڪ جو سيکاري ٿِي،
اکر پهرين پڙهڻ سان ئي مئل دل ڪي جيئاري ٿِي،
نِياري جوتِ جنهن جي ڪان ٿئي چانڊاڻِ چوڌاري،
مٿان بادل بَهاريءَ جي ٿئي مانداڻِ چوڌاري.

عجب سکيا حقيقت ۾ اِها توحيد جي آهي،
جنهين جي موج ڪان منصورُ چڙهيو پاڻَ هي ڦاهي،
نہ هَٽيو پيرُ پُٺتي سو مگر سينو سپر[5] آهي،
ڪيو اِثبات اکرن ڪي مِٽيءَ جي ڍيرَ ڪي ڍاهي،
وَهي رَت ريخ[6] اَز خود، سو اکر ثابت لِکي ويئي،
سچي سکيا اوائل ۾ اها ئي تي سکي ويئي.

---

[1] ايازي = بادشاهہ محمود جي غلام اياز واري نوڙت.

[2] شاڪر = شڪر ڪندڙ.

[3] پرتل = پرچيل، ريڌل.

[4] توحيد = ايڪو.

[5] سپَر = ڍال.

[6] ريَخ = ڏار ڪري وهيل، لڪير وانگر.

(8)

سَبقَ هن راز جا اوکا اکر اُبتا عجب ڏِسجن،
زباني عام لفظن جا پڙهي سي کين کي سگهجن،
رواجي ريت فرحيءَ يا پَني تي کين پڻ لکجن،
سَکَوتيا[1] کن ڏيئي البت اِشارن مان اَکر سمجهن،
پروڙي لفظ جو لهجو اُچارن مان **الف** کي ويهي،
نِوائي ڪَنڌ مُونَنَ ۾ پڙهن سِڪ جو سَبق نيهِي.

نِکاري نفس جي خواهش اِها سَچ **ب** بلا آهي،
نِوالا[2] نِت نوان طلبي نہ پَرجَهَڻ جي ادا آهي،
هٽي تي ڏنگ ڏکيا جي نہ تن جي ڪِٽِ دوا آهي،
مگر هِنَ **الف** جو آواز اُن جي لِءِ قضا آهي،
وجهي ٺُبٽيءَ کئي قابو اِها جن **ب** بلا باري،
چُٽا چِيهَن کنان سي ئي، ڏِسن نا دَردُ بِيماري.

پڙهي چڏ **پ** اها ٻهڳڻ[3] تہ **پ** ٻَکري ٻيائِي آ،
اِها ٻي ٻي سندي جنهن جي سَدائي واتِ وائي آ،
عجب پڻ رنگ ٻي ٻي، سمجهہ لوکن جي پلائي آ،
اِنهن جي پُل سبب خاصن خبر خاصي ٻُڌائي آ،
تہ پيچ **پَ** غيريَتَ پولو، وجهي پڻ ٻک ٻيائيءَ کي،
سِگهوئي لهر ۾ لوڙهي پَسج ثابِت صفائيءَ کي.

---

(1) سکوتيا = طالب، سکون حاصل ڪرڻ وارا.

(2) نوالا = مانيءَ جا گِرهَ.

(3) ٻهڳڻ = گهٽن گٽن واري.

ڏئي ت ٽرڪ ٽرڪي[1] کي تيا سنسار کان آجا،
اجايو اُونڌ وٽڻ ۾ تيا آزار کان آجا،
سڀني سڀ لاڳ لاڳاپا تيا هن بار کان آجا،
ملائي ڌُوڙِ ۾ دُنيا تيا تڪرار کان آجا،
اِهو ٽٽُ ت اکر وارو عَمل ۾ ناميا[2] آٽي،
ويا سچ سيٽ سَڏِجي سي عجب موجون مزا ماٽي.

ٽِيڻ جو آسرو ت آ جيئن چئجي تہ ٽئي نا ٽئي،
ڪٽي هَٿِ ڪم مگر نِيتَ نہ ڪا رکجي تہ ٽئي نا ٽئي،
اِنهيءَ اِمڪانَ کان دل کي پَلي چِڏجي تہ ٽئي نا ٽئي،
ٽئي تان خوب ورنہ ڪين ڪجھ کُڇجي تہ ٽئي نا ٽئي،
ٽئي ڪم راس تڏهين، جيڪڏهن ڪم پاڻ تي پئجي،
سکڻ جي سَڌ سڀني ساري سجڻ سان ساڻ تي پئجي.

اِهو ت جو اکر ٽيڏو، منجهس معنيٰ بہ ٽن جي آ،
ڏسي ٽيڏو بہ هڪ مان ٽي، نظر اُن جي تہ اهڙي آ،
پَسَڻُ ٽي ٽي اِها ٽيڏي نِگھ، اَڪثر اَڪيُن جي آ،
رَکڻ ٽِين ڳالھ ٽين ٽهَ ۾ اِها نِيتَ دِلين جي آ،
سکي گتِ[3] گرُ[4] گيانيءَ[5] کان ، نِگھَ نِيتَ سُڌاري ڇڏِ،
اگر ٽيڏو اِهو ت جو سڃاڻي سمجھ ڏاري ڇڏِ.

---

[1] ترڪو = گهريلو سامان، مال اسباب.
[2] ناميا = ناليوارا.
[3] گت = چال.
[4] گر = طبلي جي چڪر جي ابتدا، سَم. (سر ۽ لئي ۽ ڳائڻ لاءِ گت ۽ گر کان واقفيت ضروري آهي.
[5] گياني = علم وارو، پارکو.

نهي **ٺ** جو اکر **ٻ** مان، ٻئي نُقطا مٿان ڏيندي،
گهٽائي نيڪجي بينا اگر جو اَنتُ جاچيندي،
ٻلي ناڪُرَ[1] نِڪَرَ[2] جي وَرِ پيا هِنَ واٽ سان ويندي،
نِڪَرَ جي نيٺُ ناڪُرَ مان پوي پڙ ڪين پوڄيندي،
ٺلهو ناڪُر نِڪَرَ جو **ٺ** ڇڏي هَتِ ڪَر حَقانيءَ[3] کي،
اِهو هَٿ جو نُهيل فانِي، جَپي وَٺُ غير فانيءَ کي.

سچي **ٿ** ٿابتي حَق جي ڏئي تي ڏيٺ وارن کي،
پسڻ ريءَ **ٻ** ڪئي پَتِ جن سٺي سَمجهي اِشارن کي،
ٿيا پڻ مَحو مَعنيٰ ۾ ڇڏي اکرن اچارن کي،
ڏِنائون سِر اَڏيءَ آٽي، سُٺي اَنحَد[4] تنوارن کي،
ڦٽو **ڦ** ڦير اکرن جو ڪيي هوڪو ڏِين حق جو،
ٻِين کان وَهم پڻ سارو وِڃائِن شِرڪُ[5] ناحَقُ جو.

(9)

جفائون **ڄ** جوڳيئڙن ڪري **ڄ** ڄاڻ کي ڄاتو،
جلائي جسم جيءُ پنهنجو صحيح سر پاڻ ۾ پاتو،
جَهلي جَهه جهيڙ جُتِ ڦِتِ سر نيائِن نِينهَن جو ناتو،
رکن نا روزنامو[6] ڪو اُپَتِ[7] ۽ خَرچ جو کاتو،
اچي کي يا وڃي تن کان نہ ان جي ڳڻ انهن کي آ،
مگر ساڳي ٿِيَڻ جي هِڪَ سَدا اڻ تڻ انهن کي آ.

---

[1] ناڪر = ديوتا.
[2] نڪر = پڪل مٽيءَ جي.
[3] حقاني = حقيقي.
[4] اَنحد = لاحد، جنهن جي ڪابہ حد نہ هجي.
[5] شرڪ = ٻيائي، ڪفر، شريڪ ڪرڻ.
[6] روزنامو = روزانو حساب رکڻ – ڏينهن جو حساب ڪتاب رکڻ.
[7] اُپت = نفعو.

ٿيو تن ڏ ڏکُ ڏاجو ڇمي سو سر متي ڇائِن،
سهن سَپ سور دک سنرا[1] پوي ڪاتي نہ ڪيٻائِن،
ڏئي ڪو ڏک انهن کي تان، وري اُن کي نہ وَرجائِن،
ڏکايا ڪين ڪنهن ڏکَ ڪان متن گر دک ڏڙيون لائِن،
اِهو ڏسُ ڏ ڏاهَن جو ڏسي ڏک کي مُهاڏو ڏي،
پڄي جيئن ڏک ڏسي ڏک کي سپر(2) سک ڪينِ آڏو ڏي.

ٻڄن تا ڏاءُ مولا جي ٻيو نا ڊ ڊپ ڏارن،
اُڇي اک ڪين ڪن ڪاڏي نہ ڪوجهو ڪم ڪڏهن ڪارن،
سدَا سک سوز ۾ سنرا گنگهر تا ڏينهڙا گهارن،
ڪَيل اَنجامر پنهنجي جي چڱي پر پت[3] پيا پاڙن،
خدا جي خوف کان ڊڄي پڳو سپ ڏاءُ ڊپ تن کان،
اجاين آسرن جو پڻ لٿو سپ سنڪلپ(4) تن کان.

ڊِڪر سپ ڊ ڊاري سي ڏسي ڊِلَهہ[5] ڪين ڊرڪن تا،
نہ ڪو ڊونڪو[6] ڏين ڊُلڪِي(7) نہ ڪنهن هو هير[8] هرڪن تا،
ڪري سر جي سواري سي مَلهي ميدانِ مرڪن[9] تا،
نہ هتجن ڏ نرڙو ڪو ڪسڻ ڪان ڪين ڪسڪن(10) تا،
ڏئي ڊَرَ ڊِلهہ ڊَرائيءَ کي هنيئون چوٽ چستيءَ جي،
مَگن ٿي موجَ مَستيءَ مان پڳئون اوٽ هستيءَ جي.

---

[1] سنرا = (جمع) سنرو = سچو، وفادار. (2) سپر = ڍال.
[3] پَت = اعتبار، ويساهہ. (4) سنڪلپ = شوق، وسوسو.
[5] ڊِلهہ = سُستي، غفلت (ڊِڪر= ڳُٽتي، غشي، ڊِڪر ڊارڻ= ماندو ٿيڻ، وسامڻ ڊِلهہ، نہ ڊرڪڻ= غفلت نہ ڪرڻ)
[6] ڊونڪو = ڊيک، طعنو. (7) ڊِلڪي = لُڏي، ٿِلي.
[8] هير = عادت، شوق، هرڪن = هرڪڻ، هير هرڪڻ = ڪنهن عادت ۾ ڦاسڻ.
[9] مرڪن = پڏن (مصدر- پڏڻ). (10) ڪسڪن = ڪرڪن، ڪيٻائن.

رضا تي ٿيا راضي رَبوبي[1] رازَ کي سمجهي،
رهي رُڃَ ۾ پيا راوَتَ[2] سَموري ساز کي سمجهي،
مَلهَي ميدان ۾ بيٺا عجب آوازَ کي سمجهي،
رکي رايو ڏِنائون سرُ نسوري نازَ کي سمجهي،
نہ اَڙيا ڙ ڪَنهن اَڙَ[3] ۾ اُهي اڙٻنگ[4] آڏوتي[5]،
ٿِيا زُ زُهد[6] ۾ پُختا پَڃي سي لعل لاهوتي.

(10)

سچو سردار ستگر س صاحب فيض برکت جو،
سڏي سک سوز وارن کي ڏئي ٿو جامُ جنت جو،
نرالي نام ۾ جنهن جي رَگيل آراز رحمت جو،
مڙوئي جڳ ٿيو محتاج اُن جي خاص شفقت جو،
پيالو پَريم رَس جو پيءُ هٿان، سائين ڪري سَعيو،
اسان جي لاءِ نڪري نور مان نازڪ هتي آيو.

شَراب شوق جا شائق شهادت ش کي رَسيا،
ٿيا مدهوش خوشبو کان پيئڻ سان تن پسڻ پسيا،
وساري هوش جون واٽون ڪلالن[7] جي اِڏيءَ ڪسيا،
اِلاهي راز رحمت جا مٿانن مينهڙا وسيا،
ڪيائون شڪر مالڪ جا شهيدي مرتبو پائي،
ڏنائون شاهدي حق جي مزو مشهود[8] جو پائي.

---

[1] ربوبي = الاهي وحدت جو اظهار.
[2] راوت = بهادر، پهلوان.
[3] اڙ = مشڪل.
[4] اڙٻنگ = بي ڊپا، بانڪا.
[5] آڏوتي = جن دنيوي خواهشن کي تياڳ ڏنو هجي.
[6] زهد = پارسائي، پاڪائي.
[7] ڪلالن (جمع) ڪلال = شراب ٺاهيندڙ.
[8] مشهود = لقاءُ ڏيکاريندڙ

سدا صبح و مسا صادق صفت ڪن **ص** صاحبَ جِي،
صفت ۾ ذاتِ پاتئون، حقيقت غيبَ غائِبَ جِي،
ٿيا سي صبر ۾ صابر وتي ڪن چال ڪاتِبَ جِي،
ڪَئي ڪِن تي زباني سڌ سموري هنَ عجائِبَ جِي،
ڪيائون دل سنئو ڪايو[1]، هٽي صيقلَ[2]، صفا سارو،
صحيح صورت پسي پنهنجي لٽن سيِ وَهم مونجهارو.

ڪيو تن **ض** ضايع ضد ضلالت[3] ۾ وجهڻ وارو،
اِهو منحوس آهي ضد نجاست[4] ۾ نيڻ وارو،
نہ ڪوئي عرض آ ضد سان اِجابت[5] ۾ اَچڻ وارو،
وَتائون ڏِگ حليمت[6] جو حفاظت ۾ هلڻ وارو،
عِبادت فرض روزي گڏ رهن ريڌا[7] رياضت[8] سان،
وجائي ضِد ضرر[9] ڏِيندڙ ڇٽا نيهي نِدامت[10] ڪان.

---

(1) ڪايو = شيشو، آئينو.
(2) صيقل = پالش.
(3) ضلالت = گمراهي.
(4) نجاست = ناپاڪائي.
(5) اجابت = قبوليت.
(6) حليمت = نماڻائي.
(7) ريڌا = پرتا، پرچي ويا.
(8) رياضت = محنت، عبادت.
(9) ضرر = نقصان.
(10) ندامت = شرمساري.

مطالع طالبن ڪيڙو **ط** جي طرز[1] جو مطلب،
طمع[2] جي طير[3] کي طيران[4] ڪري تن سڀ سٽي ڪرتب،
ڪيائون طئي طهورا[5]، پي اُنل منصور جو مشرب[6]،
اجا پيي ان ڪنان البت تيو تن متيرو منصَب[7]،
جمڻ سان جام جوڌا هِي **ط** طلمات مان نِڪري،
ظهورو ذاتِ جو ظاهِر پسي پاٹئون ويا وِسرِي.

عجائب **ع** عطيي مان علامت عين پاتائون،
اِهو بي عين هُو بي عين، عينئون عين پاتائون،
دَما دَم عين جو دَرسَن سدا ڍِن رينَ پاتائون،
غَلط هي **غ** جو نُقطو، مَٽائي چين پاتائون،
چوَن سڀ کي سڄڻ پنهنجو نہ ڪنهن کي غيرُ تا ڄاڻِن،
عقيدي عينَ اهڙي ۾ نہ ڪوئي قيرُ تا آڻِن.

فَنا **ف** ۾ بَا اَبدِي اِهو فَر[8] فيضُ پائِڻَ لءِ،
سدائي فِڪر فاقي ۾ رهن رهٽي رَسائِڻَ لءِ،
فغان فرياد فرزانا[9] نہ ڪن ڪجهہ غم مٽائِڻ لءِ،
ٿِيا فارغ فساني کان سَچو ناتو نيائڻ لءِ،
فَنا جي فرض کي پاڙي چٽا ڌوهن ثوابن کان،
سٽن جو وَڻ صفا ساڙي چٽا گوندر عذابن کان.

---

[1] طرز = وضع، انداز، روش.
[2] طمع = لالچ.
[3] طير = پکي.
[4] طيران = ختم.
[5] طهورا = پاڪ.
[6] مشرب = طريقو، سلسلو.
[7] منصب = درجو، عزت.
[8] فر = زيب زينت، آرائش.
[9] فرزانا = ڏاها، داناءُ.

قيافہ[1] ق جو مقصد ڏسڻ لۓ قاف[2] ۾ ووڙي،
قناعت قُرب قرباني لڌائون لعل لِڪ لوڙي[3]،
قضا قِسمت مٿان قبضو ڪيائون سانگ[4] سڀ ڇوڙي،
رهن ٿا قول تي قلبو سدا اک اَلفَ[5] ۾ ڪوڙي،
قبولي قتل پنهنجو بي ڪرن ٿا خير خلقت جو،
مقدم پاڻ تي ڄاڻن اهو ڪم آدميت جو.

ڪشالا ڪ ڪُل جي ڪَلَ لهڻ ڪارڻ ڪرن ڪيئي،
لَهن اِنعام لکَ جيڪي ڇڏِن سي ڏيهہ ڪي ڏيئي،
ڪرامت ڪشفَ[6] ڪاني ۽[7] ڪان يڳا ڄاڻي ٽڳا[8] ٿيئي،
عجائب ڪنهن جي ڪَلَ جي انهن ڪي ڪل ڪُل پيئي،
لنگهي ڪَثرتَ[9] وچان وَحدَتَ[10] سندا وَڻجار[11] ٿِي وينا،
ڪِدي ڪونِي[12] اسان جي ڪاڻِ[13] شاهُوڪار ٿِي وينا،

---

[1] قيافہ = شڪل ڏسي ياڱ سياڱ، چڱائي مدائيءَ جي علامتن معلوم ڪرڻ جو علم.
[2] قاف = ڇپر، پهاڙ.
[3] لوڙي = (مقدر لوڙڻ) پوڳي، تڪليفون ڪاٽي.
[4] سانگ = ڪم، ڌنڌا (سانگ سڀ ڇوڙي = دنيا جا ٻيا شوق ڇڏي).
[5] الف = الله تعاليٰ.
[6] ڪشف = ڳجهہ جي ڄاڻ، انڪشاف.
[7] ڪاني = معجزو.
[8] ٽڳا = (واحد ٽڳو) مانڊاٽيءَ ۾ ڪم ايندڙ رسي.
[9] ڪثرت = گهڻائي.
[10] وحدت = هڪڙائي.
[11] وڻجار = واپاري.
[12] ڪوني = اوتارو.
[13] ڪاڻ = خاطر، لاءِ.

كلي ڪ تان سڏي سڳ مان ڏِيَنَ سودو سڪاڻَ ڪي،
پري دريون ڏين ڏاتار[1] گهرجي جيترو جن ڪي،
ڳپَتِ ڪان نا ڪٽي ذرڙو، اُپت اندر عجب تن ڪي،
محبت مُور[2] جا مالڪ ڏين سوغات خاصن ڪي،
ٻِٽو اَڻ ڳٽ اُنهن سودو ڏئي سر نقد سٽي[3] ۾،
سدا پاندا[4] رهن پريا نفعي ۾ ناڪِ گهاٽي ۾،

(11)

کلي گُلشن دلين ۾ ڳ گوناگون گُلڪاري،
لڳي فصلِ بهاري ڪان بهاري موج چوڏاري،
گلن جي رنگُ بو ۾ گُم رَهي سُڌ سَمجهه هوشياري،
ويا گوُندَرَ گوريزان[5] تي ڏِسي هيءَ مُند موچاري،
برهه برساتِ جون بوندان، وسَن بيحد بهاريءَ ۾،
مَزو هِي مئڪشن[6] ڪي آ، تين بيخود بَهاري ۾،

ڳجهي ڳ ڳالهه ڳجهه واري تيو بيخود سَلن سَنرا،
پيئڻ ڪان پوءِ تن جا پاڪ چَمڪن چندِ جان چَهرا،
سدا ڳيرو اکين ڳاڙها اِنهيءَ اُهجاڻ سان پترا،
ڳليءَ ڪُوچي پيا ڳائِن سِريءَ جي سيرَ جا سَهَرا،
ڪرن ڳڻَ عام سان اُهڙا نہ جن جي ڳڻ ڪري سگهجي،
حياتيءَ ڀرِ وجهي ڳاري نہ هڪڙو دم پري سگهجي.

---

[1] داتار = ڏيڻ وارا.
[2] مور = اصل، موڙي.
[3] سٽي ۾ = ڏي وٺ ۾، بدلي ۾.
[4] پاندا = برتن.
[5] گريزان = دور.
[6] مئڪشن = شراب پيئندڙن.

گهمي گهم گهير گهٽ گِهٽيون سگهو اِعرافُ[1] اورانگهي،
اچا آدم لنگهِي اڳتي، پيا لَسَ[2] ڪِينَ جي لانگهي[3]،
گِهڙي گهر ۾ اَچي وينا گهٽا سي گهوٽ ٽَڙ تانگهي،
ڪيو گاڏر[4] مگر تن ڪي عُبوديت[5] سندي گهانگهي[6]،
اُنهن جي مَت مَڄَي مُئيءَ[7] ساڻ دل جو غير ڏوئي ڇَڏِ
ڪرن جو اَمر ان ۾ تون اڪر پنهنجو نہ ڪوئي گڏِ

عجب ڳ جي چڱي معنيٰ چَوَن سڀ ڪي چڱائي تا،
ٻُجي هَدڪارَ تي ڪامل ڪَرَن بيحد ڀلائي تا،
سڏي سِڪ مان سواليءَ کي ڪرن ان جي سنوائي[8] تا،
سُڃاڻي دَرد دل جي ڪي ڏِيَنَ دانهَہَ دوائي تا،
رهي هِڪ راتڙي تن وٽ چڱو لکيو لِکائي اَچ،
رکي پرتيت[6] پُورَن[7] تون چڱيري پَر پرائي اَچ،

[1] اعراف = دوزخ ۽ بهشت جي وچ وارو هنڌ، معرفت، پاڻ سڃاڻڻ.
[2] لس = هڪ منو ٿي وڃڻ، يڪسوئيءَ سان.
[3] لانگهي = پيچري، واٽ.
[4] گاڏر = ڏوهي، ڪتي.
[5] عبوديت = بندگي، غلامي.
[6] گهانگهي = ڳٽ.
[7] مئي = گاهہ جو مڇو، جنهن سان ٽانوَ بہ ڏوئبا آهن.
[8] سنوائي = مدد.
[6] پرتيت = بصيرت، اعتبار.
[7] پورن = پوري، مڪمل.

وٺي هل واٽ وچَ واري وڃائي ۽ وَهمَن کي،
وڏي چِڏِ وَڻ وڏائيءَ جو وِساري ويسَ وَرنَن[1] کي،
وڃائج عُمر نا ويهي ورائي مُفت وَرقَن کي،
وَسائج وَحدتي ويڙهو مٽائي اَنگَ اِسمن کي،
هَمہ[2] هہ آهہ هَرجا هڪ پَسين جيڪي اُهو آهي،
سدا موجود اُن ذاران نہ ڪاٿي ڪو ٻيو آهي.

اِهوئي الف هَمزي[3] جو اکر اهڃاڻ ساڳي آ،
ڪري جو ٻوليون تو ۾ اُهو سڀ ساڻ ساڳي آ،
جُزو يا ڪُل ڪُي قطرو ڪسي مهراڻ ساڳي آ،
مڙوئي نانءُ پاڻيءَ جو حَقيقت جاڻ ساڳي آ،
سَراسَرَ موجَ محبوبي ڪيو قُلزم[4] سڄو قطرا،
وِڇائي فُرش فيروزي[5] وَسايو بَحر بَر صحرا.

يگانو ٿي رهي ڪر يادِ ياوَرَ[6] کي سَبقُ ساري،
يقين ڪامل رکج وحدت سندو سڀ شرڪُ شڪُ ٽاري،
پسج مُنهن آرسيءَ پائي عناصر[7] جو اکر واري،
پسي اُن پَر پَسَڻَ وارو، ڪِلي تون ڪيس ڪيڪاري،
ملي وڃ ميلَ سان جيئن جو قِسي قوٽو تہ پاڻِي آ،
زبان کي ضبط ڪر هاڻي وڏي اڳتي ڪهاڻِي آ،

[1] ورنن = ساراهہ- بيان، رنگ.
[2] همہءَ = ڪل، مڙيوئي، جملي.
[3] همزو = سنڌي الف ب جو ايڪو نجاهون اکر، اک جو اشارو.
[4] قلزم = وڏو سمنڊ، مصر ۽ مڪي جي پرسان ڪوهِ طور جي ان شهر سان منسوب ڪندي. ان درياءَ کي قلزم سڏين ٿا. (بحيره احمر)
[5] فرش فيروزي = زمين تي وڇايل قدرتي سائو گاهہ.
[6] ياور = حامي، پرجهلو.
[7] عناصر = جزا، هندن جي خيال موجب پنج تت: آڪاش، وايو، اگني جل ۽ پرٿوي- عربي عالمن مطابق چار آهن: هوا، باهہ، پاڻي ۽ مٽي.

(12)

چوي گر کو تہ قسمت ۾ اڳي سڀ ڪجھ ويو لکجي،
ڪنهين حيلي بهاني سان نہ بلڪل ٿو سگهي مٽجي،
پُجي[1] پاپي ازل جي ڏينهن کان سيکو ويو ٻڌجي،
طبيعت فطرتي کان ڪوبہ سگهبو ڪين ڪي پلجي،
بهانا بزدليءَ جا هي، اِهو ڪانئرپڻو[2] چئجي،
اِنهيءَ ئي سمجھ تي سچ پچ هزارين هيٺ[3] ڦِٽِ وجهجي.

بَني اِنسان جي ڀاڳي، ڏٿِيءَ جو ڪجھ بہ لِکيو آ،
اُهو بد نيڪ ڀاڳن ۾ ورهائي صاف ڇَڏيو آ،
جنهين مان قسم بَدِ هڪڙو تہ اُهڙو نيٺُ رٿيو آ،
ڪنهين حيلي بهاني ساڻ مٽجي سو نہ سگهيو آ،
ٻيو بد قسم اهڙو آھ اُن جي خاص شفقت سان،
بدلجي ٿو وجي پنهنجي ذرا ڪجھ جهُد محنت سان.

چڱايون اِن نموني ساڻ سيني جي سري[4] لِکيون،
انهن مان قسم اول جون وڏيءَ ڪنهن موج مان سٽيون،
عمل ۾ سي اچن اَز خود مگر مُورئون نہ سي مَٽيون،
وَلي ٻي قِسم جون اُبتي اُريبي[5] انگَ ۾ رَکيون،
اُهي پڻ مِهر ان جي ۽ سچي گر جي وسيلي سان،
ٽِيَن اِنسان جي هٿ کان ذرا پنهنجي بہ حيلي سان.

---

[1] پجي = ثواب جو ڪم ڪندڙ.
[2] ڪانئر پڻو = بزدلي.
[3] هيٺ ڦٽ = ڦٽ لعنت.
[4] سري = ڀاڳي.
[5] اُريبي = آڏي.

ڏٺي انسان جي ياڱي لکي اکثر چڱائي آ،
سڀ مخلوق کان اُن جي ذرا عزت وڏائي آ،
اِها سُڌ آهي سيني کي نہ کنهن کان ڪا ڳجهائي آ،
ادا شڪريو نہ ٿي ان جو، ڪئي جا ان ڀلائي آ،
اِها تصديق ڪافي آ چوي ٿو پاڻ ٻاجهارو،
تہ هي انسان اَشرف آ سهڻين عادتن وارو،

مگر سڻ ڳالهہ تان شيطان، صورت واءُ جي ڏاري،
رلي انسان جي رت ۾ وڃي ٿو ڪيس ڪر[1] ڪاري،
ڪسي ڦُوت شرافت جي ڪميني ڪار سيڪاري،
اٿاري وسوسا اهڙا نہ جن کي ڪو سگهي ٽاري،
سبب جنهن ڪان، وڃائي ٻُڌِ[2]، ڪري انسان ڪم ٻُڇڙا،
خوديءَ جي واءُ ۾ پرجي رکي آڪڙ ڪري جهڳڙا،

(13)

مٿين احوال مان ساري حقيقت حال ظاهِر آ،
بذات خود اگر اِنسان عاجِز ياڪ قاصر آ،
تڏهن بي نفس پنهنجي تي ڪري ڪوشش تہ قادِر آ،
بہ نِسبتَ حالُ هِنَ جي صاف اهڙو حُڪمُ صادِرِ آ،
تہ پنهنجي نفس سان هيڪر ٻڌي هِمتَ لڙائي ڪر،
ڪري قبضو مٿس مُلڪِ بَقا جِي بادشاهِي ڪرِ،

---

[1] ڪر = ڳنڍ، ڪريل.
[2] ٻڌ = سمجهہ فهم، عقل.

كري ٿو جيڪڏهن ڪوئي مدد ڪجھ پاڻ کي پنهنجي،
ڪري تان سو لڳا لاشڪ سچو سائين مدد ان جي،
وڏي تڪليف واري سچ اگر هيءَ راھ آ آهنجي،
ڏٺيءَ جي ٻاجھ سان ليڪن سٺائي سڀ ٿئي سهنجي،
خدا ان قوم جي حالت بہ هرگز ڪين ٿو ڦيري،
نہ جيسين خود تغيرُ[1] حال جي لءِ پير ڪُجھ پيري.

اٿي همت ٻڌي هاڻي توڪل بَرخدا ڌاري،
وسيلو سَت گُرو وٺ تون تہ توکي تار مان تاري،
نفعا نو ڪندِ[2] جا پائين، گھڙي اُن وٺ تہ ڏس گهاري،
اَمر[3] جوتي ادا توکي ڏئي هَٿ سان ڏيو ٻاري،
وجي اوندھ صفا تنهنجي جهُڳي مان دم تنهين نڪري،
مزي هِنَ ۾ مزا دنيا سندا توکان وڃن وسري.

ڏئي سِر نقدي سودي ۾ ڳنهي وَٺُ هار هيرن جو،
وڃهي ڳل هيچ مان ٿڄ تون ادا پير و فقيرن جو،
عمل اوناٽتو ڪج پڻ، نہ شائِق ٿُج نظيرن[4] جو،
نہ پيءُ بلڪل مگر ڌارج، حسودن[5] ۾ شريرن جو،
ڪري ثابت سچائيءَ کي مدامي موجَ ماڻج تون،
پليو جو ٿو وڃي اُن کي سڌي دڳ سان اماڻج تون.

عمل سان آدمي سُهڻو عمل اعليٰ فضيلت آ،
عمل ۾ ڪين ايندي سا عمل ريءَ جا نصيحت آ،

[1] تغير = ڦيرو، تبديلي.
[2] نوڪندِ = پوري ڪائنات (ست فلڪ، عرش ۽ ڪرسي).
[3] امر جوتي = ابناسي روشني، لازوال نور.
[4] نظيرن = نقل.
[5] حسودن = حاسدن، ساڙ سڙين.

اِها صورت نہ ڪنهن ڪم جي اگر نا نيڪ سيرت آ،
عمل انسان جي لۓ سچ ضروري زيب زينت آ،
ڪٿي عملي قدم هيڪر ٻئي نٽ ناز کي چَٽ ڪر،
زباني مڪر اٽڪل جي سموري ساز کي چَٽ ڪَرِ.

گهِري گهَر ۾ ادا پنهنجي، لقا هي ڏس ليئو پائي،
اُتي ويهي مري جيئي ڏسي تو ڪير ڳالهائي،
اهو قطرو ڪٿان آيو صحيح دراصل سو چاهي،
پروڙي مامَ مَخفيءَ کي مِٽيءَ جو ڍير ڇڏ ڊاهي،
صفاتيءَ[1] ۾ لِڪل ذاتي، نَفيءَ ۾ راز اَثباتي،
نفيءَ سان پير، نيهي تون، ڪٿي هٽ لا[2] سندِي ڪاتِي.

ڇڏي ڏي خوابِ غفلت کي اٿي بيدار ٿي هاڻي،
هٽي تون نِينهن جو نعرو نِسَنگ نروار ٿي هاڻي،
وجهَي ڳِل هارَ هيرَن جو ڳِچيءَ جو هار ٿي هاڻي،
حَقيقت حال جي سمجهي ادا هوشيار ٿي هاڻي،
ڏسي تو شاھ سپني ۾ گداگر پاڻ کي ٻچڙو،
اُتي تان شاھ، ساڳِي آ حڪومتدار اڳ جهڙو.

اِهوئي حال تنهنجو آ سُتل تون خوابِ غفلت ۾،
گداگر ٿي گهمين ٿو مفت، پنهنجي تون حڪومت ۾،
ڇڏي سستي سجاڳِي وٺ گداگر نانھ نسبت ۾،
اُهوئي شاھ آهين تون منجهين چو قيدَ مورَتَ ۾،
ڪَري هُل حيدري هيڪر خوديءَ جو ڪوٽ خيبر پَٽِ،
مَجي "مَسرورَ" منٿ هاڻ سمجهي واٽ ورتيون وچ.

---

[1] صفاتي = صفات ڏانهن منسوب، واڪاڻ وارو.
[2] لا = نہ.

# دارالامان

1. وسائي پاڻ ۾ ويٺس عجب دارالامان پنهنجي،
زمينُ و آسمان پنهنجو، ڪَتي ۽ ڪهڪشان پنهنجي،
ستارا چنڊ سج پنهنجو، جهَنم ۽ جنان[1] پنهنجي،
ڏسيون[2] ۽ ڏينهن پي پنهنجا، بهاري ۽ خِزان پنهنجي،
اتم دِل عرش تي ڪرسي پيل پڻ شان سان پنهنجي،
متس جلوي نما ٿِي مان عدالت ٿو ڪيان پنهنجي.

2. ٿِيو صبح و مسا پنهنجو، سمندر بيڪران پنهنجو،
هوا پاڻي مِٽي ۽ باهه بجلي اِنسُ[3] و جان[4] پنهنجو،
ملائڪ پي ٿيا پنهنجا ٿيو هر دو جهان پنهنجو،
خدا پنهنجو خُدا جو پڻ نُبي آخر زمان پنهنجو،
وَسئو وَس راڄڌانيءَ ۾ ڪئي ڇا ڇا نہ مان پنهنجي،
ڪيان مطلب تہ ڪهڙي مان حقيقت ڪجهہ بيان پنهنجي.

3. يمن يونان ۽ ترڪي، عرب اِيران پي پنهنجو،
خُتن[5] هندوستان لنڊن دکن ڪاشان پي پنهنجو،
جاپان روس جرمن چِين پاڪستان پي پنهنجو،
اُتم سڀ صلح يا ڪي جنگ جو سامان پي پنهنجو،
وَليڪن اَمن جي اَقلِيمَ[6] آهي بي گُمان پنهنجي،
حڪومت جي لڳي نوبَتُ مڪان ڪان لامڪان پنهنجي.

---

[1] جنان = جنت.
[2] ڏسيون = ڏسائون، طرف.
[3] انس = اِنسانُ.
[4] جان = جِنُ.
[5] ختن = تاتار جي هڪ علائقي جو نالو، جتي جي هرڻ جو مُشڪ مشهور آهي.
[6] اَقليم = زمين جي متاڃري جو هڪ پتو يا ڀاڱو.

4. نِياري رنگ رَسَ واروعجائب ٻول پيي پنهنجو،
ڦِڪو ڪوڙو ڳنو ڪارو، مِٺو آ ٽول پيي پنهنجو،
نِرالي ڍنگَ ۾ پڻ ڍارَ وارو ڍول پيي پنهنجو،
ڪچو ڪوڙو سچو ثابت قرارو قول پيي پنهنجو،
قلم سان لوحَ[1] پنهنجي تي ڪِتابت ٿو لکان پنهنجي،
عجب صورَتخطي پنهنجي هِجي پنهنجي رَوان پنهنجي.

5. اِها دنيا اگر ڌَمَ جي وطن منهنجو اڌارو آ،
وليڪن تاقيامت سو ٻہ نوعِ[2] نو ڦرارو[3] آ،
ٻُجهن نو ڳنڍَ تا جيڪي انهن کان هي نيارو آ،
مَري ڌَمَ دم جيئڻ وارو نئون نِت نِتَ نظارو آ،
فَنا ناهي بقا آهي حياتي جاودان پنهنجي،
فنائي جسم کي آهي، بقا آ جانِ جان پنهنجي.

6. سَتم سختي وڏي سِر تي سِريءَ جي سيرَ ماڻڻ ۾،
کيم تڪليف ڪوشش ۽ ڪمائي قرب پائڻ ۾،
ڏٺم ڏک ڏاڪڙا ڏاڍا صحيح سب ڪجهہ سَمائڻ ۾،
ڪشالا پڻ کيم ڪيئي وطن پنهنجو وَسائڻ ۾،
نہ ويندي هَڏِ اِها **"مَسرورُ"** مَحنت رائيگان پنهنجي،
وطن سان گڏ جڙي هوندي سدا سنڌي زبان پنهنجي،

(ادبي ڪانفرنس دادو- 28-11-1951ع)

---

[1] لوح = پاڳ، آسمان تي محفوظ رکيل نصيب جي ڦرهي.
[2] نوع = قسم.
[3] نو = نئون.

# عملي قدم

1. ڪٽي عملي قدم مان پَس پيل قِسمت مٽائيندس،
قلم تي پڙ رهي قابض قوي قوت رڪائيندس،
مصيبت تي اکر عشرت[1] لِکي قدرت ڪمائيندس،
سدائي ناد[2] نُصرَتَ[3] جو پلَيري پت وڄائيندس،
برهمڻ شيخ سان الفت ڪري اخوت[4] وڌائيندس،
نہ ڪنهن سان عَزمُ پيريءَ جو رکي بَيعتَ[5] مَنائيندس.

2. محبتؔ ميٺِ ڏاران ڪونہ آهي ڪم ٻيو منهنجو،
هلي عرشن اتان آيس هِتي ڪو ڪَم پيو منهنجو،
ڏسي حالت هِتاهوُن جَي مزو سڀ تَم[6] ٿيو منهنجو،
ٿيس غمگين هِن غم ڪان نہ ڪنهن ٻي غم ڪيو منهنجو،
تڏهن ٻي قرب واري ڪين پنهنجي گت[7] گهٽائيندس،
لڳي ڪنهن جي ٻي مَتِ[8] تي مان نہ پنهنجي مَتِ[9] ٻلائيندس،

---

[1] عشرت = بهاري، فرحت، لطف.
[2] ناد = مينهن جي سگ مان هڪ سريلي صدا ڪيڻ، پراڻي زماني ۾ فتح لاءِ ناد وڄائي اعلان ڪبو هو.
[3] نصرت = فتح.
[4] اخوت = ڀائپي، برادري.
[5] بيعت = مريد ٿيڻ، شاگرد ٿيڻ.
[6] تم = تمام- ختم، پورو.
[7] گت = عادت، ريت، رسم، سياءُ.
[8] مت = صلاح، راءِ، چوڻ.
[9] مت = ويساهہ، ايمان، فهم، پرجهہ.

3. ملازِم رشوتي توڙي ٻيا پي چور بازاري،
وڏيرا خانَ صاحبَ رَئيسَ ٺيڪيدارَ واپاري،
غريبن کي ستائڻ لءِ اُهي اڻ گيل[1] آزاري،
ڪيائون ڪانہ ڳڻ ڀهہ[2] ڪا تہ آخرڪار هڪ واري،
پَريا[3] تن جا ڪري پڌرا، مِڙن جي مَتِ گُهائيندس،
نئين دنيا رکي دل جي ڪري همت وَسائيندس.

4. ٻيا[4] اي ٻي عمل واعظ ڏسين ٿو ڪجهہ تہ دل چاهي،
اهو عرش خدا آهي، اِهو تخت خدا آهي،
خدا جاتي، اُتي موجود ڪجهہ غير خدا آهي،
اِهائي اَمنَ جي اَقليمَ ڳولهي مون چڏي آهي،
وسائي وقت سِر ويڙها[5] اَلَر[6] وَحشت[7] وڃائيندس،
اچڻ جي لاءِ ات توکي ڏئي سيڪت سڪائيندس.

5. اُنهيءَ اقليم ۾ مان اهل دل صاحب رهائيندس،
وزارت نفس جي ٿوڙي اَماني[8] ڪم هلائيندس،
سَڄي دنيا مٿان توحيد[9] جو جهنڊو جهلائيندس،
مسلماني سندو ان پر سَچو ناتو نِڀائيندس،
سٺي سر مان، مَلهِي ميدان ۾ جُراءتَ پَسائيندس،
اَچي پڙ ۾ نہ پُٺِ ڏيئي مٿان خَلقتَ کِلائيندس.

---

[1] اڻ گيل = اڙٻنگ، ضدي. (2) ڳڻ ڀهہ = سوچ ويچار.
[3] پريا = اڇا وار (پريا پڌرا ڪرڻ = عيب ظاهر ڪرڻ، سڀ عيب ثواب ٻڌائڻ.
[4] ٻيا = اچ، آءُ
[5] ويڙها = (ويڙهي جو جمع) = پاڙا، محلا، خاندان.
[6] الر = غم، گوندر، درد. (7) وحشت = ظلم، نفرت.
[8] امائي = امن امان وارو، امانت وارو (9) توحيد = هيڪڙائي

6. اُتي ”مَسرُوُر“ ڪر هاٿي عمل هن جي عملداري،
مِلي خَلقَتَ خدا جي سان حقيقت ڪين سل ساري،
رهي نا روح ڪنهن جي ۾ رتي ماتر ريا ڪاري[1]،
عمل جي عمل جو مڪتب ٿئي ڄِئن جا بجا جارِي،
عمل جي لءِ امانت سان تڙي بدعت[2] ٻَجائيندس،
جهنم تي آ دنيا ان کي ماںَ جنت بنائِيندس.

(شڪارپور- مشاعرو 27.1.1952)

---

[1] رياڪاري = نفاق، ڪوٽ، ٻيائي.
[2] بدعت = بري عادت.

# اديب سنڌ

1. اي اديب سنڌ، سُستيءَ کي ڇڏي هوشيار ٿي،
سَڀُ سُخَنوَرَ[1] سنڌ جا ساٿي ڪري تيار ٿِي،
ورنہ دنيا ۾ ڄَڻو ٿُنهنجو جيئڻ لاچار ٿي،
اڄ قلم جي اسپِ[2] تازي تي اُٿي هَسوار ٿي،
تا قيامت شل سنڌءِ روح رَوان زندھ رهي،
جنهن جي سايي قومَ جو نام و نِشان زندھ رهي.

2. سچ تہ بابُ العِلم تون، تو کان ٿيو جَڳ فيضياب،
مَٽ ٻيو تنهنجي نہ ٿيندو ڪوبہ تعليمي نِصاب،
معنوي معنيٰ رکي ٿو تنهنجو هَرهِڪُ اِنتخاب،
شاهِدي ڏيهَن ڏِني تنهنجو پَسي سو آب و تاب،
غير ٻوليءَ جو سنڌءِ هَر تُرجمان زندھ رهي،
تنهنجو طالب ٻار ٻُڍڙو، نوجوان زندھ رهي.

3. ٻولَ تُنهنجي سان ٻَڌا جي سنڌ جا فاتح هُيا،
گرچہ ايندي ساڻ آيَن وَسَ وڏا پنهنجا ڪيا،
ڪيترا ڪاليج ۽ اسڪول پڻ جت ڪِٿ پيا،
ڪاميابي ڪانہ ٿي، ڪَمياب[3] سي خود ٿي ويا،
هِن حقيقت جو هميشہ داستان زندھ رهي،
نِتَ نئين سو نوعَ سان بس بي گمان زندھ رهي.

---

[1] سخنور = شاعر، ڪوي.
[2] اسپ تازي = تيز رفتار عربي گهوڙو.
[3] ڪمياب = گهٽ ٿيڻ.

4. زِندگي تنهنجيءَ سان آهي قومَ جي زنده رهڻ،
ورنه جيئري قبر ۾ آهي حَياتيءَ جو هجڻ،
مادِري ٻولي نه مٽ دل جي گهُرين جَڳَ ۾ جيئڻ،
ملڪ ۾ مشهور آهي، هي سياڻن جو چوڻ،
قوم تي زنده رهي پر جي زبانُ زنده رهي،
پُڻ گڏوگڏ شانُ شوڪت خان مان[1] زنده رهي.

5. غير ٻوليءَ ۾ نه ڪوئي سچ ته سپنو ٿو لهي،
ڪيترو ڪوئي ٻه قابل پاڻ کي عاقل چوي،
آزمودي مان اهائي پَڪ گهٽيري ٿي پوي،
سُودَ[2] خاطر اها ٻي خير سان زنده رَهي،
مُورَ[3] جيئن مون لاءِ منهنجي جانِ جان زنده رَهي.

6. اي اَوئِل جا اَدب حافظ هجي تنهنجو خدا،
ڪو مٿائي نا سگهندو تو سندي اَڪري ادا،
اِلتجا "مَسرُوُر" جي آهي ڏٽيءَ جي دَرِ سَدا،
هيءَ اِجابَتَ ۾ اَچي بار خدا منهنجي صَدا،
قوم جو مَحمُوُد خادِمِ[4] جاودان زنده رَهي،
ليڪُ منهنجو مون پُڄاڻان هَر زمان زنده رَهي.
(سنڌ ادب ڪانفرنس لاڙڪاڻو)

---

[1] خان مان = مال اسباب، گهرتڙ.

[2] سود = فائدو، نفعو.

[3] مُور = مُول، موڙي، اصل.

[4] محمود خادم = حاجي محمود خادم ولد محمد بچل تونيه ڳوٺ بني تعلقي ميروخان ضلعي لاڙڪاڻي ۾ 4 جنوري 1895ع ۾ ڄائو. سنڌيءَ جو استاد شاعرن ۾ گنريو آهي. نقير سائين مسرور سان گڏ لاڙڪاڻي ۾ براج کاتي ۾ تپيدار ۽ سپروائيزنگ تپيدار ٿي رهيو. 9 جنوري 1960ع ۾ وفات ڪيائين.

# الــوداع

1. وهہ عجائب دور گردِش جا نظارا نِت نوان،
اِن گهڙيءَ شادي خوشي آ، اِن گهڙي نالہ كنان[1]،
اڄ هتي منزل، سياڻي جي نہ سُڌ آهي كٿان،
جيئن تہ عاجِز آدمي قادر نہ آ قدرت مٿان،
انكري بي درد كان انسان گر ڌاري قرار،
درد دوئيءَ[2] كان وليكن راز تو ٿئي آ شكار[3].

2. هاءِ هَئي هَئي هن وڇوڙي، ڦهر هي كيڏو كيو،
آب داڻي جو انهيءَ ۾ انگ كيئن اُلٽو لكيو،
هيءَ ڏِسي ٿهہ دِل تياري، اڄ جهڄي جيرو ويو،
صبر توڙي بي كري رايو اُهو ركٽو پيو،
پر اڇي تو كين وَسَ ۾ روح بيوس بيقرار،
بيقراريءَ جي سبب كان چشم آهي اشكبار.

3. فيض[4] گستر بنده پرور نور محمد[5] خان اڄ،
دل اسان جي كي ڏئي حسرت ۽ اُرمان اڄ،
تو وڃي بدلي ٿيو بس آهہ هو مهمان اڄ،
ان جي شفقت مهر جو مان ڇا لكان عنوان اڄ،
هو مساكين[6] جي مدد سو دل ڀڏي ليل ونهار[7]،
معدنِ[8] و عنايت، صاحب عالي وقار.

---

[1] نالہ كنان = واويلا، روڄ راڙو.
[2] دوئي = بيائي.
[3] آشكار = ظاهر.
[4] فيض گستر = ٻاجهارو، فائدو رسائڻ وارو.
[5] نورمحمد خان = نورمحمد خان پٺي، 1933 ڌاري شكارپور مان مختياركار جي عهدي تان ترقيءَ تي بدلي ٿي ميرپورخاص ويو هو- بعد ۾ ڊپٽي كليكٽر جي عهدي تان رٽاير كيائين. اصل لاڙكاڻي جو هو، نهايت سيرت انسان هو. هيرآباد حيدرآباد ۾ حكمت بہ كيائين. هي الوداعي مسدس فقير سائين مسرور، سندس بدليءَ تي 19 مئي 1933 تي لكيو.
[6] مساكين = مسكين جو جمع.
[7] ليل و نهار = رات ۽ ڏينهن.
[8] معدن = كاڻ.

4. هر بشر جي وات ۾ نالو سندس تو ڳائجي،
سندن ساريءَ ۾ صحيح صاحب ٻيو ساراهجي،
ٻول نا ٻتجي ٻيو جا ڏي ڪٿي ڪن لائجي،
بس چوي هر ڪو ائين ڳهٽون ڪري ڳلِ پائجي،
ڪونہ جهڙس ڪو ڏٺو سي الفتي ڪِٿ ڪاردار[1]،
لائقن پريو لڪي[2] هي مرد مانجهي قربدار.

5. هڪ طرف هنجي وڇوڙي ڪان ٿيو آ رنج و غم،
سال ڪيئي گڏ هئاسون، سچ خدا جو آ قسم،
جيئن تہ جلدي مَرتبو عهدو سندن ٿيندو اُتم،
ٿي وري ڏِيٺِ سگهو ايندو هتي مانجهي مٽيار[3]،
شل اگهائيندو اسان جو عرض هي پروردگار.

6. هاٽي هيءَ آ موڪلاٽي، اَلوداع حافِظ خدا،
جت بہ هوندا ڪونہ ڏسندا شال ڪوئي ڏک پلا،
اَهل ۽ اطفال سوڙا خوش اوهين هوندا سدا،
اَلوداع اي صاحبا حافظ خدا، حافظ خدا،
شل اوهين هوندا توانا گُل گلابي جئن بهار،
عيد پويان عيد ۾ رهندي بهاري ترقرار.

(19 مئي 1933ع- بروز جمع وقت 10 بجہ رات)

---

[1] ڪاردار = تعلقي آفيسر، مختيارڪار.
[2] لڪي = رچ چڱو مڙس.
[3] مٽيار = مڻ وارو، مٽيادار، جوت وارو.

(3)

پٽي سون ڪين ڪي جي اک سُتائي بس رهي اڳتي اَجا بي سست رهياسون،
متيءَ جي ڍيرَ ۾ ڌڪيل ائين ئي تان سوا ڪنهن سوچ جي گُم گشت[1] رهياسون،
فقط مَک وانگيان پنهنجو متو ۽ مُنهن پَٽڻ ۾ ئي مَگن ۽ مست رهياسون،
ڇڏي هِن حالَ هَئي هَئي کي وڌائي وِکَ ڪري وارو اگرنا چُستُ رهياسون،
تہ ويتر وَڌِ بلا پويان مَٿانهون ٻي اسان تي سچ پئي نازل بلا ٿيندي،
نئين سِچ نِت نئين سِر تي حياتي ڀَر سدا سيني سندي سَهٽي جفا ٿيندي.

(4)

عجب آهي تہ دنيا دار توڙي شاهہ واپاري ٿيا هِن چور بازاري،
غريبن کي ستائڻ لءِ اِهي اَڻ گيل آزادي ٿيا هِن چور بازاري،
خريداري ڪَرن جيڪا، لِڪائي سا رکي ساري ٿيا هِن چور بازاري،
مدد ۾ تن سندي ڪيئي ملازم مرد سرڪاري ٿيا هِن چور بازاري؛
اِنهيءَ ئي حال کان حالت يَتيمن ۽ غريبن جي ٻڏائي کو تہ ڇا ٿيندي.
اُنهن جي اِلتجا ۽ آه زاري جي اِجابت ۾ خدا جي ڇا رضا ٿيندي

(5)

اِجهو اڄ ڪي سياڻي ناسُ ۽ تاراج[2] ٿيندو راڄ شاهوڪار شاهيءَ جو،
ڦَلَم ڪَرنل مٿان ٿيندو نماڻي نيچ ۽ اَدنيٰ سُجي سَکٽي سپاهيءَ جو،
شهانہ[3] طور تي ٿيندو وري هڪ وار تان گُذران گاذر[4] گاهيءَ[5] جو،

---

[1] گم گشت = ٻڏتر ۾.
[2] تاراج = ناس، برباد.
[3] شهانا = شاهاڻو.
[4] گاذر = ڪٽي، ڌوٻي.
[5] گاهي = گاهہ وڪڻندڙ.

اڄوڪي رنگ رس وارو ٽپڻ[1] ٽيڙو نہ هوندو هي نمونو ڪَج ڪلاهيءَ[2] جو،
اڱوڻي دور دوري جي وري جاري سڄي سڪيا نئين سِرِ جا بجا ٿيندي،
مِلي هيءَ ڀَڳَ ڀَڪي آهي تہ دنيا ۾ ڀَڪيءَ ڀَڪ ساڻ پورن[3] ايڪتا[4] ٿيندي.

(6)

گهٽين زالين هلي نا گهر گهٽين ڏاندين هَلي نا هر، ڇڏي چوٽي چڳن جوڙي،
تنهين وانگر سوين شاعر هزارين ويديہ[5] عالم لکين ليڊر[6] مڙن توڙي،
اُهي جي پاڻ اڻ تارا[7] نہ تاريندا ٻڏل ٻيڙي ڇڏيندا اُٿلندو ٻوڙي،
فقط اڱواڻ سَنجڻ لءِ ڇڪي "مَسرُور" اڳ هرهڪ اجايو ٿو ڏُکي ٻوڙي،
انهن لاتعداد اڱواڻن سندي حيلي دوا دارون ڪنان ڪجھ نا شفا ٿيندي،
مگر هِڪ مرد مولا جي هٿان لاشڪ سڄي دنيا سندي مُشڪل ڪُشا ٿيندي.

---

[1] ٽپڻ = ٽپڻو، فالنامو.
[2] ڪج ڪلاهي = ڏنگو ڦڏڪو، حرامپائي.
[3] پورن = پوري، ثابت.
[4] ايڪتا = ٻڌي.
[5] ويديہ = جن کي چارئي ويد ياد هجن، علم وارا.
[6] ليڊر = اڱواڻ.
[7] اڻ تارا = اڻ تارو، جيڪي تري نہ سگهن.

# ميدانِ عمل

(1)

ٻَہ ميدانِ عمل گر ڪو قدم بَردار[1] ٿي وينلو،
اچي جي سر برهنہَ تہ ٻہ ڪَلنگي دار[2] ٿي وينلو،
سپاهي پنڌ هِنَ ۾ پڻ سپهہَ سالار[3] ٿي وينلو،
هُجي جي بي سَر و سامان تہ شاهوڪار ٿي وينلو،
يقيناً اُن ڪَنان ئي جڳَ سنلو اُپڪار ٿي وينلو،
اُهو هاديِ[4] اُهو مَهدِي[5] اُهو اوتار[6] ٿي وينلو،

(2)

عمل انسانيت آهي، عمل رِيءَ آدمي ڪهڙو،
عمل ڏاران اُهو انسان آهي تان پسونءَ[7] جهڙو،
ڪري اپڪار ٻئي جو چا سگهندو آدمي اهڙو،
ٻين جي اوگهہَ[8] تي پَلجي ٿئي جيڪو جوان تڪڙو،
اُنهيءَ ڪان ياڳُ پنهنجو تان پَڃي بيزار ٿي وينلو،
ٻين جو عيش بي اُن جي ڪري آزار ٿي وينلو،

---

[1] بردار = کڻندڙ.
[2] ڪلنگي = تاج، چڻ (ڪلنگي دار = منهدار، سردار)
[3] سپهہ سالار = لشڪر جو ڪماني، سئناپتي.
[4] هادي = هدايت ڪندڙ.
[5] مهدي = رهنما.
[6] اوتار = ايشور جو روپ، ديوتا (هادي، مهدي، خواوند رب العالمين جا صفاتي نالا)
[7] پسون = جانور.
[8] اوگهہ = مال، مڏي.

(3)

اسان کان ڏور اڳئين جا هُيا هوندي هڪل وارا،[1]
سبب اُن جو اِهو تان سَڀُ هُيا عالِمَ عمل وارا،
پَڪا هِنَ پيرويءَ ۾ سي هُيا شَرعي شغل وارا،
مگر اَڄ ڏِس اسان خونِي خَرابت ۽ خلل وارا،
اِنهيءَ ئي چال کان بَدنامُ، ناماچار ٿِي وينلو،
ٻَچيَل تِل[2] تيَ ٻہ اڳيون نور اٿلو گار[3] ٿي وينلو،

(4)

رهي ماضيءَ سندِي هرجا اِها ئي مرثيہ خواني،[4]
هُياسون هاءِ ڪوئي دارَ شَاهوڪارَ لاثانِي،
اسان جي در سنڌ دارا سڪندر بي هيو ڏاني[5]،
هُياسون ڪالهہ سڀ ڪجهہ لَيڪ ڇا اَڄ حال آ جاني،
اڃا پِي اڪِ پِٽي سوُن نا تہ اَنتوڪار ٿِي وينلو،
اسان جي لءِ وِهَڻَ کان وِهہ[6] سڄو سَنسار ٿِي وينلو،

(5)

عمل جي اَسپ تازيءَ تي، اسان جي نت سواري ٿي،
حُسيني حال وارو سر مٿانهون حال طاري ٿي،
اُنهيءَ طرزِ عمل سان ڏورُ اڳيون جَلد جاري ٿي،
جڏهن هي دور جاري ٿي، تڏهن تان ڪا بهاري ٿي،
بهارِيءَ کان بہ هَرجا هو هَوا هُبڪار ٿي وينلو،
خِزانَ کان حال خَستہ هي چَمن گُلزار ٿِي وينلو.

---

[1] هوندي هڪل وارا = پهچنديءَ سارو هلڻ وارا، طاقت ۽ وسيلي وارا.
[2] تل تيچ = ٿورو گهٽو، ٻچيل.
[3] گار = گر.
[4] مرثيہ خواني = روچ راڙو ڪرڻ، واويلا ڪرڻ، پار ڪيڻ.
[5] ڏاني = ڏن ڏيندڙ.
[6] وِهُ = زهر- (ويهڻ وهہ ٿيڻ= (محاورو) زندگي گذارڻ ڏکيو ٿي پوڻ).

(6)

ڪري ڪوشش ٻڌي همت ڪٽي عملي قدم هاڻي،
ملي هندو مسلمان پاڻ ۾ سڀ ايڪتا آڻي،
ٽيون سڀ ست وچن ساڪي، جيئن رهزن نه ڪو راڻي،
رهون سرها سوايا اڳ جيان موجون مزا ماڻي،
ٻڌيءَ سان ئي اتم ڪيتي، وڏئون واپار تي ويندو،
ڏسي هي ٻل ٻڌي ٻلوان ٻي ٻلهار تي ويندو.

(7)

اجايو ڳٽتين ۾ پاڻ کي نا ڳارجي ڪٿهين،
رياضت سان رڌل رهجي نه گوندر گهارجي ڪٿهين،
نُراسائي سندي نيتِ نه دل ۾ ڌارجي ڪٿهين،
پَسي تڪليف اَجَ ٻُڪَ جِي نه هِمَتَ هارجي ڪٿهين،
ڪُريَزُن[1] ۾ رهي آخر پکي پَر دار[2] تي ويندو،
ڪمائي قيد، اڏرڻ لءِ وري ٽيار تي ويندو،

(8)

ملي اڄ هڪ ٻئي جي سڀ ڪيون ڳنڍجي مدد ڪائِي،
ڪري ڪو وس، ڪڍي ويچا، رکون هڪ، وات ۾ وائي،
خدا لڳ خلق ساريءَ سان رهون دک درد ۾ ڀائي،
يڪايڪ حال هِن سان هِڪُ ٽيون جَڏهين تڏهن جائِي[3]،
مٿان مهرو ڪرم جي مينهن جو وسڪار تي ويندو،
سڪل وَڻ آس پنهنجيءَ جو ڦُٽي، ڦردار تي ويندو.

---

[1] ڪريزن ۾ رهي = پکيءَ جو پراڻا کنڀ ڪوهي نواب کنڀ ڪيڻ واري حالت ۾، مهميز ۾ رهي.
[2] پردار = پرن وارو، اڏامڻ جهڙو.
[3] جائي = سچ پچ.

(9)

أتي "مسرورؔ" تون ڪجھ ڪر عمل هن جي عملداري،
ملي خلقت خدا جي سان حقيقت ڪين سَل[1] ساري،
رهي نا روح ڪنهن جي ۾ رَتي ماٿر ريا ڪاري،
عمل جي علم جو مڪتب ٿئي جيئن جا بَجا جاري،
عمل جي لءِ اٿر ڪان جڳ اَمانتدار ٿي وينلو،
اسان جو بخت خوابيده[2] وري بيدار ٿي وينلو.

(بزمِ مشاعره ادبي ڪانفرنس دادو 14+13- ڊسمبر 1944- 12)

---

[1] سَلِ = ڀڌاءِ.
[2] خوابيده = ستل.

# قلم

(1)

اي قلم شل ڪاتيون توکي تہ ڪي قادر هٿين،
سچ چوڻ ريءَ تون جو سَڙيا ڪين تو مُطلق مڙين،
ياد ڪر منهنجو چيو، ڏس اوچتيءَ ۾ ڪِٿ اڙين،
سوز دل جي ڪاڻ لِکڻ لءِ مَسُ مُنا ڪاغذ ڪٽين،
ماٺِ ڪر ڙي وَج مُڙي تڪڙو نہ ٿي اهڙو تيار،
مفت پنهنجو مِاڻ ڪي تون تو ڪرين هاٿي خوار.

(2)

جن ڪي سارين تو سدا، تن چوھ ويا تي اَج چڏي،
نيڪ ٻانها پرتويءَ[1] تان لوءِ ويا لائِقَ لَڏي،
سي مٽي سوريءَ چڙهيا جي مرد بينا منهن اَڏي،
چيتيون ٿيندين، چڏيندءِ، تن جيان گِلِ[2] سان گَڏي،
ڪونہ اَج ڪنهن جو ٿيو ساٿي سجڻ همراھ يار،
ڳالھ جيڪا تو ڳٽين سا عام ڪي آھ ناگوار.

---

(1) پرتوي = زمين، ڌرتي، پونءِ.
(2) گِا = مٽ

(3)

آدمن ۾ اڄ اها ٻُڌ، مِهر اُلفت کان تي،
سچ صداقت کان تي قومي قرابت کان تي،
چا فصاحت[1] ۽ حلاوت[2] پڻ مروت کان تي،
پرگهَرائي[3] گهَٽگهرائي ساءُ صُحبت کان تي،
اڄ خدا ريءَ خاص تنهنجو ڪونہ آهي مددگار،
گرچ دنيا ۾ رکين تو دوست دل جا بيشمار.

(4)

دور دنيا جو وري اهڙو ادا آيو اٿي،
پڻ خوديءَ جو خلق ۾ پختو پيل پايو[4] اٿي،
مون گهڻو ئي ميٺ سان توکي سمجهايو اٿي،
اُت پلا نروار تي جي دل سندو رايو اٿي،
پر پڇاڙيءَ جو وري بي، تي چوان تو چشم زارَ،
ڪَم انهيءَ ۾ اي ادا ڪَنهين نہ ٿيندين ڪامگار[5].

(5)

اُڄ اضافا بي ادا توکان ويا جيڪي ڪٽي،
ڇڙءُ چوائِت ساڻ تي هينيان تيا هٿ سي هٽي،
تون فقط الله سان اٽڪائي ويهہ اڪ جي اُٽي،
پوءِ ڪم سي پاڻ هي تنهنجا ڪندو دل تي ڏٽي،
دور دنيا جو ڪنهين سان ڪين آهي پائدار،
عاقبت[6] ۽ پڻ ادا اڳتي جي لءِ ڪر انتظار.

---

[1] فصاحت = خوش ڪلامي، خوش بياني.
[2] حلاوت = مناڻ، شيريني.
[3] پرگهرائي = پرگهور.
[4] پايو = بنياد.
[5] ڪامگار = ڪامياب.
[6] عاقبت = انجام، آخر، ايندڙ زمانو.

(6)

مج چيو "مَسرُور" جو اڄ طبع پنهنجي نا تپاءِ،
مفت ماڻهن جو متو ڪاوڙ ڪري تون نا ڪپاءِ،
عشق جو عاشق و ليڪن دل جي اندر مچ مچاءِ،
ڌُور دنيادار کان تي گودڙين سان دل گڏاءِ،
تن جيهو توکي وري ڪو ڪونہ ملندو غمگسار،
جڳ پيو سارو اٿي، پنهنجي مطلب جوسوار.

(اربع- 16-12-1919ع)

# ناتال[1] جو چڪر

(1)

ملي مڪ[2] يارَ موڪَلَ ۾ ٽياسون گڏ گهمڻ وارا،
ڪٿهين ماڇئين[3] سَگر، ڪٿهين روهڙيءَ رهڻ وارا،
ڪٿهن تان ريل لاريءَ ۾ ڪٿهن ڪِٽِ وِڪَ وجهڻ وارا،
وڄائي ساز يڪتارا ڪيا سوُن وَس وَڄڻ[4] وارا،
رَسي ٽنڊي جهانيان[5] ۾ ڪري درشن سڄڻ[6] وارا،
ٽيا سون پوءِ هيرآباد[7] جي پاسي هَلڻ وارا.

(2)

رصدر ڪان ٽي سٽو چاڙهي چڙهِي بازر ۾ پهتاسي،
اُتي هِن خاص ٽپيدرن جي ميٽنگ لاءِ ترسيا سي،
اُڏارن جان اڳيون در جي گهٽوئي وقت بيناسي،
هئا جي در مٿان بيٺل، انهن جا منهن ٽي تڪياسي،
جنهين ۾ شاهه صاحب هِڪُ ٻه ٽي لڳ ڀڳ لڇڻ وارا،
اُهي ٽوڊِي[8] هئا، جنهن کي صَدر صاحب سَڏِڻ وارا.

---

(1) ناتال = ٽپيدارن جي موڪلن جا ڏينهن.
(2) مڪ = مکيه، خاص.
(3) ماڇئين = ماڇون ڳوٺ جو رهاڪو.
(4) وڄڻ وارا = وڄائڻ جا ساز ۽ وڄائڻ وارا.
(5) ٽنڊي جهانيان = ٽنڊو جهانيان، حيدرآباد.
(6) سڄڻ = حضرت قطب شاهه جهانيان عليه رحمة.
(7) هيراآباد = هيراآباد، حيدرآباد.
(8) ٽوڊي = Toady، خوشامدڙيو.

(3)

سجاڻي ٻي صدر صاحبَ لڙي نا هٿ ملايو ڪجھ،
لُڏي پاڇي تي ٽوپيءَ جو پيءُ تي گل هِلايو ڪجھ،
ڏسي اُت اندران آئِل[1] اڇي پاڻي پلايو ڪجھ،
ڪري ڪي ڳالھيون ڄيني[2] اسان کي تي ڪلايو ڪجھ،
هئي عِزت انھن جي پڻ ملن ها جي ملڻ وارا،
ٽِيون ها هُوندِ تن کي ٻي اسين پيرين پوڻ وارا.

(4)

پريزيڊنٽ صاحِب جن جڏهين تشريف فرمائي،
ملي اُن سان صدر ساٿي ويا اندر هَلي جائي،
ڏٺي سون تان ته ٻاهر ڪانه ڪا اهي پَهَرَ ڪائي،
وجي اندر پو ويٺاسون اسين ٻڌجي تَماشائي،
وِسوڙن جان فقط ويٺل، اسين وَهه وَهه چوَڻ وارا.

(5)

پريزيڊنٽ صاحب جن اُتي تن ڏَيَ ڏِنائين تي،
عجب گھنشامَ[3] جي گوهر فِشانِي وَهَ ڪيائين تي،
سياست دان تي ڪنهن جي نه ڪار رڪٽي رکيائين تي،
حقيقت حال جي کولي، چٽو سڀ کي چيائين تي،
هئا مهمان آيل سڀ تکيون تاڙيون هڻڻ وارا.
مگر ٽيندا ڏسون کھڙا قدم عملي کڻڻ وارا.

---

[1] آئل = آئل مل.
[2] ڄيني = ڄيناڻند.
[3] گھنشام = گھنشامداس ٽيبدار ۽ سيروائيزنگ ٽيبدارن جا نالا.

(6)

پريزيڊنٽ صاحِب ٻِي ڪري رخصت ويو هليو،
وڏي گهنشام دل گهرئي اچي ان جاءِ ڪي جهليو،
هئي ڏاڙهي ڏسڻ جهڙي، جنهين تي گوڙ ڪان پليو،
اچي اِسٽيج تي جوڏن جُوارو[1] تي اَٿو ڪليو[2]،
اِهو ارمان آ دينو[3] نہ آيا جي اَچَڻ وارا،
هُجي ها هڪ فقط خادم[4] تہ جوڙا ها جُڙَڻ وارا.

(7)

گهٽائي يار پنهنجي سر لِکي نهراءَ آيا ها،
بحاليءَ لءِ تہ مِڙني جا بلي يڪراءِ آيا ها،
عمل ۾ جيڪڏهن آيا، تڏهن تہ سڀ سَجايا ها،
وَگرنا راند گڏين جان اَجايا ها، اَجايا ها،
نهي نهرءَ وِيڙا پر نَهَن ڪيئن اَڻ نَهَڻ وارا،
ٻَڏيءَ ڪان جي ٻَجهَن باهر چَپيرا[5] چِڏَ[6] چِجَڻ وارا.

---

[1] جوارو = جوئر.
[2] ڪليو = ڳوهيو.
[3] دينو = دين محمد سپروائيزنگ تپيدار.
[4] خادم = مرحوم حاجي محمود خادم.
[5] چپيرا = چهن ٻيرن وارا، چالاڪ، لُچ.
[6] چِڏ = ڏنگا، بدمعاش.

(8)

صدر مشغول هو منهن تان فقط مَکيُون اُڏائڻ ۾،
هُئي حرکت اِهائي کا نہ ڄاڻان هارَ پائِڻَ ۾،
الائي تيل خوشبودار يا کنهن سٽپ لائڻ ۾،
چِٽي ڏاڙهي بہ ٿي ٿودي هئا هن کم هَلائڻ ۾،
اچي ميٽنگ بہ پوري ٿي اُٿي آخر اُٿڻ وارا،
ويا سڀ ڏيھ تي ڏيهي، کجي[1] کيڏڻ کڏڻ وارا.

(9)

پڙهي تسبيح مسجد ۾ ٻلي ٻک درد جي ماري،
ڇوي حَج تان کري آيس، کوئن کائڻ کنان زاري،
لڳس اڳيان کڏڻ کيئي کئا هيءَ پٽ کري ساري،
ڄمائي پڪ وجهي سا چڪ هٽي جهٽ ٻاڻ[2] ٻک کاري،
تنهين جان س[3] - ت ۽ ت[4] ٿيا رشوت چِڏڻ وارا،
مگر پڪ سان هنگي وهندا هميشہ جي هنگڻ وارا.

(10)

کُئن پُڇيس تہ حاجاڻي ٻِلي هيءَ ماجرا چاهي،
کِٽي ساکُون[5] کري توبَھ کرڻ سو کم رَوا ناهي،
ڇَوي تان هِڪُ اِهو يارن سندو غمزو[6] فقط آهي ناهي،
ٻليءَ جي ساکَ پَٽِ تي پَٽِ نہ کندا پَٽِ کرڻ وارا،
جتي لوڀي تِتي نوکَي نہ ٿيندا ٻُکَ مرڻ وارا.

---

[1] کجي = بي حجاب کل پوڳ کري.
[2] ٻاڻ = مَنڊُ، جادو.
[3] س- ت = سپروائيزنگ تپيدار.
[4] ت = تپيدار.
[5] ساکون = سنهن، قسم.
[6] غمزو = لاڏ، ماٽو، انگل.

(11)

اسان جي يار ايسر[1] سان اڇي سي پل ڪرن پيڻا،
مجن انصاف مانجهيءَ جا پسي سندس رتا ريڻا،
ڪمائيءَ لاءِ ڪامورا ڪرن جي ڪٽ پٽيا ڪيڻا،
بگهڙ جو بک وجي ٿيندا اهي ئي گهرج جا گهيڻا،
ڪائن لقمو حلالي جي، خدا کي سي وٽڻ وارا،
حرامي ڪاڄَ جا ڪائڪ جهنم ۾ جلڻ وارا.

(12)

ٻليءَ وانگر مَري ٻُک ۾ ڳٽن ساڳون پيا جائِي،
مگر ڊِل جي وصوليءَ جي گهڙي جنهن وقت جو آئي،
ٻيو ڪم ڪار وارو ڪو ٿيو مُنهن ميل دُڪدائي[2]،
گهٽائِي ڪُنڊ ۾ رَهڙي هَڙوُن ويندا ڳُنَل ڪائي،
خدا جي خوف ڏاران سي نہ ٿيندا رَسُ رکڻ وارا،
زباني پَل ڏين ساڪون قسم ڪوڙا ڪٽڻ وارا.

(13)

قصائي[3] تو ٿئي ڪانئر ڪپهہ ۾ جي هُجن ڪَڪڙا،
تنهين جان ڏوهہ ڪنهن ٻي کي ڏِيَڻَ ۾ نا ٿِيون ٺَڪڙا،

---

[1] ايسر = ايسرداس، فقير سائين جو پيارو دوست.
[2] دکدائي = ڏک ڏيندڙ.
[3] قصائي = قصاب، ڪاسائي.

ڪيون اَول گهَران پنهنجي مرض هن جا ٽڙي مَڪڙا[1]،
تڏهن بس بند تي ويندا رَسائي[2] چيڙ[3] جا رَڳڙا،
پريندا چور ئي چٽيون ٻيا يُونگا[4] پرڻ وارا،
پيار ڦربا اُهي ڦورو ٻين ڪي جي ڦُرڻ وارا.

(14)

اسان جي سنڌ جي سرڪار جيسين خود سُتل رهندي،
رعايا پڻ نہ ڪجهہ دِل وجان سان رُتل[5] رهندي،
اِنهيءَ رشوت جي وڻ جي جڙ پڪي تيسين کُتَلَ رهندي،
سَڀِيءَ سان ئي وارَن جي چڱي چوٽي ڳِتَل وارا،
خدا جا خاص پوڄاري هجن گشتي گهمڻ وارا،
رُڪيءَ[6] تي جي اَڳي راضي، پَئِي پٽ تي سُمهڻ وارا.

(15)

اُنهيءَ ڪم جي مٿان قائم ٿيا ها جي اَڳي اَفسر،
اهي هِت هُت گهمي پنهنجا ويا ڪارا ڪري دفتر،
نہ ڪوئي تيل ڳڙ نڪتو نتيجو نيش[7] ۽ نِشتر[8]،

---

[1] مڪڙا = ماڪڙ، مڪڙ.
[2] رسائي = پهچ، پارت، سفارش.
[3] چيڙ = بيگر.
[4] يونگا = پُنگ، عيوضو.
[5] رتل = صاف ٿيل، وِرَ ڪيل
[6] رُڪي = ماني.
[7] نيش = سوئو.
[8] نشتر = چاقو.

هُيا ڪي خوش رَسائيءَ ۾ ته ڪن ڪي جو لڳا مَنتَر،
سَوَن جي خَرچَ جو رُپيو ٽِيا هڪ ٻِلَ پرڻ وارا،
اِهو ٻه حق بٽلر[1] جو، هجن شلَ خوش ڪٽڻ وارا.

(16)

چٽي سڀ آهه تپدارن مٽان پنهنجن پَراوَن جي،
سدا سُکيَنَ ستاٻَن جي عجب پڻ پيٽ ڏاوَنَ جي،
ڪنهن تن جي پيارن جي فقيرن يا ڪي ٻاوَن[2] جي،
ڪيون مطلب ته ڪهڙي هِتِ حقيقت تن جي ٽعاوَنَ جي،
ٻُڌايون حال دل جو پر ٻُڌن چو تا ٻُڌڻ وارا،
ڪيون ڪُوڪان وليڪن ڪَنُ ڏين چو ڪَنُ ڏيڻ وارا.

(17)

پُڇن داروُن[3] اُهي ئي تا پَوَن جي سوُرَ ۽ تَپَ ۾،
ڪُٺي ٿي شيءِ وجي سائي اڇي جنهين اُها ڪَپَ ۾،
ٻَڌن سي پاڻَ کي پٽيون لَٽل جن جو هُجي لَپَ ۾،
گتي[4] تن کي پئي ڪهڙي گتي جن جي نه ڪا گَپَ ۾،
اُنهن جي لاءِ اَٻلاکِي[5] ٻُڌن ٻَل جان ٻُڌڻ وارا،
ٻيا سڀ مَردَ موجُن ۾ نه ڪنهن ڪان پڇي پُڇڻ وارا.

---

[1] بٽلر = Butler بورچي.
[2] ٻاون = (ٻائي جو جمع) مندر جا رکوال، پروهت.
[3] دارون = دوا.
[4] گتي = ضرورت، محتاجي.
[5] اٻلاکي = خواهش ڪرڻ وارا، سڌون ڪندڙ، ويچارا، اٻرا.

(18)

ٻَڌِي هِمَتِ ڪڍي ويڇا[1] وَنون سوڪر[2] سچائيءَ ڪي،
رَهون سَرها سَوايا نِت مَٽي اُٺ ٽُڻ اَجائِيءَ ڪي،
ڇڏي هٿ ڪي نہ ڇڻيون هَڏِ اسين واري ڪَرائيءَ ڪي،
ڪري ڪوشش ڪيون بَس بَند لاپي[3] ۽ رسائيءَ ڪي،
ڏِسون ڪيئن تا رکو رَهڙن ڳِپلُ[4] سَٽيو ڳِڦَڻَ وارا،
اُنهن جي ڊاءَ دَٻَ ڪان ڪجهہ ڊيون نا هَڏِ ڊِڄڻ وارا.

(19)

ٻين جي لاءِ پنهنجي سِر ڪٽون ڇا ٻار بدنامي،
ڪروڙِي پاپَ جا پُتلا، اجايو جو سَڏِن عامي[5]،
سڏي ڪوئي ستائي ڇو، لَڪي توڙي لَهي خامِي،
پڇِي اُن سان ائين اَڇجي، وڃي جيئن خارَ ڪان ڪامي،
اچي ميدان ۾ هاڻي ٿِجو نا بس پڄڻ وارا،
اسان تي نا تہ ماڻهو مفت ٿيندا سي ڳَلَڻَ وارا.

---

[1] ويڇا = وڇوٽيون، اختلاف.
[2] سوڪر = حسين، وڻندڙ، اصل.
[3] لاپي = رشوت.
[4] ڳِپل = ڳراهہ، حصو.
[5] عامي = نام ڪنيو، پڙرو.

(20)

نہ پُورَت تي پگھارن مان ڏُکر ڏاڍي سبب ڪائي،
وٺي نا ڪِڙ سگھون صابڻ، منجھائي تي مَھانگائي،
سمجھي نا روڪَ ھِڪُ رپيو سدائين مرد مولائي،
اِھا وڌن اسان سان جا خدا ڪي تي وٽي جائي،
عجب آھي، اِضافا پِي جھَلي وينا جھلڻ وارا،
اُنھن جي رحم ڏي ھاٽي ڏسون تا سيِ ڏسڻ وارا.

(21)

ٿئي پُورَت نہ تِي ڪنھن جي ڳيو يا ڳچ پنڻ بدران،
رھي تو نا سگھي ڪوئي ٻئي جي ھَڙَ ٽَڪڻ بدران،
لڳو آ ڪَنگَ ڪي لُڙَ ۾ مزو چُرَ پُر ڪرڻ بدران،
نہ ٿِيندي بند رشوت ھَڏِ پگھارن جي وڌڻ بدران،
وڌن اول پگھارون پوءِ از خود بُکَ مرڻ وارا،
بَري[1] رشوت ڪنان ٿيندا جھجي ھوندي ھُجَڻَ وارا.

(22)

وڏي اميد آ ڪيئي اَڳين عادت مٽائيندا،
ڦوي آ شڪُ تان ڪيئي نہ پُنتي وک ھٽائيندا،
اڳِي ڪان پِي اُھي اڳرا وَسئون نا ڪُجھ گھٽائيندا،
وٽيندا[2] پاڻ ھڙ، ٻي ڪي وجي تِلُ تيچ وٽائيندا،
اُھي مُوذِي[3] خدا ڪي پِي نہ ٿيندا ھَڏِ مڃڻ وارا،
وليڪن جيل ناري[4] جي ھوا ھوندا جھَنِڻَ وارا.

---

[1] بري = آجا، آزاد.
[2] وٽيندا = فائدو ڪٽندا.
[3] موذي = ايذاءُ ڏيندڙ، جابر.
[4] ناري = نارا جيل حيدرآباد.

(23)

كئي سرڪار ڪوشش آهه رعيت خوش رکڻ خاطر،
وڏايا ڪارڪُنَ اَفسر پُڇي پَرگهُر ڪرڻ خاطر،
ڪري انصاف ڏوهيءَ کي سزا جوڳي ڏيڻ خاطر،
رعايا ۾ رَهي رَٽَ جا، اهو بي ڏَت[1] ڏُهڻ وارا،
قصائي تي نَڪر جيري جي لِءِ ٻڪري کُهڻ وارا.

(24)

عجب هڪ سيٺ صاحب جي اچي تي ياد آڪاٽي،
ڪڏي ڳچ ڪير مان، نوڪر وجهي ايندو هُيس پاٽي،
مٿان اُن جي سُپروئزر ڪيو مقرر چڱو جاٽي،
ملي ڪيو ٻنهي ٻيٽو، اُهائي ڪير کي گهاٽي[2]،
ڏهاڙي ڪير مان اڌ جي ٿيا گهوڙي هٽڻ وارا،
اڃا پي سيٺ تي الزام جو پاڳو ڌرڻ وارا.

(25)

سدائي سيٺ صاحب ڪيرُ تي پاٽي ٽُتو[3] چَکيو،
سبب ان ڳالهه جو ڳولهي اَڃا پي ڪين ڪي لکيو،
گهٽو ئي ڪَڪِ تي تن مٿان اَفسر ٽيون رَکيو،
اُهو پي تان ٻنهي جي ٻولَ سان ڀڳڻ وڃي ٻڪيو،
ملي سي پاڻ ۾ ٽيئي ٿيا ٽيٽون ڪيڻ وارا،
نجي هڪ پاءُ ۾ ٽي پاوَ پاٽيءَ جي وجهڻ وارا.

---

[1] ڏَت = وَڙ ٻول.
[2] گهاٽي = ويساهه گهاتي، نقصان.
[3] ٽتو = ڦڪو، بي سواد.

(26)

پڳهارون چٽڪ لهٽي ۾ وَڏن جو حَق تن رشوت،
ملي جي ڪجهہ تہ وَهہ واهہ نا تہ اُهڙي هو هَلن حرفت،
لَيي لِڪپَڙهہ نہ مُطلق يا صفا اِنڪار جي صُورت،
هَٽن سَرڪار ڪي هاجي[1]، ملي جي البتہ اُجرت،
جتي جنهن راڄ ۾ هُهڙا ٿيا نوڪر ملڻ وارا،
تِتي راجا رعايا جا سُتَت ليڪيا لهڻ وارا.

(27)

گهٽائي مرد بي رشوت اجا يي ملڪ ۾ آهن،
سچا سرڪار سان تهہ دل ڀلو پڻ عام جو چاهن،
مگر سي رشوتن اڳيان ڪنهين ڪم ڪار جا ناهن،
عجب جو، ديس جا دانهہ بہ تن تي لاوٽيون[2] لاهن،
سدا بي رشوتي شاعر سوين صدما سهڻ وارا،
مگر هي رشوتي سڀ سان رهائيءَ رس[3] پُڄڻ وارا.

(28)

بهر حالت پڳهارون پهرين سِٽ ۾ وڌڻ گهرجن،
اُنهيءَ ڪانپوءِ سيني رشوتن جا ڪَنَ چڪڻ گُهرجن،

---

[1] هاجي = نقصان، هاجو.
[2] لاوٽيون = الزام، بهتان (لاوٽيون لائڻ = الزام هڻڻ)
[3] رس = رسائي، رهائي رسائي.

خدا جا خاص پُوڄاريم متن چاري[1] رکڻ گهرجن،
اِهي اطلاع در در تي پڙهيَ[2] رستي پُڄڻ گهرجن،
لِکي ڪِتِ نا سگهندا هڏ لکوڙا سي لِکَڻَ وارا،
ملي سيکت اگر هڪ کي سَوين ٽيندا سِکڻَ وارا.

(29)

هَلن تا گشتَ[3] تي حاڪم ڪٽي هڪ بئگ ۾ بستر،
پٽيوالَن ۾ مُنشِنَ پڻ لَٽو جَڻ ڪي اباٽو گهر،
گُهرَن راشَن[4] رقم روڪڙ مڇي تو بس وڃي محشر،
ڪٽان آٽي ڪري پُورت نِماٽو ننڍڙو نوڪر،
ٻُکيءَ[5] سان جو رَکي ميڙي چِکيءَ هڪ سو چِکَڻَ وارا،
اچي مُنهن ۾ اڙي هڪڙو، سوين جن ڪي پِنَڻَ وارا.

(30)

پگهارون ڪين وڏيون تان عبث آ مات ۾ رهٽو،
پُڄندو ڪين ڪي ڪڏهين سَوَڙ پلئي سمهي پَوَٽو،
رکي اُپواس[6] ڪم ڪيبو، زبانون ڪين ڪي ڪُچٽو،
جوانن ڪي وڏو عرصو اجا آهي گذر ڪرٽو،

[1] چاري = چوڪيدار، نگهبان.
[2] پڙهي = اطلاع، دهل وڄائي اعلان ڪرڻ.
[3] گشت = جاچ پڙتال.
[4] راشن = Ration، خوراڪ.
[5] ٻڪي = ٻڪ.
[6] اپواس = لنگهڻ، فاقو.

اسين ٻُڍڙا تہ پينشِن[1] ۾ سُتَتِ آهيون وجڻ وارا،
گذاري خير سان پنهنجي بدي نيڪي نيڻ وارا.

(31)

پگهارون ٻي وڌي آيون اُهو ٻي ڏيڍَ جو ٽُولهو[2]،
گهڙائي ٽَٽَ ڏيان ٽُنهن کي ڪَيان يا زال جو ٻُولو،
هُئي خواهش تہ هالَن[3] جو وٺان جَنڊيءَ لَٽل جهولو،
تفاوت[4] جا پيا پِڙَ جي، وَٺي سي سڀ ويو مُولو[6]،
اسان ساڳي اڳي جهَڙا، هَٽي هٿ چَپَ چَٽَڻَ وارا،
سدا چِڏَ[7] چيرَ جي ويلي، پِني پوُرت ڪرڻ وارا.

(32)

ڪيون اميد تان ٿيندو وري ڪو داڊُ دانهُن جو،
نتيجو نيٺ جا ٿيندو اسان جي سرد آهُن جو،
نہ ڪوئي زور زَر جو آ نہ ڪو ٻَل[8] آهہ ٻانهُن جو،
خدا عطيو ڪري پنهنجي نوازش جي نِگاهُن جو،
وَگر نہ عُمر سورن ۾ رهنداسين ڪَٽَڻَ وارا.
سدائي حال پنهنجي جا پڙهي مَرثيہ پِٽَڻَ وارا.

---

[1] پينشن = Pension، ڪيل نوڪري ڪان پوءِ مقرر اجرت.
[2] ٽولهو = ٽڪر جو ماپو، جنهن ۾ هڪ ٽوئي ڪان، ڏيڍٽو يا ٻيٽو ان ماپي.
[3] هالن = هالا، حيدرآباد ضلعي جو شهر، هالا.
[4] تفاوت = پگهار ۾ واڌاري جي رقم.
[6] مولو = دڪاندار جو نالو.
[7] چڏ = اها سوڪڙي جا عزيزن ڏانهن موڪلجي. (چڏ چير جي ويلي = سوڪڙي پاڪڙي ڏيڻ وقت، گهر لاءِ لٽو ڪپڙو وٺڻ وقت.
[8] ٻل = طاقت.

(33)

پڙهي ”**مسرور**“ جو پُرزو عجب ڪي رنج ٿيندا ٻي،
وڃائي واٽ پنهنجي ڪي سُخن ساڙيل ڏيندا ٻي،
گهٽائي مرد مانجهِي پڻ وَنڻ رشوت ڇڏيندا ٻي،
ٻَڌي سي سندرو سچ جو اَڏيءَ تي سر ڌريندا ٻي،
أهي صاحبَ سچارا جي ٿيا هِن گُڻ ڳَتُڻَ وارا،
هِتي توڙي هُتي هوندا أهي مَڪتِي لَهَڻُ وارا.

(1- جنوري 1947 کان 5- جنوري 1947)

# مجازي معشوق

1. سَڙِي ڳَچ ڏينهن سُورَن ۾ ڪيم هيءَ پڪ پڪائي اَڄ،
هَلي هيڪر حبيبن سان ڪيان ٿو هيءَ ڳَهاٽي اَڄ،
ملڻ جا تي ڪَيءِ مون سان سدا وعدا سياڻي اَڄ،
ڪرين جي قرب ورنه دل صفائيءَ لءِ سڻائي اَڄ،
ڪيم هي حال تنهن سان مان هٽي در تي ڏراڻي اَڄ،
ته دِلبر ڪِين ڪر ديري سگهو ڏي هيءَ وَراڻي اَڄ.

2. سُڻي هي سَڏ چيائين چڙ وچان: "تنهنجو هِتي ڇا هي،
اجايو تون شريفن جي ڪمهلو در اچين ڪاهي،
وٺي رستو روانو ٿي ڇڏيانءِ ٿو نيڪ نه ته ناهي،
ورندي وٺ وڃي تن ڪان جنهين وٽ دل سندءِ آهي،
تماشو ٿو پسايان، تو سپاهيءَ کي سَڏي هاڻي،
گهڻي گڙٻڙ نه ڪر مون سان هلي وڃ جي ڇگو ڄاڻي."

3. ڇيمُ: "جي دَر اچن تنهنجي انهن سان تون ڪرين تعديون،
اِهو انڌير تو وٽ آ عجب تنهنجون هي اُستاديون،
لُٽيءِ دل جن سندي سي تان وڃن تو وَٽ ڳلا ڪاڏيون،
مگر راڻا رقيبن سان شُغل پنهنجا ڪرين شاديون،
ڪريان مان ڪيئن وڃان ڪاڏي ڏيو مون کي پلا ڪو ڏس."

گهٽن ڪوڊن[1] ڪتابن جو پڙهيل مان بي پڪو آهيان،
نہ آهيان ننيڙو ڪوئي حرفتي بي هڪو[2] آهيان،
ڏُتاري دل مِٺا اُول ڪرين ٿو پوءِ تون ماٺان،
ڪندس اتڪل وري اهڙي اچي پرچين پرين پاٺان."

8. **ڇپائين**: شوخ ٿي مُنهن ۾ وڏو ئي شور اُت پائي،
"سندءِ ڪوڊن ڪتابن جي نہ پروا مون ذرو آهي،
عقائد عشق جي اڳيان اُنهن جي حيثيت ڇاهي،
سجهي ٿو ڪونہ ڪو اهڙو اچي جو زور هِتِ لائي،
سڄي دُنيا وچان تون ئي مٿو پنهنجو کپائين ٿو،
ڪري ٻَڪ ٻَڪَ اسان جي تون طبيعت کي تپائين ٿو."

9. **ڇَيم**: ڪڪ ٿي: "مٺا آخر لکيل نوٽيس ڏينلو سانءِ،
وري معيادَ گذرڻ تي در تي مان اينلو سانءِ،
ڳچيءَ ۾ پاندُ پائي مان لکين جانا[3] پرينلو سانءِ،
ڪيءِ ڪو قرب وهہ واہ نا تہ دانهين يار ٿيندو سانءِ،
ڪري ڪورٽ ۾ دعويٰ مان چوندس جي ڦٽي ويو ٿم،
ڦري دِلڙي مِٺو مُوهن وري مُنهڙو مٽي ويو ٿم."

10. **ڇپائين**: "پل اچي بيلف[4] صَحي ان کي نہ ڏيندس مان،
حياتي پَر تہ منٿ ڪانہ تنهنجي هِڪَ مَڃيندس مان،

---

[1] ڪوڊرن (Coads) = قانون جا.
[2] هڪو = هڪ ئي.
[3] جانا پرڻ = نڪ گيسي ڪرڻ توبہ ڪرڻ زاري ڪرڻ.
[4] بيلف = Bailiff، سول ڪورٽ جو ملازم جيڪو ڏرين کي ڪورٽ جي سڏ کان آگاهہ ڪري. ڊڪري وغيره تعميل ڪري.

ويو بيلَف نہ موٽي جي تہ اٽڪل ٻي رٿيندس مان،
فِرنگي فوجَ نيٽن جي سپاهيءَ کي سَڏيندس مان،
جنهين جي رمز غمزي کان لکين تو لوڪُ ليلائي.
وٺي هٿ سان وڪيلن کي چِڏي تو دَرس دَگِ لائي“

11. ڇيَم: ”نوٽيس موٽي جي عَدم تَعميل[1] تي ايندو،
اُنهيءَ ۾ فائدو منهنجو وڏو ئي دلربا ٿيندو،
اکر انڪار تنهنجي جڏهن بيلف اچي ڏيندو،
تڏهن اخبار ۾ شايع اُهو نوٽيس تي ويندو،
پڙهي مضمون جو مطلب سڀي دنيا ڪندي عبرت،
تڏهن تون پاڻهي مون تي ڪندين سهٽا سڀڻ شفقت.“

12. ڇپائين: چڙ وچان: ”چريا چوڻ تنهنجو اجايو آ،
فقط نوٽيس تي ڪنهن بي ڪڏهن ڪو سِرُ نِوايو آ،
اِهو ٻي آزمائش لءِ گهٽن حيلو هلايو آ،
مگر ڪڏهين ڪنهين عاشق نہ اهڙو ڪم ڪمايو آ،
اجا آغاز آهي هي هٽن کان تو وجين نِڪتو،
بِدَلَ بُڪَ مان تہ پاڻيءَ جان وِٽين کان تو وجين نڪتو.“

13. ”عدالت ۾“، ڇيم: ”ڏِيندس سڀڻ اِظهار مان اهڙو،
ڏسندين رنگُ سو اَز خود مٺا جاني عجب جهڙو،
مگر منهنجي نہ دل ٿيندي ڪرڻ ڪو ڪم وري اهڙو،
کيان جي ڪجهہ تہ تنهنجو ٻي ٿئي پوءِ حال چءُ ڪهڙو،
وَٺي ڪورَٽءِ منجهان وارنٽ وجي ٿاٽي ڏيان جاني،
ڪري ساٿي پوليس، توکي نِيوُن جَجَ جي اگيان جاني.“

---

[1] عدم تعميل = وٺڻ کان انڪار ڪرڻ، نہ وٺڻ واري حالت ۾.

14. **ڇپائين**: ”روبرو جَجَ جي پَريا[1] تنهنجا ڪندس پَترا،
هلندس حاضريءَ تي مان ٻتي جئن سِرَ متي سَهرا،
تہ ڪورٽ جا ڪلارڪ سڀ پيو جو جج ڇوين بنُرا[2]،
پلڪ ۾ سي ڪندس پنهنجا ڪري ات ناز ۽ نَخرا،
ڪندءِ دفتر جي داخِل سا سندءِ دعويٰ غلط ڄاڻي،
اُنهيءَ مان هٿ نہ ڪجهہ ايندءِ اجايو پاڻ تو تاڻي.“

15. **ڇيم**: ”اي دلربا دلبر اڳيان انصاف وارا هِن،
ملازم مرد سرڪاري اهي صاحب سچارا هِن،
سندءِ سي ناز نخري جي نمائش کان نِيارا هِن،
عجب جن ساڻ بهبودي ٿيا سهٽا سُتارا هِن،
ڪنداسي داد دلبر پِي سُٽي دل جون سنڌم دانهون،
حوالي اُت ڪندءِ منهنجي، هلي ويندءِ سيئي واهون.“

16. **ڇپائين**: ”او ڇريا جنهن دم اسين ڪاڏي نِهاريون ٿا،
هزارين سلت دِلين جا لکين مَهميرَ ماريون ٿا،
وليڪن برهہَ جي برڇي اسين جنهن سِرَ اُلاريون ٿا،
سراسر عقل جا وَرقا[3] تنهين کان بَسَ وساريون ٿا،
اسان جي نوڪَ نيڻن کان وري جيڪو ڇُٽيل هوندو،
قيامت ڏينهن تائين بِي سَدا دل ڦٽيل هوندو.“

---

[1] پريا = عيب.
[2] بنرا = گهوٽ، لاڏا.
[3] ورقا = (جمع) ورق.

17. **ڇيم**: "اُهڙي پَڪائي بي سِڪي ڪنهن ڪان سياڻا تو،
عجب پنهنجي طبيعت ۾ رکائين راز راڻا تو،
سموري رازَ پنهنجي ڪان ڪرين واقف بہ پاڻان تو،
اِنهن ڳالهين منجهان توکي پرين پنهنجو نہ ڄاڻان تو،
حياتي پَر هينئر تُنهنجي نہ دامن کي ڇڏيندس مان،
پري سَڱڪا پيو ساجَن سدا توکي سڏيندس مان."

18. **ڇيائين**: "بس فقط هڪڙي ئي دڙڪي ساڻ دل لوڙهيءِ،
ملڻ لءِ وس وڏا پنهنجا ڪُري واٽون پئي ووڙيءِ،
اسان جي ريجهہَ لءِ روئي چڱائي شعر پئي جوڙيءِ،
سُٺائي سي اسان جي دل طرف پنهنجي، پئي موڙيءِ،
ڇڏي ڇڪاڻ کي اڳتي نہ ڪج بڪواس حيوانہ،
اسان کي ٻي مَجُيءِ هاٽي، ميان "**مسرور**" مَردانہ."

# انڌيرنامو

گرگ[1] مير[2] و سَگ[3] وزيرو مُوش[4] دِيوان[5] مِيشود[6]،
زاغ[7] ضابط[8] خرَ[9] تَنابع[10] مُلڪ وِيرانَ مِيشود

1. وا[11] دريغا[12] وَقت ويو- اڄ اي ادا اشراف جو،
لُچُ لفنگو ڏِس ٿيو- نالو صفا اشراف جو،
ڏِس تہ اڄ بد راهزن- پٽتو قَبا اشراف جو،
چشم نم اَنڌير اهڙي ڪان سدا اشراف جو،

گرگ مير و سگا وزيرو مُوش دِيوان مِيشود،
زاغ ضَابِط خر تَنابع مُلڪ وِيران مِيشود

---

[1] گرگ = بگهڙ.
[2] مير = امير.
[3] سگ = ڪتو.
[4] موش = ڪوئو.
[5] ديوان = آفيسر، ڪامورا.
[6] ميشود = ٿيندو، ٿي ويندو.
[7] زاغ = ڪانءُ
[8] ضابط = انتظاميہ
[9] خر = گڏھ.
[10] تنابع = رعيت
[11] وا = هاءِ.
[12] دريغا = افسوس.

2 هي تہ قدرت جو عجب ڪو قاعدو بيٺو ٻٽي،
صَدق دل جي سان ڪَري جو نياز ۾ نوڙت ڪٽي،
ٽُڪَ ٻُجو ڦِٽڪار تنهن تي تِيئن ڪَري هرڪو گهٽي،
جو رَکي ٿو ٽِنڊ ٿون ڦون سا رَوش سيني وٽي،

گرگ مير و سگا وزيرو مُوش دِيوان مِيشود،
زاغ ضَابِط خَر ٺَنابع مُلڪ وِيران مِيشود.

3. هو هُجي اَڄ خوش خوراڪِي ۾ ادا ڪو خوش لَٽي،
هَيلو مِسٽر ويلڪُم ڪيو جاءِ ڏِين ڪُرسيءَ مَٿي،
ليڪَ ويچارو وسوڙيَل، پاڻَرن ۾ چَپ چَٽي،
سَچ سعادت جو سَمو[1] ويو گوءِ گربہ[2] تِي ڪٽي،

گرگ مير و سگا وزيرو مُوش دِيوان مِيشود،
زاغ ضَابِط خَر ٺَنابع مُلڪ وِيران مِيشود.

4. ڏِس ڪَبِر ڪُرسيءَ تي ويهي ڪَنگَ سان ڦهڦه ڪري،
مور مينا ملڪِ ۾ سڀ سر پيرين بيٺا ٿري،
هاءِ هَئي هَئي رنگ ڏِسِي ٿو سوز ۾ سينو ٻَري،
موج ۾ اڄ آ مَلالو[3] گرگ مير و سگا وزيرو مُوش دِيوان مِيشود،
زاغ ضَابِط خَر ٺَنابع مُلڪ وِيران مِيشود
رِيءَ نہ جنهن جِي ٿي سَري،

گرگ مير و سگا وزيرو مُوش دِيوان مِيشود،
زاغ ضَابِط خَر ٺَنابع مُلڪ وِيران مِيشود.

---

[1] سمو = وقت، دور.
[2] گربہ = ٻلي.
[3] ملالو = مال مڏيءَ وارو.

6. اڄ چُغلخورَنَ ۽ دغا بازن سندي چالي چَلي،
ڳالھ ھڪڙي جي ٻئي کي جو وَجي ساري سَلي،
تِي صِفَتَ ھَر جاءِ تنھن جي جَڳُ چوي آھي ڀَلي،
پر نماڻو سَچ سڀاجھو جا ٻجا جُتِ قِٽ جھَلي،

گرگ مير و سگا وزيرو مُوش ڍِيوان مِيشود،
زاغ ضَابِط خَر تَابع مُلڪ وِيران مِيشود

7. ھِي سمو سچ جو نہ آھي ماٺِ ڪر ”مَسرُور“ ھاڻِ،
توڙِ تون پنھنجي نيائج، اڳلو جاڻي پنھنجو پاڻ،
ھٿ ٻڌي ھَر ڪنھن جي اڳيان تون گذارج نياز ساڻ،
جيئن مطالع مان ڪتابن جي پروڙيم ھي اھڃاڻ،

گرگ مير و سگا وزيرو مُوش ڍِيوان مِيشود،
زاغ ضَابِط خَر تَابع مُلڪ وِيران مِيشود

# حسنِ اَزَل

حمد
مولود
نعت
مناقبا
مداحون
مرثيا
مثنويون
ساراهون
سنيهو
پيشنگوئي

ڳٽي ڳٽيان مـــان کيترا، لک آگـــي جا احسان،
"**بدويءَ**"سان پلايون تيڙيون، گوندر ويا تہ گمان.
**فقير مسرور**

## حمد

تلھ: اسان کي سڏي واڻ ڏيڪار مولا،
ڏُعا ھي گھران خاص ھر بار مولا.

1. جنھين ڏُکَ مٿي ٿي رھي ٻاجھ تنھنجي،
انهي راھ واڳون سنڌم وار مولا.

2. نہ تو ريءَ ڪو آھي مددگار منھنجو،
مٿان سر جي آئي بلا ٽار مولا.

3. گناھن جي ٻاري، پريل پوجھ سببان،
ٻڏڻ تي آ ٻيڙو، سگھو تار مولا.

4. سٽائو تہ ڪو واءُ گھولي ڪرم جو،
ڪڍي تار تک مان ڪرين پار مولا.

5. سوا تنھنجي ڪونھي، وسيلو پيو ڪو،
سدا لطف تنھنجو آ ڏرڪار مولا.

6. تون خالق تون رازق، تون مالڪ حقيقي،
سچي آھ تنھنجي تہ سرڪار مولا.

7. نماڻو نٽر آءٌ "مسرور" نالي،
ڪريان عرض ٿو ھي، رڙي زار مولا.

(شھدادڪوٽ 9- فيبروري 1943ع)

## حمد

ٽلهہ: خداوند غفار ستار آهي،
سِوا اُن جي ڪوئي نہ ڪو يار آهي.

1. جڳت جا جدا سڀ ولها هن وسيلا،
خدا هڪڙو ڪافي مددگار آهي.

2. خدا رِيءَ زماني ۾ ظاهِر معاون،
اگر ڪوئِي آهي تہ لاچار آهي.

3. ڏئِي ڏيهہ ڪي جو وري نا پَچاري،
ڏٺي پاڪُ اهڙو تہ ڏاتار آهي.

4. لهي سار صاحب سڀاجهو سين جو،
مٿان رات ڏينهان نِگهَدار آهي.

5. سڀي جڳ جو مسجود معبود هڪڙو،
عبادت ثنا جو سزاوار آهي.

6. اُنهيءَ ڪان سوا سچ ٻئي تان ڪنهين ڪي،
ڪري گرِ ڪو سجدو، گنهگار آهي.

7. اڏينن اٻوجهن ۽ اَڙِيَنَ سَندو،
اُجهو آسِرو اوٽ آڌار آهي.

8. هلي حڪم اُن جي سان چَرخو جَڳَتِ جو،
ڏِهاڙي قِيامَتَ جو مُختار آهي.

9. اِها واٽ "مسرُور" مولا وَنائي،
جنهين تي سندس راز ٻروار آهي.

(13- نومبر 1925ع)

# حمد

تلهه: الاهي ڪر ڪرم مو تي، مُحَـمَّد مُصطفيٰ ڪارڻ،
ڏيو ڪو بخش جو بهرو، شهيد ڪربلا ڪارڻ.

1. زماني جي مصيبت ۾، تيس ڏاڍو اچي عاجز،
ڪيو آسان، هي مشڪل، عَلِي مُشڪل ڪُشا ڪارڻ.

2. ڏکن ڏاڍو ڏکايو آ، سڙي ٿو سوز مان سينو،
ڪيو دک دور منهنجو سڀ سخي ڪاظم رضا ڪارڻ.

3. هوا ۾ حِرصَ ۾ ڏاڍو، ٿِيس بدڪار ۾ بُڇڙو،
ڪيو ڪا مِهرَ ٻاجهارا، نَبِي نوُرالهُديٰ ڪارڻ.

4. نظر"**مسرورؔ**" تي مولا، ڪيو ڪا مِهرَ پنهنجي جِي،
ڇڏايو تنگ دَستيءَ ڪان، سَخِي زَينُلعَبا ڪارڻ.

## حمد

ٿلهه: گوندر غمن ۾ آهيان، گرفتار يا الله،
مون تان مٿيون ٿي دُور ڪر، آزار ڪا لاجَ.

1. صدقي رَسوُل عَرَبي، منهنجي رکو ڪا لاجَ،
تون پَردهه پوشُ عالم، ستار يا الله.

2. معلوم تِي حقيقت، هن حال جي سڀي،
ڪيهو ڪريان زباني، اِظهار يا الله.

3. گنج مان گوهَر ڪٿي، آقا ڪيو عطا،
مُفلس غريب آهيان نادار الله.

4. ڏونگر ڏکن جو ڪَڙڪي، سر تي اچي پيو،
هَئي هَئي هٽي ڳٽين ڪيو بيمار يا الله.

5. اي فضل عظيم، فضل ڪر والي وراءِ وارو،
گردش مون زماني جي، ڪيو لاچار يا الله.

6. "مسرور" تي مهَرَ جي مولا ڪا نظر ڪر،
بيچارو بندو آ تنهنجو بدڪار يا الله.

# مولود

تلھ: ٽيڙو امان امان ڇايو ميرُ مَڪي جو عربي،

1. ڪنگا قصرا[1] ڪوٽ جا، ڪِريا منجھ ميدان،
اڳڪتيءَ جو اثر ڏسي، هي ڪنبي ويا ڪُفران.

2. آتش[2] ڪده جي آگ اُجھاڻي، مٽيا نِمُرودي[3] نِشان،
هيبتَ مَنجھ هَجِي ويا، نبريل[4] سي نادانَ.

3. بُت پَجِي پورا ٿيا، ٽٽا سَحر[5] سندا سامانَ،
ڄائي ڄام مُحَمَّد جي، اَظهر ٿيا عُنوان.

4. ڇايو سائين خير خوشيءَ جو، شقي ٿيا شيطانَ،
ڪُهِي ويا سَڀ ڪافَ ڏي، ڇڏي ماڳ مڪانَ.

5. ڳائِن سهرا ڄامَ ڄمڻ جا، حورون ۽ غلمانَ،
مَلڪَن مڙني عيد ملهائي، شوقون ڪن شُڪرانَ.

6. ڳٽي ڳٽيان مان ڪيترا، لَکَ آگي جا اَحسانَ،
”بدويءَ“ ساڻ پلا[6] ٽيڙيُون گوندرَ ويا تہ گمانَ.

(14- فيبروري 1942ع)

---

[1] قصرا = عاليشان محل، ايران جي شهنشاھ جا ڪوٽ.
[2] آتشڪده = باھ جي پوڄارين جي عبادتگاھ.
[3] نمرودي = نمرود جا (نمرود= جنهن حضرت ابراهيم عليه السلام کي باھ ۾ اُڇلايو هو).
[4] نبريل = انتها پسند، خاتمو چاهيندڙ.
[5] سحر = جادو.
[6] بدوي = فقير سائين غلام علي، مسرور بدوي.

# مولود

تلهہ: آرياڻي اڳواڻ ڪندو ماڻ مُحَمَّد مَدَني.

1. سنئون لڳو آ سيني ۾ ڪو ٻاروچل جو ٻاڻ[1]،
سسئي وانگي سڏ ڪيان ٿِي سَڏي ڏيندو شل من ڏاڻ[2]،

2. اَنڊ[3] ولهوٽ اَندر ۾ جيئن جو ماٽِي[4] مَنجهہ مَنداڻ[5]،
چوليون ڏي ٿو چوهہ منجهان هِي محبت جو مهراڻ.

3. پُهچان ڪهڙي ريت مديني سَمَر نہ ڪو ٿر ساڻ،
شالَ پسائي سِگهڙو سَيّد پرتئون پنهنجو پاڻُ.

4. ڪندو نوازش نوريءَ تي بي ڄامو سَمي جو ڄاڻُ[6]،
ڪِڪيءَ منجهان گستوري ٿيندي، ٿيندو وَسنو وَٽاڻ.

5. ڪري هِتِ ڪروڙِي وينس مومل وارو ماڻ[7]،
شالَ ڍِڪيندو ڍولُ ڍِٽايون[8] راڻو سُرتِ سُڄاڻ.

6. "بدوي" بلڪل غم نہ ڪر ڪو خوش خرم ٿي هاڻ،
هوت اَچڻ وارو آ هِتڙي سانجهيءَ سَنجهہِ[9] سياڻ.

---

[1] ٻاڻ = تير، ڪان.
[2] ڏاڻ = دان، بخشيش، عطيو.
[3] انڊو لهوٽ = وڳوڙ، مونجهارو.
[4] ماٽي = چاڏو وڏو مٽ، ڏڌ وِلوڙڻ جو ماٽو.
[5] منداڻ = مانڌاڻي.
[6] ڄاڻ = سگهو، جلدي.
[7] ڍِٽايون = ڪچايون، ڪمزوريون.
[8] ماڻ = ماڻو، نخرو، ناز.
[9] سنجهہ = سوير، ساجهر.

# مولود

تلهه: ميرَ مُحَـمَّد ڄامَ تنهنجي آهيان سامَ،
سارَ سگهو لهُه سامَ پَئي ڄِي، ميرَ مُحَـمَّد ڄامَ.

1. عمر سموري ڪيم اجايا ڪاڄَ خودي جا خامَ،
صبُح ويلي ڪين سنياليم، متان اَچي تِي شامَ.

2. قابو ڪُڙيو وجهي وَڪوڙي، ڏُوتي[1] هنيا دامَ،
تون ڇڏائين تان تہ ڇُٽن، هِي لوها بَندَ لَغامَ.

3. توسان خوش تي واحِد ويهي وڏا ڪيا اَنجامَ،
عجب عطائون اوهان متانهون آڳي جا اِنعامَ.

4. نَفسي[2] چوندا نَبي سييئي، مِڙندا جِتِ حَشامَ[3]،
توريءَ شاهَ شفاعت جي اُتِ هُٽندو نا ڪو هامَ.

5. ڪَلمو پاڪُ پڙهي جي عاصي، لائِقُ لڳڙا لامَ،
پَرتوَ تان سَيّدا، پاڄِي[4] سڀ پينامَ[5].

6. "بَدوي" هِنَ بدڪارَ ڄِي ڪج واهُرَ وير وَريامَ[6]،
سَهسين توتي هُجن صَلواتون دُعا دُرودَ سَلامَ.

---

[1] ڏوتي = ٺڳ، دغاباز.
[2] نفسي = پنهنجي، ذات جي، مدد لاءِ پڪارڻ.
[3] حشام = انبوهه.
[4] پاڄي = ٻي پهچ، خدمتگار.
[5] پينام = سوالي، منگتو.
[6] ورياهه = سورهيه، غازي.

# مولود

ٿلهه: اُڌر ڪانگا مَديني ڏي نِياپو ني خدا ڪارڻ،
پُڄائج پيش پِريَن جي سَندُم خطُ هِي خدا ڪارڻ.

1. ادب سان سِر اڳيان ڌاري، سَندم هي حال ڏِج ساري،
وَرَڻَ جو واعدو واري اَچي ڪو ڏي خدا ڪارڻ.

2. اَٿائِي لَنو سڄڻ لائِي لِڳي لوري لِڃان جائِي،
وَري سِگهڙ وَرَڻَ وائِي ڳَندا شلَ سي خدا ڪارڻ.

3. هِتان وَڃ هاڻ وَهلوئي زباني عرض ڪج روئِي،
پَوي مَنَ ٿَرسُ تِلُ[1] ڪوئِي عَجيبن کي خدا ڪارڻ.

4. سَدا "مَسرُورُ" تو ساري هزارين ڳِلِ ڳوڙها ڳاري،
ڪڏهن ايندا مُون اوتاري دِلاسو ٿي خدا ڪارڻ.

---

[1] تل = تر، ذرو، ٿورو.

# مولود

تلهہ: ميرَ مِٺا مُرسل توکي هان پَرتل،
دانهن سُٺي دلگير جي رَسُ ميرَ مِٺا مُرسَل.

1. وقت وڃايو ويسَر ۾ ويهي کري وَل چَل[1]،
کيا گُناهہ گهٽائي مون جهلس نہ کنهن جي جهل.

2. هائي هٽان تو هَتڙا مان سائين سانجهيءَ مَهَل،
باقي گذرن خير سان آهِن جي دَمَ پَل.

3. نَفس نَجس جي دامَ ۾ ڪانہ پئي مُون ڪَل،
هاڻ گهرجي هاشِمِي[2] هوتَ سندءِ هَل پَل[3].

4. آسروندي آهيان ڪاهي رَسُ ڪَرهَل[4]،
ڪيچ ڏٺي ڪا توريءَ ڪنهن کي پَوي ڪانہ ڪَهَل.

5. سائين ڇڏجو ڪين ڇَپر ۾ پنهنجا پيچ لَڳل،
پَرتَوَ اُمت اَحَمَدا، آرياڻي اَڪمَل.

6. "بَدوي" هنَ بدڪار تي ڪيو ٻاجهہ نَبي نِرمَل،
حَشرَ ڏينهن حسابَ جي، ٽُرندا جِتِ عَمَل.

(14- فيبروري 1942ع)

---

[1] ول چل = موج مزا، اٽڪل بازيون.
[2] هاشمي = جناب پيغمبر اسلام ﷺ جن.
[3] هل پل = مدد، سفارش.
[4] ڪرهل = اُٺ.

## نعت

تلهہ: سَروَرَ سَچا سُونهارا ڪاملَ سَچَڻ ڪوهيارا،
نالي خدا موچارا جلوو پَساءِ چِيارا.

1. بيحد ڪيم بُڇايون ساجَن نہ تيون سُڻايون،
مُعاف ڪر مَندايون پَرورَ پرين پيارا.

2. ڪيم ڪچايون سَروَرَ، بيشڪ آهيان مان بَڇڙ،
ڪَر مِهَرَ مون تي اَنور، عاصين سندا اَڌارا.

3. آرزو اوهان جي، آهي گهڻي مِلڻ جي،
هيڪَر مِنا اَچين جي نُوري پَسانَ نظارا.

4. هڏِ نہ مون هَڻان ئي، تيا ڪي ثواب سائين،
ڪيم گَنهہ گهڻائي پنهنجو پال ڪر پلارا.

5. ڏاتر جي لَڳِ ڏيکارج جلوو جانِي پَسائج،
"مَسرُورَ" کي گهُرائج مَدِيني نيئِي خدارا.

## نعت

تلهه: راحمِ رَزاق عالم، قادِرِ ڪَريمُ آهي.

1. حرمت نبي سچي جي، سڀ پار پوندا عاصِي،
آسان ڪندو اَسهَل[1]، اهڙو رَحِيمُ آهي.

2. پيدا ڪيو پيغمبرُ، عاصين سندي سو آڌارُ،
وهه شان تنهن شفيع[2] جو، اعليٰ عظيم آهي.

3. بيحد سندس پلايون، آهِن ڳڻڻ کان ٻاهر،
هر درد ۽ مرض جو، هادِي حَڪِيمُ آهي.

4. ”مَسرُورَ“ آ گناهِي، ڪو پال ڪج پلارا،
هَئي هاءِ هال مولا، سَندِم سَقِيمُ[3] آهي.

---

[1] اسهل = سهنجو.
[2] شفيع = شفاعت ڪرڻ وارو.
[3] سقيم = هيڻو.

## نعت

ٿلهه: حُسن تنهنجي جي ثنا هيءَ آهي عَربُستانَ ۾،
گِتَ گَنيو گاڻِن گُلن تي بُلبلون بُستانَ ۾.

1. سنڌ توڙي هِند ۾ آ هر ڪنهن واتَ ۾،
ڪَن پَڇَر پورَب پَڇَم بصره بَلغَ بَلقانَ ۾.

2. چو طرف چا هيتَ مَتَ تي تنهنجي آئي ٿِي وئي،
بَحر بَر باغين بَهارِي رُجَ ريگستانَ ۾.

3. حُسن تنهنجي جي مُقابِل حُسن يوسف هيچ شُد[1]،
خُلق بِي اهڙو وري جَو نانِهه ڪنهن اِنسانَ ۾.

4. تُرڪَ تَبريزِي ٿيا هِن خُلق تنهنجي جي خَريد،
زير اَحسان زابِلي ڪَشمِير ۽ ڪاشان ۾.

5. خُوب خُلقي خلق ڪان خالِقَ سندءِ خوش خوءِ عجب،
هيءَ پَڇَرَ پَرپُٺَ سُٺِي عاشِقَ اَيا اِيران.

6. قُرب تنهنجي جا ڪُنَلَ قَنڌار ڪابُلَ ۾ ٿيا،
بِرهه جا بَندا بُخارا ڪيچَ ۽ مڪرانَ ۾.

---

[1] هيچ شد = گهٽ آهي.

7. چينُ آ بيچين توريءَ مصر کي دَرماندگي،
کي رَڙي راهون سدا وينا ٿڪِن ٿهرانَ ۾.

8. فيضَ تنهنجي جا فَراوان لُطف لائق سَر بَسَر،
نِيرَ نيڻَن مان وهائي يادِ ڪَنِ يُونانَ ۾.

9. نينهن تنهنجي ۾ نَفِي نيهي ٿيا نابود گر،
جوش جذبي ۽ جلالَت کان پيا جولانَ ۾.

10. اِنس ديوَ ۽ جِنَ بي تابع مَلَڪَ تُنهنجا ٿيا،
حُور وَحشي پُڻ پَرِندا سڀ سندءِ فَرمان ۾.

11. وَضُحيٰ[1] وَالليل ۽ يٰسين[2] سڀ تنهنجي ثَنا،
پَڻ لَقَب لولاڪ جو آيو اوهان جي شانَ ۾.

12. آهي هي "مَسرُورَ" عاجز ڇا لِکي سارَهَ سگهي،
تو سندي سائين صِفَتَ قادِرَ ڪئي قرآنَ ۾.

---

[1] وضحيٰ واليل = مٿي آيل ڏينهن جو قسم آهي ۽ رات جو قسم آهي. (قرآن پاڪ، پاره عَم سورة الضحيٰ).
[2] يٰسين = اي پيغمبر، قرآن پاڪ، سورة يٰس)

## نعت

تلهه: مُحَـمّد مُصطفيٰ صَلِ اَللهُ جي ڇا ثنا ڪريان،
زبان قاصر قلم عاجز، اگهو[1] مان ڪيئن ادا ڪريان.

1. ونڃڻ نالو وضوءَ هوندي بہ پانيان ٿو تہ بي ادبي،
مَلي گرِ مُشڪ سان پي دَهن[2] سؤُ پيرا صفا ڪريان.

2. هُوَالاَول[3] هُوَالآخِر، هُوَالظاهِر، هُوَالباطِن،
پڙهِي صلواة هِي ڪلمو، ادب سان ابتدا ڪريان.

3. چوان ڪجهہ شان ۾ تان ڪجهہ ٿئي ٿو ڏر شريعت جو،
رهان جي ماٺِ ۾ ليڪن تڏهن پي ٿو خطا ڪريان.

4. شريعت ۾ اگر بندو، حقيقت ۾ تہ حَقُ آهي،
خبر هِيءَ خُشڪ مُلاَن کي ڪري، تو ڪُجهہ خَفا ڪريان.

5. عجائب اِسمَ اَحمَدِ ۾ ڳجهِي آ ميمَ جي مَعنيٰ،
لڳي بس چوطرف چَرچو، اِهو جي ڳجهُہ تہ واڪريان[4].

6. نہ مَٺ ياقوت مَرواِريد يا لَعل و جَواهِر ٿئي،
دُرِ دَندان دِلبر جِي پلي جي پيٺ ڪا ڪريان.

---

[1] اگهو = ڪمزور، بيمار.
[2] دهن = زبان.
[3] هوالأوَلُ هوَ الاخِرُ هُو الظاهُر هو الباطُن وَهُوَ بڪُل شِيءِ عليمُ= اهو سڀ کان پهريون سڀ کان پويون ۽ پڌرو ۽ ڳجهو آهي ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءَ کي ڄاڻندڙ آهي (قرآن پاڪ- الحديد 2)
[4] واڪريان = کولي ظاهر ڪريان.

7. نہ هَمسر حُسن حضرت جي ٿئي حور و مَلَڪ توڙي،
هزارين حُسن وارا بي اگر يڪجا ڪٺا ڪريان.

8. عجب انداز جي نَقدي، ڪٿي ڄاڻان نہ ڪجھ قيمت،
گهٽو جيڪي ڇوان گهَٽِ آ، پُليل هان، جا بَها ڪريان.

9. زمين ڪاغذ قلم اوپڙ[1] سياهِي سڀ ٿِين دَريا،
عَبَث آ تہ بہ لِکي تعريف جي، جو اِنتها ڪريان.

10. امانت عشق عربيءَ جي مَٽايان ڪين ناٽي تي،
دو عالم ڪو اگر بَخشي نہ بلڪل تہ بہ مَٽا ڪريان.

11. مٺو نالو مُحَمَّد جو، جِيئان "مَسرُورُ" دَمُ جيسين،
اِهو وردِ زبان پنهنجو سدا صبح و مَسا ڪريان.

ٺٽو مشاعرو
(17- فيبروري 1945ع)

[1] اوپڙ = وڻ ٽڻ، گاهہ ٻوٽا.

# مناقبو

ٿلهه: صاحب جُود و سَخا ۽ اَبر رَحمت پنجتن[1]،
معدَنِ مِهر و ڪَرم، گنجِ عِنايَتَ پنجتن.

1. خاص هي خلق خدا مان پاڪ سڀ ڪنهن عيب کان،
مالڪ ملڪ خدا، والِي ولايت پنجتن.

2. تن کي حاصل آ خدا جو راضپو هر حال ۾،
حق ڀي بخشي ٿنهين، جنهن جي شفاعت پنجتن.

3. سڀ هدايت جا ڏٽي، هِنَ پُشت مان ٻارَنهن اِمامَ،
واجبي جن جو ٿيو، وِرثو اِمامَتَ پنجتن.

4. صَد زبان جي ڏهن ڏاري تہ بہ نا ٿئي پوري ثنا،
آهہ بس بَرتر بيان کان هيءَ حِڪايت پنجتن.

5. غم نہ ڪر "مَسرُورَ" ڪوئي، تون قيامت جو ڪڏهن،
عاصِيُن جِي حَشر ۾ آهي حِمايت پنجتن.

[1] پنج تن = پنج متبرڪ هستيون، حضور پاڪ عليه صلوات وسلام- حضرت علي ڪرم الله وجهُ، حضرت فاطمه رضي الله عنه- حضرت حسن رضي الله عنه ۽ حضرت حسين رضي الله عنه.

# مناقبو

تلهہ: هَردَمَ زبان تي تنهنجو آهي نامَ ياعَليؒ،
مُشڪلڪشا شيرِخدا گلفامُ ياعَليؒ.

1. ساقيءِ ڪوثَر[1] تون آهين اِمامُ ياعَليؒ،
بَهرِ خُدا پَري ڏيو هِڪُ جامُ ياعَليؒ.

2. هَرجاءِ نَعرو تنهنجو آهي عامَ ياعَليؒ،
سَايي تنهنجي سان وڏيو اِسلامَ ياعَليؒ.

3. ذوقُ زيارَتَ جو اَتمَ مَدامُ ياعَليؒ،
هاريان هَنجون هِجرَ ۾ صُبح شامُ ياعَليؒ.

4. حاجَتون[2] منهنجون ڪيو اَتمامُ[3] ياعَليؒ.
منهنجي اندر کي بخشيو آرامُ ياعَليؒ.

5. "مَسرُورُ" سَگ[4] سندءِ آ غلامُ ياعَليؒ،
اَز خُدا تنهن عِشق ڏِيو اِنعامُ ياعَليؒ.

---

[1] ڪوثر = جنت جي هڪ نهر جو نالو (ساقيءِ ڪوثر = سخاوت جو صاحب)
[2] حاجتون = ضرورتون.
[3] اتمام = پورو، تمام.
[4] سگ = ڪُتو.

# مداح

تلهہ: منا مَحبُوبَ سُبحانِي، سَچا سادات صَمداني[1]،
ڪَيو واهُرَ مُريدانِي، مَحيَ الدِن جِيلاني.

1. سَچو سَد تون سوپارو، اگهاڙن کي ڏِکڻ وارو،
اوهان جو عرش تي نعرو، سُڻي سو ڏيهہ تيو ڏاني[2].

2. پيارو پاڪ پَروَر جو، جِگر گوشہ پيغمبر جو،
دُلارو شاهِ حيدَر جو، تون آهين نُور نُوراني.

3. نبيءَ جو نُور نُوراني، حَسن جو لاڏلو جاني،
حُسيني نُور پنهانِي[3]، تون آهين قطب رَبّانِي.

4. رَسي هِن ويل بغدادي، ڪيو عاصيءَ سان اِمدادي،
اوهان جي در تي فريادي، پيو هان دَر پريشانِي.

5. ڪيو ڪائي قربداري، پَسايو ڏيهہَ جي ڏِياري،
بَڌي بانهون ڪريان زاري، مَٽايو مُونجهہَ حيرانِي.

6. بُڏي بيڙي ڪَنڌيءَ آندِي، چڙايو باندَ مان باندِي،
مَران مان سِنڌ ۾ ماندِي، ڪيو مشڪل جي آسانِي.

---

[1] صمداني = بي نياز، وڏائيءَ وارو.
[2] ڏاني = ڏن پريندڙ.
[3] پنهاني = لڪل.

7. ڏمر ڏاتار لڳِ لاهي اچي، مشڪل ۾ رَسُ ڪاهي،
تئي اڪِ ڇنيَ ۾ ڇا هي، ورَي جو خير خيرانِي.

8. مُئل زنده ڪَيَوَ ڪيئي، نہ طاقت ٻي ڪنهين ايهي،
متي تي مِيرَ تنهنجي ئي، سونهين ٿو تاج سلطانِي.

9. مٿان هَر اوليا سَبقَتَ[1]، اوهان جي اي اَبر رَحمتَ،
مَجي جِن و مَلَڪ بيعَتَ[2]، ڪَرن ٿا در جي دربانِي.

10. گدا "**مسرور**" آ در جو، سڏائي سَگ، تون سَروَر جو،
پِياري جام ڪوثر جو، ڪيو مرشِدَ مَهرباني.

---

[1] سبقت = فوقيت، شرف، فضيلت.
[2] بيعت = مريدي، شاگردي.

# مداح

## (مرشد راهه طريقت شهنشاهه بيدلؒ)

تلهه: دائِم قائِم قرب قَرارو، ڪعبه قبله گاهُه،
هادِي بيدل شهنشاهُه.

1. روهڙيءَ فرش وڇائي گادِي، موڙ ٻَڌِي سِرِ وينو هادِي،
تِي وئي مُلڪان مُلڪ منادِي، واهِه وَجههُ الله.

2. آدم شيثُ اَيوبُ اهو ئي، يَحيٰ نُوح يَعقوب اِهوئي،
اَحمد مَهدِي خوب اهوئي، اولي[1] مَنجهه اَلله.

3. شِبلي شَمس عَطار اهوئي، درس عَلِي دِيدار اهوئي،
هَرِجا جَلويدار اهوئي، سَڀ جو ساهه پَساهه.

4. شَهنشاهه شَهباز اهوئي، دولههُ شاهه دراز اهوئي،
خَفِي[2] جَلِيءَ[3] جو راز، اهوئي فائِق[4] فيضُ درياهه.

5. نار[5] خليل ۾ باغ بهاري، طُور تَجلِي حُسن هَزاري،
ڪيوَل ڪِرشن شيام مُرارِي، سائين سورَج مَاهه.

---

[1] اولَي = پردو، ڍڪ. ،
[2] خفي = لڪل، مخفي.
[3] فائق = فوقيت رکڻ وارو، اعليٰ معزز.
[4] جلي = ظاهر.
[5] نار = باهه (نار خليلؑ = اها باهه جنهن ۾ ڪافرن، حضرت ابراهيم عليه السلام کي اُڇلايو هو، جا خداتعاليٰ جي قدرت سان گلزار بڻجي وئي هئي)

6. جوڙ جڳتِ جي پاڻ ٺاهي، هَر جا پنهنجو حُڪم هَلائي،
سڀ ۾ وينو پاڻ سَمائي، پهَري قُرب ڪُلاهُ[1].

7. ڪارجُ[2] سڀَ جا پاڻ سنواري، پاڻ سنواري پاڻ سڌاري،
ٻوڙي توڙي پارِ اُڪاري، بارِي ٻي پَرواهُ.

8. ظاهر بندو باطن مولا، نوان نوان نِتُ پهري چولا،
ڪڍي وجودي وَهم وِچولا، آيو عالِيجاهُ.

9. هادِي حَق "**مسرور**" مليو آ، پول ٻيو سڀ دِل جو ڀُليو آ،
خيال خدائِي خوب کُليو آ، آندو تم ويساهُ.

---

[1] ڪلاهہ = شاهي تاج.
[2] ڪارج = ڪم.

# مداح
## هادي راهہ طريقت
## جناب قادِر بخش عليہ رحمت

1. سَچا اي مَرد مولا جا اسان جي راهہَ روشَن ڪر،
پَسائي پاڻُ پِرتئون دڪايَل دل کي پَرسَن[1] ڪر.

2. ڪري ڪاڙو[2] اِجهو آيس ڪمائي ڪوڙ ڪَچ سارو،
پرين پلرس، ڪٽيل ڪَچ سو ڪري تون قرب ڪَنچَن[3] ڪر.

3. طفيلي[4] ميرَ مَدنِيءَ جي ڪيو اپديش[5] ڪو آقا،
مِٽائي چال مَن جي کي اسان کي مِيرَ محسن[6] ڪَرِ.

4. ڏکهيري هٿ سخاوت جو خدارا گَنجَ[7] موَن پنهنجي،
ذرو ڪو ذوق جو بخشي خوشنود تَنُ مَنُ ڪَرِ.

5. اِجابت ۾ اچي عرضي اِها "مَسرورُ" جي مولا،
اَڌورو ڪاج اَٽپورو اسان جو شاهہَ پورَن[8] ڪَرِ.

---

[1] پرسن = خوش، راضي.
[2] ڪاڙو = اڪند، آشا. (ڪاڙو ڪري اچڻ = دل ۾ اڪير پائي اچڻ)
[3] ڪنچن = شيشي وانگر صاف.
[4] طفيلي = صدقي، محابي.
[5] اپديش = نصيحت، هدايت، سکيا.
[6] محسن = فقير محمد محسن بيڪس
[7] گنج = خزانو.
[8] پورن ڪر = پورو ڪر.

# مداح

تلهہ: بيدل سخِي نالي خدا، عِشق مون اِمداد ڪر،
ڪو ذوقَ ذرڙو تنهن سِوا ٻِي اَز خدا اِرشاد ڪر.

1. هَئي هاءِ هَستيءَ ڪيو آ حضرتا ڏاڍو هلاڪ،
خانو خوديءَ جو وَڙ ڪري وارِث سگهو برباد ڪر.

2. دل جي وَستِي دَستگِيرا عشق ريءَ آهي اُجڙ،
لِلٰه گهَر وِيران منهنجو، عَشق سان آباد ڪر.

3. پنهنجي جمائي نَفسُ تو مون کي رُلائي دربدر،
مُوذِي اُنهيءَ منحوس کان مون لڳ اَللّٰهہ آزاد ڪر.

4. ”**مسرور**“ جي، تو دَر سَخِي هيءَ آهَ زارِي آ سَدا،
صدقي شهيدِ ڪربلا، سائلَ سَندو ڪو داد ڪر.

# مداح

تلهہ: ٻَڌي ٻانهون ٿُنهنجي در تي ڪيان فرياد اي بيدل،
خدا جي واسطي مون کي ڪيو اِرشاد[1] اي بيدل.

1. نہ طالب دين دنيا جو نہ کي عُقبا[2] سندو آهيان،
فقط مون ذوق جو ذرڙو ڏِئي امدادُ اي بيدل.

2. نہ ڪر محتاج مون ڪنهن جو بَچايو شرَ شيطان کان،
ڪيو هِن دانهن منهنجِيءَ جو سگهوئي داد[3] اي بيدل.

3. نہ مون ۾ حال آ ڪوئي، نہ ڪِي آ مون ڪمايو ڪجهہ،
اجائي عمر حِرصن ۾، ڪيَم برباد اي بيدل.

4. محبت عشق مولا جو، عطا قطرو ڪري سائين،
نوازي هن طرح نوڪر، ڪيو دل شاد[4] اي بيدل.

5. پَلايو پال ڪو پنهنجو، وَسايان وَحدَتِي ويڙهو،
ڪيو هن ڪوڙ ڪثرت کان ڪيي آزاد اي بيدل.

---

[1] ارشاد = فرمان، حڪم، هدايت.
[2] عقبا = عقبيٰ، پڇاڙي، آخرت.
[3] داد = انصاف.
[4] شاد = خوش.

6. خرابتَ ۾ خطاين ۾، ڪچاين ۾ گناهن ۾،
وڃائِي عمرِ مون سارِي ائين اَفراد اي بيدل.

7. مٺا مرشدَ اوهان ڏاران وسيلو ڪو نہ ڪوئي آ،
زِبان تي نانءُ تنهنجو ٿم سدائِي ياد اي بيدل.

8. مجازيءَ[1] جي جَهلي جهَولي ڪَنان اَمنُ و امان ڏيئي،
سَدا "مَسرُورَ" جو ويڙهو رکو آباد اي بيدل.

[1] مجازيءَ جي جهُلي جهولي = دنيا ۾ گهلندڙ گرم هوائون.
(جهلي = گهمندڙ، جهولي = لڪ، جهولو).

# مدح ستگرو

## سائينءَ جي سوکڙي

ست گرو[1] گر ديوَ[2] داتا[3]- شاهه مُون شَرڌا[4] پُڄاءِ،
کو ٻَلائي ٻالُ پنهنجو- دادُ کر دَرسَن[5] پَساءِ.

**الف:** اَڏينَن[6] اَبوجهَن جا اَجها آڌرَ[7] گرو،
وَڏوَڙا[8] ويجها وَلِهَن[9] جا رَهنُما رَهَبر گرو،
بي وَسيلن جا وسيلا کر سگهو واهُرَ گرو،
آڳ اندر جِي اَچي هِيءَ آسَنا[10] واري اُجهاءِ،
سَتگُر گُر ديوَ داتا شاهه مون شرڌا پُڄاءِ.

---

(1) ست گرو = ڪامل مرشد.
(2) گرديو = رهنما، رکپال.
(3) داتا = ڏاتار، سخي.
(4) شرڌا = اڇا، خواهش، ايمان.
(5) درسن = درشن، ديدار.
(6) اڏينن = محتاج، مسڪينن، هيٺن.
(7) آڌر = آڌار، سهارو.
(8) وڏ وڙا = وڏيون مهربانيون ڪندڙ، وڏا ٻال پلائيندڙ.
(9) ولهن = بي وسيلن، نڌڻڪن.
(10) آسنا = ڪامنا.

**اي:** اِئين ئِي مون وڃائي، عُمر پاپَن ۾ پئي،
هاڻ تو پڇتائيان هي هُو ويا هٿ مان ٻئي،
ڪر اچي ڪِر پال[1] ڪِر پا[2] ڏاڻ[3] ڏاتر لڳ ڏئي،
بَخش بديون اڳ ڪيل اڳتي بُراين کان بَچاءِ
سَت گرو گرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

**او:** اُري[4] اُهڙي ۾ آٽي موهَ[5] اٽڪائي وڌو،
تِي پيس ڪامي[6] ڪروڌِي[7] لوڀَ[8] لَٽڪائي وَڌو،
ڄارَ ۾ اُهنڪار[9] جي هَٺَ هوڏ[10] هِرڪائي وَڌو،
ماڌوا[11] مڪتِي[12] ڏيو اڳتي نہ ڪنهن اَڙَ[13] ۾ اَڙاءِ،
سَت گرو گر ديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

---

[1] ڪر پال = ٻاجهارو.
[2] ڪرپا = ٻاجهہ.
[3] ڏاڻ = دان، خيرات.
[4] اري = شڪنجي، اري ۾ آٽڻ = شڪنجي ۾ ڦاسڻ
[5] ڪامي = شهوتي، نفس پرست.
[6] ڪروڌي = ڪاوڙل، چيڙاڪ.
[7] اهنڪار = آپو، تڪبر.
[8] ماڌوا = متوالا.
[9] مڪتي = ڇوٽڪارو.
[10] موهہ = ڪشش.
[11] لوڀ = لالچ.
[12] هٺ هوڏ = غرور ۽ ضد.
[13] اڙ = مشڪل.

**سا:** نِست[1] مان ست[2] ثُوئي سَتنامَ[3] تنهنجو نام سَت[4]،
سَروَ آنند[5] سَروَوياپڪ[6] شامَ[7] تنهنجو نام سَت،
سَت[8] سري اوتارِ[9] وشنو[10] رام تنهنجو نام سَت،
مون ستايل جو وسيلو ڪونہ آهي تو سواءِ،
سَت گُرو گُر ديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

**ها:** هلي تاڙي[11] هَوَسَ[12] ۾ هَٽِ نہ ڪجهہ آيو هَري[13]،
ڪُوڙ پاپَن ۾ پَئي ڪارو ڪَيُم ڪايو[14] هَري،
هٿ هٽان هَءِ هَءِ ڪري گهُرجي سَندُءِ سايو[15] هَري،
هٿ مٿان هيٺيءَ ڌري تون پنهنجِي هَلنديءَ سان هَلاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

---

[1] نست = نيست، عدم.
[2] ست = سچ.
[3] ستنام = سچو نانءُ.
[4] ست = سچو.
[5] سَرو آنند = سچوئي سک، نسورو آنند.
[6] سرو وياپڪ= هر جاءِ حاضر ناظر.
[7] شام = ڀڳوان.
[8] ست سري = سچي سرَ وارو.
[9] اوتار = ايشور جو انساني جسم ۾ ظهور.
[10] وشنو = رکيا ڪندڙ، سنڀال ڪندڙ
[11] تاڙي = کجيءَ جو رس، نشي لاءِ استعمال ٿيندڙ رس.
[12] هوس = شهوت.
[13] هري = ايشور، ڀڳوان، برهما.
[14] ڪايو = شيشو، دل، من جي اوجلتا.
[15] سايو = ياچو.

**چا:** ڇپر[1] ۾ ڪِين ڪي تون هِيءَ ڇني ڇوري ڇڏج،
ڇنُ[2] پُراڻو ۽ ڇڳل هِي ڇتَر [3] ڇو هَن[4] ڪان رکج،
ڇا نہ ڇا ڇُلجي مَتم، سو ڇرڪ[5] ڇولِيءَ جو نہ ڏج،
ڇينپ[6] سان ڇنَ[7] ۾ ڪٽي ڇيهَن[8] ڪنان سائِين ڇڏاءِ،
سَت گُرو گُر ديوَ داتا شاهہ مون شَرڌا پُڄاءِ.

**جا:** جياري دل مُئي منهنجي ڏِيو جَپُ[9] نامَ[10] جو،
جِئن جَپي[11] جَڳديشَ ڪي ساکِي[12] تيان سَترامَ[13] جو،
جُڌِ[14] ڪري ارجُن[15] جِيان اُپڪارُ[16] ڪريان عامَ جو،
نانءُ جَسُ[17] جَڳَ ۾ رَهي جِئن جوتِ[18] ڪا اُهڙي جَڳاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهہ مون شرڌا پُڄاءِ.

---

(1) ڇپر = جبل، ڏونگر.
(2) ڇن = ڇنو، جهوپڙي.
(3) ڇتر = ڇت.
(4) ڇوهن = تيز طوفان.
(5) ڇرڪ = ڊپ.
(6) ڇينپ سان = اک ڇنڀ ۾.
(7) ڇن ۾ = گهڙيءَ ۾.
(8) ڇيهَن = نقصان.
(9) جَپُ = ورد، جاپ.
(10) نام = نالو، جنهن جي ڇوڻ سان مئل دل زنده ٿئي.
(11) جپي = پوڄي.
(12) ساکي = گواهہ، شاهد.
(13) سترام جو= سچي ڀڳوان جو.
(14) جڌ = جنگ.
(15) ارجن = پانڊوَ ڀائرن مان هڪ جو نالو، سورهيہ.
(16) اپڪار = ڀلائي، شيوا.
(17) جس = ناموس، عزت ۽ آبرو.
(18) جوت = روشني، همت.

**جها**: جهَلي مان نا سگهان جهولا جهڪان[1] ڏُڪڙا ڏجها،
تون جهُلي جهولي[2] ڪَنان ڏي امن عالم جا اجها،
هي جهڃڻ جهوري مٿائي دانَ ڏي، داتا جهَجها،
مون کي جهَوليءَ ۾ جهَلي جهامن[3] وري جهُولي جهُلاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهه مون شرڌا پُڄاءِ.

**ڃا**: مَڃي منٿ تون پارس پاڻ لوهي سان سَڃِين[4]،
سُڃَ وڇان تي سا وَسَنوَ جنهن واٽ سان سائين وَڃِين،
مان سُڃي، سائِي ڦيان ڀيرو نہ تون مون ڏَنهن ڀَڃين،
تِي پوان مان پاڻ پارس جِستُ مَٿُ[5] مون مان وڃاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهه مون شرڌا پُڄاءِ.

**ٿا**: ٿنوَرُ[6] ڪَليون ڪڍي ٿانِگر بہ هِتِ ٿهَڪي پئي،
رَس[7] ڀَري رابيل ريحان ۽ رَٿَن مُرڪي پئي،
تنهنجي سائي سپ ڪا ٿارِي ٻُورَ[8] سان ٻهَڪَي پئي،
مُنهنجي هِنَ ويران وَستيءَ کي بہ گُل گُلشن بَناءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

---

(1) جهولا جهڪان = جهولا = گرم تيز هوا. جهڪان/جهڪون، مٽيءَ جا تيز طوفان.
(2) جهُلي جهولي = گهلندڙ تيز گرم هوا.
(3) جهامن = ايشور، برهما
(4) سڃين = مصدر سڃڻ = لاڳاپڻ، عطا ڪرڻ
(5) مٿ = ڪس، ملاوٽ.
(6) ٿنور = گل
(7) رس ڀري = گل جو قسم
(8) ٻور = ميوي ڦٽڻ کان اڳ ۾ وڻن ۾ سنهي داڻ داڻ.

**ٺا**: ٺهي تو ڪين ڪي ناڪر جو مون سان ناهُ ڪو،
سَڏ ڪري ساٿو تيس سڏ نا سُٺي بي ساھ[1] سو،
نيڪِجي بينس ٺلهو گهرَ ۾ قِران گُمراهُ تو،
مَنِ وَسي ناڪُرَ جو مُنهنجي، ناهُ ڪو ان سان ٺهاءِ،
سَتَ گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا ٻُجاءِ.

**ڏا**: ڏِياري[2] ڏيهَ پنهنجي جِي مون ڪي ڏيکاريو،
ڏِيلَ منهنجي مان ڪَڍِي ڏکُ، ڪا ٻَهاري ڏياريو،
مهَر وارا مِهَر مان منهنجو اَچي مَن ٺاريو،
نِتُ وَسين مون ساڻ گڏ وَڏ ڏور نا مون ڪان ڏساءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا ٻُجاءِ.

**ڊا**: ڊَڪر[3] ڊونڪا[4] اَچن ڊُرڪي[5] پوان پُنتي ڊُري،
هِنَ ڊَرائيءَ[6] ڊِلَ ڪيو مون ڪي پَري تو ڪان هَرِي،
ڊَڪَ ڊَڪين ڊَڪجاڻءِ اُگهاڙِي آئون تان عيبَن ڀَري،
ڊَرَ[7] وجي، ڊَڪيل[8] رَهان پوتِي اُها ڊولَڻَ ڊَڪاءِ،
سَت گُرو گُريوَ داتا شاهَ مون شَرڌا ٻُجاءِ.

---

[1] بي ساھ = بي جان.
[2] ڏياري = خوشي، روشني ۽ ڪاميابيءَ جو ڏينهن، هندن جو وڏو ڏڻ، جنهن تي ڏيا ٻاري تمام گهڻي روشني ڪئي ويندي آهي.
[3] ڊڪر = غشي.
[4] ڊونڪا = ننڊ جا جهوٽا، گهيرٽ.
[5] ڊرڪي = بيهوش ٿي.
[6] ڊرائي = ڍلائي، سستي، ڪاهلي.
[7] ڊر = ڊِل، تڏائي.
[8] ڊڪيل = پناھ ۾.

**دا:** دَٻائي تو دَيالُو[1] ديو[2] صورت جو دَجال[3]،
دمُ بدم دڙڪا ڏئي چاهي ڪرڻ جنگ و جدال،
شَر[4] اُن جي ڪان ڍَڪي وَٽُ منهنجِي سَنگت ۽ عَيال[5]،
جو دَٻائي دَرِ چڙهي اُن کي دَسي[6] دُولهَ[7] دَٻاءِ،
سَت گُرو گرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

**ڌا:** ڌَرت[8] توڙي پوان پر تہ بہ ڌرم جي جَءِ[9] ٿِئي،
پاپَ[10] ۽ پاکنڊَ[11] جو پَرچار پرڀُو[12] کَءِ[13] ٿِئي،
ڌُم لڳي دل جي ڌُڪَڙَ جي[14] تارَ سُرَ ۾ لَءِ[15] ٿِئي،
ڌَڄ[16] وَڌي ڌَن ڌَن[17] وَڌي مَنَ ۾ نہ پَر مون کي وَڌاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

---

(1) ديالو = (مخاطب) ٻاجهارا، دياوان.
(2) ديو = شيطان.
(3) دجال = ٺڳ، مڪار (چوٽي آهي تہ قيامت کان اڳ ۾ اصفهان مان هڪ ڪاڻو شخص پيدا ٿيندو ۽ دنيا وارن کي اهڙا مشاهدا ڏيکاريندو، جو ماڻهو سندس طرفداري ڪرڻ لڳندا.
(4) شر = شرارت.
(5) عيال = ٻار ٻچا.
(6) دسي = ڪيرائي.
(7) دولهہ = بهادر.
(8) ڌرت = ڌرتي.
(9) جءِ = جيت، سوڀ.
(10) پاپ = گناهہ.
(11) پاکنڊ = مڪر، دولاب.
(12) پرڀو= ايشور.
(13) کءِ = دور.
(14) ڌڪڙ = طبلو.
(15) لءِ = وزن ۾، تال ۾، چَس، مزو.
(16) ڌڄ = سونهن.
(17) ڌن ڌن = ڀاڳ سڀاڳ، شهرت.

**نا:** نِيارو نَنگ پَرِوَر[1] نامُ تنهنجو نِرملو[2]،
مون نِماڻي ناستڪ[3] جو تون وڏو ئي پَرجَهلو،
ناموَرَ نيهِي[4] ڪرين تون واٺ وينڌَن جو ڀَلو،
مون نماڻي کي نَوازي نينهن جو ناتو نِڀاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

**پا:** پيالو پريم[5] رَس جو پُر ڪري پرتئون[6] پيار،
قُرب ڪَر ڪوئي ڪَلنگِي[7] دَر[8] مون کي ماري چِيار،
پَٽ اُتان واري کٽِي توَن سيجَ[9] سُکپَت[10] تي وِهارَ،
پاندُ[11] منهنجو پَر تون پريُو ٻي جي دَرَ تان نا پَناءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

**ڦا:** ڦِرَڻ ڦيري[12] جَنم جو ڦِر[13] ڪري ڦِرٽو اُتم،
نيٺ هڪڙي ڏينهن هي پانڊو[14] پَڃي پُرٽو اُتم،
هِي وري مانِک[15] جنم مونِي نہ ڪو مِلٽو اُتم،
ڪنهن ڪَرم سبٻان مون کي ڦيري ڦَڏي ۾ نا ڦَساءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

---

(1) ننگ پرور = ننگپال، سارسنڀال لهڻ وارو.
(2) نرملو = پوتر، سول، خالص.
(3) ناستڪ = ملحد، خدا جو منڪر.
(4) نيهي = نينهن وارو، ڪوڏيو، ناز کڻندڙ.
(5) پريم رس = محبت واري مئي.
(6) پرتئون = پرت منجهان.
(7) ڪلنگي = ڇٽ، تاج.
(8) دَر = پاءِ، رک.
(9) سيج = پلنگ.
(10) سکپت = آنند واري ننڊ.
(11) پاند = جهولي (پاند پرڻ = مرادون پوريون ٿيڻ)
(12) ڦيري = جنم جو ڦيرو، جوڻ، اواگون (هندن جي عقيدي موجب مرڻ کان پوءِ ٻئي جسم ۾ جنم وٺڻ)
(13) ڦر = ڦيهر، پنر.
(14) پانڊو = بدن، هڏن جو پڃرو.
(15) مانک = انساني.

ٻا: ٻُنڌڻ تي آهي ٻيڙو ٻاجهه ٻاجهارا ڪيو،
ٻاجهه جون ٻانهون ڏئي پر ساڻ سوڀارا ڪيو،
ٻيٺ ٻَهه ٻَهه ٻوهه ٻُوڙا ٻاغ پر وارا ڪيو،
جنهن ٻُڌي ٻَنڌَن[1] ٽُٽن ٻولي اُها ٻَهڪڻ ٻُڌاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

ڀا: ڀُلي جا ڀاڻِ[2] آئي ساڀ نا چَئبي ڀُلي،
مان ڀ ڀيريءَ[3] ۾ ڀيس تو ڌَرِ اَچي در در رُلي،
ڀاڻِ تنهنجي نانءَ ساجَن مان ويس جَڳَ ۾ هُلي[4]،
عيبَ اَوَڳڻَ[5] ڪين ڏِس تون ڀال ڪو پنهنجو ڀَلاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

ما: مِلي مَمها اُها جا من سنڌِي مَمتا[6] مٽي،
ٻلُ[7] اهو ٻَلديوَ[8] ڏي جنهن ڪان نہ مَلَهه هي مَن ڪَني،
هوڏَ هَٺَ اَهنڪارَ[9] جو هيبَت[10] ڪنان لشڪر هٽي،
جَڙَ[11] وَڃي، چيتَن[12] ٿيان منهنجي اِها چِنتا[13] مِٽاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

---

(1) ٻنڌن = بند، بندشون، جسمي خواهشن جا پيچ.
(2) ڀاڻ = ماڳ، وٿاڻ.
(3) ڀيري = ڀڄاپو.
(4) هلي = مشهور ٿي.
(5) اوڳڻ = خراب لڇڻ.
(6) ممتا = موهه، چڪ.
(7) ٻل = طاقت.
(8) ٻلديو = (مخاطب) طاقتوارا ٻلوان.
(9) اهنڪار = تڪبر، غرور.
(10) هيبت = ڏهڪاءُ.
(11) جڙ = پاڙ، بنياد.
(12) چيتن = سچيت، هوشيار.
(13) چنتا = ڳڻتي، فڪر.

**يا:** سَجايا ثاب[1] سيئي مون سندا سڏڙا ٽِيَن،
تنهنجي نارائڻ[2] نظر سان دَردَ ڏکَ دِل جا لَهَن،
جي ستايل سوزِ دل مان سِڪَ رکي توکي سَڏِن،
تن سندا سَڏڙا سُڻي وَهلو[3] وَري وارو وَراءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

**را:** رُلي راوَڻ[4] کان منهنجو رامَ[5] تون رَکشڪ[6] رَهين،
مون سان هِمَت جو هَنومان[7] مِهَر مان مددي ڏِئين،
ڪانه ڪا رَنچڪ[8] رهي جي تون متر راضي ٿِئين،
رِيجهه[9] وارو رازُ رَکُ[10] رڻ ۾ نه پر مون کي رُلاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

**لا:** لَکيسر[11] لائِقَن پَريو لَکِي[12] تون لاڄِپالُ[13]،
منهنجي آسَن جو سُڪَلَ وَڻُ تون ڪرين نونو نِهالُ[14]،
لوهَ مان، نِڪَمو نِڪارو تون ته لالون لالُ لالُ،
لالُ مان لالَڻَ ٿيان جيئن لَنوَ اُها مون ساڻُ لاءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

---

(1) ثاب = قبول.
(2) نارائڻ = وشنو ڀڳوان جو صفاتي نالو.
(3) وهلو = جلد، ترت.
(4) راوڻ = دشمن، لنڪا جو حاڪم، جيڪو سيتا کي زوريءَ کڻي ويو هو.
(5) رام = ڀڳوان، شري رامچندر.
(6) رکشڪ = رکوال.
(7) هنومان = نيست نابود ڪندڙ، باندرن جو سردار.
(8) رنچڪ = رنڍڪ، رنج غم.
(9) ريجهه = قرب ڪچهري.
(10) راز رک = همراز ڪر.
(11) لکيسر = لک لهندڙ.
(12) لکي = لاڪيڻو.
(13) لاڄپال = لڄ پال، سارسنڀال لهڻ وارو
(14) نونو = نئون نئون. نهال = سرهو، خوش، گدگد،

**وا**: وَڏي آ وَرڪندي[1] هي ساڪِنا[2] سَچ تو سَندِي،
وانڻ[3] جي ويڙهي سوا ٻِي ٿِي وئي آ ڳت بَندِي[4]،
ٿِي وِسو[5] واٽو ويو واپس ڳٽِي ڪرڙو[6] ڪَنڊِي[7]،
اهڙو مون قرضيءَ جو ڪاغذ ۾ قلم ٻِي ڪو وَهاءِ،
سَت ڳرو ڳرديو داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

**ڙا**: مُهَڙ[8] مون ڏي مِڙيائي ڪا نہ ڪا توڏي مُهاڙ[9]،
وَڙُ[10] ڪري ڪاوَڙِ ڇڏي سائين سِڳهو ڪَر منهنجي ماڙ[11]،
سَرن[12] آئي جي لَجا رک[13] عيبَ نا منهنجا اُگهاڙِ[14]،
بَل ٻُڌي[15] جَس جوتِ پورن[16] ڀاڳ[17] منهنجي ڪي پڙاءِ[18]،
سَت ڳرو ڳرديو داتا شاهَ مون شَرڌا پُڄاءِ.

---

[1] ورڪندي = ور وڪڙ.
[2] ساڪنا = شاهدي، خاطري.
[3] وانڻ = مُڇ جي نوڙي، اهنج.
[4] ڳت بندي = اجائي ڪوشش.
[5] وسو = حيران، واٽو = ٻ پٽي، ياڳو.
[6] ڪرڙو = حساب جو ڪتاب، جنهن ۾ چندي چيري جي فهرست هجي.
[7] ڪنڊي = اوڊر.
[8] مهڙ = منهن (مهڙ هجڻ = ڏوهه هٽڻ) ڏوهه.
[9] مهاڙ = منهن، لهٽو ليکو.
[10] وڙ = ٿورو، احسان.
[11] ماڙ = مدد.
[12] سرن = پناري (سرن آئي جي = پناري پيل جي)
[13] لجا = عزت، لڄ.
[14] اگهاڙ = ظاهر ڪر.
[15] ٻڌي = فهم، ادراڪ.
[16] پورن = هر ڳالهه پوري ڪرڻ وارو، خداوند غفورُ رحيم جي صفت.
[17] ڀاڳ = بخت.
[18] پڙاءِ = وڌاءِ.

ماڏوا[1] ”مَسرُورُ“ مان بيڪار ٻُڪيو ٻي وَڙو،
تون اَجهو آڌَرُ گُرو منهنجو وسيلو وَڏَ وَڙو،
تون ڀريو ڀَنڊار آئون پينگيو[2] ڀورڙو[3]،
ڀورڙو، ٻڪيا[4] ڏئي ڪو راسَ[5] منهنجي ڪي رَچاءِ،
ڪو ڀلائي ڀالُ پنهنجو داد ڪَرِ دَرسن پَساءِ،
سَت گُرو گُرديوَ داتا شاهَ مون شرڌا پُڄاءِ،
ڪو ڀلائي ڀال پنهنجو داد ڪَرِ دَرسن پَساءِ.

---

[1] ماڏوا = (مخاطب) متوالا، بي نياز، بيپرواهہ.
[2] پينگيو = سُجو.
[3] ڀورڙو = اياڻو، ناسمجهہ.
[4] ٻڪيا = خيرات، دان.
[5] راس = رسنا، منڊل، مانڊاڻ (راس رچائڻ = (محاورو) خوشيءَ جي محفل مچائڻ، ڪرشن مهاراج جي گوپين سان رچايل راڳ ۽ ناچ جي محفل.

# مداح

شهنشاهه بيڪس سُٽِي هي أنايو ٻلا ٻال ٻنهنجو ٻلارا ٻَلايو.

(1)

تون صاحب سڀاجهو آهين سردار صوفي- سَچو رندُ رَهبر مُنهدارُ صوفي،
اَجهو آهين اڏِينَن جو آڌار صوفي- تنهنجو اِسمُ عَرشن تي اظهار صوفي.
تون والِي ولهن جو مُختار صوفي،
ڪري قُربه صوفيءَ جي رَنگ ۾ رَچايو- ٻلا ٻال ٻنهنجو ٻلارا ٻَلايو.

(2)

ڪري تو خُدا ساه جا توڪي وَٽي آ- تنهنجي دَست رَس اُت داتا گهڻي آ،
ڏٽيءَ جو تون آهين ۽ تنهنجو ڏٽي آ- سَچِي ٻرهَ بـازِي هِي تولءِ ٻٽِي آ،
ڳَٽي راند رِندي تو نعرو هَٽِي آ،
ڏٽيءَ لءِ ڏِڪيَل تي رکو رازُ رايو- ٻلا ٻال ٻنهنجو ٻلارا ٻَلايو.

(3)

سَندءِ ڪرامتون لک ڪروڙين هزارين- ڪييا تو ڪُنَن مان قاتل جنگهه ڄارين،
عجب ٻيون عطائون خُفِي خيال ڏارين- خِضر جان رَسين ٿو تون ٻيڙا اُڪارين،
لاٿوَ ڏکِ سنئين سان ٻُليا جي ٻَزارين.
ڪري مَهِرَ مُرشِدَ سنئين واٺ لايو- ٻلا ٻال ٻنهنجو ٻلارا ٻَلايو.

(4)

جَڏا روُحَ جيارين اِذن[1] سان سوين تو- سدا دَمُ مسيحا تون صاحِبَ رکين ٿو،
ٿئي سو ائين ئي جيئن تون چوين ٿو- نه ثاني[2] سَندوَ ڪو سَچڻُ ٻيو سونهين ٿو،
مُريدَن تي دائم تون مُشفِق رهين ٿو،
ڪري ڪائي شفقت سُٽَل دِل جاڳايو- ٻلا ٻال ٻنهنجو ٻلارا ٻَلايو.

---

[1] اِذن = حڪم، فرمان.
[2] ثاني = مٽ، جهڙو.

(5)

ڏکيو ويسُ هِي تو شريعَتَ سنلو پيي- سُونهين تاجُ سِرِ تو طريقَتَ سنلو پيي،
تون ماهر مَجازِي حقيقتَ سنلو پيي- تون واصل آهين ويڙهي وَحدَت سنلو پيي،
تون آهين مَحو معنيٰ مَعرفتَ سنلوپيي.
مون کي پيي ڪنهين ماڳِ منزَل رسايو- ڀلا ڀال پنهنجو ڀلارا ڀلايو.

(6)

اُيو تي اَدَبَ سان ٻانهُون ٻَڌِي مان- جهُڪائي پو گردن کي ويجهو وَڌِي مان،
ڪيان عَرضَ توکي تو صاحِبَ سَخِي مان- نماڻِي نِٽر آهيان کوجهِي ڪَچِي مان،
چِڏي وَرَ ٻيا آيس تو دَر لَڪِي مان،
ڪري قُرب چِنَ⁽¹⁾ ۾ چِيهَن کان چِڏايو- ڀلا ڀال پنهنجو ڀلارا ڀلايو.

(7)

مَدَدَ جو اي آقا اِهو وَقتُ آ- اَندر ديوَ دِل کي ويڙهيو سَختُ آ،
نِهوڙي نِيو تَس هِنيو ٻي هِمَتُ آ- مُقابل ۾ اُن جي ئي توکي مُهتُ[2] آ،
مُهاڏي ۾ مون کي نہ ڪو ساهُ سَتُ[3] آ،
ڏسي[4] ديوَ دُشمن کي داتا دَٻايو- ڀلا ڀال پنهنجو ڀلارا ڀلايو.

(8)

سدا رَنجَ غمَ ۾ روئان پيو رڙان مان- سَجَڻ سوزَ سِڪَ ۾ سڙيو پيو سڙان مان،
اکين جي اُڙين ۾ اُڙيو پيو اُڙان مان- چِڏايو چِيهَن کان تہ تو دَرِ لڙان مان،
تنهنجي وصل ويڙهي ۾ وارثَ وَڙان[5] مان،
مَجازيءَ جي لوڏي لَهرِ کان بچايو- ڀلا ڀال پنهنجو ڀلارا ڀلايو.

---

[1] چِن = پَل، گهڙي.
[2] مهت = سوڀ.
[3] ست = وت، وس، طاقت.
[4] ديو = شيطان، ابليس، خناس.
[5] وڙان = داخل ٿيان.

(9)

شهنشاهہ بيدل کي ٻهر خُدا هيءُ- ڪيو منهنجي ٻارَنَ ٻلارا ٻَلا هيءُ،
ٻسان نُور حَقَ جو نظارو سدا هيءُ- ٻُجائج تون پَروَرَ سنلمر دِل دُعا هيءُ،
توکي حال معلوم مِڙيو ئي شها هيءُ،
پِيالو صَفا[1] جو ڪري پُر پلايو- ٻلا ٻال پنهنجو ٻَلارا ٻَلايو.

(10)

توکي سُنهن[2] سڪايل[3] ۽ هيري[4] سنلو پڻ- قُربدار قاضي[5] ڪَنعِيي[6] سَنلو پڻ،
مان ناقِص نِماڻو هان ميرو مَنلو پڻ- اَچو ڪيو الله لڳ، ٻري بيو ڏنلو پڻ،
نوازيو هي نوڪر تہ پنهنجو بَنلو پُڻ،
تڪيءَ ساڻ تورو لَڪِي يارَ لايو- ٻلا ٻال پنهنجو ٻَلارا ٻَلايو.

(11)

تنهنجي هَٿَ ۾ آهي، سَنلر واڳ سَاري- هلائين چَلائِين جيئن سَنلوَ اِختياري،
سَخِي پيرَ مُرشِدَ ڪيو ڪا سَتاري- پنهنجي ڏيهہ واري مون ڏيڪارِ ڏيلري،
مُنجهيل تو گذاريان ڏِياريو ٻهارِي،
خُدارا کُلي مُونجهَ مَنَ جي مِٽايو- ٻلا ٻال پنهنجو ٻَلارا ٻَلايو.

(12)

اَچِي پوءِ آخر اوهان جو ئي آهيان- حُجَتَ ڪانہ هادِيٰ تو هرگز هلايان،
سَنلوَ در جو سائين سدا سَگ سڏايان- سدا دَرد دل ڪان تو ڀِڳڻ ٻاڏايان،
لاهيو دَرد دورِي، سَنلوَ ٻالَ ٻانيان،
ڪري وَڙ وِلهيءَ سان ڪو وارو ورايو- ٻلا ٻال پنهنجو ٻَلارا ٻَلايو.

---

[1] صفا = پاڪ، پاڪيزه. (2) سنهن = قسم.
[3] سڪايل = سيد نواب شاهہ سڪايل، سرڪار بيڪس سائين جو مريد، جنهن جي مزار روهڙيءَ ۾ درگاهہ سرڪار بيدل ۽ بيڪس سائين جي اڱڻ ۾ آهي.
[4] هيري = بيڪس سائين جو پياري، هيرالال، جنهن لاءِ چيو اٿس:
هيرا تون سدا هوندين، جيءَ جا جيارا جاني،
هڪ دم نہ ٿي تون ڏار، اي ماهِ بدر ثاني.
[5] قاضي = قاضي پير محمد ولد قاضي گل محمد متوفي 1285ع هجري سرڪار بيدل سائين جو محبوب
[6] ڪنعي = ڪنعيو (1863ع- 1917ع) سرڪار بيڪس سائين جو نظارو.

(13)

اُتم عَرضَ آسُون هزارين لکين مون- پُڄن پَلڪَ ۾ سڀ، اچو جي پکين مون،
اچي پوءِ آرامُ اِن پَر اکين مون- ليئو پاءِ لالَڻَ کڏهن تون ڪکين مون،
مَتئون مهرَ جو هَٿُ ڪو راحِمَ[1] رکين مون،
منهنجي دِل جي ويران وَستِي وسايو- يلا يال پنهنجو يَلارا يَلايو.

(14)

صِفاتيءَ[2] منجهان سير ذاتي[3] ڪرائجُ- نفيءَ[4] کان وري پوءِ ثُباتِي[5] ڏِيارجُ،
ڪري مهرِ مُرشد تون ماري جِيارجُ- هميشہ حياتيءَ جو پِيالو پِيارِجُ،
سڏي پر مون پاڙي تون پنهنجي وهارج،
اِهو عرض منهنجو الله لڳ اگهايو- يلا يال پنهنجو يَلارا يَلايو.

(15)

لنگهو لالچِي آءٌ "**مَسرور**" بيڪاري- مگان دانُ مولىٰ ڪري نياز زاري،
وِسوڙِل وِلهي مان آهيان وَرَ ويچارِي- ڪري ڪير توريءَ منهنجي مدد گاري،
رکو جوش وَجدان جولان جاري،
ڪيو ٻاجَهہ ٻهڳڻ، ٻَڌي هي ٻاڏايو- يلا يال پنهنجو يَلارا يَلايو.

---

[1] راحم = رحم ڪندڙ.

[2] صفاتي = گڻ ۽ لوڳڻ وارين خاصيتون.

[3] ذاتي = حقيقي، اصلي، ازل کان ابد تائين قائم رهندڙ جوهر.

[4] نفي = ناڪار، انڪار.

[5] ثباتی = پائدار.

# مرثيو

تلھ: سائين ڪَرِ ڪو ڀالُ رڻ ۾ راتِ پيَن تي راحِمَ.

1. ڪُجھ ٻہ اڳي ئي ڪونہ ڳجھو ھو ڪوفين جو ھي حال،
عَبث اَڙايو لوحَ لکئي نِتَ ھَھڙو مُحض مَحال.

2. ڪُوڙا ڏيئي واعدا سي ڦِري ويا في الحال،
نِيَتَ ۾ ھو رولو تن جي ڄاڻي ذُوالجلال.

3. دَعوت ڏيئي دَغا ڪيائون ڇَڏي خُدائي خيال،
شِمرِ[1] شَقِي[2] بي شرم ٿِي بينو دَلبي باز دَلال.

4. وارثَ اڳَ ۾ ويا گذاري پائي قُرب ڪمال،
ھاڻي رڻ ۾ ھيڪلَن جو رَبَ ٿِئي رَکوال.

5. مَرن ٻَچا ھِنَ موذيءَ[3] جا پڻ پاڻ ٿئي پامال[4]،
پِڻي مَري شَلَ پاندَ ۾ سو ڪوفي جو ڪنگال.

6. ڪري چُڪا نا مڙيا مُوذِي رکي رِڻ بَحال،
ڦُر پَئين ڪا، ڦُري ويا پڻ مَعصومن جو مال.

7. ٿِي ھدايت حُرَ کي جنھن تان پَسي پاڪ جمال،
پاڻ ملھائي ماڻيو واحِد ساڻ وِصال.

8. بارِ خدايا "**بدويءَ**" جو ھِي سائين سُٽج سُوال،
حُرمَت[5] شاھ شھِيدَن جي ڪَرِ دَفع[6] دَردُ مَلال.

---

[1] شمر = حضرت امام حسين جو قاتل، مردود.
[2] شقي = ظالم.
[3] موذي = ايذاء ڏيڻ وارا.
[4] پامال = ناس، برباد، تباھ.
[5] حرمت = عزت، عظمت، آبرو.
[6] دفع = دور.

# مرثيو

تلهہ: مَحبُوب مُنهن مُنّور، وَهَ عشق تو اُجاريو،
مَقتل جو تي مُجاور، مُجرا[1] ڪري ڏيکاريو.

1. رُئندي ڇڏي نِماڻي. صُغرا صَغير نياڻِي،
خويشَن سان خوش وراڻي، ياَليت[2] تو تنواريو.

2. ناني شَهہ زَمن سان. اَمڙِي بَتول جن سان،
اَخوان[3] شهہ حَسن سان. حافظ خدا اُجاريو

3. ڪرها[4] سگهو قَطاري ڪوفي ڏي واڳ واري،
مَنزل مُهيب[5] ماري قُدرَتَ جو ڪر سَنواريو.

4. وَعدي جي جاءِ جاچي، ڪُليل لَقاءُ واچي،
ڪنهن هُلَ سبب هُلاچي، پُنتي وَرَڻُ نہ ورائيو.

5. اِبن زِياد آيو، للڪار سان اَلايو،
بيعَتَ مجو پو رايو، ڪيڏانهن بِي وِڪاريو[6].

---

[1] مجرا = رهيل شيءِ جو حساب، بهادريءَ جو اظهار.
[2] ياليت = هاءِ افسوس.
[3] اَخوان = ڀاءُ.
[4] ڪرها = اٺ.
[5] مهيب = مشڪل، ڏکي.
[6] وڪاريو = وڪري وجو.

6. گفتارَ گل فِشاني[1]، اِنڪار بَر زَباني،
دِين نَبيءَ جا جاني، هيئن دِين تو ڄِياريو.

7. پاڙِي جهَليو پَليدَن، تن لَعنتِي لَعِينَن[2]،
عباسَ سان ڪمينن، ڪيڏو نہ ڪِيسُ ڪاريو.

8. ڪَربُ و بَلا تي ڪَربل، عَرش و زمين تَزلزَل[3]،
مَلَڪَن رڙي پئي پَلپَل، تي اَلاَمان[4] پُڪاريو.

9. ڪجهہ ساڻ هو نہ ظاهر، باطن تہ سڀ مُيَسر،
آگَر مان آب اَطهَر، اَصغر کي تو پياريو.

10. مَلعون[5] لَڄَ[6] وڃائي، لَشڪَرُ لکين گڏائي،
جنگي طَبل وَڃائي، بَس جنگ لءِ اُياريو.

11. خُون ريز جنگ جاري هيڏانهن بہ تي تياري،
اَڪبر ڪري سواري مُوذين کي خوب ماريو.

12. دُشمن ڪنان پو ڏڪجي، گهوڙي تان پُٺِ تي پَئجي،
اَنجامَ هنَ تي هَسجي[7]، سائينءَ کي سرُ سُپاريو[8].

---

[1] گل فشاني = گلن جي ورکا.
[2] لعينن = بدبخت، مردودن.
[3] تزلزل = زلزلو، ڀونچال.
[4] الامان = پناهہ، الله تعاليٰ کان امن ۽ رحم گهرڻ.
[5] ملعون = لعنتي.
[6] لڄ = شرم. (لڄ وڃائڻ = بي شرم ٿي بيهڻ).
[7] هسجي = ڪلي.

14. گهوڙي کي شاهَ جهٽڪيو، هڻ هڻ ڪري سو هٽڪيو،
بيمار جان پئي ڪُٽڪيو، روئي تي اُن رُئاريو.

15. قاسمَ ڪئي چڙهائي، پوري ڪري اَدائِي،
مُوذي ڪَٽي گهٽائي، هِنَ گهوٽ ٻي گذاريو.

16. هِڪَ ٻئي جي پويان فائِق، هِر هِڪُ لڙيو تي لائِق،
ماري عَدد[1] مُنافِق، جَنت ڏي تي پَڌاريو.

17. رَت جي نَدي وَهَڻ تي، ڪُرسي زَمين هَلَڻ تي،
نوبَتَ[2] وري وَڄَڻ تي، تو سات اُت سَنياريو.

18. هِنَ حال ڪان تَرنُم، سَنبري هَلَڻ لءِ هِڪَدَم،
پَٽَ تي وُضو تَيَمُم[3]، اَوَل اُتي تو ساريو.

19. ميدانَ ۾ اَچڻَ سان، ڪوفين ڏي مُنهن ڪرڻ سان،
نُوري نِگهَه ڏِسَڻ سان، خُطبو پڙهِي ڏيڄاريو.

20. بَدخوءِ[4] بَد فضيلت، ڦيري ڪَرن فَضِيحَتَ[5]،
نڪتو اڪر نصيحت، دِل تي نہ تن ويهاريو.

---

(8) سرسُپاريو = سرارپي ڇڏيو، سر سونپي ڇڏيو.

(1) عدو = دشمن، ويري.

(2) نوبت = نقارو.

(3) تيمم = پاڻي بدران مٽيءَ سان وضو سارڻ.

(4) بدخوءِ = بڇڙين عادتن وارو، ڪلڇٽو.

(5) فضيحت = بدنامي.

21. ڪونتَلَ سگهو ڪُڌائي، دُشمن جي دِل دٻائي،
لاشَن جا ڍير لائي، دُلدُل[6] کي رَتُ ۾ تاريو.

22. شهه جي غصي غَضب کان، قدرت جي ڪم عجب کان،
پَرو بال[1] هِنَ سبب کان، جَبرِيل جو ڪانڊاريو.

23. قُدرَتَ رِتيون رِتان هِي، تو نا ڪَتيُون ڪَتان هِي،
هَرِ هِڪَ نبيءَ مَتان هِي، تو ڏي ئي پئي نِهاريو.

24. وَسيا تي تِيرَ زَهري، ڪاري، لگا تي ڦهري،
ڪونتَلَ تان شاهَ اُترِي، سَجدي ۾ سِيسُ ڍاريو[2].

25. شاهِي پَسي شهادت، حُر کي رَسِي هدايت،
شَهه جي ڪري رفاقت، مَحشر مَلهِي سُڌاريو.

26. هِي حال شمر ڏسندي، خَنجَر خَبِيث ڪٽندي،
حضرت کي هاءِ هٽندي، شقي نہ شرم ڌاريو

27. [illegible] بہ دَردَ دانهون، اپ پڙ ڪيون ٿي آهون،
[illegible] پاڪَ پَٽ مٿانهون، نيزي تي سِر سينگاريو.

---

دلدل = اهو ماڏي خچر جيڪو اسڪندريہ جي حاڪم، خداتعاليٰ جي پيغمبر کي ڏنو هو ۽ پاڻ حضرت جن، حضرت علي ڪرم الله وجه کي بخشي ڇڏيو هو.

پرو بال = پَرَ ۽ وار.

سيس ڍاريو = سر نوايو.

28. ناني سان گڏ نبين، وَحشِي طَيُور مَلَڪن،
اِنسان جِنَ حُورن، هَنجون تي آب هاريو.

29. سڀ روح رت رنا تي، تن کي تو ڏڍ ڏنا تي،
ناني اَبي اَمان کي، تو پڻ ڪِلي ڪِڪاريو.

30. خيما خَبيث ساڙي، پاڪَن کي سِرِ اگهاڙي،
باغ نَبِي اُجاڙي، بس شامَ ڏي هاڪاريو.

31. قيدِي ڪري ويا ڪُل، زين العباد اَڪمَل،
هاري جنهين تان جَل جَل، اُپ کي پئي تي ڏاريو.

32. توکي ئي جَسُ جڳائي، تو نينهن شَهَ نڀائي،
صابِر تي سِر وَڍائي، جَڳَ کي سَبَق سيکاريو.

33. توتي سَلامَ سائين، روزِ قيامَ تائين،
"**بدوي**" غلام سائين، پنهنجو ڪري اُتاريو.

# مثنوي

## (حمد باري تعاليٰ)

قادرا تنهنجي وڏائيءَ جو وڏو آهي بيان،
وصف تنهنجي آ سَڄي اي مالڪِ ڪونُ و مَڪان[1].

ڇا ثنا لِکي سگهي عاجِز نِماڻو ناتوان[2]،
امر تنهنجي ساڻ بيٺو، بي سُتون[3] هي آسمان.

پڻ مٿان پاڻي وِڇايو فُرش هِي زينت نِشان،
حڪم هَر جا آهه تنهنجو ڇا مَڪان ڇا لامَڪان.

تون ڏٺي رازق سڄي جڳَ جو حقيقي مهربان،
هِڪَ اِشاري ساڻ تنهنجي ٿي ويو جملي جهان.

جا بجا موجُود تون مَعبُود[4] واحِد بي گمان،
لَمۡ يَلِد[5] بي مِثل تون مالِڪِ مِنو صاحب سُبحان.

---

[1] ڪون و مڪان = دنيا جهان، جڳ جنسار.
[2] ناتوان = هيڻو.
[3] ستون = ٿنڀا، توڙيون.
[4] معبود = جنهن جي عبادت ڪئي وڃي.
[5] لم يلد = نه هن جي اولاد آهي (قرآن پاڪ جي سورة الاخلاص).

# مثنوي

## خاتم المرسلين الصلوات والسلام

سڀ صِفت آ شاهہ جي، جنهن لاءِ جڳ ڏاجو ٿيو،
پوش اِنساني ڍَڪي، هَرِ عيب کان آجو ٿيو.

جاءِ جو جارُوب[1] ڪَش، جِبريل خادم خاڪسار،
در مٿس دربان مُوسيٰ ۽ سليمان چوبدار[2]،

عرش تي آڻائيو، ان کي ڏٺي دَعوت ڏئي،
مِهرَ پنهنجي ساڻ هِيئن، اُن جي وڏي عزت ڪئي.

سَڀَ پرين سهڻو سَين کان مير مرسَل چام آ،
حُسن اُن جي جو جُزو، يوسفَ مٿان اِنعام آ.

شرع[3] ۾ سو عَبد آهي، پر اَحد با فڪر صاف،
اِسم اَحمد ۾ ٿيو هي، مِيم آ حرفِ مُضاف[4].

شاهہ جي آئي يَڪايَڪ، ٿي ويو روشن جهان،
رَحمَت للعالَمين، خَتمِ رُسل آخر زَمان.

---

[1] جاروب = ٻهارو (جاروب ڪش = ٻهارو ڏيڻ وارو).

[2] چوبدار = چوڪيدار.

[3] شرع = شريعت.

[4] مضاف = شامل، منسلڪ. (حرف مضاف = علم نحو مطابق اهو حرف جيڪو ڪنهن ٻئي حرف سان ملائجي)

# مثنوي

## اوصاف چاريار ڪبار رضوان الله تعاليٰ عليهم

چار گوهر يارَ چار ئي، مِيرَ مُرسَل سان سُنهَن،
هِڪَ ٻئي کان وَڌِ پيارا، جاءِ پنهنجي سِرِ جُڙن.

هِڪُ سچو صِديق اَڪبر، دوست دِلبر جان نثار،
راز جو مَحرَم ٿيو، هر حال ساٿي يار غار.

ٻِي ٻيو فاروق عادِل، مَرد غازِي نامّور،
فيض جنهن جي کان ٿيو، اِسلام سارو بي خَطر.

آ ٿيون عُثمان صاحب، ذُوالعَطا[1] عِلمُ و حيا،
پڻ پيارو هَم قَدم، چوٿون عَلِي شيرِ خُدا.

چار ٿنيا دِين جا، هي چار مُمبَر هِن صحيح،
سَچ سچارا دِل قَرارا، دوست دِلبر هِن صحيح.

---

[1] ذوالعطا = ٻن عطائن وارو.

# مثنوي
## اسرار پنجتن عليہ السلام

ذات واحدَ کي پيو جڏهن سير جو خاصو خيال،
طرفة العين[1] ۾ ڪُن[2] سان ٿيو سڀ ڪم بَحال.

جو پيو پَسجي ڪ ٻُڌجي، سا سَڄي اُن جي صفت،
سَڀُ جڙِي جِنسون ويون، پر پاڻ ساڳي پاڪُ ذاتِ.

هَر ڪنهين ۾ هِڪَ نہ ٻي، هِنَ ڪا عَجَب حِڪمَت رکي،
سا حقيقت رازَ واري، مَرد ڪنهن مانجهِيءَ لَکِي.

هِي سَڄو ئي سير سانگو، قُربَ جي خاطر ٿيو،
سانگَ اهڙي ساڻ پنهنجي، نُورَ کي ظاهِر ڪيو.

نُور سو مَخفي اَمانَتَ مان ٿيو نروار بَس،
ريگ رُڃَ ويران عرب ۾ بَهَ بَهَ ٿيو گُلزار بَس.

هِي ٿيو روشن جهان ۾ نُور اَحمَد مُصطفي ﷺ،
روشنائي تِي نمايان، وِيَ[3] وئي نِڪري صَفا.

---

[1] طرفة العين = اک ڇنڀ.

[2] ڪُن = ٿي پؤ. (ڪن فيڪون = ٿي پؤ، ٿي پيو).

[1] وي = سُڄ.

خاندانِ مصطفيٰ ﷺ جِي، خود ڪئي مولا ثنا،
شانَ ۾ اَطهَر ڪنهين جي، ڪنهن بہ نسبت اِنما[1]،

شانَ جي چادَرَ لَٽِي، داخِل جنهين ۾ پَنج تَن،
ذاتِ جا آ حَق جِي، واصِل تنهين ۾ پَنج تَن.

ٻِن جَهانن جي حوالي واڳ تن جي هَٿِ رَهي،
مِهَرَ جن جي سان ويو، سڀ دَرد غم دِل جو لَهي.

[1] اِنما = بيشڪ - (انما يُرِيدُ الله لِيُذِهبَ عَنکُمُ الرِّجس اهل البيت وَيطهر کُم تَطهيرا = بيشڪ الله کي اهوئي منظور آهي تہ اوهان پليتي وجائي، اي ...ل جا اهل بيت ۽ اوهان کي پاڪَ صاف ڪري جهڙو پاڪ صاف بنائڻ جو حق آهي. سورة احزاب- رڪوع 4)

# مثنوي

## سيدنا عبدالقادر جيلاني غوث الورا پيران پير دستگير

موج دِل مان تو لِکان، تعريف پنهنجي پيرَ جي،
دادلي داتا دُلاري، غوثِ اعظم مِيرَ جِي.

هَر وليءَ تي آ قدم، اُن پيرَ عاليجاهَ جو،
ديوَ ۽ جِن و پَرِي، آ زير فرمان شاهَ جو.

تارَ مان تاري ڊِنا جنهن ٻاجھ سان ٻيڙا ٻڏا،
قُم باذِنِي[1] اَمُر سان زِنده ڪيا مُردا جڏا.

اِسم اَعظم[2] شاهَ جو، توڙي زَبر زنجِيرَ کي،
مِهرَ سان ميٽي ڇڏي تو جو لِکئي تقدِيرَ کي.

شاهَ جي دامَن لڳو جو سو نه ڪوئي ڏکُ پَسي،
دائِما بيباڪ بيپرواه سدائين خوش وَسي.

---

[1] قُم باذني: منهنجي حڪم سان زنده ٿي اُٿ.

[2] اسم اعظم [illegible] اعظم آهي، ان کي اسم اعظم جو تاثير الله تعاليٰ پاران [illegible] آهي. حضرت پيران پير دستگير جو قول).

# مثنوي

## حضرت عثمان مروندي قلندر لعل شهباز سيوهاڻي

لاڏلو مولا عَليءَ جو، دادلو داتارَ جو،
آهه سو اولاد ثابِت، سَيّد الأبرارَ[1] جو.

مير مَرونڊِي قَلندَر، شاهه عُثمان نامدار،
شَهر سيوهڻ ۾ جنهين جو خاص ديرو بَرقَرار.

جو سوالي آس پائي، داد لَءِ هِنَ دَر ويو،
سو دِلي ماڻي مُرادون، سيگهه ۾ واپس ٿيو.

نزد مولا پاڪ اُن جو بول سڀ مَنظور آ،
رنج غم، آئي جنهين جي، ڏيهه هن کان ڏور آ.

خاص نالي جو نَغارو، جا بجا نروار آ،
سِنڌ تابع هِند ۽ ڪَشمير پڻ قَندار آ.

---

[1] سيد الابرار = حضرت علي ڪرم الله وجهه، (قلندر شهباز سيوهاڻي) جو نسب سورهين پيڙهيءَ ۾ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه سان ملي ٿو:- حضرت عثمان مروندي بن سيد ابراهيم بن سيد شمس الدين بن سيد نور شاهه بن سيد محمود شاهه بن سيد احمد شاهه بن سيد هادي بن سيد مهدي بن سيد منتخب سيد غالب بن سيد منصور بن سيد اسماعيل بن امام جعفر صادق بن امام باقر بن امام زين العابدين بن سيد امام حسين بن حضرت على المرتضىٰ رضى الله عنه).

# مثنوي
## طريقت حضرت قادربخش بيدل فقير روهڙي

رَمزَ رِندِي رازَ وارِي روهڙِيءَ ۾ لات آ،
وَحدَتِي جِت وَڏَ ڦڙي جان هر گھڙي بَرساتِ آ.

هَر ڳِليءَ گهر شوق شادِي، عِشق آبادي رهي،
موج ميوه گل مَجازي، عام اِمدادي رهي.

جئن عرب ۾ آ مَدينو، روهڙي تيئن سنڌ ۾،
مُو[1] مبارڪ ڪان مُشرِف آهِ هر جا هِند ۾.

ميرَ مُرشِد مُون سندو اُتِ، صاحِب علم و حيا،
مَحو معنيٰ غرق وحدت، رِند عارِف رهنما.

مَن خدا جو موجَ مان آهي سندس هِي خوش ڪلام،
فرش ڪان تا عَرش اعليٰ، سير سڀ ڪيڙا تَمام.

اِسم **قادِر بَخش بيدل**، با تَخلص نامدار،
صوفين جي سلڪ[2] ۾ سو مَرد غازِي تاجَدار.

پُٽ پسر[3] پڳداران جو، مير مُحسن نوجوان،
شاهه **بيڪس** بِرهه جو، سو هُوبَهو نقشو نِشان.

عِشق اُلفتَ جو گهران تو دانُ تن جي دَرَ اُتان،
شالَ ڪندا قُرب وارا، ٻاجَهه مون ٻانهيءَ مٿان.

---

[1] مو = وار (روهڙيءَ ۾ وار مبارڪ).
[2] سلڪ = سلسلو، سٽ.
[3] پسر = پٽ.

# مثنوي

## حضرت عشق

تِي ثنا اُن کي سونهين جو جَڳ اپائڻهار آ،
هر ڪنهين جو سو سڀاجهو پاڻ پالڻهار آ.

وهہ عجب بي رنگ ۽ بي مثل اُن جي ذات آ،
ليڪ سندس صنعتن[1] جو رَنگُ پاتون پاتِ[2] آ.

خاص پنهنجي سير لءِ اُن عِشق کي پيدا ڪيو،
عِشق اُن ڪان پاڻ خالِق تي وري شيدا پيو.

عِشق خاطر خلقيائين نُور اَحمَّد مُصطفيٰ،
پاڻ عاشِقَ تي پيو مَعشُوق مَدنِي مُجتبيٰ[3].

شان اعليٰ عِشق جو جهڙس نہ درجو ڪنهن بئي،
اِبتدا ٿِي ان ڪنان سَڀِ اِنتها ان اوٺ ٿئي.

عِشق ڪان آباد جڳ هِي عشق سَڀ جو آ اصول،
عِشق هادِي عشق رَهبَر، عِشق ريءَ نا ڪجهہ حصول.

---

[1] صنعتن = هنر، ڪاريگرين.
[2] پاتون پات = پانت پانت، نموني نموني جا.
[3] مجتبيٰ = چونڊيل، پسنديده حضور سرور ڪائنات ﷺ جي صفت مبارڪ.

عِشق جي آثار کان آ چاڪ عاشِق جو صَدور[1]،
عِشق آدَم ۽ حَوا سان ڏِسُ ڪيو ڪيڏو ڪَلور.

عِشق آڙهَہ ۾ وجهايو ڪيئن خَليلُ اللهؑ کي،
پوءِ باغيچو بَڻايو دَم تنهين آڙاهَہ کي.

عِشق سڀان عاشِقن کي ماٺِ ۾ گهارڻ پيو،
ڏِس شهيدِ ڪربلا سان عِشق ڇا ڪارڻ ڪيو.

عِشق جي اِسرار جا ڪيئي عجائِب لک هزار،
خَار[2] جان ظاهِر سُجهَن باطِن تہ جَڻ گل نوبَهار.

---

[1] صدور = سينو، ڇاتي.
[2] خار = ڪنڊا.

# مثنوي

## سنڌ سهاجهي

ياڳ بيشڪ آ وڏو ئي، سِنڌ جو هِنَ هِند ۾،
ڇا وري ڪشمير ڪي ان جي جڙي ڪجهه چند ۾.

جنّ پيارو آهه ان ۾ خاص هِڪُ منهنجو وطن،
جوڙ ۾ ان جي برابر ڪو نه ٿيندو دَر زَمن[1].

جو لِکي نالو مُصّوَر، الف ب لکجي جيئن،
شين[2] ڪاف وَ الف ري وَ پ وَ واو، وَ ري ائين.

رَحمدل رِلڻا ملڻا مڙئي مُلڪ جا ماڻهو ٻُجهن،
خوش لِباس ۽ خُلق وارا پاڻ ۾ رِيڊا رَهن.

سِنڌ ۾ ٻي روهڙي آهي مديني جي مثال،
پڻ وري کهنو[3] سکر، بَغداد جِي صورت بَحال.

سَبز گُنبذ هينان سائين، آ جتي مَسندَ نِشين،
مَرد سو داتا سَخي شاهَن جو شاهُ خيرُالدِين[4].

---

[1] در زمن = زماني ۾.

[2] شين ڪاف الف ري پ و ر = شڪارپور.

[3] کهنو = جهونو، پراڻو.

[4] شاهه خيرالدين = هي بزرگ غوث الاعظم دستگير عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه جي اولاد مان، سيد احمد رحمة الله عليه جو فرزند هو. 911 هجريءَ ۾ بغداد ۾ تولد ٿيو. علم جي تحصيل لاءِ بغداد مان مڪي، ۽ پوءِ سنڌ آيو. 1027 هجريءَ ۾ وصال ڪيائين. سندس روضو پراڻي سکر ۾

دَر تنهين صدِق دل سان، جو اچي اندوهِگين[1]،
سو وڃي واپس وري، خوش خُورم خَنده جَبِين.

[illegible] اٺ [illegible] درازين، فيض جو واهڙ وهي،
جو [illegible] سو سڀ دِلي طلب لهي.

[illegible] نوري پٽ ڏٽِي پڻ يَر جَهلو،
سي [illegible] رسي مُشڪل پيلَ جو ڪَن پَلو.

پوءِ ڪوئي سنڌ ۾، سَچ غم نه ڪو باقِي ٿيو،
هَرِ طرف ڪان تي بهارِي، ڏرت[2] ڏولائو ويو.

---

آهي. ميان شاهہ عنايت رضوي عليه رحمة سندس مريد هو. شهنشاهہ بيدل سائين جا لکيل بہ ڪتبا پڻ سندس مزار جي اُترئين حصي ۾ سنگ مرمر تي نصب ٿيل آهن.

[1] اندرهگين = غمگين، پريشان.

[2] ڏرت = لاچاري، مصيبت (ڏرت ڏولائو وڃڻ = ڏڪار هليو وڃڻ، سڪار ٿيڻ، درد دفع ٿي وڃڻ).

# ســـاراهـــــون

شهنشاهه مير مرشد جي گرامي اسم بيدل سان
ڏنو مون نوجوان نهنو، سدا سهڻو ڪراچيءَ ۾.
**فقير مسرور**

# حافظ شرازي عليہ رحمة

حافِظَ[1] ڪون هيڪلو تي مون پنهنجي پُڇا[2] ڪئي،
قِسمَتَ يلا ڇنۂ منهنجي ڪهڙي خدا ڪئي.

مان رُوح پُر فُتوحَ[3] تي تنهنجي سوين دفعا،
دَم دَم دُرودَ جي شامل دُعا ڪئي.

ويچار بعد وَرائي، مُرڪي مون کي چيائين:
"سالَن پُڇاڻان اَڄُ ڙي ڪيئن تو صَدا ڪئي."

"بِڌ ڇنائيءَ سان اَڄ هَر ڪَنهِين جي ڪَنَن ۾،
"مسرُور" خبر تنهنجي، بادِ صَبا ڪئي."

---

[1] حافظ = حافظ شيرازي عليه رحمة، سندس اصل نالو شمس الدين هو. سندس والد بهاءُالدين اصفهاني هو، اتابڪن جي دور حڪومت ۾ شيراز اچي رهيو. خواجہ حافظ شيرازي عليه رحمة اٺين صدي هجريءَ ۾ ڄائو. پاڻ فارسي علم ادب تصوف جو عظيم شاعر ۽ صوفي ٿي گذريو آهي. سندس عمر ڇاهتر سال هئي. سندس لازوال فارسي ڪلام، دنيا جي ڪيترين ٻولين ۾ ترجمو ٿيو آهي.

[2] پڇا ڪئي = فال ڪڍي (خواجہ حافظ شيرازي عليه رحمة پنهنجي زندگيءَ ۾ ستن حڪومتن جا انقلاب، جنگيون، ظلم، جبر ۽ عدل انصاف ڏٺا، اهوئي سبب آهي جو سندس ڪلام ۾ تقريباً هر قسم جا مضمون آندل آهن. سندس ڪلام ۾ پڻ انهن دلچسپ تاريخي واقعن جي ڪري عوام تہ ٺهيو پر بادشاهہ بہ فال وٺندا هئا. غيبي صورتحال ڄاڻڻ لاءِ اڄ بہ ماڻهو حافظ عليه الرحمة جي ڪلام مان فال ڪڍي پنهنجي قلب جو اطمينان ڪندا آهن).

[3] پر فتوح = (جمع) ڪامياب.

## سائين نبي شاھ وڳڻ عليہ رحمة

ماڻ عَجَبُ ڏِٺو دَستُور سائين نِبِي شاھ وَڳڻ جو،
مُنهنجا مُرشدَ سُڻ مَذڪُور.

مُنهن تہ چُٽَل شاھ جو محبت سان مَعمور،
قرين وارو مَرد مولائي تازو پيو ٿِس پور.

ٿَهڪَن تاريون نِمون نياريون پيريون جَهِلن ٻُور،
پِيرَ مٿانهون پاڻُ ڏٺي تون نِتُ وسائين نُور.

وارث والي تو دَرِ سُوالِي مرد اھو مهجور،
صدقي شاھَ شهيدن جي ٿنهن جا دَردَ ڪندين ڏُک دُور.

آسَ رکي اِسماعيل آيو هادِي ٿُنهنجي حُضور،
ڪارَنهِن ڪَسُ ڪُل ٿنهِن جي لاهي مولا ڪَج "مسرورَ".

---

(؟) نبي شاھ وڳڻ رتيديري (لاڙڪاڻي ضلعي) جي اُتر طرف هڪ ڳوٺ آهي، جتي ان دور ۾ سيد قلندر شاھ جيلاني بادشاھ جو وڏو حلقو هوندو هو، جتي هڪ وقت سڱ فقير رياضت ڪندا هئا. سيد قلندر شاھ جيلاني، فقير عبدالخالق عرف غمدل فقير سائين جو مرشد بہ هو. اهي بزرگ "فقير مسرور" جي عشق آستاني تي ايندڙ هئا ۽ پاڻ "فقير سائين مسرور" بہ وٽن ايندو ويندوهو. هن ڪلام ۾ نبي شاھ وڳڻ جي پين بزرگن، حضرت چٽل شاھ ۽ اسماعيل فقير جا نالا بہ آندل آهن. (فقير سائين احمد بخش بدوي کان مليل روايت).

## حاجي لطيف شاھ جيلاني شڪارپور

نُور نَبيءَ جو مَنظر حاجي لَطيف شاھ[1]،
اَڪمَل عَجِيب اَنورَ حاجي لَطِيف شاھ

گُل باغ پَنجتَن جو مَحبُوب ذوالمنَن[2] جو،
سالار دين سَروَر حاجي لَطِيف شاھ

دَربار لا اُبالِي ملڪِ خدا جو والِي،
آهي غَرِيب پَروَر حاجي لَطيف شاھ

روزِ شُمار شافِي ڪامِل قَريب ڪافِي،
نِرمَل نِجاتَ جو دَر حاجي لَطِيف شاھ

"مَسرُورَ" عُمر وِساري رَھ شادِ دِل اجاري،
دَر دَستگير ھِلبَر حاجي لَطِيف شاھ

---

(1) حاجي لطيف شاھ جيلاني عليه رحمة = حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني قدس سره العزيز جي خاندان مان 12صدي هجريءَ ڌاري شڪارپور اچي سڪونت پذير ٿيو. جتي ئي سندس وصال ٿيو. سندس مزار لکي در ڪان ٻيگاري واھ ڏانهن ويندڙ رستي تي آهي

(2) ذوالمنن = احسان ڪندڙ، ڌڻي تعاليٰ

## منچر شاھ بخاري شڪارپور

سَخي سَر تاج عالِيجاھ شهنشاھ پير مَنچَر[1] شاھ،
اَڙيَن آڏر اُجهو هَمراھ شهنشاھ پير مَنچَر شاھ.

نَبيءَ جو نُور نُوراني عَلِيءَ جو لاڏلو جانِي،
اِلاَهي سِرُ صَفي الله شهنشاھ پير مَنچَر شاھ.

شريعت ۽ طريقت ۾ حقيقت ۽ معرفت ۾،
سِرَيءَ جي سير کان آگاھ شهنشاھ پير مَنچَر شاھ.

سوُنهين سرتاج شاهانہ سُخن گوهَر چُون رِندانہ،
صِفت بي رَنگ سُبحان الله شهنشاھ پير مَنچَر شاھ.

سَتايل جو اَچي سُوالِي وَجي سو ڪينَ هَڏِ خالِي،
سَراسَر فيض جو دَرياھ شهنشاھ پير مَنچَر شاھ.

نہ غم "مَسرُور" ڪوئِي آ سَخِي وارث وڏو ئِي آ،
بُخارِي مَردُ بيپرواھ شهنشاھ پير مَنچَر شاھ.

---

[1] منچر شاھ بخاري = سندس اصل نالو سيد منوچهر شاھ بخاري هو. 12صدي هجري ڌاري ايران کان اچي شڪارپور ۾ رهيو. سندس مزار جيڪب آباد ڏانهن ويندڙ رستي تي ٽي وي بوسٽر جي پويان آهي. اڄ بہ سندس درگاھ تي هر رات تي چونڪي ٿيندي آهي. شڪارپور ۾ منچر شاھ غازيءَ جي نالي سان مشهور آهي. سندس مزار اندر هي ڪتبو لڳل آهي: در آثار نبي مقبول سيد منچر شاھ سن 1147ھ- رحمة الله ڪاشيگر- هالا.

## سائين امين شاهہ چشتي عليہ رحمة

يا پيرَ چِشتي[1] پارسا والا حَسب عالِي مَقام،
ڪو داد ڪَرِ فرياد رَس حُرمتِ خيرُالأنام.

اولاد تون حسنينَ جو، وارِث شَهہ ڪونين جو،
پڻ مسنَدِ سِبطينَ جو، لاريبُ تون آهين اِمام.

تون اَميرالمومنين آهين، مُعين الدِين مُعِين،
تون سَچو سالار دين، توتي صَلٰواتون سَؤ سَلام.

سائِل اچي جو دَر پيو، موٽِي نہ سو خالِي ويو،
آ فيض تنهنجي جو ٿيو. عالَمَ مٿان اِڪرام عام.

منهنجي چَلگَت چال جي، بَدچال بَدافعالَ جِي:
ٻِي تان حقيقت حالَ جِي، آ ماهِيتَ توکي تمام.

آڌار تون دِلگِيرَ جي، دِل ڏِير تون بي ڏِير جِي،
توکان طرِيقَتَ پِيرَ جِي، پارَتَ پنان سائين مَدام.

هِيٺَن مٿان هَتڙو ڌَرين، ڪو مهَرَ جو ڍارو ڍَرين،
پَرتو اَتُوَ سيني پرين، "مَسرُورُ" مِيراثي غلام.

---

[1] امين شاهہ چشتي عليه رحمة = هي بزرگ، شڪارپور ٺهڻ کان اڳ ۾ عراق، شام ۽ عرب کان ٿيندو اچي، هت رهيو هو. سندس مزار مختيارڪاري آفيس جي پويان ڪڙ ۾ آهي.

## سامي چئن راءِ شڪارپور

سَت سَنت ساڌُو پُرش[1] سامي[2] مَردُ مَٽيادار هو،
قُربَن قَرارو قُرب جو ڪانڪِي[3] ڪَلنگِي دار هو.

ڏنوان آئر ڏِن سَندي جو شاهه شاهُوڪار هو،
هَٽُ حاجَ ۾ دِل يارَ ڏي، هِنَ وِيرَ جو واپار هو.

هَرِ پيدَ جي مايا جو مانجهي، هِي پَريو پَتيار هو،
سَچ صوفين جي سَلڪ ۾ صوفِي سَچو سالار هو.

سَن عِيسوي اَرڙهين صدِي پنجاهه جو پَرچار هو،
سَؤ سَتَ وَرهہ جِيوث پُجاڻان پار هُن هَسوار هو.

ديهِي[4] سبب داسي چوڻ ڪان ڪيس نا اِنڪار هو.
پر آتما ڪان تان اناالحَق جو سندس اِقرار هو.

"مَسرُور" منهنجو ان سَمي ۾ وِيرَ سان وَهنوار هو،
پُورَن[5] ٻہ اُتِ پَر لوڪَ ۾ ڀَهِڳڻَ مٿان ٻَلهار هو.

---

[1] پرش = آدمي (ساڌو پرش = درويش، پرهيزگار شخص)

[2] سامي = ڀائي چين راءِ لنڊ، 1730 عيسوي ۾ بچومل جي گهر ۾ پيدا ٿيو ۽ هڪ سؤ ويهہ ورهين جي ڄمار ۾ 1850ع ۾ هي جهان ڇڏيو. سنڌي ٻوليءَ جو ۽ ويدانت جو تمام وڏو شاعر هيو. سندس نسبت سان شڪارپور ۾ "سامي شير" محلو آهي.

[3] ڪانڪي = سڌائتو، خواهشمند

[4] ديهي = انساني جامو.

[5] پورن = پورائو ڪندڙ، رزاق.

# ڀڳت ڪنور رام سنت

هِنَ سَمي سَت پُرش صُوفِي سَنت ڪَنوَرُ رام[1] هو،
نوجوان نِهنو سَخِي سو گلبدن گلفام هو.

اَز خدا ويدانِتي، وِرثو تنهين اِنعام هو،
ناٿ[2] نيهِي دُکَ ڀڃَن سو تان ڄائيندي ڄام هو.

مکَ وچان ان جي مٺان ٻَلهار خاص و عام هو،
ڪَنٺ رَس[3] سڀان تنهين جو نامِيارو نام هو.

وهہ عجب ڪنديءَ[4] جيان، ڪُنڊل[5] ڪنن جو دام هو،
اَلف قد جي هر دو پَهلوءَ کان لِڪيل چڻ لام هو.

---

[1] ڪنور رام سنت = ڪنور رام اصل ڏهرڪيءَ جو ويٺل هو. سنڌ جي ڀڳتن جو سر موڙ هو، هندو مسلم جو خير گهرندڙ هو. سوز گداز سان ڳائيندو هو. نزاڪت سان نچندو هو. سندس ڪيترائي ڳايل ڪلام اڄ بہ سنڌ ۾ مشهور آهن. 12- جنوري 1939ع تي رڪ اسٽيشن تي ريل ۾ ڪيس بندوق هٽي ماريو ويو.

[2] ناٿ = مالڪ، مڙس، مرشد.

[3] ڪنٺ = ڳلو، رس = رسيلو، وڻندڙ، ڳلي مان نڪرندڙ سريلو آواز.

[4] ڪندي = وريل يا گول ڇلو، ڪن ۾ پائڻ واري ڪنڊل جو ور/وڪڙ.

[5] ڪنڊل = ڪن ۾ پائڻ وارو وڏو ايرينگ

سر چڻي چيري[1] سان پٽرو، وير سو وريام هو،
پاڻ ئي پهلاد[2] اَرجن پاڻ ئي سو شِيام هو.

ڪُوچ جو ڪيچيءَ ڪنان پُهتَل وَٽس پيغام هو،
سِر ڏِيَڻ جو پِي ائين اصلي سندس انجام هو.

هُو وَٺي مڪتي[3] ويو پَر عامَ ۾ ماتام هو،
موجَ ۾ "مَسرُورُ" هو مَلزومَ تي اِلزام هو.
(1- نومبر 1939ع)

---

[1] چيري = ڳاڙهي يا گلابي رنگ جو ڪپڙو، مگڻي وقت ڪنوار ڪي گهوٽ طرفان ڏبو آهي. ڪفني.
[2] پهلاد = سورهيه، ارجن جو لقب.
[3] مڪتي = ڇوٽڪارو

## سنت ڪَلهورام

سري سا پُرش سَت ڪَلهورام سوامي،
سَتوگن سَمندر جو گوهَر گرامي.

ڏِياني اَٽل ٽل، گياني اَچل چَل،
اَجل جَل اَمل مل، اَول وَل ايامِي.

رکي دَم درازِي، سِرئون سِرَ جي بازي،
حقيقي مجازِي، ڪيو طئي تمامي.

جِسمي جَم ڪان تارڪ، لَکِي لال لاشڪ،
سَدا سَروَوياپڪ، ٻَهَر جا مَقامي.

بَقا جي بَحَر ۾، لڙهي لَسَ لَهر ۾،
ڇڏي ديهہ ڇَرَ ۾، مُڪت تيو مَدامي.

لکيسَر جو اِيسَر، چوي کهڙو چَرٽر،
پَسي جوتِ جوهَر، تيو جڳ سلامي.
(21-11-1945ع)

# مسرور جو مسرور قاتڻ سنيهو

مسرور ملِ مسرور سان، مسرور مان مسرور ٿي،
تون مان ٿيون مسرور پيار، ڪو زاغ[1] ۽ زنبور[2] ٿي.

مان جسم، تون ٿئين جان هون، تون مان ٿئين مان تون
ٿيان،
هي هو چوڻ جو جيئن ڪٿهين ڪي ڪئين ڪو مقدور ٿي.

آهي اِجابت[3] لاءِ خدمت ۾ لِکيل ٿو ٿو ستلي،
هر حال ۾ هڪ ٿي رهڻ توکي اگر منظور ٿي.

يڪ دل ٿيڻ جو جڳ سڄو هن مان پرائي سبق پڙهه،
هي جي پيالي جو پيئل پرهو وڃان ٿي هور ٿي.

آيس رڙهي مان اڳيرو پير تون به اوري آهه تان،
هڪ زندگي هڪ بندگي هڪ ئي عمل دستور ٿي.

بيخود رهي هرهو[4] خوشيءَ کان وحدتي واصل ٿيون،
مخمور هيڙي موج ۾ دل چور وڃ چڪچور[5] ٿي.

---

(1) زاغ = ڪانءُ.
(2) زنبور = ڏيڀو.
(3) اجابت = قبوليت.
(4) هرهو = سڀ، ڪل.

اطلاع اڳ ۾ تو ڏِيان هِي خاص خادِمَ[1] يارَ ڪي،
مَسرُورُ تي جِيئَن ڪِينَ ڪِي مَسرُورُ ڪُجهه رَنجُورُ تي.

جي تو مَجي هيءَ مَصلِحَتَ، بَس چوطَرف چَرچو لڳي،
پڻ مَعنوي مَنڪُورُ هِي هَر مُلڪَ ۾ مَشهُورُ تي.

ڪجهه آتِڙي اُن کي نه يا هِيءَ ڳالهه بي ڳوري لڳي،
تان هُو مَتائي نانءُ خُود مقصُورُ[2] يا مَغفُورُ[3] تي.

ناهي عَجَبُ جو نَظَمَ پنهنجي تي وَري نازان رَهي،
هِڪَ جو پيو هِيٺهن لِکي مَنَ ۾ ذرا مَغرورُ تي.

ڪجهه ڪجهه مگر معلوم اُن کي پي هُجَڻ گهُرجي اِهو،
سِرَ جي ڏِيَڻ لِءِ سَچ چَئِي مَنصُور تو مَجبُورُ تي.

هِڪڙي جهُڳي ۾ اِسمَ ساڳي ڪِينَ پِئَن جا ٿِهَن،
نالو بہ جِيئَن نالي چَٽي هِي نَقدِ تِي هُو مُور تي.

راضي اگر آ رووُ سان پِل رُورَ جي لهجي ڪٿي،
مَعمُورُ تِي مَخمُورُ تي يا نُور ڪِي پُرنُور تي.

هَردو حَقيقَتَ مان سنس مَرضي مَجي جيڪا بہ تان،
"مَسرُور" اهڙي حالَ ڪان "مسرُور" جو مشڪُورُ تي.

---

(9) چڪچور = چڪناچور، زخمي.

(1) خادم = حاجي محمود خادم مرحوم.

(2) مقصور = قصور ڪيل، گهٽايل.

(3) مغفور = بخشيل، مغفرت ڪيل.

# پيشنگوئي

## بيدل ڪراچيءَ ۾

شهنشهہَ مِيرَ مُرشِدَ جي گِرامي اِسمَ بيدل[1] سان،
ڏِٺو مُون نوجَوان ٻِهَنو سَدا سُهڻو ڪراچيءَ ۾.

عَجب آيو تہ ڪِيئن آيو، هتي سو رَهنُما جِيئن جو،
نہ ڪِي لُهرِيءَ[2] وِچان وِڇڙو، نہ ڪِي اڇڙو ڪَراچيءَ ۾.

چَيمِ دِل ۾ اِئين ئِي تا قيامت ڪان اڳي ڪنهِين،
نہ ڪوئِي روهڙِيءَ ۾ پڻ نہ ڪو اُٿڙو ڪَراچيءَ ۾.

وَري چاتم تہ هي ناهي، ڪَکَرُ پڻ مينهَن وارو جو،
ڪَنهجن لهِري ڪَنهن سيوَهِڻ ڪَنهن وَسڙو ڪَراچي ۾.

نہ سَپني ۾ بہ مُون جَنهن کي ڏِٺو هو ڪو اڳي ڪنهين،
عجب آهي اهو زِندَهہ ٻيو ڏِسڙو ڪَراچيءَ ۾.

تنهن ٻيلرَ لءِ هاڻي، ڏکائي دَردَ جي دُونهِين،
ٻُڪارِينڊُس ٻَيو دَرَ تي هَٽِي ترٽو ڪَراچيءَ ۾.

---

[1] هڪڙي روايت مطابق هي ڪلام ڪراچيءَ جي معروف شاعر عبدالعزيز بيدل ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ ڪلام جو مضمون فقير مسرور جي آخري فرزند نالي بيدل مسرور (راقم الحروف) لاءِ ڪيل پيشنگوئيءَ جي سلسلي ۾ لکيل آهي. (مؤلف)

[2] لهري = روهڙي.

رُلي مُون روهڙيءَ ۾ تي گيا وَسَ قُربَ ڀلائِيءَ لاءِ
گيلان صَد شُڪرُ سو هلڻي تيِيو مِلڻو ڳراڇيءَ ۾.

مُعلقي تي وَيو هو ٻيَر مجازي ميرَ جو سِرتو[1]
سِتلڻو سَتگُ سَرڪاري ٿِيو ٻيَرڻو ڳراڇيءَ ۾.

ٻُڌيالي ۾ ٻِڏي پالتهون ڪري گيسيُون گهٽِن اڳيلن
گهٽو ٿِي ڪجهه پيو گسٽو ڪِ گج وَهڻو ڳراڇيءَ ۾.

عَجائِب عشق حضرت جي ٻِٽي هُئي پالجهہ تِي مُون تي
ڳَنَهن لُهريءَ ٿِيو ٻُڪِڻو ڳَنهِن رلڻو ڳراڇيءَ ۾.

هِجي ٺَڪَ ٻيوڙ ڪالن هِن ٻير درازيءَ[2] دَر ڪَيَر آڙي
رَهلن ملن روهِڙيءَ ۾ ٻيا ڳيلن مَرڻو ڳراڇيءَ ۾.

ڦِٽو "مسرور" اڄ هَس هَس ڀِلاسو شههَ درازيءَ اڄ
ٿِيو جو روهِڙيءَ ۾ سو نہ آ ٿِيڻو ڳراڇيءَ ۾.

---

[1] سرتو = نئين سر.

[2] درازي = سرڪار سچل سرمست دولهہ درازي عليه رحمة

# سخن مسرور

(متفرق ڪلام)

خدايا هي چمن منهنجو رهي سرسبز دنيا ۾
ٻَسي جنهن کي ٿئي دم دم، حج اکبري بلبل

**فقير مسرور**

# ڪافي

آءُ ڪانگا ڪَرِ ڳالهہ، مُون سان مارن جِي.

ڪڏهِن ڪانگا هِنَ ڪُنَلِ جِي، سانگي لَهندا سَنيالَ.

مارن رِيءَ آءٌ هِجِرَ ۾، جَرَ وَهايان جالَ.

اِيندَمِ آسَروَندِ جي، سِڪَندي ٿِيا ٿَم سالَ.

مارنِ رِيءَ "**مسَرُورُ**"[1] جا، هِيٺا ٿِيڙا حالَ.

---

[1] فقير مسرور جي هيءَ ڪافي، روحل فقير جي فرزند "دريا خان زنگيجي" جي هڪ ڪافيءَ جي تتبع تي چيل آهي. دريا خان سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون چوندو هو. سندس ڪلام "آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ مون ڪي تن ماروئڙن جي" فقير سائين بہ ڳائيندو هو، جيڪا ڀڳت ڪنور رام گراموفون ريڪارڊ تي محفوظ ڪرائي. هيءَ ڪافي بہ ساڳي سر ۽ محويت ۾ چيل آهي.

## ڪافي

وٺ يارَ جِي تون يارِي، ڪِردارَ کي ڪبو ڇا،
قاتِي جا دِل ويچارِي، وِيچارَ کي ڪبو ڇا.

جَور و جفا جِي سارِي، اَصلَئون پرين اختياري،
ڪرِ نياز نِوڙِتَ زارِي، تَڪرارَ کي ڪَبو ڇا.

دلدار جنهن کي چئجي، ٻي سور تنهن نہ سڄي،
رايو بہ پنهنجو رکجي، ٻي ڪار کي ڪبو ڇا.

نوڙِي ٽَڳا[1] تُون سارا، گوشي گذار پيارا،
ڪَر ٻولَ ٻاجهہَ وارا، ٻِيءَ تارَ کي ڪبو ڇا.

گُلَ جو تہ واسُ وَنجي، وَنجي نہ مُول هَنجي،
"مَسرُورُ" مفت تَنهنجي، پَر خارَ ڪَبو ڇا.

---

سيد غلام حيدر شاهہ، پوٽو شاهہ ڪريم بلڙي وارو شڪارپور ۾ ڪرم الله خان جي اوطاق تي فقير سائين کي هڪ ڪافي جواب طلب ڏئي ويا هئا:

بي سوز صرف ستمگر دلدار کي ڪبو ڇا،
جو يار هجي ياقي، تنهن يار کي ڪبو ڇا.

[1] ٽڳا = واسطا رڱگو: مانڊاڻي ۾ پيل منڊيئڙي کي ڦيرائڻ جي نوڙي يا ڏوري).

## ڪافي

اَڄ شوقَ ڪان شوقِينَ ٽِيا شُعرا نوان نوان،
چوڏِهين صَدِيءَ ۾ چِلول چِٻرا نُوان نُوان.

مَضمُونُ سڀ ٻِيَن جو نالو وِجهي ڪَن پنهنجو،
في الحال ڳَنڍي اُن ۾ فِقرا[1] نوان نوان.

مَدنِيءَ جِي چِڏي اُلفَتَ مَعشُوقَ رَکن دِل جا،
ڳولي دُنيا مان چِٽ چِٽ ڪَٻرا نوان نوان.

هن حُسنَ بي بَقا جي سُهڻَن تان ساهُ گهورن
جَن مان رَسَنِ جانِ کي خَطرا نوان نوان.

هِي عِشق جَن کي اَزَلِي سي سوزَ مان سَجَڻَ جا،
سَهجَئُون سَدائِي ڳائِن سَهَرا نوان نوان.

آهن انهيءَ تتبع[2]، بَندَ بي گهٽا پَرَ،
"مَسرُورُ" تُنهنجي شِعرَ جا مِصرا[3] نوان نوان.

---

فقير مسرور جي هيءَ ڪافي، مير عبدالحسين سانگيءَ جي هڪ ڪلام جي تتبع تي چيل آهي. "گوهر شناس ٿيا آهن. اڪثر نوان نوان" جيڪا پاڻ بہ ڳائيندو هو. جنهن کي استاد بيبي خان، گراموفون ريڪارڊ ۾ محفوظ ڪرايو.

(1) فقرا = جملا، سٽون.

(2) تتبع = پيرويَ، ڪنهن شاعر جي غزل، نظم يا ڪافيءَ جي پِران ڪلام جوڙڻ.

(3) مصرا = مصرع- شعر جي هڪ سٽ

## فارسي ڪلام جو منظوم ترجمو[1]

ياد تنهنجيءَ کانسواءِ ٻيو ڪم نہ ڪو آرام ٿيو،
الله هُو هُو، هُو هُو الله، ورد صبح و شام ٿيو.

بس اهو نعرو الستي، آ رهيو اي ڪِبريا،
آ يقين دم دير ريءَ، پورو تہ اڄ انجام ٿيو.

مان سَٽيان ٿو شهر پنهنجو، تنهنجي ئي تار ۾،
هاءِ منهنجي ڪم انهيءَ کان بي خبر هي عام ٿيو.

نا زمين نا فلڪ نا ملڪن کان هي برداشت ٿيو،
جو ازل کان زاهدا، عشق مون انعام ٿيو.

هر حال ۾ هان خوش سدا، جو اچي سر تي پيم،
ان ڪري "**مَسرُورؔ**" مُون، اظهر گرامي نام ٿيو.

[1] فارسي ڪلام نمبر5- هيچ جز يادت نہ شد اي يار ديگر ڪار ما.
ترجمو: بيدل مسرور.

# فارسي ڪلام جو منظوم ترجمو[1]

هائي هائي حال مان ڪنهن کي سڻايان هجر جو هي بي حساب،
يار جانيءَ جي جدائيءَ ۾ ٻُران ڪانوان پيو سؤ پيچ تاب.

تا حياتيءَ آءٌ تنهنجو هان غلام، صدقي ڪيان سڀ مال و زر،
جيسين تنهنجي طرف ڪان مسڪين کي آڻي ڏئي جلدي جواب.

هن دنيا ۾ ڪيترا آهن سدا، قاصد! ادا هُدهُد عزيز،
پوءِ يلا خطڙو ڪٺي آڻي ڏئي ءَ ڪو ڳنڍي اڄ هي ثواب.

تو رئان راتيان ڏينهان بس هِجر تنهنجي ۾ سدا سهٽل منا،
جيئن چڙي، بلبل بہ روئي ءَ لڇي مضبوط ڄنبي جي عقاب

يار جانيءَ جي جدائيءَ، مون جيها مسڪين ڪئين ڪيڙا هلاڪ،
عشق جي آتش سبب منهنجو بہ ٽيڙو آهي سينو جڻ ڪباب.

دلربا جي درد ڪون ڏيرج بہ دل کي ڪوڙ ڏيان، بس چا ڪيان،
ان ڪري "آواز بلبل"[2] تو رکان "مَسرُورُ" نالو هن ڪتاب.

[1] فارسي ڪلام نمبر6- وا دريغا ڪہ را گويم حال هجران بي حساب، ترجمو: بيدل مسرور
[2] آواز بلبل = قلقل عندليب، فقير مسرور جي فارسي ڪلام تي رکيل عنوان.

## فارسي ڪلام جو منظوم ترجمو[1]

عشق جي راهن متي رئندو ويس، مان ڪير هان،
ٽورڙو ليڪن نہ هو ڪو عقل پيو، مان ڪير هان.

پاڻي آهيان باهہ آهيان يا ڪ آهيان خاڪ مان،
رات ڏينهن حيران آهيان فڪر ۾، مان ڪير هان.

جسم آهيان يا ڪ بيجان يا ڪ مثلِ باد هان،
واهہ پنهنجو حال پيو تو نا سڃاڻان، ڪير هان.

ڪونہ تو ڄاڻي تہ مان ڪو راز مخفي آهيان،
قطرو آهيان نور يا، والله اعلم ڪير هان.

---

[1] فارسي ڪلام جو نمبر 9 = مي روَم در راهِ عشق زار نالم ڪيستم.
ترجمو: بيدل مسرور

## فارسي ڪلام جو منظوم ترجمو[1]

ساقي! صراحيءَ مان پري ساغر اهو ڏي، خوش ٿيان،
پيئندي ئي مرده دل منجهان، ان گهڙيءَ زنده ٿيان.

ان طرح مون کي عطا ڪر، ڪبريا جي واسطي،
گلڙن جيان ٽڙندو وتان، دنيا ۾ خوش خوش ٿيان.

ساقيا! تون پنهنجي در تان مون کي مايوس نا ڪجان،
جو انهيءَ دنيا ۾ پڇتايان ڪ شرمندو ٿيان.

هي عجب ناهي جو مان تنهنجي ئي لطف و ڪرم سان،
مون سُجي کي جي سجين، بي پَر اڏامي خوش ٿيان.

تو نوازش مون دکيءَ دل تي رهي "مَسرُورَ" جي،
آخري دم تائين تنهنجو خاص خادم ٿي رهان.

---

[1] فارسي ڪلام نمبر10 = ساقيا ساغر زِخُم خواهم ڪہ خوشنده شوم.
ترجمو: بيدل مسرور

# فارسي ڪلام جو منظوم ترجمو[1]

اي عشق هاڻ هِت هُت مشهور تو ڪيو،
بي انت لطف سان اڄ مشڪور تو ڪيو.

مدح ثنا ڪيان مان، دم تنهنجي سان جيان،
پنهنجي تہ چاڪرن ۾ منظور تو ڪيو.

اوندهہ وئي ڪفر ويو، دل مان سارو غم ويو،
چراغِ شوق سان جڏهن، پر نور تو ڪيو.

آيس نہ يلي آس، سگر ڪهڙي غم سبب،
منهنجي ٿي سر بي بار وجهي مجبور تو ڪيو

آيو هلي جو **شاهہ** پوئين رات خواب ۾،
ديدار صنم ڏيئي "**مَسرُورُ**" تو ڪيو.

[1] فارسي ڪلام نمبر 13 = اي عشق تو در دوجهان مشهور مارا ڪرده اي.
ترجمو: بيدل مسرور.

# سخن مسرور

(متفرق ڪلام)

خدايا هي چمن منهنجو رهي سرسبز دنيا ۾
ٻَسي جنهن کي ٿئي دم دم، حج اڪبري بلبل

**فقير مسرور**

ڏٺي جي دَرِ ٻَڌِي ٻانهون پَئي ڪَج اِلتجا دَم دَم،
خِزان جِي جهَڙپَ جهُوٽي کان ذرا دِل ۾ ڊَري بُلبُل.

ڳنيو هَٿَ ۾ اَچي تو دام، ماري ديسَ ڏاري کان،
ڏِسي اُن کي ڏِکَر ڏاري مَتان ٿئين تون ڏِري بُلبُل.

ٻَڌِي هِمَتَ وَڏائي وِکَ اِنهيءَ ماري مُنافِقَ کي،
هٿائي چِڏِ مِٺائي چِڏِ ڪَري هُلَ حيدري بُلبُل.

خدايا هِيِ چَمَن مُنهنجو رَهي سَر سَبزُ دُنيا ۾،
پَسِي جَنهن کي ٿئي دَم دَم حَج اَڪبَرِي بُلبُل.

ڪَري ڪوشش ميان مالِهي نہ ڏيندو ڪا سُڪَڻ ٿاري،
اِها پِي ڪجھ هجي اڳَ ئِي خَبَر توکي ڳري بُلبُل.

ويا قِسمَتَ جي تَختي تان اَياڳتَ جا اکرَ مِٽجي،
سَياڳو اَڄ ٿِيو مُنهنجو سِتارو مُشتَرِي بُلبُل.

خدا جي فَضلَ سان مَدنِي مُحَمَّد مير جي آئي،
لَڳو توحِيدَ جو نعرو ڏِٺا ٻُتَ آذري[1] بُلبُل.

سُٺَڻَ سان پُر اثر هيڪَر اکر اَللهُ اَڪبَر جو،
ٻُڌي بيدار ٿِي تون هاڻِ مُنهنجي بَنِسرِي بُلبُل.

قيامَت ۾ سُفارَتَ جي حِمايَتَ جي شفاعَتَ جي،
عَطا الله کان اَحمَدَ کي ٿِي آ افسَرِي بُلبُل.

---

[1] آذري = آتش پرست.

سَجَڻَ ڏاران فَصاحَتَ[1] جِي حَلاوَتَ[2] جِي ڪَنهين ڪي پِي،
نہ حاصِل آ اِها طَرزِ بَيان جادوگرِي بُلبُل.

نہ ثاني حُسنَ حَضرَتَ جي تِيو آ ڪو نہ ٿِيندو ڪو،
ڪُجا[3] شمسُ و قَمرَ روشَن، ڪُجا حُور و پَرِي بُلبُل.

ٿِيو دارا سُليمان ۽ سِڪَندَر دَرَ سَندو گاهي[4]،
سَوين سُلطانَ ڪُوچي ۾ ڪَرن يُوزه گرِي[5] بُلبُل.

سَجَڻَ جي دَمَ مُقابل ٿِي پِيو بيدَم، دَمِ عيسيٰ،
عَصائي[6] مُوسِوِي توڙِي ڪَري ڇا هَمسَرِي بُلبُل.

لَقب لَولاڪ[7] لَما جو مُشَرف شانَ ۾ آيو،
سِرِي صَلي اَللهُ ڪي سَڀَ متانهون سَروَرِي بُلبُل.

ڪَيا "مَسرُورَ" تي مَولا ڪِروڙين لُطفَ ۽ لائِقَ،
پَسِي هِيءَ مُندَ موچارِي، پَيون اُڪِرِيون نَرِي بُلبُل.

---

[1] فصاحت = خوش ڪلامي، خوش بياني.
[2] حلاوت = مٺاڻ، شيريني.
[3] ڪجا = ڪٿي.
[4] گاهي = گاھہ وڪڻندڙ.
[5] يوزه گري = چاڪري، نوڪري.
[6] عصائي موسوي = حضرت موسيٰ عليه السلام جو لڪڻ.
[7] لولاڪ لما = لَولاڪ لَما خلقت الأ فلاڪ = اي محمدﷺ- جيڪڏهن تون نہ هجين ها نہ مان آسمانن کي پيدا نہ ڪريان ها.

## خط

هَر بَخش[1] شالَ هوندِي، تنهنجي وَڏِي حَياتِي،
بَکُ ڏي فقِيرَ کي تان سُکَ جو تِين بَراتِي.

مَج عرض منهنجو منڙا نيبَهه هجِئي جوانِي،
منهنجي ڪکين اَچي تون جانِي ڪا پاءِ جهاتِي.

هَٿَ ڪان وَيو اُڏامي دِل جو پَکِي ٿَنهين دَم،
جَنهن ڏِينهن ٻُلڪَڙِي[2] جا مُون سان مِلي تو پاتِي.

هِڪڙِي گهڙي بہ دِل کي هاڻي قَرار ناهي،
اَهڙِي عجب تو مُون کي لَنوَڙِي وري ڪا لاتِي.

بدحال سو تي وِيندو بَدخواه جيڪو تُنهنجو،
توکي ڏسي عَدو[3] جي ڌَڪِي وَجي تہ ڇاتِي.

اُجرت دعاءِ داسي تو کان گهُري اِهائي،
پنهنجَي تون حُسن جِي ڏي خيراتَ چُپ چُپاتِي.

---

[1] هربخش = دوست جو نالو
[2] ٻُلڪڙي = ٻُڙهاٽڙي، پاڪر.
[3] عدو = دشمن.

سر ساھ مال ڏن بي واري ويھان نہ تو ڪان،
گھارين جي گڏجي مُون سان بڻجي پراءُ[1] ياتِي.

نِتُ نِتُ وَڌي نئين سج اِقبال عز[2] تنھنجو،
حاسِدَ جي چَشم و دل ۾ چِيندِي رَھي چواتي[3].

"مَسرُورَ" سان مِلڻ جي انجام تي نہ آئين،
تُنھنجي اِھا طَبِيعَتَ اَگِھين نہ مُون سُجاتِي.

(شھداد ڪوٽ10-2-1943ع)

[1] پراءُ = پاءُ.
[2] عزُ = عزت.
[3] چَواتي = باھ جي اماڙي.

# خط

داسيءَ مَتان دَيالو پَيغام ڪرِ پَلائي،
مِل مونجهه لَهي مَنَ جي آشا اَٿمِ اِهائي.

جانان[1] لَکين مان پَريان، آڏو هِي سِرُ پيي ڏَريان،
جي تُون اَچين نه ڪَريان، سَيَ ڪا سَجَڻَ رَسائِي.

ماندو مٺا مَران ٿو، ڳجهه ۾ سَدا ڳَران ٿو،
تَپَ سوُر ۾ ٻَران ٿو، ماري ٿي ماندگائِي.

سُڻ عرض منهنجو جانِي، ماڻين تون جِندُ جُواني،
مون ساڻ مِهربانِي، ڪَرِ ڦُربدار ڪائِي.

مِنٿڙا هِي عَرض مَج تون، پيرو نه مون ڪان پيچ تون،
سائِين پَري نه وَج تون، سَرهو هُجين سَدائِي.

مون ساڻ رَک تون ياري، توکي ڪيان ٿو زاري،
ڏِسُ برهه ٻاري، جانِي نه ڪرِ جُدائِي.

اَڳِتي اوهان جو رايو، رايو نه جو رَکايو،
وَرَندِي وَري وَرايو، دِلجاءِ ٿيمِ جائِي.

---

[1] جانان = آزي، نڪ گيسي. (جانا پرڻ = آزيون نيزاريون ڪرڻ).

## خط

ساهہَ جا سنيگارَ، سُهڻا يارَ، شالا خوش هُجِين،
شل هُجَئِي اِقبال اَعَليٰ[1] بَخت بالا[2] خوش هُجِين.

هِڪَ نَظر سان دِل کي موهي، دام تو دِلبَر وڌو،
نازَ ۽ انداز تنهنجا هِن نِرالا خوش هُجِين.

تندرست تازو توانو خرم[3] ۽ خندان[4] سَدا،
عُمر[5] خِضرِي توکي بَخشي رَبّ تعاليٰ خوش هُجِين.

جي آهن تو سان کَر[6] سي خارجي[7] سَڀ کَئي[8] ٿِيَن،
پڻ لڳَنَ دشمَن کي تنهنجي تِيرَ ڀالا، خوش هُجِين.

دِل سَچيءَ سان دِلبرا، مُون دوستي تو سان رَکِي،
مُنهن مَٿائِڻَ جا وَرِي ڪَج ڪِينَ چالا[9]، خوش هُجِين.

مان مِنا "مَسرُورَ" تولءِ مُفت تو ماندو مَران،
وَڄُ پِياري وَصُلَ وارا پُر پِيالا، خوش هُجِين.

---

[1] اقبال اعليٰ = وڏي عزت.
[2] بخت بالا = وڏو ڀاڳ.
[3] خرم = سرهو، آسودو.
[4] خندان = مرڪندڙ، ڪلمک.
[5] عمر خضري = خضر جيڏي عمر، وڏي حياتي.
[6] کر = خر، گڏھ، احمق.
[7] خارجي = مسلمانن جو فرقو جو اڳ سيدنا علي ڪرم الله وجه جي لشڪر ۾ هو، پوءِ ناراض ٿي خروج ڪيائون. ٽڙيل.
[8] کئي ٿين = فنا ٿين.
[9] چالا = نخرا، چالاڪيون.

# احسان احمد[1] ڏي خط

جنھن جي ٻہ گھُر ڪجي، سا اڪثر نہ ٿي مِلي،
ھيھات[2] فِڪِرَ ھِنَ ۾، ڪا يَرِ نہ ٿي مِلي.

آھي عَجَب تہ اي - جي[3]- پي- آر جي سَڳوري،
ڪنھن ڪارِڪن ڪان وَرَندِي منھن سِرِ نہ ٿي مِلي.

ساعِت ۾ ڪارڪن ھي، نِيڪ ٿي وجن پر،
ھٿ جِي ھنن کي ڪنھن پرِ[4]، ڪِيڪر نہ ٿي مِلي.

هَفتو ڪي ھِڪُ مَھينو، ڳچ سال يا صَدي،
اَتمامِيَت[5] سَندِي ڪجھ خاطِر[6] نہ ٿي مِلي.

ٽي سال ٿِي ويا تہ بہ، ناھي پتو تہ تن کي،
کھڙِي اجا حَقيقَت، آخِر نہ ٿِي مِلي.

آ موت منھنجو شايد، هَفتي سوا پُڄاڻان،
اَرمان پينشِنِ جِي ڪنھِن پرِ نہ ٿِي مِلي.

---

(1) احسان احمد = فقير مسرور جو پيارو پائيٽو. لطف الله بدوي مرحوم جو وڏو فرزند (تفصيل مقدمي ۾)

(2) ھيھات = افسوس.

(3) اي جي پي آر = اڪائونٽنٽ جنرل پينشن رولز جو دفتر.

(4) ڪيڪر = پليڪار (ھت، ھٿ جي ڪيڪر کي "رشوت" جي استعاري طور ڪم آندو ويو آھي).

(5) اتماميت = تڪميل، پورائي لاءِ.

(6) خاطر = خاطري، دلجاءِ.

بيڪار جي ويهڻَ ڪان، بيگر پيو وَهان تو،
جو نوڪِري وَرائي، ڪَنهن دَر نہ تِي مِلي.

ٻاهَر تہ تِي ٻيائي، اَفسوسُ پَر اِهو آ،
راحَتَ گهڙِي بہ گهرَ جي اَندرِ نہ تِي مِلي.

آيو عجب زَمانو، کهڙو اِهو خدايا،
زَر پِي سِواءِ ڏي وَٽُ، ٻي زَر نہ تِي مِلي.

ڏاڍو ڏُڪَرَ سَتايو، آ خَلَق کي جو تڏهِين،
خيراتَ ۾ اَئي لَپَ، ڪَنهن گهَرَ نہ تِي مِلي.

ناپاس تِي پيو جو، دَرجي ڇَهين ۾ ڇوڪر،
تعليم تَنهن کي جيڪَسِ، بهتر نہ تِي مِلي.

فِيءَ جِي نہ ٿئي تِي معافِي، ان لءِ سفارشيءَ جي،
مُورَتَ ڪا مِهرَ وارِي، چاتُرِ[1] نہ تِي مِلي.

هَر ڦار اَن وَڏيرو، سڀ قَرض ۾ ڪٽي تو،
ڪُڙميءَ کي هَرُ ڪلهي تي، ڪوڏُر نہ تِي ملي.

[1] چاتر = دلير، قابل، ڳالهائڻ ۾ چترو.

ڪَر حيثيتِ هُيُس مان، مُون کي نہ مِلي تڏهين،
توکي ڀَلا چو چِيني، مِستَر[1] نہ تِي مِلي.

ڪيئن ايتُ هي هَلي جيئن، ڏينگو[2] ڏنگرُ جنهين جو،
پاڙُڇ[3] ملي تہ موتِي، نيسَرِ[4] نہ تِي ملي.

ماسي بہ ماءُ ليڪن، مُنهنجِي نظر وليڪن،
مٿ ماءُ پنهنجي ٻِي ڪا، مائرِ نہ تِي ملي.

نالي خُدا نُفر[5] کان، منٿ سَوالُ سان ڪجهہ،
آڳِي پِڇي ڪرڻ ريءُ اُوبَرِ نہ تِي ملي.

پنهنجا پٽي پَراوا "مَسرُورَ" مان ٿکو هان،
هاٺي تہ ڪا بہ ڪاٺُئون، اوڏرِ نہ تِي ملي.

(6-10-1951ع)

---

[1] مستر = مستر Mister، محترم.
[2] ڏينگو ڏنگر = (محاورو) سڀ ڪجهہ ناس ۽ برباد ٿيڻ.
[3] پاڙڇ = نار جو هڪ حصو، ڪاٺ يا لوهہ مان ٺهيل نارو جنهن ۾ لوٽن مان پاڻي ڪِرندو آهي.
[4] نيسر = نار جو هڪ حصو، پاڙڇ جو پاڻي نيسر ۾ ڪِرندو آهي، ڪسي، موري.
[5] نفر = بورچي.

# سهرو

عَجب ڪَم تي قِسمت ڪاڪِيون[1] ڪَرائي،
ڪير آهي، لک جو لکئي منجهان لاهي.

ڪاڏي ڪوٽ عُمَرَ جو، ڪاڏي ماڙِ مَلِير،
ڪاڏي زال ضَعيف ڪاڏي زورُ زَنجير،
مارون مِير اَمِيرَ مولا مِلائي.

وَنِي هار هَٿن ۾، لاشڪ وَئِي لُٽجِي،
مَٽي مَٽان جو، وَر وَيو مَٽجِي،
وَرَ ڪي واجهه وِجهي لِيلا لِيلائي.

حيلا ڪَيائين هَزارين، چَلِيُس نه چارو،
ڪاتِيائين ڄمانڊرُ[2]، سُورَنَ ۾ سارو،
ڪَيو هِيرَ قُصور ڪَهڙو اَلائي.

سُکَ سُتِي بانيڻِ[3] جُٽِ[4] وَيُس جوڙي،
ڳنيو پيرَ پُنهَلَ، جا لِکيو تِي لوڙي،
وِندرَ وَر وَوڙي سَسئِي سَڏائي.

---

[1] ڪاڪيون = ڇوڪريون.
[2] ڄماندر = ساري عمر.
[3] بانيڻ = سسئي (اصل بانيڻ جي گهر پيدا ٿي).
[4] جٽ = تعدي (جُٽ جوڙڻ = تعدي ڪرڻ).

سُتي سُومل سان، مُومَلَ وئي مُسجِي،
غمزي غيرَتَ کان، راڻو ويو رُسجي.
لُونءِ لُونءِ مَنجهه لُڇي واڻون واجهائي.

ڪَر ماڻِ "مَسرُورَ" لِکيو تو ٻُلائي،
ڪوفِيُن هَتان قادِرُ ڪِيئن تو ڪُهائي،
پَنهنجا پيارا ڪَربَلِ ڪونائي.

## سهرو (بطور طعن)

چاتي لاتي تي ڪانيلي ڪان ڪان،
اِيندا مارو مُون وَٽِ ٿُرڙي نہ ڪِر ٿان ٿان.

ڪوڙِي تنهنجِي ڪَهٽِي، ٻہ رُوپيءَ جي رَهٽي،
ٻُڪَ جِي اَٽئِي ٻُڪٽِي، پَونرِي[1] ۽ پان پان.

چوري چِٽ[2] چِنوڙِي، نَڪَ ۾ وجهانءِ نوڙِي،
ٻُڌِين نہ ٿِي ٻوڙِي، ڌُهلن جِي ڌان ڌان.

وَڃ هاٽي اُڌَري، اُوپَر پاسي اُسري،
ٿَرُ[3] وَنِي ٺَڪرِي، هاڙِيالِي[4] هان هَان.

سڪ ڪي نہ سُڃاڻين، قُربَن مان نہ ڄاڻين،
چَل ڪرِ چَوانءِ هاٽي، لاڪيٽِي لان لان.

سَچُ چوي "مسرور" وَڃين ٿِي وَهلورَ،
سُٺِي ٻيو ٿِي پُور، جهنجهڻ ۽ جهان جهان.

---

[1] پونري = ڦيري.
[2] چت چنوڙي = چتي، چيڳري.
[3] ٿر = اڪين کان دور ٿي.
[4] هاڙيالي = هاڙهَيالي، پوڪ ٻيليندڙ جانور، رولو جانور.

# قوالي

ماهہ لَقا، مُحِبَ منا، مَننارَ پَلي آئين،
مون نماڻيءَ سندا، آڌار پَلي آئين.

آئي اُوهان جي مِنٿا مَحبوب دِل گهُريا،
سُک سَريا[1]، وَهَم وِيا، غمخُوارَ پَلي آئين.

مُونجهِي هُيَس مُدَتَ کان سُهڻا قسم خدا،
مُون تي پلا، مِهَرَ ڪري، اَي يارَ پَلي آئين.

گهوريان مٿانهون سِرَ تنهنجي هِي مال سَڀ سُهڻا،
دلبرا او دلبَرا، دِلدارَ پَلي آئين.

"**مسرور**" سان ڪهڙِ سُهڻا تُون گَڏ سدا،
مَرحَبا — سُونهن پَريا — سردارَ پَلي آئين.

---

[1] سريا = ٺهہ پهہ آيا، هڪ دم ترت آيا.

# مستزاد

كيئن وجان كاڏي وَري هيءَ دانهن ڏيان كنهن دلبرا
دَرُ تو ڇڏي ٻي دَرِ وري مان

هَٽَ هٽان تو دِل ڦُرائي هوتَ مان هَئي هَئي كيو
مَک[1] وانگيان مُنهن تي ٻئي تو

تو كيان هِنَ دَردَ كان دانهُون اوهان دَرِ دَم بَدَم
تنهنجي مِلَڻَ لَءِ مان وڏا وَسَ

نِتُ لُچان لِيلائيان تون هوتَ هَر دَم خوش گهمين
راضِي رَقِيبَن سان ڏِسي مان

تو ڏُكان ماندو مران، تون مستُ پنهنجيءَ موج ۾
ٻي خَلق سارِي، مان ڏكيو هِڪ

ناسگهان حُجَتَ هلائي، لَڳ خُدا هِي عرض سَچ
"مَسرُورَ" جو هِي ڏُک، سَهِي كُجهه

[1] مک وانگر منهن متو پٽڻ = (محاورو) افسوس كرڻ، مسلسل ڏک جو اظهار كرڻ.

## مثلث

غم ڪر نہ ڪنهين ڳالھ جو درويش پيارا،
هَر حالَ ۾ رَھ شادِ مَيو مَستِ متارا،
فَرَدا جو نہ رَکُ فِڪر ڪنّھن قُربَ قرارا.

زَردارَ سندو تِي نہ ڪنّھن يارَ سَلامِي،
ڪر غير خدا جي نہ ڪنهين وارِ غلامي،
هِنَ خُوءِ رَوِش رُوءِ کَنان ڪر تون ڪنارا.

دنيا جا ٺلها ڦوڪ وَلها چاڙ وَسيلا،
ڪنهن ريت تِيَن کِينَ ڪنهين ساڻ رَسيلا،
مطلب جا أهي مَحض تي بَدِخوءِ هَچارا.

رَزاق خدا آهي، ڏئِي کِينَ پَچاري،
سيني جي لهي سارَ ڪنّھن کين وساري،
هِنَ ڳالھ متان ڳِندِ ڏئي ويھُ خدارا.

گنران لِکيَلَ ليکَ مان کَهَتِ کِينَ ڪٽو تي،
جيڪي سو أچا پوءِ پيو گنجَ گھٽو تي،
چا لاءِ ٻُڪين، ٻولَ ڪرين پَنڌَ پَسارا.

هِنَ رزق رَسائِيءَ ۾ تِئي ڪانہ رِيائِي[1]،
جا چيزَ لکيل آهي، مِلي انت أهائِي،
چا رُوم گھمين شامُ ڦِرين بَلَخ بُخارا.

---

[1] ريائي = ياسخاطري.

دَڙڪَن ڪان ڪنهين جي نہ دل هارِ ڪنْهن تون،
ڏُلڪي ٿِي ڍَرو ڪَنڌُ نہ ڍار ڪنْهن تون،
دُنيا جا ڏِسي رَنگَ نوان نوعَ[1] نِيارا.

"مَسرُورَ" ڏِسي راز رَضا، رَهُ تون مَرَي سان،
عُرفي[2] تو مي انديش زَ غوغائي رقيبان،
آواز[3] سگان ڪم نہ ڪُند، رزقِ گدارا.

[1] نوع = نمونو، ڍنگ.
[2] عرفي تو مي انديشن زغوغائي رقيبان = اي عفي، تون دشمنن جي هاءِ هوءِ جو انديشو نہ ڪرين. (عرفي = شاعر جو تخلص).
[3] آواز سگان ڪم نہ ڪند رزق گدارا = ڪتن جي ڀونڪ، فقير جي رزق کي گهٽائي نہ ٿي سگهي.

## مربع

# ڪندو ملڪ آباد سارو براج

### شروع سال 1928-1929

نئين سنڌ جو هي سُڌارو براج،
سدا واهه سڀ کان نيارو براج،
نَديءَ جي بِنهي پَرِ دوبارو براج،
وهندو هي سانوڻ سيارو براج.

وڏا پَٽ ۽ ميدان ويران ها جي،
سوا سَبز پوشاڪ عُريان ها جي،
رهندا اُنهيءَ هَنڌِ نالان[1] ها جي،
وَرِي ڏِيندو تن کي هي وارو براج.

جتي نار[2] پاڻي نہ چاڙهي سگهي،
اُتي موج موڪن[3] سنلو ريج[4] تي،
جتي ڊِپ[5] بہ نالي نہ اپريو اُگي،
اُتي عجب اَن اپائي اَٿارو[6] براج.

---

[1] نالان = عاجز، تنگ.
[2] نار = پاڻيءَ جو وهڪرو، ڪوهہ.
[3] موڪن = (جمع) پاڻيءَ جو جالارو وهڪرو.
[4] ريج = آبادي کان اڳ پر زمين کي ڏنل پاڻي.
[5] ڊِپ = گاهہ جو قِسم.
[6] اٿارو = ڍير، ڍڳ، جام، جهجهو.

رڏا واهه اِنجڻيون پيون ڪوڪن اڃا،
سندس شاخون نيڪن تي ڪٽجن اڃا،
نيون جت رٿون روز رِٿجن اڃا،
وڏو ڪجهه هِي پسارو[1] ٻراج.

عجب سير سَڙڪون وَهَه دل کي وَٽِن،
سَنيون تِيرَ جان سي سَنوَتِ ڪان سُنهَن،
ڪَڙان[2] ۽ پليون پڻ عجب ڍَنگ رکِن،
رکيو رنگ نِرالو نِظارو ٻراج.

ڪٽَتِ[3] جون ڪچهريون ڪُليون تعلقن ۾،
ملن مالڪاڻي سان نوبَتَ[4] حَقَن ۾،
مُهاڳي[5] ۾ ساڳي طرح سان تڪن[6] ۾،
هِي اُپريو آ سَڀَ لِءِ سِتارو ٻراج.

غريبن جو مولا اِجهو غمُ ڪَٽيندو،
سَڄِي سِنڌ تان نالو نُحوسَتَ جو نِيندو،
ڳڄِي هي خلاصو وَهِي ڄاڻ ڏيندو،
ٻنيهن ۾ قائم قرارو ٻراج.

---

[1] پسارو = آبادي.
[2] ڪڙان = (جمع) ڪنارا.
[3] ڪٽت = زمين، آباديءَ لاءِ قرض تي ڪٽڻ.
[4] نوبت = پڙهو، ڍنيورو.
[5] مهاڳي = شروع، مُهڙ.
[6] تڪن = (جمع) زمين جو آباد ٽڪرو، ٻن ٽن تپن جي گڏيل ايراضي.

رَهَن شادان شالَ اَفسر سندس،
پيا ڪارڪُن ۽ ميمبرَ سندس،
سنيالِين جي سَنئين پَرِ دَفترَ سندس،
ڪيو جن مُشرف[1] پيارو براج.

**ڪندو ملڪ آبادُ سارو براج.**

[1] مشرف = شرف وارو، عزت پريو.

# مربع

## ڪندو ملڪ برباد سارو براج

## سال1930-1931

عجب سنڌ ۾ هي خسارو[1] ٻراج،
نہ واهڙ[2] نہ ڍورو[3] نہ نارو[4] ٻراج،
اُيو وهندو اُلٽو اوپارو ٻراج،
سڪائيندو سانوڻ سيارو ٻراج.

ٻنيون ڪيت سِنڌ ۾ سڌاريل هئا جي،
ڀلا باغ ٻهہ ٻهہ ڪندا ها پيا جي،
ورهيہ هِڪَ ۾ تہ پاڙئون بہ پٽجي وياسي،
انهيءَ مُنهن مُهاندر[5] نِڪارو براج.

عجب رٿ اِنجنير صاحِب ڪَين،
ڪَڍِي شاخ شاهِي ڇڏي سا ڏِيَن،
ڏئي اُن جو بدلو ورائي وَٺن،
ملي تو عيوض ڇڻ اُڏارو براج.

---

[1] خسارو = ٽوٽو، نقصان.
[2] واهڙ = نهر.
[3] ڍورو = هيٺاهين زمين، جتي پاڻي بيهندڙ هجي.
[4] نارو = واهہ.
[5] مهاندر = مهاندي، شڪل.

عَجب آهي بَندِش تي اُهڙي اَچي،
نہ ڪا موڪَ موڪل ملي ڪنهن سگهي،
ڪري هرڪو گهٽِتِي ورايو چڙي،
رکي نااميديءَ ڏي لارو[1] براج.

سندس ڪارڪن تہ اهڙا عجب،
نہ ڄاڻن اکر الف اي-بي[2] غضب،
لڪائن تا پنهنجو سي بي-اي[3] لقب،
ٿيو تن لءِ گنيو بَخارو[4] براج.

پڙهيا اَڌ اڌورا پنجابِي سنڌي ڪي،
بنا نوڪريءَ جي رُليا روز شب ٿي،
اٿي پاءَ جي لءِ مُحتاج ها جي،
ڏِريو تن جي ڀاڳي ۾ ڏارو[5] براج.

اڳيون ويس تن تان وِساريو وري،
نہ ڪي اڳ ڪِ پُٽِ ڏي نِهاريو وري،
وَني سُوٽ فيشن سُڌاريو وري،
سُهائو[6] تنن لاءِ سِتارو براج.

---

[1] لارو = لاڙو، رغبت.

[2] اي- بي = (a.b) الف بي.

[3] بي- اي = (B.A) ڪاليج جو چوٿون سال (بيچلر آف آرٽس).

[4] بخارو = بخرو، حصو، ڀاڱو.

[5] ڏارو = چڪي وانگر هڪ ساري، راند (ڏارو ڏيڻ = نفعو ملڻ، نصيب کلڻ).

[6] سهائو = روشن.

ڏِنِي روڪَ پائِي نہ جن هُئِي اڪين سان،
وَتا سوَ پڳهارن جا هاٿي هَٿنَ سان،
ٻَجن سي سوپاريون[1] تہ ٽِلندي ٽِڻن سان،
وڏي تن جي واهُرَ سَهارو براج.

ٻلا هِنَ تہ ڪَرَ جي ٻہ پوري پُڄاڻي،
مَهيني سَوا سالَ اَڄُ يا سياڻي،
لُٽيرن ڪي ڏيندو هَٿنَ منجھ هاٿي،
ورائي سو ڪارو ٻُهارو براج.

اجھو سال ٽيٽيھ ٻہ ايندو اچي ويو،
روَرشَن[2] رِڊڪشن[3] جو لُٽ چِٽ مَچي ويو،
پَنجابي تہ وَرلي ڪو بَختين بَچي ويو،
سِنڌي سَڀ ڪو صوفيءَ جي رنگ ۾ رَچي ويو.

مَيو تو وَهي هي مَتارو براج،
ڪندو ملڪ ........[4] سارو براج.

---

[1] ٽِٽِ سان سوپاري ٻجڻ = (محاورو) اجائي وڏائي ڪرڻ، آڪڙ ڪرڻ.
[2] رورشن = (Reversion) اڳين جاءِ تي موٽائڻ.
[3] رڊڪشن = (Reduction) گهٽائڻ.
[4] هتي لفظ "برباد" اچڻ گهرجي ها پر فقير مسرور هتي ٻڙيون ان لاءِ ڪم آنديون آهن تہ جيئن بددعا ڪي ٻيهر نہ ورجائجي.

## مخمس

بَتَرَس اَز آه مَظلومان، ٻُڌين تو ڪين چا ٻوڙا،
اِجهو اڄ ڪِي سياڻي نہ تہ ڏسندين درد ڏکَ ڏوڙا،
مَلِيندين هَٿَ جڏهن آيءِ گِهري گهَر موتَ جا گهوڙا،
ڇڏائيندءِ نہ اُتِ مايا، ڪَرين جَنهن لاءِ جاکوڙا،
**پٽيندءِ قبر ۾ پيو ٻُتَہ، جُڙِي[1] سا جِيتَ ماڪوڙا.**

اَثر هِنَ آه جي ڪان، سچ پوي ٿي عرش ۾ لَرزِش،
ٻَہ هَرجا زِلزلي واري اچي ٿي فَرشَ ۾ لَرزِش،
سُپر[2] شَمشير ۽ خَنجر تُفنگ[3] و تَخش[4] ۾ لَرزِش،
برابر هَر بَشرَ ۽ جِيوَ مُورَت نَقش ۾ لَرزِش،
**اُنهيءَ لَرَزِش سبب، دريا ويا، مَنجي ڪري موڙا.**

مُمالِڪ مُلَڪ جا توڙي تَوَنگر لَکَ ٻيا ڪيئي،
جهَجهِي مايا سندا مالِڪَ اڳي تو ڪان هئا ڪيئي،
ڇڏي هِي ماڳُ ڌرتيءَ ۾ وڃي داخل ٿيا ڪيئي،
ڇڏي ڏي ظُلم زورآوَر، هتان هليا ويا ڪيئي،
**سِڌاڻا[5] سومرا پيو تان ڪري ويا ڪُوچ ڪَلهوڙا.**

---

(1) جڙي = ٻڌبي.
(2) سپر = ڍال.
(3) تفنگ = بندوق، پستول.
(4) تخش = تير ڪمان.
(5) سڌاڻا = روانا ٿيا، دنيا ڇڏي ويا.

وَڏائِين وَزن هَر شيءِ جو ملائي لَبَ چڪو پاڻِي،
هٿين ٻِي تورَ ۾ گهوڙِي ته ٿين اگهه پاڳهه ۾ ڳهاٽِي،
غريبن ڪي ڦُري، ميڙين مَڏِي، ٿيندءِ نه هَڏِ هاڻِي،
وَنين پئسي ته آني ڏِين، ڏُڪاري موجَ هِتِ ماڻِي،
**هُتي محشر ۾ ڪائيندين، ٿُڏا ۽ تيزَّ تاڦوڙا.**

اجايو جِسم پنهنجي ڪي، گناهن جي لڳائين گر[1]،
وَٺِين ٻي واجبي نَفعو، ڏُڪاري ڪجهه خدا کان ڏَر،
رَهِي دنيا جي دريا ۾، ڪٽِي ٻوجهو ٻَڏي نا مَر،
ٿري اُڪرين ڪناري تي سَلامت تون ته اِيئن ٿَر،
**تَرَن پاڻيءَ مٿان جِيئن، پاڻَ پسجن تا نه پاٻوڙا[2].**

سڏائِين پاڻ کي سڀ ڪجهه ڪمِي ڪمدار جي اڳتان،
سياڻو، سِرِ اياڻي ۽ اُبوجهي ٻارَ جي اڳتان،
هَٽِين ڊاڙون لباڙون نِت نِبل نادارَ جي اڳتان،
هلندي ڪانه هت تنهنجي، سَچِي سَرڪارِ جي اڳتان،
**گهٽائي نيڪِيي بيٺا، وڏا هت وِيرَ واتوڙا.**

---

[1] گر = مٽي، ڪيچڙ.
[2] پاٻوڙا = پٻڻ جا وڏا پن.

پيا مزدُورَ ڪَن دانهون، ملي جن کي نہ مَزدوري،
لَڳَن هوندي سُڄو سَڪڻو، خُدا تنهنجي ڪري پوري،
ٿئي پُوري يلا ڪيئن جو ڪري پينگيو[1] وڃي پُوري،
نہ لَهڻيدار کي لولو مگر چَٽ بازَ کي چُوري،
**لُٽائن لُونيا[2] نَقدِي، پيا گهرڙي[3] ۾ گهاروڙا.**

اِجابَتَ[4] ۾ اڙي ظالم خدا جي ڇا رَضا ٿيندي،
مُعافِي ڪين کي ڪڏهين، اِها تنهنجي خطا ٿيندي،
اَجائي اوٽڙو[5] بيڪار تنهنجي اِلتجا ٿيندي،
فَراوان[6] مهَر **"مَسرُورَا"**، مگر تن تي عطا ٿيندي،
**سدائين سورَ دُکَ جيڪي سَهَن مسڪين واڍوڙا[7].**

---

(1) پينگيو = سُڃو.
(2) لونيا = بي شرم.
(3) گهرڙي ۾ = ڏنڀي ڪوندي جي گهرڙ گهرڙ.
(4) اجابت = قبوليت.
(5) اوٽڙو = غيراهم.
(6) فراوان = ڪشادي، جهجهي.
(7) واڍوڙا = غريب ماڻهو. واڍا، ڪاٺيءَ جو ڪم ڪندڙ.

## مخمس

## (گهٽائي چڙهيو ڪجهه گهٽائي چڙهيو)

سوا ڪنهن ضرورت سَفر ريلَ جو تماشو ۽ ميلو، ڏِسَڻ کيلَ جو،
نمونو اِهوئي فقط سيلَ جو مَٽائي چڙهيو ڪجهه گهٽائي چڙهيو.
گهٽائي چڙهيو ڪُجهه گهٽائي چڙهيو.

مٺاين سان خالي پرڻ پيٽ ڪجهه پيئڻ بَرف شَربتُ ۽ لِمليٽ ڪجهه،
چُرَٽ چانهه بيڙي ڪي سگريٽ ڪجهه هَٽائي چڙهيو ڪجهه گهَٽائي چڙهيو.
گهٽائي چڙهيو ڪُجهه گهٽائي چڙهيو.

وَنڻ ٽانوَ ڪَڄَ جا ڪي ڇِنيءَ سندا اَجاين شَين تي ڪٽڻ پَڻ ڳنڍا[1]،
اِهي پنهنجا اُونڌا اَجايا ڏَنڍا ڄُٽائي چڙهيو ڪجهه گهٽائي چڙهيو.
گهٽائي چڙهيو ڪُجهه گهٽائي چڙهيو.

سُٺِي هي نصيحت هلو هوشَ سان ٻڌو دل لڳائي، ذرا گوشَ[2] سان،
چوَڻُ مَن جو يارو ڪي سَنتوشَ[3] سان ٽَٽائي چڙهيو ڪجهه گهٽائي چڙهيو.
گهَٽائي چڙهيو ڪجهه گهٽائي چڙهيو.

ڪري خير ياڳو ڪٽو[4] خير جو ڪيو وِڄَ مان پولو پرم پيرَ جو،
ڪِنو ڍير ڍوئي نَجس ويرَ جو ڪُٽائي چڙهيو ڪجهه گهٽائي چڙهيو.
گهٽائي چڙهيو ڪُجهه گهٽائي چڙهيو.

---

(1) ڳنڍا = قرض.
(2) گوش = ڪن.
(3) سنتوش = ڌيرج، خاطري.
(4) ڪٽو = جيتيو، حاصل ڪريو (ڪٽڻ مصدر).

## مخمس

ٻُڌايان تو قِصو توکي ذرا ٻُڌ هوشَ سان جانِي،
اڳي جي اونَ رَکُ، ورنہ پرائيندين پشيماني،
رکڻ کو آسرو ڏنَ تي، نِسوري آهہ ناداني،
وسارج کين کي دل تان، سندم هي لفظ لاثاني،
**چرا[1] کاري کُنَد عاقِل کہ باز آيد پشيماني.**

کنهين ڏينهن سَنگتين گڏِجي کيوسين سيلَ جو سعيو،
گداگر هِڪَ اچي اُتهين پئي تنبور تي ڳايو،
سَني کُرڙيون[2] پڇاڙيءَ جو، چَنبي منجهہ موتَ جو آيو،
سَڏايو سين سياڻو اُتِ، جنهين هي بيت فرمايو،
**چرا کاري کُنَد عاقِل کہ باز آيد پشيماني.**

سَکر ۾ مون سندو سنگتي هُيو هِڪُ سَمجهہ سُرِ وارو،
طَوائف هِڪَ مٿان سو تي پيو، مَفتون ويچارو،
ٽِيو پَڙ پينگ عاجز سو لٽائي مال و زَر سارو،
پُڇيو جو حال مون اُن کان تہ واري هي چيو يارو:
**"چرا کاري کُنَد عاقل کہ باز آيد پشيماني."**

---

[1] چراکاري کند عاقل کہ باز آيد پشيماني = عقل واري کي اهڙو کم ڇو کرڻ گهرجي جو اُن جي نتيجي ۾ کيس پشيماني ڏسڻي پوي.

[2] کُرڙيون = لتون، (کرڙيون سنڻ = بيهوش ٿي کري پوڻ).

كنهين جا هو ڳَڀُڳَتُ جنهن، تان خريدي هِڪَ ڪئي گهوڙي،
تواضع گاهه داڻي جي پيس پاڻيءَ سندي پوڙِي[1]،
اُنهيءَ ئي فِڪر ڳُڻتين ۾ ڪتا ڪون دِل ڀڳتَ موڙي،
چيو تي پوءِ اُن تان هي: چڱي مصرع آ ڪنهن جوڙِي،
**چرا ڪاري ڪنَد عاقِل ڪہ باز آيد پشيماني.**

سياڻن جو چيو "**مَسرُور**" سوئي تان سچو آهي،
نصيحت تَلخ[2] آ ليڪن اَثر اُن جو مٺو آهي،
ڪِتابن ڪيترن ۾ ٻِي سياڻن هي لکيو آهي،
زبانون نيڪ مَردن جي بہ مون ايئن ٻڌو آهي،
**چرا ڪاري ڪُنَد عاقِل ڪہ باز آيد پشيماني.**

---

[1] پوڙي = چمڙي جي ڪڙي واري رسي، جا گهوڙي کي ٻڌڻ ۾ ڪم ايندي آهي.
[2] تلخ = ڪوڙي.

# مخمس

## (تضمين برغزل)

## (عموي صاحبي امر ميان امام بخش خادم مرحوم)

اٿ قلم کر ڪهاڻي ڇڏ سُمهڻ جو تون سُياءُ[1]،
ڏِس تہ دنيا جو عجب بلڪل بڻيو آهي بڻاءُ،
اي ادا اُن لاءِ تون ٻي اڄ اتي وٺ ڪو اپاءُ،
آهہ حيرت هِي الاجي ڪهڙو پڪڙيو آهي واءُ،
**ميٺ اُلفتَ ڪِٿ ٻہ ڪانهي ڪونہ رهيو آهي ساءُ[2].**

پر نہ تنهنجي ڳالهہ سُڻندو، وقت پنهنجو ڪو وَنگي[3]،
جو اُهي پُڻ پيچ دُنيا جي ڦسايا مَنجهہ اِنگهي[4]،
ڪو خدا جي نانءَ تي ٻي ڪين ڪنهن کي تو ڪَنگهي[5]،
پَهَرُ پوياڙيءَ جو آيو وئي اڳياڙي سَڀَ لَنگهي،
**پُٺُ نہ پِيءُ سان آهہ رَسَ ياءُ ناهي ساڻ ياءُ.**

ڏِس تہ دنيا جو عَجائِبَ ڪيئن تو واهڙ وَهي[6]،
ياڻ ۾ يَرجن يَريا، نالهو وِچون روئندو رَهي،
ڪو يري ييرا ٻُڪئي جِي ڪونہ تو سُڏڙي لَهي،
لوبَ لالَچ حَسدَ وڌيا، ڪونہ تو ڪنهن کي سَهي،
**هَئي ادب مُروت وئي، ڪو حاڪِمن وَٽِ ناهي نياءُ[7].**

---

[1] سياءُ = عادت، ڍنگ.

[2] ساءُ = مزو، لحاظ، ادب.

[3] ونگي = سيڙائي (ونگ= کير ڏُهڻ وقت مينهن جي ڄنگهن ۾ وجهبو آهي تہ آرام سان بيٺي رهي).

[4] انگهي = ڊيگهہ، ڇِڪَ، گهلَ، سستي.

[5] ڪنگهي = پُڇي (ڪنهن کي نہ ڪنگهڻ = مغرور ٿي وڃڻ، لاپرواهہ ٿي وڃڻ).

[6] واهڙ وهي = زندگيءَ جو واهپو، (واهڙ=نهر، دنيا جو واهڙ وهڻ= دنيا جي چرخي جو هلندو رهڻ)

[7] نياءُ = انصاف، عدل.

آءٌ آءٌ پيا ڪرن نالو وٺن نا نيست[1] جو،
جڻ وٺي پروانو[2] آيا دائمي سي زيست[3] جو،
ناهه پرواهه تا چون هي لفظ دم دم چيست[4] جو،
شور شر ڏاڍو لڳو مَن بيست[5] ديگر[6] ڪيست[7] جو،
**سيڙ تو سڀ ڪو سڏائي، ڪو نہ تو پائنئين ڪو پاءُ.**

اَڻ وٽندڙ ريتيون، گهَرَ ۾ ڏارين جو اَچڻُ،
مَردَ ويهن ماٹِ ۾ عورتن جو اڳ پَوَڻ،
سَترُ سڀ ڪنهن حالَ پَرِ سي، ڪين ڪنهن ڪي ڏين پُڙڻ،
مُنهن اُتي واري وَرائِن ڪا نصيحت نا ٻُڌَڻ،
**هيءَ تہ عادت عام آهي، ويو هلي هڪدم حياءُ.**

سادگيءَ مان ڪنهين ڪي نا اچي تو ساءُ سَچ،
ٻُکَ پلِي ويڙهي وجي پر هُجي اقبال گچ،
نيڪ بَختَن ڪي چَوَن سي فول يو[8] اوري نہ اَچ،
تِندِ ڏاڍي وئي وڌي پُڻ فضولي زيادهه خرچ،
**ڪا قناعت ڪانہ آهي ناهه اڳ پو جو سماءُ.**

(1) نيست = ڪجهہ بہ نہ.
(2) پروانو- چٺي، سرٽيفڪيٽ.
(3) زيست = زندگي
(4) چيست = ڇا آهي.
(5) بيست = ويهہ.
(6) ديگر = ٻيو.
(7) ڪيست = ڪير آهي.
(8) يو فول = (Yoy Fool) تون چريا.

مَرد زَن زَبري مَڇي هَرڪو ٿيو آ هاڻ حُر،
چالِ دُنيا جي ڏِسي تون ماڻ واري چال چُر،
ڊير ان جي مان ٻہ لَبَ تون گودڙيا ڪنهن کان نہ گهُر،
نا خدائرسي رَهِي آ، نا شرافتَ جو قَدُر،
**ڪانهي غمخواري ڪنهين ۾ اُتلو آهي اَپ اناءُ**[1].

آدمن ۾ ڪانہ آهي، اَڄ شَرافتَ ۽ شعور،
گُربہ[2] وانگر پيا چوَن تان، مان هُجان ها هِڪُ ضَرور،
پوڪَ کي پيهَر[3] تو کائي، پَٽَ تي اُڇلي پنهنجو پُور[4]،
ٿِين پَٽِي چوڏِهين صديءَ جي هي سَمي ڪيو آ ظَهُور،
**ڇا اَلائي اڳتي ٿيندو شلَ ڪندو باري بَچاءُ.**

رَهُ ميان "**مَسرُورَ**"، مولا سان وٺي ڏاهَن جو ڏسُ،
ڇڏِ پَڇَر چالِي[5] پِنيءَ جي ڪونہ ان ۾ آهي جَسُ،
ڪجھ سَمر اڳ لاءِ ناهج، تون ڪري پنهنجو تہ وَسُ،
سيِ اِمام بَخش[6] پيئي گُذري، ماڻ ڪيو قدرت کي پس،
**يارَ کي پيو يادِ ڪَرِ نيڻ رَهندو رب جو ناءُ.**

---

[1] اَپ اناءُ = پنهنجي حيثيت کان وڌيڪ وڏائي ڏيکارڻ، ظلم.
[2] گربہ = ٻلي.
[3] پيهر = پهريدار، جهار هڪلڻ ولرو (پيهر جو پوک کائڻ = امانت ۾ خيانت ڪرڻ، دشمن تي ڀيهڻ).
[4] پور = ڪانياٽي، ڳوڙهو مٽيءَ جو.
[5] چالي پني = ڇبي يا پندي (جهڙي چالي تهڙي پني- (محاورو)
[6] امام بخش = فقير سائين مسرور جي چاچي جو نالو. (تفصيل مقدمي ۾).

# مُعشر

## اسان جو بخت خوابيده وري بيدار ٿي ويندو.

عجب اُبَ تي پيو ھي پُوڙ بدبختيءَ سَنڌو آھي،
اِلاھي امر جي اُبتڙ رکي ڪِنِ شيخ تي لاھي،
ڪيائون پُھه تہ آدَمَ کي ڪرڻ سجدو رَوا ناھي،
لڳي شيطان جي لاري، ڪيو انڪار جن آھي،
ويا تي توڙِ ڪان ٽڙجي، ٺلھو سي پاڻ کي ناھي،
وجي پير مُغان ڪان کي پُڇين تان حال ھي چاھي،
چيو واري ورنديءَ ۾، ٻڌِي ڏُنڪو[1] ڏڏو ڏاھي:
"ھَٽِي ھَٽَ پيرَ چڙيو، ھِنَ متيءَ جي ڍير کي ڍاھي،
**اِھو آدم سندو بوتو- اگر مسمار[2] ٿي ويندو**
**اسان جو بَخت خوابيده[3] وري بيدار ٿي ويندو.**

گھٽن مَلڪُوتَ[4] وارن سان اھو رَبّي رکي رايو،
ٻڌِي صِفَ پيش آدَمَ جي اچِي سَجدي ۾ سِرُ نايو[5]،
اِلاھي رازُ رَحمَتَ جو، مٿان تن جي ٿِيو سايو[6]،
خوشي ڪان مَلَڪ ھَر ھِڪ ٻَدَن ۾ ڪِينَ ٿي مايو[7]،
سَڏي پُڻ ساٿين کي تن صفائيءَ ساڻ سمجھايو،
خدا لڳ پيرَ پنھنجي جي نَصيحَتَ ڪانہ ڪَن لايو،

---

[1] ڏنڪو ڏڏو ٻڌڻ = (محاورو) ڪوڙو دلاسو ڏيڻ، ٺڳي ڪرڻ، دھمان ٻڌڻ.
[2] مسمار = ناس، تباھہ.
[3] خوابيدھہ = ستل.
[4] ملڪوت = عالم ارواح.
[5] نايو = نوايو.
[6] سايو = پاڇو.
[7] مايو = مايو.

پيو ٿس طوق گردن ۾ اوهين نا پاڻ ڦاسايو،
ڪري پڇتاءُ مٽني هڪ ٻئي کي پوءِ ورجايو،
**اُنهيءَ اِنڪار جي اُبتڙ — اگر اِقرار تي ويندو**
**اسان جو بخت خوبيده وري بيدار تي ويندو.**

تيو آدمؑ حوا هاڻي، قراري باغِ جنّتَ ۾،
گذر تن جو گذرگذ هو مزي سان موجَ فرحتَ ۾،
مگر شيطان جو دُر[1] کان هُيو ساڻن عَداوَتَ ۾،
اچي پيدا ڪيو اُن نيش[2] تن جي عيش عشرت ۾،
ڏِسي ممنوع[3] ميوو هيءُ ويو تن کي فِراغتَ ۾،
ڪيئڻ سان تي ويا ٻيئي عَجب عريان[4] حالتَ ۾،
ٿيا مَلڪُوت. مان مَعزُول ڏارون ڏارَ وحشتَ ۾،
جُدا ٿيندي چيائون هڪ ٻئي تان تہ ساعَتَ ۾،
**ڏکي هن حال تي راضي- اگر غفار تي ويندو**
**اسان جو بخت خوابيده وري بيدار تي ويندو.**

ڪئي تَبلِيغ[5] تي جو نوحؑ ورهين جا ورهيہ سارا،
نہ مڃيو تي تنهين مُطلق جنيهن جا قَلبَ ها ڪارا،
هَٽِي اُنلو پَٿر اُن تي، وڙهڻ جا تي ڪيا وارا،
بَدَن مان نُوحَ جي بيحد وَهي تي رَتُ ڪري نارا،

---

[1] دُر ڪان = اصل ڪان.
[2] نيش = ڏنگ، ساڙ.
[3] ممنوع = منع ڪيل.
[4] عريان = اگهاڙو.
[5] تبليغ = پرچار.

هئا جي حالَ ڀائِي، اُهي ڀي وَس نہ ويچارا،
ڏنائين هاڻ تان هِتڙي نہ تا ڪُجهہ ٻِي چلَن چارا،
تڏهن لاچارُ تي پنهنجا اُجاڙي ٽاڪَ[1] اوتارا[2]،
چيو هي نُوحؑ خِلوَتَ[3] ۾ وهائي نيڻَ نيسارا،
**جڏهن مُنڪر[4] خُدا جو سَچُ تہ هَرِ هِڪُ گارُ تي ويندو**
**اسان جو بخت خوابيده وري بيدار ٿي ويندو.**

نہ اِبراهيمؑ کي ڪو ڀؤُ تہ آتش ۾ پَوڻَ جو هو،
نہ ڪِي نِمرود ٻي پنهنجي اُنهي هَٺَ[5] تان مڙڻَ جو هو،
خدا جو ٻي اَرادو هِنَ تماشي جي ڏِسَڻَ جو هو،
عجب اِن پَر سَڙَڻَ جو سُور نا ڪنهن جي سَهَڻَ جو هو،
مَلائڪ ٻِي ويا موٽي نہ تن ڪان ڪم وَڻَڻَ جو هو،
خَلِيل اللهؑ کي خُشو نہ ڪو جيئري جَلَڻَ جو هو،
مگر اِغيار[6] جي اڳيان، ثُباتيءَ[7] جي ڏِسَڻَ جو هو،
**ڦِري تان جيڪڏهن آڙاهہ[8] مان گلزار ٿي ويندو**
**اسان جو بَخت خوابيده وري بيدار ٿي ويندو.**

---

(1) ٽاڪ = ٽڪ پيچڻ جون جايون.
(2) اوتارا = (جمع) اوطاق، مڪان.
(3) خلوت = اڪيلائي، تنهائي.
(4) منڪر = انڪار ڪندڙ.
(5) هٺ = هوڏ، ضد.
(6) اغيار = اوپرو.
(7) ثباتي = چٽو، ظاهر ظهور.
(8) آڙاهہ = باهہ جو وڏو مچ.

ڏٺو جو خواب ۾ يوسف عليه لسلام وجي سو ٻيءُ سان سَليو،
احوال ڀائن سان ڪرڻ کان پڻ پُٽس جهَليو،
ٻين ڀائن کنان وَڌِ تي، پيارَپ ساڻ پئي هليو،
اِهو ڪجهه خواب وارو پڻ نہ ڪنهن ٻي ڀاءُ کان اَليو[1]،
اُنهيءَ ئي جوش کان هَرِ هِڪُ پئي تي ڪامِيو جَليو،
ڪَرن سي گَڏَ تہ کهڙيءَ پَر، وڃي هي دَرد ڏکَ هليو،
پڇائي پهَ مڙَن مان هِڪَ چَيو تان وَڃهہ جڏهن مليو،
وڃهي يوسفَ کي کُوهيءَ ۾، ڪِيئون گَڏ ڪير پَت[2] ڪليو،
**اَبَي جو اُن پڇاڻان ڪجهہ اَسان تي آر[3] تي ويندو**
**اسان جو بَختُ خوابيده وري بيدار تي ويندو.**

تيو هو مصر جو حاڪِمُ، پريشان خوابَ جي سببان،
سُڻائي ڪون تي سگهيس، تِيس دِلجاءِ يُوسفَ کان،
حقيقت حالَ جي سَمجهي، چيائين هي وري واتان:
"حوالي سَڀُ اوهان جي هاڻِ تو ڪريان حُڪومت مان،
خزانو ۽ ملازِم پڻ اوهان جي ئي هُجن هيٺان،
هُجي ڪو حُڪم مون تي ٻي تہ مان ٻي پاڻ حاضر هان،
خريدِي خواهہ وَڪري جو ڪيو ڏنڌو اُوهين هَٿَ سان،
اوهان جي دستِ شفقت سان اَٿم اميد اهڙي تان،
**ڏُڪَر ويندو سُڪَر تيندو وڏڻُ واپار تي ويندو**
**اسان جو بخت خوابيده وري بيدار تي ويندو.**

---

[1] اليو = لڪايو.

[2] ڪليو ڪير پت ڪائڻ = بيپرواهہ تي گذارڻ، جاوا ڪرڻ، راضپو ٿيڻ.

ٻيو گهر گوڙ دَسرَٿَ جي، ڇڏيو جو ڪيڪئيءَ ٻاري،
ٿئي جيئن ڀَرٿُ پُٽ راڄا، اِرادو هي پڪو ڌاري،
**چيائين:** ”رامُ ڪجهه عرصو، اچي بَنَ جو گذر گهاري“
سُٺي سُڌِ رامَ دِل تان بس وطن جي سِڪَ ڇڏِي واري،
هلڻ جي لاءِ سيتا ساڻ لَڇمڻ پڻ هنجون هاري،
چون ٿا هِنَ حياتيءَ کان، اسان کي موت ڀَل ماري،
ڪٽي سودو سَفَرَ جو نيٺ هليا هوٺ هاڪاري[1]،
رهِي هِڪ جاءِ جهنگل ۾، چون ستنام[2] کي ساري،
**هِتي جگديش[3] کي هاٿي جَپي[4] جَئڪارُ[5] ٿي ويندو**
**اسان جو بَختُ خوابيده وري بيدار ٿي ويندو.**

ڪئي جا اَڳڪَتِي اَڳين تہ عَرَبي جامُ ڇائيندو،
پَسِي اِخلاق اُن جا پڻ سڀو جڳ ڪيس ڀائيندو،
اُهي بَرَ باغ ٿي ويندا، قَدَم جاتي گهمائيندو،
مَناتُ[6] ولاتِ جي ٻيي بُت پَرستيءَ کي مٽائيندو،
سڄي دنيا مٿان توحيدَ جو جهَنڊو جهُلائيندو،
رُلي کي راهَ سان لائي، ڀُلي کي ڏڳ ٻتائيندو،
پيا جي پُوتَ بدعَتَ جا، اُنهن کي بَس پَڃائيندو،
جنهين ۾ چوٽِڪو[7] سَڀَ جو، اُها ٻولِي ٻُڌائيندو،
**نبيﷺ آخر زماني جو اُهو نِروار ٿي ويندو**
**اسان جو بَختُ خوابيده وري بيدار ٿي ويندو.**

---

(1) هاڪاري = آواز ڏئي (هاڪاري هلڻ = همت سان تيار ٿي وڃڻ).
(2) ستنام = ستن نالن يا صفتن وارو: علم، ارادو، قدرت، سمع، بصر، ڪليم، حيات.
(3) جگديش = اپائڻهار.
(4) جپي = پوڄي.
(5) جئڪار = فتح، ڪاميابي.
(6) منات ولات = بتن جا نالا (لات، منات ۽ عزا- عرب جا ٽي قديم بت)
(7) چوٽڪو = چوٽڪارو.

جَمڻَ سان ڄامَ عَرَبيءِ ﷺ جي، اثر ظاهِر ٿيا هيڪر،
ٿِيون آبادِيون هَرجا، وَهِي واهڙَ ويا هيڪر،
ڪَنگورا ڪَوٽ قَصَرا جا، ڪِري پَٽ تي پيا هيڪر،
اُجهي آتشڪَدَهه ويڙا، ڏَهيسَرَ[1] ڏهڪِيا هيڪر،
هِدايَتَ سَڀ سَرِي[2] تن کي حَيا ۾ جي هُيا هيڪر،
وڳو نعرو نَبوَّتَ جو، شَقِي سڀ شوريا[3] هيڪر،
سَراسَر تن سَتائڻَ جا وڏا ٺِي وَسَ ڪيا هيڪر،
تڏهن خِلوَتَ ۾ ساٿين کي اَڪَرَ عَرَبيءِ ﷺ چيا هيڪر،
**هِتان هِجرَتَ ڪرڻ سان دُور سَڀُ آزار ٿي ويندو**
**اسان جو بَختُ خوابيده وري بيدار ٿي ويندو.**

ڪيئُون شاهَ سان ڪيڏي، پيو نا شَرم ڪوفين کي،
اُجاڙِي باغِ نَبوِيءَ کي ڪيئُون قيد حرمن[4] کي،
گهڻو ڪُجهه شَهَ ڪيو تاڪِيدُ پاڻيءَ لِءِ پِلِيڻَن کي،
مگر مُطلق نہ آيو ڪو حيا حيضِي[5] ڪَمينَنَ کي،
نہ ڪوئي ڀَءُ خدا جو نا نَبِيءَ جي لَڄَ پئي تن کي،
خدا جي ذاتِ ريءَ ڪائِي نہ ٻي آڌَرَ اَڏِنَن کي،
لکين لشڪر گَڏِي وينا ڪري گهيرو غريبن کي،
چيو حَسنينَ واعِظَ ۾ سَڏِي اُن وقت ساٿين کي:
**هِتي ڪُسجِي حقيقت جو صحيح اِيثار[6] ٿي ويندو**
**اسان جو بَختُ خوابيده وري بيدار ٿي ويندو.**

---

[1] ڏهيسر = ڏهن سرن وارو، پهلوان.
[2] سري = قبول پئي.
[3] شوريا = شور ڪرڻ لڳا، شورش ڪرڻ لڳا.
[4] حرمن = (جمع) عورتون، زالون.
[5] حيضي = حرامي.
[6] ايثار = قرباني.

وَئِي تيرهين صَدِي گُذري، متان چوڏهين صَدِي آئِي،
اُهي ئي ڪُفرَ وارا ڪَمَ، اُهو ئِي زور ڏاڍائِي،
اُهي ئي ڀُوتَ بِدعَتَ جا، وٽي جيڪا ڪَيُون سائِي،
نه ڪو گُر پِيرُ باقي آ، سِپيئي وردَ دُنيائِي،
شَريعَتَ جو نه ڪوئي شَرم پڻ پَرواهَ نه آ ڪائِي،
عِبادَتَ کان رَهِي عاري، پِياسون ٿِي تَماشائِي،
نه آ اُميد سُڌرَڻَ جي، نتيجو سَڀُ ٻِراسائِي،
ڏِسي هِي حال پنهنجو مان پِلا تڏهين چوان جائِي:
**عَرَبَ جي مُلڪَ ۾ مَهدِي عليه السلام جڏهن اِظهار ٿي ويندو**
**اسان جو بَختُ خوابيده وِري بيدار ٿي ويندو.**

اُتِي "مَسرُورَ" چَڏِ ليڪا، نه ليکَن ساڻ پُڄنداسون،
ستارو ڀاڳَ پنهنجي جو پِلا ڪَڏهين ڏِسنداسون،
ڇَڏي هِي راهَ شيطانِي، سنئون رَستو هلنداسون،
رَضا تي رَبَّ جي راضِي، اسين سَڀ ئي رهنداسون،
سدا هم جِنسَ وارن سان کِلي خوش ٿِي ملنداسون،
ڪڏي هِنَ غيرَ دِل جي ڪي صفا نيَتَ رکنداسون،
وڃايَل مُلڪَ دِل جي جون وَري واڳون وٺنداسون،
ڪَيون اَنجامُ، ڪَلهه جَهَڙو، وَري ڪَو ڪَمُ نه ڪنداسون،
**پَڪو هِي پاڻَ ۾ پنهنجو جڏهن پَرچار ٿي ويندو**
**اسان جو بَختُ خوابيده وِري بيدار ٿي ويندو.**

# چپ چپ سان نہ تو لڳي

## (صنعت واسع الشفتين)[1]

سَدا ساهہ سُهٽا سڪِي روز ساري،
سُٺِي هوتَ سَڏڙا اَچو اَڄ اوتاري.

تڪِيءَ[2] تي ڪو تورو لڪِي يار لايو،
نِگهَ ناز سان نيڻ نازڪ نِهاري.

ٽِيا سالَ سڪَندي ڏِنءِ نا دِلاسو،
هِنيو[3] هوتَ حيران گوندر گُذاري.

نہ آيو ڪو ايڏنهن سَجَڻ ڪانگَ قاصِدُ،
ٽَڪيان رَندَ راهُون هَنجُون هاءِ هاري.

هٽِي حال هيٺو، ڪَيو هِجرَ ليڪن،
سَجڻ يادِ تنهنجِي تَپِان تارَ تاري.

ڪَڏهِن داڌُ دِل جو اَلائجي نہ ٽِيندو،
جُدائِيءَ جو جانِي هِي ڳارڻ تو ڳاري.

ڏِيو يارَ "خُوشدِل" جي دِل کي دِلاسو،
سَتي سانگ لاڳا، لڳو تنهنجي لاري.

---

[1] صنعت واسع الشفتين = شاعريءَ جي اها خوبي، جو ڪلام پڙهندي چپ چپ سان نہ ملن.

[2] تڪيءَ = تڪيل، هڄ ٽيل، مصيبت ماريل.

# ڪافي

## (صنعت سوال جواب)

**چيم :** اڄ مل مِٺا مون سان ڇڏي جورو[1] جفا جانِي،
**چيائين:** ظلم ۽ زورِي اسان کي آ روا[2] جانِي.

**چيم :** ڏس ڏي پلا دِلبر کيان مان ڪِيئن، وڃان ڪاڏي،
**چيائين:** زَر بِنا پُورِي نہ ٿيندِي مُدعا[3] جانِي.

**چيم:** يي زَر نِماڻو هان تڏهن ئِي تو کيان آزِي،
**چيائين:** وَڃ ٿِري هاٽي نہ ڪَرِ مون کي خفا جانِي.

**چيم:** نقدِي ملي بوسو فقط خيرات ۾ هِڪڙو،
**چيائين:** معاف ڪَرِ مون کي مٺيل ڪونهي صَفا جانِي.

**چيم:** پيچو پرين تنهنجو ڇڏيندس ڪِينڪِي هرگز،
**چيائين:** پر قيامت ۾ ڪنداسون ڪا شَفا جانِي.

**چيم:** مون عِشقَ تنهنجي جو مِٺا ڳانو ڳچيءَ پاتو،
**چيائين:** مڙ مَتان "مَسرُور" ڪائين تون خَطا جانِي.

---

جورو جفا = ستم ۽ ظلم.
روا = جائز، واجب.

# ڪافي

## (صنعت سوال جواب)

**چيم:** دلڙي لٽي دلبر وڃي ٿئين يارَ ياقِي[1] چو،
**چيائين:** دِل تنهنجي تو وَٽِ رَڙين چا لاءِ باقي چو.

**چيم:** جي دِل هُجي ها سَچ نہ پوءِ دَم دَم تنهنجي دَر تان،
فقيرن جان مِٺا جانِي ڏئي ڦيريُون فِراقِي چو.

**چيائين:** او ڇَريا دِل ريءَ جيئين تو ڪيئن پوءِ جَڳَ ۾،
سبب ڪهڙي يلا سچ چَءُ گهُمِين موجِي مزاقِي چو.

**چيم:** اَي قِياسَ وارا بَس تَڳان تو ياد تنهنجيءَ ۾،
رهائين ايئن رُلائِين پَر اَجايو اِشتِياقِي[2] چو.

مَري "مَسرُورَ" پيو ماندو سُٺي آزِيون سَجَڻ تنهنجون،
لِڪي لوڪان ڪَهِين ويلي اَچي تِئين نا اوطاقِي چو.

---

[1] ياقي = بيپرواھ.

[2] اشتياقي = سڪ وارا، محبوب.

## صنعت بي نقاط

وصال وارو وعدو لِلّٰهِ لِکُ ڈُلارا،
دِلدارَ داد رس کو کر مِهَرَ، مِهَرَ وارا.

لَهہُ کر کا سِگهو وَرَ هک وار حال محرم،
سوداءِ سور ۾ آهه دل گهاوَ گهاوَ سارا.

هر دَرد لاءِ دارو دائم درس دلاسو،
مرهم سو ماهه عالم اکرام کر، گدارا.

کر ماهِرو مطالع دم آهه دَمُ دورو،
راهِ رسول اُکمل سردارَ مِل سگهارا.

دائم سدا درد ۾ آهه سوگوار "**مسرور**"،
راحِم سو رَحم وارا کر مَهَل سِر مدارا.

---

[11] پڙ پڙ = هلڪي آواز ۾ ڳالهائڻ.

# صنعت فوق منقوط

سَدا سُور سُهڻل سَندا تا سَتائِن،
اندر ڏُود ڏُونهان تا دَم دَم ڏکائِن.

نہ کو حالُ مَحرم نہ ٿَم هاڻِ هَمراهُ،
سِوا دوست سَئَہ لَکَ تا ڏُکڙا ڏُکائِن.

مَران مُفتماندو ملڻ لاءِ هَر دَم،
لِکان لَکَ خِطڙا نہ رَمتا[1] رَسائِن.

اَٿَم کرم کوتا کهڙو ڏوهہ کانگل،
مِٺا ناز مون، نا، اکر هِڪُ الائِن[2].

کري ماٺِ "مَسرُور" سَهہُ سور سُهمان[3]،
حُسن وارا کَنهن سان رَسُ نا رَهائِن.

---

[1] رمتا = راهہ ويندڙ.
[2] الائن = ڳالهائڻ.
[3] سهمان = طنعا تنکا.

## تحت منقوط[1]

اڇي حال هيٺِي جو ڀَسُ هِي پيارا،
ڪيو درد ڏوري جِگرِ جي ڏوپارا.

ڀَڪي آءُ پيهي ڀَري پيرَ پِيارَلَ،
ڀَلا ڀالَ ڀُورَلَ ڀَلائي ڀَلارا.

سُٺِي مُحبَ ماهِي سڪايَلَ جا واڪا،
سِگهو واڳِ واري رَسو رَحمَ وارا.

سَدائِي سڪي ساهُ ساري پيو،
ڪري ٻاجهَ ٻَهَڳُڻ اَچِ مل موچارا.

ڪري ڪو ڪَرم بي اَللهُ لَڳ اَچَڻَ جو،
لِڳُج وَرَ وَرائي دِلاسو ڏُلارا.

ڪَيو هجِرَ "مَسرُورَ" کي آ هِلاڪي،
اَللهُ لَڳَ لِيئو پاءِ جِيءَ جا جِيارا.

---

[1] تحت منقوط = هيٺان آيل نقطا – هي شاعريءَ جي هڪ صنعت آهي. جنهن ۾ سيئي نقطا هيٺان آندل هوندا آهن.

## صنعت تقسيم مفرد

هَئي هاءِ جدائيءَ ۾ منا توريءَ آهيان
1 بيمار 2 زار 3 حيران.

بيمار زار حيران ٿيا تولاءِ ڪيئي پڻ،
1 طاليس 2 فلاطون 3 لقمان.

طاليس فلاطون لقمان، پني توکان سدائين،
1 راحت 2 رحمت 3 درمان.

راحت رحمت درمان تنهنجو آهه اهو،
1 ديد 2 وعيد 3 احسان.

ديد وعيد "مَسرُورَ" آهه بس
1 ڪافي 2 شافي 3 فرحان.

# دعا

مُون کي شرَ[1] شيطان کان باري بَچائج،
اِهو عرض مُنهنجو اي آگا[2] اگهائج.

عُدو[3] جي بہ منهنجا ڪرِن ڪجھ شرارت،
رُليلَ راهزَن سي تون راجِمَ رُلائج.

رِتون جي رِتن تا رُلائِڻ لاءِ منهنجي،
مَتيُون[4] تَن جون مولا سَيبئِي مُنجهائج.

مَديني مُنوَر جا نُوري نِظارا،
مَڪي جا عَجائِب مون پرور پَسائج.

سَمونڊن جي چولِين ڪنان با سلامت،
ڪرم ساڻ پنهنجي تون رَهبر رَسائج.

---

[1] شر = شرارت، برائي، بدي.
[2] آگا = آقا، الله تعاليٰ.
[3] عدو = دشمن.
[4] متيون = هوش، عقل (متيون منجهڻ = حواس خطا ٿي وڃڻ).

ٻجهَن پَنڌ پوٽا[1] راهون اَٽايون،
مون کي لطف سان سي تون لانگها[2] لَنگهائج.

خدايا تون محتاج ڪنهن جو نہ ڪج مون،
سنئم درد ڏک سڀ سُکَن سان مِٽائُج.

مرڻ ويل مون کي مِنا تون اي مولا،
هِتَئون ساڻ ڪَلمي جي هادِي هَلائج.

اَچي قبر ۾ هُتِ مَلائِڪَ پُڇَن جي،
اُتي اِسمُ اَحَمّد جو مُون کان چَوائُج.

ڪري قرب پنهنجو، بہ روزِ قيامت،
مَنجهَون خاص ٿولي اِلاهي اُٿائج.

سَوالِي آ "مَسرُور" مولا تنهنجي در تي،
سنئم سڀ مُرادون تون پَروَرَ پُڄائج.

---

[1] پوٽا = ٽي حصا، (پنڌ پوٽا ٻجهڻ = انتهائي مشڪل ۾ ٽيٽو پنڌ هڻڻ).
[2] لانگها = پار ڪرائڻ وارا (مخاطب) ڏٽي تعاليٰ.

# پياري ديس واسين کي دعا

جِيئندا رهو شل جِيئندا رَهو سدا سِنڌ واسِي وَسَندا رَهو.

سَدا سِنڌ واسي وَسَندا رَهو وَسَندا رَهو نِتُ وَڌَندا رَهو،
وَڌَندا مَزا وَڌَ وَنندا رَهو نَظَرِ بَد کَنان ٻي بَچندا رَهو.

ڏٽيءَ جي دَيا سان نَه کو ڏُک پَسو پياري وطن ۾ سکِي نِت رَهو،
ڇڏي پيٽ پوڄا[1] چِتا ئِي چَسو[2] کَري وَسُ جهَجهو جَسُ کٽندا رَهو.

پَئو نا خُوديءَ[3] جي اوهين ماڻ[4] ۾ هُجو هِڪَ ٻئي جي سَدا آڻِ[6] ۾،
شکَر شِير[5] تِي سي مِلي پاڻ ۾ کِلَندا رَهو گڏ گهُمندا رَهو.

ٽيو کِين کڏهين خفا هِڪ ٻئي نوازيو ڏئِي کجھ نفعا هِڪَ ٻئي،
ڏِسي سيرَ ڏِگ سان سَدا هِڪَ ٻئي نَظَر مِهرَ جي سان ڏِسندا رَهو.

رَکو لَڄَ وَطن جي کري ايکتا[7] رهو پنهنجي پَر ۾ پَلي پَت سَدا،
مگر هِڪَ ٻئي سان اُوهين لَگِ خدا قلمر قرب وارو کٽندا رَهو.

---

(1) پيٽ پوڄا = پيٽ پرڻ.
(2) چِتائي چسو = (چِتائي = روشنائي، چسو = سوداونو) علم پرايو (اصطلاح).
(3) خودي = غرور، گهمنڊ.
(4) ماڻ = هٺ، خودپسندي، ٽانءُ.
(5) شکر شير = کنڊ ۽ کير.
(6) آڻ = تابعداري.
(7) ايکتا = ٻڌي.

قَبيلي بِرادَر بڪايل مٿان پڙوسِي پَرانهين سَتايَلَ مَٿان،
پري پير پِرتئون ڏُڪايَلَ مَٿان سَدا هَٿُ دَيا[1] جو رکندا رَهو.

اِها باسَ "مَسرورؔ" باسي تنهن ورهايان مِنايون تِيو هِڪُ جَنهِن،
دُعاگو کي پَنهنجي اُوهين پِي ڪَنهن دُعا سان وَرِي يادِ ڪَندا رَهو.

---

[1] ديا = رحم.

## سنڌڙي وطن اسان جو

دنيا سڄيءَ کان برتر سنڌڙي وطن اسان جو،
شالا هجي سَروسر[1] سِنڌڙي وطن اسان جو.

پنجاب ماڙ موهَت پيرَن سَندي پٽي[2] ڪَڇ،
ساگرَ سڄي جو اَفسر سِنڌڙي وطن اسان جو.

هالار ڪيرُتر پَبُ هِي سنڌري سندس سپ،
بي خوف آهي اِنَ پَرِ سِنڌڙي وطن اسان جو.

ڪابل قَلات رکشڪ[3] دائِم رَهي دُعاگُو،
خُود ٻِي دُعا جو آ در سِنڌڙي وطن اسان جو.

هِڪَ ئِي لَڪِي لَڳَن جِي سنڌو نَدِي سُونهاري،
جنهن جي ٻِنهِي ڪُلَهن پَرِ سِنڌڙي وطن اسان جو.

پَنجَن جو ميل هِڪِڙي لاريب[4] مَٿ هَزارين،
پاڻيءَ جي اُن کان پُرزَرِ[5] سِنڌڙي وطن اسان جو.

---

[1] سروسر = سدائين خوشحال.
[2] پٽي = مٽي.
[3] رکشڪ = رکپال، رکشا ڪرڻ وارو.
[4] لاريب = بيشڪ
[5] پرزر = پرزور.

ڏورَون ڪان هِتِ ڏِسُ گهارن تا خُوش مزي ۾،
آهي غَريب پرَوَر سِنڌڙي وَطن اسان جو.

اَوَل ٿي عِلمَ جو ڏِسُ پايو هتي پيو آهه،
اڳرو گهَٽن ڪان اَڪثر سِنڌڙي وطن اسان جو.

ڪِلمُک سُکِي نِواسي[1] مَحلاتَ دِل وٽندڙ،
فِردوس[2] جهڙو مَنظر سِنڌڙي وطن اَسان جو.

هِندو ڪِي يا مُسلمان هِنَ مُلڪَ جا رَهاڪُو،
سِنڌي هُون سَڀُ بِرادَر سِنڌڙي وطن اسان جو.

ڪَشميرُ ديسُ ڪَهِڙي هَرڪو وَطن پِڏائِي،
سِنڌِي ٻہ ڳِليون يَڪ سُر سِنڌڙي وطن اسان جو.

تَنزيلَ[3] ويدَ[4] ۾ آ تاڪِيدُ هِڪُ تِيڻَ جو،
هِڪُ تِي چئون هِي هَر هَر سِنڌڙي وطن اسان جو.

هَتڙا کَٽِي دُعا جا "مَسرُور" بارَ ٻُڍڙا،
ڳائِن هِي گيت گهَر گهَر سِنڌڙي وطن اسان جو.

---

نواسي = رهواسي، رهاڪو.
فردوس = جنت.
تنزيل = قرآن پاڪ.
ويد = هندن جو مذهبي ڪتاب.

# شڪارپور

عَجِيبُ ماڻهو اَڄوڪي ٽاڻي[1] رَهَن ڪَرَن ٿا شِڪارپورِ ۾،
مَرَي سان پَنهنجي ڪمين وِهاڻي[2] اَچَن وَڃَن ٿا شِڪارپورِ ۾.

لُچا لُفَنگا اچَن وَڳن سان وڏا وڏيرا پَڳن سان،
مزدورَ واندا گهِٽِين دَڳنَ سان گهُمَن ڦِرَن ٿا شِڪارپورِ ۾.

پَٺاڻ ميمڻ عقيلَ آڙا ڪري دلالِي هَٽَن تا ڏاڙا،
گهَٽي گٽي لِءِ ڪَچي ڪُراڙا پَچَن ٻُڪَن ٿا شِڪارپورِ ۾.

ڏِسي هِي حالَتَ ڏُکِي وَجان ڪجهه مَگر نه دِل جو پَرمُ پَجان ڪجهه
گهَٽا وِيا گهَرَ ٻِهِي اَچا ڪجهه ڪِرَنَ ٻَهَنِ ٿا شِڪارپور ۾.

بيا مَهاجِرَ[3] غريبَ جيڪي سواءِ ڏَنتي اَدِيبَ جيڪي،
رَقِيبَ[4] توڙي قَرِيبَ[5] جيڪي لُڏَن لَمَن ٿا شِڪارپور ۾.

چڱي مني جا بہ چار نوڪر ڏَکَرَ ڇي جَن ڪي لَڳي نہ نوڪَرَ،
بيا سڪولي صَغِير چوڪر نَچن ڪُڏَن ٿا شِڪارپورِ ۾.

---

[1] ٽاڻي = سمي، دور ۾، وقت ۾.
[2] ڪمين وهاڻي = ڪمن ڪارين سانگي.
[3] مهاجر = هندستان مان لڏي آيل.
[4] رقيب = دشمن.
[5] قريب = عزيز، مٽ مائٽ.

مِلِي نہ لَهِٽو رَهيَلَ ڪَمايَلَ سدا سُجَن جا سَوين سَتايَلَ،
ٻِيا گهٽو مون ڇِيان ڏکايَلَ مرن جِيئَڻ تا شِڪارپور ۾.

وَڃي مان دَر دَر ڪَيان تو ڦيرا ڪيان تو ڦيرا هَزارَ ڦيرا،
اِها ٿِي چالِي مَيا مَتيرا ڏِسَن پَسِڻ تا شِڪارپور ۾.

ٻِيا ڍيَر سڀ غريب ڊاري مَمَڻ متان ڪو ٻيو نہ ٻاري،
رهن تا خائِف تنهن نہ واري ڪُڇَن پُڇَن تا شِڪارپور ۾.

گهٽائِي تال و نچال وارا[1] گهٽائِي خارج خصالَ وارا[2]،
تنهن بہ خاصي خِيالَ وارا اُتن وِيهَن تا شِڪارپور ۾.

دَوا فَروشان مَدارين جان گهٽا مهاجِر مسافِرن جان،
گهٽائِي اُوستا[3] گداگِرن جان رُلن پِنَن تا شِڪارپور ۾.

ملي فقط فِي پڙهن نہ پِل جان نہ ماستر پِي پُڇن ڪنهين ڪان،
وڏن جي ليکي ٻچا مزي سان پڙهن ڪڙهن تا شِڪارپور ۾.

---

[1] تال و نچال وارا = دهل وڄائڻ، نچڻ ۽ ڳائڻ وارا.
[2] خارج خصال وارا = فيشن پرست، ڌارين ثقافت تي عمل ڪرڻ وارا.
[3] اوستا = ڄايون جوڙيندڙ، ڪاريگر، استاد.

مُڙي نہ ميمون[1] مَڇائي گاڙو ڪَسو[2] پيارو[3] ڪَري نہ لاڙو،
مِنو[4] ۽ ڪُوڙو[5] سَڀو ڏِهاڙو وِڙهَن جهِڙن تا شِڪارپورِ ۾.

فقيرياڻيون پڙن ڪُتَل پي فقِير گدڙا چڱا چٽيَل[6] پي،
گهٽا گداگر مَتي ٻڌَل پي پٽن سَٽِن تا شِڪارپورِ ۾.

ملي نہ چيني اگر هَٽن تي لَڳي تہ شاڪو وَجي گهَٽن ڪي،
ٻِلَئڪ ۾ سَڀُ وَڏن اڳهن تي ڏِيَن وَٽَن تا شِڪارپورِ ۾.

وڏِيڪ "**بدوي**" نہ ڪر حِڪايت اِها حڪايت چـون[7] شِڪايت،
گهٽائِي اِهڙا ذليل عادَتَ هَٽن ڪَٽَن تا شِڪارپورِ ۾.

---

[1] ميمون = ميران بخش.

[2] ڪسو = ڪسارو فقير مسرور جي پنجون پٽ (راقم الحروف) جو گهريلو نالو.

[3] پيارو = فقير مسرور جي ٽئين فرزند لعل بخش جو گهريلو نالو.

[4] منو = احمد بخش بدوي جو گهريلو نالو.

[5] ڪوڙو = رحيم بخش بدويءَ جو گهريلو نالو- (اهي پنجئي نالا فقير سائين مسرور جي پٽن جا آهن، جن کي گهر ۾ پيار وچان انهن نالن سان سڏيو ويندو هو.

[6] چٽيل = چوندبدمعاش.

[7] چون = جيئن تہ.

# ادب جي اوج ۾ زالن جو ڀرو

اَدبَ جي اَوجَ ۾ اَول ضَروُرَت آهِ زالن جِي،
سِتارو سويَ وارو سچ تہ صُورَت آهِ زالن جِي.

حَقيقت ۾ تہ زالن کان ملي تو ڀَاڳُ مَردَن کي،
اَياڳَت جو بہ ڪارَڻ پَر نحوسَتَ آهِ زالن جِي.

رَهن جي مَردَ کي ڪاهل، سدا ڪم ڪار پنهنجي ۾،
اِها طبعِي بہ پڻ تڏهين، بُرُودَتَ[1] آهِ زالن جِي.

ٻُڌَڻ کان ٿَن سَندي ٻَلوانَ ٻيٽا ٿِي پيا ٻَلَ ۾،
گَٿِي جا جَنگَ جوڌَن سا فَتوحُت آهِ زالن جِي.

ٿَهي تو ٿاهہ پائُن جو، ذريعي ساڻ زالن جِي،
خصومَتَ[2] جو سبب بِي سَچَ، فُتورَتَ[3] آهِ زالن جِي.

ادب واري اثر تن جي ڪنان دنيا وٺي رَنگَتَ،
مُقدَم اِن ڪري گهُربَل مُروَتَ آهِ زالن جِي.

---

[1] برودت = ٿڌائي.

[2] خصومت = دشمني، عداوت.

[3] فتورت = فتور ۽ جهڳڙن جي عادت.

اُنهن جي وَسَ ڪري ئِي وَس وڏي تِي مُلڪ ساري ۾،
دِلين جي مُلڪ تي جيئن جو حڪومت آهِ زالن جِي.

تِيَن عِلمَ و ادب سببان، سدا ساتِي صَلاحُن ۾،
اگرِ مَشهُور دُنيا ۾، رُعُونَتَ[1] آهِ زالن جِي.

هُجي ڪا حَد ، بي مَحدُود، تَن جي اوٺ ۾ اَلبَتَ،
مَگر "مَسرُورَ" چڙواڳي، ڪُدورَتَ آهِ زالن جِي.

30- ڊسمبر 1944ع
لاڙڪاڻ ڪانفرنس

[1] رعونت = شوخي، غرور.

# فضائي دُنيا

آدِمن مان اي ادا، اَج مِهَرَ اُلفتَ وَئي هَلِي،
سِڪَ صَداقَتَ وَئِي هَلِي، قومِي قَرابتَ وَئِي هَلي.

ٿانءِ ٺُون ڦُون مَوجَ ۾، مَغرور هر زَن مَرد آ،
اَلوِداع اَخلاصُ اَصلِي، پڻ مُرَوَتَ وئي هِلي.

پورَهئي مان ڪانہ ڪنهن جِي تي پَوي پورت ڪٿهن،
هاءِ هَئي هَر چِيزَ مان سَچ صفا بَرڪت وئي هَلِي.

رات ڏِينهان ڇِهچِٽو جارِي هيو جنهن هَنڌ اُتان،
ڪالهہَ وارِي بُوءِ بَهارِي رُوءِ رَنگتَ وَئِي هَلِي.

هَر قَبيلو قَومَ هِڪَ ٻِئي کان، ڳنا ڪيڙا[1] ٿيا،
خاصُ اَڻ ٻَٽِيءِ سبب سِي ساءُ صُحبتَ وَئي هَلِي.

ڪَٿ اُهي عابِدَ ٿِيا ۽ مولوي مُلّان ڪٿي،
وا دَريغا[2] جو دِلِيُن مان پِي دَيانَتَ[3] وَئِي هَلِي.

واءِ غفلت جي سبب کان واءِ بَر اَحوال واءِ،
عِلم ۽ واپار هَٿَ مان صاف صَنعَتَ وَئِي هَلِي.

ناهِ سچ جو هِي سَمو ملتِ ڪر "مَسرُور" هاڻِ،
جو اِهو ماڻهن مَنجهان اَج شَرافت وَئِي هَلِي.

---

[1] ڳنا ڪيڙا = تلوارون ۽ ڍالون. (محاورو) ڳنا ڪيڙا ٿيڻ = دشمن ٿي ويهڻ.

[2] وا دريغا = هاءِ حسرت- هاءِ افسوس.

[3] ديانت = سچائي.

# اعمال نامو

## (شامت اَعمال ما – صُورَتِ نادَر گرِفت)

زماني نا ذرو پَنهنجي مٿي اڳِلي تہ عادت اَچ،
مَگرِ هِي بي سَبَبِ آهي اَسان جِي سڀ بَلاهَتَ[1] اَچ.

زَمين و آسمان ساڳيو، اِهو سِج چَنڊ ۽ تارا،
زَماني جو نہ ڪوئِي ڏوهُ، پَنهنجي آ شَقاوَتَ[2] اَچ.

جيئين جو ڪنهن سياڻي هِيئن چيو آهي اِنهيءَ بابَت،
اُٺڻ ڪان آهِ عاجِزَ خودِ وِجهي ڳوڏن مَلامَت اَچ.

زَمانو زور سان سڀ ڪنهن پڪاري صبح سانجهيءَ جو،
سندس سهڻي نصيحت تي ڪيون واري فَضاحتَ[3] اَچ.

ڪَفِ اَفسوسُ مَهٽِي هُو اَسان جي حالَ سان آخِرِ،
رَکِي رايو ٽِيو شامِل ڇڏي شاهِي شَهامَتَ[4] اَچ.

اَڙي يارو زَماني جو نہ ان ۾ ڏوهُ ڪو آهي،
ڌَري هَٿُ هِيانوَ تي پَنهنجي ڪيو دِل سان دَريافتَ اَچ.

---

[1] بلاهت = بي وقوفي، سادگي، ڪند ذهنيت.
[2] شقاوت = بدبختي.
[3] فضاحت = رسوائي، بدنامي.
[4] شهامت = بزرگي، دليري، توانائي.

ڏسو اَعمالَ پَنهنجي ڏي، ڏِسو اَفعالَ پَنهنجي ڏي،
ڪئي خود پاڻ سان پَنهنجي اسان ٻي آ نِهايَتَ اَڄ.

مَثلاً[1] جي چَڱا ئِي تو ڳٽِي ڪوئِي چوي ڪنهن کي،
نہ واري ويڻَ ڏيئي سو ڪري اُن کي حِقارَتَ اَڄ.

حِقارت نا ادا هِڪڙِي، وِجهي پر گهنڊ[2] سي مُنهن ۾،
سُٽائِن سَت[3] سُرِي تَنهن کي، ڪَري جيڪو هِدايَتَ اَڄ.

حُقو ۽ پَنگَ ٻيڙِي پانَ وارو خوش لڳِي دل کي،
اِها مَهمانَ جي خاطِر ضَرورِي آ ضِيافَتَ[4] اَڄ.

سر خُود مَوجَ جو سَپ کو، ڪَري جيڪي وَٽِي جَنهن کي،
اِهائي علمَ کي هاٽِي، اَدا آهي اِجازَتَ اَڄ.

نِمازون پُڻ نہ ڪِي روزا، نہ ڪا آ تلت مولا جِي،
چَئو تان حالَ اَهڙِي سان وَنِي ڪِيئن نا قَباحَتَ[5] اَڄ.

---

[1] مثلاً = مثال طور.
[2] منهن ۾ گهنڊ وجهڻ = (محاورو) منهن خراب ڪرڻ.
[3] ست سُري سٽائڻ = (محاورو) گهڻ وڌ ڳالهائڻ.
[4] ضيافت = مهمان نوازي.
[5] قباحت = برائي.

بَہ نِسبَت حالَ جي ڪوئِي مِلِي ميدان ۾ غازي،
خدا ڪارڻ صَفا سَچ جِي اَچِي ڪو ڏي شَهادَتَ[6] اَچ.

پڙهي هيڪر حَقيقتَ هِي، ذرا صاحِب امانت جا،
اتم اميد اهڙي تان ڪندا البت امانت اَچ.

مساجد ڪون مٿي منهڙو، رجوع دل آهہ دائِرن ڏي،
عِبادَت ڪان اِها نِت تِي اَچِي راڳن مان راحَتَ اَچ.

اَوائِل ڪان اَجوڪَن ۾ ڏِسي چالا نِرالا هِي،
اَچِي ڪو عَدُلَ جو صاحِب، ڪري اَهڙِي عَدالَتَ[1] اَچ.

ميان مُوسيٰ عَجَب محسن قبولِي آهہ آخِر تان،
اَسان جِي اِها آهي تہ ڪِردارَن جِي ئي شامَتَ[2] اَچ.

اَسان جِي هُئِي طَبيعتَ، جي سُتارَنِ، صَبُر تَن آهي،
تہ پوءِ ٻِيو ڪيرُ ڪَنهن جي لِءِ ڪندو هَهڙِي هَلاڪَتَ[3] اَچ.

ڪيو تون ماٺ پڻ "مَسرُور" گهارج جان جِيئَن گوشي،
پِلا ڇو جو ادا تَن سان نہ تنهنجي آهِ حاجَتَ[4] اَچ.

---

[6] شهادت = شاهدي.
[1] عدالت = انصاف.
[2] شامت = نتيجو.
[3] هلاڪت = تڪليف.
[4] حاجت غرض.

# ظلم

وَهہ خوش نَصِيب ظالِم خوش تو سَدا گُذاري،
مظلوم ليڪ دائِم گُوندرِ پيو تو گهاري.

هَرڪو تو گلَ لڪائي ڪو ڪيس هَٿ نہ لائي،
ڏُٻرا پيو ڏڪائي ڏنڊي جو ڏر ڏِياري.

شَهزورُ شورَ تي آ ڪَنهن چُرچَ چورَ تي آ،
جَنهن جي هُو زورَ تي آ ان جو بہ ڊپ نہ ڏاري.

ڪُوپو ڪُڏائي ڪَونتلَ اَڙ گيل آهِ بِلڪل،
سرڪارِ ٻِي تہ مشڪِل هِن ڪي سَگهي سڌارِي.

پَريان اِجهو اَچي تو ڏِسُ گوڙ جو مَچي تو،
رِيءَ چير جي نَچي تو تارا وڏا قوتاري.

ڪنهن جي نہ آ جهلڻ جو هِرڪ نہ ٻين ٻَلَنَ جو.
هِن جِي چلتِ چلڻ جو ڳارَڻ پيو تو ڳاري.

پل موج پنهنجِي ماڻي غم ڪو نہ ڪر تون هاڻي،
"مَسرُور" اَڄ سياڻي مولا تو ڪيس ماري.

# كافي

ڳهلي ٿي ڳم گنبذ[1] جي هيرَ،
اَٽڪل ڪائِي هوشَ عقل جِي ڪانہ هلي تَدبِيرَ.

هِندُو مُسلمُ چادَرَ هِڪڙي، وَچئون ڏنل ھُئِي ڪِيرَ[2]،
ڪَري وِرهاڱو ڪِيرَ اُديڙي، ويرِي ٿِي پيا وِيرَ.

گِيانِي[3] ڌِيانِي[4] مونجھ منجهايا، ساڌو سنت فقِير،
پوڳڻ آئِي پاپَ جي سَڀَ کي، توڙئون جا تقدِيرَ.

هِندُو هُتِ هَلاڪِي، هِتڙي مُسلمانَ زَهِيرُ[5]،
ديسُ ڇڏي بيوَس ٿيا سَڀُ، پَرديسَ ۾ پناهگِيرَ.

خُونَ خرابَت قُرلتِ ڏاڙا، شاهِي ڪَرَنِ شَرِيرَ،
زالن کي ڪن اغوا زورِي، پَردو رَکندِين پيرَ.

دِل کي ڪا دِلجاءِ ڪنهين جِي، مَنَ کي ناهي ڌِيرَ،
شيرَ دِلاوَرَ جوڌا جيڪي، سي پِڻ اَڄ دِلگِيرَ.

داتا دَرِ "مَسرُورَ" سُوالي، نيڻ وَهائي نِيرَ،
مُشڪل ۾ يا شيرِ خدا، ٿي واهرَ شاهہَ شبيرَ.

---

[1] گنبذ = عمارت جو مٿيون حصو، جيڪو گول هجي. (ڳم گنبذ جي هير = پريشان ڪندڙ حالتون).

[2] ڪير = ڪپڙي جي ٻن پلاندن کي ملائڻ لاءِ ٽوپو، ڳنڍ.

[3] گياني = گني، عالم، عقل وارو.

[4] ڌياني = ڌيان وارو، هوش وارو، فهميدو.

[5] زهير = هيٺو، ڏٻرو، ڪمزور.

## ڪافي

سِگهو ڪو گهول مِهَر جو واءُ،
ڏمر اسان تون ڏاتر لاهي، هادِي بَخشِ حَياءُ.

هِندو مُسلم قومَ جو جلدي ٿِي وجي ٺهراءُ،
ڪَکين قرارِي تِين سَپيئي پڪو ڪري پَرچاءُ.

سَوامي ساڌو سَنتَ ڪنان ڪو ٻَٽيو ڪو نہ بناءُ،
موليٰ تنهنجي فَضلَ ڪَرمَ رِيءَ آهي ڪو نہ اُپاءُ.

ڏوهہ ڏِنگايون ڏِسي اسان جا وَرِي نہ ڪج وَرجاءُ،
جي بچائِين تان بچون نہ تہ بِلڪل ناهِ بَچاءُ.

راجا تنهنجي راڄ ۾ پَرجا، ڪاهي وڏو ڪُنياءُ[1]،
اَنڌا ڌُنڌ زورِي ظُلم آجِت ڪِٿ، ناهِ ڪِٿ نِياءُ[2].

سائِين ٿُنهنجي سَختِي هوندي، ڪري نہ ڪو پَڇتاءُ،
پيرَ اَجا پِي اَڳتي التو، آهي اُبَ اُناءُ.

موليٰ هِنَ "**مَسرُور**" سَندو سُڻ، سائِين عَرض اُناءُ،
جاءِ بجاءِ تِيَن سَيئِي سُکيا، ساڳيو ئِي تي ساءُ.

---

[1] ڪنياءُ = ناانصافي.
[2] نياءُ = انصاف، عدل.

# ڪافي

## صُلح سانت جا ساري جڳ ۾، ڏِسجَن ٿا آثارَ،
## صُلح جا ڏِسجن ٿا آثار.

ويرَ مِٽِي سڀ پاڻ ۾ ويھي وينا ڪن وِيچارَ،
ڪَندا نِرتئون[1] نيتِ نِبيري پَرچَڻ جا پَرچار.

پاڪَ هِندُ جا ٽَئي ٿِي ويندا توڙئون جا تڪرارَ،
راڄَ مَهاجِڻَ رَهندا راضي سُکيا مَنجھہ سَنسارَ.

وِيندا موٽِي واڳون واري وطن پنهنجي وَڻجارَ،
وَسَندا واهَڻَ شَهرَ وَرائي ٿِيندا باغُ بَهارَ.

سائِين ڪَندو سُڪَرُ سَٽائِي ويندا ڏينهَن ڏُڪارَ،
چور بزارِي چَٽُ ٿِي وِيندا وَڏِنءُ ٿِيندا واپار.

موجَ لَڳي "مَسرورَ" وينڊِي لهندا غم غُبارَ،
اِيسَرَ[2] سانوَڻَ[3] عِيد ڪَنداسي اها پَڙهِي اَخبارَ.

(1949-1-1ع)

---

[1] نرتئون = خوشيءَ سان.

[2] ايسر = فقير مسرور جو دوست.

[3] سانوڻ = فقير مسرور جو دوست، سانوڻ مل تپيدار پنوعاقل.

# ڪافي

ڏهاڙي جڳتِ جا ڏِسان رَنگ نِيارا،
مِنا تِي پيا سي ڪَڙا ۽ ڪَسارا.

تَوَنگَرَ کي هَرڪو گهُري تو گهَٽيرو،
هَڪالي ڏِڪاري تو هَرڪو گدارا[1].

نہ ڪنهن جو ڪو رَهيو آ هَمراهُ ساٿِي،
عَزِيزن قَرِيبَن ڇِنا سَڱَ سارا.

هُئا جي هِميشہ اَڏيئَن جا آڏَرَ،
لَڏي لوءِ وَيڙا اُهي قُربَ وارا.

دَغا چالِبازِيءَ جا چالا نرالا،
ڇَڏي يَءُ خدا جو ڪرن ڪِيس ڪارا.

لڳو واءُ آهي الائِجي هِي ڪهڙو،
سخن جا سَچا جي اُهي ٻِي اُڏارا.

نہ آ فِڪِر ڪوئِي جي"مَسرُورَ" تَنهن جو،
مگر آ خداوند ياوَر[2] پيارا.

---

[1] گدارا = پينو فقير.
[2] ياور = مددگار.

## ڪافي

عجب يار يارن جي ياري ڏِٺم،
صفا راندِ ڏوڪڙَ جي ساري ڏٺم.

مگر زورَ زَرِ سان پياري ڏِٺم،
گهمي آزمائي حَسينَن سندي.

نہ تِي هَر خيالِي طبيعت ۾ ڪنهن
جي،
رَوِش ريتَ سڀ جي نِرالِي ڏٺم.

ڳهُلِي هِيرَ گنبَذ جي اهڙِي وري،
ڪِتي ڪِين ڪنهن کي قرارِي ڏِٺم.

عزيزن قريبن سندِي قُربداري،
محبت مِڙنِ جي اُڌاري ڏٺم.

ڪري ويهہُ "مَسرُورَ" پاسو پري،
اِها اَج جِي يارِي خُوارِي ڏِٺم.

# ڪافي

لوڪ سَڀُ لُچي جو اشراف جو اَللهُ،
پيرا پري ٻُڪئي جو لهي نہ ڪو سَماءُ.

هِت هُت اَجائي هارن، دنيا خوشامَد تي،
مِسڪِينَ ۽ محتاج کي ڏي نہ ڪو گِراھُ.

فِتني فَسادَ سان جَڳ پَرپُورَ تو ڏسان مان،
نوڳِين نَڳي سارو مُلڪُ ڪيو تَباھ.

دَغا باز نادم دَغا ريءَ رهن تا، اڪِ چِنيَ ۾،
اَبوجهہَ کي ڦُرن ڏيئي ويساھُ.

اي نيڪ مچ نَصيحت جيڪا چوان توکي،
طرف تنهن کي پٺ ڏِي جاڏنهن لڳي تو واءُ.

"مَسرُور" تن ويچارن جو آهي بيان بيحد،
قطعِي ڪر قصي کي گهٽو نہ ڪَرِ وَڌاءُ.

## ڪافي

رَڪيمر يارَ ياري توسان چيچَ پائي،
مَلامَت خُواري سڄڻ سِر سَهائي.

ڏئي لوڪُ مِٺا سَندءِ مُحبِ مُٺا،
سُٺِي سي مان سُهٺا ڇڏيان تو لَنوائي.

ڏٺيءَ ۾ اميدون اُتم لَڪَ اجا مون،
سڄڻ سانگِ ڳنهن تُون وڃِج مُنهُن پسائي.

نــ هــان وار(1) واندو ڏُڳن ڪان هيڪاندو،
مران يار ماندو ٿڪس پَهَ پَچائي.

ڪيو مَهَرباني جِيئين شال جانِي،
ڏِيو ڪا نِشانِي مون لوڪون لِڪائي.

سگهو ڪر مِلڻ جِي اڱڻِ مون اچڻ جِي،
وَرَندِي وَرَڻ جِي مُنجو(2) من لڪائي.

ڪري "**بدوي**" آهون منجهان درد دانهون،
نِگهَہ سان نِگاهون ٻيِنس اُڙائي.

(1) وار = ڏينهن.

(2) منجو = موڪليو.

## ڪافي

ڏکيو سکيو ٻہ گهَر جو گذران ڀَلو آ،
سڀ راز دل جو دِل ۾ پِنهان ڀَلو آ.

بيشڪ ساري خلق ۾ اِنسان ڀَلو آ،
پَر بي عَقلَ آدِميءَ کان حيوان ڀَلو آ.

بستِيءَ کان وَري ٻہ بيابان ڀَلو آ،
عاشِقَن جو اُتِ آستان ڀَلو آ.

"مَسرُورَ" هِنَ مَحفِل ۾ مُوهَن مَهمان ڀَلو آ،
هِي سِرُ سَيّدَ مَتان قربان ڀَلو آ.

## ڪافي

مُلڪَ ۾ هِنَ قِسمَ جو آ گوڙ ۽ گَڙ ٻَڙ عجب،
ڪي چَوَنِ اَمنُ وَ اَمان ۽ ڪي چَوَنِ دارالحَربُ[1].

جا بَجا هِنَ جوشَ ڪان، ڏاڍو مَتو آ شور شر،
هاءِ هَئي ليڪِن نہ آ، اَخلاص تن ۾ ۽ ادب.

هِي يقِينو يار آٿج، پول نا بئي ڳَنهن پلج،
هر ڪجا[2] آهي اُهو ئِي، عاشِقَن جي لءِ عَرب.

هِيءَ نہ ڄاڻِن مَتِ ڪتا، سي غرض پنهنجي جا فقط،
تان بنائي يارُ جا، ان ۾ بہ ڪو سُهڻو سَبب.

ڪُلِّ شيءِ تي آهہ قادِرُ، پاڪُ پَروَر ذوالجَلال[3]،
تو ڏئي عَزتَ ڪِ ذِلَتَ، جَنهن ڪي جِئَن چاهي تو رَبُ.

ماٺِ ۾ "مَسرُور" گَوشي، تون گذارِج دَم گَهڙِي،
اڄ سياڻي مُلڪَ تي ڏِسُ ڪَڙڪَندو ڪوئِي غضب.

---

[1] دارالحرب = جنگ جو ميدان.
[2] هرڪجا = جتي ڪٿي.
[3] ذوالجلال = جلال ۽ عظمت وارو.

## ڪافي

ڳٽِي ڇَٻِي ۾ ڪُهَر مَٽر،
ڪِيئن حَلوي جو ٿو هوڪو ڏِين.

پاڻ تہ ڏِڪيا ڏِڪا جهلِين ٿو،
ٻئي کي پِي ٿو ڌوڪو ڏِين.

ٺَڦد نڪائي[1] ناٽ نهائي،
ٺَٺَ ڪَري ٿو ٺوڪو[2] ڏِين.

اَوتي پاڻَ اندرِ سڀ پنهنجي،
خَلقَ کي خالِي ٻوڪو[3] ڏِين.

اُچلي اُبَ ڏي لُنبَ[4] وَرائي،
ٻُوٿَ مٽان ٿو ٺوڪو ڏِين.

ڪائِي خوب خُرارَ ڳپائي،
خيرَ نہ ٽويو ٽوڪو[5] ڏِين.

جيڪي هَٿِ "مسرُورَ" هُجيئِي،
سَمجهِي هوڪو سوڪو ڏِين.

---

[1] نڪائي = ڪڙڪائي.
[2] ٺوڪو = ٺوڪر هڻڻ، بنا سوچ جي چئي ڇڏڻ، ٺوڪي ڏيڻ.
[3] ٻوڪو = هٿ جو ٻڪ، چمڙي يا رٻڙ جو ٺهيل ٿانءُ، جنهن سان کوهہ مان پاڻي ڪڍبو آهي.
[4] لنب = ٽڪ.
[5] ٽويو ٽوڪو = اناج ماپڻ جا ٿانوَ.

# غزل

لوڪ کي آنبو ٿئي ٿو ليڪِ ڪنهن کي اوجهري،
راڳِ رسنا مان ٽڏهين پرجي نہ ان جي ڳوتِري.

وقت ويلي وار ڏِڻ جو ڪِين آ جنهن کي لِحاظ،
چٽ چري چئجي اها جِيئن ڇيڳِري ڪا ڇوڪِري.

ٿِي پوي ٿوتِي نِڪارو ڪم نہ جنهن کي ڪَسُ لڳي،
سو ڪري ٿورائتي سرڪارِ جِي پِي نوڪِري.

پير جَنهن جو ناهِ پٽ تي گهَر نہ ٿو گهاري گهَڙي،
آ عجب تان ڪِيئن رهِي ان جي ڏِسڻ ڪان ڏوڪِري[1].

لِيهہ لج عَزت شرافت شوق هِن ۾ سڀ ڇڏي،
خلقَ سارِيءَ جي کٽي ٿو سِرِ ڳلا جِي ٺوڪِري.

ڏيهہَ مُون جيڪي ڏِٺا اڳَ ٿِن سَين ڪان سَرسُ سر،
پارِ دريا جي مٿان آهي لَقاپور[2] لوهِري[3].

[1] ڏوڪري = شهر جو نالو، لاڙڪاڻي ضلعي جو شهر.
[2] لقاپور = نظارو.

خير[1] خواجائي ڇَيو جو ناهِ ڪُجهه اُن جو خيال،
قَدر ڄاڻي ڪِينَ تو سو جوهريءَ جو ڪوهري[2].

ڇڏ ٻَچر "مَسرُور" پَرَ[3] جي قبر ڏِس پنهنجي ڪچي،
ڇا پيلا ڪنهن جِي وري سوڙهي هجي يا موڪِري[4].

---

(1) لوهري = روهڙي.

(1) خيرخواجائي = شاهه خيرالدين بادشاهه عليه رحمة، جنهن جي درگاهه پراڻي سکر ۾ آهي.

(2) ڪوهري = ڪوهر وڪڻڻ وارو.

(3) پَرَ = غير.

(4) موڪرِي = ويڪري.

# غزل

پنهنجي تہ گهر ڳنان پي بيزار ٿِي پَيو هان،
پڪ ساڻ تن لءِ مان پي آزار ٿِي پيو هان.

ڪجھ نا سگهان ٿو آڻي، رِيءَ روڪَ نَقدِ ناڻي،
ڇا ڪجھ ڪيان جو هاڻي، نادار ٿِي پيو هان.

اکِين هُيس سَگهارو، سينِي کي مان پيارو،
اَڄ ڪالھ خُشڪ سارو، ڄڻ خار ٿِي پيو هان.

ڪم ڪار ڪجھ ڪرڻ لءِ ڏنتي ڪنهِين مِلڻَ لءِ،
سڀ ڪان اِهو پُڇڻ لءِ لاچار ٿِي پيو هان.

ڪونهي قَرِيب اهڙو اورَڻَ هِي حال جهڙو،
تڏهِين تہ اَهڙو ٿهڙو بي يار ٿِي پَيو هان.

"مَسرُور" هاڻِ ٿورو ڪر ديس ٻي جو دورو،
جِيئَن جو گهَٽُن تي ڳورو ڪجھ بار ٿِي پَيو هان.

# هزل
## من مغرور سان ٿنٿو

ڏاڍي هينئر هلين تو چالاڪ چالبازي،
چلتو عجب چلين تو نالي ٻٽي نمازي.

گيڙوءَ جو ويس پائي صوفي صفا سڏائي،
لالچ رکي، ليلائي البت ڪرين تو آزي.

وَهه نيڪ تو سڏائين پاسو اُٿل جو ڪائين،
باندر ته ٻٽيو آهين هٿ ۾ رکي ٽرازي.

اُٿڪل هلائين عقلي سارو ئي نقش نقلي،
ٺرڙو ٺنون تون اُصلي ڪيئن تو سڏائين تازي.

مَڪريل مَڪر ڏاري ڪوڙو تون ڪَنڌ ڍاري،
سڀ کي ڪلي ڪيڪاري نوڙتَ ڪرين نيازي.

رمزون رکين رندن جيئن تو کي چڱو چوَن جيئن،
جيڪي به ڪِٽ سٽين جيئن تنهنجي زبان دَرازي.

تو کي نه جو سڃاڻي سوئي چڱو تو ڄاڻي،
پر ڪونه تو سُڃاڻي تُنهنجي هي ٽالبازي.

تارڪ فَقِير بڻجِي پَتِ تو جمائِين پَنهنجي،
جاچِي ڏٺِي مون ٺُنهنجي سڀ محوِيت مَجازِي.

"مَسرُور" جي تون ڪائِي مُطلَق[1] مَجين نہ وائِي،
تڏهِين تہ تِي اَجائِي توسان سَنلم ڪَسازِي[2].

---

[1] مطلق = قطعي لاغرض. بيپرواهہ.

[2] ڪسازي = اٽبٽت، نا ناهِي.

## مسترِ مورِيو

شُڪرِلله پاس ٿيو مَنِتار مِسٽَر مورِيو،
امتحان هايَرِ جي دِلدار مِسٽَر مورِيو.

هاڻِ عُهدو ڪارِداريءَ جو حُڪومَتَ ڪان سُتَتَ،
آ مِلڻ لِءِ هَر طَرحَ حَقدار مِسٽَر مورِيو.

دَمِ بدم دِل مان دعا نِڪري پيئي صبح و مَسا،
شال ٿِينلو سَر وَڃِي سردار مِسٽَر مورِيو.

ڇا ڪيان تَعرِيف ان جي سِيرَتَ ۽ صُورَتَ سَندِي،
سَڀ پِريَن سهٽو هيِئين جو هار مِسٽَر مورِيو.

آسرو آڌَر ۽ هَمراهه هِيٽَن جو سدا،
غَمزَدن جو رنج ۾ غَمخوار مِسٽَر مورِيو.

هر طرح داناءُ قابِل قاعدي ۽ ڪوڏَ جو،
هوشِمَند ۽ هوشوَر هوشيار مِسٽَر مورِيو.

جي سَڙَن ڪَرَ خارِجي سي ڪئي ٿِيَن، سڀ ڪِتپِٽيا،
جَن جي اکيُن ۾ چڀي تو خار مِسٽَر مورِيو.

عُمر خِضري بَختُ شامل ۽ رهي ڪامل صِحَتَ،
شالَ وِنگو نا ٿِئي ڪو وار مِستَر موريو.

نيڪ نامي ۽ نوازش ڪان رهي نالو سندس،
نانءَ وارو نانءَ سان نروار مِستَر موريو.

تَر بهارِي گلَ جِيان تازو هجي نِت يا خدا،
حُرمَتَ اَحمَدَ نَبِي مُختِيار مِستَر موريو.

اِلتَجا "مَسرُور" جِي هَر دَم ڏِئِيءَ ڪي آ اِها،
خُوش هُجي بَس ساهَ جو سِينگارمِستَر موريو.

# مزاحيہ ڪلام

اِينڊين ڪَنُهن مٺا آر يُو نيوَر[1] مانڊو مِلَڻَ لِءِ يارَ مَران ٿو،
واڪِنگِ[2] رَئمبلنگ هيئر اينڊ ديئر[3] ڦِرَنڊو ويڳاڻو يارَ وَتان ٿو.

هاءِ هجرَ ۾ مان هوٽ مِٺا توکي سارِي يارَ سَدا،
ڪِرائِنگَ[4] وِيپِنگ ڊي اينڊ نائيٽ[5] دَرڌَ مَنجهارون ڏانهُون ڪريان ٿو.

عاشِقُ تنهنجي شائِيننگ[6] اکين تي مان تہ مُٺَت ڪان موهَن جانِي،
اُونلِي ڪِس[7] آف بِلومِي چِيڪس ٻيو نہ مِٺا مان گنج گهران ٿو.

منهڙو مِٺا "مسرور" ڪان موڙي لافِنگ[8] واڪِنگ نال[9] رَقيبان،
سِيئِنگ سَچ يُوئَر ڪِرُوئَل هيبِٽ[10] لُونءَ لُونءَ ۾ مان يارَ لڇان ٿو.

---

[1] Or you never = تون يا نہ

[2] Walking ramblind = هلڻ ڦرڻ

[3] Here and there = هِتِ ۽ هُتي

[4] Crying weeping = روئڻ رڙڻ

[5] Day and night = رات ۽ ڏينهن

[6] Shining = چمڪندڙ

[7] Only kiss of blomy cheeks = رڳو هڪڙي چمي ڦوهہ جوان رخسارن جي

[8] Laughing walking = مرڪندي گهمندي

[9] ساڻ = نال

[10] Seeing such your cruel habit = تنهنجي ظالم عادت ڏسي

# Die before you may die

Loose yourself that is body and brain
Loose these two and millions you gain
Gain my dear then always alie.

Jump in the bottomless ocean of unity
Do not wonder and worr\ of plurality
Say not so that what or why.

Case of HILLAJ, comes over when
Realy remains no more then
This and that too you or I.

This is the message to be happy and gay
Get this way go ·right and day
Immortal life always enjoy.

# چؤستا

(1)

اُٿِي تون خواب غفلت مان، سمهڻ کان سَؤ لڳا بهتر،
خدا جي راضِپي خاطِر، عِبادت ڪر عِبادت ڪر،
پئي آرام ۾ پَنهنجو، وڃائين قِيمتِي ويلَو،
تڙي هِيءَ ننڊ نيٹڻ جِي، تلاوت ڪر تلاوت ڪر.

(2)

قِيامت جي سختِي پوي يادِ جڏهِين،
ڦِٽي تِي وڃي ننڊ نيٹڻ جي تڏهِين،
نه تو ڏي سمهڻ شوق دِيدار جو پڻ،
اچي جي پوي تو، اِهو پُور ڪڏهِين.

(3)

ساقِي پيارِ سگهڙو ساغر شراب جو،
پيئندي وَڃي پَري تي پردو حِجاب جو،
هِڪ جام جي مٿان ڏي جلدِي ٻيو پَري،
ڪجهه خوف ڪين ڪرڪو روزِ حِسابَ جو.

(4)

يارو شَراب نوشِي اِقرارُ تِي وَڃي،
وَعِظ سَندو پَلي ڪجهه اِنڪار تِي وڃي،
هِڪَ وار هُو بہ جيڪَر سُرڪِي چَکي تہ لاشَڪ،
دَستار[1] ۽ جُبي[2] کان بيزار تِي وَڃي.

---

[1] دستار = پڳ.
[2] جبي = چولي.

(5)

هِي دِلين جو باغ دِلبَرَ، آءُ اَچي آباد ڪر،
بيچين آ تو ريءَ چَمنُ، شاها اچي سو شاد ڪَر،
سڀ سُڪايا پَنَ سندس بادِ خِزان آهِن هَٽِي،
پِرت مان پيرا پِري هِي صِحن تون ضِياد[1] ڪرِ.

(6)

روز شُمار چَئو تان ڪنهن جو تہ آ حُسينؓ،
جِئَن جو فَقط خُلاصو تنهنجو نہ آ حُسينؓ،
شافِي هُو جَڳَ سڀي جو اُهڙو ڏئي ثبوت،
هَرڪو ئِي هِتِ چَوَندو، مُنهنجو بہ آ حُسينؓ.

---

[1] ضياد = روشن.

# پریم ساگر

## (اردو اور ہندی)

## کلام

نشے میں جو زاہد ہم دیکھتا ہوں،
قسم کبریا، شہہ اُمم دیکھتا ہوں۔
فقیر مسرور

## منقبت

دونوں جہاں میں مکرم مُخلص عَلیِ ہے میرا،
دِلدار یار ہمدم مُخلص عَلیِ ہے میرا.

ہر حال رَنج و غَم میں رہبر رفیق دِیگر،
غمخوار راز محرَم مُخلص عَلیِ ہے میرا.

کیونکر ہم خوف کھائیں روزِ جزا کا یارو،
مُشفق شَفیق کاظم مُخلص عَلیِ ہے میرا.

امداد اُس کا جگ پر ظاہر ہے یار لیکن،
ہم پر تمام اَرحم مُخلص عَلیِ ہے میرا.

ہمسر نہیں جہاں میں "مسرُور" اُس کا کوئی،
سالار رَئیس اَعظم مُخلص عَلیِ ہے میرا.

## كافی(۱)

دوزخ میں جاءِ پاوے(۱) منکر فقیر کا،
دائم بھٹکتا جاوے منکر فقیر کا.

کم بیش وہ جو کہتا نہیں بات کس کی سُنتا،
دِل کو اچھا نہ لگتا منکر فقیر کا.

ہیں جو مدد ہمارے پنجتن کے یہ دُلارے(۲)،
دیکھو غضب کے مارے منکر فقیر کا.

در در پھرے دِیوانہ وَحشیِ مِثل حیوانہ،
دائم رہے عُریانہ منکر فقیر کا.

"مسرورؔ" دل بُھلا کر(۳) بس بات انتہا کر،
ہرگز نہ مُنہ(۴) دکھاکر منکر فقیر کا.

---

(۱) رگھومل پنجابي وٽان آيل نسخي ۾ "دوزخ" جي جاءِ تي "جهنم" آندل آهي.

(۲) گھومل پنجابي وٽان آيل نسخي ۾ پنجتن کے یہ دلارے "بدران" "پنجتن کے خاص پیارے" آندل آهي.

(۳) دل بُھلاکر= دل تان لاهي ڇڏ.

(۴) نہ منہ دکھاکر= ڪڏهن به منهن نه ڏسندو ڪر.

## کافی(۲)

دِید خاطر آئے تھے، بے دِید اے جاناں رہ گیا،
وائے صد افسوس یہ دل میں ارماں رہ گیا.

سب گلستان اِس بہاری رُت میں ہیں پھولے وَلے،
باغ یہ مالیِ سوِا ہائے ویراں رہ گیا.

بہت ہم دل کو دِلاسے کی دوا دی تھی مگر،
ناامیدی کا سَجن یہ خاص خفقاں رہ گیا.

فاصلہ دُورِی سے آئے تھے جو ہم اس شوق سے،
لیک[1] پایا جو نہ تجھ کو دل پریشاں رہ گیا.

رات سوداءِ میں کٹی "مسرور" مشکل سے میری،
کیونکہ دل کا دل اَندر دَرد پنہاں رہ گیا.

---

[1] لیک= لیکن۔

## ڪافي(۳)

تیری قدرت کا خدایا عجب ڈھنگ نرالا،
دیکھ معجب[1] مصنوع[2] تیرے میں ہوں متوالا.

پانی کے اُوپر زمین کا یہ فرش بچھایا،
بے سُتوں اِستوار ہے تیرا عرش مُعلا.

بس بے شمار ہیں تیری قدرت کے تماشے،
ہر چیز بے مِثل ہے دَرِ حُسن کُھلا.

دن رات زبان پر تیری حمد و ثنا ہے،
خالقِ اَکبر تُو ہے اے جلّ جلالا.

عاجِز ہے "مسرورَ" کرے کیسے وصف ادائی،
تیری ذات پاک ہے اور سب سے تُو اعلیٰ.

---

(۱) معجب= تعجب ۾ وجهندڙ، عبرت وارا.

(۲) مصنوع= صنعت، ڪاريگري.

## ڪافي (۴)

مُدّت سے ہُوا دِل میں سودائے مدینہ،
یا رَبّ مجھے دکھا دے تجلائے مدینہ.

آرزو ہے اِس چشم سے دیکھوں میں خدایا،
لے جاؤں نہ لحَد میں یہ تمنائے مدینہ.

دم زندہ سکونت میری وہاں ہووے اِلاہی،
بعد مردن[1] بھی مدَفن ہو جائے[۲] مدینہ.

قسمت کی کم نصیبی واللہ کیا کروں،
بے زر و بی یار ہوں اے آقائے مدینہ.

بُہت میں دل کو بَہلاتا ہوں ولے،
بے اختیار نکل جاتا ہے ای ہائے مدینہ.

---

(1) بعد مردن= مرڻ کان پوءِ.

(۲) جائے= جاءِ.

بَس رہا مَحروم ہم ہی اور جو باقی گئے،
دیکھ رہیں ہیں آج تماشائے مدینہ.

اِس سندھ کی نگری میں مجھے آتا نہیں قرار،
راہِ خدا کوئی راستہ مجھے، بتلائے مدینہ.

"مسرور" دل رَنجور کو دینا دلاسا آج،
فریاد بَر فریاد ہے مولائے مدینہ.

## کافی (۵)

نماز عین فرض ہے ادا کروں کس طرح،
مسئلہ یہ تیرا زاہد روا کروں کس طرح.

ہے مخالف عشق کے اَصلا ایمان عابِد،
آپس میں ہم یہ دنوں ملا کروں کس طرح.

مُجھ کو ذرا خدارا معاف کیجئے،
یہ راز دل کا اپنا اَفشاں کروں کس طرح.

سر پر آگے میرے غَلبہ ہے عشق کان،
پھر ہم یہ دِیگر خفا[1] کَروں کس طرح.

"مسرور" میرے عِشق کی جس کو خبر نہیں،
تو میں مردموں[2] سے وفا کروں کس طرح.

---

[1] خفاکروکس طرح= اهو خفو کيئن کريان – ٻيو کهڙو "کم" کريان، (خفا= خفو)
[2] مردموں= ماڻهن سان.

## كافي (٦)

شرابِ شوق اے ساقی پلادے آرزو دارم[١]
یکایک مست مجھ کو بھی بنادے آرزو دارم.

خدارا تو عطا فرما، مجھے دو ساقیا ساغر،
کہ جس سے یہ ہوائیں[٢] سب اُڑاوے آرزو دارم.

کھڑا ہوں یار مدت سے برائے دید بر در تو،
خدارا روءِ رخشاں خود دکھادے آرزو دارم.

نہ ہوں لائق اگر تیرے ہم محفل میں آنے کا،
نوازش رو[٣] مگر مجھ کو بلادے آرزو دارم.

اُسی بادہ[٤] کی خواہش جو دیتا روشنی دل کو،
وَلے[٥] ہوش و عقل میری بھلادے آرزو دارم.

یہی "مسرور" کی دائم تجھے ہے التجا صاحب،
تو شاہا لُطف اپنے سے دلادے آرزو دارم.

---

(١) دارم= رکان ٿو.
(٢) ہوائیں= (هوائون) حرص ۽ هوس.
(٣) نوازش رو= مهرباني ڪري.
(٤) بادہ= ساغر، پيالو.
(٥) وَلے= پر، مگر.

## كافی (۷)

نشے میں جو زاہد ہم دیکھتاوں،
قسم کبریا شہہ اُمم دیکھتا ہوں.

ہیں بند آنکھیں تو کیا دیکھتا ہوں،
مدائن[1] کا باغ ارم دیکھتا ہوں.

بظاہر ہوں غافل نشے میں مگر،
بہ بیدار آنکھیں صنم دیکھتا ہوں.

یقیں گر نہیں ہے تو لے لو ذرا یہ،
تجھے وہ دکھادوں جو ہم دیکھتا ہوں.

بلے آج "مسرور" سر پہ تمہارے،
بیدل کا لُطف و کرم دیکھتا ہوں.

---

[1] مدائن = شهر جو نالو جتي شداد بهشت ٺهرايو هيو.

## ڪافي (٨)

سُنو رے بتو تو کیا دیکھتا ہوں،
عجب دُور اُس کی فَضا دیکھتا ہوں.

کنارہ بھی کرتا ہے خویش و بَرادر،
نَہ کس کو کوئی آشنا دیکھتا ہوں.

نہ یاروں میں یاری نہ غیروں میں لذت،
کسی میں نہ اُلفت مزا دیکھتا ہوں.

قَسم ہے خدا کی مجلس یہی میں،
شریٰاں کی ہر جا بَپا دیکھتا ہوں.

نصیحت اب "مسرور" کی یہ ہی بتو ہے،
خدا سے ڈرو، وہ خفا دیکھتا ہوں.

## کافی (۹)

اُلفت میں تیر دلبر بیمار ہوچکے ہوں،
بیمار سے بھی اُبتر بیکار ہوچکے ہوں.

روتا بڑی مدت سے در کوۓ[1]، تو اے قاتل،
مقتل کے لئے ہم بھی تیار ہوچکے ہوں.

جلدی مجھے خدارا قاتل تو قتل کرلے،
کیوں! جان سے اے جانی بیزار ہوچکے ہوں.

کرتے ہو کیوں کنارہ اَب تو مجھے بتادے،
ہم تو ہزار جان سے بلہار ہوچکے ہوں.

"مسرور" کی اے جانی سُن لی تو آہ و زاری،
در ہجر درد فُرقت مسمار[2] ہوچکے ہوں.

---

(۱) کوۓ= گھٽي.
(۲) مسمار= ڍهي.

## کافی (۱۰)

کبھی جلوہ دکھاتے ہیں کبھی تو عار[1] کرتے ہیں،
چھپا کر روءِ زیبا[2] کو مجھے مسمار کرتے ہیں.

میرے محبوب کی صاحب یہ کیسی ہے عجب عادت،
کبھی ہیں صلح کے جویاں[3] کبھی تکرار کرتے ہیں.

کبھی بیزار ہوتے ہیں کبھی قہقہہ کی باتیں ہیں،
کبھی واقف نہیں بنتے کبھی دو چار[4] کرتے ہیں.

یہی حسرت رہی دِل کو اُسی بت شوخ کی دائم،
کبھی سرمست بنا مجھ کو کبھی بیدار کرتے ہیں.

گدا "مسرُور" اس بت کے گدائی در کی کرتا ہے،
کبھی کشکول خالی ہے کبھی سرشار کرتے ہیں.

---

(1) عار= حجاب، لڄ، شرم.
(2) روءِزیبا= سهڻي صورت.
(3) جویان = ڳولهائو.
(4) دوچار کرتے ہیں= اکيون ٽا ملائڻ.

## کافی (۱۱)

مرتا ہوں منتظر زیارت کیلئے،
فریاد بر فریاد ہے اجابت[1] کیلئے.

محفل میں مجھے اپنے خدارا تو بلالے،
کرتا ہوں در پہ نالہ[2] اجازت کیلئے.

چھوڑوں نہ یار کیونکر ہم حق کی عبادت،
مُصحف[3] ہی ہے تیرے رُخ کا تلاوت کیلئے.

دیکھو پڑا ہے دلبر تیری گلی میں،
بیمار عشق محبت بشارت کیلئے.

"مسرُور" کی طرف بھی ذرا کرنا اشارہ،
جب دست اُٹھایا جاوے شفاعت کیلئے.

---

[1] نالہ= فریاد.
[2] اجابت= قبولیت.
[3] مصحف= قرآن شریف -

## كافى (١٢)

كيا چٹک سے یار میری دل تو دلبر نے لُٹا ہے،
دل لگانا روٹھ جانا کس سوں جانی تُم سکھا ہے.

بند کیا ہے یار پیارا مرغ دل کا تو ہمارا،
تیر ابرو جوئی مارا سخت سینے میں لگا ہے.

نین نینوں سے ملا کے آپنا شیدا مجھے بنا کے،
زُلف پیچاں میں پھنسا کے قید مُجھ کو کردیا ہے.

مدت سی "مسرور" تمہارا، پھرتا ہے بیوس بے چارہ،
سُن لے آزی کرتا پکارا در تیرے دلبر پڑا ہے.

## كافي (۱۳)

عيد قرباں شکر یزداں اے مسلماں آج ہے،
عید رمضاں اور تھی یہ دِن عُشاقاں آج ہے.

دِید خاطر آ رہے عاشق بچارے شوق سے،
نو بہاری مِثل رَخشاں کُوئے جاناں آج ہے.

لن تنالوا[۱] کے صدا پر جاں بھی دیتا ہے کون،
امتحاں صادق دلوں کا، اہل ایماں آج ہے.

عید کی آمد کان اعلاں سنتے ہی اب خوش خورم،
سب ملک جن و بشر حور و غلماں آج ہے.

باسلامت اپنے بیٹے کو سلامت دیکھ کر،
اپنے خالق سے خلیل[۲] خوش و خنداں آج ہے.

مرتبہ "مسرور" دن کا اور کروفر مومناں،
دیکھ کر مرتد[۳] نجس[۴] کا سینہ سوزاں[۵] آج ہے.

---

[۱] لناتنالوا= چوٿين سيپاري جي پهرين آيت(جيستائين توکي محبت آهي تہ پياري ۾ پياري شيءِ قربان ڪر،

[۲] خلیل= دوست – حضرت ابراهيم خليل الله عليہ السلام.

[۳] مرتد= دين کان ڦريل.

[۴] نجس= پليت.

[۵] سینہ سوزاں= سيني ۾ حسد جي باھ.

## کافی (۱۴)

ہمیں بس موج سے اپنے، جو برہیں[1] کا بیوپاری ہے،
سدا راحم رہوں لیکن لقب میرا قھاری ہے.

ہمارے باغ میں جاکے، ارے صاحب ذرا دیکھو،
کہیں پُھولا[2] ہوا نرگس، سَمن سُوسَن آناری ہے.

بنائے لاتعدد[3] معجب[4] ہیں اپنے دل بہلانے کو،
سکونت عرش پر میری، حکومت ہر دَیاری[5] ہے.

بنائے رنگ بیرنگی، ارے "مسرور" کے مانند،
سو اب ذکر اپنا ہے، قلب سے اپنے جاری ہے.

---

(۱) برہیں کا = برھ جو.
(۲) پھولا = ٽڙيل.
(۳) لاتعدد = گهڻا، لاتعداد.
(۴) معجب = عجب ۾ آيل.
(۵) دیاری = هر شهر (ديار)۾—

## كافي (١٥)

ميرا دل موج سے اپنے، عجب موہن مداری ہے،
کبھی ہے شاہ بے پرواہ کبھی دَر دَر بکھاری ہے.

کبھی کودک[١] کبھی جوانم[٢] کبھی پیر[٣] وکہن[٤] سالم،
کبھی مجذوب مستانم کبھی ہوتی ہوشیاری ہے.

کبھی مردہ کبھی زندہ کبھی زارم[٥] کبھی خندہ[٦]،
کبھی خوشنود ہوں خفتہ[٧]، کبھی آنکھوں بیداری ہے.

کہیں بارے برہمن ہے، کبھی آتش پرستن ہے،
کبھی دیکھو تو مومن ہے۔ کبھی کافر زُناری[٨] ہے.

---

[١] کودک= ٻار.
[٢] جوانم= جوان۔
[٣] پیر= پيو.
[٤] کہن سالم= وڏي عمر وارو.
[٥] زارم= رئندڙ.
[٦] خندہ= کلندڙ.
[٧] خفتہ= ننڊ ۾.
[٨] زناری= مٿين جي مالها پاتل.

ارے یارو نہ گھبرانا مجھے ناغیر حق جانا[9]،
سُنو ہر بھید میں آنا ہمیں خود اختیاری ہے.

کبھی طالب کبھی تارک کبھی فاسق[10] کبھی صادق،
کبھی ہے دربدر عاشق کبھی دِلبر قراری ہے.

کبھی "مسرور" خوش ہستم[11] کبھی رنجور دل خستم[12]،
کرے لاکھوں وَرن[13] دم دم نہ جس کی کچھ شماری ہے.

---

[9] جانا= ڄاڻجو.
[10] فاسق= فساد پيدا ڪندڙ.
[11] ہستم= آهيان.
[12] خستم= اداس ٿيل ، نرم مزاج.
[13] ورن= صورتون.

## كافی (۱۶)

صنم تیری عشق بازی میں اگر ایمان بھی جائے،
تیری دامن نہ چھوڑوں گا ولے سر دار پر آئے.

یہ رسوا عشق تیرے کی نہ دوں گا جان من ہرگز،
دونوں عالم کی عطیے سے کوئی گر مجھ کو للچائے.

تیری اک زلف معطر کے ثنا مجھ سے اے من موہن،
نہ کوئی انتہا جاناں دہن گر صد زباں جائے.

کوئی کعبہ کوئی کاشی میں جاکر سر جھکاتا ہے،
میرا سجدہ صنم تجھ کو جدہر تو آپ دکھلائے.

نہ روٹھوں گا قیامت میں قبر سے تیرا سوگند ہے،
ہمارے کان میں جب تک نہ منہ سے کچھ تو فرمائے.

محبت سے صنم پر ہم نہ منہ "مسرور" موڑوں گا،
مثل منصور گر مُلا مجھے صدبار ازمائے.

## کافی (۱۷)

الاہی کم یہ میری غم و فُرقَت کیوں نہیں ہوتی،
نالوں[1] پہ بھی تیری یہ مرحمت[۲] کیوں نہیں ہوتی.

پیا کی دید کی خاطر ہم تڑپتا ہوں بہ لب[۳] تا ہوں[۴]،
تمہاری کچھ قدر خالق حمایت کیوں نہیں ہوتی.

فراقِ ہجر جاناں میں، میری حالت ہوئی ابتر،
تو بھی اس میں وفائی کی لیاقت کیوں نہیں ہوتی.

اگر وہ سنگدل محبوب طالب ہے فقط زَر کا،
خدایا مجھ کو بھی دولت عنایت کیوں نہیں ہوتی.

گدا "مسرور" کو، مولا نہ حاصل ہو اگر درسن،
بَپا اُس زندگی سے پھر قیامت کیوں نہیں ہوتی.

---

(1) نالوں= فرياد، آه ۽ زاري-
(۲) مرحمت= رحمتون
(۳) بہ لب= چپن تائين
(۴) تاہوں= تائين.

## کافی (۱۸)

دیتی ہے حق کی ثبوتی، شکلِ انسانی میری،
بس نہ بلکل بھول عابد، بات سُن جانی میری.

بارِ الفت نا اٹھایا کس نے آگے کبریا،
کہہ دیا ظالم و جاہل، دیکھ نادانی میری.

وہی بوجہ سر اٹھا کے، اس جگ میں آئے ہم،
اَب کہو جی اہل دل ہے، کیسی مردانی[1] میری.

با ادب فرشتے سر خمیدہ ہو کھڑے،
اِس وجہ سے عزت ہوئی ہے سب سے لاثانی میری.

صاحبِ تحسین اب تو غور سے دیکھو ذرا،
اب الگ بیٹھے ہیں مجھ سی نَفس نَفسانی میری.

ظاہراً با خَلق خوش "مسرور" سُن سچ مچ وَلے،
غرق ہے در بحر وحدت روح روحانی میری.

---

[1] مردانی= مردانگي.

# ڪلام

## (ريختہ)

سَیاں ساجن یار کیسا رَنگ رچایا ہے،
تُس سیر لئے سیار صُورت .بکھ بنایا ہے.
احدوں عبدی ویس مَٹاکے اَحمد نامُ سڈایا[1] ہے،
اَنا اَحمد بلا میمی فائق پھر فرمایا ہے.
بھاتین بھاتین ویس، مَٹاکے سر تَھیں نام دھرایا ہے،
ماسوئٰ مُشتاقاں دے سارا لوک بُھلایا ہے.
کہاں کَنیہ پیر محمد اِسمی اولے آیا ہے،
کہاں ایاز ابیچند تے کتھے[2] کیوں آپ کہایا ہے.
بے رنگی رنگ میں آیا میرا ہنس ہنس روح ریجھایا ہے،
میری خاطر خاص اہو کر اولاد آپ وکھایا ہے.
بَل بَل جاؤں بَلھارا، صحیح میں ساجن پایا ہے،
سوامی سَنت سچے "مسرور" بیدل راہ بتایا ہے.

---

[1] سڈایا= سڏايا

[2] کتھے= ڪٿي

## مخمس صوفی

رہے سبز یا الاہی اشجار صوفی کا،
قیامت تک سلسلہ برقرار صوفی کا،
باشَد[1] تَوانہ تازہ سَربراہ کار صوفی کا،
دیگر متہم و نامہ نِگارِ صوفی کا،
کہ دم زندہ کریں ہم بھی دیدار صوفی کا.

یہ دن سعید کیسا ہوا ہے الاہی آج،
مدت کے بعد صوفی صُورت دِکھائی آج،
آنے سے میری دل کی فُرقتِ مٹائی آج.
گویا کہ اِس غریب کے گھر عید آئی آج،
پہلے پَرچے پَر دیکھا جب مینار صوفی کا.

[1] باشد= هجي.

بے وجہ پہاڑوں میں ہم جس کے جویاں[۲] ہیں،
وہی ٹکڑے پارس اُس میں پنہاں ہیں،
بلا حدیث مصحف نا اُس میں بیاں ہیں،
خاص اِس سبب ہم اس کے خواہاں ہیں،
کیوں کہ ہم بھی صوفی اور یار صوفی کا.

اگر مدت سالیانہ گُذر جائے خود بخود،
تو بذریعہ وِی پی[۳]، آجائے خودبخود،
صورت ہر مہینہ دِکھلائے خودبخود،
قاصد سے با خیریت مل جائے خودبخود،
پھر مجھ کو کبھی نہ ہووے انتظار صوفی کا.

جِن و بَشر اُسی کو پڑھتے ہیں سب ملک،
روشن رہے وہ دل، پائے اگر جھلک،
بس یہَی کریں مطالع اے یار زندہ تلک،
"مسرور" سن لے اب کہتا ہے کیا ملک،
جنت میں جاۓ پاوے خریدار صوفی کا.

---

[۲] جویاں= ڳولھائو.

[۳] وی پی= (V.p) پوسٽ وسيلي.

# هندی کلام

سورج "بیدل" سنگر میرا، غلام علی من قطره میرا،
سنگر کی بلهاری۔
فقیر مسرور

# شلوک

(۱)

آج سکھی گھر میرے آئے تُلسی داس کبیر،
درسن پاکر پرسن ہویا، شانتی روپ سَریر.

(۲)

مَن "مسرورا" جانت نہیں، کس کام لئے تو آیا،
آیا سمرن رام نام؟ نا اس کام لئے تُو آیا،
چھوڑ یہ کام کرودھ کام، کہ جس کام لئے تُو آیا.

(۳)

مولا تم ہی مُول ہو، وہ مُول جو ہو انمول،
سب جگ سود تمہارا ہے، تو اپنی آنکھیں کھول.

(۴)

مولا تم ہی مُول ہو، سب جگ سُود تمہارا،
ہر گھٹ بست ایک براجی ساکھی سرجن ہارا،
تجھ میں دوئی رَتن اُمولک سورج چاند ستارا،
تجھ میں گنگا مُتھرا جل تھل تجھ میں ٹھاکر دُوارا.

## شبد(١)

کرو اب تو کرپا(١) جی پربھو(٢) پیارا،
دیاوان(٣) داتا، دیالو(٤) دلارا.

تو نربھو(٥) نرنجن(٦) ست کرتار(٧) سوامی(٨)،
مَن پاپی کٹھورا(٩) کچل(١٠) اور کامی(١١)،
نہیں میرا اور کوئی تجھ بن سہارا.

تو گُن وان(١٢) گوکل تو گوبند گیانی(١٣)،
تمہیں ہی بقا ہو جہاں اور فانی،
تو الکھ(١٤) روپ اجنم(١٥) ہی سب سے نیارا.

(١) کرپا= ٻاجھه، فضل.
(٢) پربھو= مولا.
(٣) دیاوان= ٻاجهارو.
(٤) دیالو= رحم ڪرڻ وارو.
(٥) نربھو= بي خوف.
(٦) نرنجن= پڙ لاهيندڙ.
(٧) کرتار= قدرت وارو.
(٨) سوامی= مالڪ.
(٩) کٹھورا= سخت دل
(١٠) کچل= بچڙو.
(١١) کامی= شهوتي.
(١٢) گن وان= ڳڻن وارو.
(١٣) گیانی = ڄاڻندڙ
(١٤) الکھ= جنهن کي لکي نه سگهجي.
(١٥) اجنم= جيڪو ڪنهن کان نه ڄايو هجي.

درشن کیلئے ہم لیل و نہارا،
روتا ہوں کرتا ہوں لکھ لکھ[1] پوکارا،
اے کیول[2] کنیہ، اے کرشن ہمارا.

تو گوپال[3] کرپال[4] گگن[5] گردھاری،
مئن "مسرور" داسی[6] ہوں تیرا بھکاری،
دیو[7] مجھ کو داتا[8]، اب درسن دوبارا.

---

(۱) لکھ لکھ = لکين.
(۲) کیول = اڪيلو، فقط، رڳو.
(۳) گوپال = سنڀاليندڙ، پاليندڙ.
(۴) کرپال = ڪرم ڪرڻ وارو.
(۵) گگن = آسمان.
(۶) داسی = نوڪرياڻي
(۷) دیو = ڏيو.
(۸) داتا = ڏاتار، بخشيندڙ.

## شبد(٢)

پربھو جی،
مَیں تو تیرو[1] داس.
ہردے[2] اندر دوارا[3] تیرا،
اگیانی[4] بھاویں[5] آکاس[6].
توئی بناویں پورنماسی[7]،
ایکادسی[8] تے اُماس[9].
"مسرور" تیری کرپا سے،
رہے کیوں نراس.

---

(1) تیرو= تنهنجو.
(2) ہردے= دل.
(3) دوارا = ٻنيو.
(4) اگیانی= اڻڄاڻ.
(5) بھاویں = سمجهن، ڀانئن.
(6) اکاس= آڪاس، آسمان.
(7) پورنماسی= چوڏهين.
(8) ایکادسی = (ايڪا = هڪ + دسي = ڏهين) يارهين.
(9) اماس= اٽڪيهين اونداهي.

## شبد(۴)

موہ لیا من کانا جی بنسی بجا بجا کر.

اے گردھر لال ہمارا میرے داتا جگت اُدہارا[۱]،
تونے پاپی پنتھ[۲] سدُھارا نیَن[۳] اگن[۴] لگا لگا کر.

سب رام نگر کے واسی مَیں ہرگن[۵] تیری داسی،
تیرا نام پکاروں پیاسی سر کو جھکا جھکا کر.

تونے گھونگھٹ گگن اٹھاکے مجھے نیند سے اب تو جگاکے،
لوٹا دل کو ہمارے آکے درسن دکھا دکھا کر.

مَیں "مسرور" تیرا اے ہرگن پا[۶] درسن ہویا پرسن[۷]،
تونے مست بنایا مگن پیالہ پلا پلا کر.

---

[۱] جگت اُدھارا= دنيا جا آڌار.
[۲] پنتھ= مارگ، رستو.
[۳] نیَن= اکيون.
[۴] اگن= باھ.
[۵] ہرگن= سمورن ڳڻن وارو.
[۶] پا = ڪري، حاصل ڪري.
[۷] پرسن= راضي.

## شبد(۴)

ٹھاکر[۱] جی ہم تیرے دوارے[۲] پر آؤں،
تجھ بن حال کس کو سناؤں.

درشن پاؤں جاؤں، بلہاری[۳] آگے چرنوں میں سیس نواؤں[۴].

چنتا جاوے، ممتا جاوے، سب من دی آشا پاؤں.

رمتا جوگی بن کر بیراگی انگیں[۵] بھبھوت[۶] لگاؤں.

"مسرور" بکھیاری[۷] تیرا شیوک[۸] پھر مندر کسی کی جاؤں.

---

[۱] ٹھاکر= مرشد.
[۲] دوارے= دروازي.
[۳] بلھاری= ٻلهاري. واري (قربان ٿيڻ).
[۴] سیس نواؤں= سرجهڪايان.
[۵] انگیں= انگن کي جسم کي.
[۶] بھبوت= مٽي.
[۷] بکھاری= بکاري، گداگر.
[۸] شیوک= شيوا ڪندڙ خدمتگار

## شبد(۵)

مورا نند لال گردھاری موہن مکھ کب دکھاؤ گے،
یہ رَنج غم یک واری[۱] میرے دل کا مٹاؤ گے.

ذرا اتنا بتا دینا میرے داتا یوں ہی مجھ کو،
میرے مندر میں آؤ گے دوارے یا بُلاؤ گے.

شراب شوق کا ساغر پلا کے مجھ کو من موہن،
مِلا کر نین نینن سے گلے اپنے لگاؤ گے.

سکھی اک سندھ میں تیری پڑی ہے درد فرقت میں،
کبھی تشریف آور ہو غم سے چھڑاؤ گے.

دیا[۲] کی کچھ درشٹی[۳] ہو کبھی "مسرور" داسی پر،
مجھے تو صبر ہے سوامی تمہیں جب تک سماؤ گے.

---

(۱) یک واری= هڪ ئي وقت، هڪ ڀيرو.

(۲) دیا= رحم، ڪرم، مهر.

(۳) درشٹی = نظر، نگاهه.

## شبد(٦)

رام نام اب جپ لے سادھو نہیں رام بن کو سہارا جی،
فانی جگت میں اور تو کیسا پریتم کریں پسارا جی.

سن لے سادھو ہوش گوش سے چاروں وید پران کا کہنا،
جھوٹی ہے مایا جھوٹی ہے کایا[1] جھوٹا سب سنسارا جی.

پتاجی تیرا ماتا تیری اور تیرے سب ساتھی رے،
سمجھ لے اب کہاں گئے وہ سیتا لچھمن تارا جی.

موہنے محل بناوے مورکھ بے سود، نہ سوچے من میں کو،
دنیا اور دنیا کے سارے سب ہے دم گذارا جی.

پاپی جھوٹ سے جھوٹ ہی پاوے رام رام سے رام ہی پایا،
"مسرور" ستگر سوامی ملیا چھوٹ گیا اندھارا جی.

---

[1] کایا = جسم، بدن.

## شبد(٧)

من مندر کا ہوں شیوادھاری[1]،
جس میں ہویا براجی[2]،
آکر گوکل سے گردھاری.

اِس مندر کی ہے اکھٹ[3] کہانی،
جانے کوئی دیکھے دِھیانی،
دونین سے نرانکاری.

ہر پِنڈ[4] اس کا مندر دیرا،
ہم میں پر گھٹ[5] کیول میرا،
کرے ہر کی کون شماری.

ہر کی موہن مورت دیکھی،
سُندر یہ ست صورت دیکھی،
اک سے دوجی نیاری.

---

[1] شیوادھاری= خدمتگذار.
[2] براجی= براجمان.
[3] اکھٹ = اڻ کٽ.
[4] پنڈ= شهر، ڳوٺ،
[5] پرگھٹ= داخل ٿيڻ.

پريم سے پایا پريم کا مندر،
پريم ہے ساکھی پريم ہے گردھر،
پريم کا ہوں پوجاری.

گردھر سورج اور ہیں کرنیں،
سورج کرنیں ایک ہی ورنیں[1]،
سُرت پڑی آب ساری.

گردھر اچرج کھیل کھلایا،
داتا سے بن داسی آیا،
ہویا آپ بکھاری.

آپے ساکھی آپے ساکھیا،
آپے آگی[2] آپے آگیا[3]،
آپے آگیا[4] کاری.

سورج بیدل سنگر میرا،
"غلام علی" من قطره میرا،
سنگر کی بلہاری.

---

[1] ورنیں= ورن، قسم.
[2] آگی= دعا پننڌڙ.
[3] آگیا= دعا
[4] آگیاکاری= دعا ڏيندڙ، دعا اگهائيندڙ

## شبد(٨)

گرديو کی ديا سے ممتا[١] يہ مٹ گئی،
سب چال من کی چنچل اَوديا[٢] اُلٹ گئی.

دونين ناتھ[٣] نر کے ديکھتے ہی ايک دم،
اک اجر[٤] امر شکتی دل ميں پلٹ گئی.

اک بار اوم کہتے آنند آگيا،
آنند سے جم[٥] کی ڈوری اک پل ميں کٹ گئی.

اس سرو[٦] جيو ساکھی سنگر کے سنگ ميں،
جُون[٧] و جنم کی چنتا ہردے سوں ہٹ گئی.

"مسرور" گُن گيانی سنگر کا دھيان ست کر
يہ جال موہ[٨] مايا وشيوں[٩] کی پھٹ گئی.

---

[١] ممتا = بي انتها محبت، موھ.

[٢] اوديا= جهالت (وديا = علم).

[٣] ناتھ= مرشد.

[٤] اجر= بدلجندڙ

[٥] جم= جمڻ، جم.

[٦] سروجيو= سڀيئي ساھ وارا.

[٧] جون= جوڻ.

[٨] جال موہ= لوڀ، ڪام ڪروڌ، اهنڪار ۽ موھ جو جار.

[٩] وشيوں کی = سنسارين جي، دنيا وارن جي.

## شبد(۹)

### گرو ملیا گنیش سوامی سنگر نرانکاری[۱].

برہمن کھتری ہو[۲] ہویا سودر[۳] ہو کیا ویش[۴].

اُتم گالھ اِہا من راکھو زیریاں جھڑا[۵] پیش.

"مسرور" کر تو رنگ رمائے ابھانی[۶] کو اُپدیش[۷].

---

[۱] نرانکاری= بي روپ، نراکار، سرير کانسواءِ.

[۲] ہو= هڪ

[۳] سُودر= شُودر

[۴] ویش= هندن جو هڪ فرقو (برهمڻ کتري، ويش ۽ شودر)

[۵] جھڑا= جهڙو ، ولنگر.

[۶] ابھانی = مغرور.

[۷] اپدیش= بشارت

## شبد(۱۰)

نو نو روپ سنگھار کیول کرکے آیا وے.

سُندر صورت بَن ٹھن آکے، کالا گورا رنگ رَما کے،
آپ نون سَت چت آپے پاکے، مکھ سوں گھونگھٹ گھنڈ[1] اُٹھا کے،
نیین سے نروار، الکھ آپ لکھایا[2] وے.

صاحب آپ سناسی ہویا، داتا سے پھر داسی ہویا،
چھوڑ محل بنواسی ہویا، جگت ادھار جگیاسی[3] ہویا،
باری برہ کا بار، برسر چاہوں[4] چایا وے.

پریم کی چوٹ چلاون[5] خاطر اپنے آپ کو دیکھن خاطر،
آس پاس کی الجھن خاطر، سیلانی ہر سرجن[6] خاطر،
سارا یہ سنسار، بازی بیکھ بنایا وے.

---

[1] گھنڈ = پردو.
[2] لکایا = لکایو، ظاهر کیو، محسوس کرایو.
[3] جگیاسی = دنیا ۾ گذاريندڙ.
[4] چاہوں = چاهت سان.
[5] چلاون = هلائڻ.
[6] سرجن = سرجڻ، جمڻ، پيدا ٿيڻ.

كنس كنيه شام كسے[1] جا، سيتا راون رام كسے جا،
نادر اندر نام كسے جا، كامی ہے نشكام[2] كسے جا،
راكش[3] كب اوتار، سہسیں[4] ویس مٹایا وے.

كایا لاكھ چوراسی اندر، كعبہ متھرا كاسی اندر،
لالان[5] رتن عباسی اندر، ہر گھٹ پنڈ اور ساسی[6] اندر،
صاحب سر جنھار[7]، ساكھی سرب[8] سمایا وے.

سوامی[9] من "مسرورا"[10] پورن[11]، راجا[12] بیدل[13] راما كرشن،
نربھو نر انكار نرنجن[14]، سرو و یاپك[15] صاحب سرجن،
"غلام علی" بلھار، ساكھی سنگر پایا وے.

---

(1) كسے جا=كٿي جا. (٢)نشكام= بغير شهوت جي.

(٣)راكش=ديو (۴) سہسیں = سوين.

(٥) لالان=رتن، عباسي = گل لاله ۽ ٻين گلن جا نالا. (٦)ساسی=ساهواري.

(٧)سرجنھار=پيدا ڪندڙ. (٨)سرب= سڀ ۾.

(٩) سوامی=سوامي چئن راءِ لنڊ. (١٠)مسرورا=فقير غلام علي مسرور.

(١١) پورن=هولا رام تيجياڻداس پورن (دوست جو نالو)

(١٢) راجا= حضرت لعل شهباز قلندر عليه رحمة

(١٣) بیدل= فقير قادر بخش بيدل عليه رحمة

(١٤)نرنجن=نرمل پاڪ

## شبد(11)

آؤ ہری گُن گاؤں(1) سکھی ری،
رَلمل کے رام رِیجھاؤں(2) سکھی ری.
سَنگر کے آگے کونیہ قصوری(3)،
شبد ایک آشا سناؤں سکھی ری.
کرپا سے اپنے وہ ممتا مٹاوے،
جب داتا کا درسن پاؤں سکھی ری.
جنیہ(4) جسم کو جڑا سر جتاؤں(5)
تلک مُکھ پر سُندری(6) لگاؤں سکھی ری.
چرنوں میں سَنگر کے اپنا جُھکا سر،
بلھار بلھار جاؤں سکھی ری.
"مسرور" مل کر دوارے میں جاکے
الکھ(7) ہِردے(8) اندر جگاؤں سکھی ری.

---

(15) سرودیاپک= هر صورت ۾ سمايل، هر جاءِ حاضر ناظر.

(1) گاؤں= ڳايون.

(2) ریجھاؤں=ريجهايون.

(3) کونیہ قصوری=راڳڻ جا نالا

(4) جنیہ= جٽيا.

(5) جتاؤں= هار، ڪنٺا.

(6) سندری= سُندر، سيندور.

(7) الکھ= جنهن کي لکي نہ سگهجي.

(8) ہردے = هردو، دل.

## پریم وانی(۱)

رام سمرلے[1] ہری رام سمرلے.

کال[2] نغارا باجت سَرپَر، دھیان کوئی من دھرلے،
رام سمرلے.
پانچ تت[3] کا میل مٹاکر، مرن[4] سے آگے مرلے[4]،
رام سمرلے.
کاہے کو تو بھول بھٹکتا، تن میں تیرتھ[5] کرلے،
رام سمرلے.
رام نام سے "مسرورا" جھولی بکھیاری بھرلے،
رام سمرلے،
ہری رام سمرلے.

---

(۱)سمر = سات، سامان.
(۲)کال = فنا.
(۳) پانچ تت= پنج حواس.
(۴)مرن سے آگے = (موتوا قبل انت موتو) مرڻ کان اڳ ۾ مر
(۴)مرن سے آگے = (موتوا قبل انت موتو) سرڻ کان اڳ ۾ مر
(۵)تیرتھ = زیارت، دیدار.

## پریم وانی (۲)

اے دینا ناتھ جگ داتا، بتادے یہ کہاں ہے تُو،
بتادے یہ کہاں ہے تُو.

کوئی کعبہ بَتاتا ہے، کوئی کاسی سُناتا ہے،
مجھے ہر اِک بُھلاتا ہے، بتادے یہ کہاں ہے تو.

تجھے کوئی آکاس پر جانے[1]، سنوں سؤ بیکھ بہانے،
کیسے بس بات ہم مانے، بتادے یہ کہاں ہے تو.

پتہ تیرا نہیں لگتا، بھُولا اِس بات میں پھرتا،
تجھے ہم منتی کرتا، بتادے یہ کہاں ہے تو.

تو ونحن[2] خود عیاں(۳) کہتا، مگر مجھ سے نہاں(۴) رہتا،
وہاں ہے یا یہاں بستا(۵)، بتادے یہ کہاں ہے تُو.

نہ پاؤں(۶) جو جانوں اپنا، رہا افسوس بس اتنا،
داسی "مسرور" کو سجنا، بتادے یہ کہاں ہے تُو.

---

(۱) جانے= ڄاڻي.
(۲) ونحن = ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد = ۽ اسين اوهان کي اوهان جي شهہ رڳ کان بہ ويجها آهيون.
(۳) عیاں = ظاهر.
(۴) نہاں= لڪل.
(۵) پاؤں = ڏسان، حاصل ڪريان.
(۶) پاؤں= ڏسان، حاصل ڪريان.

## پریم وانی (۳)

من موہن اتنا نا ترسا،
ذرا کھول گھونگھٹ دَرش[1] دکھا.

ہائے درد ہجر(۲) سوں مرتا ہوں، دن رات تمامی(۳) تڑپتا ہوں،
تیرے چرنوں میں سیس(۴) کو دھرتا ہوں، موری منتیں(۵) منو جی کرو کرپا.

اے برج لال بہاری سجن، ای کیول کنیہ کانا(۶) کرشن،
داسی پڑا تیرے شرن(۷)، رکھ شرن پڑی کی لاج(۸) پیا.

تیرے سندر مکھ پر موہت ہوں، تیرا ثانی کہاں نا دیکھت ہوں،
تیرے دوارے کی چوکھٹ چُومت ہوں، یہ بدلی پردہ، مکھ سے ہٹا.

ایک دید کا داتا پیاسی ہوں، اس آس سے بہت اداسی ہوں،
میں "مسرور" تیرا من داسی ہوں، بس داسی پر اپنے کرنا دیا.

---

(۱) درشن= درس، ديدار. (۲) ہجر = جدائي.
(۳) تمامی = سموري. (۴) سیس = سرُ،
(۵) موری منتین منو= منهنجون منتون مڃو، منهنجون آزيون قبول ڪيو.
(۶) کانا= ڪان گرڌاري. (۷) شرن= قدم، پير.
(۸) لاج = عزت، لڄ.

## رس وانی (۱)

آج سکھی گھر میرے سادھو، سنت سری جَن آیا.

نام نرنجن بیکھ[۱] بیراگی[۲]، صورت سانگ بنایا،
ہاتھ میں منڈل[۳] گل میں کفنی[۴]، ماتھے تلک لگایا.

آوَن سوں[۵] اُس ساؤھو کے، پانچ متر[۶] نِس[۷] جایا،
پانچ گئے تو لاکھ پدھارے، ہویا بھاگ سوایا.

جوت جگی رس رام لیا، گردیو نے درس دکھایا،
سات[۸] جنم کی سرت پڑی، من سمجیں سہج[۹] سجایا.

---

[۱] بیک= ڏيک، صورت.

[۲] بیراگی = ويراڳي، جوڳي،

[۳] منڈل= ڏول، ڪرمنڊل.

[۴] گل میں کفنی = ڳچيءَ ۾ فقيراڻو لباس.

[۵] آوَن سوں = اچڻ سان.

[۶] پانچ متر = پنج حواس.

[۷] نس جایا = هٽي ويا.

[۸] سات جنم= ست جنم (هندن جي جوڻ مٽائڻ جي سرت)

[۹] سمجیں سہج = سهسين سينگار.

پير محمد[١٠] كان كنيه[١١] ميرے، كيوں بھول بھُلايا،
ديكھا ايک براجى[١٢] پھر كر، لاكھ چوراسى كايا.

"غلام على" گرُ ساكھى بيدل، برہم كا بھيد بتايا،
چِت مَن اندر ايک اروپى[13]، سَروَوِياپک[١٤] پايا.

[١٠] پير محمد = شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل عليه رحمت جومحبوب پير محمد قاضي.

[١١] كينه = سركار بيكس بادشاهه جو محبوب.

[١٢] براجى = براجمان.

[13] اروپى= بيمثل، بي صورت.

[١٤] سروويا پک = هر صورت ۾ سمايل، هر جاءِ حاضر ناظر.

## رس وانی(۲)

بٹھا کر سامنے اپنے یوں ہی سنگرُ نے[1] سمجھایا،
کلی[2] انتر[3] کا کرپا سے مجھ کو بھید بتلایا.

اول میں مردہ دل میری کو اس خواب غفلت سے،
جگا کر پربھ[4] پیارے کے بھجن[5] سے دل کو بھرمایا[6].

جسی کے ہم ملن خاطر شہر بندر بھٹکتا تھا،
سگل[7] صورت وو ساجن کی اندر ہی دل میں دکھلایا.

جوئی ساجن ووئی سنگر، نہیں کچھ فرق دونوں میں،
جلوہ جوت ذاتی کا، نظر میں ایک ہی آیا.

سمایا ہر سمت ساجن، ہری[8] ہر چیز کے اندر،
جدھر دیکھوں تو "مسرورا" اُسی کی ذات کو پایا.

---

(۱) ست گرُ= مرشد.
(۲) کلی= سمورو يا سموري..
(۳) انتر= اندر.
(۴) پربھ= پرپو ۽ مولا.
(۵) بھجن= ڀڄن.
(۶) بھرمایا= وندرايو.
(۷) سگل= شڪل.
(۸) ہری= ڀڳوان.

## آتم وانی (۱)

بھوجن[1] خاطر سادھو بن کر، پھرتا تم تو دوارہ مندر،
پر پیچ میں ای من کیونکر، اپنا آپ پھنساتے ہو.

گل میں کفنی سر منڈاکر، سَر پر چٹا تلک لگا کر،
ہاتھ بیراگی[2] منڈل اُٹھا کر، انگ ببھوت لگاتے ہو.

ای سب کارج[3] جوٹھا سارا، پاپی تیرا پنتھ پسارا،
آپ بھٹکتا بھولا پیارا، اوروں کو بہِ[4] بھٹلاتے ہو.

تجھ میں گنگا جمنا جل تھل، تجھ میں رتن[5] امولک[6] چنچل،
تجھ میں راما کانا کیول، نہیں ہردے جھاتی پاتے ہو.

سمجھ من "مسرورا" میرا، مرکر دیکھ لے درسن سارا،
ہری ہے تیرا نام نیارا، ہر میں آپ سماتے ہو.

---

(۱) بہوجن= پوڄن، کاڌو.

(۲) بیراگی= بيراڳِڻ.

(۳) کارج= ڪم ڪار.

(۴) بہ= پڻ.

(۵) رتن= قيمتي پٿر.

(۶) امولک= انمول، بي بها.

## بھجن (۱)

موہنی مورت کنیہ دکھا دو مجھے،
اپنا داسی دیوانہ بنا دو مجھے.

میں مدت سے منتی کرتا تجھے، سن لو ذرا،
اے دیالو اپنے داسی پر بھی کرنا کچھ دیا،
کوئی امر پیالہ پلادو مجھے.

رات دن درشن کیلئے منتظر مرتا ہوں میں،
دم بدم دیوانہ وار بات یہ کرتا ہوں میں،
کانا اپنے دوارے بلا دو مجھے.

اے کنیہ تجھ پر میرا جان و تن بلہار ہے،
سانولی صورت دکھاؤ اب دیا درکار ہے،
اس غم ہجر سے چھڑا دو مجھے.

میں بکھیاری سندھ میں "مسرور" تیرا منتظر،
اے میرے کیول کنیا مرلی والے لو خبر،
کوئی بھید بچار بتادو مجھے.

## بھجن (۲)

سمر سمر(۱) سکھ پاؤں، ہری رام بھجن گُن گاؤں.

رام نارائن آیا محل میں، کبدھیادرمت(۲) بھاگے پل میں،
سیس کو دھر کر چرن کنول میں، بل بل واری جاؤں.

جھنگ میں بیراگی بن کے سَناسی(۳)، جُون(۴) جنم کی توڑ کر پھانسی،
رام نگر کا ہوکر واسی، ست چت(۵) روپ سماؤں.

ست سوامی سنت اوتارا، تِس(۶) بن کوئی نہیں سہارا،
"مسرور" دیکھ کر سُندر ستارا، ممتا(۷) میل مٹاؤں.

---

(۱) سمر سمر= ياد ڪري، هر هر ياد ڪندي.

(۲) کبدھیادرمت= وسوسا، ڀرم، ڀولا.

(۳) سَناسی = سنياسي.

(۴) جُون = جوڻ.

(۵) ست = ست+ چت = چال.

(۶) تِس = تو( تس بن = توکان سواءِ).

(۷) ممتا میل = موهيندڙ ڳانڍاپو يا رشتو.

## ڀڄن (٣)

مُورکھ ہی آپ پھَستا[1]، وشیوں[2] کے جال میں،
دیکھ یہ جوگی رمتا، ہستا[3] ہے حال میں.

اِس بات کی عجائب، معنٰی عجیب ہے،
ہے فرق فقط دونوں کی بول چال میں.

یہ کھیل دو گھڑی کا، نادان دیکھ کر،
اپنے سے بھول جاتا ہے خارج خیال میں.

جوگی! جنکھم[4] کی جگتی[5]، غور کرکے دیکھو،
جیسا مداری منتر لاتا مثال میں.

کنول مثال "مسرور"، ساگر اُسی میں رہنا،
اے من تو مت پڑو بس، سنسے[6] سوال میں.

---

(١) پھستا= ڦاسي.
(٢) وشیوں= سنساري، دنياوي.
(٣) ہستا = کلي، خوش.
(٤) جنکھم = ذوق شوق.
(٥) جگتی = طور طريقا.
(٦) سنسی= وهم، وسوسي.

## بھجن (۴)

گیت بسنت بہارا وے، گاؤ جی سکھیاں رلمل[1] سارے.

آؤ لباں سر لالی لاؤ، ویس بسنتی رنگ رماؤ،
ست گر سنت اُتارا[2] وے، کیول کرشن آیا دوارے.

•

روپ بہار میں بن کر آیا، درسن پاکر پرسن ہویا،
بلہار جاؤں بلہارا وے، جوت جگی گئے اندھ[3] اندھارے.

"مسرور" کارج[4] ہویا کُلی[5]، دیکھ کے ظاہر ذات تجلی،
وہ شام[6] سُندر کا ستارا وے، اس نگری اوپر آپ پدھارے.

(۲۱ فیبروری ۱۹۲۱ع صبح ساڑھے نو بجے جمعرات)

---

[1] رلمل= ملي، گڏجي.
[2] اُتارا = اوتارو، بزرگ جي بيٺڪ
[3] اندھ اندھارے= اونده انڌوڪار.
[4] کارج = ڪم.
[5] کُلی = سيئي، سمورا.
[6] شام = شيام.

## هولی (۱)

آج سکھیوں کے سنگ مورا کھیلت ہوری مراری۔

کیسو لال گلال بسنت کی، بیٹھا بھر پچکاری،
ہَس ہَس ھاتھ میں لے کر، تس مورے انگیا اوپر ہاری.

ہاتھ اٹھا نین ملا کے، چلیا چال نیاری،
اس کی چنچل چال کے اوپر، بل بل جاؤں واری.

سات آکاسیں[1] پاتالیں تک، نام کی ہوئی نرواری،
جگت ادھارا سنت اُوتارا، مورا شیام بہاری.

او نامی ہے میں کامی ہوں او سوامی میں سنساری،
میں "مسرورا" داسی ہوں او داتا میں بکھیاری.

* هن هوليءَ جي استائي فقير سائين مسرور هن طرح بہ لکي آهي:
آج سکھی مورا راما– کھیلت ہوری-پیاری- سکھی ری۔

[1] سات آکاسیں پاتالیں= عرش کان تحت الثريٰ تائين.

## ريختہ (۱)

موری راجا راجا وِیر،
شَرن پڑی کی رکھ لے لاجا،

موری راجا راجا وِیر.

ماتِ[۱] پتا تُم ناتِ[۲] بھراتا[۳]،
ہم کو تُمری دِھیر[۴]

موری راجا راجا وِیر.

داسی میں "مسرور" تو داتا،
میں مٹی تُو اکسیر،

موری راجا راجا وِیر.

---

[۱] مات پتا= ماءُ پيءُ.

[۲] نات= نہ تہ.

[۳] بھراتا = ڀائر، ڀاءُ.

[۴] دھیر = ڌيرج، دلجاءِ، سهارو.

# قلقل عندلیب

## (فارسی کلام)

عشاق صد ہزاراں، دیدم بہ حالِ بریاں
جامی نظامی آنجا، "مسرور" کُجا بیچارہ
فقیر مسرور

## فارسی کلام (۱)

رفتم بہ کوئے جانان، دیدم عجب نظارا،
آگاہ مینکم ہم از حال آن تو یارا.

از عقل و ہوش رفتم رخشان رخش چو دیدم،
خنجر ابرو کشیدہ، مقتول کردہ مارا.

دیدار یار دیدہ گشتند ہمہ حیران،
آزمَ عرب عجم چین، ملتان مصر بخارا.

جبرئیل امین خادم بی زر خرید او را،
دربان بر دَرَش ہم صَد اسکندر و دارا.

با یک نظر او زاہد، من بَر زمین فتادم،
دامن این چاک چاک شد جگر چہ پارہ پارا.

این مختصر قصہ آن کردم تو پیش حالا،
خواہد دلم ای زاہد بینم بلی دوبارا.

عشاق صد ہزاران، دیدم بہ حال بریان،
جامی نظامی آنجا "مسرور" کجا بیچارا.

## فارسی کلام (۲)

ساقیا یک جام کوثر از کرم نوشانی مرا،
مست سازَد یک به یک منصور چون ثانی مرا.

از خودی بی خود شوَم این آرزو دارم وَلی،
خلعتی شاہا تو درویشی به پوشانی مرا.

بس فقط مارا بُود حالِ بقا ہمچون گدا،
نیست بالکل خواہش از تخت سلیمانی مرا.

از چشیدن او رَود یکبار جمله عقل ہوش،
پُر پیاله دِہ خدارا این چنین جانی مرا.

ای شہا از حکمرانی تاج شاہی این جہان،
بر دَرَت آید وَلی خوش خوب دربانی مرا.

آمده "مسرور" بر در تو شہا با صد ادب،
لُطفٔ کن شاہا نمای شکل نورانی مرا.

## فارسی کلام (۳)

فنا دانستہ یاران ترک کردم شانِ شاہی را،
خریدَہ اَم بَہ جان و دل بقا حالِ گداہی را.

رھا از رنج دنیا دُون شُدَم خوشنُود چُون کردم،
وِداعِ از ننگ ہم نامُ و وداع ساغَر صُراحی را.

نمی بینم دَر این دُنیا کسی را مُطمئن ناصح،
بِنا بَر این بدَر کردم خطاب عزو جاہی را.

بَسی عُمرَم گذشت لیکن، در این دنیا چہ حاصل شُد،
کہ حالا از دَرِ بیدل طلبگارم دوائی را.

مدامی بر دَرَش "مسرور" دارد التجا ارنی،
مجلا گہہ بہ فرمایند مرا قلبِ سیاہی را.

## فارسی کلام (۴)

عشق آمد کَرد ویران جمله و اسباب ما،
پُر بده حالا پیالہ زُود کن ساقی بیا.

مَست باشَم بی خبر بایک جُرعَہ باقی رَوَد،
تاکہ اندر ماندہ است این ہمہ حرص و ہوا.

آرزو این اُز مدت دارد وَلی با اِعتِقاد،
یک بہ یک شاہا شَوَم مَن بَر طرف از مَن و ما.

از خودی بیخود شَوَم مَن از نفی اثبات چون،
ذاتِ وحدت حق تعالیٰ دائیا بِینم لقا.

از کرم لُطف و عنایت ساز مارا محو حال،
در فنا باشم فنا، در بقا دائم بقا.

تشنہ لب "مسرور" را سرشار ساقی جام دِہ،
تا سیاہ سینہَ شود این ہمچو آئینہ صَفا.

## فارسی کلام (۵)

ہیچ جز یادت نہ شُد ای یار دیگر کام ما،
اَلا ہُو ہُو، ہُو ہُو اَلا، وِرد صبح و شام ما.

بر الستی نَعرۂ پیش تُو ای کبریا،
کَرد آرِی با یَقِینِ دل ساعتی اَنجام ما.

میِکُنم دَر ہم شَہَر مَن بَر طنبور تُو ہی تُو،
وا دَرِیغا نا شناساں خَلق دانَد خام ما.

نَی زَمین نَی فلک نَی ملک بَرداشت اِین،
اَز اَزل اَی زاہدا، اَز عشق شُد انعام ما.

بَہرحال شاد اَم، آنچہ آید بَر سَرم،
زان سبب "مسرور" شُد اظہر گرامی نام ما.

## فارسی کلام (٦)

وا دَرِیغا کہ را گویم، حالِ ہجران بی حساب،
دَر جدائی یار جانی میخورم صد پیچ و تاب.

تا بدَم باشَم غُلام و دَر بی بخشم جان و زَر،
آنکہ سُوی ما غریب از طرف اُو آردَ جَواب.

دَر جہان ہَستَند بَسی ہمچو ہدُ ہدُ ای عَزیز،
کُو یَکی زان نامہ مَن باللہ رَساندہَ با ثواب.

گریہ و زارِی روز شب ہای ہای میکُنم،
چُون فغان گنجشک قُمری کَرد دَر پنجہ عُقاب.

ہجر جانان وائی من بِسیار کَردہ است ہلاک،
جُملہ آتش عِشق شُدہ از آن سبب سِینہ کباب.

ساختم با سوز جان دل از فراقِ دلربا،
قُلقُل عَندَلیب "مسرور" اِین نامِ کتاب.

## فارسی کلام (۷)

شُکرِ لِلّٰہ سوئی ما یار می آید شتاب،
التجا دارم کہ شاید اِین دُعا شُد مُستَجاب.

اَی بَرادَر زُود کن پیرای مجلس را بِیا،
خانۂ خود کن صَفا اِین جسم با عَطرُ و گُلاب.

اَی بَرَای ما غَریب، اِمرُوز وَہ وَہ عید شُد،
ساقیا مارا بِدہ ساغر زَ اَرغوانی شراب.

ہمچو مُطرب خوشنوا، پَیش تُو امرُوز ما،
دَردِ دل را می سَرایَم، یار بَر چنگ و رُباب.

دَرد غَم سوز و الم بَس رَفت کُلی رَنج ما،
شُد عَطا "مسرور" مارا از خُدای خوش خطاب.

## فارسی کلام (٨)

دلربا بَر دَر شُما مَن آمدَہ اَم آمدَہ اَم،
دَست بَستہ بی سَرو پا اِیستادہ اَم اِیستادَہ اَم.

با ادب با صَد نیاز گردن خود از مدت،
بَر دَرِ تُو مَلقا بنھادہ اَم بنہادہ اَم.

نا جواب و باثواب کَردِی عَطا مارا صَنَم،
صد نوشتہ دِلکشا فرستادہ ام فرستادہ اَم.

چَشم خود را شاہِ خُوبان مَن طَرَف قَصرِ شُما،
از برای دیدنی ہا بکشادہ ام بکشادہ اَم.

وای مَن "مسرور" دِل رَنجُور از مدت مدید،
بَر دَرتْ بیدل شُما اُفتادَہ اَم اُفتادہ اَم.

## فارسی کلام (۹)

می رَوَم دَر راهِ عِشقِ زار نالم کِیستَم،
نیست اِین دانِش وَ لیکن آدمی اَم کِیستَم.

آب ہَستَم یا کہ آتَش یا کہ خالِص خاک اَم،
روزُ و شب حیران مَن دَر فکر ماندَم کِیستَم.

جِسم دارم یا کہ بی جان، یا کہ مثل باد اَم،
واہ اَز اِین احوال خُود مَن ناشناسم کیستم.

کس نہ داند راز من مخفی کہ آن را کردہ اَم،
قطرۂ آن نُور یا وَاللہ و اَعلَم کیستَم.

ہیچ مَن بُودَم بَلی مارا بِگو "مسرُور" اَی،
در تنہائی قصہ گویم، با دِل خود کِیستَم.

## فارسی کلام (۱۰)

ساقیا ساغر زِخُم خواہم کہ خوشندہ شوم،
بَعد نوشیدن یکایک مُردہَ دِل زِندہَ شوم.

ہم چُنیں مارا بہ نام کبریائی کن عَطا،
خوش خرامان دَر جَہاں چُون غَنچہ وَش خندہ شوم.

نا گذاری نا اُمید از دَرِ خود ساقیا،
چُون نہ دَر دنیا پَشیمان یا کہ شرمندہَ شوَم.

نیست عجبی این کہ من بس از کرم لُطف شُما،
بینَوا، با یَک نظر بیَ پَر بلی پَرندہ شوم.

گر نوازی جانِ مَن "مسرور" اِین رنجور دِل۔
تا بدَم بَر دَر شُما مَن خادم و بندہ شوم.
(۱-نومبر۱۹۱۷ع جمعرات۔شام)

## فارسی کلام(۱۱)

ہستم غلام خوبان، مستم بہ حالِ خوبان،
از من چہ پدر پرسی، قیل و مقالِ خوبان.

افسوس من گریانم، بر حالِ تو ای عابد،
محروم ماندہ از، تال و پخال خوبان.

من پیش تو بیانی، او شان چہ کنم حالا،
در دو جہان ندیدم، بس با مثالِ خوبان.

دیدار آن حسینہ، بخشد حیاتِ دیگر،
بہ از پادشاہی، نامہٗ وِصالِ خوبان.

ای عابد این حالِ "مسرور"، بشنو بہ گوشِ دادہ،
تاہم تو کنی حیران خودرا بہ دنبالِ خوبان.

## فارسی کلام(۱۲)

آی چرا تُو زار نالان، چَشم بِکشا خُود ببین،
آنچِہ جُوی نیست پِنہان، چَشم بِکشا خُود ببین.

اَولین از خُود گُذر کن، چُون نہ ماند ما و مَن،
حَق اُفتد دَر تُو دامان، چَشم بِکشا خُود ببین.

آنچِہ باشَد زِیر و بالا، پیش و پَس دَر دو جَہان،
نیست دیگر جز تُو اِین آن، چَشم بِکشا خُود ببین.

طالِب و مطلوب تُوئی، راغب و مرغُوب تُوئی،
تُو سَراپا جانِ جانان، چَشم بِکشا خُود ببین.

بی سبب "مسرور" تُو ہم کُوچَہ گردی می کُنی،
اَندرونی باش جُویان، چَشم بِکشا خُود ببین.

## فارسی کلام (۱۴)

اَی عِشق تُو دَر دوجہاں مشہور مارا کردَۂ اِی،
اَز لُطف بی پایان خود، مشکور مارا کردَۂ اِی.

مدَح خُوانده ثنا گُفتہ ممنون دَم زنده تو اَم
کز حمَہِ خود چاکران، منظور مارا کردَۂ ای.

رَفت ظُلمتِ کُفر کافر این چراغِ شوق چُون،
دَر دِلم اَفروختہ پُر نُور مارا کردَۂ ای.

آمدِی خوش آمدِی لیکن اگر بوجہَ اَلم،
بَر سَرَم اَنداختم، مجبور مارا کَردَۂ ای.

شب گذشتہَ شاه مَن آمدِی دَر خوابِ مَن،
دِید داده خود صنم "مسرور" مارا گردَۂ ای.

## مناجات(١٤)

بہ حال خستہ دِل زارم، بہ جُز تُو یارِ نادارم،
نہ بیکارم کہ بدکارم، بہ پیشت شکل کئی آرم،
زِ بدکارِی، شَرَمسارم۔

خُدایا تُو ستار ہستِی، عفو کن چُون غفار ہستی،
تُو خالق کردگار ہستی، تُو مالک ہر دِیار ہستی،
تُو راہی دوست میدارم۔

کُنم آہ بہ صدَ زارِی، زِ بدکارِی نِگہدارِی،
دَر اِین رَہ کن مدَدگارِی، کہ ناچارم زِ نادارِی،
زِ غَم ناچاق بیمارم۔

خُدایا بَندہٗ تُو اَم کسی را، حال بَس گویَم،
بَسی بدکارِ ہا کردَم، چُنان شاغِل بہ شَر ماندَم،
پَرِیشانَم، پَشیمانَم۔

زِ دَردِ ہِجر مہجورَم، کرم کن حال رَنجورَم،
فقط با نام "مسرور"، ولی مجبور معذورَم۔
گُنہگارم وَ گریانَم۔

# مناجات تضمین(١٥)

بر غزل شیخ جنید بغدادی علیہ رحمتہ

مَن حال تَباہ محسوسی، یا رَبّ ظلمت نفسی،
تُو قادِر قُیوم قُدسی، یا رَبّ ظلمت نفسی،
اَی خالق طیور وَحشی، یا رَبّ ظلمت نفسی،
مَعُبود جِن و انسی، یا رَبّ ظلمت نفسی،
دَر اِی عرش کُرسی، یا رَبّ ظلمت نفسی.

جملہَ گناہ صافی، بَہ طُفیل شاہِ شافی،
کن از کرم تو مُعافی، فَرما رَحَم یا وافی،
رَس داد کن تلافی، بارِ خُدایا کافی،
مَن خارکسار عاصی، کَردَم بَسر مُعاصی،
کن عفو دِہ خلاصی، یا رَبّ ظلمت نفسی.

شُد دِیو دوست باہم، بد حال بِلا حیا اَم،
بَہ حالِ این تَباہم، اَز راہ گُم راہم،
عاصی و پُر خطا اَم، بی نَوا و بی واہم،
مَن بندہَ پُر گناہم، شَرمندہ رُو سیاہم،
پیوستہ عُذر خُواہم، یا رَبّ ظلمت نفسی.

کن سکرات بہ آسانی، از دوزخ بِدہ امانی،
نی سخن شُد زبانی، جُز وای پشیمانی،
بِشنو اِین بیانی، کن دُور رنج توانی،
بَر پُل صَراط رانی، تَرسم زِ ناتوانی،
چُون بَرق بہِ گِذرانی، یا ربّ ظلمت نَفسی.

مونِس نَہ یار ہمدَم، دائم اَندر اِین دَر دَم،
عاجز بچارہ بندم، فَریاد شُد اِین ہر دَم،
زِندہ مِثال مرُدَم، گُمراہ راہَ گردَم،
فَرمان تُو نَہ کَردَم، فَرمان دِیو برُدَم،
خُود را بَہ تُو سپرُدَم، یا رَبّ ظلمت نَفسی.

از نفس اِین ہَوائی، مارہ بِدہ رَہائی،
غیر اَز تُو ای الاہی، پُر سَد نَہ کس کجائی،
شفقت بَہ مَن فرمائی، ای پاک کِبریائی،
تُو پادِشاہ مائی، مَن خستَہ دِل گدائی،
تحقیق یک گواہی، یا رَبّ ظلمت نَفسی.

آوارہ حالِ پُر غَم، چہ حال پیش گویم،
بَرباد عُمر بُرْدَم، کار نَہ نیک کَر دَم،
نالم و ہائی کریم، رحَم الاہی ترَحم،
پیمان بَہ سَر بردم، عہدت شکست کردم،
کردم ہر آنچہِ کَردم، یا رَبّ ظلمت نفسی.

زِ رَنج و غم رَہائی، ساغر فَرح نوشانی،
بہِ بخش گناہانی، نالم دَر این حیرانی،
دِیدَہ کہ با نادانی، شاعر بَشر شیطانی،
رَفتَہ زِ مَن جَوانی، شُد عُمر و زِندگانی،
اَحوال من تُو دانی، یا رَبّ ظلمت نَفسی.

عاصی و خطا کارَم، تحقیق سَزا وارَم،
بدکارَ و بدَخصِالم، اُمید عَفو دارَم،
مَحروم از تُو ماندَم، ظلَمت اَندر فِتادَم،
فرقہ گروہ نہادم، رُوزا ہمَہ کشادَم،
عمری بَہ باد دادَم، یا رَبّ ظلمت نَفسی.

خاصان گر تو هستند، منظور نظر هر چند،
تحفهٔ عجز آورم مَن، گوهر یگانه سفتند،
بَر دَرِ تُو زارِی کَردند، زِ میدان گوی بردند،
یارانِ ما به رفتند، دَر زیرِ خاک خُفتند،
ذِکرت همی به رفتند، یا ربّ ظلمت نفسی.

به حُرمَتِ شَهِ جِیلان، و کربلای شَهیدان،
بَر حالِ ما غَریبان، فَرما کرم فَراوان،
زِ دَستَم، بَی شُد عصیان، بَه فَرمانِ نَفس شیطان،
شکسته عَهد و پیمان، کَرَدَم خلاف ایمان،
اِین دَرد را چِه دَرمان، یا رَبّ ظلمت نفسی.

دِل زار حال خَستَم، بِیهوده بُت پرستم،
گُمره زِ راه گشتم، بدکار کمر بَستَم،
اَز رَسم و راه رَفتم، بی زِیب رُوئی زشتم،
سرمایه شُد زِ دَستَم، تَوبَه بَی شکستم،
با اِین بدی که هَستَم، یا رَبّ ظلمت نفسی.

حُرمت نَبی المحترم، کن دُور اِین رَنج و اَلم،
ای مالک لوح و قلم، مَن "مسرور" عاجز بندۂ اَم،
از دَر گہت مَن دَم بدم، دارم اُمید فَضل و کَرم،
دَر بابِ غُصّۂ و غَم، گویدَ جُنید ہر دَم،
ذِکر یک گُفت آدَم، یا رَبّ ظلمت نَفسی.

(۱۳- ذوالحج ۱۳۶۳ ہجری/ ٦ آگست — ۱۹۴۴ع — اتوار)

## پروفيسر لطف الله بدوي[1]

# عقيدت جا گل

هن بيقرار دل وٽ ڳالهيون تہ ٿيون هزارين،
پر جي اچڻ جي ڪائي تون واهہ جي تہ وارين.

محفل وئي اجڙجي، تنهنجي هلي وڃڻ سان،
پرڏيهہ ۾ وڃي ڪيئن پنهنجن کي ٿو وسارين.

مون سان تہ گڏ ويهڻ جي آ ريت تو وساري،
پر هي تہ چؤ اُتي تون ڪنهن کي ٿو گڏ وهارين.

جي ديس کان پيارو پرديس آهي تو کي،
تنهنجي رضا مگر چوءُ، خوش ٿو اتي گذارين.

مسرور هو وفا جو پيڪر ۽ منهن مٺائي،
چو چو تو سگ سياپو، سيٺن سان نا سنوارين.

---

[1] پروفيسر لطف الله بدوي مرحوم، فقير مسرور جو سوٽ هو ۽ سندس وڏو عقيدتمند بہ هو. فقير مسرور جي وصال تي پاڻ ڪيترائي مضمون لکيا هئائين. سندس وڇوڙي تي هڪڙو ڪلام بہ چيو اٿائين. جيڪو ”ڪليات مسرور“ ۾ محفوظ ڪرڻ لاءِ هت ڏنو ويو آهي.(مولف)

اي موت هي بلا ڪش مون تي وڏءِ مصيبت،
کهڙا نہ مرد مانجهي وينو مٽير مارين.

اڄ اڄ اي حال محرم، عرصو ڏٺي ٿيو تو،
ڏاريو تہ ڪين آهين، مون ڪان ڇو عار ڏارين.

هن لطف سان تہ تنهنجون ڳالهيون هيون سدائين،
تربت تي تنهنجي آيس، توکي وٺي هلڻ لءِ،

افسوس اک کٽي پر، هاٺي نہ ٿو نهارين.
(اڻ پورو)

# صنعت توشيع[1]

## محمد عثمان پيرزادو[2]

ميم: منور نور نرمل آفتاب علم و عمل،
آهي حقيقت ڪان هي واقف غير جو ناهي دخل.

سين: سرور سخنور روشن ترين از ماهتاب،
هي سراپا نور آ بس نور سان آهي ٿهيل.

ري: ربوبي راز ۾ رهيو سدا دائم مدام،
معرفت جي موج ۾ دم دم سندس آهي دليل.

وا: وسيلو واهرو، رهبر منهنجو دارين ۾،
پڪ اٿم ڏيندو هٿن سان پرت جو پيالو پريل.

ري: رهبر راز نوا بيڪس بيدل جو فقير،
تن جي صدقي توتي "عاجز" هُو ڪندو پنهنجو فضل.

---

[1] توشيع واري ڪلام يا شعر کي موشح بہ چوندا آهن. هن صنعت ۾ اهڙا لفظ آڻبا آهن جن جي ڳنڍڻ سان يا مهڙ جي حرفن ملائڻ سان ڪو نالو يا لقب نڪري اچي. مٿين ڪلام مان ميم، سين، ري، واءُ ۽ ري مان "مسرور" تخلص ٺهي ٿو.

[2] ميان محمد عثمان پيرزادو عاجز ولد مرحوم محمد صديق، شڪارپور جو هڪ فقير طبيعت ۽ نهٺو نوجوان هو. سن 1945ع ۾ ڄائو ۽ ٽيتاليهن سالن جي ڄمار ۾ 20 ڊسمبر 1984ع تي لاولد گذاري ويو. سندس آخري آرامگاهہ پير ولي شاهہ ڳڙهي ياسين روڊ تي آهي. شاعري ۽ راڳ ڪلام سان وڏو شغف هوندو هئس. "فقير مسرور" سان والهانہ عقيدت هوندي هئس. سندس ورسيءَ تي فقير احمد بخش عرف مٺل سائين سان سُنگ ۾ بہ ڳائيندو هو. فقير مسرور جي عقيدت ۾ ڪلام بہ چيو اٿس. هت سندس هڪ ڪلام پيش ڪجي ٿو جيڪو نہ رڳو عقيدت جو اعليٰ نمونو آهي، پر صنعت توشيع جو بہ هڪ بي مثال شاهڪار آهي.

## احمد بخش بدوي عرف مٺل مسرور فقير [1]
## ياران عقيدت جا گل

رمز رنديءَ روح پرور، عشق جو انوار آ،
شڪارپور جي شهر ۾، ”مسرور“ مٺيادار آ.

عدم کان جو قدم پائي، هت ڪيو اظهار آ،
ظاهر و باطن بروبر، ٻره جو پندار آ.

خوب صورت خوب سيرت، خوب خوبان خوبتر،
يار ياران ابر باران، حسن جو شاهڪار آ.

جن ڏٺو اپڻي اکيون، هن حسن جي شاهڪار کي،
تن کي جت ڪٿ دائما ديدار هي درڪار آ.

مذهبن جي مونجهه کان آجو ڪرڻ آيو عجيب،
حال ۾ حلاج ساڳيو، موج ۾ مختيار آ.

---

[1] ميان غلام علي فقير مسرور جي عقيدت ۾ چيل هي ڪلام، ورسي جي موقعي سي فقيرن جو ٽولو سرگس ڪري شهر مان ڳائيندو هلندو آهي.

هن دورنگي ديس ۾ اٿهڻ ورهيہ اظهار آ،
پوءِ اچي موجود ٿيو، منجهہ دوست جي درٻار آ.

سال تيرهن سئو ٻاهتر، وصل جو پهري وڳو،
بيرنگ بحر هر رنگ ۾ نر نسنگ نروار آ.

نائين ذوالحج هلي جيئن هوت سان همدم ٿيو،
دم مام مشتاقن ملي، ٿيو عشق جو اقرار آ.

هي "**مثل**" مسڪين تنهنجي در گدا صاحب سدا،
قرب سان ڪر ڪول پنهنجي توڙي بندو بيڪار آ.

# فقير احمد بخش مٺل مسرور

## شڪارپور جي شهر ۾

ٿلهه: مرد ڏسو مسرور، شڪارپور جي شهر ۾.

1. روهڙيءَ جي رنگ ويو رچجي، درازي دستور،
شڪارپور جي شهر ۾.

2. عشق اويسي دلق درويشي، آهي نسورو نور،
شڪارپور جي شهر ۾.

3. رمز رفيقي حال حقيقي، برهه ٿيو ڀرپور،
شڪارپور جي شهر ۾.

4. مسرور منصور راز هڪوئي، هر رنگ آپ حضور،
شڪارپور جي شهر ۾.

5. همه ۾ همراز ربوبي، ذاتي عين ظهور،
شڪارپور جي شهر ۾.

”فقير سائين مسرور“ جي وصال تي ”مٺل فقير“ هڪ قطعه تاريخ وصال به لکيو آهي، جو هن طرح آهي:

مسرور دم حلاجي در جهان ڪو ٻڪو،
عارف و معروف بر زمان سوبسو،
من راني مشرب عشقش دائما،
اڪال ديس واسي عاشق در عشق هوبهو.
1372 هجري.

”فقير مسرور“ جي شاعري سنڌي، سرائڪي، اردو، هندي، فارسي زبانن ۾ ڪيل آهي ۽ لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي ڇيل آهي. سندس ڪلام جو هڪ حصو (ڪليات مسرور حصو پهريون) جنهن ۾ عشق نامو، سرود نامو، مسرور نامو، وحدت نامو، داستان عمر مارئي، داستان مومل راڻو، داستان سسئي پنهون، داستان نوري ڄام تماچي ۽ داستان هير رانجهو، جي عنوانن هيٺ اٽڪل چار سئو ڪن سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون، داستان، بيت ۽ ٽيهه اکريون شامل آهن. گڏوگڏ انهن ڪتابن جو ذڪر به ڪيل آهي جن ۾ ”فقير مسرور“ جو ذڪر خير ٿيل آهي. ان حوالي سان ”ڪليات مسرور“ جي ٻئي حصي ۾ سندس سنڌي غزل، مختلف صنفن تي ڪيل شاعري اردو، هندي ۽ فارسي ڪلام شامل ڪيو ويو آهي. ”ڪليات مسرور“ جي پهرين حصي جي مقدمي ۾ ”فقير مسرور“ جي سوانح حيات ڏنل آهي جڏهن ته ٻئي حصي ۾ سندس ڪلام جو اڀياس شامل آهي.

ڇاپران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.